راماین

رامايڻ

ليکڪ:


چڪرورتي راجگوپال آچاري

سنڌيڪار:

پروفيسر تاراچند گاجرا

ايم. اي.

هندستان ساهتيه مالا - بمبئي



سري رامچندر

ڀومڪا

ڀارتيہ وديا ڀون وارن تامل ڀاشا ۾ لکيل منهنجي راماين جو انگريزي انواد ڇپائڻ جو ڪم هموار ڪري مون تي هڪ وڏيڪ ٿورو ڪيو آهي. منهنجي مهاڀارت جو پرڪاش ڪري هنن ڏاڍي سڦلتا پراپت ڪئي آهي. مان ڀانيان ٿو ته رام سيتا جي ڪٿا جي هن پستڪ جي به ساڳيءَ ريت آجيان ٿيندي.

انواد جي ڪري پستڪ اندر سياويڪ اوڻايون رهجيو وڃن ٿيون. اُنهيءَ هوندي به جيڪڏهن هن پستڪ ۾ سندرتا ۽ ڪروڻا رس جو درشن ٿئي ٿو ته اُهو سمورو والميڪيءَ جو چمتڪار سمجهڻ گهرجي. هي آڌياءَ نثر جي ڍنگ تي تيار ڪونه ڪيا ويا آهن، پر اُتساهي ۽ گهِري وارتالاپ جي نموني ٺاهيا ويا آهن.

مان هڪ وار، وري اهو ڀاسيان ٿو ته ڀارت جي اتهاس جي هڪ مکيہ ۽ مهان ڪارين سان ڀرپور دور ۾، پنهنجي رتل جيون جي پوئين ڀاڱي ۾، مون مهاڀارت ۽ راماين جون ڪٿائون دهرائي، پنهنجي جنتا جي سٺي ۾ سٺي سيوا ڪئي آهي. گهٽ ۾ گهٽ اُنهن گرنٿن جي لکڻ مان مونکي ته وڏي ۾ وڏو آنند پراپت ٿيو آهي؛ ڇو جو هنن ٻن پستڪن دوارا مون مهارشين کي هڪ وار ٻيهر اسانجي پيارن ٻرشن ۽ استرين سان سندن ئي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ ڪنتي، ڪوشليا، دروپدي ۽ سيتا جي دکن دوارا سندن هردن کي اوچ ٻنائڻ ۾ سهايتا ڪئي آهي. اڄ سڀي گهرج اُنهيءَ ڳالهہ جي آهي ته اسانجي ديش جي مهاتمائن ۽ لوڪن جي وچ ۾ وري سنبنڌ اُتپن ٿئي، جنهن ڪري اسان پنهنجو آئيندو پڪي ڀاڙ جي بنياد تي، ۽ نہ واريءَ مٿان، اڏي سگهون.

مدراس ١٠-٥-١٩٥٧ — سي. راجگوپال آچاري

هندستان ساهتيہ مالا- سال ٣: پستڪ ٧

پهريون ڇاپو: ديپاولي ١٩٥٧

قيمت: ٤-٥٠ رپيا

ملڻ جو هنڌ:

هندستان ڪتاب گهر

١٣، حمام سٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١

Printed and Published by Mansing Chuhermal at the Navrashtra Press, 23, Hamam Street, Fort, Bombay-1.

ٿهاس جي گهٽنائن جي آڌار تي، پنهنجو سنڌر پون پنهنجي ڪلپنا جي دوارا تيار ڪندو آهي. هن جو ڪم آهي تہ جنتا کي سکيا بہ ڏئي، تہ آنند بہ ڏئي. رامايڻ ۽ مهاڀارت اسان کي انهيءَ درشٽيءَ سان ئي پڙهڻ گهرجن.

اسان جي جاتي جيون تي مهاڀارت کان بہ وڌيڪ رامايڻ جو پرڀاؤ آهي. رامايڻ جي مريادا واري ڪٿا اسان جي گهر گهر ۽ گام گام ۾ ڦهليل آهي. والميڪيءَ کان پوءِ انيڪ گرنٿڪارن هن ڪٿا جو ڀن ڀن پرڪارن سان ورنن ڪيو آهي. شري راجگوپال آچاريءَ والميڪيءَ جو آڌار ورتدي بہ ڪٿين، تلسيداس ۽ ٻين جي گرنٿن مان سهايتا ورتي آهي. انهيءَ ڪري سنڌس ليک پڙهڻ ۽ ويچارڻ جوڳا آهن.

رامايڻ ۽ مهاڀارت جي ڪٿائن ۾ ڪئي روپڪ اچن ٿا. انهن ۾ ودوانن وگيان جون ڳالهيون ڏنيون آهن. گرڙ ۽ ناگ-ڦاس جي گهٽنا جي ورنن ۾ ڪن ودوانن جي رايي انوسار، بادلن سان سورج جي آڇادي يڌ ڏانهن اشارو آهي. ساڳيءَ ريت اِندر کي سنان ڪرائي سنڌس پاپ کي ڌوئڻ ۾ بہ پرڪرتي ديويءَ جي ليلا ڏانهن اِشارو آهي. پر هنن ڳالهين جي رهسيہ کي کولڻ جو هي اوسر ڪونہ آهي. حياتي هوندي تہ انهن روپڪن جي سنبنڌ ۾ ڪجهہ لکندس.

هي پوٿڪا پوري ڪرڻ کان اڳ، مان پنهنجي مترن شري گووردڌن شرما ۽ شري گنگارام جا ٿورا مڃان ٿو جو هنن مونکي انواد تيار ڪرڻ ۾ وقت بوقت سهايتا پئي ڏني.

٦ آڪٽوبر ١٩٥٧ — تاراچند گاجرا

سنڌيڪار جا ٻه شبد

مان هندستان ڪتاب گهر وارن جو ٿورائتو آهيان، جو هنن شري راجگوپال آچاري جي انگريزي رامائڻ جي سنڌي اُلٿي ڪرڻ جو ڪم مونکي سونپيو آهي. هيءَ ٻيو گرنٿ آهي جيڪو هنن مترن جي لاءِ مان تيار ڪيو آهي.

هن پستڪ جي انواد پوري ڪرڻ کانپوءِ مان اهي ڳالهيون ڌرائڻ چاهيان ٿو جي مون مهاڀارت جي ڀومڪا ۾ لکيون آهن. انوادڪ جو ڌرم آهي ته ليکڪ جي ويچار ڌارا ۽ متن کي پوريءَ ريت پنهنجي ڀاشا ۾ آڻي، نه پنهنجا ويچار هن جي متان مڙهي. ٻنهي جي ويچار ڌارا ۽ سدانت ساڳيا به ٿي سگهن ٿا ۽ ڦريل به ٿي سگهن ٿا. ڌرياڳ، جي ڳالهه آهي ته منهنجا ويچار ڪيترين مکيه ڳالهين ۾ شري راجگوپال آچاري جي ويچارن کان نرالا آهن؛ انهيءَ هوندي به مان ڏاڍيءَ سنڀال سان سندس ڀاونائون ۽ ويچار پوريءَ ريت اُلٿي ۾ آندا آهن. مون يتن اهو پڻ ڪيو آهي ته ليکڪ جا ڀاوَ اهڙيءَ سنڌيءَ ۾ آڻيان جا هنجي شبدن سان به ٺهڪي اچي. چئي نٿو سگهان ته مان انهيءَ ۾ ڪيتري قدر سڦل ٿيو آهيان.

پاٺڪن کي مان يادگيري ڏياريان ٿو ته رامائڻ مهاڪاويه آهي. رامائڻ ساهتيه جو گرنٿ آهي. رامائڻ هڪ اُتم ڪلاڪار جي اُپج آهي. ڀارت جي آدي ڪويءَ هي گرنٿ رچي ٺاهيو آهي. رامائڻ ۽ مهاڀارت ٻئي ساهتيه جا گرنٿ آهن. ٻنهي جو آڌار اسان جي اتهاس تي آهي. منجهن اِتهاس جون گهٽنائون ورنن ٿيل آهن، پر هي ٻئي اِتهاس جا گرنٿ ڪونه آهن. ڪوي

شڪتيءَ اَنوسار نياءَ پوروڪ ڏنڊ ملندو هو. سپاهين صلاحڪارن ۽ ڪشل راڄ گيانين جي وچ ۾ وينل، دشرٿ اِندرَ سورج جيان چمڪندو رهندو هو.

ورهين جا ورهيه شانتيءَ سان گذري ويا. هيتري ساري سک ۽ سمپتيءَ هوندي به دشرٿ جي دل ۾ هڪ اَرمان هو؛ دشرٿ کي پتر سنتان ڪانه هئي.

آهڙ جي موسم جي شروعات هئي. هڪڙي ڏينهن دشرٿ کي اهو خيال آيو ته سنتان پراپت ڪرڻ لاءِ اشوميڌ يگيه ڪريان. هن پنهنجي گروديون سان صلاح ڪئي. سندن صلاح پٽاندڙ هن رشي شرنگيءَ کي يگيه ڪرڻ لاءِ گهرايو. هيءُ يگيه هڪ مهان ڪاريه هو. اُنهيءَ سمي جي اَنيڪ راجائن کي به گهرايو ويو هو. يگيه ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه هوندي هئي. يگيه ويدي نيڪ استان تي ۽ نيڪ پرمان، شاسترن جي وڌيءَ اَنوسار ڪڙي ڪرڻي پوندي هئي. ساري ڪاريه کي سڌ ڪرڻ لاءِ خاص ڄاڻن جي صلاح وٺڻي پوندي هئي. سڀ پڇه ته هن ڪاريه لاءِ هڪ نئون ڇانوڻيءَ جهڙو نگر کڙو ڪرڻو پوندو هو. نگر وري اهڙو جوڙڻو پوندو هو، جنهن ۾ هزارين بلڪ لکين آدمي رهي سگهن. يگيه لاءِ ديش پر جي راجڪمارن ۽ رشين کي نينڊ ڏني هئي. سندن سواگت، سک ۽ وندر لاءِ انيڪ پرڪارن جو سڀ سامان ميسر ڪرڻو پوندو هو. توري ۾ ڪري چئجي ته اُنهيءَ زماني جا يگيه، هن زماني جي راڄ درٻارن وچيل سميلن ۽ نماءَ سان ڀيٽي سگهجن ٿا.

جڏهن سڀ بندوبست پورا ٿي ويندا هئا تڏهن شاسترن جي وڌيءَ انوسار يگيه آرنڀ ڪيو ويندو هو.

جڏهن ئي اَيوڌيا ۾ يگيه رچيو ويو، تڏهن ئي سرڳ لوڪ ۾ ديوتائن جو سميلن ڪيو ويو. ديوتائن برهما جيءَ کي دانهن ڏني ته "راڪشسن جي راڄا، راوڻ، کي جو اوهان ور ڏنو آهي سو اسان کي انيڪ دک ۽ ڪشٽ ڏيئي رهيو آهي." هنن وڏيڪ

منش جيان دک سنا، ڪئن هنن پرٿويءَ تي ڌرم جو راڄ
اِستاپن ڪيو- اُها وارتا رشيءَ انوپم سندرتا جي شبدن ۾ ورڻن
ڪئي آهي. برهما جيڪي چيو سو پوريءَ ريت سڌ ٿيو. چتر
چترانن چيو هو، ”جيسين پهاڙ کڙا آهن، جيسين نديون وهن
ٿيون، تيسين رامايڻ منشن کي پيارو لڳندو ۽ کين پاپ کان بچائيندو.“

آڌياءُ ١

پهريشتي ڀڳ

گنگا نديءَ جي اُتر طرف ڪوشل جو وڏو راڄ هو. سرجو نديءَ جي ڪري اُهو پرديش سرسبز هو. اُنهيءَ راڄ جي راڄڌاني اَيوڌيا ۾ هئي. اَيوڌيا نگر سورج ونش جي پرسڌ سمراٽ منوءَ ٻڌو هو. والميڪيءَ جيڪو ورڻن ڪيو آهي تنهن مان پرسڌ ٿو ٿئي ته پراچين اَيوڌيا اسانجي نئين يڳ جي شهرن کان ڪنهن به ڳالهه ۾ گهٽ ڪونه هو. پراچين ڀارت ۾ به اوچ ڪوٽيءَ جي شهري سڀيتا موجود هئي.

راڄڌانيءَ ۾ براجمان راجا دشرٿ ڪوشل تي راڄ ڪندو هو. هن ديون جي طرفان جنگيون جوٽيون هيون. سندس جس ٽنهي لوڪن ۾ ڦهليل هو. هو اِندر ۽ ڪبير جي ٽُل هو. ڪوشل جي پرجا، جهڙو هئي سکي ۽ سمپن، تهڙوئي هئي سداچاري ۽ سنتوشي. راڄ جي رکيا لاءِ شڪتي شالي سئنا موجود هئي. ڪنهن کي همت ڪانه ٿيندي هئي جو اَک کڻي اَيوڌيا ڏانهن نهاري.

اَيوڌيا شبد جو اَرٿ آهي – اُهو جنهن کي يڌ ۾ جيتي نه سگهجي. سچ پچ ته اَيوڌيا کي ڪو به شترُو جيتي نٿي سگهيو. اَيوڌيا ۾ ڪوٽ ۽ کاهيون موجود هيون ۽ بچاءَ لاءِ انيڪ سندر پربند هئا.

دشرٿ جي دربار ۾ اَٺ ٻڌيمان منتري هوندا هئا. هو هر سمي کيس صلاح ڏيڻ لاءِ ۽ سندس آگيا پالڻ لاءِ تيار هوندا هئا. وسشٽ ۽ وامديو جهڙا مهان رشي ۽ ٻيا پرسڌ برهمڻ ڌرم جي سکيا ڏيندا رهندا هئا. هو پوجا پاٺ ۽ يڳہ ياڳہ به ڪندا رهندا هئا. ٻلون هلڪيون هيون. ڏوهارين کي سندن

اڳي سامهون بيهندو هو. اوتارواد جي ڀاونا ڦهلجي چڪي هئي.
اهڙا مندر ٺهي ويا هئا جت ايشور جي روپ ۾ رام جي سڳڻن
سائن سان پوڄا ٿيندي هئي. اهڙين حالتن هيٺ پوين ڪوين
لاءِ رام کي وير پرش جي روپ ۾ ورنن ڪرڻ اسنڀو ٿي پيو.
اهڙو يتن ڪن ها ته هو بلڪل ناڪامياب ٿين ها. ڪٻير ۽
تلسيداس پرم ڀڳت هئا. هو نکي اِتهاس جا ليکڪ هئا، نکي
هڪ اپنياس جا رچيندڙ. نرالو هو سندن نمونو.

ڪٿا هن ريت آرنڀ ٿئي ٿي: هڪ ڏينهن پرڀات ويلي
ديورشي نارد والميڪيءَ جي آشرم ۾ پڌارجي ٿو. سندس آڳت
ڀاڳت ڪرڻ ڪانپوءِ رشي ڪانئس هڪ سوال پڇي ٿو. چويٿو،
"هي جاڻي جاڻڻ هار نارد! مونکي ٻڌاءِ ته هن سنسار جي
وير پرشن ۾ اتم ۾ اتم ٻڌيمان ۽ ڌرماتما ڪير آهي؟"

نارد پنهنجي آتم شڪتيءَ دواران والميڪ جي پرشن جو
مطلب جهٽي ورتو. اتر ۾ چيائين، "جنهنجي تون پڇا ڪري
رهيو آهين، سو وير پرش رام آهي. هو سوريه ونشي ڪل ۾
اتپن ٿيو آهي. هن سمي ايوڌيا ۾ راج سنگهاسن تي براجمان
آهي." نارد ٿوري ۾ رام جي ڪٿا ڪٿي والميڪيءَ کي ٻڌائي.
هن ڪٿا جو والميڪيءَ جي من تي ڏاڍو پرڀاءُ پيو. نارد هليو
ويو. تنهن ڪانپوءِ به ڳچ وقت تائين والميڪيءَ جي من ۾ رام
ٿي وسيو. امرت ويلي جڏهن والميڪي جمناجيءَ ۾ اشنان ڪرڻ
ٿي ويو، تڏهن هو انهيءَ ڪٿا جوئي منن ڪندو ٿي ويو.

نديءَ جي ڪنڌي تي پسار ڪندي، رشي ڇا ٿو ڏسي؟ هو
ڏسي ٿو ته ڪونج پکين جو هڪ جوڙو پريم ۾ ٻڏي جيون جي
آنند ماڻڻ لاءِ راند روند ڪندي، گاني جي ڇهه ڇهه لڳايو ويٺو
آهي. اوچتو ئي اوچتو پکيءَ کي هڪ شڪاريءَ جو تير
لڳو ۽ هو وڃي پٽ پيو. مادي پنهنجي ساٿيءَ کي ڌرتيءَ
تي ليٽندو ڏسي زارون زار روئڻ لڳي.

هن درشيہ کي ڏسندي اُني والميڪيءَ جا واتان هيءُ شبد نڪتا: ”اي شڪاري، تو پريم جي مستيءَ ۾ مست جوڙي مان هڪ کي ماريو آهي، تون ساري آيُو نگهرُ تي رلندو رهندين.“

ڪنڊ پير ۾ رشيءَ پاڻ سنڀاليو. عجب ڪائڻ لڳو تہ چو ڪروڌ ۾ اَچي مون پاڻ پلائي ڇڏيو! ڇي، مونکي ڪهڙو حق هو جو شڪاريءَ کي سراپ ڏنم. مان جوش ۾ اَچي چو پلجي ويس.

جڏهن رشيءَ، ڏنل سراپ جا شبد ياد ڪيا تڏهن کيس اُنهن شبدن جي پرياوَ تي اَچرج لڳو! هن ڏٺو تہ هنجي شوڪ منجهان هڪ سندر سهڻو شلوڪ اُتپن ٿيو آهي. هن سمجهيو تہ هي سڀ ايشور جي وچتر لڪل ليلا جو ڦل آهي. اِئين سمجهي هو ڌيان ۾ مگهن ٿي ويو.

جنهن وقت رشي ڌيان ۾ لين هو، تنهن وقت کيس چترمک برهما جو درشن ٿيو. برهما چيس، ”ڏڪ نہ. هي ڳالهيون اُنهيءَ لاءِ ٿيون آهن تہ تون رام جي ڪٿا جو آرنڀ ڪرين. شوڪ مان شلوڪ اُتپن ٿيو آهي. هاڻي اِنهيءَ تي ڇند ۽ سر ۾ پنهنجو ڪاويہ رچ. مان توکي اَهڙي دويہ درشٽي پردان ڪندس جنهن توکي پتو پوي تہ ڇا وهيو واپريو آهي. جنهن کو پنهنجي ترِيءَ تي رکيل شيءَ صاف صاف ڏسندو آهي، تئين تون ڏسي سگهندين تہ تنهنجي ڪٿا جي پاترن جي من ۾ ڇا وسندو هو ۽ هو ڪئين هلندا چلندا هئا. منهنجي آشيرواد سان تون سنسار جي پلائيءَ لاءِ اُها گاٿا گائن ڪندين.“

پوءِ والميڪيءَ ۽ سندس ششن بار بار اُنهيءَ شلوڪ جو پاٺ ڪيو، تان جو اُنجي بيهڪ ۽ پ نگ سندن اَندر ۾ کپي ويا. والميڪيءَ اُنهيءَ اُني ڇند ۾ راماڻ جي رچنا ڪري پنهنجن ششن کي ڪٿا سيکاري.

اَهڙيءَ ريت هن والميڪي راماڻ جو پوتر ڪاويہ پيدا ٿيو. ڀڳوان ۽ سندس پتنيءَ ڪئين مرت لوڪ ۾ جنم وٺي ساڌارڻ

چيو ته ”راوڻ کي نيچو نوائڻ، جيتڻ يا مارڻ اسانجي شڪتيءَ کان ٻاهر آهي. اوهان کيس وردان ڏنو آهي، اُنهيءَ ڪري کيس ڪو هٿ نٿو لائي سگهي. هو اَهنڪار ۾ ڦريجي ويو آهي. هو پاپي ٿي پيو آهي. سيني سان، بلڪ اِسترين سان به گندو وهنوار ٿو ڪري. هو چاهيٿو ته اِندر کان سندس سنگهاسن کسي وٺان. اَنهيءَ حالت ۾ توهين ئي رڳو اسان جو آسرو آهيو. توهين ئي ڪو رستو ڳولهيو، جنهن راوڻ کي ماري سندس ناناشاهيءَ کي ختم ڪجي.“

برهما کي اهو ياد هو ته هن راوڻ کي اهڙو وَر ڏنو هو جو، نڪي ديو نڪي اَسر نڪي گاندرو نڪي يڪا اَهڙا جيو، کيس جيتي سگهندا. راوڻ هو اَيماني، تنهن ڪري هن اِهو وَر ئي ڪونه گهريو هو ته هو منش جي حملي کان به بچيو رهي. جڏهن برهما راوڻ جي اُنهيءَ نياڳيءَ پل جي ڳالهه ڪئي تڏهن سڀ ديوتائون پرسن ٿي وشنوءَ وٽ آيا.

هريءَ جي شرن ۾ اَچي، ديوتائن کيس ويئتي ڪئي ته ”اوهان ڪرپا ڪري منش جنم ڌارڻ ڪريو ۽ راوڻ ۽ سندس اتياچارن جو اَنت آڻيو.“ هريءَ ديوتائن جي اها ويئتي سويڪار ڪئي. هن کين چيو، ”راجا دشرٿ سنتان جي لاءِ يگه ڪري رهيو آهي. مان اوهان کي پڪ ٿو ڏيان ته مان سندس چئن پٽرن جي روپ ۾ جنم وٺندس.“

اگني ڪنڊ ۾ گيهه جون آهوتيون ڏنيون ٿي ويون. اگنيءَ جون جوالائون گيهه کي جهٽڻ لاءِ مٿي ٿي چڙهيون. انهن آگ جي جهين مان هڪ شاندار پرش پرگهٽ ٿيو. سندس جوتي اهڙي هئي جهڙي ٻپهريءَ جي سورج جي. سندس هٿ ۾ هو سوني جو ڪلش. دشرٿ کي سندس نالي سان پڪاري، هن پرش هيئن چيو: ”ديوتائون توسان پرسن ٿيا آهن. هو تنهنجي ويئتي اونائي رهيا آهن. ڏجهو ديوتائون تنهنجي اِسترين لاءِ ’پايسم‘ موڪليو آهي. جيڪڏهن هو هيءَ سرڳي پيج پيئنديون

رامايڻ

پرم پرا کان اھو ويچار قھليل آھي تہ والميڪي رشيءَ رامايڻ رامچندر جي جيون ڪال ۾ لکيو. منش جو رواجي تجربو اُنھيءَ مت جي پشتي نٿو ڪري. ڏسڻ ۾ اچيٿو تہ والميڪيءَ پنھنجو مھاڪاويہ لکيو، تنھنکان اڳ رام جي ڪٿا ھلندڙ ھئي. لکيل روپ ۾ شايد نہ ھجي، پر لوڪن جي زبان تي ضرور موجود ھئي. اُھا ڪٿا پيڙھيءَ بہ پيڙھيءَ کان ٻڌجندي آئي ھئي. شايد اُھوئي سبب آھي جو مُول ڪٿا ۾ ڪي نہ ميچڻ جھڙيون وارتائون اچي ويون آھن. ٻاليءَ جو رام جي ھٿان مرڻ، ۽ سيتا جو رام جي آگيا سان بنواس وڃڻ- اُھي اھڙيون وارتائون آھن. والميڪيءَ رام جي ڪٿا کي پنھنجي ڪاويہ دواران سندر، سھڻو، من موھيندڙ روپ ڏنو آھي.

والميڪيءَ جي رامايڻ ۾، رام ھڪ اُنوکي مھاپرش جي روپ ۾ اَچيٿو، نہ اَوتار جي روپ ۾. اَلبت ڪن اَڌيائن ۾ رام جو اَوتار جي روپ ۾ ورنن ٿيل آھي. پر رشي والميڪيءَ مُول ڪٿا ۾ رام کي ايشور جو روپ ڪونہ ڏنو آھي. رام ايشوري گڻن وارو مھان راجڪمار آھي.

والميڪيءَ جي زماني ۾ بہ ٿورو گھڻو اھڙي وارتا ھليل ھئي تہ رام اَوتار آھي. صديون گذري ويون تڏھن ڪنھن ۽ تلسيداس رامايڻ کي پنھنجي ڍنگ سان ورنن ڪيو. اُنھيءَ زماني ۾ لوڪن جو اُھو وشواس ٿي چڪو ھو تہ رام وشنوءَ جو اَوتار آھي. رام يا ڪرشڻ جي نالي وٺڻ سان وشنو اَکين اَڳيان ٿري ايندو ھو. وشنوءَ جو نالو اَچا وات مان ڪڍبوئي مس ھو، تہ رام يا ڪرشن

ارٿ: ”هوُ آهي پورڻ؛ هيءُ بہ آهي پورڻ؛ پورڻ مان جيڪو پيدا ٿيو آهي، سو بہ پورڻ آهي. جيڪڏهن پورڻ مان پورڻ ڪاڍبو، تہ باقي بہ پورڻ ئي بچندو.“

راجڪمارن کي جيڪا سکيا ملڻ گهرجي سا سموري دشرٿ جي پٽن کي ڏني ويئي. رام ۽ لڇمڻ جو هڪ ٻئي سان ڏاڍو پريم هو. ساڳيءَ ريت ڀرت ۽ شتروگهن جي پاڻ ۾ خاص پريت هئي. هڪ هڪ جوڙي جي پاڻ ۾ وشيش پريت ڇو ٿي؟ جنهن نموني دشرٿ جي اِسترين ۾ پاڻ ۾ وڌايو ويو، تنهنجو اُهوئي نتيجو نڪتو هو. دشرٿ پنهنجي پٽن کي وڏو ٿيندو ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. هو جهڙا هٿا رشٽ پشٽ، تهڙائي هٿا ڌرمشٽ. جيتري هئي منجهن ويرتا، اوتري ئي هئي منجهن پرڀوءَ جي ڪشش. راجڪمارن جا پيا بہ سمورا گڻ منجهن سمايل هئا.

هڪ ڏينهن دشرٿ پنهنجي پٽن جي وواهہ لاءِ ويٺي پهہ پچايا. اوچتو دربان، ٻ ڪي اندر آيا ۽ اچي ٻڌايائون تہ مهرشي وشوامتر راجا سان ملڻ لاءِ پڌاريو آهي. سڀ لوڪ اِئين سمجهندا هئا تہ وشوامتر سڀني رشين کان وڌيڪ ٻلوان آهي. اُنکري سڀ ڪانئس ڪن هٽندا هئا.

وشوامتر جو ايوڌيا ۾ پڌارڻ اوچتو ٿيو. دشرٿ سنگهاسن تان هيٺ لٿو ۽ رشيءَ جي آدرستڪار ڪرڻ لاءِ ٻہ چار قدم اڳيرو وڌيو.

وشوامتر هڪ راجا هو. هن گهوُر تپسيا ڪري رشيءَ جي پدوي پراپت ڪئي هئي. پنهنجي آتمڪ ٻل ڏيکارڻ لاءِ گهڻو اڳ هن نئين برهما ۽ نئين سنسار کي اُتپن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪوشش ڪندي هن نوان نڪشتر بڻايا هئا. ديوتائون هي حال ڏسي ڏکي ٿيا ۽ وشوامتر کي منٿ ميڙ ڪري انهيءَ هوڏ تان لاٿائون.

جنهن سمي ۾ وشوامتر راجا هو، تنهن سمي ۾ هڪ دفعو هوُ پنهنجي سئنا سان ٻاهر نڪتو ۽ گهمندي اچي وسشٽ

ته ڪين پٽ سنتان ٿيندي.“

دشرٿ حد کان وڌيڪ خوش ٿيو. هن اُهو ڪلش ورتو ۽ اُن ۾ پيل اَمرت پنهنجي ٽنهي اَسترين يعني ڪوشليا، سمترا ۽ ڪيڪئيءَ کي وراهي ڏنو. هن ڪوشليا کي چيو ته هن مان اَڌ تون پيءُ. جيڪي ٻچي تنهنجو وري اَڌ هن سمترا کي ڏنو. انهيءَ کان پوءِ جيڪي ٻچيو تنهنجو اَڌ ڪيڪئيءَ پيتو. آخر جيڪي ٻچيو سو وري به سمترا کي ڏنو ويو.

دشرٿ جون اِستريون اهڙيون خوش ٿيون جڻ ڪو پينو فقير اوچتو پوريل خزانو هٿ ڪري خوش ٿيندو آهي. ۽ ٿوري وقت کانپوءِ سڀيئي اُميدواريون ٿيون.

اڌياءُ ٢

رشي وشوامتر

سمي پڄاڻا دشرٿ کي پٽ ڄاوا. ڪوشليا کي ڄائو رام ۽ ڪيڪئيءَ کي ڀرت. سمترا پايسم به ٻيرا پيتو هو، انهيءَ ڪري کيس به ڄاڙا پٽ ڄاوا. هڪ جو نالو هو لڪشمڻ، ٻئي جو شترُگهن.

چالو ڪٿا انوسار جدا جدا ٻالڪن ۾ وشنوءَ جو اينترو اَنش آيو هو جيترو جيترو پايسم اَمرت سندن ماتائن پيتو هو.

هن قسم جو حساب ڪتاب سچ پچ بي مطلب آهي. ’اَننت‘ جي ماپ تور ڪرڻ اَسنڀو آهي. شرتي ۾ ڄاڻايل آهي ته هر هڪ ذري ۾ برهم پورڻ ريت سمايل آهي. برهم جو هر اَنش پورڻ ۽ اننت آهي.

”اوم پُورڻَ مَدَه پُورڻَ مِدَم پُورڻاتْ پُورڻمُدَچيتي،

پُورڻسيه پُورڻمادايَ پُورڻميواوَشِشيتي.“

هو. انهيءَ پياريءَ ڳانءِ جي ڏک ڀريل دانهن سندس من ۾ دَيا پيدا ڪئي. هن ڳئو ماتا کي آگيا ڏيندي چيو، "پيدا ڪر لشڪر، جو وشوامتر جو مقابلو ڪري."

سبلا تت ڪال اِئين ڪيو ۽ حملي ڪندڙن هار کاڌي. ڪروڌ ۾ ڀرجي وشوامتر پنهنجي رَٿ تي سوار ٿيو ۽ سبلا جي پيدا ڪيل سپاهين تي ٻاڻن جو وسڪارو ڪندو رهيو. سبلا جي سپاهين جي شڪتي اَکٽ هئي. راجائي لشڪر کي پوري پوري شڪست ملي. وشوامتر جي پٽن هٿي خود وسشت کي پنهنجو نشانو بڻايو، پر هو جلد رک جي ڍيري تي پيا.

وشوامتر جي هار ٿي. سندس عزت مٽيءَ ۾ ملي ويئي. هن اُتي جو پنهنجو راڄ پنهنجي پٽ کي سونپيو. پاڻ هماليه ڏانهن تپ ڪرڻ لاءِ هليو ويو. هن ڀڳوان شو جي ڀڳتي اُنهيءَ لاءِ شروع ڪئي ته وسشت کي جيتڻ جي شڪتي پراپت ڪريان.

وشوامتر ڏاڍي ڏرڍتا سان تپسيا ڪئي. هوُ اُن ۾ ايترو ته لين ٿي ويو، جو شو ڀڳوان مٿس پرسن ٿي کيس درشن ڏنو. ڀڳوان کانئس تپسيا ڪرڻ جو ڪارڻ پڇيو.

وشوامتر وراڻيو: "هي اُما پتي! جيڪڏهن اوهان منهنجي تپسيا تي پرسن ٿيا آهيو، ته ڪرپا ڪري مونکي ايشوري ٻاڻ ڏيو ۽ پڻ آشيرواد ڪريو ته مان هرهڪ هٿيار هلائڻ ۾ ڪشل ٿيان."

شومهراج چيو "اِئين اُئي ٿيندو." هن وشوامتر کي اُهي سڀ هٿيار ڏنا جيڪي ديون، ڳاندرون، رشين، يڪشن، بلڪ اَسرن وٽ ٿيندا آهن.

جنهن سمئه ۾ چولي ايندي آهي، تنهن وشوامتر جو من ايمان ۾ ڀرجي ويو. هن اِئين سمجهيو ته جڻڪ اُڳيئي وسشت جي هار ٿي چڪي آهي. هو سڌو رشيءَ جي آشرم ڏانهن هليو ويو. وشوامتر زور مان ٻوڙندو ٿي آيو. هن ڀيانڪ درشيه،

جي آشرم ۾ پهتو. رشيءَ راجائي اٿيءَ ۽ سندس وڏيءَ سڳنا جي دل ۽ جان سان مرحبا ڪئي ۽ سندن سک سهنج لاءِ هر پرڪار جو مال پهچايو. راجا هن جي آشرم ۾ هيترو اکيچار مال ڏسي حيران ٿي ويو. جڏهن هن وسشٽ کان هن راڄ بابت سوال ڪيو، تڏهن وسشٽ پنهنجي ڳانءِ 'سبلا' کي سڏ ڪيو ۽ چيو ته هيءَ ڳئو ماتا سڀني سکن جي داتا آهي.

راجا وشوامتر رشيءَ جا ٿورا مڃيا. هن وڌيڪ چيو "اِها ڳانءِ توهين مونکي ڏيو. اِها ڳانءِ مون وٽ وڌيڪ ڪارائتي ٿيندي. راجائن کي ئي اڌڪار آهي ته ههڙيون شڪتيوان ۽ سڀ وستو، پاڻ وٽ رکن."

اِها ڳالهه اسنيو هئي ته وسشٽ ههڙي ايشوري وستو پنهنجي هٿ مان وڃائي. هن راجا کي گهڻائي دليل ڏئي سمجهايو ته هو پنهنجي گهر لاءِ زور نه پري. جئن جئن وسشٽ ڳئو ڏيڻ کان انڪار ڪيو، تئن تئن ڳئو هٿ ڪرڻ لاءِ وشوامتر جي اڇا وڌندي ويئي.

جڏهن وشوامتر وسشٽ کي پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ هرڪائي نه سگهيو، تڏهن هو ڪروڌ ۾ پرجي ويو. هن پنهنجي آدمين کي حڪم ڏنو ته زوريءَ ڳانءِ کي پڪڙيو.

سبلا ڳئو اِها ڳالهه سمجهي نه سگهي ته ڪيئن هن ريت زوريءَ ٿو گهليو وڃي. هوءَ رشيءَ ۽ سندس آشرم کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. جڏهن وشوامتر جي آدمين ڳانءِ کي ٿي گهليو، تڏهن وسشٽ چپ چاپ تماشو ڏسندو رهيو. سبلا ڳانءِ جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. هوءَ اَچرج ۾ پئجي ويئي. سوچڻ لڳي ته مان وسشٽ جو ڪهڙو اپراڌ ڪيو آهي جو جڏهن مونکي هئن گهليو وڃي ٿو، تڏهن هو چپ چاپ ويٺو تماشو ڏسي. ڳئوءَ بنا ڪنهن تڪليف جي راجا جي سڳنن کي پڄائي ڇڏيو ۽ اچي رشيءَ جي چرنن ۾ پناهه ورتي.

وسشٽ هن ڳئوءَ کي پنهنجي نندڙي ڀيڻ ڪري سمجهندو

پر

ورهين جا ورهيه وشوامتر ڪٺن تپسيائون ڪندو رهيو. سندس اورچائيءَ تي پرسن ٿي، برهما اچي اڳيان پرگهٽ ٿيو. برهماجيءَ وشوامتر کي چيو ته تون تپسيا ڪري هاڻي راجائن ۾ رشي پدوي پراپت ڪئي آهي. اهي وچن چئي برهماجي انتر ڌيان ٿي ويو.

وشوامتر مايوس ٿي پيو، ڇاڪاڻ جو هيڏي تپ ڪندي به هو رڳو رشيءَ جي پدويءَ تي پهچي سگهيو هو. هن جي منشا هئي ته اُتم ۾ اُتم پدوي يعني برهم رشيءَ جي پدوي پراپت ڪريان. اُنهيءَ ڪري هو وڌيڪ ڪٺن تپسيائون ڪرڻ لڳو، انهيءَ لاءِ ته لوڪ کيس به وسشٽ جي برابر ڪري سمجهن.

اڌياءُ ٣

ترشنڪو

ڪنهن سمي سوريه ونش جو پرسڌ راجا ترشنڪو راڄ ڪندو هو. سندس شرير ڊاڍو سندر هو. انهيءَ سندر شرير تي هو ايترو ته موهت هو، جو موت سمي به اُنکي تياڳڻ لاءِ تيار نه هو. هنجو اِرادو هو ته انهيءَ شرير سوڌو سرڳ وڃان.

هن اُنهيءَ مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ پنهنجي گوروءَ وسشٽ کان سهايتا گهري. وسشٽ ترشنڪوءَ کي صلاح ڏني ته هو اُنهيءَ اَسنڀو ڳالهه تان لهي وڃي. وسشٽ جو تڌو رخ ڏسي راجا مايوس ٿيو. اُنهيءَ نراشا ۾ هن رشيءَ جي پٽن کان سهايتا گهري. رشي پٽ اُنهيءَ تي سخت ناراض ٿيا. ڀلا جا ڳالهه سندن پتا اَسنڀو سمجهي هئي، سا هو ڪئن ڪندا؟ هنن راجا کي سندس اجائي اَيمان لاءِ ڇنڀيو ۽ رُڪائيءَ سان کيس اُتان هلي وڃڻ لاءِ آگيا ڪئي.

راجا ترشنڪو پنهنجي هٺ تان هيٺ ڪونه لٿو. هن

کي ڏسي وسشٽ جا شش ۽ پاليل پسون سڀ ڏکي ويا. يؤ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا.

وشوامتر اگنيءَ شستر هلايو. وسشٽ جو سارو آشرم جلي رک ٿي ويو.

هيءَ حال ڏسي وسشٽ کي ارمان ٿيو. پر من ۾ سنڪلپ ڪيائين ته هن اڳوڻي راجا جي اُيمان کي چُور چُور ڪري ڇڏيندس. هن پنهنجو برهم ڊنڊ - پوتر لٺ - ڪڍي شانتيءَ سان وشوامتر جو مقابلو شروع ڪيو. وشوامتر تي ڪروڌ جو طوفان سوار هو. جيڪي هن وٽ ايشوري هٿيار هئا، سي هن وسشٽ تي ڇوڙيا. جئن اُهي ٻاڻ رشيءَ جي پوتر لٺ جي ويجهو ٿي آيا، تئن اُهي وسامجي، لٺ ۾ سمائبا ٿي ويا.

وشوامتر جي ترڪش ۾ باقي هڪ هٿيار وڃي بچيو. اُهو هو ٻه سيني کان وڌيڪ پربل. اُنجو نالو هو برهماستر. وشوامتر جئن اهو هٿيار وسشٽ ڏانهن اُڇلايو، تئن ساري پرٿوي تي اونده انڌڪار ڇانئجي ويو. اِئين پئي ڀاسيو جڻ ته سڄ پورڻ ۽ پربل ريت گرهڻ ۾ اچي ويو آهي. ديوتائون به ڀؤ وچان ڪنبڻ لڳا. پر هيءُ ڀيانڪ هٿيار به رشيءَ جي ڏنڊيءَ ۾ سمائجي ويو. رشيءَ ۽ سندس ڏنڊيءَ ۾ اُها ساري جوتي چمڪڻ لڳي جا انهن ٻاڻ ۾ لين ڪري ورتي هئي.

وشوامتر اُچنبي ۾ پئجي ويو. کليءَ ريت پنهنجي هار سويڪار ڪري، هن چيو "کهڙي ڪم جي آهي ڪترين جي هٿيارن جي شڪتي؟ وسشٽ جي هٿ ۾ آهي رڳو هڪ ڏنڊي. انهيءَ هوندي به هن منهنجي سيني هٿيارن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي. سچ پڇ ته ڀڳوان مونکي بيوقوف بڻايو آهي. هاڻي منهنجي واسطي رڳو هڪ رستو کليل آهي. اُهو اِهو آهي ته مان وسشٽ جيان برهم رشي ٿيان." اِئين چئي هو جنگ جو ميدان ڇڏي دکشڻ دشا ڏانهن وڌيڪ تپسيا ڪرڻ لاءِ اُسهيو.

ڏانهن نئون تارن ڀريو آڪاش اُتپن ڪرڻ لڳو. هن پڻ نئون اِندر ۽ نوان ديوتائون پئدا ڪرڻ شروع ڪيا.

هاڻي اچي ديوتائن کي ڀؤ لڳو ته متان سندن مهانتا کي ڪا هاڃي رسي. انهيءَ ڪري نيچ نوائي اچي وشوامتر سان ناهه ڪيائون. ڪيس آزي نيزاري ڪري هن ڪم کان باز اچڻ لاءِ وينتي ڪيائون. هنن چيو "پل ترشنڪو اِتي بيٺو رهي، جتي هؤ هن وقت آهي. جيڪي توهان بيا تارا پئدا ڪيا آهن، سي به پل توهانجي مان ۽ شان جيان سدا چمڪندا رهن. ڪرپا ڪري پنهنجي ڪروڌ کي روڪي اسان سان متر تا ڳنڍيو."

ديوتائون وشوامتر جي پيش پيا، ۽ هو ڏاڍو پرسن ٿيو. وشوامتر جيترو ئي جلد گرم ٿيندو هو، اوترو ئي جلد نري ويندو هو. هن پنهنجي رچنا جي وڏيڪ ڪاريه کي بند ڪيو. هن جو ايڏو سارو ڪم ڪيو هو، اُن سبب سندس تپسيا جو سمورو بل سماپت ٿي ويو. انهيءَ ڪري ڪيس نئين سر تپسيا شروع ڪرڻي پيئي.

وشوامتر هاڻي پڇم دشا ڏانهن پشڪر راج ۾ وڃي تپسيا ڪرڻ آرنڀ ڪئي. ورهين جا ورهيه ڪٺن تپسيا هلندي رهي. جنهن وقت تپسيا جو ٽل اچي راس ٿيو، تنهن وقت وري ڪا اهڙي ڳالهه ٿي جنهن ڪري وشوامتر ڪروڌ ۾ اچي ويو. سندس من جي ساهمي هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي. هن وٽي پنهنجن پٽن کي سراپ ڏنو. پر هو جلدئي سامت ۾ اچي ويو ۽ دريڍ سنڪلپ ڪيائين ته وري ڪڏهن ڪروڌ ڪونه ڪندس. اهو پڻ ڪري هن وري تپسيا ڪرڻ شروع ڪئي.

گهڻن ورهين جي تپسيا کان پوءِ، برهما ۽ ديوتائون اچي هن جي اڳيان پرگهٽ ٿيا. چيائون، "اي ڪئوشڪ! تنهنجي تپسيا سڌ ٿي آهي. هاڻي تون راجائن جي درجي کان چڙهي چڪين. تون هاڻي سچو برهم رشي ٿيو آهين." وشوامتر کي

رشي پٽرن کي چيو تہ چانڊالڻ جو اوهان ۽ اوهان جي پتا ۾ اهڙي مٺيا ڪانہ آهي جو مونکي مدد ڪري سگهو، انهيءَ ڪري مان ڪن وڏيڪ ڪلاوارن کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. اُنهيءَ تي وسشٽ جي پٽن کي سهڻ ڪان وڏيڪ ڪاوڙ لڳي ۽ راجا کي سراپ ڏيندي چيائون، ”ٿي تون چنڊال ٿين.“

پاراتي جو اُٿر پرگهٽ ٿيڻ لڳو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ترشنڪو جاڳيو تڏهن سندس روپ بلڪل بدلجي ويو. هو هاڻي هڪ اڇوت هو. ڪوجهي هئي سندس شڪل، گندا هئا سندس وستر.

سندس وزير ۽ پرجا بہ کيس هاڻي سڃاڻي ئي نہ سگهي. پنهنجي ديش مان جلاوطن ٿي، هو ٻڪ جو ماريو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو رهيو. ٻک کيس ايترو تہ ستايو، جڻڪ موت جي ڪنڌيءَ تي اچي پهتو هو. اهڙي اوستا ۾ هو وشوامتر جي آشرم ۾ اچي نڪتو.

راجا جي هيءَ حالت ڏسي وشوامتر جي دل پگهري. رشيءَ پڇيس، ”اوهين ترشنڪو تہ ڪين آهيو؟ اوهانجي اهڙي دشا ڇو ٿي آهي؟ اوهانکي ڪنهن سراپ ڏنو آهي؟“ راجا پنهنجي سموري ڪٿا ٻڌائي، رشيءَ جي چرنن ۾ ڪري پيو. منٿ ڪري چيائين، ”مان تہ پلو راجا ٿي رهيو آهيان. مون ڪڏهن بہ ڌرم جي مارگ جو تياڳ ڪونہ ڪيو آهي. مون ڪو بہ پاپ ڪونہ ڪيو آهي. مان ڪنهنجي بہ برائي ڪانہ ڪئي آهي. منهنجي گروءَ ۽ سندس پٽن مون سان بيوفائي ڪئي آهي. هنن مونکي پاراتو ڏنو آهي. اُنهيءَ ڪري مان اهڙن حالن ۾ اوهانجي شرن ۾ آيو آهيان.“

راجا جو پاراتي ڪري چنڊال ٿي پيو هو، انهيءَ ڳالهہ ڪري وشوامتر کي مٿس ڏايي ڪهل آئي. وشوامتر جي اِها وڏي ڪمزوري هئي: هو پاونائن جي آويش ۾ جلد اچي

سموريءَ آتما سان تپسيا ڪئي آهي. اُنهيءَ تي مان پرسن ٿيو آهيان ۽ توکي هيءَ پدوي پردان ڪريان ٿو. انهيءَ پدويءَ ۾ جيڪا پوترتا سمايل آهي، تنهنجو توکي پرساد ڏيان ٿو."

هاڻي وشوامتر جو من هار جي رنج، يا جيت جي خوشيءَ جي خيال کان مٿي چڙهي چڪو هو. هن هٿ ٻڌي، ڀڳتي ڀاوَ ۾ ڀرجي، جڳت جي پتا کان پڇيو، "هن ور دوارا اِندرين کي جيتي سگهندس يا نه؟"

پرجاپتيءَ چيو، "بلڪل نه. هي منين جا سرمور، اِندرين کي جيتڻ لاءِ برابر جتن ڪندو رهه."

پورڻ سوپ پاڻ جو دريڍ سنڪلپ ڌارڻ ڪري هن وري هزار ورهين لاءِ تپسيا ڪرڻ آرنڀ ڪئي. هن دفعي اڳي کان ٻه وڌيڪ ڪٺن تپسيا ڪيائين. اهو ڏسي ديوتائون ڪنبڻ لڳا.

اِندر رمڀا نالي سرڳ جي اَپڇرا کي پاڻ وٽ گهرايو. ڪيس هن ريت آگيا ڏنائين: "وڃ! وڃي پنهنجو سارو هنر هلاءِ. پنهنجي من موهيندڙ چريترن سان وشوامتر کي پنهنجي وس ۾ آڻ، ڪيس سندس سنڪلپ تان هٽاءِ. ياد رک ته هيءَ شيوا ديوتائن جي ڀلي لاءِ بلڪل ضروري آهي."

رمڀا کي ڊپ وڙهي ويو، پر اِندر ڪيس تسلي ڏني ته ڪيس اڪيلو وڃڻو نه پوندو. ڪام ديوتا ۽ رتوراج بسنت جي آتما به ساڻس گڏ هوندا. پنهنجي اِڇا جي ورڌ به رمڀا هن ڪارج لاءِ سنيري نڪتي. جڏهن ئي هن رشيءَ جي ڪٽيا ۾ پير پاتو، تڏهن ئي سمورو بن بهار جي سندر گلن سان ٻهڪي اُٿيو. ڏکڻ جي ٿڌي ۽ گلن جي سڳند سان ڀريل هير به لڳڻ شروع ٿي. ڪوئليون خوب پنهنجا سندر آلاپ آلاپڻ لڳيون. سندرتا کي وڌائڻ لاءِ اُتي ڪامديو ۽ رتوراج ٻئي براجمان هئا. رشي وشوامتر اهڙي پرڪار جو درشيه اَيامن کان ڪونه پسيو هو. هنجي تپسيا ۾ ڀنگ پيو. هنجون اَکيون کليون ۽ پنهنجي

آشيرواد ڏيئي برهما موٽي ماڳ ويو.

هيءَ بہ وشوامتر لاءِ هڪ نئين مايوسي هئي. هن چاهيو ٿي تہ برهم رشي ٿيان ۽ وسشٽ جو ثاني بڻجان. پر برهما تہ کيس هڪ رواجي رشي ڪري ڇڏيو. هن قسم جو قدر بہ اَجايو هو. جڏهن وشوامتر جا هٿيار وسشٽ جي برهم ڊنڊ ۾ سمائجي مڏا ٿي ويا، تڏهن هيءَ تپسيا بہ ننڍي ٿي پوندي.

اُنهيءَ ڪري هن نشچيہ ڪيو تہ تپ ڪندو هلان، ۽ هن اڳي کان وڌيڪ ڪٺن ساڌن ساڌيا.

ديوتائن کي اِها ڳالهہ ڪانہ آئڙي. اُنهيءَ ڪري هنن سرڳہ مان مينڪا نالي اَپڇرا کي موڪليو تہ هوءَ پنهنجي سندرتا ۽ ناز نخري دوارا کيس يوڳہ ڀرشٽ بڻائي، سندس تپسيا ۾ ڀنگ وجهي. پشڪر راج ۾ جتي وشوامتر تپسيا ٿي ڪئي، اُتي مينڪا اچي سهڙي. هوءَ سوين ناز نخرا ۽ انگل آرا ڪرڻ لڳي، اُنهيءَ لاءِ تہ وشوامتر جو ڌيان ٽٽي. وشوامتر اَپڇرا کي ڏٺو ۽ سندس سوڀيا تي موهت ٿي پيو. سندس پرتگيا ڀنگ ٿي. پنهنجي ورت کي وساري هوُ سڄا سارا ڏهہ ورهيہ عيش عشرت جا سپنا ڏسندو رهيو.

آخر هو هوش ۾ آيو. ڪنبندڙ مينڪا ڏانهن نهاري هن چيو: ”مان توکي سراپ ڪونہ ڏيندس، منهنجي ئي مورکتا آهي. تنهنجو ڪو ڏوهہ ڪونہ آهي. مونکي لالچائڻ ۾ تون رڳو پنهنجي ڌڻيءَ جي آگيا جو پالن ڪري رهي هئينءَ.“ ۽ دک ۾ ڀرجي، هوُ پنهنجي ٽٽل تپ کي نئين سر ڪرڻ لاءِ هماليہ پربت ڏانهن روانو ٿيو.

اُتي پنهنجي اِندرين کي جيتي هو هڪ هزار ورهيہ سانده تپ ڪندو رهيو. ديوتائن جي وينتي اونائي، برهما وشوامتر جي اڳيان اچي، مٺن شبدن ۾ هن ريت چيو: ”منهنجا پٽ! مان توکي مهرشي جي روُپ ۾ سواگت ڪريان ٿو. تو پنهنجي

اُهو رشي جو اوچتوئي دشرٿ جي دربار ۾ اچي وارد ٿيو هو، تنهنجي آهي هيءَ ڪٿا.

آڌياءُ ٣

رام گهر کان ٻاهر نڪري ٿو

راجا دشرٿ وشوامتر جي اهڙي نموني سواگت ڪئي جهڙي نموني اِندر برهما جي سواگت ڪندو آهي. رشيءَ جي چرنن کي ڇهي هن چيو، "منشن جي اندر منهنجي مٿان پرڀوءَ جي آشيرواد آهي. منهنجي وڏن جي پنج ۽ پرتاپ ڪري ئي اوهان هت پڌاريا آهيو. جئن پربات جي ويلي جو سورج اونده کي ڇن ڀن ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چوڌس چوڌاري پرڪاش ڪندو آهي، تئن اوهانجو مک ڏسي مونکي سک پراپت ٿيو آهي. منهنجو من ريجي آيو آهي. اوهان جنم جي ڪري راجا آهيو، پر ڪنور تپسيا ڪري اوهان برهم رشيءَ جي پدوي پراپت ڪئي آهي. وري اوهان پنهنجو پاڻ منهنجي ڪٽيا ۾ چرن ڌريا آهن. ٻڌايو ته مان اوهانجي ڪهڙي شيوا ڪريان؟ آگيا ڪريو ته مان اُنجي پوئواري ڪريان."

دشرٿ جا هيءَ وچن ٻڌي، وشوامتر ڏاڍو پرسن ٿيو. سندس چهرو ٻهڪڻ لڳو. رشيءَ چيو، "راجن، جيڪي ڪجهه اوهان چيو آهي، سو اُوهان جي وڏ وڏن آهي. اُوهان جو جنم اِڪشواڪو ونش ۾ ٿيو آهي. وسشٽ اوهان جو گورو آهي، اهڙائي وچن اُوهان جي مک مان نڪرڻا هئا. مان اڄا آگيا ڪئي ڪانه آهي ته اوهان اڳيئي اُنجي پالڻ جي سويڪرتي ڏني آهي، اُنهيءَ ڪري منهنجي من ۾ آنند ئي آنند وياپي رهيو آهي." اِئين چئي رشيءَ پنهنجي اُتي اچڻ جي آشا سنئين سڌي نموني راجا جي اڳيان کولي رکي.

سامهون بيحد سوپياوان اَپسرا ڏنائين جا پشپن، سڳنڌ ۽ مڌرتا واري بهار جي ساکيات مورتي هئي. اهڙي ڪامي دِرشيه تي، ڪروڌ جي اَگني هن ۾ جاڳي اُٿي. هن ڏٺو ته سندس مارگ ۾ هي بيو دفعو حاسد ديوتائن هي لوپ آڇي کيس ڏنارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن تنهنڪري اُنهيءَ اَپسرا کي هيءُ سراپ ڏنو: ”او رمڀا، مون ڪام ۽ ڪروڌ کي جيتڻ لاءِ تپسيا پئي ڪئي ۽ تو مونکي ڏنارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ ڪري تون ڏهه هزار ورهيه پٿر جي مورتي بڻجي پئي رهه.“

جڏّن رشيءَ جي ڪروڌ جي آگ جو ينيت پڙڪي اُٿيو، تڏّن هن سهي ڪيو ته هوُ اجا پنهنجي منزل کان ڪيترو نه پري آهي. دک ۾ پرجي هو هماليه جي بنن مان نڪري پوربدشا ڏانهن ايڪانت ماڻڻ لاءِ روانو ٿيو. اُتي هن پراڻن کي پنهنجي آذين ڪيو. هن سنسار جي سڀني پدارٿن جو تياڳ ڪري ڇڏيو. اُتي هن اهڙيون ڪٺن تپسيائون ڪيون جو هنجي شرير مان آگ جا اُلا ۽ دونهون نڪرڻ لڳو. اهو ايتري قدر ڦهليو جو ساري سنسار کي ويڙهي ويو. ڪنبندڙ ديوتائن جي آراڌنا تي برهما هڪ دفعو وڌيڪ وشوامتر جي سامهون اچي بيٺو ۽ کيس برهمرشي ڪري سڏ ڪيائين. چي ”سواگت اي برهمرشي! مان تومان ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان، شل تنهنجي جيون تي آشيرواد ٿئي.“ وشوامتر نهايت پرسن ٿيو.

وشوامتر ڏاڍي نمرتا سان وراڻيو ”جيسين وسشٽ پنهنجي مک سان مونکي برهمرشي ڪري نه ڪوٺيو آهي، ٿيسين مان ڪئن سکي ٿيندس؟“

وسشٽ کي اُنهيءَ پد جي يادگيري پيئي جا وشوامتر ساڻس جوڙي هئي. هن مشڪي چيو: ”اي پراڻا! تو پنهنجي گهور تپسيا جو ڦل پاتو آهي. تون سچ پچ برهمرشي آهين.“ ڇوڏس ڇوڌار آنند جي لهر ڇائنجي ويئي.

”اِئين واجب ڪونہ آهي تہ مان هڪ نينگرات کي اُنهي طرف لڙائي ڪرڻ لاءِ موڪليان. مان پاڻ حاضر آهيان. منهنجو لشڪر ڪوچ ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. هڪڙو ڇوڪرات اوهانجي ۽ اوهانجي يڳہ جي رکيا ڪئن ڪري سگهندو؟ ڪرپا ڪري پنهنجي شترن جو سمورو سماچار مونکي ڏيو. مان پنهنجي لشڪر جو اڳوان ٿي اوهان سان هلندس. اوهان جيڪا بہ آگيا ڪندا، سا مان پاليندس ۽ اوهانجي ضرورت جي پورتي ڪندس. ديا پالي هنن يڳہ کي اُپوتر ڪندڙن جو سمورو حال مونکي ٻڌايو.“

وشوامتر ماريچ ۽ سباهوءَ ۽ سندن ڌڻيءَ راوڻ جو سمورو حال دشرت کي ٻڌايو. هن وري گهر ڪئي تہ رام کي ساڻس گڏ هلڻ لاءِ آگيا ملي.

دشرت وري وري اِنڪار ڪيو. چي، ”رام کان جدا ٿيڻ منهنجي لاءِ موت ٿيندو. مان پاڻ توهان سان هلندس. مان تہ هلندس، پر منهنجو لشڪر بہ هلندو. اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اوهانجو ڪم پورو ڪرڻ منهنجي لاءِ پڻ ڪي قدر ڪٺن آهي. منهنجو پٽ اهو ڪئن پورو ڪري سگهندو؟ سچ پڇو تہ مان رام کي موڪل ڪونہ ڏيئي سگهندس. اوهان کي وڻي تہ مان پنهنجي لشڪر سوڌو اوهان سان گڏجي هلان.“

اهڙيءَ ريت دشرت پنهنجي وچن تان هٽڻ لڳو. انهيءَ ڪري رشيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. دشرت جي دليان ۽ حجتن رشيءَ جي ڪروڌ کي اِئين وڌايو جئن گيهہ وڌائي آگ کي.

رشيءَ چيو، ”هن پرڪار جو وهنوار اوهان جي ڪل جي منهن تي نٿو پوي. صاف صاف چئو تہ هيءُ اوهان جو آخرين فيصلو آهي. مان پوءِ جئن آيو آهيان، تئن پوئتي موٽي ويندس. اوهان ستيہ جي مارگ تان هٽيا آهيو. شل اوهان پنهنجي مٽن مائٽن سوڌو وڏي آورجا ماڻيو.“

رشيءَ جو ڪروڌ ڏسي ڌرتي ڪنبڻ لڳي. ديوتائن کي بہ

وشوامتر چيس، ”مان هن وقت يڳ ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهيان، جنهن يڳ سماپتيءَ جي ويجهو پهچي ٿو تنهن ماريچ ۽ سباهوءَ نالي ٻه راڪشس اچي اُنکي اَپوتر ڪن ٿا. هو يڳ ۾ وگهن وجهن ٿا. هو پوتر اَگنيءَ ڪنڊ ۾ اَپوتر رت ۽ مانس اچي وجهن ٿا. ٻين رشين جيان مان به ڪين سراپ ڏئي سگهان ٿو ۽ ڪين ناس ڪري سگهان ٿو. پر اِئين ڪرڻ سان منهنجي سموري تپسيا نشقل ٿي ويندي. جيڪڏهن اَوهان پنهنجي وڏي پٽ ٻوڏي رام کي مونسان هلڻ جي آگيا ڪندا ته اسانجا سڀ دک دور ٿي ويندا. منهنجي سنڀال هيٺ رهي رام ۾ راجائي گڻن جو وڌيڪ وڪاس ٿيندو. هو پڪ ئي پڪ راڪشسن کي جيتيندو ۽ سندس ناماچار وڌندو.

”ٿورن ڏينهن لاءِ ئي رام جي ٻانهن مونکي سونپيو. منهنجي وينتي اونايو. ٻنا گهرڻ جي جيڪو وچن اوهان ڏنو آهي، تنهنکي پاڙي ڏيو. رام جي رکيا جي بلڪل چنتا نه ڪريو. ٽنهي لوڪن ۾ اوهانجي اَمر ڪيرتي ٿيندي. جيڪي مان چوان ٿو، تنهن سان وسشٽ ۽ اوهانجا ٻيا منتري شامل راءِ ٿيندا.“

دشرٿ چنتا ۾ پئجي ويو ۽ ڪنبڻ لڳو. هو ٻن ٻاهين جي وچ ۾ هو، يا ته ڪيس پنهنجو پيارو پٽر راڪشسن جي هٿان مرڻ لاءِ ڏيڻو ٿي پيو، يا ته وشوامتر جو ڀيانڪ ڪروڌ پنهنجي سر تي کڻڻو ٿي پيو.

دشرٿ جون ڀنبون ئي منجهي ويئون. هو پريشانيءَ ۾ اچي ويو. دم ساعت وات مان هڪ اکر به نه پيو اُڪليس. جڏهن ڌڏڪي جو اَثر دشرٿ تان لٿو، تڏهن هن رشيءَ کي وينتي ڪئي ته هو پنهنجي گُهر پوري ڪرڻ لاءِ زور نه ڀري. رشيءَ کي ٻڌائين ته ”رام اڃا سورهن ورهين جو به نه ٿيو آهي. هو راڪشسن سان ڪئن وڙهي سگهندو؟ هنکي اَوهان سان موڪلڻ ڪري ڪهڙا ڪم سڌ ٿيندا؟ هنکي راڪشسن جي ڇلن ولن جي ڪهڙي پروڙ آهي؟

وسشٽ جا سياڻپ ڀريل شبد سڻي، دشرٿ کي اِستريءَ جو نيڪ نيڪ انيو ٿيو ۽ هن رام ۽ لڪشمڻ کي موڪل ڏيڻ جو سنڪلپ ڪيو.

اُنهيءَ ڪانپوءِ ٻنهي راجڪمارن کي رشيءَ وٽ وٺي آيا. راجا، راج ماتائن ۽ وسشٽ کين آشيرواد ڏنئي وشوامتر سان روانو ڪيو.

انهيءَ ويل ٽڏي هير شروع ٿي ۽ سرڳ جي لوڪن گلن ڦلن جي ورکا ڪئي. منگلڪاري شبدن جون شپ ڏنيون ٻڌڻ ۾ آيون. راجڪمار هٿن ۾ ڌنش کڻي همت سان هلڻ لڳا. هڪڙو هو رشيءَ جي کٻي پاسي، ۽ ٻيو هو ساڄي پاسي.

ڪهڙو نه من موهيندڙ درشيه! ٻه سندر راجڪمار پنهنجي پهرين ساهس ڀري ڪارج تي نڪتا آهن. سندن رکيڪ آهي هڪ مهرشي. اُهو رشي ڪنهن وقت پرسڌ جوڌو به هو. هوُ اهڙو ته گرديو هو جو نئين سنسار جي سرشٽي اُستاپن ڪري ٿي سگهيو. هن رشيءَ جي ٻنهي پاسن کان ٻه راجڪمار اوچي ڳات تي هليا. اُنهن راجڪمارن جو جنم ئي ٿيو هو راڪشسن جي ونش کي ناس ڪرڻ لاءِ. اهو چٽر ڏسي والميڪي ۽ ڪمبڻ موهت ۽ مست ٿي پيا.

راجڪمارن جي سگهارن ڪلهن تي ڪمان ۽ تيرڪش لٽڪي رهي هئي. سندن ڪمر ۾ ٻڌل هئي سوني جي تلوار. هوُ هليا ائين ٿي جڻ ٻن سرن وارو واسينگ ناگ پنهنجي ڦڻ مٿي ڪري هلندو آهي.

اڌياءُ ٥

رام راڪشسن جو گهات ڪري ٿو

والميڪيءَ ۽ ٻن راجڪمارن رات سرجو نديءَ جي ڪنڌي

اچي ٻ ٻ ورتو. ڇي خبر نہ آهي تہ رشيءَ جي ڪروڌ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو.

هاڻي وسشٽ راجا ڏانهن منهن ورائي نرميءَ سان هيئن چيو، ”هي راجن! هيڪر وچن ڏيئي پوءِ اُن تان ڦرڻ تنهنجي منهن تي نٿو پوي. تون اڪشواڪو ڪل ۾ اُتپن ٿيو آهين، اُنهيءَ ڪري توکي بلڪل لائين ڪرڻ نہ جڳائي. هيڪر ائين چئي تہ 'مان هيئن ڪندس،' تنهنجي لاءِ هاڻي ٻيو ڪو رستو ڪليل ئي ڪونہ آهي. جيڪڏهن تون وچن ڀنگ ڪندين تہ پوءِ پنهنجي سمورن ورن ۽ ڪرمن جو ڦل هٿ مان گنوائيندين.

”رام کي موڪل ڏي ۽ لڇمڻ کي بہ ساڻس وڃڻ ڏي. سندن سلامتيءَ جو ذرو بہ خيال نہ ڪر. وشوامتر آهي سندن سنڀاليندڙ؛ اهڙي حالت ۾ راڪشس سندن وار بہ ونگو نہ ڪري سگهندا.

”جئن اگني چڪر ديوتائن جي يڳيہ جي رکيا ڪندو آهي، تئن وشوامتر رام جي رکيا ڪندو. توکي وشوامتر جي شڪتيءَ جو پتو ئي ڪونہ آهي. هو تہ تپ جو اوتار آهي. هو ويرن جو سرومڻي آهي. هو سڀاڻن گيانين جو مورمڪٽ آهي. هر هٿيار هلائڻ ۾ پربين آهي. سندس برهم-تيج ۽ ڪتري-ٻل سان ٻر ميچڻ وارو نَن لوڪن ۾ نہ پيدا ٿيو آهي نہ وري هن ڪان پوءِ ئي پيدا ٿيندو. ڪنهن سمي ۾ هو راجا هو. اُنهيءَ سمي ديوتائن کيس اُهو ور ڏنو تہ هر هٿيار هلائڻ ۾ کيس ڪماليت ملندي. هنکي ڀوت، ڀوشيہ ۽ ورتمان، تنهي ڪالن جي پوري ڄاڻ آهي. هو ترڪال درشي آهي. اُهي ڳالهيون ٻڌي تون ضرور اُڇرج ۾ پوندين. دل ۾ چوندين تہ جڏهن ائين آهي، تڏهن هنکي راجڪمارن جي لوڙ ڇو ٿي پوي. هو پنهنجي يڳہ جي پاڻيهي رکيا ڪري سگهندو. سچ تہ هو تنهنجي پٽن جي ڪلياڻ لاءِ ئي هت آيو آهي ۽ هن ريت تنهنجي سهاينا جي گهر ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي راجن! تون هٻڪ نہ. پنهنجي پٽن کي هن سان ڏيارو موڪل.“

ڪري اُها شڪتي جهڙي انداز ۾ سمايل ٿيندي آهي. جڳن کان اُنهن جي اڳيان پوتر ويچارن جو پرڪاش ٿيندو رهيو آهي. اهي ويچار منجهن اِئين سمائجي ويا آهن، جئن وسترن ۾ سڳند سمائجي ٽڪي رهندي آهي.

گنگا پار ڪري وشوامتر ۽ راجڪمار هڪ گهاٽي جهنگل مان لنگهڻ لڳا. جهنگلي جانورن جي گجگوڙ جي ڦهلندڙ پڙاڏن ڪري، ٻيلو بلڪل ڀيانڪ ٿي پيو هو.

وشوامتر چيو، ”هي ڊنبڪا نالي بن آهي. اڄ هت ڀيانڪ جهنگل آهي؛ ڪنهن سمي هت هڪ وسندڙ ديش هو. هڪ وار اِندر ورتر کي ماريو هو، اُنهيءَ ڪري کيس پاپ لڳو. هن پوءِ پاڻڪي ديوتائن جي سنسار مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي. ديوتائن اِندر کي وري پوتر بڻائڻ جو يتن ڪيو. هوُ پوتر ندين مان پاڻي کڻي آيا. منتر اُچاري اُنهيءَ پاڻيءَ سان اِندر کي اِشنان ڪرايائون. جنهن پاڻيءَ ڌواران اِندر پوتر ٿيو، سو ڌرتيءَ تي وهي آيو. ڌرتي سائي سبز ٿي پيئي ۽ ٻنيون ٻيحد آباد ٿي پيون.“

سڀ ناس ٿيل وستو — ڪنا مڙهه، بدبوءِ ڀريل ٻهر ۽ گند ڦٽ — جڏهن موٽي ڌرتي ماتا جي گود ۾ رسنديون آهن، تڏهن سندر ۽ سهڻين شين جو روپ ڌارڻ ڪنديون آهن. ڦل ڦول ۽ جيون شڪتي پهچائيندڙ، صحت بخشيندڙ، سارا پدارٿ اِئين پيدا ٿيندا آهن. ڪهڙي نه ڌرتي ماتا جي شڪتي آهي؛ ڪهڙي نه پربل رسايڻ آهي!

وشوامتر وڌيڪ هئن آکيو، ”گهڻوئي سمو ماڻهو هت سک سان رهندا هئا، تان جو سنب نالي يڪش جي اِستري، تاڙڪا ۽ سندس پٽ ماريچ هت اَتياچار ڪيا ۽ هن ديش کي هڪ ڀيانڪ بيابان بڻائي ڇڏيو. تاڙڪا کي ويهن هاٿين جو ٻل آهي. مان توهانکي هت اُنهيءَ لاءِ آندو آهي ته هن ٻن کي اُنهيءَ وڏي شتروءَ کان آجو ڪريو. اُنهيءَ ۾ ذري جو سنديهه ڪونهي

تي گذاري. رات جو هوُ سمهيا تنهن کان اڳ رشيءَ راجڪمارن کي ٻن گپت منترن جي ديکشا ڏني. اُهي منتر هئا 'ٻل' ۽ 'اَتي ٻل'. اُنهن جي جپ ڪري نه ٿڪ ٿيندو آهي، نڪو ڪوئي جوکم رسندو آهي. رات جو هو نديءَ جي سبز ڪناري تي سمهي پيا. پراتهه ڪال جو اُٿي وري ياترا تي نڪتا. پوءِ هوُ انگ ديش ۾ 'ڪام آشرم' ۾ اچي پهتا. آشرم ۾ ٻهچڻ ڪانپوءِ وشوامتر ٻهرين رشين کي راجڪمارن جو پريچيه ڏنو. پوءِ هن راجڪمارن کي آشرم جو اتهاس ٻڌايو.

هن چيو، "هي اُهو آستان آهي، جتي ڀڳوان شوُ گهڻو وقت تپسيا ۾ لڳو پيو هو. هتي اُئي 'من مٿ' نالي ڪام ديوتا شوجيءَ تي پنهنجو ٻاڻ هلايو. اُنهيءَ ڪري هو مهاديو جي ڪروڌ روپي اَگنيءَ ۾ جلي ڀسم ٿي ويو. اُنهيءَ ڪري اُئي هن آشرم کي 'ڪام آشرم' ڪري ڪوٺيو اٿن."

اُها رات هو رشين جا اَتٿي ٿي رهيا. ٻئي ڏينهن پراتهه ڪال جو نت ڪريا ڪرم ڪري، رشيءَ سندس شش وري سفر تي نڪتا. هلندي هلندي گنگا جي ڪناري تي اچي پهتا. رشين هنن لاءِ هڪ ٽرهو تيار ڪيو. انهيءَ جي آڌار تي هنن ندي پار ڪئي.

وچ سير ۾ راجڪمارن هڪ آواز ٻڌو ۽ رشيءَ کان اُنهيءَ جي سبب جي پڇا ڪيائون. رشيءَ کين چيو ته هت سرجو ندي گنگا ۾ پرويش ڪري رهي آهي. اُنهيءَ ڪري هيءُ آواز ٿي رهيو آهي. راجڪمارن ٻن پوتر ندين جي سنگم اَڳيان چپ چاپ نمسڪار ڪئي.

هر سندر وستو— چاهي ندي هجي، چاهي پهاڙ هجي، چاهي ڪوه ٻرڪش هجي، چاهي بادل — منش جي من کي ايشور جي ڌيان ڏانهن اُڀاري ٿي ۽ منجهس شانتي ۽ ڀڳتي ڀاو پئدا ڪري ٿي. پوتر ندين، مندرن ۽ مورتين ۾، جن جي ٻيڙ هين کان وٺي لوڪ ڀڳتي ۽ پوڄا ڪندا رهيا آهن، تن ۾ نه خاص

راڪشاڻيءَ کي مارڻ به ٺيڪ آهي. راجائن جي مٿان اهو ڪم رکيل آهي. اڳ ڪيترين استرين کي سندن پاپن ڪري موت جي سزا ملي آهي. اُنهيءَ ڪري تون بلڪل هٻڪ نه."

رام وراڻيو، "اسان جي پتا جي آگيا آهي ته اسين بنا سوال جواب ڪرڻ جي اوهان جي حڪمن جي بجاوري ڪريون. اوهان جي آگيا اَنوسار ۽ سرو ساڌارڻ جي ڀلي لاءِ اسين تاڙڪا کي ماريندا سين."

اِئين چئي رام پنهنجي ڌنش تي ڏوري چاڙهي ۽ اُنکي ايتري قدر آواز ڪرايو جو اُنجو تيز آلاپ سڄي ٻن ۾ ڦهلجي ويو ۽ جهنگلي جانور ڀؤ کان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. اهو آواز تاڙڪا پنهنجي ڪوٽ اَندر ٻڌو. حيرانيءَ ۾ پئجي پاڻ کان پڇڻ لڳي ته اِهو ڪهڙو بي مروت، بي جاءِ دخل ڪندڙ، سندس راڄ ۾ اچي داخل ٿيو آهي. جوش ۾ لعل ٿي، جيڏانهن آواز اچي رهيو هو، هوءَ اوڏانهن ڀڳي ۽ رام تي اچي پلٽي. لڙائي شروع ٿي ويئي.

راجڪمار پهرين اِئين خيال ڪيو ته راڪشاڻيءَ جا عضوا ڪاٽي ڇڏيان، پر سندس پراڻ بچايان. تاڙڪا تمام سخت حملو ڪيو. آسمان ۾ اُڏامندي هن رام ۽ لڇمڻ جي مٿان پٿرن جي برسات وسائي ڏني. راجڪمارن حملي کان پاڻ بچايو. جنگ جاري رهي. رشيءَ رام کي تاڪيد ڪئي ته، "دير مدار نه ڪر ۽ يڪدم راڪشاڻيءَ کي پورو ڪر."

رشيءَ چيو، "هن سان همدردي ڪرڻ نه جڳائي. سج لهڻ تي آهي. ياد رک ته رات جي وقت راڪشسن جي شڪتي وڌي ويندي آهي. اُنهيءَ ڪري هنکي قتل ڪرڻ ۾ اَصل دير نه وجهه."

اُن صلاح تي هلي رام تاڙڪا کي ڪهڻ جو نشچو ڪيو. هڪ خونخوار تير هلائي هنجي ڇاتي ڦاڙهي ڇڏيائين. پاپي شرير

ته هيءَ راڪشساڻي جيڪا رشين کي ستائي رهي آهي، سا اوهانجي هٿان اوس ناس ٿيندي."

رام هيءَ وارتا ڌيان سان ٻڌي، رشيءَ کي هيئن چيو، "اوهان ٻڌايو ته هو يڪش جاتيءَ جي آهي. مون ڪونه ٻڌو آهي ته يڪش کي ڪا خاص شڪتي ٿيندي آهي. وري اهو به سماءُ نٿو پوي ته اِستريءَ کي ايتري شڪتي ڪٿان آئي؟"

وشوامتر وراڻيو، "تنهنجو سوال بلڪل واجبي آهي. هن يڪش پتنيءَ کي برهما وَردان ڏنو هو، اُنهيءَ ڪري کيس ايتري شڪتي پراپت ٿي آهي. اڳين زماني ۾ سڪيتوءَ نالي هڪ يڪش رهندو هو. کيس سنتان ڪانه هئي. انهيءَ ڪري هن تپ ڪيو ۽ برهما کيس هن پرڪار جو وردان ڏنو، 'توکي هڪ سهڻي پٽري پيدا ٿيندي. هن جي شرير ۾ اٿاهه ٻل هوندو. پر توکي پٽر ڪونه ٿيندو.' سڪيتوءَ جي سهڻيءَ ۽ ٻلوان ڌيءَ تاڙڪا جو وواهه سنب نالي يڪش سان ٿيو. سندن سنتان آهي ماريچ.

"هڪ دفعي سنب تي رشي اگستيه اچي مٿيو ۽ سراپ ڏنائينس. انهيءَ ڪري سنب مري ويو. اُنهيءَ لي تاڙڪا ۽ ماريچ اگستيه جي مٿان اچي ڪڙڪيا. اگستيه کين سراپ ڏنو، جي اوهين پوت ٿي پوندا ۽ منشن جي ماڙهن تي گذران ڪندا رهندا. اُنهيءَ ڪري تاڙڪا اڄ ڪالهه هڪ ڪروپ راڪشاڻي ٿي پيئي آهي.

"اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي تاڙڪا ۽ ماريچ اگستيه جي هن پوميءَ ۾ رهندڙ لوڪن کي ستائيندا رهندا آهن. کين مارڻ ۾ تون هٽڪ بلڪل نه. اِهو دليل نه ڏي ته اِستري جاتيءَ تي هٿ کڻڻ کتري ڌرم جي ورڌ آهي. تاڙڪا جا اَتياچار سهڻ کان ٻاهر آهن. راجائن جو ڌرم آهي ته اپراڌين کي ڏنڊ ڏين، پوءِ اُهي اَپراڌي چاهي نر هجن، چاهي ناريون. ماڻهن جي بچاءَ لاءِ جئن جهنگلي جانورن کي مارڻ روا آهي، تئن هن

"مها ٻلي اهڙو ٻلوان راجا هو جو ديوتائون به ڪانئس ڪن هٽندا هئا. هو وروچن جو پٽ هو، سندس ڏاڏو هو ڌرماتما اسر پرهلاد. مها ٻليءَ پنهنجي شڀ ڪرمن دوارن خود اِندر ٻل پراپت ڪيو هو.

"سڀ ديوتائون ڪشيپ ۽ سندس ڌرمپتني اَدتيءَ جي سنتان هئا. اُنهن ٻنهي وشنوءَ کي آراڌنا ڪئي ته هو سندن گهر ۾ جنم وٺي ۽ اِندر ۽ ٻين ديوتائن کي مها ٻليءَ کان بچائي. آها سندن پرارٿنا ڀڳوان سويڪار ڪئي. وشنو اَدتيءَ جي ڪک مان وامن جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو.

"مها ٻليءَ يگيه رچيو هو. اُنهيءَ يگيه ۾ ڪوبه منش شامل ٿي سگهيو. هرهڪ جو اُتي آءُ آدر ٿي ٿيو. جيڪي جنهن گهريو ٿي، سو هن پاتو ٿي. وامن اُنهيءَ يگيه ۾ وڃي شامل ٿيو. هو هڪ نوجوان وديارٿيءَ جي روپ ۾ اُتي ويو. جڏهن وامن پاڻکي ياچڪ جي روپ ۾ پرگهٽ ڪيو ۽ دان جي گهر ڪئي، تڏهن مها ٻليءَ جي گوروءَ شڪر ٻليءَ کي خبردار ڪري چيو ته مٿان هن جوان برهمڻ کي وچن ڏنو اٿئي. شڪر سيني اُسرن جو گورو هو. هن کي ڄاڻ هئي ته وامن سچ پچ ڪير آهي. هن ٻليءَ کي چيو 'خود وشنو وامن جو ويس ڌارڻ ڪري توکي ناس ڪرڻ لاءِ آيو آهي.'

"ٻليءَ گوروءَ جي اِشاري ڏانهن ڌيان ڪونه ڏنو. مها ٻليءَ جو اهو دستور هوندو هو، جو هو ڪنهن به سواليءَ کي خالي هٿين ڪونه موٽائيندو هو. وري هو اُندر ۾ هريءَ جو ڀڳت هو. هن ائين سمجهيو ته جيڪڏهن ڀڳوان سندس دان قبول ڪيو ته هو ضرور کيس آشيرواد ڏيندو. مها ٻليءَ مشڪندي وامن کي چيو ته 'بنا هٻڪ جي جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر. مون وٽ جيڪي ڪجهه آهي، ڌن، موتي، ماڻڪ، ساري پرٿوي ۽ جيڪي به اُن منجهه سمايل آهي، سو سڀ تنهنجي ملڪ آهي.'

واري ڪروپ راڪشسياڻي ٿِي، ٽي ڏرتيءَ تي ڪري پيئي ۽ مري ويئي.

ديوتائون پرسن ٿيا. وشوامتر جو هردو آنند سان ڀرجي ويو. هن رام کي گلي لڳائي آشيرواد ڏني.

تاڙڪا جي مرڻ شرط، بن جو پاراتو پورو ٿيو. جهنگل ۾ منگل ٿي پيو. اُها رات اُتي ڪاٽي، ٻئي ڏينهن صبح جو راجڪمار وشوامتر جي آشرم ڏانهن روانا ٿيا.

ٻئي ڏينهن پراتهڪال جو وشوامتر رام کي پنهنجي پرسان سڏيو ۽ کيس آشيرواد ڏيندي چيائين، ”مان سچ پچ ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. جيڪي ڪجهه تو ڪيو آهي، تنهنجي بدلي مونکي ٻڌاءِ ته مان تو لاءِ ڇا ڪريان؟ مان توکي هر پرڪار جا اَستر شستر هلائڻ سيکاريندس.“

اِئين چئي وشوامتر اُهي سڀ ايشوري اَستر جيڪي هن پنهنجي تپ دواران پراپت ڪيا هئا، سي رامچندر کي ڏنا. رشيءَ راجڪمار کي سيکاريو ته اُهي ڀن ڀن پرڪار جا اَستر ڪئين ڪم ۾ آڻجن، ڪئين ڪين تابع ۾ رکجي ۽ ڪئين ڇوڙڻ کان پوءِ اُنهنکي موٽي آڻائجي. رام وري لڪشمڻ کي اُها سموري سکيا ڏني.

جئين هو اڳتي وڌيا، تئين رام هڪ وڏيءَ ٽڪري ڏانهن اِشارو ڪيو. اُنهيءَ ٽڪريءَ جي لاهه تي هڪ سندر بن هو. رام رشيءَ کان پڇيو، ”اسانکي اُنهيءَ طرف هلڻو آهي ڇا؟ ڪهڙا راڪشس اوهانجي يگيه ۾ وگهن وجهي رهيا آهن؟ ڪين ناس ڪرڻ لاءِ مان ڇا ڪريان؟“

رامچندر اُنهيءَ لاءِ منتظر هو ته لڙائي ڪريان ۽ رشيءَ جي آشيرواد ڪٿان.

وشوامتر وراڻيو، ”اهائي جاءِ آهي جيڏانهن اسان هلي رهيا آهيون. اِتي نارايڻ يگوان تپ ڪيو هو. اِتي ئي هن وامن جو اَوتار ڌارڻ ڪيو هو. اُنهيءَ آستان جو نالو آهي ’سڌ آشرم‘.

ٻئي ڏينهن ڏاڍو سويرو اُٿي ٻئي راجڪمار وشوامتر وٽ ويا ۽ هن کان جاچ ڪيائون ته ڪهڙي وقت راڪشس ايندا. سندن ارادو هو ته هو راڪشسن جي مقابلي لاءِ تيار رهن.

وشوامتر مؤن ورت ڌارڻ ڪيو هو. اُنهيءَ ڪري هو اُتر ڏيئي نه سگهيو. پر سندس ششن ۽ ننڍن رشين راجڪمارن کي ٻڌايو ته يگه جي رکيا لاءِ ڇهه ڏينهن ۽ ڇهه راتيون سانده سمورو وقت اُهي خبردار رهڻ گهرجي.

هٿيار پنوهار ڌارڻ ڪيل راجڪمارن ڇهه ڏينهن ۽ ڇهه راتيون سانده اوجاڳو ڪيو. ڇهين ڏينهن پرڀاتَ ڪال رام لڪشمڻ کي چيو، "ڀراتا! هاڻي شترو جي اچڻ جو سمو آيو آهي. اسانکي سچيت رهڻ گهرجي."

جڏهن رام اهي وچن ڪڍيا تڏهن يگه ويديءَ مان پوتر اگنيءَ جا اُلا نڪرڻ لڳا. اگني ديوتا کي خبر پئجي ويئي ته راڪشس اچي ويا آهن. جڏهن سڀن ساڌ ٽيا ٿي، تڏهن آڪاش مان وڏي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آئي.

رام مٿي نهاريو ۽ هن ڏٺو ته ماريچ ۽ سباهو ۽ سندن پوئلڳ يگه ويديءَ مٿان اَپوتر شين جي برسات وسائڻ لاءِ تياري ڪري رهيا آهن. راڪشسن جي سئنا آڪاش تي هڪ وڏي ڪاري ڪڪر جيان ڇانئجي ويئي.

رام چيو، "لڪشمڻ، هيڏانهن نهار." ائين چئي هن ماريچ جي ڇاتي مٿان مانوا استر هلايو. اُنهيءَ هٿيار هلائڻ سان ماريچ مٿو ڪونه. پر انجي شڪتيءَ جي اثر هيٺ اچڻ سان برابر سؤ يوجن گهلبو ويو وڃي سمنڊ جي وچ ڪريو. اهوئي رام جو ارادو هو.

رام وري اگني استر سان سباهوءَ کي ماري وڌو. پوءِ انهي راجڪمارن راڪشسن جي سموريءَ سئنا کي ناس ڪري ڇڏيو.

اونده پوءِ دور ٿي ۽ آڪاش وري چمڪڻ لڳو.

يگه نرو گهن سماپت ٿيو. وشوامتر مها آنند ۾ اچي ويو. هن چيو: "مان مرات دشرٿ جو ٿورائتو آهيان. راجڪمارو! اوهان منهنجي

وامن وراڻيو، ”مونکي ٽن ڄي گهرج ڪانه آهي. مونکي رڳو پرٿويءَ جو ايترو ٽڪرو ڏيو جنهن تي مان ٽي قدم کڻي سگهان.“

”راجا جڏهن جامڙي برهمچاريءَ جي جنگهن ڏانهن نهاريو، تڏهن ڪيس ڪل اچي ويئي. هن چيو، ’ڀلي اِئين ٿئي. ٽي قدم کڻ، ۽ اها پرٿوي ٽڪري وڃي والار.‘

اوچتو ئي بندرو برهمچاري وڌ ۾ وڌي ويو. هن ترووڪرم جو روپ ڌارڻ ڪيو. هڪ قدم کنياءِ ته ساري پرٿوي اُنجي هيٺان اچي ويئي. ٻيو قدم کنياءِ ته سمورو آڪاس اُنهِ سمائجي ويو. وامن کي ٽن قدمن جو دان ٿي چڪو هو. ٽئين قدم لاءِ آستان ٻچيوئي ڪونه هو، تنهن ڪري وامن مهابليءَ جي سر مٿان ڪري پنهنجو پير رکيو. ايشور جي درشٽيءَ ۾ ڀڳت جو سر ايترو وڏو آهي جيترو سموري پرٿوي هجي يا جيترو سمورو آڪاش هجي. نارايڻ پنهنجي پير سان مهابليءَ جو سر چتو، اُنهيءَ ڪري اهو مٿو پاڇشالي ٻڻجي پيو. مهابليءَ سنسار جي سٽن اُمر آتمائن مان هڪ ٿي پيو.“

مهابليءَ جي ڪٿا پوري ڪري، وشوامتر چيو: ”هيءُ اهو آستان آهي جتي ڀهرين نارايڻ ۽ پوءِ ڪشيپ تپسيا ڪئي هئي. اُنهيءَ تپ جو ڦل اهو نڪتو جو ڀڳوان وامن جو اَوتار ڌارڻ ڪيو. هن پوتر آستان ۾ مان رهندو آهيان. هت راڪشس ايندا آهن ۽ اسانجي جپ تپ ۾ وگهن وجهندا آهن. اوهان هت اُنهيءَ لاءِ آيا آهيو ته هن ٻرائيءَ کي ناس ڪريو.“

رام ورائيو، ”اِئين ئي ٿيندو!“

وشوامتر ٻن راجڪمارن کي ساڻ ڪري آشرم ۾ پڌاريو. اها ڳالهه ڏسي سڀ آشرمواسي گڏ گڏ ٿيڻ لڳا. رشين انهيءَ سمي جي ريت پٽاندڙ اَٿتين کي جل ۽ ڦل پيش ڪيا. رام وشوامتر کي چيو، ”اوهين ڀل يڪدم يگه جي تياري ڪريو.“ وشوامتر اُنهيءَ رات ئي ديکشا ورتي، تت ڪال هن ورت شروع ڪيو.

هڪ پرتشنت متر هو. جڏهن دشرٿ پتريشٽي يگيه ڪيو هو، تڏهن هن جنڪ کي نوتو ڏيڻ لاءِ نه رڳو دوت موڪليا هئا، پر خود پنهنجن منترين کي به اوڏانهن روانو ڪيو هو.

جنڪ نه رڳو هڪ وير راجا هو، پر هوُ ويدن ۽ شاسترن جو ايترو ڄاڻو هو جيترو رشي ۽ مني ٿيندا آهن. هو ياگولڪيه جو پيارو شش هو. ياگولڪيه جنڪ کي جيڪو برهم گيان جو اُپديش ڏنو هو، سو برهد آرڻيڪا اُپنشد جو تت آهي. شري ڪرشن گيتا ۾ جنڪ کي ڪرم يوگيءَ جو درشٽانت ڪري ورنن ڪيو آهي. جنڪ سيتا جي پتا ٿيڻ جي يوگيه هو. سيتا رام جي، اِستري ٿيڻ واري هئي. رام هن پرٿويءَ تي وشنوءَ جو اوتار ٿي آيو هو.

جنڪ کي يگيه ڪرڻ جي اِڇا هئي. يگيه لاءِ جيڪو آستان چونڊيو ويو هو، اُتي جنڪ پنهنجي هٿن سان هر هلايو.

جئن زمين کي صاف ۽ لسو ڪيو ٿي ويو، تئن جنڪ ڪانڊيرن ٻوٽن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي ٻالڪي ڏٺي. اُنهيءَ ٻالڪيءَ ۾ ايشوري سندرتا چمڪي رهي هئي. جنڪ کي پنهنجو ٻار هوئي ڪونه. اُنهيءَ ڪري هن ٻالڪيءَ کي ڌرتي ماتا جو ڏنل پرساد ڪري ڄاتو. ٻالڪيءَ کي هنج ۾ کڻي هوُ پنهنجيءَ پياريءَ اِستريءَ وٽ ويو. چيائين، ”اِجهو هيءُ آهي اسان جو ڌن. مون هيءُ ٻار يگيه ڀوميءَ مان لڌو آهي. اسان هن کي پنهنجو ڪري پاليندا سين.“ جنڪ جي ڌرم پتنيءَ اِها ڳالهه پرسنتا سان سويڪار ڪئي.

هنن اَکين کي شڪتي ڪانه آهي جو پرٿوي ديويءَ جي سموري سندرتا ڏسي سگهن. اَلبت اسان اُن سندرتا جي ڪجهه جهلڪ اُنهيءَ وقت ڏسندا آهيون، جڏهن ايشور جا ٿورا مڃيندي، اسين بهار جي موسم ۾ پني (زمرد) جهڙيءَ ساوڪ جو درشن ڪندا آهيون، يا بسنت يا سرءَ رتوءَ ۾ پڪل فصل جي سونهريءَ رنگ جي جهانڪي ڪندا آهيون، يا ڀاڙن ۾ ماٿرين، ندين

پرتگيا پوري ڪئي آهي. مان اوهانجي دليريءَ ۽ ڌيرج جي اُستتي ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان. اوهانجي ڪري أي هيءُ آشرم وري 'سد آشرم' بڻيو آهي؛ سڌلتا جو آستان ٿيو آهي."

ٻئي ڏينهن پراتهڪال جي پرارٿنا کانپوءِ، رام ۽ لڪشمڻ وشوامتر وٽ ويا ۽ هن کان وڌيڪ آگيا جي گهر ڪيائون.

رام جي جنم وٺڻ جو ڪارڻ وشوامتر کان لڪل ڪونہ هو. هن جيڪي شستر اُستر رام کي ڏنا هئا تنجي شڪتيءَ جي بہ هنکي پوري پوري ڄاڻ هئي. اُميد ۽ آشا ڪهڙي بہ ڪري من کي لپائيندڙ هجي، تہ بہ جڏهن انهن کي سچ پچ سد ٿيندو ڏسبو آهي تہ انوکو آنند ٿيندو آهي. وشوامتر کي اهڙي پرسنتا هئي، جنهنجو شبدن ۾ ورنن أي نٿو ڪري سگهجي. سندس منهن ٻهڪڻ لڳو. هنکي جيڪا رام لاءِ وڌيڪ شيوا ڪرڻي هئي، تنهنجو هو ويچار ڪرڻ لڳو. هنکي رام ۽ سيتا جو وواه ڪرائڻو هو.

اتي جيڪي رشي گڏ ٿيا وينا هئا، تن رام کي چيو، "اسين وديهہ راڄ ڏانهن وڃڻ وارا آهيون، انهيءَ راڄ جي راڄڌانيءَ مٿلاپوريءَ ۾ پرسد مهي ور، راڄ رشيءَ، جنڪ کي هڪ وڏو يڳہ ڪرڻو آهي.

"اسين سڀ اوڏانهن وڃي رهيا آهيون ۽ اِها چڱي ڳالهہ ٿيندي جيڪڏهن توهن پنهنجي پيارا سهت اسان سان گڏ هلندين. اِئين ٻوڌيہ آهي تہ اَيوڌيا جو راڄڪمار راڄا جنڪ جي درٻار ۾ هلي ڪري وچتر ڌنش ڏسي."

اِهو ٺرنئہ ٿيو تہ رام ۽ لڪشمڻ وشوامتر سان گڏجي جنڪپوري ڏانهن وڃن.

ادياءِ ٦

سيتا

مٿلا جو راڄا، جنڪ، هڪ آدرشي راڄا هو. هوُ دشرٿ جو

پيو. منجهائن ڪوبہ شرطن جي پوئواري نہ ڪري سگهيو.

سڌ آشرم جا رشي وشوامتر جي اڳوانيءَ هيٺ مٿلاپريءَ ڏانهن هلڻ لڳا. سندن سامان بيل گاڏين تي چڙهيل هئو. آشرم جا پسون ۽ پکي وشوامتر جي پٺيان هلڻ لڳا، پر هن ڪين نرميءَ سان اِشارو ڪيو تہ اتيئي ويهي رهو.

شام جي وقت هو سون نديءَ جي ڪناري تي پهتا. رات جو اُتي ئي آرام ڪيائون. وشوامتر رام ۽ لڪشمڻ کي انهيءَ آستان جو اِتهاس ٻڌايو. صبح جو اُتي ڪري هو وري پنڌ پيا. ٿوري وقت ۾ هنن هڪڙي ٻي ندي پار ڪئي. اها ندي گهڻو اونهي ڪانہ هئي. منجهند ڌاري هو گنگا جي ڪناري اچي سهڙيا.

هنن انهيءَ پوتر نديءَ ۾ سنان ڪيو. رشين پنهنجي پترن جي سدگتيءَ لاءِ پنڊ ترپڻ ڪيو. اتي اُنهن جهٽ پٽ ۾ هڪڙو ننڍڙو آشرم ٺاهي ورتو. پوڄا پاٺ ڪرڻ کان پوءِ پوڄن تيار ڪيو ويو. پرساد چکڻ کان پوءِ سڀ وشوامتر جي چوڌاري ويهي رهيا. راجڪمارن جي وينتي ٻڌي وشوامتر کين گنگا جي اُترڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي.

پربتن جي راجا هموان ۽ سندس ڌرمپتنيءَ منورما کي ٻہ ڌيئر هيون. انهن مان گنگا وڏي هئي. هموان ديوتائن جي وينتي ڪرڻ تي گنگا کي ديون جي ديس ڏانهن روانو ڪيو. گنگا اُنهن وٽ رهڻ لڳي. هماون جي ننڍي ڪنيا جو نالو اُما هو. شوَ مٿس موهت ٿيو ۽ ساڻس وهانوَ ڪيائين.

ڪنهن سمي راجا سگر اَيوڌيا ۾ راڄ ڪندو هو. گهڻي وقت تائين کيس پتر سنتان پئدا ڪانہ ٿي. هو پنهنجي ٻنهي اِسترين ڪيشنيءَ ۽ سمتيءَ کي ساڻ وٺي هماليہ ڏانهن هليو ويو. اُتي وڃي تپسيا ڪيائون. رشي ڀرڳو راجا تي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ کيس آشيرواد ڏيئي چيائين تہ ”توکي گهڻي ئي سنتان پئدا ٿيندي ۽ توکي اکنڊ جس پراپت ٿيندو. تنهنجي هڪڙي

۽ مهاساگرن جي ڇمڪ ۽ ڌمڪ ڏانهن پيتا ۽ پوڄا جي پاونا سان نهاريندا آهيون. اها سموري سندرتا سيتا ۾ سمايل هئي. ڪمين جي ڪلپنا ۾ ته سيتا جي سوڀيا خود لڪشميءَ جي اُنهيءَ سندرتا کي به مات ڪري ڇڏيو، جنهن وقت ڪيرساگر کي منٿن ڪيو ويو هو ۽ لڪشمي اَمرت هٿ ۾ کڻي پرگهٽ ٿي هئي. هن ٻالڪيءَ کي، هن ايشوري سوڀيا جي پتليءَ کي، جنڪ ۽ سندس پياريءَ اِستريءَ پاليو ۽ تاتيو.

جڏهن سيتا ساماڻي، تڏهن جنڪ کي اُهو خيال ڪري ڏک ٿيو ته هڪ ڏينهن پنهنجي پياريءَ پٽريءَ کان جدا ٿيڻو پوندو. هن ڏايو يتن ڪيو ته به گهڻي وقت تائين هو سيتا جي يوڳيه ڪوئي راجڪمار لهي ڪونه ٿي سگهيو. سيتا کي هٿ ڪرڻ لاءِ اَنيڪ راجائون مٿلاپريءَ ڏانهن ايندا رهيا، پر جنڪ جي درشٽيءَ ۾ ڪو به سيتا جي يوڳيه نه هو. راجا اُنهيءَ ڳالهه بابت گهڻوئي وقت چنتا ۽ ويچار ڪيو نيٺ هوُ هڪڙي نشچيه تي پهتو.

گهڻو سمو ٿيو هو جو مهاراجا جنڪ هڪ يڳه ڪيو هو. اُنهيءَ تي ورڻ ديوتا ڏايو پرسن ٿيو هو. اُنهيءَ ڪري ورڻ راجا کي رڊر جو ڌنش ۽ ٻه ترڪش پرساد طور ڏنا هئا. اُهو ڌنش اَڳوڻي زماني ۾ سرڳ ۾ هوندو هو. اُنهيءَ ڌنش کي رواجي آدمي چوري به نه سگهندو هو. راجا اُنهيءَ ڌنش کي هڪ قيمتي وصيعت سمجهي سانڍي رکيو هو. چاڪاڻ جو ڪو به رواجي آدمي سيتا جي ور ٿيڻ لائق نه ٿي ٿي سگهيو تنهن ڪري راجا هن پرڪار جي پڌرائي ڪئي، ”مان پنهنجي ڌيءُ سيتا جو وواهه اُنهيءَ راجڪمار سان ڪندس جيڪو شوَجيءَ جو ڌنش مٿي کڻي موڙي سگهندو ۽ اُن تي ڏوري چاڙهي سگهندو. ٻئي ڪنهن سان سندس سنبنڌ نه جوڙيندس.“

گهڻيئي راجڪمار جن سيتا جي سندرتا جي ساراهه ٻڌي هئي سي مٿلاپريءَ ڏانهن ويا، پر ڪين مايوس ٿي پٺتي موٽڻو

کي ڏپ ونندو هو ته متان سندن اوچ آستان کي ڌڪ نه لڳي، ۽ سندن وڏو درجو کسجي نه وڃي. انهيءَ ڪري هو يڪدم اُنهن يڳين ۾ وگهن وجهندا هئا. پر جيڪڏهن يڳه ڪندڙ سيني رڪاوٽن کي هٽائي يڳه پورو ڪندا هئا ته پوءِ ديوتائون سندن هوي يا آهوتي سويڪار ڪندا هئا، سندن پيشائون گرهڻ ڪندا هئا ۽ پوءِ يڳه ڪندڙ کي نيڪ اِنعام ملندو هو.

جڏهن راجا کي سڌ پيئي ته يڳه جو گهوڙو چورائجي ويو آهي، تڏهن سندس من ۾ وڏي آنڌ مانڌ پيدا ٿي. هن سمنتيءَ جي سٺ هزار پٽن کي پرٿويءَ جي هر دشا ڏانهن روانو ڪيو ته هو خوب محنت ڪري گهوڙي جو پتو ڪڍي، موٽي همٿ ڪري اچن.

هن کين اِها ڳالهه سمجهائي ته گهوڙي جي گم ٿيڻ ڪري نه رڳو يڳه ۾ رڪاوٽ پوندي، پر اُنهيءَ ڪري جن جو يڳه سان سنبنڌ آهي تن سڀني جي بدنامي ٿيندي ۽ کين پاپ لڳندو. اُنهيءَ ڪري جتي به گهوڙو لڪايو ويو هجي اُتان اُنهيءَ کي همٿ ڪري اچو.

سگر جا پٽ وڏي اُتساه سان گهوڙي کي ڳولهڻ لاءِ پرٿوي جي هر دشا ڏانهن ويا، پر ڪٿي به کين گهوڙي جو پتو نه لڳو. جئن ڪنهن پوريل خزاني واسطي زمين کوٽبي آهي، تهڙي طرح هو ڌرتيءَ کي کوٽڻ لڳا. چاڪاڻ جو هننکي گهوڙي لهڻ جي سخت چنتا هئي. تنهنڪري هنن نه ڪنهن راج مندر جو خيال ڪيو، نه ڪنهن شخصيت جي پرواه ڪئي. انهيءَ ڪري جن سان به هو مليا ٿي سي سڀ کين نفرت جي نظر سان ڏسڻ لڳا. گهوڙو لڌو ئي ڪونه. جڏهن هنن راجا کي پنهنجي ناڪامياٻيءَ جي اچي سڌ ڏني، تڏهن هن کين آگيا ڪئي ته پاتال ڏانهن وڃي اُتي گهوڙي جي ڳولها ڪريو.

چوڪر پاتال ڏانهن ويا. ڳولهيندي اُتي اچي نڪتا جت مني ڪپل، جو به وشنوءَ جو اوتار آهي، سو ڌيان لڳايو ويٺو

زال کي رڳو هڪ پٽ ڄمندو ۽ اُنهيءَ جي ڏاوران تنهنجي پيڙهي قائم رهندي. تنهنجي ٻيءَ زال کي سٺ هزار پٽ ڄمندا ۽ انهنجي ٻانهن ۾ وڏو ٻل رهندو."

سگر جي زالن رشيءَ جي اڳيان سر جهڪايو ۽ کانئس پڇيائون ته هڪ پٽ ڪنهن کي ڄمندو ۽ سٺ هزار ڪنهن کي؟ انهيءَ تي رشيءَ پرڳوءَ ڪين چيو ته توهانجي ڪهڙي اِڇا آهي؟

ڪيشنيءَ چيو ته جنهن هڪڙي پٽ ڏاوران اسانجي ونش قائم رهندي تنهنکي ڄائي ڪري مان پرسن ٿينديس. سمتيءَ وري سٺ هزار پٽن جي گهر ڪئي. رشيءَ پرسن ٿي چيو ته اِئين ئي ٿيندو.

رشيءَ جي آشيرواد تي پرسن ٿي، راجا ۽ سندس اِسترين کانئس ايوڌيا ڏانهن موٽي وڃڻ جي موڪل گهري. سمو پائي ڪيشنيءَ کي اَسمنجس پٽ پئدا ٿيو. سمتيءَ جي گرڀ مان وري هڪڙو جلد پرنڊڙ مانس جو ٽڪرو نڪتو ۽ اُنهيءَ مانس جي ٽڪري منجهان سٺ هزار ٻار نهي پيا. انهن ٻارن جي سنڀالڻ کي سنڀالڻ لاءِ دايون مقرر ڪيون ويئون.

ورهيه گذرندا ويا. اُهي سٺ هزار ٻار جلد سندر ۽ سهڻا راجڪمار ٿي پيا. اَسمنجس وري هڪ اتياچاري ڇوڪرو ٿي پيو. هنجو شغل هو ننڍن ٻارن کي نديءَ ۾ اُڇلائڻ. جڏهن اُهي ٻار ڦٽ ڦٽ ڪندا ۽ مرندا هئا تڏهن هو خوشيءَ ۾ پرجي ڪانڪرو هو.

لوڪ هن ڇوڪري کي ڌڪارڻ لڳا ۽ کيس ديش نيڪالي ڏنائون. اَسمنجس جو پٽ اَمسمان پيءُ جي بلڪل اُبتڙ هو. هو ڄهڙو هو ڌرماتما، تهڙوئي هو بانڪو بهادر. هيءُ راجڪمار ٻه هڪ ئي هو.

مهاراجا سگر وڏو اَشوميڌ يگيه ڪرڻ شروع ڪيو. هن راجڪمار اَمسمان کي يگيه جي گهوڙي جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو. پوءِ جو اِندر سو راڪشس جو روپ ڌارڻ ڪري اهو گهوڙو ڪاهي ويو. جڏهن منش يگيه ڪندا هئا تڏهن ديوتائن

اسمان راجڪمارن جو سنڌو وٺي اُنهن جي پٺيان ويو. نيٺ وڃي پاتال ديش ۾ پهتو. اُتي ڏٺائين ته زبردست هاٿي چئن ڪنڊن تي پهرو ڏيئي رهيا آهن. هن هاٿين کي نمسڪار ڪئي. هنن دشائن جي رکپال هاٿين همٿائيندڙ وچن بوليا ۽ چيائونس، ”تنهنجو ڪارج سڌ ٿيندو.“

وقت سر اسمان پاتال ديش ۾ گهڙي، چوڌاري چڪر لڳايو. ڏٺائين ته گهوڙو مزي سان پيو ٿو چري. هيءُ حال ڏسي کيس خوشي ٿي. پر جڏهن ڏٺائين ته چوڌاري زمين تي رک جون ڍيريون پيئون آهن، تڏهن هو مونجهاري ۾ اچي ويو. پريشان ٿي سوچڻ لڳو ته ڇا، منهنجا پائر هئن هت رک جون ڍيريون ٿي پيا آهن؟

سگر جي ٻيءَ ڌرم پتنيءَ سمتيءَ جو ڀاءُ هو پکين جو راجا، گرڙ. اِتفاق سان اُهو اُتي موجود هو. هن اسمان کي چيو، ”سگر جي سٺ هزار پٽن جي اِها رک ئي وڃي بچي آهي. مني ڪپل جي ڪروڌ ڀريل نظر سان سگر جا سڀ پٽ جلي ڀسم ٿي ويا آهن. پيارا پٽ! تون گهوڙو ڪاهي وڃ ۽ يگ پورو ڪر. راجڪمارن جي آتما کي شانتي ملي، اُنهيءَ لاءِ هن رک کي رواج موجب پاڻي ڏيڻ گهرجي. انهيءَ ڪري گنگا کي ديوتائن جي لوڪ مان لاهي هن مرت لوڪ ۾ آڻڻ گهرجي.

اُسمان گهوڙي کي ساڻ ڪري ڊوڙندو گهر موٽيو ۽ اچي راجا کي سموري وارتا ٻڌايائين.

پنهنجي پٽن جو حال ٻڌي راجا ڏک ۾ ٻڏي ويو. گهوڙو واپس آيو، اُنهيءَ ڪري راجا يگ پورو ڪيو. پر پٽن جي وڇوڙي ڪري ۽ اِئين سمجهي ته گنگا جو مرت لوڪ ۾ اچڻ اسنڀو آهي، راجا اُداس ٿي مري ويو.

رامايڻ جي ڪٿا اُنوسار راجا سگر ٽيهه هزار ورهيه جيئندو رهيو. ٽيهه هزار ۽ سٺ هزار جي اُنگن کي ڏسي ڪري اسانکي

هو. ويجهوئي هڪ آشرم هو. اُنهيءَ آشرم جي هڪ ڪنڊ ۾ اُهو گهوڙو پئي چريو.

راجڪمارن جو ڏنو ته گهوڙو منيءَ جي ڀرسان ئي بيٺو آهي سو اُبهرائي ڪري لائين سمجهيائون ته اسان نه رڳو گهوڙو لڌو آهي، پر گهوڙي جي چور کي به هٿ ڪيو آهي. سو وٺي ڪپل تي ڪاه ڪيائون ۽ چيائون، ”ڏسو هيءُ چور جو مڪر ڪري يوڳي بڻجي ويٺو آهي.“

جڏهن ڪپل جي تپسيا ۾ هن ريت وگهن وڌو ويو، تڏهن هن اکيون کوليون ۽ سٺ هزار راجڪمار ئي رک جي ڍيري ٿي پيا. سچ پچ گهوڙو چورايو هو اندر. هوُ چالاڪي ڪري گهوڙي کي اُتي ڇڏي ويو هو. سندس اُهوئي ارادو هو ته ڀل منيءَ جي ساڏن ۾ ڀنگ پوي ۽ مر هو راجڪمارن کي سراپ ڏي.

اڌياءُ ٧

ڀاڳيرٿ ۽ گنگا جي ڪٿا

راجڪمار جيڪي گهوڙو ڳولهڻ ويا هئا، تن جي راجا سگر واٽ ڏسي رهيو هو. گهڻوئي وقت لڳي ويو، پر راجڪمار موٽيا ئي ڪونه.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ راجا سگر پنهنجي پوٽي، اسمان کي سڏائي چيو، ”راجڪمار جيڪي پاتال ڏانهن ويا آهن، تن سان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي، اُنهيءَ جي ڄاڻڻ لاءِ مان ڏاڍو منتظر آهيان. تون بانڪو بهادر آهين. هٿيار پنوهار ڀري اوڏانهن وڃ ۽ جلد راجڪمارن جو سڌ سماءُ لهي سوڀ پائي هيڏانهن موٽي اچ.“

ڍ ۾ ٿيا پيا آهن. سندن آتمائون سرڳ پراپت ڪن، اُنهيءَ لاءِ سندن رک گنگا جل سان ڌوپڻ گهرجي. اُنهيءَ ڪري ڪرپا ڪري گنگا کي آگيا ڪريو ته هيٺ لهي اچي."

برهما وراڻيو، "ديوتائون تنهنجي تپسيا سان پرسن ٿيا آهن. تنهنجي منوڪامنا پوري ٿيندي. پر هڪ ڪنائي آهي. پرٿويءَ کي شڪتي ڪانه آهي جو هوءَ گنگا جي وهڪ جي زور کي سهي سگهي. شوجي ئي رڳو اهو زور سهي سگهندو. انهيءَ ڪري تون شوَ کي پرسن ڪرڻ لاءِ تپسيا ۽ پرارٿنا ڪر."

ڀاڳيرت وري تپ ڪرڻ آرنڀ ڪيو. اَن جل ونڻ کان سواءِ هو گهڻو وقت تپسيا ڪندو رهيو. نيٺ شوَ مهراج جي آسيسا پراپت ڪيائين. شوَجي پرگهٽ ٿيو ۽ ڀاڳيرت کي چيائين، "مان تنهنجي اِڇا پوري ڪندس. مان گنگاجيءَ کي پنهنجي سر تي ڌارڻ ڪندس. شل گنگا ميا جي توتي آشيرواد ٿئي."

جڏهن مهاديو ڀاڳيرت سان پرتگيا ڪئي، تڏهن برهما جي آگيا پائي گنگا هيٺ لهڻ لڳي. گنگا اَيمان وچان اِئين سمجهيو ته جڏن هو مهاديو جي سر تي ڪرندي، تڏن هوءَ کيس گهلي سڌو پاتال ۾ وڃي هڻندي.

هوڏانهن ٽن نيترن واري شوَجي مهراج اُهو نشچو ڪيو ته هو گنگاجيءَ کي چڱي سيکت ڏيندو. شوَ مهراج اهڙو نشچو ڪيو مس ته گنگا جي پاڻيءَ جو ٻوڏ آڻيندڙ وهڪرو سندس ڳتيلن جٽائن ۾ ٽڪي بيٺو، جڻڪ پاڻي هڪ مهان سروور ٿي پيو. گنگا ڏاڍا جتن ڪيا، پر شوَ مهراج جي وروڪڙ ڳتيلن وارن جي ڇڳن مان هڪ ڦڙو به ٻاهر نه نڪتو.

هن ريت گنگا کي ته سيکت ملي، پر ڀاڳيرت کي اهڙي نراسائي ٿي جو سندس هردو ڦاٽڻ لڳو. ڀاڳيرت ڏنو ته تپسيا ڪري شوَمهراج کي راضي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه آهي. هن اهڙيءَ ريت تپسيا ڪئي جو شوَمهراج کي

گهٻرائڻ نه گهرجي.* ڏهه هزارن جي معنيٰ تمام گهڻا ورهيه ٿي سگهي ٿي. اُنهيءَ جي معنيٰ رڳو ڏهه به ٿي سگهي ٿي. پاڻ چاهين ته پل اُنهن انگن کي جڏهن آهن تڏهن ڪري سمجهن.

سگر کان پوءِ اسمان اَيوڌيا جو راجا ٿيو. اسمان کان پوءِ وارو آيو دليپ جو. دليپ جو وارث هو ڀاڳيرٿ. اسمان ۽ دليپ جيتوڻيڪ هر ريت سکي ۽ سمپن هئا، ته به اهو ڏک سندن دل ۾ رهجي ويو ته هو پنهنجي پٽرن جي موک لاءِ گنگا کي پاتال ڏانهن آڻڻ ۾ اسمرٿ رهيا.

ڀاڳيرٿ هڪ وير راجا هو. کيس سنتان ڪانه هئي. سنتان جي اِڇا رکندي ۽ اُها آشا رکندي ته هو گنگا کي ديولوڪ مان لاهي ايندو، هو پنهنجو راڄ منترين کي سونپي تپسيا ڪرڻ لاءِ گوڪرڻ ڏانهن روانو ٿيو.

ڀاڳيرٿ گهور تپسيا ڪئي. چئني طرفن کان آگ جلائي رکيائين. مٿان کان سج ٿي چمڪيس. مهني ۾ رڳو هڪ ويلو کائيندو هو. اهڙيءَ ريت هو تپ ڪندو رهيو. ڀاڳيرٿ جي نالي ونڻ سان ڪنهن به پلي ڪم لاءِ پورڻ اورچائي جو روپ اچي سامهون ٿيندو آهي. ڀاڳيرٿ معنيٰ اَتڪ اورچائي.

برهما ڀاڳيرٿ جي تپسيا تي پرسن ٿيو ۽ کانئس پڇيائين، ”توکي ڇا گهرجي؟“

ڀاڳيرٿ برهماجيءَ جي اڳيان پنهنجون به آشائون پرگهٽ ڪيون. چيائينس، ”جيڪڏهن اوهانکي مون تي ديا اچي ٿي ته مونکي ور ڏيو ته مونکي پٽر سنتان ٿئي جنهن ڪري منهنجي وڏن جي ونش هلندي رهي. ٻي ڳالهه هيءَ آهي، جو منهنجا پٽر ڪپل منيءَ جي سراپ ڪري پاتال ۾ رک جو

* ويجهڙائيءَ ۾ هڪ اُتر پرديش جي پنڊت ورهيه جي معنيٰ ڏينهن ڪري ورتي آهي. ڏهه هزار ورهيه تيا ڏهه هزار ڏينهن يعني اٽڪل پياسي ورهيه.

پوتر گنگاجل سان ڀاڳيرٿ پنهنجي پِترن جو ڪريا ڪرم ڪيو ۽ کين سرڳ وڃڻ جو اڌڪار وٺي ڏنو.

ڀاڳيرٿ جي يتن ڪري جو گنگا مرت لوڪ ۾ آئي هُئي، انهيءَ ڪري کيس ڀاڳيرٿي ڪري به سڏيندا آهن.

هيءَ ڪٿا پوري ڪري، وشوامتر راجڪمارن کي آشيرواد ڏني. رشيءَ چيو، ”سورج لهڻ لڳو آهي. اچو ته سانجهيءَ جي سنڌيا انهيءَ پوتر نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪريون، جا اوهانجي پِتا مها سرڳ مان مرت لوڪ ۾ آندي هُئي.

جيڪي گنگا جي پوتر جل ۾ سنان ڪندا يا جيڪي شرڌا ڀڳتيءَ سان هيءَ ڪٿا ٻڌندا يا پڙهندا، تن جا پاپ ڪٽجي ويندا. کين پرڄا، شڪتي ۽ اڻ گهٽندڙ اُتساهه پراپت ٿيندو.

اڌياءُ ٨

اَهليا

وشال جي نگر ۾ هڪ ڏينهن رهڻ کانپوءِ وشوامتر ۽ سندس ساٿي مٿلا ڏانهن روانا ٿيا. رستي تي مٿلا جي ويجهو ئي کين هڪ سندر آشرم ڏسڻ ۾ آيو. آشرم هو سندر پر اُن ۾ ڪو به منش ڪونه هو. رام وشوامتر کان پڇيو، ”هي آشرم جنهن ۾ پراڻي ڪال جا برکش موجود آهن، سو ڪنهنجو آهي؟ هي سندر پون هُئن سڃو ٿيو ڇو پيو آهي؟“

وشوامتر وراڻيو، ”هن آشرم کي پاراتو لڳل آهي. هت رشي گوتم پنهنجي اِستريءَ اَهليا سميت رهندو هو. هو سکيو ستابو گذاريندو هو ۽ ڌيان ۾ لڳو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن جڏهن رشي آشرم ۾ ڪونه هو، تڏهن اِندر اَهليا جي سوڀيا تي موهت ٿي، اَپوتر ڀاونا سان گوتم جو روپ ڌاري آشرم ۾ آيو. هن ديويءَ کي تڪڙي ڇڪ ڪئي. اَهليا اِندر جي

مٿس ڪهل آئي ۽ هن گنگا جي جل کي ڌيري بندو-سرور ۾ اڇڻ ڏنو. اُتان وري پاڻي ستن ندين نهرن ۾ وهڻ لڳو.

ٽي نهرون پورب ڏانهن وهڻ لڳيون ۽ ٽي پڇم ڏانهن. ستين نهر ڀاڳيرٿ جي ڪڍ هلي. ڀاڳيرٿ ڏنو ته هاڻي جلد سندس پٽرن جي مڪتي ٿيندي؛ اِنهيءَ ڪري هوُ ڏاڍو گد گد ٿيو.

ڀاڳيرٿ جي سواري رَٿ جي پٺيان گنگا ندي هلندي رهي. جٿن ندي پنهنجو رستو ٺاهيندي هلي، تٿن جل جون لهرون ناچ ڪنديون، ڪنوڻ جيان چمڪاٽ ڪرڻ لڳيون. هن شاندار نظاري کي ڏسڻ لاءِ ديو ۽ گندرو آڪاش ۾ اچي گڏ ٿيا. ڪڏهن ماٺي، ڪڏهن تکي، ڪڏهن گسڪندي، ڪڏهن ٽپ ڏيندي، ندي ڀاڳيرٿ جي رٿ پٺيان ناچ ڪندي ٿي هلي. سرڳ جي لوڪن ساري وات اهو درشيہ ڏسي خوشيون ٿي منايون.

گنگا جي وهڪري ڪري جهنوءَ نالي رشيءَ جي يگہ ويديءَ کي جوکم رسيو. رشيءَ کي ڪاوڙ لڳي، سو سمورو پاڻي پنهنجي ترِيءَ ۾ جهلي، ڳيت ڪري پي ويو. وري گنگا اَلوپ ٿي ويئي ۽ ڀاڳيرٿ منجهي لولا لولا ٿي پيو.

ديو ۽ ٻيا رشي جهنوُ کي آزي نيزاري ڪرڻ لڳا. ڪيس چيائون ته ڪرپا ڪري گنگا جو گناهه بخشيو ۽ ڀاڳيرٿ کي سندس گهور تپسيا ۽ اورچائيءَ جو ڦل ماڻڻ ڏيو. هنن جي ٻاڏائڻ تي رشيءَ جي دل پڄي پيئي، سو گنگا کي پنهنجي سڄي ڪَن مان نڪرڻ ڏنائين. ديوتائون پرسن ٿيا ۽ گنگا کي هن ريت آسيس ڏنائون، ”تون رشيءَ جي شرير مان اِئين نڪتي آهين، جئن ٻالڪ ماتا جي گرڀ مان نڪرندو آهي، اُنهيءَ ڪري اڄ کان وٺي تنهن جو نالو جاهنوي يعني جهنوءُ جي پٽري آهي.“

هن ڪانپوءِ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ پيدا ٿي، ڪابہ درگهٽنا ڪانہ ڏسڻ ۾ آئي، سمندر جي رستي گنگا پاتال ۾ پهتي.

ڪجاڻ. پوءِ پنهنجو وڇايل پيچ ٽون وري پراپت ڪندين ۽ تنهنجي سوڀيا وري توکي موٽي ملندي.

"رشي پوءِ هن پرشٽ ٿيل آشرم مان هماليه ڏانهن تپسيا ڪرڻ لاءِ هليو ويو."

ڪٿا پوري ڪري، وشوامتر رام کي چيو ته "اچ ته آشرم ۾ هلون. تون اهليا جا بند خلاص ڪري ڪيس مڪتي ڏيندين ۽ وري سندس آتما جي جوتي جڳائيندين. اهڙيءَ ريت رشيءَ جو پرڻ پورو ٿيندو."

هنن آشرم ۾ پرويش ڪيو. رام اچا آشرم ۾ پير ڌريو ئي مس، ته پاراتو پورو ٿي ويو ۽ اهليا پنهنجي سندر سروپ ۾ ڪڙي ٿي بيٺي. اهليا پتني ورت پالڻ لاءِ ورهين جا ورهيه، پنن ۽ ولين جي هيٺان لڪي پيئي هئي. ڪويءَ جي وچنن انوسار، رام جي موجودگيءَ ۾ اهليا اهڙيءَ ريت چمڪڻ لڳي، ڄڻ بادلن سان ڍڪيل چندرما پنهنجا بند خلاص ڪري نڪري نروار ٿيندو آهي، ڄڻ آگ جي جوالا دونهين جي پڙدي کي چيريندي مٿي چڙهندي آهي، ۽ ڄڻ نچندڙ پاڻيءَ جي لهرن ۾ سج جو پاڇو چمڪاٽ ڇڏيندو آهي.

رشيءَ جي پتني تپسيا ڪري شڌ پوتر ٿي پيئي هئي. رام ۽ لڪشمڻ سندس چرن وندنا ڪئي. هن وري هنن اوتاري راجڪمارن جو دستوري سڳنن سائن سان آدرستڪار ڪيو. ڄڻ ئي اهليا پاپ جي پرڀاو مان ڇوٽڪارو پائي، ديويءَ جيان چمڪڻ لڳي تئن ئي سرڳ مان گلن ڦلن جي ورکا ٿيڻ لڳي. ساڳي سمي رشي گوتم، آشرم ۾ موٽي آيو ۽ وري پنهنجي پڇتاءُ ڪندڙ شڌ ٿيل پتنيءَ کي پنهنجي پريم جو پاتر بنايائين.

والميڪيءَ اهليا جي ڪهاڻي اِنهيءَ ريت ورنن ڪئي آهي. ٻين پراڻن ۽ لوڪ ڪٿائن ۾ ساڳي وارتا ٿوري گهڻي ڦير ڦار سان ملي ٿي. اسانکي اهڙا ننڍڙا فرق ويچار ۾ نه آڻڻ گهرجن.

ويس بدلائڻ ڪري نڪجي ڪانه ويئي. پر اَهليا کي پنهنجي سونهن تي اَيمان هو. وري ڪيس اُنهيءَ وڏائيءَ ڪنيو ته سندس سوپيا جي ڪري ديوتائن جو راجا به مٿس موهت ٿيو آهي. اِنهيءَ ڪري سندس بڌي پرشٽ ٿي ويئي ۽ اِندر جي ترشنا اڳيان جهڪي پيئي.

"جڏهن پاپ ڪرم پوروتي چڪو، تڏهن اَهليا جي اَک کلي. هن سهي ڪيو ته کهڙو نه پرشٽ ڪم هن ڪيو آهي. جنهن پتيءَ سان هن دوهه ڪيو هو، تنهنجي اگر آتمڪ شڪتيءَ جو به کيس سمرڻ ٿيو. هن اِندر کي ايندڙ کشٽ جو چتاءُ ڪيو ۽ هنکي وينتي ڪيائين ته يڪدم عدم پئدا ٿي وڃ.

"اِندر پنهنجي پاپ ڪرم ڪري تڪڙو تڪڙو پچندو ٿي ويو. اُنهيءَ سمي رشي به اِشنان پاڻي ڪري موٽيو ٿي. سو اِندر وڃي رشيءَ سان ذري گهٽ ٽڪريو. آلا هٿا رشيءَ جا وستر، سندس مک مان آتمڪ شڪتي چمڪا ڏيئي ٿي نڪتي. رشي هو جاڻي جاڻڻ هار، سو بهاني بازي ڪرڻ بلڪل وئرٿ هئي. اِندر گرگرائيندي رشيءَ جي قدمن ۾ ڪري پيو ۽ معافي مگڻ لڳو. رشيءَ ڪروڌ ۽ تڪار پرين اَکين سان ڏانهنس نهاريندي کيس هن ريت پاراتو ڏنو:

'چاڪاڻ جو تون ڪامي ڪتو آهين، توکي ست ۽ ڌرم جي خبر ئي ڪونه آهي، شل تنهنجي مردي توکي ڇڏي وڃي.'

"اِندر هڪدم نپو سنڪ ٿي پيو ۽ لڄ مان وڃائي، بيشرمو ٿي ديوتائن وٽ موٽي آيو.

"رشيءَ پوءِ پنهنجيءَ پليل ڌرم پتنيءَ ڏانهن رخ ڪيو ۽ کيس تمام ڏکي پرائشچت ڪرڻ جي آگيا ڪئي. چيائينس، 'هت پون آهاري ٿي رهه. ڪنهن کي به منهن نه ڏيکار. گهڻي سمي گذرڻ کان پوءِ دشرٿ جو پٽ هتان لانگهائو ٿيندو. جڏهن هوُ هن آشرم ۾ پنهنجا چرڻ گهمائيندو، تڏهن تون سراپ جي اَثر کان آجي ٿيندينءَ. هن جي اتٿيءَ جي روُپ ۾ آجيان

لوڪن لاءِ ٻيو مارگ ڪونهِ آهي. سيتني کي ساڳين ماپن سان ماپيو ويندو هو.

ديوتائون گهڻو ڪري ڌرم جي رنگ ۾ رتل رهندا هئا. انهيءَ ڪري سندن توري ڀل بہ اسان کي وڏي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جئين اڇيءَ چادر تي ننڍڙا ننڍڙا ڪارا داغ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اِئين سمجهيو ويو آهي تہ راڪشس تہ ڪڪرم ڪندا ئي آهن. اُنهيءَ ڪري سندن ڪڌن ڪرتوتن ڏانهن اسان جو ڌيان ويندو ئي ڪونهِ آهي. اُهي ڪرتوت اِئين آهن، جئين ڪاريءَ چادر تي ڪارا داغ.

سچار لوڪ جڏهن ڪا ڀل ڪندا آهن، تڏهن پاڻ اسانجي من ۾ اُنهن لاءِ پنهنجو پاڻ سهانپوتي اُتپن ٿيڻ گهرجي. سنسار جو دستور اهو آهي تہ چڱن ماڻهن جي اِتفاقي ڀلن کي بہ اسين ڏاڍو سخت ننديندا آهيون ۽ برن لوڪن جي عادتي برائين کي چپ ڪري سهندا آهيون. پر اِئين ڪرڻ نيڪ نہ آهي.

پراڻن جي پڙهندي اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ديوتائون ڌرم جي رستي تي هلندي ڏبڌيا ۾ پئجي ويندا آهن، ۽ ڪين پڇتوئي ڪونهِ پوندو آهي تہ ڪهڙي واٽ وٺون. ڪٿائن ۾ ڪيترائي دفعا اِندرَ ٻيا ديوتائون اُگر پاپ ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جن رشين پراڻ لکيا آهن، تن پاڻ کي اهڙين ڪٿائين ۾ ڇو اَڙايو آهي؟ سندن مراد اِها هئي تہ لوڪن کي اَڌرم جي خطرن کان آگاهہ ڪريون. بيءَ حالت ۾ هوند رشي پنهنجن سورمن تي ڄاڻي ٻجهي اهڙا ليڙ لائي، پنهنجي لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪونہ ڪن ها.

پراڻن ۾ جن گهٽنائن جو ورنن ٿيل آهي، تن جي اُلٽي اَرٿ ڪرڻ ۾ ڪن لوڪن کي مزو ايندو آهي. هو هن ريت چوندا آهن: "راوڻ ڏاڍو سٺو راجا هو. والميڪيءَ ناحق هن تي اِلزام مڙهيا آهن." اُنهيءَ کان سواءِ هو هن پرڪار جا پرشن بہ ڪندا آهن: "ڇا، رام ڪنهن وقت اَنياءَ جو وهنوار ڪونہ ڪيو آهي؟ ڇا، سيتا ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو آهي؟" ۽ اهڙي ريت.

هاڻي هن جڳهه جا لوڪ جيڪي رامائڻ، مهاڀارت ۽ ٻيا پراڻ پڙهن ٿا، تن کي هڪ اڌ لفظ چوڻو آهي. هنن گرنٿن ۾ ديوتائن ۽ راڪشسن جون وارتائون اچن ٿيون. راڪشس پاپي هوندا هئا. ڪين ڌرم لاءِ پريم ڪونه هو. هو خوب پاپ ڪرم ڪندا ۽ موجون ماڻيندا هئا. اَسر پڻ راڪشسن جيان هئا. اُنهن راڪشسن ۾ ٿورا گهڻا بڌيمان ۽ ڌرماتما لوڪ پڻ هئا. پوتر ۾ پوتر جاتين ۾ به دشٽ پيدا ٿيندا آهن. ساڳيءَ ريت پتت ۾ پتت جاتين ۾ به ڌرماتمائون پيدا ٿيندا آهن. چوڻي آهي، 'وڏين پيڙهن سچا، ۽ سچن پيڙهن وڏيا.' لٺي پٺي ائين ڪري چئجي ته راڪس ۽ اَسر ٻئي هئا، جن کي پاپ ڪرم ۾ آنند ايندو هو. اِها اَرمان جي ڳالهه آهي جو ڪي آدمي اَگيان وچان ائين سمجهندا آهن ته راڪشس ۽ اَسر ڀارت ۾ وسندڙ ڪن خاص پراچين جاتين جا لوڪ هئا. اهڙي ڌارڻا بنهه غلط آهي. ڪوبه ساهتيه يا اِتهاس جو گرنٿ انهيءَ ڌارڻا جو سمرٿن نٿو ڪري، نڪي ئي ڏند ڪٿائن مان اهڙو اَنومان ڪڍي ٿو سگهجي.

وديشين جو اهو اَنومان ته راڪشس دراوڙ جاتيءَ جا لوڪ هئا سراسر اَڻپورو آهي. تامل ساهتيه، يا ڪنهن ٻئي ساهتيه ۾ اُنهيءَ جو پرمان ڪونه ٿو ملي. تامل لوڪ راڪشسن ۽ اَسرن جو اولاد ڪونه آهن.

ديوتائون ساڌارڻ ريت ڌرم جي رکيا ڪندڙ هئا ۽ هو راڪشسن کي دٻائڻ جي ڪاريه ۾ لڳا رهندا هئا. پراڻن اَنوسار، راڪشسن مان ڪن تپسيا دوارا وڏيون شڪتيون پراپت ڪيون هيون ۽ ديوتائون وري ڪڏهن راڪشسن سان مقابلو ڪندي پنهنجي ڌرم جي مارگ تان ترڪي ويندا هئا.

ديوتائون عام طرح سٺا لوڪ هوندا هئا؛ منجهائن جيڪي ڌرم جي واٽ ڇڏيندا هئا، تن کي اهڙيءَ ڪڌائيءَ جو ڏنڊ ڀوڳڻو پوندو هو. ديوتائن لاءِ جدا نيم ڪونه هئا؛ ڪرم جو سڌانت سڀني سان هڪجهڙو لاڳو آهي. ديوتائن لاءِ هڪ ۽ ساڌارڻ

۽ برھمڻ جداجدا ڏيساورن تان متلاپوريءَ ۾ پھچي چڪا ھئا. وشوامتر ۽ راجڪمارن جي پليءَ پٺ آجيان ڪئي ويئي. پھريائين جنڪ جي گوروءَ سدانند، وشوامتر کي نمسڪار ڪئي. پوءِ جنڪ ھن جو آدرستڪار ڪيو.

راجن رشيءَ کي چيو، ”سچ پچ منھنجو سڀاڳ آھي جو اوھان منھنجي يگيہ ۾ پڌاريا آھيو.“

رام ۽ لڪشمڻ ڏي اِشارو ڪري، راجا وشوامتر کان پڇيو تہ ”ھيءُ ديوتائن جھڙا ٻہ جوان ساڳئي مھانڊي وارا ڪير آھن؟ ھنن جوانن جيڪي آزمايل جوڌن جيان، ٻي ڌڀا ۽ اوچي ڳاٽ پنھنجا ھٿيار سنڀالي رھيا آھن تن ڪھڙي ڀاڳوان پتا جي گھر ۾ جنم ورتو آھي؟“

وشوامتر جنڪ کي ٻڌايو تہ ھو مھاراجا دشرٿ جا پتر آھن. وڌيڪ ھنکي ٻڌايائين تہ ڪھڙيءَ طرح سان ھنن جوانن راڪشسن کي ناس ڪري سندس يگيہ جي رکيا ڪئي ھئي. رشيءَ وڌيڪ ھيئن چيو، ”ھو ھتي اُنھيءَ لاءِ آيا آھن تہ اوھانجي محل جي اَندر رکيل رڌر جي مھان ڌنش جو درشن ڪري سگھن.“ جنڪ وشوامتر جي شبدن جو اَرٿ سمجھيو ۽ گد گد ٿيڻ لڳو.

راجا رشيءَ کي چيو، ”راجڪمار ڀلي ڌنش ڏسي. جيڪڏھن ھو ڌنش تي ڏوري چاڙھي سگھيو تہ پوءِ ھو منھنجي ڪنيا جو ھٿ گرھڻ ڪرڻ جي لائق ٿيندو. گھڻيئي راجڪمار ھيءُ ڌنش ڏسڻ آيا ۽ موٽي ويا. ھو ڌنش کي چوري بہ نہ سگھيا. جتي ٻيا ھيترا سارا ھار کائي موٽيا آھن، اُتي جيڪڏھن ھن راجڪمار کي سوڀ ملي تہ مونکي ڏاڍي پرسنتا ٿيندي. اُنھيءَ سوڀ جي ڪري ئي مان ڪيس سيتا جي ٻانھن ڏيئي سگھندس.“

پوءِ جنڪ پنھنجن ماڻھن کي آگيا ڪئي تہ ھو ڌنش ڪڍي اچن. سلامتيءَ ۽ پوترتا جي ويچار کان ڌنش ھڪ لوھي پيٽيءَ ۾ بند ڪيو ويو ھو. اُنکي اَٺن ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ تي اھڙيءَ طرح گھلي آيا جڻن ياترا سمي مندر جي رٿ کي ھلائيندا آھن.

والميڪي چاهي ها ته اهڙين گهٽنائن جو نالو ئي نه ڳنهي ها، جي ڌرمي ويچار کان ناشائستيون آهن. والميڪي ڪوي ٿي پهريون پهريون رام ۽ راوڻ جا چٽر اسان جي لاءِ چٽيا آهن. والميڪيءَ کان اڳ جو لکيل ڪو به گرنٿ موجود ڪونه آهي، جنهن دواران والميڪيءَ کي رد ڪد ڏيئي سگهجي يا جنهن جي وسيلي اِئين چئي سگهجي ته والميڪيءَ رام، سيتا ۽ ديوتائن جو پکپات ڪيو آهي ۽ جنتا کي گمراهه ڪرڻ لاءِ حقيقتن کي مروڙيو سروڙيو آهي. رام جي ڪٿا جو مول استان والميڪيءَ جو راماڻ آهي. اُنهيءَ ۾ اهڙن ڪارنامن جو به ورنن آهي جيڪي اُچاتري ريت ڏسبا ته پڌري پٽ خراب ڏسڻ ۾ ايندا.

اُنهن اوستائن جو ڏيرج سان ويچار ڪبو، ته اِئين معلوم ٿيندو ته اسان کي روز مره جي جيون ۾ جيڪي مشڪلاتون اچن ٿيون، تن جو پڻ اُنهن ۾ پورو چٽر چٽيل آهي. اُنهن جي اندر جنهن نئتڪ پريکشا جو ورنن آهي تنهن مان اسان کي پورو پورو لاڀ وٺڻ کپي. اَهليا جي ڪٿا جي اِها سکيا آهي ته منش ڪري ڪهڙو به اُگرو پاپ ڪري ته به هو آشا رکي سگهي ٿو ته اُنهيءَ ڪرم جي نتيجن کان هوُ پشچاتاپ ۽ پرائشچت دواران آجو ٿي سگهندو. ٻين جي پاپن کي نندڻ جي بدران اسان کي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ کپي ۽ پنهنجي من مان سڀ برا ويچار ڪڍي اُن کي پوتر بڻائڻ کپي. اسان مان شريشٽ ۾ شريشٽ منش کي پاپ کان بچڻ لاءِ سدائين سجاڳ هئڻ گهرجي. اَهليا جي پُل جي اِهائي سکيا آهي.

اُڌياءُ ٩

سيتا هٿ ڪرڻ ۾ رام جي سڦلتا

راجا جي يگيه جو سمورو پربنڌ ٿي چڪو هو ۽ اَنيڪ رشي

لاءِ پنهنجي سويڪرتي ڏيو. راجا جنڪ جي پڻ اها اِڇا آهي ته توهان اُتي پڌارجي، هن شڀ ۽ آنندمي اوسر تي هلي، سڀني کي آشيرواد ڏيو. ڪرپا ڪري پنهنجن سيوڪن سيوڪائن سميت مٿلا نگريءَ ڏانهن هلڻ لاءِ تياري ڪريو.”

جيتوڻيڪ دشرٿ کي وشوامتر پوري پوري تسلي ڏني هئي ته به رام کي موڪل ڏيندي، هن جي من ۾ سخت آنند مانڊ هئي. جڏهن ڪيس هن پرڪار جو شڀ سماچار مليو تڏهن هن جو من آنند سان پرپور ٿي ويو. هن پنهنجي منترين کي آگيا ڪئي ته ياترا لاءِ تياري ڪريو. ٻئي ڏينهن تي هو جنڪ جي راجڌانيءَ ڏانهن روانا ٿيا.

دشرٿ ۽ سندس ساٿي مٿلا ۾ پهتا ۽ سندن وڏي اُتساه سان آجيان ڪئي ويئي. جڏهن آدرسڪار جون سڀ رسمون پوريون ٿي چڪيون، تڏهن جنڪ دشرٿ ڏانهن منهن ورائي چيو، ”منهن جو يگه جلد سماپت ٿيندو. منهن جو وچار آهي ته جيئن ئي يگه پورو ٿئي تيئن ئي وواه جو پربند ڪجي. اُنهيءَ لاءِ اوهين پنهنجي آگيا ڏيو.” دشرٿ وراڻيو، ”اوهان ڪنوار جا پتا آهيو ۽ اُهو اوهان جو ئي اَڌڪار آهي ته جيئن اوهان کي وڻي تيئن آگيا ڪريو ۽ پربند ڪريو.”

جڏهن ڪنيادان جي مهورت جو ڏينهن ۽ گهڙي آئي، تڏهن جنڪ رام کي هن ريت چيو، ”هيءَ آهي منهنجي ڪنيا سيتا، جا سدائين توسان گڏ ڌرم جي مارگ تي هلندي رهندي. سندس هٿ تون گرهڻ ڪر. هوءَ تنهن جي آگيا ۽ شيوا ۾ رهي سوڀاڳيه کي پراپت ڪندي. هوءَ سدا توسان گڏ اِئين هلندي رهندي، جئين ڪنهن پرش جو پاڇو هن سان هلندو آهي.

”اِيَمْ سِيتا مَمَ سُتا سَهَ دَرمَ چري تَوَ
پْرَتيِڇا چَئينا ڀَدْرَمْ تي پاڻِم گرِهڻيشوَ پاڻِينا
پَتِ وْرَتا مَها ڀاگا ڇا ييوا نُگَتا سَدا

جنڪ چيو، ”اِجهو هيءُ آهي رُدر ديوتا جو ڌنش. مان
اُنهيءَ جي پوڄا ڪندو آهيان ۽ منهنجا وڏا به اُنهيءَ جي
پوڄا ڪندا هئا. ڀلي رام هيءُ ڌنش ڏسي.“

مهرشي وشوامتر ۽ مهاراجا جنڪ ڪان آڳيا وٺي، رام
ڌنش واري لوهي پيٽيءَ جي ويجهو آيو. اُنهيءَ سڀني سڀ
لوڪ رام جي طرف آسائتين اکين سان نهاري رهيا هئا. پيٽي
کولي رام بنا ڪنهن تڪليف جي ڌنش کي اهڙيءَ ريت
مٿي کنيو جهڙيءَ ريت ڪو گلن جي هار کي کڻندو آهي.
هن ڌنش جي هڪڙي پڇاڙي پنهنجي پير جي آڱوٺي وٽ
ٽڪائي، ڌنش کي موڙي اُن تي ڏوري چاڙهي. تنهن کانپوءِ
هن ڏوريءَ کي ايتري زور سان ڇڪيو جو اهو زبردست
ڌنش بجليءَ جي ڪڙڪات جيان ٽڪاءُ ڏيئي ڀڄي پيو! اُتي
سڀ لوڪ مان گلن جي ورکا ٿي.

جنڪ وڏي آواز چيو، ”منهنجي پياريءَ ڪنيا جو هن
راجڪمار سان وواهه ٿيندو.“

وشوامتر جنڪ کي چيو، ”پنهنجا تکي ۾ تکا دوت اَيوڌيا
ڏانهن موڪليو ته هو وڃي مهاراجا دشرٿ کي اها خوشخبري
ٻڌائين ۽ کيس هن طرف پڌارڻ لاءِ نينڊ ڏين.“

جنڪ جا قاصد ٽن ڏينهن جي اندر اَيوڌيا ۾ پهتا. جڏهن
هو دشرٿ سان ملڻ ويا تڏهن ڏٺائون ته دشرٿ اِندر جيان
پنهنجي سنگهاسن تي براجمان آهي. قاصدن راجا کي هيئن
چيو، ”مهرشي وشوامتر ۽ راجا جنڪ اوهان ڏانهن خوشخبري
موڪلي آهي. اَوهانجو پٽر جيڪو مٿلا ۾ آيو هو تنهن راجڪماري
سيتا کي هٿ ڪرڻ جا سمورا شرط پورا ڪري ھنکي پاتو
آهي. رُدر جي اُنهيءَ ڌنش تي، جنهنکي هنڪان اڳ ڪو چوري
به نه سگهيو هو، رام نه رڳو ڏوري چاڙهي، پر اُن سخت اُپي
پينل ڌنش کي اهڙيءَ طرح موڙيو جو اُهو ڀڄي پيو. راجا
جنڪ جي ڏاڍي چاهنا آهي ته اَوهان ڪرپا ڪري وواهه

ڪونہ آهي. رام جي ڏکن جي سمي ۾ ڪوي ڪو ورلي اسان
ي پرت جو درشن ڪرائي ٿو. مهاڀارت ۽ ٻين رواجي ناٽڪن
۽ اُپنياسن ۾ پاتر بار بار اسان جي سامهون اچن ٿا. پر رامايڻ
۾ قصو اُنهيءَ جي اُبتڙ آهي. سمالوچڪن کي والميڪيءَ جي
امايڻ جي هيءَ وشيش ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

دشرٿ پنهنجي سموريءَ جبج سوڌو ايوڌيا ڏانهن موٽي
آيو. رستي تي ڪيترا اُپسوڻ ڏسڻ ۾ آيا ۽ چنتا ۾ پرجي
شرٿ وشسٽ کان اُنهنجي سمجهاڻي گهري. رشيءَ چيو:
”پو ڪرڻ جي ڪا ڳالهہ ڪانہ آهي. جيتوڻيڪ هوا ۾ اُڏامندڙ
ڪي ايندڙ تڪليف جي آگاهي ڏيئي رهيا آهن، تہ بہ پرٿويءَ
ي هلندڙ پشو اهڙيءَ ريت هلي رهيا آهن جنهن مان اُنومان
ڪجي ٿو تہ سمورا ڪم راس ٿيندا.“

جڏهن دشرٿ ۽ وشسٽ هن پرڪار جي وارتالاپ ۾ رڌل
هئا، تڏهن هڪڙو وڏو طوفان لڳو. وڻ پاڙون پٽجي آيا. پرٿوي
ڪنبڻ لڳي. مٽيءَ جا بادل آسمان ڏانهن اُڏامڻ لڳا. انهن
سج کي ڍڪي ڇڏيو. چوڌس چوڌاري اُنڌڪار ٿي ويو.
هرهڪ کي ڀؤ وٺي ويو. جلدئي کين هن وچتر درگهٽنا جو
ڪارڻ معلوم ٿيو. پرشرام جنهن کتري ونش کي ناس ڪرڻ
جو سنڪلپ واريو هو سو پنهنجي ڀوائتي روپ ۾ اچي سندن
سامهون بيٺو. سندس هڪ ڪلهي تي ڌنش لٽڪيل هو،
۽ ٻئي ڪلهي تي پٽ جو ڪهاڙو رکيل هو. سندس هٿ
ر هو بجليءَ جيان چمڪندڙ هڪ ٻاڻ. ڀيانڪ هو سندس
روپ. سندس ڳتيل جٽائون سندس سر جي مٿين پاسي ٻڌل
هيون. اڄ پرشرام جو اهڙو روپ ڏسڻ ۾ ٿي آيو، جهڙو رُدر ڀڳوان
هڪ ويلي ڌارڻ ڪيو هو. جڏهن ترپور راڪشس کي ناس
ڪري هو خوشيون منائي رهيو هو، تڏهن سندس منهن مان آگ
جي اُلن جهڙا چمڪات نڪري رهيا هئا. رشي جمداگنيءَ جي
پتر کترين جي هردن ۾ ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو. هن سندن ڪئي

اُتر ڀارت ۾ جڏهن ته ڪنهن ڪنيا جو وواهه ٿيندو آهي تڏهن مٿيون شلوڪ جو پاٺ ڪندا آهن.

اهڙيءَ ريت جنڪ، سيتا رام جي هٿن ۾ سونپي. ڇا، هيءُ اَنادي پريمي جوڙي جو وري ميلاپ نه هو؟ جيڏيون وڇوڙي جا ستايل پريمي پاڻ ۾ ملي خوشي ڪندا آهن، تيئن رام ۽ سيتا به آنند ماڻڻ لڳا.

اڌياءُ ١٠

پرشرام جي هار

وشوامتر ڪي جن ٻن راجڪمارن جي ٻانهن اَيوڌيا ۾ سونپي ويئي هئي، سي هاڻي هن صحيح سلامت مٿلا پوريءَ ۾ دشرٿ کي موٽائي ڏنا. جڏهن وواهه جا سات سڳڻ پورا ٿيا، تڏهن وشوامتر ٻنهي راجائن کان موڪلائي هماليه پهاڙ ڏانهن روانو ٿيو. رام جي ڪٿا ۾ هن ڪانپوءِ وشوامتر ڪو به ڀاڱو نٿو وٺي.

رام ڪٿا جي مهان مندر جو بنياد وجهندڙ وشوامتر آهي. جڏهن رام جو مٿلا ۾ وواهه ٿئي ٿو تنهن کان پوءِ وري وشوامتر اسان کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته والميڪيءَ راماڻ جا ڪيترا پاتر جيڪي ڪنهن هڪ اڌياءَ جي اَندر مکيه ۾ مکيه ڀرو وٺن ٿا سي پوين اڌيائن مان ٻنهه الوپ ٿي وڃن ٿا. وشوامتر جنهن جو ٻال ڪانڊ جي مٿان ڇٽڪ راڄ آهي سو ٻال ڪانڊ کان پوءِ وري پرگهٽ نٿو ٿئي.

ساڳيءَ ريت ڪيڪئي ۽ ڱُگهه ريگو اَيوڌيا ڪانڊ جي اندر ئي مکيه ڀاڱو وٺن ٿا. ساڳي ڳالهه ڀرت جي بابت به چئي سگهجي ٿي. ڀرت چترڪوٽ ۾ رام سان ملي ٿو ۽ پوءِ وري سندن ميلاپ تڏهن ٿئي ٿو جڏهن رام اَيوڌيا ڏانهن موٽي اچي ٿو. اُنهن ٻن گهٽنائن جي وچ وارن اَڌيائن ۾ ڀرت جو نالو ئي

راجڪمار ڪي هاڃي رسائين؟ هن تنهنجو ڪو قصور ڪونه ڪيو آهي. هو اسانکي پراڻن ڪان به وڌيڪ پيارو آهي."

پرشرام دشرٿ ڏانهن نهاريو به ڪين. هنجي وارتا جو هن جي من تي ڪو به پرڀاوَ ڪونه پيو. هو رگهو رام سان ئي ڳالهائڻ لڳو. ٻيا لوڪ اُتي جڻڪ هئائي ڪونه. هن رام کي چيو: "شروع ۾ وشوڪرما ٻه ڌنش ٺاهيا هئا. اهي هر ريت هڪ ٻئي جهڙا هئا. انهن مان هڪ رڊر کي ڏنو ويو هو ۽ ٻيو وشنو کي. هيءُ اُهو ڌنش آهي جو وشنوءَ کي ڏنو ويو هو. جيڪڏهن تو هن وشنوءَ جي ڌنش تي ڏوري چاڙهي ته تنهنجي شڪتيءَ ۽ ڪلا جو ثبوت ملي پوندو. پوءِ مان توسان يڌ ڪري تنهنجي عزت ڪندس."

پرشرام آيمان ۽ هٺ وچان رڙ ڪري ڳالهايو. پر رام ڪيس د ريتا ۽ سيپيتا سان اُتر ڏنو. چيائين، "هي جمدگنيءَ جا پٽ! ڪنهن راجا تنهنجي پتا کي ڪنو هو، تنهن ڪري تنهنجي من ۾ وير جو واسو آهي. اُنهيءَ ڪري مان توکي ڏوه ڪونه ٿو ڏيان. پر جڏهن تو ٻين کي نيچو نوايو آهي، تڏهن تون مونکي جيتي ڪونه سگهندين. ڪرپا ڪري مونکي پنهنجو ڌنش ڏي."

ائين چئي هن پرشرام کان ڌنش ۽ ٻاڻ ورتو. هن ڌنش تي ڏوري چاڙهي، انهي ڪان ڪشي، ڏور کي ڇڪي، پرشرام ڏانهن منهن ڪري مشڪندي چيو، "هيءُ وشنوءَ وارو ٻاڻ جيڪو ڏوري سان ڪشيو ويو آهي، سو بنا ڪم ڪرڻ جي واپس ڪري نه سگهبو. اهو ڪنهن نه ڪنهن شيءِ کي ضرور ناس ڪندو. هاڻي ٻڌاءِ ته هنجي دوارا تنهن جي هلڻ چلڻ جي شڪتيءَ کي ناس ڪريان، يا تنهنجي تپسيا جي ڦل کي نابود ڪري ڇڏيان."

جڏهن دشرٿ جي پٽ وشنوءَ جي ڌنش تي ڏوري چاڙهي، تڏهن پرشرام جي منهن جي جوتي گم ٿي ويئي. سندس روپ ئي بدلجي ويو. هوُ هاڻي سوپ ڪندڙ يودو نه رهيو، هو هڪ

پيڙهيون ناس ڪيون هيون. جتي به هو ويندو هو اُتي طوفان ۽ ڀونڪنپ اچي اُٿي پهچي ويندا هئا. ڪترين کي پو وچان ڏڪڻي وٺي ويندي هئي.

دشرت جي سواريءَ ۾ جيڪي برهمڻ هئا، سي چوڻ لڳا: "پرشرام جي پتا کي ڪنهن راجا ڪُتو هو، اُنهيءَ ڪري هن پرڻ ڪيو هو ته هو ڪترين کي جڙ پٽان ناس ڪندو. اسانکي گهٽ ۾ گهٽ اِها آشا هئي ته جن اَنيڪ راجائن کي هن ڪُتو آهي، تنهن خون هنجي وير پريل ڪروڌ کي شانت ڪيو هوندو. ڇا هن وري پنهنجي اَتياچار جو سلسلو شروع ڪيو آهي؟" اُنهيءَ هوندي به برهمڻن کيس جل جو اَرگهه ڏيئي سندس آجيان ڪئي. آهوتي گرهڻ ڪرڻ کانپوءِ پرشرام رام ڏانهن منهن ورائي، کيس هن ريت چيو: "دشرت پٽ، مون تنهنجي ٻل جي ڪٿا ٻڌي آهي. اُها ڳالهه ٻڌي مونکي اَچرج لڳو ته تو جنڪ جي دربار ۾ ڌنش تي ڏوري چاڙهي، اُنکي ايتري ٻل سان ڇڪيو، جو ڌنش ڀڄي پيو. اِجهو هيءُ منهنجو ڌنش آهي. هيءُ ڌنش هر پرڪار اُنهيءَ ڌنش جي مٽ آهي، جيڪو تو ٽوڙيو آهي. هيءُ وشنو ڀڳوان جو ڌنش آهي. اُهو منهنجي پتا کي سونپيو ويو هو. جيڪڏهن تون هن ڌنش تي ڏوري چاڙهي سگهندين، ته پوءِ تون مونسان يڌ ڪرڻ جي يوگيه ٿيندين."

جڏهن حالتن هن ريت ڦيرو کاڌو، تڏهن دشرت وياڪل ٿيڻ لڳو. هن پرشرام کي نويدن ڪئي ته رام جي پريکيا نه وٺي. راجا چيس، "تون برهمڻ آهين. اسان ٻڌو آهي ته تنهنجو ڪروڌ شانت ٿي چڪو آهي ۽ تو پنهنجي ورڻ جي ڌرم انوسار وري تپسيا ڪرڻ آرنڀ ڪئي آهي. پرٿوي جيتڻ کانپوءِ تو ڪاشيپ کي اُها ڏيئي ڇڏي، ڇاڪاڻ جو تو اِندر سان اهڙي پرتگيا ڪئي هئي. ڇا اِها ڳالهه تنهنجي منهن تي پوي ٿي ته تون پنهنجو وچن ڀنگ ڪرين ۽ هن ڪچيءَ عمر واري

هن جو مون لاءِ ٻوڄ او ٿوڙوئي آهي جيترو منهنجو ساڻس. هنجو پريم ڪداچت ٿورڻ جو نه آهي. هنجو هرديه پوترتا سان ڀرپور آهي ۽ هنجو حرص حواسن تي سدائين ضابطو رهي ٿو.

اَڌياءُ (١١)

اُنسو لاءِ تياريون

رام ۽ سيتا ايوڌيا ۾ ٻارهن ورهيه آنند سان گهاريا. پر هاڻي اهو وقت آيو جڏهن ڀڳوان رام ۽ سندس پتنيءَ کي هن مرت لوڪ جي ڏکن ڏاکڙن ۽ جهيڙن جهٽن جو انڀؤ ڪرڻو هو.

ڀڳوان پاڻ به چيو آهي ته "مان جيڪو به اوتار ڌارڻ ڪندو آهيان، انهيءَ شرير جي ڀاونائن ۽ انڀؤ جي انوسار ئي منهنجي ليلا ٿيندي آهي."

ڪير هو ايوڌيا جو راجڪمار جنهن منش جي شرير، جيون ۽ تجربن دواران، لوڪن جهڙا ڏک سک ڏنا ۽ ديوتائن جي رکيا ڪئي؟ هُو هو سوئم سرووياپي، سدا سروڌا ورتمان، جيڪو هن سنسار کي اندران ۽ ٻاهران هلائي چلائي رهيو آهي.

تامل ڪوي ڪمبن ايوڌيا ڪانڊ جي آرنڀ ۾ ئي هن وچتر ليلا ڏانهن اشارو ڪري ٿو جنهن جي انوسار راجائن جو راجا انهيءَ لاءِ تيار ٿئي ٿو ته منٿرا نالي ڪٻڙيءَ داسيءَ جي اَتياچاري سازشن جو شڪار ٿئي ۽ پڻ انهيءَ ماٽيجي ماءُ جي ڏنل ڏک کي برداشت ڪري، جنهن ڪائنس نه رڳو راڄ سٽا کسي ورتي پر ڪيس ٻن ڏانهن ۽ سمنڊ جي پار روانو ڪيو.

دشرٿ پنهنجي چئني پٽن کي پيار ڪندو هو. پر هنجو رام سان وشيش سنيه هو، ڇاڪاڻ جو رام ۾ وڏا راجائي گڻ هئا ۽ هُو ڌرم جي مورت هو. انهيءَ ڪري هو پريم جو پاتر هو. اَديتيءَ کي اهو فخر هو جو هوءَ ديوتائن جي ماتا هئي؛

نماڻو نهنيو رشي ٿي پيو. پرشرام اوتار جو ڪاريه سماپت ٿي چڪو هو.

پرشرام نرميءَ سان اَيوڌيا جي راجڪمار کي چيو، "مونکي سڌ آهي ته تون ڪير آهين؟ تو منهنجو هٺ ڀڳو آهي. اُنهيءَ ڪري مونکي ڪو اُرمان ڪونه آهي. ڀل منهنجو سمورو تپ توکي ملي. مان پنهنجي پرڻ سان ٻڌل آهيان. مان ڪاشيپ جي راڄ ۾ رهي ڪونه سگهندس. اُنهيءَ ڪري مونکي سڀ بيٺي مهيندر پهاڙ ڏانهن وڃڻو آهي. منهنجي هاڻ چلڻ جي شڪتي صرف انهيءَ ڪاريه لاءِ ڪم آئي آهي. سواءِ اِنهيءَ ڳالهه جي، تو جيڪو تير ڪمان ۾ چاڙهيو آهي، سو ڀل تپسيا دوارا پراپت ڪيل منهنجو سارو ٻل ناس ڪري ڇڏي."

ائين چئي پرشرام آدرستڪار ۽ پوڄا جي ڀاوُ سان ڀرجي رام جي چوڌاري پرڪرما ڏئي ۽ اتان هليو ويو.

جڏهن ايوڌياواسين کي پتو پيو ته مهاراجا دشرٿ ۽ راجڪمار راجڌانيءَ ڏانهن موٽي رهيا آهن، تڏهن هو ڏاڍو گدگد ٿيا. ساري نگر کي گلن ڦلن سان سينگاريو ويو ۽ ايوڌيا پري ديولوڪ جيان چمڪڻ لڳي.

رام ۽ سيتا ايوڌيا ۾ ٻارهن ورهيه سانده آنند پوروڪ گذاريا. رام پنهنجو هردو سيتا کي ارپڻ ڪري ڇڏيو هو. اهو چوڻ مشڪل آهي ته سندن پريم سندن گڻن ڪري وڌندو رهيو يا سندن پريت سندن سوڀيا ۽ سندرتا جي اندر سمايل هئي. سندن دليون ٻڻ بنا چپ چورڻ جي هڪ ٻئي سان حال اوريندڻون هيون. رام جي پريم کي پائي سيتا ائين چمڪڻ لڳي، جئن لڪشمي سورڳ ۾ چمڪندي رهندي آهي.

گهڻو سمون پوءِ، جڏهين هو بنواس ۾ جيون ڪاٽڻ لڳا، تڏهن مهرشيءَ اَترِيءَ جي ڌرمپتنيءَ، انوسيا، سيتا جي رام لاءِ پريم جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي. سيتا اُتر ڏنس: "اِهو ٻيءَ طرح وري ٿي به ڪئن سگهندو؟ رام پري پورڻ منش آهي.

ڪو توتارو وڳو يا ڪنهن ورشا سان ڀريل بادل گجگوڙ ڪئي.
سندس منهن مان راجائي جيوتي پئي چمڪي. سندس شبد
ڀرت سان ڀريل هئا ۽ انهن سڀني کي موهي ڇڏيو.

دشرٿ چيو، ”پنهنجي بزرگن جيان مون هن راج جي
هڙيءَ ريت سنڀال ڪئي آهي جنهن ڪا ماڻهو پنهنجي ٻار جي
ڪري. پرجا جي خاطر مان رات ڏينهن هڪ ڪري پئي،
ورهيو ڪيو آهي. اڄ منهنجو شرير پراڻو ۽ ڍلو ٿيو آهي.
انهيءَ ڪري منهنجي اِڇا آهي ته مان پنهنجي وڏي پٽ
ي يوراج ڪري ٿاقيان ۽ راڄ جي جوابداريءَ جو ٻار مٿس
جهان. پنهنجي ڪل جي پوتر پرمپرا انوسار مان پنهنجي
جيون جا پڇيل ڏهاڙا ٻن ۾ وڃي تپسيا ۾ ڪاٽڻ چاهيان ٿو.
ام هر پرڪار راجا ٿيڻ جي يوڳيه آهي. هو راڄ ڪاروبار هلائڻ
ماهر آهي. هن کي راجنيتيءَ جو پورو گيان آهي ۽ ٻل ۾
سندس ڪو به مٽ ڪونه آهي. مونکي ذري به هٻڪ نٿي
ئي جو مان راڄ ڪاروبار جو بوجهه رام جي ڀروسي ڇڏيان.
ونکي آشا آهي ته هيءَ مانواري سڀا مونکي ائين ڪرڻ جي
آگيا ڏيندي.“

انهيءَ وڏيءَ سڀا جي اندر آنند جا آواز اُٿڻ لڳا ۽ سڀني
راجڪمارن ۽ پرسن لوڪن هڪ سر ٿي چيو، ”ڀلي ائين ٿئي.“

راجا وراڻيو، ”اوهان منهنجي رٿ سان سهمت آهيو
ر انهيءَ لاءِ اوهان ڪو سبب ڪونه ٿا ٻڌايو. ائين ٺيڪ نه
آهي. سياڻن سڏيرن کي گهرجي ته کولي ٻڌائين ته هو ڇو ٿا
منهنجي رٿ جي پٺڀرائي ڪن.“

انهيءَ ڪانپوءِ ڪيترن ڳالهائيندڙن رام جي گڻن جو وستار
ڪيو ۽ ڏيکاريو ته رام راڄ ڪرڻ جي يوڳيه آهي. جڏهن راجا
رام جي پرشنسا جون ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو.

انت ۾ سڀا جا سڀ سڀا سد اُٿي بيٺا ۽ هڪ سر ۾ چيائون،
”رام کي راڄ تلڪ ڏيئي يوراج بڻايو. انهيءَ ۾ دير مدار نه ڪريو.“

ڪوشاليا کي وري رام جهڙي پٽر هئڻ ڪري فخر هو.

والميڪيءَ رام جي گڻن جي ورنن ڪندي پنهنجي پستڪ جا ڪيئي پنا ڀريا آهن. رام جي گڻن روپي سمندر مان ڪُون ڀئندي، مُني ڪڪ ٿڪي ئي نٿو. ڪنهن وقت هو رام جي ڏاڻ ۽ ڏيا جو سنئون سنوانئو ورنن ڪري ٿو. ڪنهن وقت وري انهن جي واتان رام جي سوڪڙين ۽ سوغاتن، سوڀيا ۽ سيپيتا جو وستار ڪرائي ٿو، جن انهن جو سواد ورتو آهي ۽ جي انهن جي ساراهه ڪندا آهن. اهڙي ريت ۽ ٻين ڪيترن پرڪارن ۾ هو رام جي انهن گڻن جو ورنن ڪري ٿو جن رام کي هڪ آدرشي منش بنايو هو.

سندر هو رام جو شرير، مردانو هو سندس ڊيل ڊول. سندس ٻل ۽ پراڪرم چمڪي رهيا هئا. پوتر هو سندس هردو. پورڻ هو سندس جيون. هو ديا جي مورتي هو. سندس وچنن ۾ ميٺاج ڀريل هو. سندس وهنوار گنڀيرتا سان ڀرپُور هو. گهِرو هو سندس گيان. پورن هو هوُ راج نيتيءَ ۾. جنتا انهن سيني گڻن جي ساراهه ڪندي هئي ۽ انهيءَ گهڙي ڏانهن اُڪير سان نهاريندي هئي جڏهن رام مٿن راڄ ڪندو.

۽ دشرٿ کي انهن سيني ڳالهين جي ڄاڻ هئي ۽ انهيءَ آس ۾ هو آنند منائيندو هو. هن پنهنجي وڏيءَ آيو جو ويچار ڪري اهو، نشچيه ڪيو ته رام کي يوراج جي پدوي ڏيان ۽ سڄو پڄو راڄ سندس ئي هٿ ۾ سونپيان. هن پنهن جي اڇا پنهن جي منترين جي اڳيان پرگهٽ ڪئي ۽ راڄ سڀا ڪوٺائي. انهيءَ سڀا ۾ رشي ۽ مني، نگر نائڪ ۽ نيتا، ۽ پاڙيسري ديسن جا راجائون اچي براجمان ٿيا. جڏهن سڀيئي پنهنجي پنهنجي پدويءَ انوسار نيڪ استان لي ويهجي ويا، تڏهن دشرٿ اُٿي ڪري پنهنجا ويچار انهن جي سامهون ظاهر ڪيا.

سندس گهِرو بلند آواز سڄي سڀا ڀون ۾ ڦهلجي ويو، جڻڪ

پنهنجو ڌرم ٿي سمجهيو. جيڪڏهن راجا هنکي چوي ها تہ
يوراج نہ ٿي، تہ بہ هو اُن ڳالهہ جي مڃڻ لاءِ تيار ٿئي ها.
آهڙيءَ من جي اَوستا سان رام پنهنجي پتا وٽ ويو.

اَڌياءُ ١٢

منٿرا جي بري صلاح

دشرٿ رام کي ڳلي لڳائي، کيس پاڻ سان گڏ سنگهاسن تي ويهاري، هن ريت چيو: ”مان ٻڍو ٿيو آهيان؛ مان اهي سڀ سک ماڻيا آهن، جيکي کو ماڻهو ماڻي سگهي ٿو؛ مون اُهي سڀ شيل سواد ورتا آهن، جيکي کنهن بہ راجا کي ملي سگهن ٿا. مون پنهنجي وڏن جا مڙيوئي ڌرم پاليا آهن، مان سندن رڻ کان آجو ٿي چڪو آهيان، هاڻي مونکي وڌيک ڪجهہ بہ ڪرڻو نہ آهي.

”منهنجي رڳو هڪ ئي اِڇا باقي آهي. مان چاهيان ٿو تہ توکي پنهنجي پوروجن جي سنگهاسن تي ويهاريان. رات مون هڪ خراب سپنو ڏٺو آهي: اُهي جنکي جوتشيہ جي ڄاڻ پئجي سگهندي آهي، سي چون ٿا تہ جلدئي منهنجي مٿان ڪا وڏي آپدا اَچڻ واري آهي. شايد منهنجو مرتيو ٿي پوي. اُنهيءَ ڪري منهنجو وچار آهي تہ سڀاڻي ئي راڄ تلڪ جي رسم پوري ڪريان. جوتشي چون ٿا تہ سڀاڻي شڀ ڏينهن آهي، منهنجي اندر جو آواز آهي تہ هيءُ ڪارج تت ڪال ڪري ڇڏجي. سيتا ۽ توکي گهرجي تہ اَڄ رات ورت رکي، سڀاڻي جي راڄ تلڪ لاءِ تياري ڪريو. رات جو ڀُين جي بستري تي سمهجِ. سڄاڳہ ۽ پروسي جهڙن مترن دوارا پنهنجي سلامتيءَ جو پربنڌ ڪر. مونکي اِئين ڀاسي ٿو تہ هيءُ سمو جڏهن ڀرت هت حاضر نہ آهي، توکي يوراج بڻائڻ جي لاءِ

راجا چيو، ”مان ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان ۽ جلد ئي اوهان جي اڇا انوسار ڪارج ڪندس. پوءِ راجا وسشٽ، وامديو ۽ ٻين يوڳ پرشن ۽ سڳڻن سان جي جاڻن پروهتن ڏانهن منهن ڪري چيو، ”هي چيٽ جو پوتر مهنو آهي. انهيءَ رتوءَ ۾ بن جا سڀيئي برڪش گلن ڦلن سان ڇانئجي ويندا آهن. پوڄيه پرشوا! رام جي راج تلڪ لاءِ سڀ پرڪار جي تياري ڪريو.“

سڀ وارا نهايت پرسن ٿيا. راجا جي آگيا انوسار، راجا جو گهرو منتري سمنتر رام کي ڪوٺڻ ويو. رام کي هن ساريءَ ڳالهه جو بلڪل پتو ڪو نه هو. سو چپ چاپ اچي پنهنجي پتاجيءَ جي اڳيان بيٺو. جڏهن رام کي انهيءَ نتيجي جو پتو پيو ته هو ڪيس پوراج ٿاڦيندا، تڏهن هن نمرتا پوروڪ نمي اها ڳالهه سويڪار ڪئي. چيائين، ”اوهان جي آگيا پالڻ منهن جو پرم ڌرم آهي، پوءِ اها آگيا ڪهڙي به هجي.“

دشرٿ رام کي آشيرواد ڏيئي چيو: ”اي سندر راجڪمار! پرجا جو توسان پريم آهي. تون اهو سنڀالج جئين تنهن جي سيينا ۽ شِشٽاچار، مدرتا ۽ نمرتا ۾ ڪا به ڪمي نه اچي، ۽ جئن جئن توکي ٻين جي ڀلائي ڪرڻ ۽ پنهن جي شان مان وڌائڻ لاءِ وجهه ملي، تئن تئن تون انهن گڻن کي وڌائيندو رهج.“ پوءِ رام پنهنجي جاءِ موٽي ويو.

اڃا رام گهر پهتوئي مس، ته سمنتر ٽڪڙو ٽڪڙو سندس پٺيان ويو ۽ هڪي چيائين ته ”تنهنجو پتاجي توکي سڏي ٿو.“ رام جڏهن اُنهيءَ جو ڪارڻ پڇيو تڏهن سمنتر ڪيس ڪجهه ٻڌائي نه سگهيو. هن کي رڳو اهائي جاڻ هئي ته ڪيس رام کي يڪدم وٺي اچڻو آهي.

رام سمجهيو ته، ”راجا راج تلڪ جي بابت ڪجهه صلاح مصلحت ڪئي هوندي ۽ اُنهيءَ ۾ ڪا مشڪلات ڏٺي هوندي. جيڪي به ڪجهه ٿئي ٿو سو ڀلائيءَ جي واسطي آهي.“ رام کي انڪار وٺڻ جي ڪا خاص اِنتظاري ڪانه هئي. هن رڳو آگيا پالڻ

کي راجا جي محلات ڏانهن ويندي ڪافي تڪليف پئي ٿي. جڏهن راجا کي خبر ملي ته ٺيڪ نموني ورت جو آرنڀ ڪيو ويو آهي ۽ راج تلڪ لاءِ سڀ پرڪار جون تياريون ٿي رهيون آهن، تڏهن هو بلڪل خوش ٿيو.

پر سندس دل جي اندر ڪجھ مڙيوئي ڊر هو ته متان ڪو خراب اتفاق ٿي نه پوي ۽ سندس انتم اڇا پورڻ نه ٿي سگهي.

نگر ۾ چوڌاري جشن منگل ٿي رهيا هئا. هر گهر، هر گهٽيءَ ۾، پرش، استريون ۽ ٻار راج تلڪ لاءِ وڏي اوسيڙي ۾ وينا رهيا. اهو سندن جيون ۾ هڪ مهاشڀ اُتسو ٿيو ٿي ۽ انجو اُتساه سان انتظار ڪري رهيا هئا.

رام ۽ سيتا پنهنجي ڪمري ۾ تمام گهڻو وقت نارايڻ جي پوجا ۾ لڳا رهيا. هنن ڀڳه ويديءَ ۾ گيه جون آهوتيون ڏنيون. وڏي پوجا جي پاو سان انهن ڀڳه شيش (بچيل گيه) جي ذات ورتي. پرٿويءَ تي گاه جو بسترو وڇائي، انهيءَ تي سمهيا.

ٻئي ڏينهن ڏاڍو سويرو ڪين راڳه ڪيرتن تي جاڳيا ٿي. انهيءَ آشا سان ته ڪين جلدئي هن شڀ اوسر لاءِ سڏ ٿيندو، هو محلات ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿي وينا.

پر ڪين جيڪو سڏ ٿيو، سو آشا جي ٻنهه اُبتڙ هو.

جتي انهيءَ ڪال جي راجائن جو دستور هو، راڻي ڪئڪئيءَ ڪي هڪ داسي سکي هئي، جنهن سان هوءَ پنهن جا ڳجها حال اوريندي هئي. هوءَ ڪٻي هئي. سندس نالو منٿرا هو. هوءَ راڻيءَ جي ڏوراهن مائٽن مان هئي. انهيءَ ڪري ٻنهي جو پاڻ ۾ ڏاڍو گهاٽو سنبند هو.

منٿرا جو رامايڻ جي ڏاڍن پرسد پاترن ۾ ڳاڻاٽو آهي. اسان جي ديش جي هر نر ۽ ناريءَ، ٻال ۽ ٻڍي کي سندس نالي جي ڄاڻ آهي. سڀ ڪيس انهيءَ ڪري ڌڪاريندا آهن جو هوءَ رام جي بنواس جو ڪارڻ بڻي. سندس حرڪتن جي

هر ريت اَنڪول آهي. مونکي اِها سڌ آهي ته ڀرت ويچارن ۽ وهنوار ڪري بلڪل ڌرماتما آهي. هنجو توسان پريم به آهي. پر منش جا ويچار ڦرندا گهرندا آهن ۽ منش جي من تي اهڙا به پرڀاوَ اچي پوندا آهن، جن جي ڪنهنکي به اُميد ڪانه هوندي آهي."

اُنهيءَ ڪري راجا نشچيه ڪيو ته رام جو راج تلڪ بنهه ٻئي ڏينهن ٿئي. هن وسشٽ کي هن نرنيه جي جاڻ ڏني. راجا جو اَشڀ سپنا ڏٺا هئا، اُنهيءَ ڪري به راج تلڪ جو ڏينهن جلد مقرر ڪيو ويو.

پنهنجي پتا کان آگيا وٺي رام ڪوشليا وٽ وڃي کيس اهو سماچار ڏنو ۽ کانئس آسيس گهريائين. راڻيءَ کي اڳيئي اِها خبر ملي چڪي هئي. اُنهيءَ سمي ڪوشليا وٽ سمترا، سيتا ۽ لڇمڻ ٻيئي ويٺا هئا. ڪوشليا سڳنن جا وستر اوڍي، پنهنجي پتر لاءِ پرڀوءَ در پرارٿنا ڪري رهي هئي.

رام ڪوشليا کي راجا جي اُتم آگيا جي جاڻ ڪرائي. ڪوشليا ڳالهه ٻڌي ڪري چيو، "مون اِها ڳالهه ٻڌي آهي. شل تون جڳ جڳ جيئندو رهين. تون سٺو راجا ٿج. شترن کي جيتج، پرجا ۽ پنهنجي پريوار جي رکيا ڪج. تو پنهنجي پتا کي پرسن ڪيو آهي ۽ مونکي سکي ڪيو آهي."

پوءِ پنهنجي ماتا ۽ وماتا کان موڪلائي، رام پنهنجي ڪمري ۾ ويو. راجا جي آگيا اُنوسار وسشٽ رام جي محلات ۾ پڌاريو. رام دوار وٽ سندس سواگت ڪئي. راج تلڪ کان اڳ جيڪو ورت رکيو ويندو آهي، تنهنجي سنبنڌ ۾ نيڪ منتر اُچاري وسشٽ کيس ديکشا ڏني.

راجا ڏانهن موٽندي وسشٽ ڏٺو ته شاهي رستي تي ماڻهن جا جهنڊ ايندڙ ڏينهن جي اُتسو بابت آنند پوروڪ وارتالاپ ڪري رهيا آهن. نگر کي گلن ڦلن، جهنڊن جهنڊين ۽ پنن جي لامن سان سينگاريو هئائون. رستي تي ايتري پيڙ هئي جو وسشٽ

ڻون سنوائون ڪئڪئيءَ جي ڪمري ۾ گهري ويئي. ڪئڪئي
نهنجي استري تي آرام ۾ ستي پيئي هئي.
منٿرا ڪئڪئيءَ کي چيو، ”اي مورک اِستري! اُٿي ڪڙي
يءُ. توکي ٻوڙڻ ۽ ڳيهڻ لاءِ هڪ وڏي درياهُه جي ٻوڏ
چي رهي آهي. توسان ڌوھ ٿيو آهي، تون برباد ٿي چڪي
هين. اَڄ تنهنجو ڀاڳ جو سورج است ٿيڻ لڳو آهي. اي
ورک ڇوڪري! هيءُ ڪو سمهڻ جو سمو آهي؟“
ڪئڪئيءَ سمجهيو ته منٿرا جي سر تي ڪا آپدا ڪڙڪي
هي. هن بلڪل ڌيرج سان کيس چيو، ”توسان ڪهڙي ويڌن
ي آهي؟ تون هن ريت گهبرائجي ڇو ويئي آهين؟“
چالاڪ داسيءَ اُنر ڏيندي چيو، ”اي ڇوڪري! اڄ تنهن
جي ۽ منهنجي بربادي ٿي رهي آهي. دشرٿ نرنيه ڪيو
هي ته رام کي يوراجيه ٿاڦي، ارٿات کيس راڄ جو سڀو ڀڃو
ڌڪاري ڪري. انهيءَ کان وڌيڪ منهنجي لاءِ ڏک جو
ڪهڙو ڪارڻ ٿي سگهندو؟ توکي جيڪو سنتاپ رسندو،
سو مان چپ ڪري ڪيئن سهي سگهنديس؟ مان تو وٽ سَٿ
ائي آئي آهيان. تنهنجو جنم ۽ نپاج هڪ راجائي ونش ۾ ٿيو
هي. تنهنجو وواھ بہ هڪ ڇترپتيءَ سان ٿيو آهي. ارمان آهي
تو هيءُ سڀ اڄ سپنو ٿي رهيو آهي.
”تون هڪ سادي سودي اِستري آهين. اڄ توسان ڌوھ
يو آهي. تنهنجي ڀتار توکي مٺا مٺا وچن چئي ٺڳيو آهي.
جيڪو سمجهي سگهي ٿو ته هڪ گِهرو ڦند ڦتور رچيو ويو
هي. هن ڀرت کي دور ديش پنهنجي مامي وٽ موڪلي
ڇڏيو آهي. سندس غير حاضريءَ جو وجھ وٺي هو رام کي
ڪڙو تڪڙو يوراجيه بڻائي رهيو آهي. سڀاڻي تائين سارو قصو
ورو ٿي ويندو. تون ننڊ ۾ پيئي هيءُ سارو تماشو ڏسي رهي
هين. هوڏانهن نہ رڳو تنهنجي بربادي ٿي رهي آهي، پر ساڻ

ڪري ڏني مهاراجا دشرٿ جو مرتبو ٽيو ۽ راجائي گهراڻي تي آپدائون آيون.

جنهن ڏينهن مهاراجا دشرٿ سڀا سڏائي، رام کي يوراجيه ٽاڪڻ جو نرنيه ڪيو هو، تنهن ڏينهن منٿرا رڻ واس جي ڇوٽ تي چڙهي بيٺي هئي ۽ نگر ۾ جيڪي وهيو واپريو، سو سڀ چڱي پرڪار ڏسي رهي هئي. هن ڏٺو ته سمورن رستن تي جل ڇٽڪاريو ويو هو ۽ سڀ گليون ڪوچا ڏاڍي سڄ ڌڄ سان سينگاريل هئا. سڀني گهرن جي مٿان جهنڊا جهولي رهيا هئا. لوڪ نوان وستر اوڍي هار سينگار ڪري، زر زيور پائي، پيشانيءَ تي چندن لڳائي ۽ گلي ۾ ڦول مالهائون وجهي هيڏانهن هوڏانهن جهنڊ ٺاهي ڦري رهيا هئا. هو ڏاڍي چاهه سان انهيءَ سمي جي آنند جي سنبنڌ ۾ پاڻ ۾ وارتالاپ ڪري رهيا هئا.

منٿرا کي هن ساري اُتساهه ۽ اوڇو جو سبب سمجهه ۾ نه ٿي آيو، ڇاڪاڻ جو ڪيس راجا جي نرنيه جي ڄاڻ ڪانه هئي. هن انومان ڪيو ته ڪو نه ڪو اُتسو ٿيڻو آهي.

منٿرا هڪ نوڪرياڻيءَ ڏانهن منهن ورائي ڪائنس هن ريت سوال ڪيا: ”تو اڄ پَٽ جي پوشاڪ ڇو پاتي آهي؟ نگر ۾ ايتري اڄ وڄ ڇو ٿي رهي آهي؟ ڪوشليا برهمڻن کي دان ڏکڻا ڏئي رهي آهي. هوءَ آهي ته ڏاڍي سنجم واري ناري، انهيءَ ڪري بنا ڪارڻ جي ته دان پنج ڪون ڪندي هوندي. هرهند شي درشيه ٿا ڏسجن، ڇوڌاري منگلڪاري آلاپ ٿا ٻڌجن. توکي سڌ آهي ته هيءَ سڀ اوڇو، اتساهه ڇاجي لاءِ آهي؟“

هن ڇوڪريءَ چيو ”ڇا، توکي اِها ڄاڻ ڪانه آهي ته اسان جي رامچندر کي سڀاڻي صبح جو تلڪ ڏيئي يوراجيه بڻايو ويندو؟“

منٿرا جي درشٽيءَ ۾ هيءَ هڪ ڌروارتا هئي، هڪ اُشڀ سماچار هو. تڪڙي تڪڙي هوءَ منڌ ڪائيندي هيٺ لٿي.

...ي. سارو هڙ حيلو هلي رهيو آهي ته ٻ تون مورکن جيان کيلين
... خوشيون ٿي منائين. ڇو اَنڌي ٿي آهين؟ ڇو نه ٿي پنهنجي
...ڀاڳيه کي سمجهين؟ تنهنجي ڇريائيءَ کي ڏسي ڪري مونکي
...اءِ ته مان کلان يا رئان؟ تنهنجي ڀاڄ، رام جي ماءُ، راجا
...ان ملي رمز کيڏي آهي ۽ تون خوشيءَ ۾ ٽپ ڏيئي رهي
...هين. اي پاڳل! جڏهن رام راڄ ڪندو، تڏهن ڀرت جي
...ڪهڙي گتي ٿيندي؟ رام کي ڪين ڀرت جو هميشه ڀپ رهندو
... هو ڪين ڪيس سدائين پنهنجو مهاشتروُ ڪري سمجهندو؟ رام
...ي منش جي سڀاوَ جي ڄاڻ آهي. هو اِئين ويچاريندو ته
...ڀيسين ڀرت جيئرو آهي تيسين سندس راڄ کي لوڏو ئي رهندو.
...ٿهيءَ ڪري ڪيس پورو ڪرڻ گهرجي. واسينگ سپ کان
... ڪي لوڪ اُن کي ڪين ماري ڇڏيندا آهن؟ اڄ ڪانءِ ڀرت
...و سر سلامت ڪونه آهي. سڀاڻي صبح ڪوشليا ڀاڳوان ديوي
...ٽي ۽ توکي هنجي اڳيان اِئين نمٽو پوندو، جئن ڪنهن سندر
...ستر ڀهريل داسيءَ کي نمٽو پوندو آهي. توکي هنجي سامهون
...سندس آڳيا پالڻ لاءِ هٿ ٻڌي ٻهٽو پوندو. سڀان ڪان وٺي
...نهنجو پٽر ٻ رام جي پرجا ۾ شمار ڪيو ويندو. ڀرت رام جو
... نهو ٿي پوندو. هنن ڪمرن ۾ ٻوءِ نه مان شان رهندو، نه
...ل خوشي ئي هوندي."

هاڻي منٿرا جو گلو ڏک وچان گهٽجڻ لڳو. هوءَ وڌيڪ
...ڪجهه چئي نه سگهي. ڪئڪئيءَ هيءُ سارو قصو سڻي اُچرج
... پئجي ويئي. دل ۾ چيائين، "منٿرا کي ايتري خوف ڇو
...رتو آهي؟ هوءَ رام کي سڀاڻي ڪونه ٿي چا؟ ڇا هو هر ريت
...رم جي ساکيات مورتي ڪونه آهي؟"

ٻوءِ منٿرا ڏانهن منهن ورائي چيائين، "ڇا توکي خبر نه
...هي ته رام سچائي، سيپنتا ۽ نمرتا جو پتلو آهي؟ رام جي سندر
...ٽن کي ڏسي ڪري توکي خوشي ڪانه ٿيندي آهي؟ راجڪمارن
... هو وڏو آهي ۽ ڪيس راڄ ملي ٿو. هڪڙي ڏينهن ڀرت جو

ساڻ اُنهن سينٽي جو ٻه ناس ٿي رهيو آهي جيڪي تنهنجي آسري تي پٺي ٽڳيا آهن."

منٿرا اهڙا اَشڀ وچن ٻوليندي رهي. ڪئڪئيءَ جي ڪنن ته اهي شبد سٽيا، پر ڪئڪئي انهنجي اندروني آشا ڏانهن ڪو ڌيان ڪونه ڏنو. راج ونش جي ٻين ٽين جيان اڄ سندس من رام جي يوراج ٽيڪي جي آس ۾ آنند ۽ اُتساه سان ڀرپور هو. جهڙيءَ ريت ٻين لوڪن جي من ۾ رام لاءِ آدر ۽ پريم هو، تهڙيءَ ريت ڪئڪئي جي من ۾ به هو.

ڪئڪئي چيو: "منٿرا، تو هڪ آنند جي وارتا آندي آهي؛ ڇا سياڻي منهنجي پتر رام جو راج تلڪ ٿيندو؟ اُنهيءَ کان وڌيڪ منهنجي پرسنتا جو ڪهڙو ڪارڻ ٿي سگهندو؟ وٺ، هيءُ وٺ. ٻيو به ڪجهه جيڪي گهرجيئي سو گهر."

اِئين چئي ڪئڪئي پنهنجي گلي مان هار لاهي هنکي ڏنو. راجائي ڪل ۾ اِهو دستور هوندو هو ته ڪو به سڄڻ جيڪڏهن ڪو وڏو خوشيءَ جو سماچار آڻيندو هو ته کيس ڪانه ڪا ملهائتي سوکڙي ڏيندا هئا.

ڪئڪئي سمجهيو ته جئن مالڪ جا ڀلائي چاهيندڙ شخصي نوڪر ڪندا آهن تئن منٿرا منهنجي دل وٺڻ لاءِ منهنجي ڀلائيءَ لاءِ اِنتظاري ڏيکاري رهي آهي. ڀلا هيءَ داسي رام جي گڻن ۽ راج ڪاروبار جي ڪمن کي ڪيئن سمجهي سگهندي؟ تنهن ڪري هن سمجهيو ته جيڪڏهن هوءَ ڏسندي ته مان هن شڀ اُوسر تي خوشيون ملهائي رهي آهيان، ته پوءِ پنهنجو پاڻ سندس مورکتا ڀريل وهم ۽ ويچار ڪافور ٿي ويندا. ڪئڪئي هڪ راجائي گهراڻي جي ديوي هئي ۽ منجهس راجائي شِشٽاچار ۽ سڀيتا موجود هئي. اُنهيءَ ڪري نيچ ويچار مٿس جلدي پنهنجو اَثر نٿي وجهي سگهيا.

منٿرا جو دک اُنهيءَ ڪري هيڏو زن ئي وڌڻ لڳو ۽ هن هار اُڇلائي ڪري چيو: "اي مورک اِستري! شل توکي مصيبت

ـهي. ڇاڪاڻ جو تون راجا جي پياري راڻي آهين ۽ ڇاڪاڻ
ـو تون ڪئي وار ڪوشليا کي جکائيندي رهي آهين، اُنهيءَ
ـڪري هنجي دل اَندر ساڙ آهي. هاڻي پڪ آهي ته هوءَ
ـءَ کان وير وٺندي. توکي خبر آهي ته ڀاڄ جو ساڙو وقت تي
ـهڙو ٿيندو آهي جهڙو ڦهلندڙ باه جو اُلو. اِئين ڪري سمجهه
. جيڪڏهن رام راجا ٿيو ته ڀرت مڻن جي قطار ۾ داخل ٿي
ـڪو. گهڻو سوچ ۽ ويچار ڪر. دل جي پڪي ٿي. ڪو هڪ
ـيصلو ڪري اُنهيءَ تي مضبوط ٿي ويهه. ڪوئي علاج سوچي
ـرت کي سنگهاسن تي وهار ۽ رام کي راڄ نيڪالي ڏيار."
منٿرا پنهنجي اِرادي ۾ ڪامياب ٿيڻ لڳي. ڪئڪئي
ـاڻي دل ۾ ڪنبڻ لڳي. سندس منهن ڳاڙهو لال ٿي پيو.
ـنجو ساه تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. نراسا سان پرجي هوءَ سنتوش
سلامتي لاء منٿرا کي چهٽي پيئي.

دشرٿ کي ٽيهرين ٻن ٽنهين مان ڪا سنتان اُتپن ڪانه
ـي هئي، اُنهيءَ ڪري هن راجائي رواج موجب ڪئڪئي
ـسان وواه ڪيو هو. اُنهيءَ ويل ڪئڪئي جي پتا دشرٿ
ـان وچن ورتو هو ته ڪانئس پوءِ اُهو ٻار ئي راجا ٿيندو جيڪو
ـڪئڪئي جي ڪک مان پئدا ٿيندو. راجا هو نرسنتان. اُنهيءَ
ـڪري هن اهڙو وچن ڏنو. اُنهيءَ ۾ نڪا اَنياءَ جي ڳالهه هئي،
ـڪا اَچرج جي. هنکي پنهنجي ٻن راڻين سان وواه ڪري
ـنهڻو وقت گذري چڪو هو ۽ هنن مان ڪا به سنتان ڪانه
ـي هئي. هن ٽيون وواه ڪيوئي هو پنهنجي واڌاري لاء.
ـنهيءَ هوندي به سندس اِڇا پوري ڪانه ٿي. ڪيس ڪو به
ـتر اُتپن ڪونه ٿيو. ورهين جا ورهيه گذري ويا.

پوءِ مهان يگيه ڪيو ويو، تنهن ڪانپوءِ ٽنهي ڀاڄن کي پٽ
ـڄاوا. پٽراڻيءَ جو پٽ رام ٻين ٽن کان اڳ ڄائو. هو سندر
ـڻن جي کاڻ هو. هر ريت راڄ جو بوجهه کڻڻ جي يوگيه هو.
ـگرواسين، منترين ۽ ماندليڪ راجائن جي درشٽيءَ ۾ به رام

ٻ وارو ايندو. هو ٻ وقت سر راڄ ماڻيندو. جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي تنهن ۾ مونکي ڪا ٻ پل نظر نٿي اچي. پياري سکي، توکي ايترو ڏک ڇو ٿو ٿئي؟ رام کان پوءِ ڀرت سؤ ورهين تائين راڄ ڪندو. اَجايو دانهون نہ ڪر. توکي خبر آهي تہ رام جو ڪيترو نہ مونسان پريم آهي؟ هو پنهنجيءَ سڳيءَ ماءُ کان ٻ وڌيڪ مونڏانهن ڌيان ڏيندو آهي. رام پنهنجن ڀائرن کي پراڻن کان ٻ وڌيڪ پيارو ڄاڻندو آهي. تو لاءِ اِئين واجب ڪونہ آهي تہ اَجايو رام کان ڏڪين. رام هٿان اسانکي ڪا ٻ هاڃي ڪانہ رسندي."

منٿرا وراڻيو: "هاءِ! هاءِ! تون ايتري ڇسي ڇو ٿي آهين؟ هيڪر جيڪڏهن رام جي سر تي ڇٽ ڌريو ويو تہ پوءِ ڀرت لاءِ ڪا ٻ اُميد ڪانہ رهندي. توکي راڄ جي ورثي جي قانون جي ڪل ئي ڪانہ آهي. جڏهن رام سنگهاسن تي ويٺو تڏهن ڀرت ۽ سندس اَنس لاءِ راڄا ٿيڻ جو ڪو ٻ رستو ڪليل ڪونہ رهندو. رام کانپوءِ سندس پٽرئي سنگهاسن تي وهندو. کانئس پوءِ وري سندس پٽر جو وارو ايندو. اهڙيءَ ريت راڄ گهراڻو هلندو رهندو. وڏي پٽ کان پوءِ وري سندس وڏي پٽ جو وارو ايندو آهي. ننڍي ڀاءُ لاءِ ڪو ٻ وجهہ ڪونہ رهندو آهي، پوءِ هو ڪري ڪيترو ٻ ڳڻوان ۽ وير پرش هجي. پياري، توکي هن توريءَ ڳالهہ جي ٻ ڄاڻ ڪانہ آهي. توکي ڀلا ڪير سمجهائي سگهندو؟"

هن وڌيڪ هٿين چيو، "هڪ دفعو رام راڄا ٿيو تہ پوءِ هو ڀرت کي ڇڏي ڪونہ ڏيندو. پوءِ ڀرت کي سداءِ حياتيءَ جو خطرو رهندو. جيڪڏهن تون ڀرت جي سلامتي چاهين ٿي تہ کيس صلاح ڏي تہ هو گهر اچيئي ڪونہ، هميشهہ جلاوطني ٿيو رهي. هت موٽيو نہ آهي، تہ مٿو رکيو نہ آهي. وڌيڪ سلامتي تہ اُنهيءَ ۾ اٿس تہ مامي جو گهر ٻ ڇڏي ڏي ۽ وڃي ڪنهن ڏورانهين ڏيساور ۾ لڪندو رهي.

"اهو ٻ خيال ڪر تہ ڪوشليا تنهنجي ڀل گهري ڪونہ

ڪري؟ ڀرت جي غير حاضريءَ ۾ سڀڻ سان اهڙا ٽڪڙ ۾
ڇو ٿا ڪيا وڃن؟ ڇا ڀرت جو اڌڪار کسڻ لاءِ اهو ڪين ٿو
پڇيو وڃي؟ راڄا جو اِرادو صاف صاف ڏسڻ ۾ ڪين ٿو اچي؟
راڄا رڳو توکي خوش ڪرڻ لاءِ بهانا بڻائيندو آهي. ڇي
"مونکي تو موهي ڇڏيو آهي.' اهو مورڳوئي هڪ وڏو ڪپٽ
آهي. اِها سندس رڳو چالاڪي آهي."

ڪيڪئي پرلوڀن ۾ اچي ڪري منٿرا جي صلاح تي غور ڪرڻ لڳي. ٻين اِسترين جيان ڪيڪئي ٻه دل جي ڪچي هئي. اِئين برابر آهي ته سندس پاوناڻون سٺيون، سندر ۽ سڀيه هونديون هيون. هن جي ٻڌي ٻه ڏاڍي تکي هوندي هئي. پر هن کي سنساري وهنوار جو ذرو ٻه گيان نه هو. هوءَ وري هٺيلي ٻه هڪ اِي هئي. هن ريت هوءَ جلد اِي نڀڄي ويئي. هاڻي هن کي پتوئي ڪونه ٿي پيو ته سندس هن پرڪار جي چيشٽا جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا. اهڙيءَ ريت راماڻ جي دک سان ڀريل اڌياءَ جو آرنڀ ٿيو.

اڌياءُ ١٣

ڪيڪئيءَ تي منٿرا جو جادو اثر ڪري ٿو

ڪيڪئي اڳ رام کي پنهنجو پيٽ ڄڻيو پٽ ڪري سمجهندي هئي. هاڻي هوءَ منٿرا جي دليلن جي ڦهلايل جار ۾ ڦاسي پيئي ۽ لاچار ٿي پيئي.

هن پوءِ هيئن چيو: "سچ پچ مان ڪنبان پئي. مونکي تون ٻڌاءِ، هاڻ اسين ڇا ڪريون؟ ڇا مان ڪوشليا جي داسي ٿي رهنديس؟ اِئين ڪڏهن ٻه نه ٿيندو. ڀرت کي ضرور يوراج بڻائڻ گهرجي. تون بلڪل برابر آهين. رام کي ضرور بن ڏانهن موڪلڻ گهرجي. پر هيترو سارو مهم! اسين ڪهڙيءَ ريت انهيءَ

۾ پوري پوري جوڳتا هئي. اهڙيءَ حالت ۾ دشرٿ راجائي رواج کي ڇڏي، رام کي اورانگهي ڀرت کي ڪيئن يوراجيه بڻائي ها؟

نڪي ڪيڪيئيءَ، نڪي ڀرت، ڪڏهن هن وساريل پراڻي وچن کي ياد ڪيو هو. هنن اُنهيءَ جي پالڻ جي ڪڏهن به اِڇا ۽ گهُر ڪانه ڪئي هئي. اُنهيءَ وچ ۾ گهڻيئي ورهيه نبري چڪا هئا، ڪنهن اُنهيءَ وچن جي تات اُئي ڪانه ڪئي هئي. اُنهيءَ ڪري دشرٿ سمجهيو ته راج ڪل پرمپرا اَنوسار ۽ پرجا جي آشا ڪري رام کي يوراج بڻائڻ ۾ ڪابه ڪنائي سامهون ڪونه ايندي. ۽ ڪيڪيئيءَ جي من تي ڪوبه غبار ڪونه هو. هيءَ ڳالهه ڪيڪيئيءَ جي هلت چلت مان اُئي پرسڌ هئي ۽ ڀرت وري اهڙو ته نيڪ ۽ سداچاري هو جو هوُ ڪو ڀڃڪو نه ڪڍي ها.

۽، تنهن هوندي به، جئن دشرٿ رام کي چيو، ته پوتر ۾ پوتر هردو به چنچل ٿي سگهيٿو. جڏهن ڀاڳ ڦٽي ٿو ۽ متان وري ڪسنگين جي صلاح ٿي ملي، ته پوءِ اسان مان کهڙو به اوچ ۾ اوچ، ڀرشٽ ٿي پوندو آهي. اهڙوئي حال ڪيڪيئيءَ جو ٿيو. سرڳ جي ديوتائن کي وچن ڏنو ويو هو ۽ رشين تپسيا ڪئي هئي ته راوڻ ناس ٿئي. وڌاتا اهڙو چڪر هلايو جو ڪيڪيئيءَ جو پوتر هردو، منٿرا جي برين صلاحن جي ڪري اَپوتر ٿي پيو. ڪنين پنهنجي تامل رامايڻ ۾ هن ڳالهه جو تمام سندر ڍنگ سان ورنن ڪيو آهي.

دشرٿ کي پڪ ٿي ٿيو، ته دير مدار ڪرڻ ڪري متان ڪا اوچتي آپدا اچي متس ڪڙڪي. اُنهيءَ ڪري هن آڳيا ڪئي ته رام جو راج تلڪ هڪدم ڪيو وڃي، ۽ ڀرت جي موٽڻ لاءِ نه ترسجي. اُهي ساڳيا دليل پوءِ ٽڙ ٽڪڙ جا ڏيئي، منٿرا ڪيڪيئيءَ کي غلط راهه ڏانهن گهلي ويئي. منٿرا ڪيڪيئيءَ کي چيو، ”منهنجي راڻي، ذرا ته سوچ. راجا اينري تڪڙ ڇو ٿو

”اُنهيءَ وقت هن توکي ڇا چيو هو؟ تنهنجا ٿورا مڃيندي هن توکي چيو هو، ’مون کان ٻه ور گهر، جيڪي تون گهرنديئن سو مان توکي ڏيندس.‘ تو کيس جواب ۾ چيو هو، ’هن وقت مونکي ڪجهه به نه گهرجي. سمو پائي مان ٻه ور گهرنديس.‘ پوءِ هن ٻن ورن ڏيڻ جي پرتگيا ڪئي. هن توکي چيو هو ته ’تنهنجا ٻه ور توکي ڪنهن وقت به ملي سگهندا. جڏهن تنهنجي مرضي پوي تڏهن اُنهن جي گهر ڪجِ.‘ ائين آهي نه؟ تو پاڻ مونکي اِها سموري وارتا گهڻو اڳ ٻڌائي هئي. اِها ٿيڻ جهڙي ڳالهه آهي ته تو اِهو سڀ ڪجهه وساري ڇڏيو هجي. مان ته ڪجهه به نه وساريو آهي. وقت آيو آهي جڏهن توکي گهرجي ته دشرٿ کي چئين ته هُو پنهنجي وچن کي پاڙي ڏئي ۽ تنهنجا ٻه ور پورا ڪري.

”هاڻي اِها گهر ڪر ته راجا رام جي بدران ڀرت کي راج تلڪ ڏئي. پرتگيا ڪيل ٻن ورن مان هيءُ ٿيندو پهريون ور. ٻئي ور جي عيوض ۾ اِها گهر ڪر ته رام کي چوڏهن ورهين تاءِ بنواس ملي.

”تون ڏڪ نه. پنهنجي ور جي گهرڻ ۾ هٽڪ نه. ور گهرڻ ۾ ڪو به پاپ ڪونه آهي. جيئن مان توکي چوان ٿي تيئن ڪر. رام جو لوڪن جي مٿان ڏاڍو پرڀاءُ آهي. اُهو تڏهن ئي آهسته آهسته ڪري گم ٿيندو، جڏهن هُو هتان بن ڏانهن هليو ويندو. پوءِ ڀرت بنا ڀؤ ڀولي راج ماڻي سگهندو.

”وڃ، وڃي اُنهيءَ ڪمري ۾ ليٽي پؤ، جت رسامي وقت رهبو آهي. پنهنجا سندر وستر ۽ ڳهه ڳڻا لاهي اُڇل. هڪ پراڻي ڦاٽل ٽٽل ساڙهي ڪري ٻڌءِ ڌرتيءَ تي پئجي رهه. جڏهن راجا ڪمري ۾ اچي ته هن سان ڳالهائي ئي ڪونه، بلڪ هن ڏانهن نهار به ڪونه. مونکي پڪ آهي ته هُو تنهنجو ڏک سهي نه سگهندو، پوءِ جيئن تون چاهينديئن تيئن راجا کي ڪرڻو پوندو.

”راجا ڪوشش ڪري توکي پرچائيندو. پنهنجيءَ ڳالهه

کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪندا سين. منٿرا، تون ڏاهي آهين؛ توکي ئي هن ڪارج کي سڌ ڪرڻ جو طريقو معلوم آهي."

پوءِ هوءَ منٿرا کي چنبڙي پيئي. منٿرا هئي بلڪل ڪروپ، پر هن وقت هوءَ ڪئڪئيءَ کي نهايت سندر ۽ سهڻي ڀاسڻ لڳي. هيءَ ڪا ڪل مسخري ڪانه آهي، هيءَ منيرام جي هڪ سوکيم ليلا آهي، من جو هڪ عجيب کيل آهي.

منٿرا چيو: "ڇا اهو ضروري آهي ته مان توکي ٻڌايان ته هن ڳالهه کي ڪهڙيءَ ريت سڌ ڪر؟ تو سچ پچ پراڻيون ڳالهيون وساري ڇڏيون آهن ڇا؟ يا تون رڳو ڀڄو مڪر ڪري رهي آهين؟ جيڪڏهن تنهنجي هروڀرو اِها مرضي هجي ته مان توکي سڀ ڳالهه ٻڌايان، ته پوءِ مان اِئين ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ڪن لائي ٻڌ."

اِئين چئي هوءَ ڪن ماتر ترسي. هاڻي ڪئڪئي بلڪل اَڌير ٿي چڪي هئي. رڙ ڪري چيائين، "ٻڌاءِ! مونکي جلد ٻڌاءِ، اهڙو ڪو رستو ڳولهي ڪيڻ گهرجي جو ڪئن به رام جو راج تلڪ بند ڪرائجي ۽ راج جو ڇٽ ڀرت جي سر تي رکائجي."

منٿرا وراڻيو، "چڱو ڀلا ٻڌ، مان توکي سڀ ڪجهه ٻڌايان ٿي. اَڌير نه ٿيءُ. توکي ياد هوندو ته تمام گهڻا ورهيه اڳ تنهنجي ڀتار دکشڻ دشا ۾ سمبر سان يڌ ڪيو هئي. اُنهيءَ وقت تون هن سان گڏ هئينءَ. اِئين آهي يا نه ته اُنهيءَ وقت تنهنجو پتي اِندر کي سهايتا ڪرڻ لاءِ ويو هو؟ ونجينتي جو سمبر. اِندر کان وڌيڪ زور وارو هو، اُنهيءَ ڪري ئي اِندر دشرٿ کان مدد ورتي. اُنهيءَ يڌ ۾ دشرٿ کي سخت زخم ٿي پيو هو. هوُ اُنهيءَ وقت بي هوشِ ٿي پيو هو. اُنهيءَ وقت تون چالاڪي ڪري دشرٿ جو رٿ يڌ کيتر مان ٻاهر ڪڍي ويئينءَ، پوءِ آهستہ آهستہ ڪري تو دشرٿ جي شرير مان ٻاڻ ڪڍيا. اهڙيءَ ريت دشرٿ سچيت ٿيو ۽ سندس جان بچي پيئي. تو اِها سموري ڳالهه وساري ڇڏي آهي ڇا؟

لائي ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي. پوءِ گهٽيل گلي سان هن ريت ڻ لڳي:

”منٿرا، تون پاڻ ئي وڃي منهنجي پتا، راجا ڪيڪيس، کي بر پهچائج. ٻن ڳالهين مان هڪڙي توکي هن کي ٻڌائڻي ندي. يا ته توکي هن کي چوڻو پوندو ته ڀرت جو راج تلڪ هي يا ته توکي چوڻو پوندو ته ڪيڪئي گذر ڪري ويئي. پياري، منهنجي پياري منٿرا!“

ڪيڪئيءَ جي، مٿان ڪروڌ سوار هو؛ تنهن ڪري هن منجهيو ته سڀ پڄ دشرٿ ساڻس دولاب ڪيو آهي. جيتوڻيڪ پوءِ پنهنجا سڀ ڳهه ڳنا لاهي ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي، ۽ جيتوڻيڪ سندس منهن منجهون دک ۽ ڪروڌ ٽپڪي رهيا هئا، ته به سندس سوڀيا بيان ڪرڻ کان ٻاهر هئي. اهڙي سندر هئي ڪيڪئي!

پاپ جي ڀاونا ڪيڪئي جي من ۾ واسو ڪري ويئي هئي ۽ سندس سچو سڀاءُ ئي بدلجي چڪو هو. اُهو ڀؤ ته ڪيس ڪوشليا جي داسي ٿي ڪري رهڻو پوندو ۽ ڀرت جي حياتي سلامت آهي، هن جي من ۾ وياپي ويو هو. پنهنجي جيون ۾ پهريون ڀيرو ئي هن لڄ شرم کي تلانجلي ڏني ۽ پاپ پڄ جو ڀيد ساري ڇڏيو. هن پنهنجي هردي کي پٿر بڻائي ڇڏيو. هوءَ ندا ساه کڻڻ لڳي. هن پنهنجون اکيون بند ڪيون. سندس بدن مان پگهر نڪرڻ لڳو. ناڱڻ جي ديويءَ جهڙيءَ هوءَ سندر ۽ سروپ ونتي هئي. هن پنهنجو چوٽو کولي ڇڏيو. وکريل وارن سان هوءَ ڌرتيءَ تي اهڙيءَ ريت ليٽي پيئي هئي، جهڙيءَ ريت شڪاريءَ جي هٿان زخميل پکي پيو هوندو آهي. اُهي ڳهه ۽ ڦل جيڪي هونئن سندس بدن جي سوڀيا وڌائيندا هئا، سي اڄ اونداهي ڪوٺيءَ جي ڌرتيءَ تي ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. اُهي اِئين پئي چمڪيا جئن اڌ رات جي اونداهي آسمان ۾ تارا چمڪندا آهن.

تان بلڪل نہ لهج. هو توکي گهڻن ئي پرڪارن جون آڇون ڪندو، انهن مان ڪا بہ قبول نہ ڪج. ٻن ورن جي گهر تي پڪي رهج. مڙج ٻنهي ڪونہ.

"پنهنجي وچن ۾ ٻڌل راجا نيٺ تنهنجي ڳالهہ مڃيندو. مونکي خبر آهي تہ هنجو ڪيترو نہ توسان سنيهہ آهي، تنهنجي خاطر هو پنهنجي جان جوکم ۾ وجهڻ لاءِ بہ تيار ٿيندو. توکي خوش ڪرڻ لاءِ هو ٻرندڙ باهہ ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ بہ رضامند ٿيندو. جيڪي مان چوان ٿي، سو تون ڪر. ڍج ٻنهہ ڪونہ.

"جيسين رام کي ٻن ڏانهن روانو نہ ڪبو، تيسين تنهنجي مراد پوري ڪانہ ٿيندي، رام کي ضرور ديش نيڪالي ملڻ گهرجي. انهيءَ کان پوءِ ئي اهو درجو، جيڪو تون پرت لاءِ گهري رهي آهين، سو پوريءَ ريت پڪو ٿيندو. اِها ڳالهہ ياد ڪر. پاڻ پلائي بہ تون ڪمزور نہ ٿج."

هيءَ صلاح ٻڌي ڪئڪئيءَ جو منهن چمڪي اٿيو. سندس من ۾ اميد جو انڪر پيدا ٿيو. هن چيو، "منٿرا! تنهنجي ٻڌي کهڙي نہ تيز آهي! تو مونکي بچائي ورتو آهي." اِئين چئي هوءَ خوشيءَ ۾ پرجي گانءِ جي وڇڙي جيان ٽپ ڇڏڻ لڳي.

منٿرا بار بار ڪئڪئيءَ کي اِها ڳالهہ سمجهائي تہ رام کي ڪٿن بہ بنواس ڏيڻ گهرجي. هن چيو، "دير نہ ڪر. جيڪي ڪجهہ ڪرڻو آهي سو يڪدم ڪر. وهندڙ واهہ کي بنا ڪٿن ايندا؟ تلاءُ اٿل ڪائي تنهن کان پوءِ بند کي مضبوط ڪرڻ وٿرت آهي. جيڪي مون توکي ٻڌايو آهي، سو سمورو ياد رک. تنهنجي پڪائيءَ تي ئي سڀ ڪنهن ڳالهہ جو دارومدار آهي. پنهنجو همت بلڪل نہ ڇڏج. اصل نہ مڙج، اِئين تو ڪيو تہ تون ضرور سوڀ پائيندينءَ."

ڪئڪئيءَ منٿرا کي تسلي ڏني تہ هوءَ بلڪل پڪي رهندي. پوءِ هوءَ رسامي واري ڪمري ۾ هلي ويئي. اتي وڃي هن پنهنجا زيور لاهي ڪري ڌرتيءَ تي اُڇلايا، پنهنجا وستر

راجا بلڪل منجهي پيو. جتي جتي ڪُڪُٽي رهندي هئي
ن سڀني جاين تي هن جي ڳولها ڪيائين. راجا سمجهيو تہ
هوءَ مزي موج سان لڪ ڇپ جي راند ڪري رهي آهي.
راجا کي هوءَ ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ آئي.

اهڙي ڪار اڳ ڪڏهن ڪانہ ٿي هئي. راجا هڪ داسيءَ
ن پڇيو تہ راڻي ڪٿي آهي؟ داسيءَ ادب جا هٿ ٻڌي
يو، ”پوتار! اڄ راڻي ناراض آهي. هوءَ اندرئين ڪمري ۾
يٺي آهي.“

راجا عجب ۾ پئجي ويو ۽ راڻيءَ واريءَ ڪوٺيءَ جي اندر
يو. اُتي هن جيڪو نظارو ڏٺو تنهن ڪيس حيران ۽ پريشان
ڪري ڇڏيو. هن ڏٺو تہ راڻي بنا ڪنهن بستري جي پٽ ۾
ٺي آهي. سندس وستر ليڙون پائڻ ڪري لٻيا سٻيا پيا
هن، ۽ سندر وار ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، ڄڻ تہ هوءَ اُتي دک
آهي. اِئين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ راڻيءَ کي اهڙو گِهرو گهاءُ
سيل آهي جو هوءَ راجا جي پڌارڻ تي ڏانهس نهاري بہ نٿي.

راجا بلڪل سرل سڀاءَ جو هو. هن کي ڄاڻ هئي تہ هن
ڪُڪُٽيءَ کي ناراض ٿيڻ جو ڪوبہ ڪارڻ ڪونہ ڏنو هو.
هيءَ ڪري هو بڙ ٻاهتري پيار جيان هلت ڪرڻ لڳو. هو
چي ڪُڪُٽيءَ جي پرسان ڌرتيءَ تي ويٺو. سندس مٿي
هٿ گهمائڻ لڳو ۽ کيس مٺن وچنن ۽ لاڏ ڪوڏ سان
پائڻ لڳو.

”توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ بيمار تہ ڪونہ آهين؟ ڪٿي سور
ڪونہ ٿو ٿيئي؟ توکي خبر آهي تہ ديس جا وڏا وڏا ويڄ
ون وٽ موجود آهن. مان انهن کي يڪدم گهرائي سگهان ٿو.
و هر پرڪار جي روڳہ جو علاج ڪري سگهندا. ڀؤ ڀولو نہ ڪر.“

ڪُڪُٽيءَ هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيو، رڳو اُڀو ساهہ کنيائين.

راجا وڌيڪ هيئن چيو، ”ڇا محلات جي ڪنهن آدميءَ
وسان بي حرمتيءَ جي هلت ڪئي آهي؟ مونکي ٻڌاءِ تہ مان

درٻار کي سماپت ڪري ۽ سڀني سائين جي پورتيءَ لاءِ آگيا ڏيئي، دشرٿ چنتا کان آجو ٿيو ۽ آرام وٺڻ لاءِ هو پنهنجي پياريءَ راڻيءَ جي ڪمري ۾ آيو. رام کي راڄ تلڪ ڏيڻ لاءِ دشرٿ اُنهن سڀني کان صلاح ورتي هئي جنکي صلاح ڏيڻ جو حق هو. جئن ڪو منش پنهنجي سر تان ڳؤرو بوجهه لاهي آزاد ۽ خوش ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح دشرٿ پنهنجي من ۾ بلڪل پرسن هو.

هو ڪئڪئيءَ جي ڪمري ۾ اُنهيءَ لاءِ آيو ته ڪيس خوشخبري ٻڌائي ۽ اها رات هن سان مٺي مٺي روح رهاڻ ڪري. ننڍيءَ راڻيءَ جي رهڻ لاءِ هڪ تمام سهڻو من موهيندڙ محل هو. اُتي سندر وڻڪارون ۽ سرووَر ٺهيل هئا. پکين پي پاڻيءَ ۾ رانديون رونديون ڪيون. مور پنهنجا پر کولي پئي نچيا. وڻن جي مٿان گل ڦل ٽڙي رهيا هئا. دشرٿ جو من آنند سان ڀرپور هو. اُنهيءَ ڪري آستان جي سوڀيا اُن رات هميشهه کان وڌيڪ منوهر پئي لڳي.

گرهڻ ۾ وڃڻ کان اڳ پورنما جو چنڊ پنهنجيءَ پوريءَ سندرتا سان اُڀرندو آهي. اُن کي اِها ڪل ڪانه هوندي آهي ته گرهڻ اچڻ وارو آهي. دشرٿ جڏهن ڪئڪئي جي ڀون اَندر گهڙيو، تڏهن سندس منهن چنڊ جيان ٿي ٻهڪيو.

ڏوپ داڻيون ۽ نانا پرڪار جي ڀوڄن جي ورتائڻ جا پيالا هميشه وارن هنڌن تي رکيا هئا. دشرٿ کي راڻيءَ سان ماڻ جي اِڇا هئي، پر راڻيءَ ڪيس ڏسڻ ۾ نه آئي. جڏهن جڏهن دشرٿ راڄ ڪاروبار جي بوجهه کي هلڪو ڪري آرام وٺڻ چاهيندو هو، تڏهن تڏهن هو ڪئڪئيءَ وٽ اچي وهندو هو ۽ ٻين راڻين وٽ ڪونه ويندو هو. ڪئڪئي سارو جنڪ ڪمن ۾ ڌيان ڪونه ڏيندي هئي ۽ سدائِ دشرٿ جي آجيان ڪرڻ لاءِ دوار وٽ اچي بيهندي هئي ۽ ٻاڙي پريم سان سندس آءُ آدر ڪندي هئي. پر اڄ هوءَ ڪٿي ڏسڻ ۾ ئي نٿي آئي.

اج جا پورا پورا آڌڪار ھئا تنھن ڪري ھن ڪي ذرو بہ شڪ
تيو تہ ڪو ھوُ راڻيءَ جي مراد پوري نہ ڪري سگھندو.
نھيءَ ڪري ھن خوشيءَ ۽ ھمت سان چيو، ”چڱو ڪئڪئي
ونڪي پنھنجي اِڇا کان واقف ڪر. اُھا پوري ڪئي ويندي.
ان قسم کڻي اِئين چوان ٿو. اِسترين جي اَندر تون مون کي
سيني کان وڌيڪ پياري آھين ۽ پرشن ۾ رام مونکي سيني
ان وڌيڪ پيارو آھي. مان جيون ۾ اُنھن پيارين ۾ پيارين وستن
جو قسم کڻي چوان ٿو تہ جيڪي تون چاھيندينءَ سو مان ڪندس.
ان پرتگيا ڪريان ٿو.“

ھڪ طرف نگي ۽ دولاب ھئا، ٻئي طرف ھئي سادي
سودي وشواس ڪندڙ درياڳ جي ديوي. ٻئي ھڪ ٻئي
سان ٻوڙ پڇائي رھيون ھيون. جڏھن راجا رام جي نالي
جو قسم کاڌو، تڏھن ڪئڪئيءَ جو ھردو ڏاڍيءَ پرسنتا سان
رجي ويو. ھن کي پڪ ٿي تہ ھينئر مون جنگ کٽي آھي.
اجا پنھنجي پريہ پٽ جو نالو وٺي پرڻ ڪيو آھي. اُھا پرتگيا
ئوُ ڪڏھن بہ ڀنگ نہ ڪندو.

ھن رڙ ڪري چيو: ”چا اوھين پرتگيا ڪريو ٿا؟ ڏاڍو
گو. وري رام جي نالي جو سنھن کائو، ڇو تہ اوھان منھن
ئي اِڇا کي اوس پورو ڪندا. قسم کڻو، قسم.“

راجا وراڻيو، ”منھن جي پياري راڻي! مان پرتگيا ڪريان
. مان رام جي نالي جو قسم کان ٿو. جيڪي بہ تون چاھيندينءَ
سو مان ڪندس. اِھو منھنجو پڪو پرڻ آھي.“

ھاڻي ڪئڪئي پنھنجي رٿيل جبري قدم جو ويچار ڪرڻ
گي. سوچياءِ تہ ماڻھو کڻي کھڙو بہ ڀاري قسم کڻي، کھڙي
ڪري پڪي پرتگيا ڪري تہ بہ ھو ھھڙو مھاڀاري پاپ
ڪرڻ واجب نہ سمجھندو. اُنھيءَ ڪري ڪئڪئيءَ جي دل
ڻ لڳي. ڪيس ڀؤ لڳو تہ جٽن ئي سندس ڀتار کي انھيءَ
ڇا جي خبر پوندي تئين ئي ھوُ دک ۽ خوف کان سنائجي

هن کي سزا ڏيان. ڪنهن تنهنجو اپمان ڪيو آهي ڇا، يا اهڙي ڪا شيءِ تو مونکان گهري هجي ڇا، جا مون توکي ڪونه ڏني آهي؟ مونکي پوري پوري ڳالهه ٻڌاءِ."

هو اهڙيءَ طرح اُنهن سيني گهٽتاين جا نالا ڳڻيندو ويو جي ساڌارڻ ريت ڪنهن وڏي گهر جي هلائڻ ۾ تي ويندا آهن. هنڪان پڇيائين ته "ماجرا آهي ڪهڙي، ۽ ڇو تون اِئين ٻي حال ٿي پيئي آهين. پر ڪئڪئيءَ راجا جي سوال ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنو ۽ بلڪل چپ رهي؛ جڻڪ ڪو مٿس ڀوت سوار ٿيو هجي.

راجا هاڻي وڌيڪ ليلائي چوڻ لڳو: "مونکي ٻڌاءِ ته تنهنجي ڪهڙي اِڇا آهي؟ مان اُنهيءَ جي پورت ڪندس. جيڪڏهن تنهنجي ڪنهن کي سزا ڏيڻ جي مرضي هوندي ته مان اِئين ڪندس. جيڪڏهن تون ڪنهن جي سزا معاف ڪرائڻ لاءِ سفارش ڪندينءَ ته اِئين به ڪندس. تنهنجي چوڻ تي مان خونيءَ کي به معاف ڪري ڇڏيندس.

"توکي خبر آهي ته مونکي هر پرڪار جو اڌڪار آهي. منهنجي مرضي پوي ته مان ڪجهه به ڏيئي ڇڏيان ۽ منهنجي دل ٿئي ته مان ڪجهه به کسي وٺان. مان جيڪي چاهيان سو ڪري سگهان ٿو. جيڪي گهرجي ئي سو گهر. مان تنهنجي ڳالهه پوري ڪندس."

ڪئڪئي هاڻي اُٿي ويٺي. راجا پرسن ٿيو. ڪئڪئيءَ هيڏن پنهنجي ڪٿا آرنڀ ڪئي: "منهنجو ڪنهن به اپمان نه ڪيو آهي. مونکي ڪنهن به جهليو نه آهي. هڪڙي ڳالهه آهي جا اوهين ڪري سگهو ٿا ۽ منهنجي خاطر اوهان کي اِئين ڪرڻ گهرجي. وچن ڏيو ته اوهان منهنجي اِڇا پوري ڪندا. پوءِ مان اوهان کي ٻڌائيندس ته ڪهڙي ماجرا آهي."

جڏهن سنديس سنسي ڪان رهت هرڌ راجا اُها ڳالهه ٻڌي تڏهن هن جو من خوشيءَ سان ڀرجي ويو. چاڪاڻ جو هنکي

راجا وراڻيو، ”هائو، مونکي ڳالهه ياد آهي. هاڻي پنهنجا وَر گهرو. مان اُهي هاڻي پورا ڪندس.“

ڪئڪئيءَ چيو: ”ياد رکو ته اوهان پرڻ ڪيو آهي. اوهان نجام ڏنو آهي. اوهان رام جي نالي قسم کاڌو آهي. سڀني يوتائن ۽ پنڊتن ڏي ٽن ساکي بڻجي اوهانجي پرتگيا ٻڌي آهي. هاڻ مان پنهنجي اِڇا پرگهٽ ڪنديس. اوهانجي پُوروجن ڪڏهن به وچن ڀنگ نه ڪيو هو. اوهان به پنهنجي ڪيل رن کي پورا رهي اِهو سڌ ڪريو ته اوهان سندن لائق سنتان آهيو.

”هن وقت راج تلڪ لاءِ جيڪي تياريون ٿي چڪيون آهن نهن جي دواران منهنجي پتر ڀرت جي سر تي ڇت رکو. اِها هي منهنجي پهرين اِڇا. ٻيو وَر جيڪو مان گهران ٿي سو اِهو آهي ته رام کي روانو ڪريو ته چوڏهن ورهيه ساندهه وڃي نڊڪ نالي ٻن ۾ رهي. ياد رکو ته اوهان هڪ گنڀير پرتگيا ڪئي آهي. اوهان اهو وچن ڀنگ نٿا ڪري سگهو. اوهانجي ڀهاڻ ڪل جي پرتشٺا اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.“

اڌياءُ ١٤

اِستري يا ڏائڻ؟

شرت جون وايون ولڙيون ٿي ويون! هوُ بيهوش ٿي ويو. عڏهن هوش ۾ آيو تڏهن سوچڻ لڳو ته ”جيڪي ڪجهه ٿيو هي، سو سپنو آهي يا ساپيا. شايد هيءَ هڪڙو ڀيانڪ سپنو هي، يا ته ٻانوا ڏول ٿيل دماغ جي هڪڙي ڀرم جي ڦهلايل ار آهي. ٿيڻ جهڙي ڳالهه آهي ته اڳين جنمن ۾ ڪيلن پاپن جي سزا ڏيڻ لاءِ اوچتوئي هيءَ آفت اچي پرگهٽ ٿي آهي. ڪ ٿي پڪ مونکي ڪڏهن وهم اچي ورايو آهي. مان نٿو

آهه ڪيدي چوندو، ”اي ايشور! هي ڇا!“ ۽ اِئين چئي پوءِ هوُ نفرت وچان ڪانئس منهن موڙڻ لڳندو.

هاڻي هوءَ همت ٻڌي ڪڙي تي بيٺي ۽ چئني دشائن ڏانهن منهن ڪري گنڀير آواز سان ايشوري شڪتين کي آراڌنا ڪيائين ته هوُ ساکي تي هن پرتگيا کي پڪو ڪن. چيائين: ”اي ديوتائو! توهان ٻڌو آهي ۽ ڏٺو آهي ته منهنجي پتيءَ مون سان ڪهڙي پرتگيا ڪئي آهي. اي سورج، چندر ۽ گرهو! توهان منهن جا پوتر ساکي آهيو. اي پنج تتو! توهان هيءَ پرتگيا ٻڌي آهي. منهنجي پتيءَ جنهن ڪڏهن به پنهنجو پرڻ ڀنگ نه ڪيو آهي، تنهن اَڄ منهنجي اِڇا پوري ڪرڻ لاءِ قسم کاڌو آهي. هن ڳالهه جي ساک ڀرجو.“

دشرٿ اِنتظاريءَ ۽ خوشيءَ ڀريل اکين سان هن ڏانهن نهارڻ لڳو. ڪئڪئيءَ کي پنهنجي ڪانڌ جي لڇڻ جي پوري ڄاڻ هئي. هن همت ڪري هيئن چيو: ”اي راجن! اوهان کي ياد هوندو ته گهڻا ورهيه اڳ جڏهن اوهان يڌ جي ميدان تي زخمي ٿيا هئا ۽ جڏهن اوهان جي حياتي جوکي ۾ هئي تڏهن اونداهيءَ رات جو مان اوهانجو رٿ يڌ کيتر مان ٻاهر ڪيدي ويئي هئس. پوءِ مان اوهان جي بدن مان هڪ هڪ ڪري ٻاڻ ٻاهر ڪڍيا هئا. مون اوهان کي آرام ڏيئي وري سجيت ڪيو هو. جنهن وقت اوهان هوش ۾ آيا تنهن وقت اوهان کو وچن ڏنو. ڇا اِئين نه آهي؟

”اوهان چيو هو ته ’شترو منهنجي حياتي پوري ڪري رهيا هئا. تو اها مونکي واپس وٺي ڏني آهي. تون جيڪي به ٻه ور گهرندينءَ سي مان توکي ڏيندس.‘ اُنهيءَ وقت مون جواب ۾ چيو هو ته ’هن وقت مونکي ڪجهه نه گهرجي. منهنجي لاءِ اهو آنند ئي ڪافي آهي جو اوهان جيئرا آهيو. مان پنهنجن ورن لاءِ ٻئي ڪنهن وقت گهر ڪندي يس.‘ ڇا اوهان کي هن ڳالهه جي يادگيري آهي، يا نه؟“

مان بنھ جي نہ سگھندس. صبح جي روشنائيءَ بنا، جل جي
ر رتائڻ بنا بہ مان ڪجھ وقت گذارو ڪري سگھندس. پر
ام بن ويو تہ مان هڪ ڪن بہ ڪونہ جي سگھندس. هيءَ
اپي ويچار من مان ڪڍي ڇڏ. مان نمرتا پوروڪ تنھنجي
پيان سر جھڪائي، توکي نويدن ڪريان ٿو تہ هن ڳالھ تان
ون لھي وڃ. تو تہ چيو هو تہ 'مونکي بہ پيارا پٽر آهن ۽ انھن
سنھي مان وڏو رام مونکي وڌيڪ پيارو آهي.' رام کي راج
لڪ ڏيڻ جو نرنئہ ڪري ٿي مان تنھنجي دل جي اڇا پوري
ڪئي آهي. پوءِ تون اهڙا ظلمي ور ڇو ٿي گھرين؟ اها ٿيڻ
جھڙي ڳالھ نہ آهي تہ تنھنجو سچ پچ اهو ارادو هوندو.
مان ڀانيان ٿو تہ تون رڳو انھيءَ لاءِ منھنجي پريکيا وٺي رهين
آهين تہ توکي خبر پوي تہ منھنجو ڀرت تي ايترو پيار آهي
يا نہ. هيءَ مھان اپراڌ ڪري اسانجي پرسڌ راجائي ونش جو
ناس نہ ڪر."

انھيءَ کان پوءِ بہ ڪيڪئيءَ ڪجھ ڪڇيو ئي ڪونہ پر ڀاڻ
سندس اکين مان ڌڪار ۽ ڪروڌ جي آگ ڀڙڪي نڪتي.

راجا وڌيڪ ھئي چيو، "اڄ ڏينھن تائين تو ڪو بہ اهڙو ڪم
نہ ڪيو آهي جنھن مان مونکي ڪو ڏک رسي. تو ڪڏهن
بہ ڪو گھٽو لفظ ڪونہ ڳالھايو آهي. مان نٿو ڀانيان تہ پنھنجو
ڀاڻ ڪو تنھنجي من ۾ هيڏو ڪڌو ويچار پيدا ٿيو هوندو. اي
پياري ديوي، تو مونکي سوين وار چيو آهي تہ ڀرت هڪ
اتم گڻوان راجڪمار آهي پر رام هن کان بہ وڌيڪ سريشٽ
آهي. ڇا، اڄ تون انھيءَ رام کي ٿي بنواس ڏيارڻ لاءِ چئي
رهي آهين؟ ڀلا هوءُ بن ۾ ڪيئن رهي سگھندو؟ تنھنجي من ۾
اهو خيال ئي ڪيئن آيو تہ تون رام کي بيابان ڏانھن موڪلين
جت خوفناڪ جانور رهندا آهن؟ خيال ڪر تہ رام جو توسان
ڪيترو نہ پيار آهي! هن ڪيتري نہ تنھنجي شيوا ڪئي آهي!
تون اهي سڀ ڀلايون ڀلائي، پٿر دل ٿي ڪيئن ٿي اهڙا واڪ

سمجهان ته جيڪي ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو آهي تنهن کي ڪا سچي هستي آهي."

هن پرڪار جي انشچت گڙٻڙ ۽ پڙ پولن جي دک جي سهڻ جي شڪتي دشرٿ ۾ ڪانه هئي. انهيءَ ڪري هن اکيون ڪري پوريون ۽ وري بيهوش ٿي ويو. ڪن ڪان پوءِ جڏهن هن اکيون کوليون ته ڏٺائين ته ڪئڪئي سندس سامهون بيٺي آهي. انهيءَ وقت هو اِئين ڏکڻ لڳو جئين ڪو هرڻ چيتي کي ڏسي ڏڪندو آهي. پوءِ ڌرتيءَ تي ٿي وينو. جئن هڪڙو اثرائتي منترن سان منبڌيل واسينگ نانگ هيڏي هوڏي پيو لڏندو آهي، ساڳيءَ ريت دشرٿ پڻ بيوس ٿي لڏندي لمندي سڏڪا ڀرڻ لڳو. هو وري بيهوش ٿي ڪري پيو.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ هو وري سامت ۾ آيو. اتياچاريءَ اِستريءَ ڏانهن اکيون ڪياءِ. سندس اکين مان آگ جا اُلا ٿي نڪتا. بي وس ٿي، ڪروڌ ۾ پرجي داڻهن ڪندي دشرٿ چيو، "اي پاپڻ! اي دئيتياڻي! اي ڪل هتياري! رام توکي ڪهڙو ڏک ڏنو آهي؟ هو ته توکي سڳيءَ ماءُ جيان پيار ڪندو رهندو آهي. مون نه سمجهو هو ته تون هڪ ڪلين سد ناري آهين. هاڻي مان ڏسان ٿو ته تون هڪ زهر ڀري نانگڻ آهين، جنهن کي مان دور ديش کان وٺي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ سانڍيندو رهيو آهيان، انهيءَ لاءِ ته انت ۾ ڏنگ هڻي مونکي پوري ڪري."

هنن شبدن جو ڪئڪئيءَ تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. هن هڪ لفظ به واتان ڪونه ڪڍيو.

راجا وڌيڪ هن ريت چيو، "توکي خبر آهي ته سڀ لوڪ رام کي پائيندا آهن ۽ پڻ سندس ساراهه جا ڏڪ پريندا آهن. انهيءَ ڪري مان ڪهڙي بهاني رام کي بنواس ڏيان؟ ڪوشليا کي وڇائي به مان جيئرو رهي سگهندس. پوتر من واريءَ سمترا کي گنوائي به مان جيئرو رهي سگهندس. پر رام جي وڇائڻ پڇاڻان

ب شرم تي ڪري ٻين راجائن کي پوءِ ڇا چوندا؟ اِئين چوندا ته
’ ڪئڪئيءَ منهنجي جان بچائي هئي. مان ڪيس وردان
نو هو. پوءِ مان پڇتايو. مان پرتگيا ڪري پنهنجو وچن ڀنگ
ڪيو‘. اُنهيءَ کان سواءِ هننکي ٻيو ڇا چئي سگهندا؟ سڀ
اجائون توهانکي پنهنجي لاءِ هڪ ڪلنڪ ڪري سمجهندا!
سڀ اوهان جي سنگ کان پيا ٿهندا. ساڌارڻ جنتا به پيئي
رهانکي ڌڪار ڏيندي ۽ اوهان تي ڇٿرون ڪندي. هو چوندا
راجائون پنهنجي راڻين کي وچن ڏيئي به اُنکي ڀنگ ڪندا
هن. آئينده راجائن جي وچن تي ڀروسو رکڻ نه گهرجي‘.
ڇا اوهانکي اِها ڄاڻ ڪانه آهي ته راجا شويءَ جيڪو وچن
ڪ پکيءَ کي ڏنو هو تنهنکي پالڻ لاءِ هن پنهنجي هڏين
ان ماس ڪوري به ڏيئي ڇڏيو. اوهان الرڪ جي ڪٿا به
ندي هوندي ته پنهنجي پرتگيا پورڻ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجون
کيون به ڪڍي ڏنيون هيون. سمند به پنهنجي پرتگيا سان
ندل رهي ٿو. ڇاڪاڻ جو هن اهڙي پرتگيا ڪئي آهي، انهيءَ
ڪري پنهنجي حدن اندر رهي ٿو ۽ پرٿويءَ کي ٻوڙڻ لاءِ اُٿل
تو کائي. پنهنجو ڌرم پورڻ ڏنل وچن ڀنگ نه ڪريو. پنهنجي
شاهاڻي اَبن ڏاڏن واري راهه وٺو. مونکي ڊر آهي ته اوهان
يوڳه سنتان تي ڌرم جي مارگ تان ٿڙڪي ويندا. اوهين رام
تي يوراج بڻائيندا ۽ ڪوشليا سان موجون ماڻيندا رهندا، پوءِ
يل ڌرم وڃي ڪڏهن پوي، پل سنهه وڃي ناس ٿئي. اوهانکي
ڪهڙي پرواهه آهي؟ جيڪي ور اوهان سوڳند کائي مونکي
ڏنا ڪيا آهن، تن کان انڪاري ٿيندا ته مان اڄ راتِ ئي
وهه جو پيالو پي پنهنجو اَنت آڻيندس. اوهين پل رام کي
تلڪ ڏيئي راجا بڻائجو. پر اِي وچن ڀنگ ڪندڙ! مان نه
وهان جي اکين اڳيان ئي پران تياڳيندس. هن ڳالهه جي پڪ
جاڻجو. مان ڀرت جو نالو کڻي قسم کڻان ٿي. جيڪڏهن اوهان
پنهنجو پرڻ پاليندا ۽ رام کي بنواس ڏيندا ته ٺيڪ، نه ته مان

واتان ڪڍين ته 'رام کي بنواس ڏانهن موڪل؟' هن تنهنجو کهڙو اپراڌ ڪيو آهي؟ محلات ۾ سوين اِستريون رهن ٿيون. اُنهن مان ڪنهن هڪ به ڪڏهن رام جي پوترتائيءَ ۽ پرتشٺا جي ورڌ ڪا دانهن ڪانه ڪئي آهي. گهٽا ۽ سندر آهن رام جا گڻ. اُنهيءَ ڪري سارو جڳ ڪيس پيار ڪندو آهي. هيترن سارن ماڻهن مان ڇو رڳو توکي دانهن ڪرڻ جو ڪارڻ مليو آهي؟ ڇا رام خود اِندر جو مٽ ڪونه آهي؟ رام جي مک مان رشين جهڙي آتمڪ جيوتي چمڪندي رهندي آهي. هنجو ڇهرو سنن گڻن جي ڪري سدا ٻهڪندو رهندو آهي. سارو سنسار هڪ سر سان چئي رهيو آهي ته رام جهڙوئي سچار آهي، تهڙوئي ملنسار آهي. جهڙو هو ودوان آهي، تهڙوئي هوُ گيانوان آهي. جهڙي آهي منجهس ويرتا، تهڙيائي آهي منجهس نمرتا. رام جي مک مان ڪڏهن به ڪو ڪڙو وچن ڪونه نڪتو آهي. مان هنجو پتا آهيان. مان هن کي ڪيئن چوندس ته 'پٽ، تون بن ڏانهن هليو وڃ.' اِئين بلڪل ڪين ٿيندو. مان هڪ ٻڍو آدمي آهيان، مان مرڻ جي ڪنڌيءَ تي اچي بيٺو آهيان. مونتي ڪرپا ڪر، ڪيڪئي. هن راڄ مان ڪا ٻي وستوُ گهر. ٻيو جيڪي به چاهين سو گهر. مان اُها وستوُ توکي تت ڪال ڏيندس. مان توکي هٿ جوڙي نويدن ڪريان ٿو ته مونکي يم لوڪ ڏانهن روانو نه ڪر. مان تنهنجي پيرن کي پڪڙي توکي باڏايان ٿو. مان توکي نمرتا سان آرادنا ٿو ڪريان، رام کي بچاء! مونکي پاپ ڪرم کان بچاء!"

اهڙيءَ ريت راجا غم جي سمندر ۾ غوطا کائي رهيو هو. اُنهيءَ هوندي به بيرحم ڪيڪئيءَ کيس هيٺيان وچن چيا:

"راجن، وردان جي پرتگيا ڪري، اوهان پڇتائيندا ۽ پنهنجو وچن پنگ ڪندا ته پوء اوهانکي ڪير راجا ڪري سمجهندو؟ پوء اوهان کي سچ ۽ ڌرم جي وار[؟] ڪرڻ جو ڪهڙو اَڌڪار رهندو؟ پوء اوهان ٻين راجائن کي ڪئن منهن ڏيکاري سگهندا؟

هڪ وڏگهراڻي ناري آهين. اُنهيءَ ڪري ئي مان توکي تنهنجي راڻي بڻايو. جهڙيءَ ريت هڪ گمراه ٿيل ماڻهو زهر گڏيل شراب جي سڳنڌ تي موهجي پوندو آهي، تهڙيءَ ريت مان تنهنجي سوڀيا تي اکين ڇڪن تي توسان وواهه ڪيو. جئين هرڻ شڪاريءَ جي ڦندي ۾ اچي ڦاسندو آهي، تئين مان تنهنجي ڄار ۾ اچي ڦاٿو آهيان. هاڻي ته مان ناس ٿي ويندس. شراب پيئندڙ برهمڻ کي گهٽين ڪوچن جا سڀ ماڻهو ڌڪاريندا آهن، تهڙوئي منهنجو حال ٿيندو. ڪهڙا ڪڏا ور تو گهريا آهن! اُنهن جي ڪري اسان جي راڄائي ونش کي ٽڪو لڳندو. سڀ چوندا ته هڪ مورک راڄا ڪام جو شڪار ٿي ٻاهتريءَ ۾ اچي پنهنجي پياري انوکي پٽر کي بنواس ڏنو آهي.

”جيڪڏهن مان رام کي بن وڃڻ جي آگيا ڏيندس، ته هو خوشيءَ سان اِها ڳالهه سويڪار ڪندو ۽ بن ڏانهن هليو ويندو. پوءِ مان به مرندس ۽ ڪوشليا ۽ سمترا به مرنديون. اهڙي ريت هٿ ڪيل راڄ مان تون ڪهڙو سک پائيندينءَ؟ اي پاپڻ، مورک استري! ذرا ته سوچ ڪر.

”ڇا پرت کي تنهنجي رٿ قبول پوندي؟ جيڪڏهن هو اِها قبوليت ڏيندو ته پوءِ منهنجو ڪريا ڪرم ڪري ڪونه سگهندو. اي نرلڄ ناري، اي منهنجي جان جي ويرڻ، پنهنجي پتار جو اَنت آڻي، وڏوا بڻجي، پنهنجي پٽ سان گڏ ويهي راڄ جو سک ماڻج. زالون ڪهڙيون نه پاپڻ ٿينديون آهن! هو ڪهڙو نه پٿر دل ٿينديون آهن! نه نه. مان ڀليل آهيان. رڳو ڪئڪئي ئي اَتياچارڻ آهي. مان ٻين ديوين کي ڇو ڏوهه ڏيان. ڇو مان سندن اَپمان ڪريان. ڪهڙي نه ڏک جي ڳالهه آهي جو منهنجي پرت جي ماتا ههڙي راڪسياڻي آهي! ڪئڪئي، مان هيڙو ڪم بلڪل نه ڪري سگهندس. مان تنهنجي پيرن تي ڪري توکي وينتي ٿو ڪريان ته هن ضد کي ڇڏي ڏي. مون تي ڪجهه ديا ڪر. ڪجهه ترس کاءُ!“

پنهنجي جيون جو انت آڻيندي يس.“

اهڙي دردي گهوشڻا ڪرڻ کان پوءِ ڪيڪيئي بس ڪئي. دشرٿ پنهنجي پٽر دل پتنيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. سندس مک مان هڪ شبد به نه نڪتو، ڄڻڪ ڪنهن سندس چپن کي سبي ڇڏيو هو. دل ۾ چوڻ لڳو ته هيءَ سندري سچ پچ ڪيڪيئي آهي، يا ڪا ڏائڻ آهي؟ جنهن کو وڏو وڻ ٻيلائي جي کهاڙن جي ڏکن لڳڻ ڪري اچي پٽ پوندو آهي، تئن دشرٿ لوڏو کائي ڌڙ ڪري اچي ڌرتيءَ تي ڪريو. اُتي ئي سرتيءَ ۾ ڏکو تي پيو رهيو. قياس جهڙي هٺي سندس بربادي!

توريءَ دير کان پوءِ هو وري سامت ۾ آيو. هن جهڪي آواز ۾ هٺن چيو، ”ڪيڪيئي! ڪنهن تنهنجي من کي اهڙو پرشت ڪيو آهي جو تون منهنجي موت ۽ اسان جي ڪل جي ناش کي ڏسڻ لاءِ تيار ٿي آهين ۽ کهڙي پوت اچي تو ۾ واسو ڪيو آهي؟ ڪير تو توکان هن ريت لڄ لاهي ناچ ڪرائي؟ ڇا تون پانئين ٿي ته رام جي بن وڃڻ کان پوءِ ڀرت راڄ تيڻ سويڪار ڪندو؟ توکي سڌ آهي ته هو ڪداچت اِها ڳالهه قبول نه ڪندو. ڇا مونکي ايتري همت ٿيندي ته مان رام کي چوان ته بن ڏانهن وڃ؟ ڇا سنسار جا راڄا مونکي ڌڪاريندا ڪونه؟ ڇا هو اِئين ڪونه چوندا ته ’هن ٻڍي باهتريءَ ۾ آيل پتني-داس، منش جي سرمور پنهنجي وڏي پٽ کي ديش نيڪالي ڏني آهي؟ تون اِئين نٿي سمجهين ته هو مونتي ڇٽرون ڪندا؟ ’رام کي ديش نيڪالي ڏي‘ اِئين چوڻ تنهنجي لاءِ ته سولو آهي، پر رام جي بن وڃڻ کان پوءِ، مان يا ڪوشليا جيئرا رهي سگهنداسين؟ تو جنڪ جي پٽريءَ جو ڪو ويچار ڪيو آهي؟ جڏهن هوءَ ٻڌندي ته رام ڏنڊڪ جهنگل ڏانهن ويندو، تڏهن ته هوءَ مري پوندي.

”تنهنجي سندرتا مونکي ٺڳي ڇڏيو. مون سمجهيو ته تون

۽ جيڪي رام جي راڄ تلڪ ۾ اکيون پائي وينا آهن تن کي
مان ڇا چوندس؟ اي آڪاش! منهنجي خاطر تون پنهنجن تارن
ستارن سوڌو بيٺو رهه. نه، نه! تون هلي وڃ. تون ترسندين ته مان
هن پاپڻ ڏانهن نهاريندو رهندس. او راتڙي! تون هڪدم هلي
وڃ، جئن مان هيءُ منهن وڏيڪ ڏسي نه سگهان."
اِهو راجا جنهن سٺا سارا سٺ هزار ورهيه راڄ ڪيو هو،
سو اڄ هن ريت هر بيهوش ٿي ٽيو ۽ هر ساعت ۾ ٿي آيو.
هن وري چيو، "ڪئڪئي! تون مونتي ڪو قياس ڪر.
ڪاوڙ ۾ مون جيڪي ڪنور وچن چيا آهن، سي وساري ڇڏ.
قسم ٿي توکي اُنهيءَ پريم جو، جيڪو منهنجي لاءِ تنهنجي
هردي ۾ ٻئي وسيو آهي. اِئين ڪري سمجهه ته مان توکي راڄ
ڏيئي ڇڏيو آهي، اُهو هاڻي تنهنجي ملڪ آهي. تون هاڻي
پنهنجن هٿن سان اهو راڄ رام کي ڏيئي سگهين ٿي. ائين رام
کي راڄ ڏيئي اهڙو يتن ڪر جئن راڄ تلڪ جو ڪارج سڌ ٿئي.
راڄ سپا اهو نرڻيه ڪيو آهي ته سڀاڻي راڄ تلڪ جو سڳن ٿئي،
سڀون نيتائن ۽ بزرگن ۽ پڻ رام کي اِئين چيو آهي ته اهو ڪارج
سڀاڻي ڪيو ويندو. انهيءَ گهوشڻا کي ڪوڙو نه بڻاءِ. مونتي
ديا ڪر. تون راڄ کي پنهنجو سمجهي ڪري رام کي دان
ڪر. جي تون اهڙي اُدارتا ڏيکاريندينءَ ته انهيءَ لاءِ لوڪ
تنهنجي تپستاءِ ساراهه ڪندا رهندا جيسين سج ۽ چنڊ قائم
آهن. منهنجي اِڇا آهي ته ڇٽ رام جي سر تي جهولي. پرجا
جي به ساڳي اِڇا آهي. راڄ جي مهاپرشن ۽ نيتائن جي اهڙي ئي
اِڇا آهي، خود پرت به اِئين ئي چاهي ٿو. منهنجي پياري،
تون منهنجي اِها ڳالهه رک." اِئين چئي وري به راجا ڪئڪئيءَ
جي پيرن کي ڇهڻ پيو.
اهڙن پاوَ پريل شبدن تي به ڪئڪئيءَ کو ڌيان نه ڏنو.
هن راجا کي چيو، "هيڏيون مورکتا جون ڳالهيون ڇڏي ڏيو.
منهنجو وچن ڀنگ نه ڪريو. مونکي تنگ نه ڪريو، نه ته

راجا پٽ تي ليٽڙيون پائڻ لڳو ۽ ڏک وچان ڦٿڪڻ لڳو. هن درشيہ جو اسان ڪئن ورنن ڪريون؟ هڪڙو پرسڌ سمراٽ جنهن گهڻو سمو شاندار نموني راڄ ڪيو آهي، سو اڄ سڌ ڪا پري، ڌرتيءَ تي ليٽڙيون پائي، پنهنجي پتنيءَ جي پيرن کي ڇهڻ پيو. رحم پني! اڄ دشرٿ جو اهڙو حال هو جهڙو يياتيءَ جو اُنهيءَ سمي ٿيو هو، جڏهن سندس پُڃ پورا ٿي چڪا هئا ۽ کيس سرڳہ مان ڌڪالي ڪري پرٿويءَ تي اُڇلايو هئائون.

راجا ڪيتري ٻہ آزي نيزاري ڪئي، پر ڪئڪئي پنهنجي هٽ تي بيٺي رهي ۽ هن ديوتا سان ڳالهائيندي هئن چيو: "توهان پاڻ ٻناڪ هڻي چيو آهي تہ اوهان ستيہ وادي آهيو. اوهان ديوتائن جي سنمک سوڳند کائي ور ڏنا آهن. هاڻي اُنهيءَ پرتگيا تان توهين پوئتي ٿا هٽو. جيڪڏهن اوهان پنهنجو وچن پنگ ڪندا تہ پوءِ مان اوس پاڻ کي پورو ڪنديس. اُنهيءَ ڪري اوهان جي ڪل جي ساک ڪانہ وڌندي، جنهن تي اوهان کي ايترو بانور آهي!"

پوءِ دشرٿ چيو، "چڱو ڀلا، رام ڀل بن ڏانهن وڃي ۽ ڀل مان پراڻ ڏيان. مونکي ۽ منهنجي گهراڻي کي برباد ڪري، تون خوش قسمت وڌوا بڻجي پنهنجي مراد پائيندينءَ ۽ پنهنجي جيون جو سک ماڻيندينءَ."

ٿوريءَ دير کانپوءِ ٻيدي راجا دانهن ڪري چيو: "مونکي تہ پتوئي ڪونہ ٿو پوي تہ رام کي بن موڪلڻ سان توکي ڇا هٿ ايندو؟ نتيجو اُهو ٿيندو جو سارو سنسار توتي ڦٽڪار وجهندو. مون ورهين جا ورهيہ تپ جپ ڪيا هئا، مسين مسين پرڀوءَ جي ڪرپا سان مونکي رام پراپت ٿيو هو، اُنهيءَ کي مان اڄ بن موڪليان؟ ڪهڙو نہ نياڳو مان چئبس!"

آڪاش ڏانهن نيڻ کڻي هن چيو، "اي راتڙي! تون الي أي بيٺي هج! جي تون هلي ويندينءَ ۽ نئون سورج اُڀريو تہ پوءِ مان ڇا ڪندس؟ اهي ماڻهو جنجو رام سان سنيهہ آهي

عوءِ نيٺ مڙندي؛ ۽ ڪنهن نه ڪنهن ريت ٻن ڪرتوين جي
چهر جيڪا ٻڌ ٿي رهي آهي، سا سماپت ٿيندي. پر هاڻي
هن ڏٺو ته اِها ڳالهه ٿيڻي ئي ڪانه آهي.

هن کي اجا تاءِ هڪڙي جهڪي اُميد هئي: ”رام ٿورو ئي
منهنجي پرتگيا ۽ وچن سان ٻڌل آهي. پرجا جو ساڻس ڏاڍو
پريم آهي. سندس ٻل اُمت آهي. هوُ منهنجي پرتگيا جي پرواهه
نه ڪري پنهنجا اُڌڪار ڇڪي سگهي ٿو — پر مونکي دل
سان ئي نٿو لڳي ته هوُ ڪو اِئين ڪندو. منهنجي تپ آگيا
کي ٻه هن هميشهه پوتر ڪري ليکيو آهي. پر جيڪڏهن قسمت
سان هن اِئين ڪري وڌو ته پت رهجي ايندي.“

دشرٿ جي دل ۾ آنڌ مانڌ هئي. سندس هردي ۾ اُٿي
پيڙا هئي. اُنهيءَ اوستا ۾ ٻيو راجا اُجاين اُميدن ۽ آسرن سان
پاڻ کي خوش ڪري رهيو هو. اِها ڳالهه ڪائنس وسري ويئي
هئي ته رام ڪڏهن ٻه پتا جي آگيا پالڻ ۾ گس گساءُ نه ڪندو.
رام جي جيون جو هڪ مکيه اُنگ هو پتري آگيا جو پالن.

اُنهن اجاين اُميدن جي پروسي گهڻو وقت جٽاءُ ڪو نه
ڪيو. دشرٿ سمجهيو ته سندس مرڻ جو ويلو اچي ويجهو
ٿيو آهي. سندس من ۾ ٻن وروڌي ويچارن جي ٻڌ هلي
رهي هئي. اُنهيءَ ڪري هو ڏاڍو دکي ٿي رهيو هو. هن ڄاتو
ته موت اچي اهڙي پيڙا کان سندس جند ڇڏائيندو، مرتيو ئي
کيس آئينده جي جهڳڙن جهٽن ۽ ڏکن سورن کان بچائيندو.

جڏهن موت جي گهڙي ويجهي پوندي ويس، تڏهن کيس
پراڻيون ڳالهيون ۽ گهٽنائون اچي ياد پيون. هن جوين اوستا
۾ هڪ اُگر پاپ جو ڪم ڪيو هو. اُنهيءَ جي يادگيري من
۾ تري آيس. هن اِئين سمجهو ته ”جيڪي مون اُنهيءَ وقت
پوکيو هو، اُنهيءَ جو ڦل اڄ لڻي رهيو آهيان. مان رشي پتر
جو اُنت آندو ۽ سندس ٻڍڙن ماتا پتا کي ڏک رسايو. اُنهيءَ
پاپ جو اِهوئي پراشچت آهي ته مان پنهنجو پيارو پتر وڃايان.“

لاچار تي مان پنهنجو پرڻ پورو ڪنديس؛ مان آتم-گهات ڪنديس. توهان لاءِ گس گساءِ ڪرڻ اَجايو آهي.“

راجا وراڻيو: ”جڏهن مان توسان وواهه ڪيو هو، تڏهن اگني ديوتا کي ساکي سمجهي مون سڀ سڳڻ سات پورا ڪيا هئا. اڄ هاڻي جو هاڻي مان تنهنجو تياڳ ڪريان ٿو ۽ جيڪو پتر تو ڄڻيو آهي تنهنجو به تياڳ ڪريان ٿو. پرڀات جو سمو اچي ٿيو آهي. پرڀاتڪال جي ويلي رام جو راج تلڪ ڪونه ٿيندو، پر منهنجي چِکيا ڪڄندي.“

ڪيڪيئي راجا جي ڳالهه کي ڪاٽي چيو، ”توهان اجائي بڪ بڪ ڪري رهيا آهيو. يڪدم رام کي گهرايو. جئن ئي هُوَ هتي اچي، تيئن ئي کيس چئو ته راڄ جو ڏاڻي ڀرت آهي ۽ کيس بن ڏانهن وڃڻو آهي. پنهنجو وچن پاليو. اجايو وقت نه وڃايو. دشرٿ ڪنجهندي ۽ ڳهندي چيو ته ”چڱو مونکي رام جو منهن ته ڏسڻ ڏي. مرتيو منهنجي سر تي سوار آهي. مان مران تنهن کان اڳ مونکي سندس منهن ڏسڻ ڏي. مان هڪ ڀيرو ڀلو ۽ مورک ماڻهو آهيان. ڌرم جي سوتن ۾ ٻڌل مان ڪجهه به ڪري نٿو سگهان.“

اِئين چئي دشرٿ وري بي سرت ٿي ڪري پيو.

اڌياءُ ١٥

کهڙو نه چمتڪار!

ويچاري دشرٿ جي من ۾ ڏاڍي وڏي پيڙا هئي. قدرتي پريم هڪ طرف کيس ڇڪي رهيو هو، ٻئي طرف سندس نيتي ڌرم کيس ستائي رهيو هو. هنکي پنهنجو وچن پالڻو هو. باوري جيان، ڪيڪيئي جي پريم تي ڀروسو رکي، هو اِئين سمجهي ويٺو هو ته ضرور ڪيڪيئي جو من ڦيرو کائيندو؛

”او راڄن! توهين پنهنجي ڪوچوان جو گيت ٻڌي سجاڳ ٿيو، هڙيءَ ريت اندر ماتليءَ جا سجاڳ ڪندڙ گانا ٻڌي اُٿندو هي. شل سڀني ديوتائن جي اوهان مٿان آسيس ٿئي. نيتائون، سيناپتي ۽ مکيه نگرواسي اوهان جي درشن لاءِ سيڙيا بيٺا هن. راڻيءَ جي ديوي هلي ويئي آهي. اوهان کي ڏينهن ي ڪمن ڪارين لاءِ آگيائون ڏيڻيون آهن. اي راڄائن جا اجا! ڪرپا ڪري جاڳو. پوتر رشي وسشٽ ۽ سندس شش وهانجي واٽ نهاري رهيا آهن.“

راڄا جو من ڏک سان ڀريل هو ۽ انهيءَ ڪري هو هڪڙو رف به نه ٻولي سگهيو. پر ڪئڪئي وڏيءَ همت سان هن ي ٻدران ڳالهائڻ لڳي. هن سمنتر کي چيو ”راجا ساري ات ويٺي رام جي راڄ تلڪ جون ڳالهيون ڪيون. ڪيس ننڊ نهه ڪانه آئي. انهيءَ ڪري هو هاڻي ستو پيو آهي. تون ڪدم وڃ ۽ رام کي وٺي اَچ.“

اهڙيءَ ريت هن چالاڪ استريءَ سمنتر کي موڪلي ڏنو نهيءَ لاءِ ته هو رام کي وٺي اچي ته رام پاڻ اچي راجا جي آگيا ٻڌي. هن کي خبر هئي ته دشرٿ پرتگيا ته ڪئي آهي ر انهيءَ جي پوري ڪرڻ جي منجهس شڪتي ڪانه آهي. انهيءَ ڪري هن فيصلو ڪيو ته هن کان پوءِ جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي سو مان پاڻ ڪنديس.

سمنتر رام جي محلات ڏانهن ويو. رام ۽ سيتا راڄ تلڪ لاءِ نياري ڪري رهيا هئا. اُنهيءَ وقت سمنتر رام کي چيو ته ”راجا ۽ راڻي ڪئڪئي توهان کي سنڀاري رهيا آهن.“ رام يڪدم آگيا پالي روانو ٿيو.

اوچتو ئي اوچتو جو ڪارج ۾ هيئن دير پئجي ويئي ۽ چاڪاڻ جو عجيب نموني سان راڄ ڪرمچاري هيڏانهن هوڏانهن اَچ وڃ ڪري رهيا هئا، تنهن ڪري لوڪن جي من ۾ شنڪائون پيدا ٿيون. پر ڪنهن کي به همت نه ٿي ته هو

اِئين چئي دشرٿ پاڻ کي قسمت جي آسري ڇڏي ڏنو. اِئين سمجهيائين ته ”جيڪو مون اڳ پاپ ڪيو آهي، تنهنجو پورو پورو ڦل اڄ مونکي ملي رهيو آهي.“

هن سمجهو ته پنهنجي اتياچاري اِستريءَ سان کيل پرتگيا کي پوري ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا به واٽ ڪليل ڪانه آهي. انهيءَ ڪري هن سمورن ڪمن ڪارين جي پوري ڪرڻ جو بار ڪئڪئيءَ جي سر تي اُڇلائي ڇڏيو.

سڀ اُڀريو. راڄ تلڪ لاءِ جيڪا گهڙي مقرر ڪئي ويئي هئي سا ويجهي پوندي ويئي. وسشٽ ۽ سندس شش پوتر ندين جو پاڻي سونن برتنن ۾ کڻي سرگس ٿاهي محل ڏانهن پئي ويا. شاهي سڙڪ هر نموني ۾ سينگاريل هئي ۽ انتظار ۾ پريل اِسترين ۽ پرشن جا جهنڊن جا جهنڊ اُتي بيٺا هئا. هنن جو ڏنو ته وسشٽ ۽ سندس شش پوتر جل ۽ راڄ تلڪ جي سڳنن سانن جا ڍين ڍين پاتر کڻي محلات ڏانهن وڃي رهيا آهن، سو هو گڏ گڏ ٿيا. ڏٺائون ته ماکي ۽ ڏهي، گيهه ۽ چانورن جا ڦلا، پوتر گاهه ۽ چيٽي جي چمڙيءَ جو آسن ۽ اُڇي ڇٽي سرگس وارن جي هٿن ۾ آهن. ڪنياڻون، هاٿي، گهوڙا ۽ رٿ به سرگس سان هلي رهيا آهن. پوتر ٻيل ۽ گهوڙي کي محلات ڏانهن وٺي وڃن ٿا. ڍين ڍين سازن مان ڳاني جا سندر آلاپ نڪري رهيا آهن. اهو درشيه ڏسي هو ڏاڍو ٻود ۾ اچي ويا ۽ هو خوشيءَ جي نعرن سان اُپ ڦاڙڻ لڳا. جڏهن وسشٽ محلات جي در وٽ پهتو، تڏهن هن سمنتر کي اُتي ڏٺو. هنکي چيائين ته ”ڪرپا ڪري يڪدم اندر وڃو ۽ وڃي راجا کي چئو ته سموريون تياريون ٿي چڪيون آهن ۽ لوڪ انتظاريءَ ۾ بيٺا آهن.“

سمنتر پراتهه ڪال جا منتر اُچاريندي وسشٽ جي نياپي ڏيڻ لاءِ راجا جي سمهڻ واريءَ ڪوٺيءَ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ پرڀاتي گيت ڳائي هن وسشٽ جو سنيهو راجا کي ٻڌايو. هن چيو،

چيو، ”ماتا! هيءَ نہ وچتر وارتا آهي. منهنجو پتا ڪٽي ڪهڙو بہ ڪاوڙجي، تہ بہ هو مونسان هميشہ مٺيءَ واڻيءَ سان ڳالهائيندو آهي. ڇا مان اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪو اپراڌ ڪيو آهي؟ ڇا اوچتوئي اوچتو ڪنهن بيماريءَ اچي ڪيس ورايو آهي؟ ڪو ساڻس بيادبيءَ سان هليو آهي ڇا؟ جيڪي ڪجھ وهيو واپريو هجي ساسموري ڳالھ مونکي ٻڌاءِ. مان هيءَ ڳالھ وڌيڪ سهي نٿو سگهان.“

ڪنور دل ڪئڪئيءَ کي اهڙو ئي وجھ گهربو هو. هن چيو، ”راجا ڪنهن سان بہ رنج نہ ٿيو آهي. هن جو شرير بہ نروڳہ آهي. پر سندس من ۾ ڪا اهڙي ڳالھ آهي جنهن کي تنهنجي اڳيان ظاهر ڪندي هو ڪنبي ٿو. ڳالھ ايتري ئي آهي. هو توکي حال ٻڌائڻ کان ڌڪي ٿو، متان توکي دک ٿئي. اُنهيءَ ڪري ئي هو چپ چاپ پيو آهي. هڪوار مونسان ڏاڍو پرسن ٿيو هو. هن مونکي ٻہ ور ڏيڻا ڪيا ۽ مان اُهي سويڪار ڪيا. هاڻي هو اسپہ منش وانگر پشچاتاپ ڪري رهيو آهي تہ مون اُهي ور ڇو ڏنا؟ ڇا اهڙي ڳالھ سندس منهن تي پوي ٿي؟ ڪو راجا پرتگيا ڪري پڇتائي، سا ڳالھ اُنهيءَ کي سهندي؟ تون ئي سندس پرڻ پورو ڪري سگھندين. پر هو توسان ڳالھ ڪرڻ کان ئي ٿو ڪنبي ۽ اُنهيءَ ڪري پرتگيا کي ڀنگہ ڪرڻ جو ويچار ڪري رهيو آهي. ڇا اِئين ڪرڻ هن لاءِ يوڳيہ ٿيندو؟ جيڪڏهن تون کيس اِهو وشواس ڏيندين تہ هنکي تنهنجي رخ بابت چنتا ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ آهي ۽ کيس چوندين تہ هر حالت ۾ هو پنهنجو وچن پالي تہ پوءِ هن کي ڌرم اَنوسار وهنوار ڪرڻ جي شڪتي ملندي. جنهن سهايتا جي ضرورت آهي سا کيس تون پهچاءِ. سموري ڳالھ تنهنجي هٿن ۾ آهي. مان توکي سارو قصو ٻڌائينديس؛ مگر تون اُهو انجام ڪندين تہ راجا کي سندس وچن پالڻ لاءِ تون سهايتا ڪندين.“

رام ڪنهن بہ وقت، ڪنهن بہ نموني پنهنجي پتا کي دکي

پنهنجي دل جي ڳالهه ڪولي ٻڌائي. ڀن ڀن ڪرمچارين کي ڀن ڀن ڪم سونپيا ويا هئا. اُهي اِهائي آس رکي ويٺا هئا ته ڪنهن نه ڪنهن ريت ڪارج سڌ تي ويندو. انهيءَ ڪري هو پنهنجي پنهنجي مقرر ڪم ۾ لڳا رهيا.

گهٽيون چمڪ دمڪ سان سينگاريون ويون هيون. مهان ڪارج جي گهڙي ويجهي پوندي تي وئي. پر راڻي ڪئڪئيءَ جي محلات ۾ عجيب غريب اُشپ وار تائون هلي رهيون هيون.

ماڻهن عجب ۾ پئجي هن دير مدار جو ڪارڻ پئي ڳولهيو. هنن سمجهيو ته شايد آرميڪ سڳنن سان تي سندن ڪٽ کان وڌيڪ وقت لڳي ويو آهي.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن ماڻهن جي پيڙ ۽ اِنتظاري وڌندي وئي.

سمنتر ۽ رام اُنهيءَ وڏيءَ پيڙ کي ڏکيائيءَ سان چيريندي ڪئڪئيءَ جي محلات ڏانهن ويا. رام جيئن اُي محلات جي چائنٽ لتاڙي، تيئن اُي ڏکي ويو؛ جڏهن ڪنهن ناڳ جي مٿان سندس پير وجي پيو هو. هو اُچرج ۾ پئجي ويو. ڪيس پٽو ورائي ويو. هن ڏٺو ته سندس پتا دک سان پيڙت تي، بنا هنڌ بستري جي، پٽ ۾ پيو آهي. اِها ڳالهه پڌري هئي ته راجا کي ڪو وڏو صدمو رسيو هو. سندس منهن اهڙو ٿيو پيو هو جهڙو سج ۾ سڪل پارجات پور جو.

هن پنهنجي پتا جي پيرن کي ڇهيو؛ ۽ ساڳيءَ ريت ماتا ڪئڪئيءَ جو به ستڪار ڪيو. دشرٿ ڌيمي آواز سان رام جو نالو ڳڌو. پوءِ چپ ٿي ويو. وڌيڪ ڪجهه ڪڇي نه سگهيو. ڪيس رام جي منهن ڏانهن نهارڻ جي همت اُي نٿي ٿي.

رام منجهي پيو. هن جو ڏٺو ته سندس پتا پٽ ۾ پيو آهي، هو هڪ لفظ به ڳالهائي نٿو سگهي ۽ هو وڏي پيڙا ۾ پيڙجي رهيو آهي، اُنهيءَ ڪري ڪيس پٽو وٺي ويو. رام سمجهي نٿي سگهيو ته ڪهڙي ماجرا آهي. هن ڪئڪئيءَ ڏانهن منهن ورائي

مقرر ڪنديس. مون هاڻي اُهي ور مقرر ڪيا آهن ۽ انهن جي گهر ڪئي اٿم. هيءُ آهن اُهي ٻه ور: ڀريون، ڀرت کي يوراج ٽاڪجي. ٻيو، ته تون اڄ ئي ڊنڊڪ بن ڏانهن هليو وڃ ۽ اُتي وڃي چوڏهن ورهيه بنواس ۾ رهه. تو گنڀيرتا سان قسم کائي سندس وچن پالڻ جي پرتگيا ڪئي آهي. هاڻي تنهنجو ڌرم آهي ته پنهنجي ڏنل وچن کي پاڙي ڏين. جيڪڏهن ڌرم جي مارگ تي هلڻ توکي اهڙو ڏکيو ٿو ڀاسي جهڙو تنهنجي پتا کي لڳو آهي ته ڀوءِ ڳالهه نياري آهي، نه ته جيڪي مان چوان ٿي سو سڀ ڌيان سان ٻڌ. هاڻي تنهنجو ڌرم آهي ته راج تلڪ جي وچار جو تياڳ ڪري، جٽائون ڌارڻ ڪري ۽ ساڌن جيان هرڻ جي کل پهري ديش کان ٻاهر هليو وڃين. راج تلڪ لاءِ جيڪي تياريون ٿيون آهن سي ڀرت جي ڪم ۾ اينديون.“

جنهن وقت هن هيءَ ڪٺور وچن واتان ڪڍيا، تنهن وقت راجا ڦٿڪڻ لڳو. پر رام سڀ ڪجهه ڌيرج سان ٻڌو. ڪيڪئيءَ هڪ چمتڪار ڏٺو. رام جي منهن ۾ مايوسيءَ ۽ ڏک جو ذرو به نشان ڪونه ڏسڻ ۾ آيس. راجڪمار مشڪندي چيو، ”ماتا! ڇا ڳالهه به اِتري آهي؟ راجا جي پرتگيا پڪ ئي پڪ پوري ڪبي. مان پنهنجن وارن کي ڳنڍي جٽائون ٺاهيندس، هرڻ جي کل سان پاڻ ڍڪيندس ۽ مان اڄ ئي بن ڏانهن هليو ويندس.“

جڏهن ڪيڪئيءَ اِئين چيو هو ته رام پتا جي آگيا پالي اَمر ڪيرتي پائيندو تڏهن هن هڪ رشيءَ جيان ڀويشيه واڻي ڪئي هئي. جيسين هماچل پهاڙ پنهنجي آستان تي ٿر هوندو، جيسين گنگا جو جل وهندو رهندو، جيسين سمنڊ جون ڇوليون ڪناري تي لڳنديون رهنديون، تيسين رام جي جس جا گيت سنسار ۾ پيا ڳائبا.

رام اَصل وياڪل ڪونه ٿيو. هن ڪيڪئيءَ کي بلند آواز سان چيو، ”مونکي ذرو به رنج ڪونه ٿيو آهي. مان ڀرت کان ڪا به

ڪرڻ نٿي چاهيو. هن سمجهيو ته شايد هن وقت مان پتاجيءَ جي دک جو ڪارڻ بڻيو آهيان، انهيءَ خيال ڪري ڪيس ڏاڍو رنج ٿي ٿيو. هن اُنهيءَ ڪري ڪئڪئيءَ کان پڇيو، ”ماتاجي! ڇا مان ئي هن ساري ڪشٽ جو ڪارڻ آهيان؟ مان اهڙو ته ڪونه آهيان. توکي منهنجي سنبنڌ ۾ ڪوبه شڪ شبو ٿيڻ نه گهرجي. جيڪڏهن پتاجي آگيا ڪندا ته باهه جي ڪوڙي ۾ ٽپو ڏي ته مان اِئين به ڪرڻ کان بلڪل نه هٻڪندس؛ جي هو آگيا ڪندا ته مان وک پيئان ته اِئين ڪرڻ ۾ به گس گساءُ نه ڪندس. توکي اهڙي ڄاڻ آهي. توکي اِها به چڱيءَ پر سڌ آهي ته پتا جي آگيا پائي مان سمنڊ ۾ ٻڏڻ لاءِ به تيار آهيان. ماتا، مان گنڀيرتا سان توسان پرتگيا ڪريان ٿو ته راجا توکي جيڪو وچن ڏنو آهي، تنهنجي مان ضرور پوئواري ڪندس. مان ڪڏهن به پنهنجو وچن ڀنگ ڪونه ڪندو آهيان.“

جڏهن رام اهڙا ٻول ٻوليا تڏهن ڪئڪئي بلڪل خوش ٿي. هن اُنهن وچنن ۾ پنهنجي پورڻ سڦلتا ڏٺي. جڏهن دشرٿ ڏٺو ته ٻچڻ جي ڪابه راهه باقي ڪانه رهي آهي، تڏهن هوُ بلڪل مايوس ٿي پيو.

هاڻي ڪاسائڻ ڪئڪئيءَ هيٺيان ڀيانڪ واڪيه واتون ڪڍيا: ”رام تو جيڪي ڪجهه چيو آهي، سو بلڪل تنهنجي سڀاءَ سان ٺهڪي ٿو. پٽر جو وڏي ۾ وڏو ڪرتويه اِهو آهي ته پنهنجي پتا جي ڏنل وچن جي پورتيءَ ۾ سهايڪ ٿئي. هاڻي مان توکي تنهنجي پتا جي ڏنل وچن جي ڄاڻ ڏينديس. جڏهن سمبر سان يڌ ڪندي تنهنجو پتا زخمي ٿيو هو، تڏهن مان هنکي تڪليف مان ٻاهر ڪڍي سامت ۾ آندو هو. ڇاڪاڻ جو مون ڪيس ڪشٽ مان ٻچائي، هوش ۾ آندو هو، اُنهيءَ ڪري تنهنجي پتا منهنجا ٿورا مڃيا ۽ هن مونکي ٻه ور ڏيڻا ڪيا، اُنهيءَ شرط سان ته جڏهن به مون کي اُنهن ورن جي ضرورت پيئي، تڏهن مان اُنهن جي گهر ڪنديس ۽ مان ئي اهي ور

چئني طرفن کان وڪوڙيل ۽ ڄار ۾ ڦاٿل هاٿيءَ جي ٿيندي آهي. ڪيڪئي ٻي ڄاءِ سختي ڏيکاري، رام کي جلد هلي وڃڻ لاءِ چيو، ”راجا جي ڳالهائڻ لاءِ نه ترس. خواهمخواه وقت نه وڃاءِ، ڳالهه کي وڌاءِ نه.“

انهيءَ تي رام چيو، ”ماتا! اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته تو منهنجي سڀاو کي سمجهيو ئي ڪونه آهي. منهنجي نظر ۾ ڪنهن به چيز جو ايترو ملهه ڪونه آهي جيترو پتا جي وچن پوري ڪرڻ جو. ڀل ڀرت راڄ جو بار پنهنجي سر تي کڻي ۽ اسانجي ٻڍي پتا جي سنڀال ڪري.“

هن وقت تائين دشرٿ جيتوڻيڪ هرڪا ڳالهه ڌيان سان ٿي ٻڌي ته به هو چپ ويٺو هو. هاڻي هو ڪنجهڻ ۽ ڪڙڪڻ لڳو. رام پتا ۽ ماتا جي چرنن کي ڇهي تڪڙو تڪڙو ڪمري مان نڪري ويو.

لڪشمڻ ٻاهر ويٺو هو. جيڪي ڪجهه وهيو واپريو تنهنجي انکي خبر پئجي چڪي هئي. ڪروڌ مان هن جون اکيون ڳاڙهيون لعل ٿي پيون. هاڻي هو رام جي ڪڍ ويو. رستي تي رام اهي برتڻ ڏٺا جن ۾ راڄ تلڪ لاءِ پوتر جل ڀيل هو. ڌيرج ۽ پوڄا جي ڀاوَ سان هن اُنهن کي پرڪرما ڏني. هو بلڪل شانتيءَ شان ۽ ڌيرج سان اچيءَ چنيءَ ۽ ٻين راجائي ساج ٻاج جي سري سامان وٽان لنگهي ويو. هن لوڪن کي صلاح ڏني ته ڇڙوڇڙ ٿي وڃن. راجڪمار پنهنجي ڪامنائن کي جيتي ڇڏيو هو ۽ هو بلڪل نشڪام ٿي چڪو هو. هاڻي هو راڻيءَ ڪوشليا کي اهو سماچار سڻائڻ لاءِ ويو. ٻن وڃڻ لاءِ آسيس به وٺڻي هيس.

ڀانڪن کي گهرجي ته پنهنجي ڪلپنا شڪتي هلائي هن ڪاويه جي پاترن جي ڀاوَن ۽ دکن جا چٽر پنهنجي چت ۾ چٽين. دشرٿ جي دل کي گهِرو گهاءُ رسڻ، رام جو خوشيءَ سان تياڳ ڪرڻ، ڪيڪئيءَ جي مٿان لوڪ جو سوار ٿيڻ جنهن ڪري سڀ اُتم ڀاونائون دٻجي ويون هيس — اهڙيون ڳالهيون

وسِتو واري ڪونہ رکندس. پاڻ ڪيس هر وستو ڏِيندي مونکي پرسنتا ٿيندي. مان هنکي سڀ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندس، ڪوئي چوي يا نہ چوي. هاڻي جڏهن منهنجي پتا آگيا ڪئي آهي، تڏهن مان هڪ کن جي بہ دير نہ وجهندس. مونکي ڏک رڳو انهيءَ ڳالهہ جو آهي جو منهنجي پتا کي منهنجي آگيا پالڻ جي سنبنڌ ۾ ذرو بہ شڪ چو پئدا ٿيو. جيڪا بہ هنجي آگيا هئي، اُها هن پاڻ چونہ چئي ڏني؟ هن اهو ڪم تنهنجي مٿان چو ڇڏيو؟ ڇا مان هن جو پٽر ڪونہ آهيان؟ ڇا مان سندس آگيا پالڻ لاءِ بڌل ڪونہ آهيان؟ مان سندس پرن پورو ڪريان انهيءَ کان وڌيڪ مونکي ڪهڙي خوشي ٿيندي؟ انهيءَ کان وڌيڪ مونکي ڪهڙو جس ملندو؟ مون ڪهڙو اپراڌ ڪيو آهي جو منهنجي پتا مونکان پنهنجو منهن موڙيو آهي ۽ مون سان بہ مٺا شبد نٿو ڳالهائي. مونکي اُنهيءَ ڳالهہ جو ارمان آهي جو هن مونکي سڌون سنوانئو گهرائي، پنهنجي مک سان آگيا نہ ڏني. مان بنا ڪنهن ميݨ ميک جي اڄ جو اڄ بن ڏانهن راهي ٿيندس. يڪدم تيز قاصدن کي روانو ڪر تہ ڀرت کي گهر وٺي اچن."

راجڪمار جو چهرو اِئين ٻهڪڻ لڳو جئن يگ اگني گيهہ جي آهوتيءَ وقت ٻڙڪو ڪائي اُٿندي آهي.

ڪئڪئيءَ کي جو هن ريت ظاهري ڪاميابي ملي هئي، تنهن ڪري هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. هن کي ايندڙ سمي ۽ انہ ايندڙ دکن جي سمڪ ئي ڪانہ پيئي. سندس من اَندر اُنهيءَ بابت ڪوبہ خيال ڪونہ آيو. ڪنهن بہ ماتا کي اُنهيءَ کان وڌيڪ ڪهڙو دک رسندو جو سندس پنهنجو پيٽ جايو کيس ڪراهت جي نظر سان ڏسي؟ لوڀ ۾ ڦاٿي هن مهامورکتا جو ڪم ڪيو هو. لالچ ۽ حرص جي ڪري هوءَ پنهنجي پٽر ڀرت جي من کي بہ سمجهي ڪونہ سگهي.

دشرٿ جي دک جي ڪري اهڙي حالت هئي، جهڙي

آهيان. انهيءَ ڪري مونکي زمين تي ڪش آسن وڇائي وهڻ گهرجي. مان اهڙي خبر ڪڍي آيو آهيان جنهن ڪري شايد توکي دک ٿئي. ٿيان سان پڻ ۽ مونکي آشيرواد ڏي."

پوءِ هن، هن ريت توري ۾ ساري ڳالهه هن کي ٻڌائي:
"راجا جي اِڇا آهي ته هو راج گدي ڀرت کي ڏئي. هن جي ها آگيا آهي ته مان ڏنڊڪ بن ۾ وڃي چوڏنهن ورهيه اُتي گذاريان. ماتا! مونکي اَج ئي هتان وڃڻ گهرجي. مان انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته وڃڻ کان اڳ، توکان آسيس وٺان."

جڏهن ڪوشليا هيءَ ڳالهه ٻڌي تڏهن هوءَ اهڙيءَ طرح ٻسان پٽ تي ڪري پيئي جئن ڪو اوچتو ويل ڪيلي جو ٽڻ ڪرندو آهي. لڪشمڻ ۽ رام ڏيري ڏيري هن کي اُٿاريو. هوءَ رام کي ڇهتي پيئي ۽ رڙ ڪري چيائين، "منهن جو هردو پٿر جو ٺهيل آهي يا رڪ جو، جو مان اَڃا جيان پيئي؟"

لڪشمڻ رائيءَ جي دک جو نظارو سهي نه سگهيو. ڪروڌ ۾ ڀرجي هن چيو: "هن ٻڍي راجا رام جي ائين برٻادي ڪئي آهي جيئن ڪنهن وڏي ۾ وڏي دشت پاپيءَ جي ڪبي آهي. رام ڪهڙو اَپراڌ ڪيو آهي؟ ڪهڙو آهي رام جو قصور؟ رام جو وڏي ۾ وڏو شترو به ڪا سندس گهٽتائي ڏيکاري نه سگهندو. هن ٻاهتريءَ ۾ آيل ٻڍي پنهنجي ننڍيءَ اِستريءَ جي خاطر پنهنجو هوش حواس گم ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪانپوءِ هو راجا ٿيڻ جي لائق ئي نه رهيو آهي.

"ڪنهن راجا کي اهڙو اڌڪار آهي ڇا ته هو اِستريءَ جي ڳالهه تي لڳي، ڌرم جي ورڌ هلي؟ اي رام! جڏهن تنهنجا شترو به تو ڏانهن نهاريندا آهن تڏهن هو توکي پيار ڪرڻ لڳندا آهن. پر هيءَ پيريءَ ۾ آيل، اِستريءَ جي موهه ۾ قاتل پتا، توکي بن ڏانهن موڪلي رهيو آهي. اي پراتا! منهنجي ڳالهه ٻڌ. اڄ ته اسين ٻئي گڏجي راجا کي تخت تان لاهي ڇڏيون ۽ پاڻ راج سنڀاليون. ڪنهن کي به همت ڪانه

روز مره اسان جي جيون ۾ ٿينديون آهن. والميڪيءَ ۽ ڪمبن
انهن ڳالهين کي دويه درشٽيءَ سان! ڏٺو ۽ رام جي ڪٿا
جي گهٽنائن کي گائڻ وديا دواران نئون جيون ڏنو. اسان کي
به پنهنجي ڪلپنا دواران اُنهن ڳالهين جو ويچار ڪرڻ گهرجي.
ڏند ڪٿا هليل آهي ته جتي جتي رامايڻ جي ڪٿا ٿيندي
آهي تتي تتي هنومان اچي پوڄا جي ڀاوَ سان براجمان ٿيندو
آهي ۽ ڌيان ڏيئي، آنسن ڀرين اکين سان ڪٿا ٻڌندو آهي.
انهيءَ ڏند ڪٿا جو اهوئي مطلب آهي ته اسان پنهنجي ڪلپنا
شڪتي دوڙائي رامايڻ جي پاترن جي چٽر کي چڱيءَ پر پنهنجي
چت ۾ چٽي انهن کي پنهن جي سامهون موجود سمجهون.

هر پاٺڪ جيڪو هيءُ اَڌياءُ پڙهي، تنهن تي شل رام جي
آشيرواد ٿئي جنهن ڪري هو هن جيون جي ڏکن ڏاکڙن کي
ويرتا ۽ ڌيرج سان سهاري سگهي.

اڌياءُ ١٦

طوفان ۽ ماٺائي

رام ڪوشليا جي ڪوٺيءَ ڏانهن ويو. اُتي گهڻائي مهمان اچي
گڏ ٿيا هئا. هو راج تلڪ جي ڏسڻ واسطي منتظر ٿيا ويٺا
هئا. اندرين اندرين ڪمري ۾ راڻي سفيد ريشم جا ڪپڙا
پائي اگني ڪنڊ جي پرسان پنهنجي پت لاءِ آسيس گهري
رهي هئي. جيئن ئي رام ڪوٺيءَ ۾ پير پاتو، تيئن ڪوشليا
اُتي کيس ڳلي لڳايو. ڪوشليا ائين سمجهيو هو ته رام يوراج
ٿيڻ وارو آهي تنهن ڪري هن کي اِشارو ڪياءِ ته هڪڙي
اوچي استان تي وڃي وهي.

رام پنهنجي ماتا کي چيو: "ماتا" هيءُ استان هن وقت
مونکان گهڻو اوچو آهي. مان هاڻي هڪ بنواسي ٿي چڪو

۾ ظاهر ڪري ختم ڪري. پوءِ رام ڪوشليا ڏانهن منهن ورائي چيو: ”ماتا! اهڙي ڳالهه نه ڪريو ته فلاڻو ڪي ٽيرو مونسان ساڻ ٻن ۾ هلندو. تنهنجو ڌرم اهو آهي ته هتي ئي رهين ۽ ٻرڌ پتا کي جيڪو دک رسيو آهي تنهن ۾ ساڻس ڀاڱي ڀائي ٿين ۽ سندس سيوا ڪرين. هڪڙي سمراٽ جي چتر ڀريل راڻي مون سان گڏ ڪنهن وڏا وانگر ڪيئن گهمي سگهندي؟ اِئين ٻنهه ڪين ٿيندو. مان پنهنجي ٻنواس جو مدو پورو ڪري موٽي ايندس.

”منهن جو ڌرم آهي ته مان پنهنجي پتا جي آگيا پاليان، پوءِ اها آگيا نياءَ تي ٻڌل هجي يا اَنياءَ تي؛ اُها آگيا پنهنجو پاڻ ڏنل هجي يا دغا يا دٻاءَ دواران ڪانئس زوريءَ ڏياري ويئي هجي. جيڪڏهين مان هن پرم ڌرم پالڻ ۾ ڳسان ٿو ته مونکي نه ڪي سنتوش ٿيندو، نڪي مونکي جس يا ڪيرتي پراپت ٿيندي، پوءِ چاهي منهن جي همت ۾ اَٿاهه ڌن يا وڏا اَڌڪار ڇونه هجن. پراتا لڪشمڻ! تنهن جون رٿون بلڪل غلط آهن. مونکي تنهنجي شڪتيءَ جي پوري پوري ڄاڻ آهي. مونکي ذرو به سنديهه نه آهي ته تون سمورن ورودين کي جيتي ناس ڪري سگهندين ۽ مونکي راڄ همٿ ڪري ڏيندين. مونکي اها به ڄاڻ آهي ته تون مونکي ڏاڍو پيار ڪندو آهين.

”پر جنهن نموني تون پنهنجي شڪتي ڪم آڻڻ ٿو چاهين، سو نمونو اسان جي گهراڻي جي منهن تي ٽڪو پوي. اسان جو وڏي ۾ وڏو ڌرم اِهو آهي ته پتا جي وچن جي پالنا ڪريون. اُنهيءَ ڪرڻ ۾ جيڪڏهن اسين ڳتاسين، ته پوءِ ڪابه ڪاميابي انهيءَ گهٽتائيءَ جو پورائو ڪري نه سگهندي.“

رام، لڪشمڻ کي ۽ پنهنجي ماتا کي آٿت ۽ دلاسي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. لڪشمڻ جي ڪروڌ کي شانت ڪرڻ سولو ڪم نه هو. اِها تيڻ جهڙي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ههڙو اتياچار رام جي بدران لڪشمڻ تي ٿئي ها، ته پوءِ هن کي

تيندي جو اسان جو ورود ڪري. جيڪو به اهڙي
گستاخي ڪندو تنهن کي مان پورو ڪري ڇڏيندس.
مونکي رڳو آگيا ڏي ته مان اڪيلي سر هيءُ سڀ ڪري
گذرندس. ننڍو ڀاءُ راج گديءَ تي وهي ۽ تون بن پوڄين!
هن مورکتا تي سارو سنسار ڇٽرون ڪندو رهندو. اها ڳالهه
سويڪار نه ڪر. گهٽ ۾ گهٽ مان ته انهيءَ جي سهڻ لاءِ
تيار نه آهيان. مان سڀني ورودين کي ماري مڃائيندس ۽
ڏسندس ته تون بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي راج جو مالڪ
بڻجين ٿو. ذرو به سنديه نه ڪر. هن ڪارج سڌ ڪرڻ
جي مون ۾ پوري شڪتي آهي. اڄ اسان جي ديش ۾ سڄ
اُپريو ئي ڪونه آهي. اڄ اسان وٽ اوندهه اندڪار اچي ويو
آهي. اسان کي اها آس هئي ته اڄ تنهنجو راج تلڪ ٿيندو.
پر راجا توکي بن ڏانهن موڪلڻ جي سزا ڏيئي رهيو آهي!
اهڙي اُنياءُ ٿيندي، پلو مانس ۽ سشيل تيڻ وئرت آهي.
مان هن اُنياءَ جي سهڻ لاءِ تيار نه آهيان. مونکي پنهنجو ڌرم
پالڻ گهرجي. اڄ منهنجي ماتا کي منهنجي ٻانهن جي ٻل جو
پتو پوندو. پيراتا! تون به اڄ منهنجي شڪتيءَ جو درشن
ڪندين."

جيتوڻيڪ لڪشمڻ جي شبدن ڪري ڪوشليا کي ڪجهه
آٿت مليو ته به راجا کي ڪيڏي ڇڏڻ ۽ زوريءَ تخت هٿ
ڪرڻ جي ڳالهه هن کي ڪونه آئڙي.

ڪوشليا چيو، "رام! جيڪي ڪجهه لڪشمڻ چوي ٿو تنهن
تي چڱيءَ ريت ويچار ڪر. تون بن ڏانهن نه وڃ. جيڪڏهن
تون بن ڏانهن هليو ويندين ته پوءِ مان شترن جي وچ ۾ ڪيئن
رهي سگهنديس؟ مان به توسان بن ڏانهن هلنديس."

لڪشمڻ جيڪي دانهون ڪيون ۽ جوش ڇنڊيا سي سڀ
رام چپ چاپ ڪري ٻڌا. سياڻپ ۽ انهيءَ ۾ هئي ته هن کي
وجهه ڏجي ته پنهنجي ڏبيل ڪروڌ کي شبدن جي صورت

ڪيس مانسڪ سک ڏيون. هن ڪي پرلوڪ جو ڏر وني ويو آهي. اسان کي گهرجي ته هنڪي اهڙي دپ کان بچايون. اڄ تائين اسان اهڙو ڪو به ڪم نه ڪيو آهي جنهن ڪري هنڪي رنج يا ناراضگي ٿئي. اڄ اسان جي ڪري ئي هنڪي اهو ڀؤ لڳو آهي ته خبر نه آهي ته آئينده جنم ۾ ڇا ٿيندو. اسين سولائيءَ سان ڪيس انهيءَ ڀؤ کان آجو ڪري سگهون ٿا. ڇا اهو رستو ڇڏي اسان ڪي هن لاءِ وڏيڪ ڪشت پئدا ڪرڻ جڳائي؟

”هنن سببن ڪري مون پنهنجي من مان راج تلڪ جو ويچار بلڪل ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ دريڍ سنڪلپ ڪيو اَٿم ته مان بن ڏانهن وڃان.

”هن وقت منهنجي هڪڙي ئي اِڇا آهي، سا اِها ته مان بن ڏانهن وڃان ۽ پرت جو راج تلڪ ٿئي. اِئين ڪرڻ سان مونکي وڏي ۾ وڏو آنند پراپت ٿيندو. جيڪڏهن مان ڪيسر ڪندس، ته پوءِ ڪئڪئي جي من ۾ شڪ پئدا ٿيندو. انهيءَ ڪري مان اڄ ئي بن ڏانهن وڃان ٿو، جئن ڪئڪئيءَ جي من کي سنتوش ٿئي. مان سمجهان ٿو ته جڏهن پتاجيءَ کي اهو پتو پيو ته وچن ڀنگ ڪرڻ جي پاپ کان ڇوٽڪارو مليو اٿس ۽ مان ڪل خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ سندس آگيا پالي رهيو آهيان، ته پوءِ هو پاڻکي سکي سمجهندو.

”اسان کي ڪئڪئيءَ تي به ڪروڌ ڪرڻ نه جڳائي. هن ورهين جا ورهيه اسان تي ديا پئي ڪئي آهي. هنڪي اوچتو هن پرڪار جو ويچار آيو. پڪ ئي پڪ اهو سمورو ورڌاتا جو کيل آهي. انهيءَ ڪري ڪئڪئيءَ کي ڏوهه ڏيڻ نه گهرجي. ماڻهو هڪڙي رٿ رٿيندو آهي ۽ ورڌاتا وري ٻئي پرڪار جي رٿيندي آهي. بندي جي من ۾ هڪڙي، ته صاحب جي من ۾ ٻي. پرالبڌ جي ديوي کيل کيلي رهي آهي ۽ ڪئڪئي انهيءَ قصي ۾ رڳو نمت ماتر آهي.

جيڪر شانت به ڪرائي سگهجي ها. پر هيءُ اُتياچاري اَنياءُ رام سان ٿي رهيو هو. اُنهيءَ تي لڪشمڻ اهڙيءَ طرح ڦٿڪي رهيو هو جئن ڪو زخميل واسينگ نانگ ڦٿڪندو آهي. رام، لڪشمڻ کي اڪيلي جاءِ تي وٺي ويو ۽ اُتي وڃي هن کي شانت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائين.

”لڪشمڻ! تون ته منهنجو ئي سروپ آهين. منهنجي آتمائي تنهن جي شرير ۾ وياپي رهي آهي. منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ. تون ٻلوان به آهين ۽ همت وارو به آهين. منهنجي خاطر پنهنجي ڪروڌ ۽ ڏک کي ضابطي هيٺ آڻ. اُنهن ٻرين ڀاونائن جي اُثر هيٺ نه اچ. اچ ته ڌرم جي مارگ تي مضبوطيءَ سان هلي اچ جي ٻي عزتيءَ کي اسين پنهن جي لاءِ آنند جو اَوسر بڻايون. اسان کي راج تلڪ جون سموريون ڳالهيون وسارڻ گهرجن ۽ اسان کي اهڙا ويچار ڪرڻ گهرجن جهڙا اسان جي ڪل لاءِ سهڻا لڳن.

”ذرا پتاجيءَ جي اوسٿا جو ته ڌيان ڪر. هن جي مٿان هڪ مهان پيڙا اچي ڪڙڪي آهي. اسان جي هردن ۾ هن لاءِ همدردي ٿيڻ گهرجي. ڪارڻ کهڙو به هجي پر هن پرڻ ته ڪيو آهي. جي هوُ پنهنجي وچن کي ڀنگ ڪندو ته هو هڪڙو ڪجسو ۽ پاپ جو ڪم ڪندو. اُنهيءَ پاپ ڪرم جي ڪري سندس سڀ وڏا ۽ شاندار ڪم مٽيءَ ۾ ملي ويندا. هوُ سمجهي ٿو ته هن مون سان هڪڙو وڏو اَنياءُ ڪيو آهي. اُنهيءَ ڪري سندس دل ڇڄي پيئي آهي. پر منهنجي نظر ۾ ته ڪجھ به اَنياءُ ڪونه ٿيو آهي. راجا کي پنهنجو وچن پالڻ گهرجي ۽ پٽر جو ڪم ٿيڻ گهرجي پيءُ جي آگيا پالڻ. تون به اهڙي هلت ڪر جئن لوڪ سمجهن ته تنهنجي نظر ۾ به ڪو ڏوهه ڪونه ٿيو آهي. اهڙي وهنوار دوارا اسين راجا جي من تي ٿڌو ڇنڊو وجهي سگهنداسين.

”راجا اسان کي جيون ڏنو آهي. اسان جو ڌرم آهي ته اسين

ارٿ آهي پرالبڌ - ڏئيوم، ڏِشٽم، ڀاڳيم، نيٽي ۽ وِڌ،
ي سمورا شبد اهڙا آهن جن ۾ اهڙين گهٽنائن جو ويچار
مايل آهي جي اوچتو ٿين ۽ جن جو ڪارڻ سمجهي نہ سگهجي.
سان جو اهو وشواس آهي تہ ايشورئي سڀ ڪنهنجو انادي
ڪارڻ آهي، انهيءَ ڪري پرالبڌ چاڪي چئجي، ۽ ايشور جي
ڇا چاڪي چئجي تنهن بابت سپاويڪ مونجهارو پيدا ٿئي ٿو.
ن اوسر تي رام لڪشمڻ کي جيڪي ڪجهہ چيو، انهيءَ جو
هو مطلب نہ آهي تہ ديوتائن تجويز ڪري ڪئڪئيءَ جي
ٿان پنهنجي لاڀ لاءِ هيءُ ڪرم ڪرايو. رام جو رڳو اهوئي
مطلب هو تہ لڪشمڻ کي رواجيءَ ريت آٿت ڏيان. هن چيو:
”هيءُ ڀاڳہ جو کيل آهي، ارمان نہ ڪاءُ. انهيءَ ۾ ڪنهن جو
۾ دوش نہ آهي.“

ڪمين وري پنهن جي رامايڻ ۾ ڏيکاريو آهي تہ لڪشمڻ
هڙو ڪروڌ ۾ ڀرجي ويو هو جڻڪ پرليءَ جي آگ وسي رهي
هئي. انهيءَ وقت رام کيس هن ريت چيو: ”نديءَ جي تري
جي سگهي وچڻ وقت نديءَ جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ ٿيندو
آهي. اهڙيءَ ريت منهنجي بن موڪلڻ ۾ نہ راجا جو ڏوهہ
آهي، نہ ڪئڪئيءَ جو، نہ ڀرت جو. سڀ پرالبڌ جو ڏوهہ
آهي. انهيءَ ڪري ڪروڌ ڇو ڪجي؟“

هن پرڪار جي سمجهاڻيءَ سبب لڪشمڻ ٿورو وقت ٿڌو
ٿيو. پر جلد ئي سندس ڪروڌ وري ڀڙڪو کائي اٿيو. هن
چيو: ”چڱو، هي پرالبڌ جو ڪم آهي. مان اها ڳالهہ قبول
ڪريان ٿو تہ وماتا جي اوچتي موڙڪتا جو ڪارڻ پرالبڌ آهي.
منهنجو مٿس ڪروڌ ڪونہ آهي. پر اهو ڪو سبب آهي ڇا تہ
اسين چپ ڪري وهون ۽ ڪجهہ ڪرم نہ ڪريون؟ ڪتريءَ
جو ڌرم آهي تہ انياءَ کي مٽائي، نياءُ قائم ڪري.

”وير پرش ورڌاتا جي اڳيان بہ ڪونہ نمندا آهن. ساري

"اسان جي ننڍيءَ وماتا کي سارو سنسار دوش ڏيندو ۽
اهڙي ڏک جو بوجهه هن کي برداشت ڪرڻو پوندو. اسان
کي گهرجي ته هن کي اڳي جيان پيار ڪندا رهون. جيڪڏهن
هن جي من ۾ اڳي ڪا برائي هجي ها ته اها سندس وهنوار
مان پڌري ٿئي ها. اُنهيءَ ۾ ذرو به شڪ نه آهي ته ڪنهن
زبردست شڪتيءَ هنکي مجبور ڪيو آهي. جي اِئين نه هجي
ها ته هوءَ اوچتوئي اوچتو ڪنور وچن ڪم ۾ آڻي ڇو چوي
ها، 'رام، بن ڏانهن وڃ'. نه ته جيڪر هڪ اوچ ڀاوناڻون رکندڙ
ديوي جا اسان کي پنهنجن ٻارن جيان ڀائيندي آهي، سا
پنهنجي پتار جي اڳيان اڄ لاهي ههڙو وهنوار ڪيئن ڪري
ها؟ ڀاويءَ کي ڪير ٿو روڪي سگهي؟ وڏا وڏا ڌرم وير
به اوچتوئي اوچتو تپسيا جي مارگ تان ترڪي پوندا آهن.
سو ڪمزور ڪيڪئي وڌاتا جي آڏو ڪيئن اڃي سگهندي؟
"اڄ ته هن ڏک کي آنند جي روپ ۾ ڦيرائي ڇڏيون.
لڪشمڻ! اِئين ڪرڻ سان ئي اسان پنهنجي ڪليتا ۽ ساهس
کي سڌ ڪري سگهنداسين. مان پنهنجي ماتائن ۽ ڀين وڏن
مائٽن جي آشيرواد وٺي بن ڏانهن راهي ٿيندس. راڄ تلڪ
لاءِ جيڪو گنگا جل آندو ويو آهي سو هيڏانهن کڻي آءُ. مان
اُنهيءَ سان آچمن ۽ انگ سپرش ڪري بن ڏانهن روانو ٿيندس.
نه، نه. اُهو جل نه آڻ. اُهو جل راڄ جي سمپتيءَ آهي ۽
راڄ تلڪ لاءِ آندو ويو آهي. اسان کي ڪهڙو اڌڪار آهي جو اسان
اُن کي ڇهون؟ اسين پاڻ پوتر گنگا ڏانهن هلنداسين ۽ اُتان
آچمن آدي لاءِ جل کڻي ايندا سين. ڀراتا! ڌن ۽ راڄ جو ويچار
ڪري ڏکي نه ٿيءُ. بن جو جيون ئي مونکي وڏي ۾ وڏي
خوشي ڏيندو."

اهڙيءَ ريت رام پنهنجي اندر جا گهرا ويچار پنهنجي ڀاءُ
اڳيان پرگهٽ ڪيا. ڪاويه جي هن ڀاڱي ۾ رشي والميڪيءَ
ڏئيو شبد ڪم ۾ آندو آهي. سنسڪرت ساهتيه ۾ ڏئيوم

...سندن آگيا پاليون. مان سڀني ۾ ٻه پتا جي آگيا جي ورت
...ڻ نٿو چاهيان. اسان جو ڌرم آهي ته سندس آگيا جو پالن
...يون ۽ ڪيس سندس وچن پالڻ ۾ سهايتا ڪريون. ڌرم
...تيءَ پرت ڪي ماري، پيءُ ۽ ماءُ جو اَپمان ڪري راڄ هٿ
...ڻ ۾ ڪهڙي خوشي ٿيندي؟"

رام پنهنجي هٿن سان لڪشمڻ جا ڳوڙها اُگهيا. جڏهن
...ائين ڪيو تڏهن لڪشمڻ شانت ۾ آيو. رام جي پريم ڀريءَ
...ٿ ۾ جادو هو ۽ انهيءَ جادوءَ پنهنجو چمتڪار ڪري ڏيکاريو.

اَڌيائُ ١٧

سيتا جو سنڪلپ

...ڪلات جي اندرين ڪمرن ۾ جيڪي ڪجهه ٿي گذريو
...هنجي نگرواسين کي ڪا به ڪل ڪانه هئي. پر رام بنا دير
...ٻن ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو.
نگر مان نڪري ٻن ڏانهن وڃڻ کان اڳ هو ماتا ڪوشليا
...ي آسيس وٺڻ لاءِ سندس ڪمري ڏانهن ويو. ماتا چيو:
...تنهنجي وڃڻ کانپوءِ مان ايوڌيا ۾ ڪيئن رهي سگهنديس؟
...ڻي ۾ سٺي ڳالهه اِها آهي ته مان به توسان گڏ ٻن ڏانهن
...ان." ڪوشليا کي اِها ڄاڻ هئي ته سندس ڌرم اهو هو ته
...وڌيا ۾ رهي هوءَ ورڌ پتيءَ جي ڏک جي ساٿڻ بڻجي، سندس
...سيوا ڪري. پر ارمان ۽ افسوس جي ڪري سندس من اهڙو
...جهيل هو جو هوءَ چٽيءَ ريت حالتن جو اندازو نٿي لڳائي سگهي.
رام ڪوشليا جي شبدن تي ڌيان ڪونه ڏنو. هو اهڙي
...لهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو. هن پنهنجي ماتا کي سندس ڌرم
...ي يادگيري ڏياري. ڪيس سمجهايائين ته آپدا جي آئيءَ ۾
...يل ٻرڌ دشرٿ جي سيوا ڪرڻ ئي هن جو پرم ڌرم هو.

نگر ۽ ديش ۾ رام جي راج تلڪ جي منادي ڪئي وئي آهي. هاڻي وري هن ٻڍي وشواس گهاتي راجا کي اڃي پراڻن وساريلن پر تکيائن جي يادگيري پيئي آهي ۽ هن توکي ٻن ڏانهن وڃڻ جي آڳيا ڪئي آهي. ويرن جو ڪم نه آهي ته انهيءَ کي ڀاڳ سمجهي اُن جي اڳيان چپ ڪري جهڪن. ڪائر پرش ئي اهڙيءَ ريت قسمت جي اڳيان جهڪندا آهن. ويرن جو ڪم آهي ته ههڙيءَ پرالبد جو وروڌ ڪري ان کي جيتين. مان اهڙو هيٺو نه آهيان جو هن ريت ورڌاتا جي اڳيان نمان. اڄ اوهان ڏسندا ته ڪيئن هڪ وير پرش ڀاڳ سان جنگ جوٽي رهيو آهي. هن ڀاڳ روپي مست هاٿيءَ کي مان پنهن جي آڏين ڪري پنهن جو داس بڻائيندس.

”مان انهن کي ٻن ڏانهن روانو ڪندس جن توهانکي ٻن ڏيڻ جي سازش سٽي آهي. جيڪڏهن توهان چاهيو ته ڪجهه وقت رکي ٻن ڏانهن هوا بدلائڻ لاءِ پل وڃو. انهيءَ هوا بدلائڻ لاءِ نيڪ وقت تڏهن ٿيندو جڏهن توهان گهڻا ورهيه راج ڪرڻ کانپوءِ پنهن جو سنگهاسن پنهن جي پٽ کي سونپي ڏيندا. اسان جي وڏن جو اهوئي دستور هو. جيڪڏهن ڪنهن به اوهانجي راجا ٿيڻ تي اعتراض ورتو ته مان هنکي اُتي جو اُتي پورو ڪري ڇڏيندس.

”هيءُ منهن جا ڪلها رڳو سونهن جي لاءِ ته ڪونه آهن؟ هيءُ ڌنش، هيءُ ٻاڻ، هيءَ ڪتار جيڪا منهن جي ڪمر ۾ لٽڪي رهي آهي، اهي رڳو ڳهڻا آهن ڇا؟ توهين اِئين سمجهو ٿا ڇا ته هي رڳو ناٽڪ جي اداڪارن جا ساج سرو آهن. مان رڳو اوهان جي آڳيا لاءِ ترسيو وينو آهيان. مونکي آڳيا ڏيو ۽ منهن جي شڪتيءَ جي پريکشا وٺو.“

لڪشمڻ جي ڪروڌ جي آڳ هڪ وڏي سڄ وانگر ٻرڻ لڳي. رام نرميءَ ۽ ڌيرج سان ان کي شانت ڪيو. رام چيو: ”جيسين اسان جا پتا ماتا جيئرا آهن، تيسين اسانجو ڌرم آهي

رام توري ۾ ڳالھ ڪري ٻڌايس. آنت ۾ چيائين، ”اي
راجڪماري، اي منھنجي پياري! مان سمجھي سگھان ٿو ته مونکان
جدا ٿي ھت رھي توکي ڪيترو نه رنج رسندو. تون جنڪ
جي پٽري آھين. توکي ڌرم ڪرم جي پوري پوري ڄاڻ آھي.
توکي منھنجي اُپديش جي گھرج ڪانه آھي. راجا ۽ سندس
ٽن رائين، پنھنجي سسن جي سک جو خاص خيال رکج. ڀرت
۽ وھنوار محل جي ٻين راجڪمارين سان ٿيندو اھڙو توسان
به ٿيندو، وڌيڪ جي آس نه رکج. ڀرت راڄ جو ڌڻي ٿيندو.
سندس مان مريادا جي اندر رھج. سنڀالي ھلج. ھنجي پاوناٿن
ڪي کو اھنج نه رسائج. مونکي پڪ آھي ته منھنجي غيرحاضريءَ
ڪري تنھنجي پريم ۾ ڪوبه فرق ڪونه ايندو. جئين چوڏانھن
ور ھيه گذرندا، تئين مان بن مان موٽي ايندس. انھيءَ وقت
ٽائين رواجي سڀن سانت ۽ پوڄا پاٺ برابر ڪندي رھج. ماتا
ڪوشليا جو من ڏايو دکي آھي. ھن کي تنھنجي شيوا جي
وڌيڪ ضرورت آھي. ڀرت ۽ شترگھن منھنجا پيارا پائر آھن.
انھن کي پنھنجو پاءُ ڪري ڄاڻج. اھڙو وھنوار ڪج جيڪو
تنھنجي سندر سڀاوَ تي سونھي، جيڪو تنھنجي راجائي ونش
جي لائق ھجي. منھنجي گھڻي ساراه نه ڪج، متان انھيءَ
ڪري ٻين پلن لوڪن کي ڪو رنج رسي. پنھنجي من کي
ٿ ري ۽ شانت رکج.“
جڏھن سيتا اوچتو ھيءَ وارتا ٻڌي، تڏھن سندس
ٿي پريم ڪروڌ جي روپ ۾ پرگھٽ ٿيڻ لڳو. سندس من اِھا ڳالھ
ٻڌڻ لاءِ بلڪل تيار نه ھو ته ھوءَ ڪا کن به رام کان جدا ٿئي.
ام ديش ڇڏي پرديش جي گھاٽن بنن ۾، جت نه راھ نه رند،
نت پٽڪندو وتي ۽ سيتا وچي محلاتن جا سک ماڻي، اھڙي
ڳالھ ڪئن ٿيندي؟
سيتا چيو، ”اي ڌرم مارگ جا پارکو! اوھان ھڪ سندر
رياڪياڻ ڪئي آھي. پتني پتيءَ کان الڳ ڪونه آھي. جا پتيءَ

ڪوشليا جلد سهي ڪيو ته رام جيڪي چئي رهيو آهي، سوئي نياءُ آهي، سوئي ڌرم آهي. هن مٺن وچنن سان رام کي آشيرواد ڏني. انهيءَ سمي رکي رکي سندس اکين مان گرم آنسو وهي رهيا هئا. چيائين، "جئن تنهنجي پتا نرنئہ ڪيو آهي، تئن ڪر. جس ۽ ڪيرتي ڪمائي واپس اچ."

رام ڪوشليا کي همٿائڻ لاءِ مشڪندي مشڪندي هن ريت آکيو: "چوڏهن ورهيه جلد پورا ٿي ويندا. مان وري اچي توسان ملندس."

ڪويءَ جي ڪٿن انوسار جنهن سمي ڪوشليا رام کي آشيرواد ڏني تنهن وقت رام جو چهرو وڌيڪ چمڪڻ لڳو. والميڪيءَ هڪ سندر چٽر چٽي اِها ڳالهه سڌ ڪئي آهي ته جڏهن ڪو پرش وڏي تياڳ جو ڪاريه ڪندو آهي، تڏهن هنجي اندر جوتيءَ جو پرڪاش ٿيندو آهي ۽ سندس منهن ۾ انوکي چمڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي!

رام سيتا کي پنهنجي ڪمري ۾ چڏي سمنتر دواران موڪليل راجا جي سنيهي تي اوڏانهن هليو ويو. سيتا سمجهيو هو ته رام راجائي چٽر ڌارڻ ڪري وڏي سڄ ڌڄ سان هڪ سندر رٿ تي سوار ٿي وٽس ايندو. پر هن ڏٺو ته رام اڪيلوئي اڪيلو موٽي آيو آهي. ساڻس ڪوبه ساٿي ڪونه آهي، ڪابه شاهاڻي نشاني ڪانه ڪٺي آيو آهي. هن ڏٺو ته رام جو منهن ٻهڪي رهيو آهي. انهيءَ چمڪ جو ڪارڻ هو سندس دريتا. رام انهيءَ سوچ ۾ هو ته اها ڳالهه سيتا سان ڪهڙي طرح کوليان ته منهنجي پتا موکي ٻن ڏانهن موڪلڻ جو نرنئہ ڪيو آهي.

سيتا جڏهن رام کي ڏٺو تڏهن هن سمجهيو ته سندس پتيءَ جي من تي ڪا مڙيوئي اوک ٻوک آهي. پر دل ۾ چيائين ته اَسانجي پريم هوندي ڪابه آپدا پنهنجو اَثر ڪري نه سگهندي. سيتا رام کان پڇيو، "ڪهڙي ڳالهه آهي جو اوهان اهڙو عجيب روپ ڪي بڻايو آهي؟"

اوهان کي نيزاري ڪريان ٿي ته مونکي پاڻ سان گڏ نيون. مون تي ديا ڪريو. هن ويل مونکي نه ننڍڙو نه ڪريو.”

سيتا ڪروڙ ڀيرا جي ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. پر جڏهن هن ڳالهائڻ بند ڪيو تڏهن هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي. رام سيتا کي وڏو وستار ڪري سمجهايو ته بن جي جيون اهڙي سؤلي نه آهي جهڙو هوءَ سمجهي رهي هئي. بن ۾ وڏيون ڪٺنايون ۽ ڪشٽ آهن، انهيءَ ڪري گڏ هلڻ جو ويچار ڇڏي ڏي. سيتا جي اکين ۾ جل ڀري آيو ۽ هن چيو ته ”چيتا ۽ شينهن، رڇ ۽ سپ منهنجي ويجهو ئي نه ايندا. توهان کي ڏسندي ئي هو سڀ ڀڄي ويندا. گرميءَ ۽ سرديءَ، مينهن ۽ طوفان، بک ۽ اُڃ، ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن جا سڀ ڪشٽ مان کلندي مشڪندي سهنديس.

”مونکي ذرو به خوف خطرو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پر پڪ ڄاڻو ته جيڪڏهن مونکي هت ڇڏي ويندا ته پوءِ منهنجو پراڻ پکي به اُڏامي ويندو.”

سيتا وڌيڪ هئن چيو: ”جڏهن مان متلاپوريءَ ۾ هيس تڏهن برهمڻن ۽ جوتشين منهنجي ماتا کي چيو هو ته مونکي ڪجهه وقت بن ۾ گهارڻو پوندو. مان اڪيلي سر ته هن پوشيهه واڻيءَ کي سڌ ڪونه ڪري سگهان ها هاڻي انهيءَ اڳڪٿيءَ کي پوري ڪرڻ جو وجهه مليو آهي. مان اوهان سان گڏ بن ۾ اوهان هلنديس. اوهانجي هوندي بن بدلجي هڪ سندر مٺيڪ باغ بڻجي پوندو. بن جو جيون اُنهن اِسترين ۽ پرشن کي ڏکيو لڳندو آهي، جن جون اِندريون سندن وس ۾ ڪونه هن. اوهان ۽ مان پنهنجي اِندرين کي آسانيءَ سان جيتي سگهنداسين ۽ اسانکي ڪنهن به شيءِ جي کاڻ ڪانه رهندي. جيڪڏهن اوهانکي نيزاري ٿي ڪريان ته مونکي ڇڏي نه وڃو. اوهانجو وڇوڙو موت کان به بدتر آهي.”

مهان آهي آتم پرام جي شڪتي؛ اُها عقل جي بازي نه

جو ڌرم، پتنيءَ جي ڌرم کان نيارو ڪونه آهي. پتنيءَ کي پتيءَ جي ڌرم پالڻ ۾ سندس ڀاڳي ڀائي ٿيڻو آهي. اهوئي سچو سڌانت آهي، انهيءَ ورڌ وارتائي مونکي وچتر پئي لڳي. مان اهو ڪڏهن به سويڪار نه ڪنديس. منهنجو اهو وشواس آهي ته منهنجو ڀاڳ اوهانجي ڀاڳ سان گڏيو پيو آهي. رام کي بن وڃڻ جي آگيا ملي آهي، انهيءَ جو اَرٿ آهي ته سيتا کي ساڻس گڏ وڃڻو آهي. سيتا رام جي اردانگني آهي. بن جي پيچرن تي مان اوهانجي اڳيان هلنديس ۽ ڪنڊن ۽ سخت ڌرتيءَ تي هلي ڪري مان اوهانجي پيرن لاءِ نرم رستو تيار ڪنديس. ائين نه سمجهو ته مان ڪو هنيلي آهيان. منهنجي ماتا ۽ پتا مونکي ڌرم جي سکيا ڏني. جيڪي ڪجهه اوهان چئو ٿا سو منهنجي ماتا پتا جي سکيا جي بنهه ورڌ آهي. منهنجي لاءِ هڪڙوئي رستو چڏيل آهي ته جتي جتي اوهان وڃو، اُتي اُتي مان به اوهان سان گڏ هلان. جي اوهانجي لاءِ اهو لازمي آهي ته اڄ ئي بن ڏانهن وڃو ته پوءِ مونکي به اڄ ئي اوڏانهن هلڻ گهرجي. هن ڳالهه ۾ واد وواد جي ضرورت نه آهي. ائين نه سمجهو ته مان بن جو جيون ڪاٽي نه سگهنديس. توهان سان گڏ رهندي مونکي سڀ ڏينهن خوشيءَ منگل جا پرڀ ٿي لڳندا. مان اوهان کي ڪو به ڪشٽ نه ڏينديس. جڏهن اوهان ڦل ڦولن ۽ ڪندمولن تي گذر ڪندا تڏهن آءٌ به ڪنديس. پند ڪرڻ ۾ به اوهان کان پوئتي ڪين پونديس.

”گهڻن ئي ڏينهن کان منهنجي اها اِڇا هئي ته مان اوهان سان گڏ جي بن ۾ هلي اوچن پهاڙن ۽ وڏين ندين جي نظارن جو آنند وٺان. مان اُتي پکين پنکڙين، ۽ گلن ڦلن جي وچ ۾ رهي، ندين ۾ اِشنان ڪري، نت پوڄا پاٺ ڪري پنهنجو سمو بلڪل پرسنتا سان گذاريندس. پنهنجي پرين سان جهنگل ۾ به منگل آهي. توهان بنا، سرڳ به مونکي نه گهرجي. جي مونکي ڇڏي ويندا ته مان پڪ ئي مري ويندس. مان

سو ڪنديون. ايوڌيا بدلجي جهنگ ٿي پوندو. ٻن کي وري
سين ايوڌيا ڪري ڇڏينداسين."

رام لوڪائيءَ جون اهي سموريون ڳالهيون ٻڌيون، پر اُنهن
انهن کي ٻه ڌيان ڪونه ڏنائين. جڏهن رام ڪيڪئيءَ جي
ڪل جي ٻمپي وٽ پهتو تڏهين ڏٺائين ته سمنتر اُداس ٿي
ڪ ڪنڌ ۾ ويٺو آهي. رام هن سان نرميءَ سان ڳالهايو. چياءِ
سمنتر، اسين ٽيئي راجا سان ملڻ آيا آهيون، راجا کي وينتي
ڪر ته ڪرپا ڪري اسان کي ملڻ جي آگيا ڏئي."

رام جي اِڇا موجب سمنتر راجا کي سڏ ڏيڻ لاءِ اندر
يو. اُتي هنکي ڀيانڪ نظارو ڏسڻ ۾ آيو. جئن گرهڻ وقت
سورج جي حالت ٿيندي آهي، جئن رک سان ڀريل کوُري
جي حالت ٿيندي آهي، جئن هڪ سڪل تلاءَ جي حالت
ٿيندي آهي، تئن اَڄ راجا جي حالت هئي. هوُ لنبو ٿيو
رتيءَ تي پيو هو. سندس ساري راجائي چمڪ دمڪ گم
ئي. سندس منهن گهِري ڏک جي گهنجن پوڻ ڪري بلڪل
گڙي پيو هو.

ڏک جي ماريل سمنتر هٿ ٻڌي بيٺو ۽ ڪنبندڙ آواز
سان چيائين "راجڪمار در تي بيٺو آهي، هو اوهان سان ملڻ
ٿو چاهي ۽ اوهانجي آسيس وٺڻ کانپوءِ هو سموري سمپتي
براهمڻن کي ورهائي ڏيندو ۽ پوءِ ٻنبڪ ٻن ڏانهن ويندو."
راجا سمنتر کي آگيا ڪئي ته پل راجڪمار کي اندر
ٺي اچ.

رام اندر اچي راجا کي پيرين پئي نمسڪار ڪيو. رام کي
سنديئي دشرٿ اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ هنکي گلي لڳائڻ لاءِ ٻانهون
گهيون ڪري هن ڏانهن ڌوڪيندو ويو. دشرٿ رام تاءِ
پهتوئي ڪين، ته مورڇا ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيو. رام ۽ لڪشمڻ
ڌيري ڌيري راجا کي اُٿاري کيس ڪوچ تي وهاريو. رام

آهي؛ اُها موت سان کيل کندي آهي. رام جو سيتا سان اهڙوئي گهاٽو پريم هو، جهڙو سيتا جو رام سان. هرهڪ اتساهہ پريو شبد جيڪو سيتا اُچاريو، سو رام جي هردي ۾ گهر ڪري ويو. رام کي اِها بہ پڪ هئي تہ هو وقت سر سيتا جي پوري ريت سنڀال ڪري سگهندو. هنن سببن ڪري سيتا رام کي هر ڪائي پنهنجي ڳالهہ مڃائي سگهي. اهو فيصلو ٿيو تہ سيتا رام سان گڏ وڃي.

سيتا غريب غربن کي سڏي، پنهنجي سموري سمپتي انهن کي ورهائي ڏني، پوءِ هوءَ بن ڏانهن رواني ٿيڻ لاءِ تيار ٿي. لڪشمڻ رام جي شيوا ڪرڻ لاءِ ساڻس گڏ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ٽيئي گڏجي ٻڍڙي راجا کان موڪلائڻ ويا.

گهٽين ۽ ڪوچن ۾، گهرن جي ڇتين ۽ ڇڄڙين تي هزارين لوڪ اچي گڏ ٿيا. دڙن ۽ درين مان ۽ محلاتن جي چوٽن تان اِسترين ۽ پرشن رام، لڪشمڻ ۽ سيتا کي ڏٺو تہ هو بلڪل غريب دردي ماڻهن جيان پيرين پنڌ بن ڏانهن وڃي رهيا آهن. لوڪن ۾ بي حد رنج ۽ غصو هو. چوڻ لڳا "ڪهڙي قسم جو آهي هيءُ راجا، جو هڪ سريشٽ راجڪمار کي هن ريت بن ڏانهن موڪلي رهيو آهي. وري ڏسو سيتا، جنهنکي راجائي رٿ سواريءَ لاءِ ملڻ گهرجي، سا ڪئن پيرين پيادي هلي رهي آهي. ڇا هوءَ بن جي اُس ۽ مينهن سهي سگهندي؟ هيءُ تہ هڪ راکسي ڪرم آهي.

"چڱو تہ اسين بہ بن ڏانهن وينداسين. اچو تہ سمورو ڌن ڌانيہ گڏ ڪري هنن راجڪمارن سان گڏ جي بن جي راهہ وٺون. جنهن بن ۾ رام رهندو تنهن کي اسين ايوڌيا بڻائي ڇڏينداسين.

"اسين هيءُ گهر ويران ڪري وينداسين. ڀل هتي نانگن، سپن ۽ ڪوئن ڪرڙين جو واسو ٿئي. ڀل تہ ڪيڪئي برباد ٿيل ايوڌيا تي راڄ ڪري. هت جهنگلي جانور ۽ ڳجهون اچي

ي رک سان ٻڪيل ڏسي نگھي وڃي ۽ ڪري ان کي
ست ۾ ڪٽي، تيئن ئي مان ڪئڪئي ۽ کي وچن ڏنو. مونکي ڄاڻ
ڪان هئي ته سندس من ۾ ڇا هو. هاڻي ته مان بي وس
هيان. سندس ڦندي ۾ ڦاسي ويو آهيان. تون وري چئين
ته 'مان پنهنجي پتا جو پرن پورو ڪندس. مان پنهنجي پتا
ي نالي تي داغ ڪونه لڳائيندس. مان راڄ ڇڏي ڏيندس
بن ڏانهن ويندس.' تو جهڙو پٽ سنسار ۾ ٻئي ڪنهن کي
ليو هوندو؟ مان سوڳند کڻي چوان ٿو ته جيڪي ڪجھ ٿيو
هي تنهن جي ڪرڻ جو مونکي بلڪل ارادو ڪين هو."
اهڙيءَ ريت ڏک ڀرئي لهجي ۾ راجا ڳالهايو. مرڻ وقت
د شرٿ جي اڇا هئي ته هڪڙي ڪن لاءِ به، رام جي لاءِ
ڪو هن جي من ۾ فرق هو، تنهن ۾ ڪمي نه اچي.
رام هن ريت اُتر ڏنو: "پتاجي! پرت کي يڪدم گهرايو
جيڪا اوهان ڪئڪئيءَ سان پرتگيا ڪئي آهي تنهن کي
پورو ڪريو. اهو دل ۾ خيال ئي نه آڻيو ته اوهان ڪو مونکي
تڪليف ڏني آهي. مونکي سنگهاسن گهربوئي ڪين هو، ۽
مان ائين سمجهان ته ان جي نه ملڻ ڪري مونکان ڪجھ کسجي
يو آهي. بنا ڏک ۽ رنج جي، بنا سنديه ۽ سنسي جي پرت
جي مٿي تي ڇٽ رکو ۽ کيس آشيرواد ڏيو. رنج ۽ ڏک جون
الهيون ئي نه ڪريو. ڀوڳها ڳارڻ بند ڪريو. ڀلا ڪڏهن سمنڊ
روڪجي سگهندو آهي؟ ٿل اوهانجو من بلڪل شانت رهي.
ي منهنجا پوجيه پتا! توهين ذرو به چت کي ڊانواڊول نه ڪريو.
"مونکي رڳو هڪڙي ئي چنتا آهي ته مان اوهان جو ڏنل
وچن پورو ڪريان. توهان جي وچن کي پنگ ڪرڻ سان سڄي
سنسار جو ڏن پراپت ڪندي به مونکي ڪا خوشي پراپت
ڪانه ٿيندي. بن جي اندر ئي مان سک ۽ شانتيءَ سان پنهنجو
سمو ڪاٽيندس. بن ۾ ئي سندرتا ۽ سوڀيا آهي اتيئي من جو
سک ۽ شانتي ملي سگهندي آهي. پتاجي! اوهان ئي منهنجا

چيو: ”سوامي! اسين آيا آهيون تہ ٻن ڏانهن وڃڻ لاءِ اوهانجي آگيا وٺون. سيتا ۽ لڪشمڻ کي مون گهڻوئي روڪيو پر هو نہ مڙيا. هو مونسان گڏ هلندا. ڪرپا ڪري آسيس ڪريو ۽ اسانکي رواني ٿيڻ جي آگيا ڏيو.“

دشرٿ جواب ۾ چيو: ”رام، مون ڪئڪئيءَ کي وچن ڏنا آهن ۽ مان اُنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيان. پر تو اهڙو وچن ڪونہ ڏنو آهي. تون ٻڌل ڪونہ آهين. پوءِ ڇونہ تو زور سان راڄ هٿ ڪري، مونکي گاديءَ تان لاهي ڇڏين؟“

هيءَ ڳالهہ جيڪا راجا هاڻي ڪولي ٻڌائي، سا گهڻي وقت کان هنجي دل ۾ هئي. راجا جي ويچار موجب ڏکئي مسئلي جو رڳو اهوئي حل هو. اهوئي رستو هو هن اتياچار کي روڪڻ جو.

رام راجا جي ڳالهہ ٻڌي چيو: ”پتاجي! مونکي نڪي راڄ ڪرڻ جي چاهنا آهي، نڪي اڌڪارن ماڻڻ جي چنتا. شل اوهين هڪ هزار ورهين تائين وڏيڪ راڄ ڪندا رهو. مون ٻن ڏانهن وڃڻ جو سنڪلپ ڪيو آهي. اوهان کان آشيرواد وٺي مان هاڻي ئي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهيان. جڏهن چوڏهن ورهيہ پورا ٿيندا تڏهن مان موٽي اچي اوهان جي شرن وٺندس.“

راجا ڏٺو تہ ڪيس جيڪا ٿوري گهڻي اُميد هئي، سا بہ هاڻي ختم ٿي چڪي. هن رام کي چيو: ”منهنجا پٽ! پنهنجي راجائي ڪل جي ڪيرتي وڌائج. وڃ، پر موٽج صحيح سلامت ۽ بنا ڪنهن ڪانڊ لڳڻ جي. ايشور ڪري تہ ڪوبہ خوف خطرو تنهنجي سامهون نہ اچي. ڌرم مارڳ تي هلج. تنهنجا سنڪلپ اَڻ ٽر ٿيندا آهن. تنهنجي اِڇا شڪتي پربل ۽ اَڻ ٻدلجندڙ ٿيندي آهي. پر اَڄ نہ وڃ. رڳو اڄ جي رات مون وٽ رهہ.

”مان تنهنجو منهن ڏسي هنن اکين کي تہ ترپت ڪريان. سڀاڻي صبح جو ڀلي هليو وڃج. جئين ڪو ماڻهو ٻرندڙ اگر

ر منهنجي پٽ کي ڪهڙي خوشي ٿيندي؟ ڪهڙو ٿيندو
سندس شان؟"

دشرٿ ٻيوسيءَ ۽ ساڙ وچان ڪنجهڻ لڳو ۽ هن قسم جي
ظلم تي عجب کائڻ لڳو! هڪڙو آدمي جيڪو اڳيئي وڏي
وجهي هيٺان پيڙجي رهيو هو تنهن تي وري هيئن ڪناريءَ
سان وار پئي ٿيو. جيڪي ماڻهو اُتي بيٺا هئا، سي سڀ ڪاوڙ
ر ڀرجي، ڪجهه جو ڪجهه ٻولڻ لڳا. درٻارين لاءِ هن قسم
جي بي شرمي ۽ سخت دلي چپ ڪري سهڻ کان ٻاهر هئي.
ام چيو ته "هن قسم جو سڙو سامان جيڪو بنواسي جيون سان
هڪي ئي نٿو، سو مان ڪڏهن به نه ڪڍندس." ائين چئي
هن سموري ڇڪتاڻ کي اُتي ئي ختم ڪري ڇڏيو.

رام چيو: "منهنجا پوڄنيه سوامي، مان ٻن ڏائهن وچي رهيو
آهيان، اُنهيءَ لاءِ ته اُتي جهنگل ۾ پئدا ٿيندڙ شين تي گذارو
ڪريان. پوءِ هيءَ سڀئنا ۽ هيءَ سندر راجائي سڄ ڌڄ منهنجي
ڪهڙي ڪم ايندو؟ مان خوشيءَ سان سنگهاسن جو تياڳ ڪيو
آهي؛ پوءِ اُنهيءَ سان لاڳاپو رکندڙ هن پرڪار جون ڪوڙڪيون
۽ ڦند، منهنجي ڪهڙي ڪم جا ٿيندا؟ هاٿيءَ جو تياڳ ڪري
پوءِ اُن جي ڳوري زنجير جو بوجهه پنهنجي سر تي وجهجي، سا
ه هڪ پرڪار جي مورکتا آهي. اُنهيءَ مان ته لوڀ ۽ لالچ
جي بوءِ پيئي ايندي. پتاجي، مون پنهنجي اِڇا سان راڄ جي
ڌڪارن جو تياڳ ڪيو آهي ۽ اُنهيءَ سان گڏو گڏ مون سموري
اجائي ٺاٺ ٻاٺ جو به تياڳ ڪيو آهي انهيءَ لاءِ، ته پِل پرت
. سندس ماتا راڄ جو سک ماڻين. ۱۴ ورهين جي بنواس لاءِ
ونکي رشين جيان هرڻ جون کلون گهرجن ۽ ٻڻ گهرجن مونکي
کوڏرين ۽ ٽوڪرين جهڙيون ضروري شيون."

رام اِجا ڳالهائي بس ئي نه ڪيو، ته بي شرم ڪئڪئي اها
ن جي پوشاڪ جا هن اڳيئي تيار ڪري رکي هئي، سا ٻاهر
ڪڍي بنا لڄ شرم جي پنهنجي هٿن سان رام کي ڏني. رام

ايشور آهيو. مان سمجهان ٿو ته ڀڳوان ئي مونکي بن ڏانهن موڪلي رهيو آهي. ۱۴ ورهيه پورا ٿيندا ته مان وري اچي اوهانجو درشن ڪندس. ڏک بنهه نه ڪريو.

"ڀلا هڪ رات ترسي سپاٽي وڃڻ ۾ ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ ڪال جي اندر سپاٽن جي قطار سمايل آهي. جهڙو هڪڙو ڏينهن تهڙو ٻيو ڏينهن. اهو دک جنهن مان ڇوٽڪارو نٿو پائي سگهجي سو پوئتي هٽائڻ ڪري سک ٿورو ئي ٿي پوندو."

انهيءَ ڪانپوءِ راجا، سمنتر کي چيو: "وڃ، وڃي سينا پتين کي سڏي آءُ ۽ انهن کي آگيا ڪر ته رٿ، هاٿي، گهوڙا ۽ پيادا سپاهي تيار ڪن انهيءَ لاءِ ته هو رام سان گڏجي بن ڏانهن وڃن. سينا سان گڏ ضروري سمر به موڪلج جيئن رام رشين سان گڏجي بن ۾ گذارو ڪري سگهي. ماڻهن، پئسن ۽ سڙي سامان ۾ ڪا به ڪمي ڪانه ڪج."

ويچاري دشرٿ ائين سمجهيو هو ته رام جي بنواس کي ڦيرائي هڪڙو راجائي سير بڻائي ڇڏيندو، جڻڪ رواجي ڪم ڪان ڪيس آجو ڪري آرام ۽ سک ڏيندو. هن چاهيو ٿي ته اهڙو پربند ڪريان جيئن رام بنواسين جي آڳت پاڳت ڪري سگهي ۽ ساڻن ڏي وٺ ڪري اتساه سان پنهنجو وقت ڪاٽي.

جڏهن ڪيڪئيءَ هيءَ وارتا ٻڌي تڏهين ڪروڌ وچان سندس منهن پيلو پئجي ويو. هن راجا ڏي گهور ڪري نهاريو ۽ ڏکندڙ ڪراهت ڀريئي آواز ۾ هيئن چيو: "توهين ڪهڙا نه سچه پچه ديالو ۽ سٺا راجا آهيو! توهان ڀرت کي هيءُ راڄ تڏهن ڏيندا جڏهن اوهان اُن مان سمورو سک ۽ سمپتي پيڙي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا. اوهان ائين ٿا وهنوار ڪريو جئن ڪو ماڻهو محفل ۾ هڪ پياس ۾ رنڌڙ آدميءَ کي خالي پيالو ڪري ڏئي! ڀلا ههڙي سڃي ٿيل ديش جي مٿان راڄ ڪرڻ

مَن ۾ ڪنهن لاءِ بہ وير وروڌ ڪونهي. هن کان اڳہ هن ڪڏهن بہ ههڙي وڇوڙي جو ڏنگ ڪونہ سٺو آهي. ڪرپا ڪري جڏهن مان هليو وڃان تڏهن هن تي دَيا ڪندا رهندا. جڏهن لنبو بنواس پورو ڪري، ڪيس پيري پوڻ لاءِ اچان تڏهن شل هوءَ جيئندي هجي. شل ڪو مونکي تڏهن اِئين نہ چوي تہ تنهنجي ماتا دک وچان مري ويئي."

رام پنهنجي ماتا جي دک جو ويچار سهي نٿي سگهيو. جيئن رام هي شبد چوندو ٻاهر ويو تيئن دشرٿ هي دکدائي درشيہ سهي نہ سگهيو ۽ هٿن سان ڪري پنهنجو منهن ڍڪيائين.

اڌياءُ ١٨

بن ڏانهن

اُهي شبد چئي رام پتا وٽان هليو ويو. جئن رام ٻاهر نڪتو، تئن دکن جو ماريل راجا دگهو ٿي ڌرتيءَ تي پٽجي رهيو. دک جي ڪري هو ڪجهہ ڳالهائي بہ نہ ٿي سگهيو، بلڪل نستو ٿي پيو هو. ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ ئي هنکي وري شڪتي آئي جو هو خيال ڪرڻ جوڳو ٿيو.

جڏهن راجا کي ڳالهائڻ جيتري سگهہ ٿي، تڏهن هن اڌوڳابري هوش سان پڻ پڻ ڪندي چيو، "پڪ ئي پڪ مان اڳلي جنم ۾ ڪن برهمڻن جي دلين کي هيبت ناڪ صدمو رسايو هوندو. مون وڇڙن کي سندن ماتائن کان وڇوڙيو هوندو، مون ٻارن کي سندن ماتائن کان ڌار ڪيو هوندو، مون پکين کي سندن پکنين کان الڳہ ڪيو هوندو. اِئين نہ هجي ها تہ ههڙي آپدا منهنجي مٿان اچي ئي ڪانہ ها. ارمان آهي جو جڏهن موت کي سڏ ڪبو آهي تہ هو ايندو ئي ڪونہ آهي. مونکي هر هر پنهنجي ديوتا جهڙي پٽر جي يادگيري پيئي

اُها اُتي جو اُتي پاتي. هرڻ جي کل سان پاڻ ڍڪڻ سان رام جي منهن مان رشين جهڙي جوتي ٻرڻ لڳي. لڪشمڻ پڻ اهڙائي وستر اوڍيا. ويچارو دشرٿ بيوس ۽ ڏک ۾ پريل چپ چاپ اهو سارو قصو ڏسندو رهيو. پوءِ ڪئڪئي سيتا واسطي به هرڻ جي کل جي پوشاڪ ڪڍي آئي. سيتا پوشاڪ هٿ ۾ وٺي منجهي بيٺي. هن کان اڳ ڪڏهن به هن اهڙا وستر ڪونه پاتا هئا ۽ هن کي اُهو به سماءُ ڪونه پيو ته پنهن جو وڳو ڪيئن بدلائي.

رام سيتا جي پرسان بيٺو هو ۽ سندس منهن مان ايشوري جوت چمڪي رهي هئي. سيتا لڄ کائيندي پنهنجي پتيءَ کي چيو: "ڪرپا ڪري ٻڌايو ته هي وستر ڪيئن پائبا آهن؟" رام جنهن وقت سيتا جي ريشمي ڪپڙن جي مٿان هرڻ جي کل ويڙهي اُنهن کي ڪلهي مٿان ٻُڌي ڏني تنهن وقت سڀ سکيون ۽ داسيون هاءِ! هاءِ! ڪري رُئڻ لڳيون ۽ دشرٿ وري بيهوش ٿي ويو.

جڏهن راجا سامت ۾ آيو تڏهن هن زور سان ڪئڪئيءَ جي نندا ڪئي. پر ڪئڪئي ڪراهت وچان مشڪندي رهي. اِئين ٺيڪ آهي ته سيتا کي بنواس موڪلڻ لاءِ ڪئڪئي جوابدار نه هئي. راجڪماري پنهنجي سک لاءِ پنهنجي پتيءَ سان وڃڻ جو خيال ڪيو ۽ اُنهيءَ خيال تان هنکي ڪوئي به هٽائي نه سگهيو.

رام روانو ٿيڻ وقت پنهنجون اکيون هيٺ ڪري چيو: "پتاجي، مان پنهنجي ماتا ڪوشليا کي هتي ڇڏي وڃان ٿو. هوءَ نراپراڌ ۽ ڪومل دل آهي. پيريءَ ۾ هوءَ پنهنجي پٽ کان جدا ٿي رهي آهي. هن پرڪار جو اُپاءُ هنکي اهڙو ڪوڙو لڳندو جهڙو موت. هن اوهان جي خاطر ئي هٿ رهڻ قبول ڪيو آهي. هوءَ اوهان جي ڏک ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيندي ۽ اوهان جي سيوا ڪري اوهان کي آٿت ڏيندي رهندي. هن جي

تار ڏارڻ ڪيو آهي. اُنهيءَ ڪري ئي هوءَ ڪوشليا کي
ست ڏيئي ٿي سگهي. اُنهيءَ ڪري ئي هن اِئين سمجهيو
لڪشمڻ جو رام سان گڏ بن ۾ وڃڻ ايشوري اِڇا جي
ڪول آهي.

سمنتر چيو، ”اي راجڪمار، تون رٿ تي سوار ٿي. شل
شور جي توتي آسيس ٿئي. راجڪمار، آگيا ڪر ته گهوڙي
رف مان رٿ کي هڪليان. چوڏهن ورهين جو مدو شروع ٿي
ڪو آهي.“

سيتا ڪل خوشيءَ سان رٿ تي چڙهي ويٺي. ڪوشليا هنجي
خصي گهرجن لاءِ هڪ هرڙي تيار ڪئي هئي. ڌنش ۽ باڻ،
الون ۽ ٻيا هٿيار، ڪوڏرين ۽ ٿوڪرين سان گڏ، رٿ تي رکيا
يا. بن ۾ ٿوڪرين ۽ ڪوڏرين جي ڏاڍي ضرورت ٿيندي
هي. جڏهن سڀ سامان رکيو ويو، تڏهن رام ۽ لڪشمڻ رٿ
سوار ٿيا. سمنتر رٿ ڪاهڻ شروع ڪيو.

هاڻي جڏهن رام جي بنواس جو آرنڀ ٿئي ٿو، تڏهن اچو
هڪ گهڙي سانت ۾ رهي ايشور کي آراڌنا ڪريون ته اسانجي
بردي کي شڌ ڪري، اسانکي پاپن کان آجو ڪري. راماڻ
جو اهوئي اُپديش آهي ته اسين سچار ٿيون، سڀ سان پريم
ڪريون ۽ ڪڏهن به همت نه ڇڏيون. اُنهيءَ سکيا ڏيڻ لاءِ ئي
ام جنم ورتو هو. اهي اُتم گڻ اسانکي تڏهن پراپت ٿيندا
ڏهن اسان اُنهيءَ سمي جو ڌيان ۽ ويچار ڪنداسين، جنهن
مي راجڪمار جانڪيءَ سان گڏ کلون اوڀي نگر مان ٻاهر اُسهيا.

نگر ۾ ماڻهن جا جيڪي اَنبوہ بيٺا هئا، تن زور سان پڪاري
ڪوچوان کي چيو، ”آهسته آهسته هل، ڏيري ڏيري رٿ کي
لاءِ. اسانکي رام جو درشن ڪرڻ ڏي.“

نگر واسي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي چوڻ لڳا، ”هاءِ! هاءِ!
ڪهڙي پٿر دل هئڙن ٻارن کي بن ڏانهن وڃڻ جي آگيا ڪئي
هي؟ سندن ماتائون هيءَ ڳالهه ڪئن سهي سگهيون؟ ڇا هو

سڻائيندي. ڪڏهن نه ويچاري ڪان سندس جم جو اڌڪار کسيو ويو آهي. ڪڏهن نه کيس سنياسين جيان ڪلن جا وستر اوڍائي بن ڏانهن ڌڪاليو ويو آهي. اي جيون، تون اُنهن کي ڇو ڇڏيئي پوندو آهين، جيڪي تومان بيزار هوندا آهن؟ رام بن ڏانهن ويو آهي! مان اڃا پيو جيئان! رام... اي رام... ڇا تون هليو ويئين؟..."

ٿوري دير ڪانپوءِ دشرٿ وڏيڪ هوش ۾ آيو. پوءِ سمنتر کي سڏ ڪري چيائين، "اي سمنتر، رٿ تيار ڪري منهنجي پٽن ۽ جانڪيءَ کي راڄ جي سرحد تاءِ پهچائي آءُ."

لڪشمڻ پنهنجي ماتا سمترا جا چرڻ ڇهي چيو، "اي ماتا!" مائس کيس گلي لڳائي ۽ سندس مٿي کي چمي چيو، "رام لاءِ جيڪو توکي پريم آهي، سو ڏسي منهنجو هردو آنند ۽ گورءُ سان ڀرجي پيو آهي. پٽ، اِهو تنهنجو ڌرم آهي ته تون پنهنجي ڀاءُ جي رکيا ۽ شيوا ڪرين. بن ۾ سدائين سچيت ٿي، رام جي پاسي ۾ بيٺو رهج. تنهنجو وڏو ڀاءُ نه رڳو تنهنجو راجا آهي، پر هو تنهنجو گورو به آهي. اِهوئي اسان جو ڪل ڌرم آهي.

"لڪشمڻ، تون ڀلي وڃ؛ منهنجي توتي آشيرواد آهي. بن ۾ رام کي پنهنجو پتا ڪري ليکج. جانڪيءَ کي منهنجي جاءِ تي جاڻج. اِئين ڪندين ته بن تو لاءِ اَيوڌيا ٿي پوندو. پيارا پٽ، ڪل خوشيءَ سان وڃ. ايشور جي توتي آسيس ٿيندي."

رامايڻ جي پاترن ۾ سمترا پنهنجو مٽ پاڻ ئي آهي. ٿورو آهي سندس ڳالهائڻ؛ پڪي ۽ پختي آهي سندس سمجهه؛ سنڌر آهي سندس ڪم ڪرڻ جو ڍنگ؛ ۽ اَٿاهه آهي سندس همت. هوءَ شرڌا جي مورتي آهي. جڏهن ٻيا سڀيئي نااُميد ٿا ٿين تڏهن به هن جي اندر آشا جي جوتي جلندي رهي ٿي. پرمپرا ڪان اُهو وشواس هليو اچي ٿو ته سمترا کي اِها جاڻ هئي ته رام پرميشور آهي ۽ هنکي اها به سڌ هئي ته رام ڇو

بي وس ٿي، اُرمان ڪندي، راجا چيو "رام ٻن ۾ ڪيئن
ي سگهندو؟ ڇا هو اُگهاڙي ڌرتيءَ تي سمهندو؟ ڇا هو
يا ٻنب جو وهاڻو مٿي هيٺان رکندو؟ ڇا هو ڦلن ڦولن ۽
ن تي گذارو ڪندو؟"
رکي رکي ڪيڪئيءَ ڏانهن نهاريندي، هن هي شبد پڻ
ا ريا، "شل، تون پنهنجي اهڙي ڪاميابيءَ تي خوش رهين! شل
ن گهڻيئي ورهيه ڪل خوشيءَ سان هڪ وڌوا جي جيون ڪاٽين."
هميشهه جي عادت موجب دشرٿ ڪيڪئيءَ جي ڪمري
انهن وڃڻ لڳو. اُنهيءَ وقت سندس اهڙي حالت هئي جهڙي
هن لوڪن جي ٿيندي آهي جيڪي ٽنل دل ۽ خالي هٿين
ساڻي مان موٽندا آهن. اُتي پهچڻ وقت هن اوچتوئي چيو
ن، نه! مونکي هيڏانهن نه وٺي هلو. مونکي ڪوشليا جي
ڻ واري ڪمري ڏانهن وٺي هلو."
سندس نوڪرن ائين ئي ڪيو. اُتي پهچي هو مرتيوءَ
ي وات نهاريندو رهيو.
اَڌ رات جو هن چيو: "ڪوشليا، تون ويٺي آهين؟ منهنجي
ن ڪي نه هٿ لاءِ. رام ويو آهي نه منهنجي اکين جي جوت
هلي ويئي آهي."
ڪوشليا راجا کي گهڻوئي آٿت ڏنو، ڪيس گهڻوئي ڌيرج
نو، پر خود سندس دل به زخميل هئي. اِنهيءَ ڪري هوءَ
جا کي ڪهڙو ڌيرج ڏيئي ٿي سگهي؟ ڏک جو وقت ڏاڍو
هستہ آهستہ نبرندو آهي. گهڙي گهڙي ڏگهي ٿي پوندي
ي. جئن ڪوشليا اُنهيءَ رات گهڙي گهڙي ٿي ڳڻي، تئن
يس ٿڌي رات هڪ ٻرندڙ آگ جو مچ ٿي ٿي لڳي ۽ سيٽل
ندرما اِئين پئي ڀاسيو، ڄڻڪ اُهو منجهندجو شوخ سورج هو.
اهڙيءَ ريت ڏک ۾ جلندڙ ڪوشليا کي سمترا چيو: "ڀيڻ،
و شاستر شروع ڪيا آهن. توکي ڌرم جي مارگ جي ڄاڻ
هي. پوءِ تون هن ريت ڏک ڇو ٿي ڪرين؟ توکي گهر جي

اڃا جيئريون ويٺيون آهن؟ ذرا جانڪيءَ ڏانهن ته نهاريو. سچ پچ مٿس ايشور جي آسيس آهي. ڀاڳوان آهي لڪشمڻ، جو ڪيس هٿڙو ڀاءُ مليو آهي، جنهنجي، هو ڀڳتيءَ سان ڀرپور ٿي شيوا ڪري سگهي ٿو. هو هڪ ويرپرش آهي. هو ڌرم جي مرم جو پورو سڃاڻون آهي.” اهڙيءَ ريت نگرواسي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رٿ جي پٺيان هلڻ لڳا ۽ سندن دک درياهه جي ڇوليءَ جيان وڌڻ لڳو.

رام رٿوان کي چيو ته تکڙو تکڙو هل. لوڪن وري هنکي هڪل ٿي ڪئي ته آهسته آهسته رٿ کي هلاءِ. پيڙ ويئي وڌندي. رستن تي جيڪي لوڪ بيٺا هئا سي واڪا ڪري ٿي رنا. مٿي ڪوٺن تي وري جيڪي استريون ۽ بالڪ هئا سي به ڏک جي ڪري نيڻن مان نير وهائي رهيا هئا. اهڙي پيهه مان سمنتر تجويز سان رٿ کي ٻاهر ڪڍي هليو.

راجا ڪئڪئي جي ڪمري مان نڪري، پريان ويندڙ رٿ کي ڏسڻ لڳو. هو ڪيتروئي وقت دڌڙ جي ڪڪر ڏانهن نهاريندو رهيو، جڏهن انهيءَ ڌڌڙ ۾ ڪيس رام جو روپ ٿي نظر آيو. جڏهن اهو ڪڪر به نظر کان غائب ٿي ويس، تڏهن هو ڪرڪندي ڪنجهندي پٽ تي ڪري پيو. سندس هڪ پاسي ويٺي هئي ڪئڪئي، ٻئي پاسي ڪوشليا.

دشرٿ ڪئڪئيءَ کي چيو: ”مونسان لڳ به نه. اي پاپڻ، مونکي تنهنجو منهن ڏسي ڌڪار ٿي پيدا ٿئي. تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جيڪو سنبنڌ هو، سو هاڻ پورو ٿي چڪو. مان هاڻي جو هاڻي ۽ هتي جو هتي تنهنجو تياڳ ڪريان ٿو.”

هن وڌيڪ چيو: ”جيڪڏهن تنهنجي رٿ پسند ڪري ڀرت راڄ وٺڻ قبول ڪيو، ته پوءِ هن کي منهنجي ڪريا ڪرم ڪرڻ جو ڪو به اڌڪار ڪونه رهندو. پر جيڪڏهن هٺ ڪري هن پنڊ ترپڻ ڪيو ته پوءِ منهنجي آتما سندس ڏنل جل سويڪارئي نه ڪندي.”

پڪالي ڪري ڳوڙها ڳاري رهي آهي. سپاٽي اُها رام راڄ ۾ سڪي ستابي ٿيندي. تو ڏنو ته ڪئن نه نگرواسي هنڪي ويندو ڏسي ڏک ۾ ڏجهي رهيا هئا. منهنجو پريمي پٽر لڪشمڻ، تنش باڻ ڌارڻ ڪيل ۽ تلوار بڌل سورهيه سپاهيءَ جيان هن جي شرير جي رکيا ڪندو. رام کي ڪابه تڪليف ڪانه ڏيندي، ڪوبه خوف ڪيس ڪونه ستائيندو. تون پنهنجي اکئين ڏسندينءَ ته رام پنهنجو وچن پالي، پنهنجو پڻ پورو ڪري، هت صحيح سلامت موٽي آيو آهي.

”مان توکي وشواس ٿي ڏياريان ته جڏهن رام وطن ورندو جڏهن چوڏس جي چنڊ جيان پيو چمڪندو. هو اڇي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان تنهنجا پير چمندو. اُنهيءَ وقت ڏک بدران تون خوشيءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندينءَ. منهنجي پياري منڙي ڪوشليا، تون ڏک جو نالو نه ڳنه. تون ڏسندينءَ ته ٺيڪ موٽي اچن ٿا. تنهنجو ڌرم آهي ته محلات جي اندر جيڪي ٻيون استريون آهن، تن کي آٿت ۽ دلاسو ڏين. توکي دلشڪستو ٿي روئڻ نه گهرجي. هن سنسار ۾ رام جهڙو ڌرماتما ڪٿي آهي؟ ڇا هو ڪو ڏک ڪرڻ جو سبب آهي؟ ڪوشليا، توکي پنهنجي پٽ تي ناز ڪرڻ گهرجي!“

سمترا جا هي وچن ٻڌي ڪوشليا کي ڪجهه قدر ڌيرج آيو.

نگرواسي وڏيءَ سنکيا ۾ رام جي رٿ جي ڪڍ ويا. هنن وڏي آواز سان پڪاريو ”رام! بن ڏانهن نه وڃ. تون نگر ڏانهن موٽي هل.“

رام وراڻيو، ”مان پنهنجي پتا جي وچن کي پوري ڪرڻ لاءِ بن ڏانهن وڃي رهيو آهيان. هن ۾ ڪابه ڏک ڪرڻ جي ڳالهه ڪانه آهي. ڪرپا ڪري مونکي روڪيو ڪونه.“

لوڪن هن ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏنو. هوُ انبوه ٺاهي سندس پٺيان ويندا رهيا ۽ رڙيون ڪندي چوندا رهيا، ”بن ڏانهن نه وڃ.“ رام هاڻي رٿ کي هلڻ کان روڪيو ۽ پريم ڀرين اکين

ته تون ٻين کي به همت ڏي. پاڻ به دل نه لوڙهه. رام راجا جي مان پرتشنا جي رکيا لاءِ ٻن ڏانهن ويو آهي. سچ پچ اِستري جاتيءَ جي اَندر، توتي ايشور جي خاص آسيس آهي. تون هڪ وير پٽر جي ماتا آهين. وير وري اهڙو جنهن پتا جي مان، پرتشنا کاتر سڄي راڄ کي ٺڪاري ڪري اُڇلائي ڇڏيو. اهو پٽر جيڪو هڪ ڪٺن ڌرم پورڻ ريت پالي رهيو آهي، تنهن لاءِ تون ڇو ٿي دک ڪرين؟ اِنهيءَ وير لاءِ اسانکي اَرمان ڪرڻ نه، جڳائي جيڪو پنهنجن وڏن جي مارگ تي هلي اَمر ڪيرتي پراپت ڪري رهيو آهي. مونکي انهيءَ ڳالهه تي فخر آهي جو لڪشمڻ رام سان گڏ ٻن ڏانهن وڃي رهيو آهي. جانڪيءَ کي خبر به آهي ته ٻن ۾ هنکي ڪيترين ڪٺناين کي منهن ڏيڻو پوندو، ته به هوءَ پنهنجي پتيءَ سان گڏ ويئي آهي. رام جي ڪيرتي ۽ جس اَکنڊ اَگنيءَ جيان سداءِ چمڪندو رهندو. اِنهيءَ ڪري ڏک ڪرڻ جو ته ڪو اوسر ئي ڪونه آهي. سندس پوترتا ۽ نيڪي هن کي ڍال ۽ زره جو ڪم ڏينديون.

”اهڙو اُتم ۽ سريشٽ آهي رام، جو هن جي منهن تي پوندڙ سورج جون ڪرڻائون ڪيس گرم ئي ڪونه لڳنديون. هوا هلندي پنهنجي ٺنڍڪ جي وسيلي هن سان لاڏ ڪوڏ ڪندي رهندي. جڏهن ماءُ موهه وچان پنهنجي ننڍي ٻچي جي سنڀال ڪندي آهي، تڏهن چندرما جون ڪرڻائون رات جي ويلي ڪيس چمنديون، چٽينديون ۽ سندس رکيا ڪنديون. پنهنجي وير پٽر جي سنبنڌ ۾ تون ڪابه چنتا نه ڪر. اهڙو ڪو منش ڄائو ئي ڪونه آهي جو وير رکي ساڻس وڙهي ۽ جيئندو بچي نڪري. رام آهي سمورن شڀ ۽ سندر گڻن جي کاڻ. اهو وير پٽر اَوس اَيوڌيا ڏانهن ورندو ۽ سنگهاسن جو ڌڻي ٿيندو. رام ته پاڻ پرجاپتي پريو آهي. هو ڪو ٻيو ڪونه آهي.

”سيتا رام سان گڏ آهي. سيتا خود لڪشمي آهي. رام موٽندو ۽ اچي راڄ ڌڻي ٿيندو. اَچ پرجا سندس ديش

جڏهن برت برهمڻ اهڙا اُڪير پريا وچن ٻوليا، تڏهن رام
ري رٿ کي روڪيو. ٽيئي رٿ تان هيٺ لهي پيرين پنڌ
هلڻ لڳا.

نه رڳو ساڌارڻ لوڪن رام کي ٻنواس وڃڻ کان روڪڻ
جو يتن ڪيو، پر برت گيانين ۽ نگر جي نيتائن به اهڙو اُدم
ڪيو. نه، نه، هوا ۾ اُڏامندڙن پکين به ڪوشش ڪئي ته رام
ن نه وڃي. ڪوي لکيو آهي ته اُنهيءَ سمي ۾ تمس ندي
، سندن سات ڏنو. نديءَ اُتل ڪاڏي ۽ رستي تي پاڻي ريلا
ڪري وهڻ لڳو. نديءَ جي ڪناري تي رٿ بيٺو. سمنتر
گهوڙن کي چوڙي پاڻي پياريو ۽ اُنهن کي چڏياءِ ته پل جهنگ
، چرندا رهن.

رام لڪشمڻ کي چيو: "اَج اسانجي ٻنواس جي پهرين رات
هي. اسانکي گهرجي ته هيءَ رات هن پوتر نديءَ جي
ڪناري تي ئي گذاريون. ٻن جي جيون ۾ ڪا به ڪمنائي ڪانه
هي. انهيءَ ڳالهه جي توکي به ڄاڻ آهي، مونکي به ڄاڻ
هي. ڏس ته پکي پکيئڙا، ڍور ڍڳا، ٻلڪ وڻ ٽڻ به اسان
سان سهانڀوتي ڪري رهيا آهن. اسانکي رڳو هڪ دک ستائي
هيو آهي. خبر نه آهي ته اسانجي پتا ۽ ماتائن جي اَيوڌيا ۾
ڪهڙي اَوستا هوندي. پر ڀرت ڀلو ۽ سلڇڻو راجڪمار آهي.
انهيءَ ڪري اُنهن ٻڍڙن جي اَوستا نيڪ هوندي. پڪ ئي
ڪ هو پنهنجي وڏن جي سچيءَ سڪ ۽ وڏي پريم سان شيوا
ڪندو. سمنتر، تون وڃ، وڃي گهوڙن جي سنڀال ڪر."

پوءِ رام نديءَ جي ڪنٺي تي سانجهين جي ويلي جي
سنڌيا ڪري چيو، "لڪشمڻ! تون مون وٽ آهين، پوءِ مونکي
ڪهڙي چنتا آهي؟ اج ٻنواس جي پهرين رات آهي. اج اسان
ي اُپواس رکڻ گهرجي."

لڪشمڻ، رام ۽ سيتا جي آرام لاءِ ڌرتيءَ تي تورو گاهه وڇايو.
ڻ ساري رات سمنتر سان ڳالهيون ڪندو جاڳندو رهيو.

سان ڏانهن نهاريندي هن ريت کين سمجهايو: ”آيوڌيا نگرواسيو! مونکي ڄاڻ آهي ته اوهانجو مونسان ڏاڍو پريم آهي. مان اوهانکي آگيا ڏيان ٿو ته آئينده اوهان منهنجي ڀدران پياري ڀرت سان پريم ڏيکاريو. اِئين ڪرڻ ئي اُتم ۾ اُتم ڪارج آهي. اِئين ڪرڻ معنيٰ مونکي وڏي ۾ وڏي عزت ڏيڻ. اُنهيءَ مان ئي مونکي وڏي ۾ وڏي خوشي پراپت ٿيندي. ڀرت هڪ نيڪ اِنسان آهي، هڪ سريشٽ پرش آهي. منجهس سمورا راڄائي لڇڻ سمايل آهن. هو هر ريت اوهانجي پريم جي پاتر ٿيڻ جي جوڳو آهي. اهڙو ورتاءُ ڪريو جئن هو اوهان سان پرسن رهي. ڀرت آهي ننڍو، پر آهي ڏاڍو سياڻو. سندس هردي ۾ ويرن جي ساهس سان گڏوگڏ نرمي ۽ پريم وسي رهيا آهن. هن ۾ ايتري شڪتي آهي جو اوهانجي رکيا ڪري سگهي. هوُ اوهانجو راڄا آهي. اوهانجو ڌرم آهي ته کيس پريم ڪريو ۽ ساڻس سچار رهو.

”مان بن ڏانهن پتا جي وچن جي پالنا ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو. پتاجيءَ ڀرت کي يوراجيه بڻايو آهي. ڀرت هر ريت انهيءَ پدويءَ جو اُڌڪاري آهي. مونکي ۽ اوهانکي راڄا جي آگيا پالڻ گهرجي. ڪرپا ڪري موٽي نگر ڏانهن وڃو. منهنجي وڇوڙي ڪري منهنجي پتا کي جيڪو دک ٿي رهيو آهي، اُنهيءَ کي گهٽائڻ جو يتن ڪريو.“

اهڙيءَ ريت رام هنن کي مٺن وچنن سان سمجهايو، پر جئن جئن رام هنن کي هٺن پريم ڀريل وچنن دواران پرچايو، تئن تئن هننجي دل ۾ رام لاءِ وڌيڪ پريم جاڳيو. اُنهيءَ ڪري هو شانت ڪونه ٿيا. ڪي پيرسن ڌرماتما برهمڻ رٿ کي ڏسي اچي روئڻ ۾ چڙڪيا. رڙ ڪري چيائون: ”اي گهوڙا، اوهين ڇو ٿا اسانجي رام کي بن ڏانهن وٺي وڃو. اسان ٻڌو آهي ته گهوڙن جا ڪن سرلا ٿيندا آهن. اسانجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو ۽ رام کي واپس وٺي هلو.“

ب چاڪن جو گس وٺي هليا. پر جڏهن ڏٺائون ته آيوڌيا جي
هي سڙڪ تي ڦيٿن سان رٿ جا نشان گم ٿيا پيا آهن،
هن کين ڏاڍي مايوسي ٿي.

نگرواسي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي ويا ۽ ڪئين
ب گهٽ وڌ پاراتا ڏيئي، پنهنجون دليون نارڻ لڳا. نگر جي
هوري سونهن سوپيا ڇٽ تي ويئي هئي ۽ هرهنڌ اداسائي
مايوسي ڇانيل هئي.

سمنتر ۽ راجڪمارن پرڀات ويلي ڪان گهڻو اڳ تمس ندي
ر ڪئي هئي. هو بن ۾ ڳچ پنڌ ڪري ويا هئا. ڪيئي
يون نهرون پار ڪري هاڻي اچي ڪوشل ديش جي ڏکڻ
ري دنگ وٽ پهتا هئا. اڳتي هلندي رام سمنتر کي چيو،
خبر نه آهي ته مان وري ڪڏهن سرجوءَ واري جهنگل ۾ شڪار
بڌ يندس ۽ راجڪمارن لاءِ شڪار ڪيڻ الائي يوڳيه آهي يا
؟ شايد ــــ ٿورو ٿورو ڪرڻ ٺيڪ به هجي."

ائين ڪيترين ڳالهين بابت وارتالاپ ڪندا هو اڳتي وڌندا
ليا. جڏهن راڄ جي ڏاکڻي سنڌي وٽ پهتا، تڏهن رام رٿ
ي بهارڻ لاءِ آگيا ڏني. پوءِ اُتر طرف آيوڌيا ڏانهن منهن
رائي رام پنهنجو سر نوائي هن ريت آراڌنا ڪئي: "اي سپني
ٿرن جا سرمور! اي اڪشواڪو ڪل جي پراچين راڄڌاني! بڌاءِ
مان بن ۾ پنهنجي تپسيا پوري ڪري موٽي اچي پنهنجي
تا پتا ۽ تنهنجو درشن ڪندس يا نه؟ ڪرپا ڪري اهڙي
سيس ڪر جئن مونکي هي وڏي ۾ وڏو آنند پراپت ٿئي."

هاڻي رٿ گنگا جي ڪناري تي اچي پهتو. پوءِ هو نديءَ
ي سندرتا جي ساراهه ڪندا، اُن جي ڪناري ڪناري
لندا هليا ۽ هڪڙي نهايت رمڻيڪ آستان تي اچي سهڙيا.
م چيو، "اسين رات هتي ئي ڪاٽينداسين."

گهوڙن کي ڇوڙي ڪري هو هڪ وڻ جي ڇايا هيٺان
يهي رهيا. اُنهيءَ پرديش جو سردار هو گهه. هن کي سنڌس

پوءِ ڦٽي ڪان ٻه گهڙيون اڳ رام ننڊ مان اُٿيو. پوءِ سمنتر کي چيائين ته نگرواسين اسان جي پٺيان ايندي ڏکيو سفر ڪيو آهي. ٿڪجي پيا آهن. اُنهيءَ ڪري ڪين گهڙي ننڊ اچي ويئي آهي. سندن پريم منهنجي من تي ڏاڍو پرڀاءُ وڌو آهي. پر سندن پريم جي ڪري مان ايوڌيا واپس ڪونه وڃي سگهندس. تنهن ڪري اسان کي هاڻي ئي، جيئن هو ننڊ ۾ ستا پيا آهن، هتان روانو ٿيڻ گهرجي.

گهوڙن کي گاڏيءَ ۾ جوٽيو ويو. رٿ ڏيري ڏيري ندي پار ڪئي. رام نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي ئي سمنتر کي چيو، ”جيڪڏهن تون رٿ کي پرينءَ پر، جت نگرواسي ستا پيا آهن، ڪاهي هلندين ۽ ٿورو ايوڌيا جي طرف هلي ڪري، وري هن طرف موٽي ايندين، ته پوءِ اسين مسافري تي اڳتي هلي سگهنداسون، ۽ تيستائين هي لوڪ ستا ئي پيا هوندا. هو ڏسندا ته رٿ جا نشان ايوڌيا جي طرف وڃن ٿا، پوءِ اِهو خيال ڪندا ته اسين ايوڌيا ڏانهن موٽي ويا آهيون. اهو خيال ڪري هو به شايد ايوڌيا ڏانهن هليا وڃن. جي تون اِئين نه ڪندين ته هي لوڪ اسانجي پوئتان هلندا هلندا.“

سمنتر اِئين ڪيو ۽ جڏهن رٿ موٽائي آندائين تڏهن ٽيئي رٿ تي سوار ٿيا ۽ ڏکڻ دشا ۾ هلڻ لڳا.

اُڌياءُ ١٩

اڪيلائي اڪيلا بنواسي

نگرواسي جيڪي تمس نديءَ تي سمهيا پيا هئا، سي سويلو اُٿيا ۽ چوڌاري نهارڻ لڳا. ڏٺائون ته نڪو رام آهي، نڪو رٿ آهي! اِهو حال ڏسي هوُ عجب ۾ پئجي ويا. هو رٿ

ي پر ڪارايو. اسين ساڌو سوڌو ڪاٺ و ورتائي، ۽ رات جو
م ڪري، سنتوش ڪنداسين.“

هنن ساري رات وڻ جي هيٺان گذاري. گهه ۽ لڪشمڻ
ستر سان ڳالهيون ڪندا سڄي رات جاڳندا رهيا.

گهه لڪشمڻ کي چيو ”پراتا، تون وڃ. تون به وڃي آرام
ر. تنهنجي لاءِ هنڌ وڇايو پيو آهي. منهنجا ماڻهو خبرداريءَ
ن پهرو ڏيندا رهندا. هن جهنگ ۾ ڪو به ماڻهو منهنجي حڪم
ڪجهه به ڪري ڪونه سگهندو. رام لاءِ تون ڪا به چنتا نه
ر، وڃ، وڃي تون آرام ڪر.“

لڪشمڻ وراڻيو: ”گهه! مونکي ننڊ ڪيئن ايندي؟ هت
اراجا جنڪ جي پٽري، مهاراجا دشرٿ جي نهن سيتا، بنا
بڌ بستري جي، خالي ڌرتيءَ تي سمهي پيئي آهي، خود
شوتم جيڪو ٽنهي لوڪن کي جيتڻ وارو آهي، سو پاڻ به
ه تي سمهيو پيو آهي؛ اهو حال ڏسي مان ڪيئن سمهندس.

”مونکي سڌ نه آهي ته آيوڌيا واسين جي دلين اندر هاڻ ڇا
ندو واپرندو هوندو. مهاراڻين جي ڪمرن ۾ ته روڄ راڙو لڳو
و هوندو. مونکي اها پڪ ڪانه تي ٿئي ته هن وقت ڪوشليا
نهنجي ماتا جيئريون هونديون. منهنجي پتا ڪنهن نموني ٿوري
ٽي سگهه هت ڪري رام کي چيو هو، ’بن ڏانهن وڃ.‘ مونکي
ڪ آهي ته رام جي ايوڌيا مان اسهڻ ڪانپوءِ منهنجي پتا کي
ڪو اينري شڪتي هوندي جو هو جيئرو رهي سگهي. پر
ڪڏهن راجا سرڳواس ٿيو هوندو ته پوءِ اسانجي ماتائن
پران ڏنا هوندا. اسين هت پيا آهيون؛ اسانکي پنهنجي
ڻن جو انتم سنسڪار ڪرڻ جو به وجهه نٿو ملي.

”اها ڳالهه ته ٺيڪ جهڙي ئي ڪانه آهي. جڏهن اسان بن
مدو پورو ڪري پوٺتي موٽنداسين، تڏهن اسانجي آجيان
ڪرڻ لاءِ اسانجو پتا ۽ ماتائون ڪو جيئريون هونديون.“

اهڙيءَ ريت ڏک وچان لڪشمڻ ڳالهايو. گهه کي لڙڪ لڙي

ماڻهن اڳيئي خبر ڏني هئي ته رام هت اچڻ وارو آهي. اُنهيءَ ڪري هُو پنهنجي اٽالي سوڌو رام ۽ لڪشمڻ جي آجيان لاءِ اُتي آيو.

رام ۽ راجائي ڪل لاءِ گهه کي اٿاه پريم هو. اهي نياتيون جيڪي گنگا جي ڪناري تي رهنديون هيون، تن جو هُو سرمور هو. اُنهيءَ ڪري سندس دٻدٻو ۽ شڪتي تمام گهڻي هئي. اڃا گهه پري ئي هو ته رام ۽ لڪشمڻ سندس آجيان ڪرڻ لاءِ اُتي بيٺا. گهه هنن کي اُڪير سان گلي لڳائي سندن آڳت ڀاڳت ڪئي. کين چيائين، "هن ڀوميءَ کي پنهنجي ڪري سمجهو. اِئين سمجهو ته جئن اوهان ايوڌيا جا سوامي آهيو، تيئن اوهان هن ڀوميءَ جا به ڌڻي آهيو. ڪنهن کي اوهان جهڙي اتٿي جي پڌارجڻ جي اُميد هئي؟ سچ پچ ته مان وڏ ڀاڳي آهيان."

گهه اتٿين لاءِ نانا پرڪارن جا ڀوڄن تيار ڪرايا هئا. هن چيئن، "منهنجي راڄ ۾ پاڻکي بلڪل سکي سمجهو. اِئين سمجهو ته اوهان پنهنجي گهر ۾ ويٺا آهيو. اوهان ڀل سمورا چوڏهن ورهيه ئي هت ڪاٽيو. مان اوهانکي پڪ سان ٿو چوان ته هت اوهانکي ڪابه ڪمي ڪانه رهندي. اوهان جي شيوا ڪرڻ ۾ مونکي ڏاڍو آنند ايندو. اوهان جي شيوا کي مان پنهنجو سڀاڳ ڪري سمجهندس. ڪرپا ڪري منهنجي شيوا سويڪار ڪريو."

رام گهه کي گلي لڳائي چيو، "ڀراتا! مونکي ڄاڻ آهي ته توکي منهنجي لاءِ اُتي پريم آهي. تو اُتٿي - شيوا جي اِڇا ڏيکاري؛ ۽ اسانجي شيوا ڄڻڪ ٿي چڪي. مان پنهنجي پرتگيائن ۾ ٻڌل آهيان. انهن ورتن کان ٻاهر مان ڪوبه پدارٿ سويڪار ڪونه ڪندس. مان بن ۾ بنواسي ٿي رهڻ لاءِ آيو آهيان، ۽ نه هڪ سردار جو اُتي رهي آنند ماڻڻ لاءِ. هي گهوڙا منهنجي پتا جا پيارا ساٿي آهن. ڪرپا ڪري انهن کي

"تون منهنجي ٻيڙي پتا کي منهنجي پاران هيءُ ٻڌائج.
...ن ڪان اڳ هن ڪڏهن به ههڙو سخت ڏک ڪونه ڏٺو آهي.
ڏٺو هوندو ته مان ڪيئن سندس پير پڪڙيندو هيس. تون
اِئين ڪج. کيس اِها به پڪ ڏج ته بنواس ماڻ جي ڪري
...نکي ڪو به ڏک سور ڪونه ٿيو آهي. لڪشمڻ کي به ڪو
...ڏاءُ ڪونه رسيو آهي. وديهي به دکي ڪانه ٿي آهي. اسين
...ئي ته اِئين سمجهي رهيا آهيون ته بنواس جا هي چوڏهن
...رهيه اِئين گذري ويندا، جيئن ڪو پکي خوش ٿيندو پرن
...ي اُڏامندو آهي. مدي پوري ٿيڻ تي اسين وري پتا جي
...ڙن ۾ اچي سندس آسيس وٺنداسين. منهنجي ماتا ڪوشليا
...ي اسان جو پريم پريو پرڻام ڏج. کيس چئج ته سندس آسيس
...سانجي رکيا ڪري رهي آهي ۽ اسين هر ريت خوش آهيون.
...اڳيو سنديش منهنجي ٻين ٻن مائرن ۽ خاص ڪري ڪئڪئي
...ي ڏج، متان هوءَ سمجهي ته مونکي ڪو ڪاوڙ غصو آهي.
...ها راجا کي چئج ته مان کين زوردار وينتي ڪريان ٿو ته ڀرت
...و راج تلڪ جلد ئي ڪري. اِهو ڪارج پورو ٿيندو ته اسان
...ي غير حاضريءَ ۾ ڀرت، راجا کي آرام ڏيندو رهندو."
سمنتر پنهنجو ڏک روڪي نه سگهيو سو رڙ ڪري چياءِ،
...مان ڪئن موٽي وڃان؟ مان راجا کي ڇا وڃي چوان؟ مان
...يس ڪئن آٿت ڏيان؟" پوءِ خالي رٿ ڏانهن نهاري رئندي
...چيائين، "مان هن خالي رٿ کي ڪيئن ڪاهيان؟ اوهان ته
...ن ۾ آهيوئي ڪونه؛ اُنکي سڃو ۽ ويران ڪري ڇڏيو اَٿو."
رام وري به سمنتر کي دلداري ۽ همت جا اکر چيا. کيس
...يرج ڌارڻ لاءِ زور ڀريائين. اِئين آٿت ڏيئي کيس گهر ڏانهن
...وانو ڪيائين.
رام پوءِ گه کي چيو، "تنهنجي اِڇا موجب مان چوڏهن ورهيه ئي
...وت گذاري سگهان ٿو. پر اِئين پڻ ته پورو ڪونه ٿيندو.
...هنجي لاءِ اهو ضروري آهي ته مان تپسين جيان گذارو

آيا. ساري رات اهڙيءَ گفتگو ۾ گذري ويئي.
ٻئي ڏينهن صبح جو رام لڪشمڻ کي چيو، ”هاڻي اسان کي ندي پار ڪرڻ گهرجي. گهه کي چئو ته اهڙي وڏي ٻيڙي تيار ڪري جنهن جي وسيلي ڪشادي ندي پار ڪري سگهجي.“ گهه پنهنجي آدمين کي آگيا ڪئي ته ڪا وڏي ٻيڙي تيار ڪن. هن رام کي پوءِ اهڙو سماچار ڏنو.
سمنتر رام جي اڳيان جهڪي ڪري ڪانئس وڏيڪ آگيا گهري. جيتوڻيڪ سمنتر پنهنجي من جي دک کي ظاهر نه ڪيو ته به رام سمجهي ويو ته هنکي ڪيترو نه ڪليش آهي. پوءِ رام سمنتر جي ڪلهي تي پريم سان هٿ گهمائي چيو، ”سمنتر! جيترو تي سگهي اوترو جلد تون اَيوڌيا ڏانهن موٽي وڃ ۽ وڃي راجا جي پير ۾ تيءُ. هاڻي تنهنجو ڌرم اهو آهي ته تون راجا جي سنڀار لهين.“
سمنتر رڙ ڪري چيو، ”اي رام! اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ”ڌرم“، گيان ۽ سيپتا جو هن سنسار ۾ ڪو به مله ڪونه آهي. توهين، اوهانجو پراتا ۽ وديهي، ٻن ڏانهن وڃي رهيا آهيو. خبر نه آهي ته اسانجي نصيب ۾ ڇا لکيل آهي. ڪئڪئيءَ جي راڄ ۾ الاجي اسانجو ڪهڙو حشر ٿيندو؟“ اِئين چئي هو ٻارن جيان رُئندو رهيو.
سمنتر جا ڳوڙها اُگهي ڪري رام چيو، ”اسانجي ونش جو تون هڪ سريشٽ ۽ اُتم متر آهين. تو جهڙو ڪو ٻيو متر اسانکي ڪونه مليو آهي. هاڻي تنهنجو ڪم آهي ته پتاجيءَ کي وڃي آٿت ڏين. ڏک جي ڪري هنجي دل ڇاڪ ڇاڪ ٿي پيئي آهي. هو جيڪا به آگيا توکي ڏي تنهنجي پوري ڏيان سان پوئواري ڪج. اُنهيءَ سوال جواب ۾ نه پئج ته راجا کي فلاڻي ڪي فلاڻي شيءِ پنهنجي لاءِ گهرجي يا ڪئڪئيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ گهرجي. ڏسج ته هنجي دل کي ڪو به صدمو نه رسي. اسانجي تون ڪا به چنتا نه ڪج.

لڪشمڻ وراڻيو، ”پرڀاتا! مونکي ڪِميا ڪريو. مان آيوڌيا
انهن ڪونه موٽندس.“ رام کي اهڙي ئي جواب جي اُميد هئي.

رامايڻ جي ڪشش جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو آهي جو
قت بوقت ايشوري راجڪمار هڪ ساڌارڻ منش جيان ڳالهائي
لهائي ۽ ڏک ڪري ٿو. جيڪڏهن سروشڪتيوان پرميشور
دائين سروشڪتيوان ٿي رهي ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻ ئي ڪري
پوءِ اوتار وٺڻ جي هوند ضرورت ئي ڪانه رهي. پوءِ جيڪر
اڌارڻ منشن جي ڌرم مريادا به قائم نه رهي.

اڳين ۽ پوين اوتارن ۾ اهوئي ڀيد آهي. رام-اوتار ۾ منش
و وهنوار ۽ ڌرم مريادا هڪ ٻئي ۾ ڳنڍيا پيا آهن. والميڪي
ها ڳالهه صاف ڪري ٻڌائي آهي:

جڏهن يڌ سماپت ٿي چڪي ۽ سيتا جي اگني پريکيا ٿي
ي، تڏهن برهما ٻين ديوتائن سان گڏ اچي اُتي پرگهٽ ٿيو ۽
ن اگني پريکيا جي ڳالهه لاءِ ناپسندي ڏيکاري. اُنهيءَ وقت
ام کيس هيئن چيو:

”مان پاڻ کي رگهو رام، دشرٿ جو پٽر، هر ريت هڪ
نش، ڪري سمجهان ٿو. سچ پڇ مان ڪير آهيان، منهنجو
چو ديش ڪهڙو آهي، مان ڇو جنم ورتو آهي، مونکي
نهن ڳالهين جي ڪا به ڄاڻ ڪانه آهي. اوهين مونکي اُنهيءَ
يد جو گيان ڪرايو.“

جڏهن رام پنهنجي مائن جو خيال ڪري ڏک ۾ ٻڏو پيو
و، تڏهن لڪشمڻ آشا ۽ اُتساهه سان ڀريل مٺن وچنن دوارا
ندس دل وٺي رهيو هو.

اُها رات اُنهن هڪ ٻڙ جي وڻ هيٺان ڪٽي ۽ صبح ٿيڻ
ان ئي هُو ڀاردواج آشرم ڏانهن روانا ٿيا. اُتي هُو سج لٿي وڃي پهتا.

رشيءَ سندن چڱي پرڪار آجيان ڪئي. اُتي سنڪار پوري
ڻ کانپوءِ، هنن رشيءَ کان صلاح پڇي ته هو بنواس جو وقت

ڪريان. مونکي سندر سوادي ڀوڄن ور تانئا ڪونہ آهن. اسان کي اڄ کان وٺي ڦل ڦول ۽ ڪند مول تي گذارو ڪرڻو آهي. مانس بہ رڳو اُهو ورتائڻو آهي جنهن جي شاسترن ۾ موڪل آهي، جنهنجي ڀڳہ اگنيءَ ۾ آهوتي ڏني آهي."

گہ کي اِئين دلاسو ڏيئي، ٻنهي ڀائرن پنهنجون جٽائون ٻڙ جي کير سان ڌوئي ٻڌيون. هنن پهرين سيتا کي هٿ ڏيئي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو. پوءِ پاڻ سوار ٿيا. گہ ناکئين کي اشارو ڪيو تہ ٻيڙيءَ کي پار ڌڪالي وڃو.

ناکئن ٻيڙيءَ کي جلدي جلدي هلائي، سوارن کي ندي پار ڪرائي. جڏهن وچ سير ۾ هئا تڏهن سيتا نديءَ جي ديويءَ کي آراڌنا ڪندي چيو، "هي ديوي! سهايتا ڪر تہ اسين پنهنجو پڻ پورو ڪري صحيح سلامت وطن ڏانهن ورون."

(ٻيڙيءَ ۾ هو پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا ٿي هليا. نيٺ گنگا جي پرين ڪنڌي تي پهتا.) اَيوڌيا ڇڏڻ کان پوءِ هيءَ پهريون ئي موقعو هو جو ٻنواسي اڪيلائي اڪيلا رهجي ويا. ساڻن ٻيو ڪوبہ ساٿي ڪونہ هو!

اُتي پهچڻ کانپوءِ رام چيو، "لڪشمڻ، تون هاڻ اڪيلوئي منهنجو هٿيار بند اَنگ-رکيڪ آهين. اُنهيءَ ڪري تون اڳيان ٿي هل. تنهنجي پوئتان هلندي سيتا، مان وري ٻنهي جي پوئتان هلندس. اسان ٻنهي کي اهڙو يتن ڪرڻ گهرجي، جيئن سيتا کي ٻن ۾ گهٽ تڪليف ٿئي. اڄ کان پوءِ اسان جو ڪوبہ سنگي ساٿي ساڻ ڪونہ هلندو. اسان لاءِ ڪا وندر وروندڙ بہ ڪانہ هوندي."

رام هاڻي پنهنجي ماتا ڪوشليا جو خيال ڪرڻ لڳو.

هن چيو: "لڪشمڻ اِئين بهتر نہ ٿيندو تہ تون اَيوڌيا ڏانهن موٽي وڃين ۽ ماتا ڪوشليا ۽ سمترا ديوي جي سار سنڀال لهين. مان پاڻيهي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ٻن جي جيون جو پربنڌ ڪندس."

...بتا جي پنيان هلڻ لڳو. هن وڏيڪ هئن چيو، ”رستي تي
...بتا جيڪو قل قول گھري سو هن کي موجود ڪري ڏي
...سندس اُتساهه کي اسٿر رکـ..“

سيتا هلندي هلندي بن جي هر ورڪش ۽ ول بابت پڇا
...ڪندي رهي. منجهس بن جي سنبنڌ ۾ گيان پراپت ڪرڻ
...و ڏاڍو چاهه هو. بن جي اندر نانا پرڪار جي سندرتا ۽ سوڀيا
...سي هو ڏاڍو خوش پئي ٿيا.

هنن کي هن ياترا مان ڏاڍو آنند پراپت ٿيو. رات جو
...ري هنن هڪڙيءَ نديءَ جي ڪناري تي آرام ڪيو.

هن هنڌ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي والميڪيءَ ڏيکاريو آهي
...رام کهڙيءَ ريت شڪار ڪري کاڌو هٿ ڪندو هو.
...ن اِها ڳالهه صاف ڪري ڏيکاري آهي ته ڪين گھٽي قدر
...نس تي گذارو ڪرڻو ٿي پيو. اِها ڳالهه ڪيترن پڙهن ماڻهن
...ي نه آئڙندي آهي. اُنهيءَ ڳالهه ڪري سندن دل کي
...ڪجهه چوٽ لڳندي آهي. پر ڪترين لاءِ مانس ورتائڻ جي منع
...بل ڪانه آهي. سچ ته اهو آهي ته ڀارت ورش ۾ اهوئي
...ستور پئي رهيو آهي ته ڪنهن به قسم جو کاڌو جيڪو جائز نموني
...هٿ ڪيو ويو آهي ۽ جنهن مان يگه ۾ آهوتيون ڏنيون
...يون آهن، سو ڀل کائجي. رام ڪتري پتر هو. هوُ بن ۾ ڪترين
...بيان، پر سنجم ۽ نيم سان رهندو هو.

پئي ڏينهن صبح جو اُٿي رام لڪشمڻ کي جاڳائي چيو،
”...ڏيان ڏيئي ٻڌ ته پکي پنهنجا آلاپ آلاپي، اُيرندڙ سورج کي
...رنام ڪري رهيا آهن. وقت ٿيو آهي ته اسين هتان روانا ٿيون.“

لوڪن ۾ اِها ڳالهه ڦهليل آهي ته لڪشمڻ بنواس جو سمورو
...سمو بنا ننڊ ۽ بنا کاڌي جي کاٽيو هو. پر والميڪي راماڻ
... اهڙي ڳالهه آهي ئي ڪانه. ڪڏهن سو ٿڪ جي
...ڪري لڪشمڻ سويرو ڪونه اُٿندو هو، ۽ اهڙي وقت رام
...کيس جاڳائيندو هو.

کھڙي ھنڌ شانتيءَ سان ڪاٽي سگھندا. رشيءَ جي صلاح ۽ آشيرواد وٺي ھو چترڪوٽ ڏانھن ھلڻ لڳا.

اڌيايُ ٢٠

چترڪوٽ

رام اُھا رات ڀاردواج جي آشرم ۾ ڪاٽي. پراتهڪال جو جاڳي ھنن مھرشيءَ کي پرڻام ڪيو. رشيءَ کان موڪلائي ھو چترڪوٽ جي ٽڪريءَ ڏانھن روانا ٿيا. ڀاردواج منجي ڀائرن سان اھڙو پريم ڀريو ورتاءُ ڪيو، جھڙو پنھنجي ٻارن سان ڪبو آھي. ھن کين سمجھايو تہ چترڪوٽ ڏانھن وڃڻ لاءِ ٻن جي کھڙي وات وٺن. پوءِ آشيرواد ڏيئي کين وڃڻ جي آگيا ڪئي.

رشيءَ ٻن جي ٻين ٻين آستانن جي جيڪا سمجھاڻي ھنن کي ڏني ھئي، اُنھيءَ تي ھو پوريءَ ريت ھلندا رھيا. نيٺ ھو ڪالندي نديءَ وٽ اچي سھڙيا. اُتي ھنن ٻنڀ، ٻانس جا لڪڙا ۽ وليون گڏ ڪري ھڪ ترھو تيار ڪيو. لڪشمڻ اُتي نرم ٽارين ۽ پنن سان سيتا لاءِ آسڻ ٺاھيو. ھنن پوءِ سلامتيءَ سان ندي پار ڪئي.

درياءَ جي وچ ۾ سيتا نديءَ جي آراڌنا ڪئي ۽ اُھائي پرارٿنا ڪيائين تہ شل رام پنھنجي پرن پوري ڪرڻ ۾ سڦل ٿئي ۽ سڀ سک سلامتيءَ سان گھر موٽن.

اُنھيءَ ڪانپوءِ ھنن ڪيترين نھرون پار ڪيون. نيٺ اُنھيءَ شاھي ٻڙ جي وڻ وٽ اچي پھتا جنھن بابت ڀاردواج کين ٻڌايو ھو. اُنھيءَ ورڪش جي ھيٺان سيتا وري پرارٿنا ڪئي، "ھي پوتر ورڪش، اُھڙي ڪرپا ڪر، جئن منھنجو پتي پنھنجو وچن پالي ۽ مان وري ڪوشليا ۽ سمترا راڻين جو درشن ڪريان."

رام لڪشمڻ کي سيتا جي اڳيان ھلڻ لاءِ چيو. پاڻ

والميڪي ۾ ڪنهن هنڌ گهٽنا جو ورڻن ڪندي هڪ
ڪارجي پاڻ ۾ چٽا پيٽي ڪئي آهي. والميڪي لکيو آهي ته جڏهين
لڪشمڻ ڪٺيا جوڙي راس ڪئي تڏهن رام کيس ڳلي لڳايو.
انهيءَ وقت رام جي اکين ۾ جل تري آيو. رام لڪشمڻ کان پڇيو
، ”توهيءَ ڪاريگري ڪڏهن ۾ ڪيئن هٿ ڪئي؟“ پاٺڪ
انهيءَ سمي جي درشيه جي پاڻ ڪلپنا ڪري سگهن ٿا.

ڪنهن جو لکڻ آهي ته اکين ۾ آنسون آڻيندي رام هيئن
پڇيو، ”مٿلا جي راجڪماري ته پنهنجن ڳان جهڙن نازڪ پيرن
سان سخت بن پوميءَ تي گهمي هڪ چمتڪار ڪري ڏيکاريو
آهي. لڪشمڻ، تنهنجن هٿن وري هيڙي جاءِ جوڙي هڪ
ڪرامت ڪري ڏيکاري! اڄ ئي مونکي پتو پيو آهي ته درياڳيه
ن به منش لاڀ پراپت ڪري سگهي ٿو.“

چترڪوٽ جي ٽڪر لڳ، پوتر مالئيتي نديءَ جي ڪنٺي
ي، اڏيل جهوپڙيءَ ۾ ٽڪي ياتري سک سان پنهن جو سمو
تيت ڪندا رهيا. هو اتي پنهنجو نت ڪرم نيڪ نيڪ ڪندا
ها. ڪائن اِها ڳالهه ئي وسري ويئي ته هو ڪو بنواسي هئا.
کو اِئين رهڻ لڳا ڄڻين ديوتائن جي وچ ۾ اندر سرڳ لوڪ ۾
رهندو آهي.

چترڪوٽ ۾ ته سرڳ جا سڀ سک ۽ درشيه هئا. اُنهن سڪن
ئي ماڻڻ کان پوءِ ٽنهي، ياترين کي اَنيڪ ڪشٽ ۽ ڪليش
ڏنا ٿا. ڪويءَ اُنهيءَ سلسي رکڻ سان پنهنجي ڪلا جو ڪمال
ڪري ڏيکاريو آهي.

اڌياءُ ۲۱

ماتا جو ڏک

سمنتر ۾ گڏ ٽئي تيسين اُتي ئي بيٺا رهيا جيسين ياتري

هاڻي هوُ هت منهن ڌوئي پوڄا پاٺ ڪري ڀاردواج رشيءَ جو ٻڌايل رستو وٺي وري ياترا تي پنڌ پيا. اونهاري جي مند هئي ۽ وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا نانا پرڪارن جي رنگ برنگي گلن ڦلن سان ڀَئي ٻهڪيا. وڻن ۾ ٻور ۽ ميوا جام هئا. اُنهيءَ ڪري سندن ڏاريون نميون پيون هيون.

رستي تي هلندي رام هر هر سيتا جو ڌيان ٻن جي شوڀنيڪ پدارٿن ڏانهن ٿي ڇڪايو. رام چيو: "ڪهڙا نه سندر آهن هيءُ ٻن، جت منش جي ڇيڙ ڇاڙ ڪري شين کي بگاڙيو نه ويو آهي. ڏس ته ماکيءَ جي مکين جا مانارا ڪئن نه لٽڪيا پيا آهن! ڪئن نه ساري پرٿوي وڻن مان ڪريلن گلن سان ڇانئجي پيئي آهي. پکين جا آلاپ سڻ. ڪئن نه هو مٺيون لاتيون لنوين هڪ ٻئي کي وندرائي رهيا آهن! ڪهڙو نه آنند هو ماڻي رهيا آهن! جيڪڏهن اسانکي سدا هتڙن راڳن ٻڌڻ ۽ هتڙن نظارن پسڻ جو وجهه ملي ته هوند جيون بلڪل سندر ۽ سکي ٿي پوي."

نيٺ ڏناٺون ته ڪجهه مفاصلي تي چترڪوٽ ٽڪر اوچي ڳات سامهون بيٺو آهي. اِهو ڏسي هوُ ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ تڪڙو تڪڙو اُنهيءَ طرف هلڻ لڳا. رام زور سان چيو، "ڪهڙو نه سندر آهي هيءُ آستان! ٻن جي هن هنڌ سوادي ۽ وڻندڙ کائڻ لائق ڦل ڦول ۽ ڪندمول هڪيا ٽڪيا آهن. پاڻي جهڙو آهي مٺو، تهڙو ئي آهي صاف. هن ٻن ۾ رشي پنهنجن آشرمن ۾ وسن ٿا. هنن پوٽر پرشن جي سنگ ۾ اسان جو سمو آنند سان گذرندو."

هنن اُتي پنهنجي لاءِ آشرم ٺاهڻ شروع ڪيو. لڪشمڻ هڪ هوشيار ڪاريگر هو. هن جلد ئي هڪ پڪي جهوپڙي اَڏي ورتي. ڪٺيا اهڙي هئي، جنهن تي آب هوا جي ڦير ڦار اثر نٿي وجهي سگهي. منجهس هر پرڪار جو سک ۽ سهنج سمايل هئا. لڪشمڻ اُها ڪٺيا اَڪيلي سر اَڏي. اُن جا در دريون بانس ۽ ٻن جي ٻين پدارٿن مان ٺاهيائين.

سندس پٽر کي بن ۾ ڇڏي آيو آهي. اُنهيءَ سماچار ملڻ کان پوءِ راڻي ڪئن جيئندي رهندي؟"
جڏهن سمنتر راڻيءَ جي محل ۾ ويو تڏهن سندس غم ۽ سونجهارو پاڻ اڳي کان ٻه وڌي ويو. اُتي هن ڏٺو ته دشرٿ ڇڪ مئلن جي قطار ۾ هو. هن راجا کي رام جو سنديش تمام جهڪي آواز سان ڏنو. راجا ٽٽل دل سان چپ ڪري اهو ٻڌو.
هاڻي ڪوشليا پنهنجي ڪروڌ کي روڪي نه سگهي ۽ راجا کي هن ريت چيائين: "هتي بيٺو آهي اوهان جو منتري جو منهنجي پٽ کي توهان جي پڻ کي پورو ڪرڻ لاءِ بن ۾ ڇڏي آيو آهي. پلا اوهان چپ ڇو وينا آهيو؟ ڪيڪئيءَ کي وچن ڏيڻ سولا هئا ۽ اُنهيءَ ۾ توهانکي خوشي ٿي ئي. توهان کي هاڻي اُن ڪري پشيماني ڇو ٿي ٿئي؟ ڇا اوهانکي اِها ڄاڻ نه هئي ته جيڪي اوهان ڪيو آهي تنهن جو هيءُ نتيجو نڪرندو؟ اوهان پنهنجو وچن پاليو آهي. اُنهيءَ ڪري اوهين دل خوش ٿيو. پر منهنجي دک ۾ ڪير منهنجو ڀائي ڀائيوار ٿيندو؟ مونکي ته اُهو بوجهه اڪيلي سر پوڄڻو پوندو. اوهانجي دک ڪري منهنجو دک تورو ئي گهٽبو؟
"اها ڪا ريت رسم نه آهي ته توهين انهيءَ ڳالهه لاءِ ڪو ڏک ڪريو يا دکي ڏسڻ ۾ اچو، جا ڳالهه اوهان ڄاڻي ٻجهي ڪئي هجي. توهين چپ ڇو وينا آهيو؟ اوهان پنهنجي ڏک کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هبڪو نه. اُهو پڻ نه ڪريو ته ڪيڪئي اوهان سان ڪاوڙ بي. هوءَ ته هتي آهي ئي ڪانه. رام جي بابت سمنتر کان ته ضرور جاچ ڪريو. ڇا اوهان ۾ منش جو هردو ڪونهي؟ اوهان سپاويڪ پاونائن کي به ڇوتا د ٻايو؟"
رام لاءِ ڪوشليا کي اينترو بيحد پريم هو ۽ هن جي جدائي ڪري کيس اينترو صدمو ٿيو هو، جنهن کيس پنهنجي پتيءَ جي مانسڪ ۽ شاريرڪ اوسٿا ئي پلائي ڇڏي. هن جي دک کي گهٽائڻ جي بدران اُلٽو وڌائي ڇڏيائين.

نظر کان غائب ٿي ويا. جڏهن رام، لڪشمڻ ۽ سيتا ايترو پري نڪري ويا جو ڏسڻ ۾ نه ٿي آيا، تڏهن هي ٻئي متر دک جي ساگر ۾ ٻڏي ويا. اتان هو ويا گنگا جي ڀرسان ڏانهن. ٿوريءَ دير کانپوءِ سمنتر ايوڌيا ڏانهن روانو ٿيو.

جڏهن ڪوچوان نگر جي ويجهو آيو تڏهين ڏٺائين ته نگر ۾ هميشه واري چهل پهل هئي ئي ڪانه. اِئين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ ته ڪو راڪس گهمي ويو آهي. جڏهن هو ڪوٽ جي دوار کي پار ڪري نگر جي اندر آيو، تڏهن ماڻهن جا ميڙاڪا کيس ويڙهي ويا. سيني وڏيءَ اُڪير سان پڇيو ته "تون رام کي ڪٿي ڇڏي آئين؟ جنهن وقت تو هن کي ڇڏيو، تڏهن هو ڪيئن هو؟"

سمنتر چيو، "پيارا نگر واسيو، رام ۽ لڪشمڻ گنگا پار پهتا آهن. مونکي آگيا ڏنائون ته ايوڌيا ڏانهن واپس وڃ. پوءِ هو پيرين پنڌ ٻن ڏانهن راهي ٿيا."

سيني جي اندر مان دک ڪري زور سان سرد آه نڪتي ۽ پاڻکي پاراتا ڏيڻ لڳا. هرهڪ اِئين پئي سمجهيو ته هيءَ مصيبت ديش جي مٿان سندن پاپن ڪري ئي نازل ٿي آهي. جئن رٿ شهر جي گهٽين مان لنگهيو ٿي، تئن ٻنهي پاسن کان بيٺل اِستريون دانهون ڪري چوڻ لڳيون، "رٿ ڏانهن ته نهاريو. جڏهن هتان روانو ٿيو تڏهن راجڪمار ۽ ويديهي اُن تي سوار هئا، پر هاڻي خالي موٽيو آهي."

سمنتر کي پنهنجو منهن لوڪن کي ڏيکاريندي شرم ٿي ٿيو، سو ڪري پنهنجو منهن پنهنجي مٿين وستر جي پلؤ سان ڍڪيائين. رٿ کي هڪاليندي اچي دشرٿ جي محل جي ٻاهران ٻهاريائين.

اُتي محلات جي ٻاهران ماڻهن جي وڏي پيڙ اچي گڏ ٿي هئي. ڙالن هڪ ٻئي کي ٿي چيو، "ڏسون ته سمنتر ڪوشليا وٽ وڃي هن کي ڇا ٿو چوي: ڪئن تو هنکي ٻڌائي ته هو

يگائڻ جي ضرورت ئي ڪانه آهي. هوءَ ٻن ۾ اهڙيءَ طرح
ان هلي رهي آهي جڻڪ هوءَ ناچ ڪندي هجي، البت سندس
ٻرن ۾ ڇم ڇم ڪندڙ گهنگهرو سو ڪين آهن. جيڪي ڪجهه
ان ڇڏي رهيو آهيان سو بلڪل سچ آهي، توهان کي ڪنهن
قسم جي غم ڪرڻ جي ضرورت ئي نه آهي.

”ٻيئي ٻن واسي پنهنجو پوتر ڌرم پالي رهيا آهن ۽ سنسار
ي اتم سکيا ڏيئي رهيا آهن. هو راجا جي پرن جي پالنا ڪري
هيا آهن. جيسين سج چنڊ آهي تيسين لوڪ سندن جيون
ڪٿا سمرن ڪري سندن استتي ڪندا رهندا. اهڙيءَ اوستا
اسان کي سندن لاءِ ڏک ڇو ڪرڻ گهرجي؟“

اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪوشليا کي ٿوري وقت لاءِ شانتي
ئي ٿي. پر وري سندس دل ٽٽي ٿي پيئي ۽ هن رئندي
ئي چيو: ”هاءِ، هاءِ! منهنجا پيارا پٽ، رام، هاءِ، هاءِ!“
سچ پچ جڏهن سمنتر رام کي ٻن ۾ ڇڏي واپس آيو تڏهن
ڪوشليا کي پاڻ وڌيڪ ڏک ٿيو.

اڌياءُ ٢٢

ٻاراڻي ڪيل جو ڀيانڪ نتيجو

ڪوشليا ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو غم ڏنگيندڙ ٻول ٻولڻ سان
لڪو ڪندي هئي. اهو ٻڌي دشرٿ جي دل کي ڌاڪو
لڳندو هو. پر ڪوشليا انهيءَ طرح ئي پنهنجي دبيل
رد جي ٻاڦ ٻاڦيندي هئي.

دشرٿ ڪان زوريءَ زبردستيءَ اهڙو ڪم ڪرايو ويو هو
نهن سندس دل ٽوڙي ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري هو پاڻ
ي ڏڪار جي نظر سان ڏسندو هو، ايترو جو پنهنجي مٿان
ٻس قياس به ڪونه ايندو هو. دشرٿ جي سامهون به ڪنهن يون

دشرٿ هاڻ پنهنجون اکيون کوليون ۽ سمنتر پنهنجن شبدن ۾ کيس رام جو سنديش ڏنو.

سمنتر ڪوشليا کي سانت ڪرائڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ هر هر هيئن چوندي رهي: ”مونکي وٺي هلو ۽ اُتي ڇڏي اچو جتي رام آهي. ننڍي نيٺي سيتا به اُتي آهي ۽ ويٺي بن جا ڏک سهي. هيءُ ڏک منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي. مونکي ڇڏيو ته مان ڊنڊڪ بن ڏانهن وڃي سيتا سان ملان.“

سمنتر وراڻيو: ”مهاراڻي، دل نه لوڙيو. غم کي پنهنجي من مان ڪڍي ڇڏيو. بن ۾ رام اَيوڌيا کان به وڌيڪ سک سان پنهنجو سمو ڪاٽي رهيو آهي. هن کي ڪا به چنتا ناهي. لڪشمڻ کي پنهنجي پياري ڀاءُ جي سيوا ڪرڻ ۾ ڏاڍو آنند اچي ٿو، ڇو ته هو اُنهيءَ کي پنهنجو وڏي ۾ وڏو ڪرتويه سمجهي ٿو. سچ پڇ ته هو ڏاڍو وسکي آهي. سيتا برابر بن ۾ آهي پر اُتي اِئين ئي ٿي گذاري جئن هتي محلات ۾ گذاريندي هئي. هن جي جيون جي هرهڪ ڪڻ رام جي مٿان نڇاور ڪرڻ جي لاءِ ئي آهي. اُنهيءَ ڪري هن کي نڪو ڀؤ آهي، نڪو غم آهي. هوءَ اُتي هڪڙيءَ بن جي ديويءَ جيان وقت گذاري ٿي. اُتي هوءَ اهڙي ئي سکي آهي جهڙو هوءَ اَيوڌيا ۾ وڻن جي جهڳٽن ۽ وڻڪارين جي وچ ۾ راند روند ڪندي هوندي. سندس منهن جي سندرتا، اُپرندڙ چنڊ جهڙي ٿي ڏسجي. هوءَ پنهنجو سونهري سمو رام جي سنگ ۾ بن جي هرڻيءَ جيان، بنا ڪنهن اُڌڪي جي نهايت موج سان گهاري رهي آهي. هرهڪ درشيه ۽ هرهڪ آلاپ هن جي لاءِ آنند جو نئون وسيلو آهي. اُنهن آلاپن ۽ درشن جي سنبنڌ ۾ هوءَ رام ۽ لڪشمڻ سان وارتالاپ ڪندي رهي ٿي.

”بن ۾ هوءَ پيرين اگهاڙي گهمندي رهندي آهي تنهنڪري سندس پير ڪمل جيان لال ٿيا پيا آهن ۽ اُنهن کي مينديءَ

پورو ڪري واپس ايندو تڏهن به هوءُ اُنهيءَ ڳالهه جي ورود
نه ويندو. هيڪر ڀرت سنگهاسن تي ويٺو ته پوءِ رام راڄ
ڻ جو خيال ئي ڪين ڪندو. چيتو ڀين جانورن جي شڪار
ل پسونءَ کي هٿ ئي ڪين لائيندو آهي. جڏهن مڇي
نهنجي ئي ٻچن تي گذارو ڪندي آهي، تڏهن توهان به ساڳيءَ
ت پنهنجي پٽ کي گهات ڪري ڇڏيو آهي."

ڪوشليا جا اهي شبد راجا جي هردي ۾ تير وانگيان چڀڻ
، ءَ گهري غم هوندي به هن همٿ ٻڌي پنهنجي اِستريءَ
ڪميا لاءِ آراڌنا ڪئي.

هن روئندي چيو: "ڪوشليا، تون مونتي دِيا ڪر. تون ته
ين جا به ڏوهه معاف ڪري مٿن دِيا ڪندي آهين. مان
داءِ توکي پيار ڪندو رهيو آهيان. مان سداءِ تنهن جو مان
ندو رهيو آهيان. منهنجي من کي هن وقت لاعلاج گهاءُ رسيو
ي. اُنهن ڳالهين جو خيال ڪري مون جهڙي پتيءَ تي تون
ڇ دِيا ڪر!"

ڪوشليا پنهن جي پتيءَ جا هي درد ڀريل شبد ٻڌا. هن
يو ته سندس ڀتار ڪيس آزي نيزاري ڪري رهيو آهي. ڪيس
ين آنند واري گذريل وقت جي به يادگيري اچي پيئي.
نهيءَ ڪري سندس دل ڏري پيئي. تنهن ڪري هوءَ
نهنجي پتيءَ جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ ڏک وچان اجوڳ
بدن ڪيڻ لاءِ ڪانئس ڏاڍيءَ نمرتا سان ڪميا گهرڻ لڳي.

دک جون ڳوڙهيون گهڙيون ڏيري ڏيري گذري رهيون هيون.
شرت کي اهڙيءَ ڳالهه جي يادگيري اچي پيئي جا گهڻا
رهيه اڳ ٿي هئي. انهيءَ يادگيريءَ هنجي درد کي هٿائين
ڏ يڪ تيز ڪيو. ڪوشليا ڏانهن منهن ڪري راجا چيو:

"منهنجي پياري، تون اڃا هت آهين ڇا؟ منش کي
ر حالت ۾ پنهنجي ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو ئي پوندو آهي. اُنهيءَ
ان ڪنهن به ريت ڇوٽڪارو ڪونه ملندو آهي. اڄ مان اُنهيءَ

هيون. يا ته هو پنهنجو وچن ڀنگ ڪري ها، يا ته رام سان وڏو انياءُ ڪري ها. اهڙي مونجهاري مان هن ڪي رڳو هڪ رستي ئي ڇوٽڪارو ملي سگهي ها. اهو رستو اِهو هو ته رام سندس آگيا اورانگهي پنهنجي اَڌڪارن جي ڇڪ ڪري. پر رام جي نظر ۾ پتا جي آگيا پالڻ سڀني ڪرمن ڌرمن کان اوچي ڳالهه هئي. سيتا ۽ لڪشمڻ جي نظرن ۾ رام جي اندر ئي سندن سمورو سنسار سمايل هو. اُنهيءَ ڪري ئي ٻيئي ساڻي ٻڻجي بن ڏانهن ويا هئا.

دشرٿ پنهنجي بستري ۾ ڦٿڪندو ۽ پڇتائيندو رهيو، ته ڪوشليا وري ڪيس سخت مهڻا طعنا ڏيئي ٿي چنيو.

”اوهان کي اُنهيءَ ڳالهه جو اَيمان آهي ته اوهان پنهنجو وچن پاليو آهي. اوهان کي اِها خوشي آهي ته اوهان جوڻن پري ڪئڪئيءَ جي دل رکي آهي ۽ کيس پرسن ڪيو آهي. ائين ڪندي اوهان کو ٻين جو به خيال ڪيو؟ منهنجي لاءِ هن سنسار ۾ توهان ڀڳوان جو روپ آهيو. اوهين منهنجو سرونس آهيو. منهنجي آنند جي ڏيڻ وارا توهين آهيو. پرلوڪ ۾ به مونکي اوهانجي ئي آس ۽ اُميد آهي. پر اوهان مون کي بلڪل دل تان لاهي ڇڏيو آهي. منهنجو پٽ، منهنجي جيون جي جوتي، مونکان زوريءَ وڇوڙيو ويو آهي. هن کي ديش نيڪالي ملي آهي. مان هتي ٻڌي، بيوس اِستري اڪيلي پئي آهيان. مونکي نڪي پتيءَ جو پريم ٿو ملي، نڪي منهنجي هڪڙي ئي پٽ جو درشن ٿو ٿئي. ڇا ڪڏهن ڪنهن به اِستريءَ جي اهڙي اوستا ٿي آهي، جنهن کي سڀ ڇڏي وڃن ۽ وساري وهن؟ پر اوهين — ڇا اوهين پنهنجي ڪيل ڪم تي خوش نه ٿي رهيا آهيو؟

”توهان کي ته اُنهيءَ ۾ ئي آنند آهي ته ڪئڪئي ۽ ڀرت راضي رهن. سڀني ۾ به توهين اهو خيال نه ڪريو ته رام کو اوهانجي اُنهيءَ خوشيءَ ۾ وگهن وجهندو. جڏهن هو بن جو

”مون ٻڌو ته اُنهيءَ ماڻهوءَ وري به ڏک ڀري آواز سان
ڏي چيو، ’مون سان ڪنهن دشمني ڪئي آهي؟ مون ته
هن ڪنهن به آدميءَ کي ايذاءُ ڪونه رسايو آهي. پوءِ ڀلا
ٿهن کي مونکي مارڻ جو خيال آيو؟ مون ته رڳو پاڻيءَ جي
گهر ٿي ڀري. اِئين مونکي مارڻ ۾ هنکي ڪهڙو لاڀ ٿيو
ندو؟ مان ٻن جي اندر سنياسين جيان نراُپراڌ جيون ڪاٽي
ٿيو آهيان. پوءِ ڪنهن به آدميءَ کي مونکي ڏڪارڻ جو
هڙو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو؟ منهنجي سورداس ماتا ۽ پتا جو
ڇا حال ٿيندو؟ آئينده هننجي سنڀال ڪرڻ لاءِ ته ڪو
اندوئي ڪونه. هاءِ، نياڳ،!‘
”اِهو ٻڌي منهنجو لڱ لڱ ڪنبڻ لڳو. ڏنش ۽ ٻاڻ هٿ
ڪري پيا. مان انهيءَ طرف وڌيس جتان آواز آيو هو.
ڏٺو ته هڪ جوان سنياسي زمين تي ڪريو پيو هو،
ندس وار وکڙيا پيا هئا ۽ سندس سارو شرير رت ۽ مٽيءَ
ڀريو پيو هو. هنجي پرسان هڪ اونڌي گهاگهر پيئي هئي.
جي اَکين مان ڳانڊا ٿي ڳريا. جڏهن هنجي مون تي نظر
ٿي تڏهن هن دانهن ڪري چيو، ’اي، مونکي مارڻ وارا
ي! مون ته رڳو نهر مان پاڻي ٿي ڀريو، ٻڌاءِ ته تو منهنجي
ف پنهنجو تير ڇو ڇٽيو؟ منهنجا ٻڏا سورداس پتا ماتا اُجايل
ن ۾ هو آشرم ۾ منهنجي اچڻ جي واٽ نهاري رهيا آهن،
هيءَ اُميد سان ته مان پاڻيءَ جي گهاگهر ڀري ڏانهن ڪٽي
ندس. ٻڌاءِ، ته تو مونکي ڇو خون ڪيو؟ اي ايشور، اڄ
هنجي سموري تپسيا ۽ ڀڳتي خاڪ ۾ ملي ويئي. منهنجي
ماتا کي اِها خبر ڪانه آهي ته مان هت زخمجي ٻي وس
ڪريو پيو آهيان. انهيءَ ڪري هو منهنجي واپس ورڻ
اُميد ۾ ويٺا ئي هوندا. پر جيڪڏهين ڪين منهنجي هن حال
خبر به پوي ته به هو ڇا ڪري سگهندا؟ هو سورداس
ٽن، هو لاچار آهن. تون ڪير آهين؟ تون ڪوشل جو راجا ته

پاپ جو ڦل ڀوڳي رهيو آهيان، جو گهڻا ورهيه اڳ مون ڪيو هو. منش اڳيان ڪري هڪ گهڙيءَ جي ٿورڙي سک لاءِ وڏا ڪڪرم ڪري وهندا آهن، وقت سر اُنهن ڪرمن جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي.

”جڏهن مان جوان هيس، تڏهن ’مان شبد - ڀيدي‘ ٻاڻ هلائي سگهندو هيس. بنا ڏسڻ جي رڳو آواز تي نشان ڇٽي سگهندو هيس. پنهنجي اُنهيءَ هنر کي ڪم ۾ آڻڻ جي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ مون هڪ لڳا هڪ نراَپراڌي منش کي ماري مهاپاري پاپ ڪيو. ڪن لائي ٻڌ ته مان توکي اُنهيءَ ڏک ڀري حادثي جي ڪٿا ٻڌايان.

”مون توسان وهانءُ اڃا ڪونه ڪيو هو. هڪ رات رٿ ۾ سوار ٿي سرجو نديءَ جي ڪناري تي شڪار ڪرڻ لاءِ ويو هيس. زوردار برسات پئي پيئي. پهاڙن جي پاسن تان نالا ۽ نهرون وهيا ٿي تن جو پاڻي ڀن ڀن ڌاتن ۽ تازي مٽيءَ جي جداجدا پرڪار جي ڳوڙهن رنگن سان رڱيو پيو هو. پکي بلڪل سانت ۾ هئا. اِئين پي ڀاسيو ڄڻڪ سارو بن ستل هو.

”جيڪڏهن ڪو چيتو، رڇ يا ڪو ٻيو جهنگلي جانور نهر جي ڪناري پنهنجي اُڃ مٽائڻ لاءِ ايندو هو ته پوءِ اُن کي ڏسڻ کانسواءِ ئي رڳو آواز جي آڌار تي اُن تي تير ڇٽي سگهندو هيس. مان پنهنجي اُنهيءَ ڪلا جي پريکيا وٺڻ ٿي چاهي، اُنهيءَ وقت بلڪل اوندهه انڌوڪار هو. مان ترسي ويٺس ته پل ڪو جانور اچي.

”ڪجهه دير ۾ مون گڙگڙ جو آواز ٻڌو، ڄڻڪ ڪنهن هاٿيءَ ٿي پاڻي پيتو. پوءِ جنهن طرف کان آواز ٿي آيو، تنهن طرف مان تير هلايو. منهنجي کان زهريلي سپ جيان ڪرڪر ڪري وڃي نشان تي لڳاءُ ڪيو. تنهن کانپوءِ ڪنهن ماڻهوءَ زور سان چيو ’هاءِ افسوس! مان مري ويس!‘ اِهو آواز ٻڌڻ سان مونکي ته ڏڏڪو اچي ويو.

انهيءَ ڪانپوءِ ڇا ٿيو.

”هي اگر پاپ ڪري، نوجوان کي مرندو ڏسي، مان حيرانيءَ ۾ اچي ويس. پتوئي نٿي پيو ته اڳتي ڇا ڪريان. نيٺ مون سمجهيو ته جيڪي ڪجهه هن چيو آهي تنهنجي پوئواري ڪرڻ منهنجو ڌرم آهي؛ انهيءَ ۾ ئي منهنجو لاڀ آهي. گهاگهر ڌوئي، صاف پاڻيءَ سان ڀري مان اهو پيڙو وٺي هليس، جيڪو هن مونکي ڏسيو هو.

”مان ڪٽيا ۾ پهتس. ڏٺم ته ٻڍا پنهنجي پٽر جي موٽڻ جي انتظاريءَ ۾ ويٺا هئا. ٻئي سورداس هئا. سندن بدن ڳري ڪنڊا ٿي پيو هو. ويٺا اِئين هئا، جئن ٻه ڪنين ڪٺل پکي.

”هن هڪ ٻئي کان پڇيو ته ڇوڪر پاڻي آڻڻ ۾ ايڏي دير ڇو لاتي آهي؟ جئن مان سندن ويجهو ويس تئن مونکي سيانو وٺي ويو.

”پرئي مڙس جڏهن منهنجي پيرن جي آهٽ ٻڌي، تڏهن هن جهڪي آواز ۾ چيو، ’منهنجا پٽرا! تو ايتري دير ڇو لاتي؟ جلد ڪري مونکي پيئڻ لاءِ پاڻي چکو ڏي. تنهنجي ماتا کي ٻه ڏاڍي اُساٽ لڳي آهي. تو نديءَ ۾ راند پئي ڪئي ڇا؟ پٽرا! انهيءَ ڪري تون دير سان موٽيو آهين ڇا؟ ڳالهائين ڇو نه ٿو؟ جيڪڏهن تنهنجي ماتا يا مون توکي ڪو رنج رسايو آهي، ته دل ۾ نه ڪر. تون هڪ سريشٽ پٽر آهين ۽ اسان انڌن جو هڪ ئي آسرو آهين. اسان جي اکين جي جوتي گم ٿي وئي آهي. تون ئي اسان جي اکين جي جوتي آهين. تون اسانکي پراڻن کان ٻه وڌيڪ پيارو آهين. ڀلا اڄ چپ ڇو بيٺو آهين؟ اڄ ڪا ناراضگي اٿئي ڇا؟‘

”جنهن وقت ڏندن پيکئي پرئي مڙس هن ريت ڳالهايو تنهن وقت مونکي ڏڪٽي وٺي وئي. نيٺ همت ٻڌي مون چيو، ’اي پوتر پرش! منهنجو نالو دشرٿ آهي. مان هڪ ڇتري آهيان. منهن جو اهو ڌرم آهي ته اوهان جي آگيا پاليان

ڪين آهين؟ اي راجن، تنهنجو ڌرم ته اهو هو ته تون منهنجي رکيا ڪرين ها. اِئين ڪرڻ جي بدران تو مونکي هٿوئين ماري ڇڏيو. چڱو، راجن، تون پنهنجي سر وڃي ٻين کي ٻڌاءِ ته تو ڇا ڪيو آهي. سندن پيرن تي سر رکي ڪاڪُن ڪميا گهر. ٻيءَ حالت ۾ سندن ڪوپ توکي ڀسم ڪري ڇڏيندو. تون يڪدم آشرم ڏانهن وڃ. اِجهو هي اُتئي آشرم جو رستو. يڪدم وڃي پاڻ بچاءِ. پر تنهنجي هن تير ڪري منهنجي بدن ۾ ڏاڍي سخت پيڙا آهي. تون وڃي تنهن کان اڳ هيءُ تير منهنجي بدن مان ڪڍي مونکي ڪجھ آرام ڏي.'

"مونکي خبر هئي ته جيڪڏهن مان تير ڇڪي ڪڍندس ته هن جي پيڙا ته هٽندي، پر رت زور سان نڪرڻ ڪري سندس حياتي به ختم ٿي ويندي. اُنهيءَ ڪري منهنجو هٿ هليوئي ڪونه. ٿورو وقت منجهي بيٺس.

"پوءِ هن جوان سنياسيءَ چيو، 'تون گهٻراءِ نه. منهنجي پيڙا جي پڄاڻي آڻ. مان هرهڪ ڳالھ چڱيءَ پر سمجهي سگهان ٿو. مون پنهنجي چت کي شانت ڪيو آهي. بهادر ٿي تير کي ڇڪي ڪڍ ۽ منهنجا بند خلاص ڪر.'

"مون پاڻ کي آهستہ آهستہ ٻاهر ڪڍيو. جوان سنياسيءَ ڌرتيءَ تي پاسو اُٿلائي، هڪ سرد آھ ڀري. پوءِ مون ڏانهن گهور ڪري نهاريندي پراڻ ڏناءِ.

"اڄ اُنهيءَ مهاپاپ جو ڦل منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي. ٻن سوَرداسن جي سنتان ڪسي، مون کين ڏک ڏنو. اهو ڏک اڄ مونکي پڻ سهڻو پوي ٿو."

اَڌياءُ ٢٣
اَنت ويلو

دشرٿ وڌيڪ چيو، "ڏيان سان ٻڌ ته مان توکي ٻڌايان ته

ڳالهه مونکي ٻڌائين. انهيءَ ڪري تون جيئندو رهندين. هاڻي اسان ٻنهي کي انهيءَ جاءِ تي ڪٺي هل ته اسين پنهنجي پياري پٽ جو شرير هنن هٿن سان ڇهون ۽ کيس ٻر راجا جي حوالي ڪريون.'

"مان کين نديءَ جي ڪنڌي تي ڪٺي ويس. اتي سندن پٽ مئل پيو هو. پوءِ هنن سندس سموري شرير کي هٿ لائي ڏنو. رئندي هنن سندس آتما کي آشيرواد ڏني ۽ سندس اگني سنسڪار ڪيو.

"هنن مونڏانهن منهن ڪري چيو 'تو اسان کي هيءُ وڏو ڏک رسايو آهي: توکي به وقت پائي اهڙو ڏک سهڻو پوندو. تون به پنهنجي پٽ جي وڇوڙي ڪري مرندين!'

"اِئين چئي هو چکيا تي چڙهي اگنيءَ ۾ جلي ڀسم ٿي ويا ۽ سندن آتمائون وڃي سرڳ لوڪ ۾ ديوتائن سان پيڙيون ٿيون. منهنجو پاپ منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي ۽ اڄ مان انهيءَ جي ڇنبي ۾ ڦاٿل آهيان.

"منهنجو پراڻو پاپ اڄ مون کي گهات ڪري رهيو آهي. جڏهن ڪو مورک بيمار ڊاڪٽرن جو منع ٿيل کاڌو کائيندو آهي تڏهن کيس پنهنجي حياتيءَ مان هٿ ڌوئڻا پوندا آهن. مونکي جيڪو پاراتو هن ٻڍڙي پتا ڏک وچان ڏنو هو، سو اَڄ سچو ثابت ٿي رهيو آهي. مان پنهنجي نراَپراڌ پٽ کي بن ڏانهن روانو ڪيو آهي. مان وڇوڙي جو ڏک سهي نٿو سگهان. هاڻي مان يمپريءَ ڏانهن وڃي رهيو آهيان.

"اِئين نه هجي ها ته هن پرڪار جون اَسپاويڪ وارتائون ڇو جيڪر ٿين ها؟ برابر مون رام کي بن وڃڻ جي آگيا ڪئي. پر هن اَنياءَ جي اڳيان سر ڇو جهڪايو؟ هن بن ڏانهن وڃڻ لاءِ هٺ ڇو ڪيو؟ هي هن سورداس ٻڍي جوڙي جي پاراتي جو ئي ڦل آهي. ٻي ڳالهه آهي ئي ڪانه.

"ڪوشليا! مان توکي ڏسي به ڪونه ٿو سگهان. منهنجي ديد گم ٿي ويئي آهي. موت ٽڪڙو ٽڪڙو مون ڏانهن اچي

۽ اوهان جي شيوا ڪريان. مان اوهانجو پٽر ڪونہ آهيان. ڪنهن پوربي ڪرم جي پرڀاو هيٺ اچي مون هڪ اُگر پاپ ڪيو آهي. مان بنهہ نمرتا سان اوهانجي اڳيان بيٺو آهيان. مان نديءَ جي ڪناري شڪار ڪيڏڻ ويو هيس. اُها اُميد هئم تہ ڪنهن جهنگلي جانور کي ماريندس. مون اوندہ ۾ گڙگڙ جو آواز ٻڌي، اِئين سمجهيو تہ ڪو هاٿي نديءَ مان پاڻي پي رهيو آهي. مان اکين سان ڏسي ڪري، توڙي آواز جي آڌار تي نشانو چٽي سگهندو آهيان. مان شبد-ڀيدي ٻاڻ هلائڻ ۾ ماهر آهيان. منهنجو ڀاڳُ، ڪوٺو هو ۽ تنهنجي پٽر جي آيُ پوري ٿي هئي. اُنهيءَ ڪري منهنجو ٻاڻ اُنهيءَ وقت وڃي تنهن جي پٽ کي لڳو جڏهن هُو پاڻي ڀري رهيو هو. هنجي گهاگهر ڀرجڻ جو آواز اِئين پئي ٿيو ڄڻ تہ هاٿيءَ جي پاڻي پيئڻ ڪري گڙگڙ جو آواز هو. اهڙيءَ ريت بنا ارادي جي مون تنهن جي پٽر کي گهاتي زخم رسايو. جڏهن مان اُنهيءَ جاء تي پهتس تڏهن مون ڏٺو تہ تنهنجي پٽر جي ڇاتيءَ ۾ تير لڳو هو ۽ هو رت ۾ ليٽڙيون پائي رهيو هو. مون پاڻکي پاراتو ڏنو. منهن جي دل دک سان ڀرجي ويئي ۽ ڪجهہ وقت تہ پتوئي نٿي لڳم تہ هاڻ ڇا ڪريان؟ اوهان جي پٽر جي اِڇا انوسار مون هن جي سخت پيڙا کي. گهٽائڻ لاء تير کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ هو مري ويو. مون اوهانکي هن ڀاري پاپ جو سمورو ورتانت ٻڌايو آهي. مان هاڻي پاڻکي اوهان جي، ارپڻ ڪري اوهان کان ديا جي ڀيک منگي رهيو آهيان. هاڻ جئن چاهيو، تئن ڪريو.‘

”جڏهن مان هن دکي جوڙي کي هيءَ ڀيانڪ ڳالهہ ٻڌائي، تنهن وقت هو سن ۾ اچي ويا. سندن اندين اکين مان آنسن جون ڌارائون وهڻ لڳيون. ٻڍي چيو، ’راجا! سچ پچ تہ تنهنجو پاپ ڏاڍو ڳرو آهي، پر تو اُهو ڀل ۾ ڪيو آهي. تون وري پنهنجي سر هت اُنهيءَ لاء آيو آهين تہ پنهنجي پاپ جي

ـر کين راجا جي جاڳڻ جو ڪوبہ اُهڃاڻ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو.
ـي ڪرمچاري جيڪو راجا جي اُٿڻ ويل جي ضرورتن جي
ـري ڪندو هو، سو گهڻوئي وقت ترسيو ۽ اچرج کائڻ
ـہ راجا ايترو دير تائين ڇو سمهيو پيو آهي. پوءِ همت ڪري
ـڪمري جي اندر گهڙي ويو ۽ ڏٺائون تہ راجا مئو
آهي.

ـجلد ئي چوڌاري خبر ڦهلجي ويئي ۽ ساري پوري ۾ شوڪ
ـجي ويو. دشرٿ جون وڏوائون اِئين روئڻ لڳيون جڻن
ـ اَناٿ ٻار روئندا آهن ۽ بي سود روح راڙي ۾ هڪ ٻئي
چنبڙي پيئون.

اڌياءُ ٢٤

ڀرت اچي پهچي ٿو

ـشليا راجا جي شرير کي ڇهي پيئي ۽ چيائين تہ "مان راجا
ـ گڏ يم لوڪ ڏانهن وينديس. ڀلا مان پنهنجي پتيءَ ۽ پٽر
ـواءِ ڪئن جي سگهنديس؟"

ـمحلات جي سنڀاليندڙ ڪرمچارين ۽ وڏڙن ڪوشليا کي
ـيءَ کان جدا ڪري ٻئي طرف وٺي ويا. پوءِ هو مرتڪ
ـيا ڪرم جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. يڪدم داهہ ڪرم ٿي نٿي
ـهيو. رام ۽ لڪشمڻ بن ڏانهن ويل هئا. ڀرت ۽ شترگهن
ـجي مامي وٽ ڪيا پيا هئا. فيصلو ٿيو تہ ڀرت کي
ـدم گهرائجي ۽ جيستين هو اچي تيستين شرير کي گيهہ ۾
ـي رکجي.

ـ اهڙيءَ ريت هن مها سمراٽ جو شرير تيستين سانڍي رکيو
ـ جيستين ڀرت موٽي اچي. ايوڌيا نگري جا سدائين پيئي
ـڪندي هئي سا ساري ماتم ۾ هئي. چوڌاري اوندهہ انڌوڪار

رهيو آهي. ڪجهه ويچهو آءُ ته مان توکي ڏسان. سارو ڪيل سماپت ٿيڻ تي آهي. يم جا دوت مونکي سڏ ڪري رهيا آهن. رام مونکندو يا نه؟ مرڻ کان اڳ مان سندس منهن ڏسي سگهندس يا نه؟ اڙي! مان ته مري رهيو آهيان. سمورو تيل کپي چڪو آهي. جوت وسامڻ تي آهي. او، ڪوشليا! او، سمترا!"

سندس ساهه آهسته آهسته ٻرو ٿيندو ويو. اُنهيءَ ئي رات جو راجا پنهنجا پران ڇڏيا. ڪنهن کي پتو به ڪونه پيو ته سندس ساهه ڪهڙي مهل نڪتو.

والميڪي پنهنجي ڪاويه جي منڍ وارن پترن ۾ دشرٿ جو ورنن ڪيو آهي. اُنهيءَ انوسار دشرٿ سمورن ويدن ۽ شاسترن ۾ پربين هو. هنجي ويچار درشٽي اوچ هئي. هن ڪيتي جنگيون کٽيون هيون. هن انيڪ يگيه سقلتا سان پورا ڪيا هئا. هو ڌرم مارگ تي هلڻ وارو هو. راجائن ۾ ڏايو پرسڌ هو. سندس متر گهڻا ئي هئا ۽ شترو ڪو به ڪونه هو. هن پنهنجي اندرين کي جيتي پنهنجي وس ۾ آندو هو. اِندر جيتري هئي سندس شڪتي، ڪبير جيترو هو سندس پدارٿ. راج هلائڻ جي ڪلا ۾ هو منوءَ جو مٽ هو. ورڌاتا اهو نرنئه ڪيو ته هتڙو راجا پنهنجي پياري پٽ کي بنواس ڏئي ۽ ڇڳل ڇاتيءَ سان پران ڏئي. اَنت سمي ۾ سندس ئي هٿان سنايل ۽ ساڳي ڏک ۾ قاتل بن نارين ڪانسواءِ ٻيو ڪو به وٽس نه هجي.

راجا جو اڳيون بار بار مورڇت پي ٿيو ۽ وري سامت ۾ پي آيو، اُنهيءَ ڪري جڏهن راجا جو ديهانت ٿيو تڏهن نڪي ڪوشليا کي نڪي سمترا کي يڪدم پتو پيو. ٻوڙهي ڏک ۽ وڏي اوجاڳي ڪري هو بلڪل ٿڪل ۽ ٽٽل هيون. اُنهيءَ ڪري هو ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ننڊ ۾ پيون رهيون. پراتهه ويلي اُهي ڪشل ڪلاونت جن جو ڪم هو راڳ ڳائي راجا کي جاڳائڻ، سي راجا جي سمهڻ واري ڪمري جي ٻاهران آيا ۽ هميشهه جيان ساز وڄائڻ ۽ گيت ڳائڻ لڳا.

ڳالهه رهندي ئي ڪانه. سيتا جو گهاٽو ٿيندو رهندو،
جو اُن جو نالو نشان ئي ڪونه رهندو. تپ ۽ ورت،
ا ۽ گيان، آنند ۽ اُتسو- اهي سڀ راجا جي سنڀال هيٺ ئي
ڪندا آهن. اِسترين جي سونهن سوڀيا ئي ڪافور ٿي
دي. راجا نه هوندو ته ڪوبه پاڻکي سلامت ڪونه سمجهندو.
هو هڪ ٻئي کي اِئين کائڻ لڳندا، جئن وڏا مڇ مڇين کي
ندا آهن. اتياچار ۽ ڏک وڌندا رهندا ۽ ديش اُجڙ ٿي ويندو.
يءَ جي وڌڻ لاءِ ۽ برائي کي ٻنجي اڇڻ لاءِ، راجا جو هئڻ
ضروري آهي."

اُنهيءَ سڀا جو ورنن ڪندي والميڪي پنهنجي نيتائن جي
ن انڌ ڌنڌ جي هاڃين ۽ براين جو ورنن ڪرايو آهي.
هنن چيو "اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ديش اونده ۾ پيو
آهي، ڌرم گرهڻ ۾ اچي رهيو آهي. اسانکي سيگهه
ي ڪو راجا ٿاپڻ گهرجي."

وشسٽ وشواس جهڙن قاصدن کي گهرايو ۽ اُنهن کي چيو،
ڪدم روانا ٿي سڌو ۽ سيگهه سان ڪئڪئي ديش ڏانهن
و. اُتي اهڙيءَ ريت هلجو، جئن اوهان جي ڪنهن به هلت
ڪابه ڏک جي ڳالهه ظاهر نه ٿئي. ڀرت کي اهو پتو پوڻ
گهرجي ته راجا سرڳواس ٿيو آهي. رڳو هنکي اِئين چئجو ته
گورو ۽ منترين جي آگيا آهي ته اوهان بنا دير جي ايوڌيا
هڇو. هن کي پاڻ سان گڏ جيترو ٿي سگهي اوترو جلد وٺي
جو. ڪيس رام ۽ سيتا جي بنواس جي به خبر نه ڏجو. اِئين
نه چئجوس ته ڏک وچان راجا جو ديهانت ٿيو آهي. اڳلن
، من ۾ ڪو سنديهه سنسو پئدا نه ٿئي، اُنهيءَ لاءِ هميشهه
، رواج موجب ڪئڪئه ديش جي راجا ڏانهن جواهرن رتنن
لهائتن وسترن جون سوکڙيون کڻي وڃجو."

هن وارتا لاپ مان پتو پوي ٿو ته شاستر ۽ ڪرال سڀ ڳالهائڻ
ت چا ٿا چون. سچائي اهڙي ٿيڻ گهرجي، جنهن جي ڪري

لڳو پيو هو. جدا جدا جاين تي اِسترين جا ميڙاڪا گڏ ٿيندا رهيا. اُنهن ڪئڪئيءَ تي ڦٽڪار پئي وڌي. پرش ﺑﻪ وڏي مونجهاري ۾ هئا. سنگهاسن جو اڌڪاري يوراج هو بن ۾. ڀرت ﺑﻪ هو دور ديش ۾. اُنهيءَ يڳ ۾ جنتا جو ويچار هو ﺗﻪ پرجا راجا کانسواءِ هلي ڪون ﻧﻪ سگهندي آهي. اُنهيءَ ڪري انديشو ٿي ٿيو ﺗﻪ متان ڪو دنگو فساد ﻧﻪ ٿي پوي.

جڏهن اُها لنبي رات سماپت ٿي تڏهن منتري، راج ڪرمچاري ۽ پدر پرش سڀ پون ۾ اچي گڏ ٿيا. مارڪنڊيي، وامديو، ڪاشيپ، ڪاتيائن، گوتم، جابالي ۽ ٻيا ودوان اُتي براجمان هئا. هنن سڀني سمنتر ۽ ٻين منترين سان گڏجي ڪري وشسٽ کي پرڻام ڪيو. پوءِ هنن هن ريت ڳالهايو:

”گوروور! رات جيڪا گذري آهي سا جڻڪ سؤ ورهين جيتري لنبي هئي. راجا پرلوڪ پڌاريو آهي. رام ۽ لڪشمڻ بن ڏانهن ويل آهن. ڀرت ۽ شترگهن وري ڪئڪئي جي دور ديش ۾ پنهنجي ناناڻي ويل آهن. ڪنهن ﻧﻪ ڪنهن جي متان راڄ جي سنڀال جو ڪم رکڻ گهرجي. راجا بنا ديش جنتاءِ ﻧﻪ ڪائيندو، ديش جي هستي لوڏي ۾ اچي ويندي. راجا ﻧﻪ هوندو ﺗﻪ ڪو نيم ڌرم ﻧﻪ رهندو. پٽ پيءُ جي آگيا ۾ ﻧﻪ رهندو ۽ اِستري پتيءَ جي آگيا مان نڪري ويندي. برساتيون وسڻ ئي بند ڪري ڇڏينديون. چور ۽ ڌاڙو بنا روڪ ٽوڪ ديش ۾ جاوا پيا ڪندا. ماڻهن مان پت پرتيت گم ٿي ويندي. نڪي ڪيتن جو واڌارو ٿي سگهندو، نڪي واپار ئي اُسري سگهندو. راجا بنا رڌ ۽ سڌ ئي ديش مان موڪلائي وينديون، دان پنج جون واٽون ئي بند ٿي وينديون. مندرن مڙهين مان پوڄا پاٺ بند ٿي ويندو. ڏڻ وار ﺑﻪ ڪو ڪون ﻧﻪ ملهائيندو. نڪو ڪو شاسترن جي وياکيا ڪندو، نڪو ڪو اتهاس ۽ پراڻن جي ڪٿا واچيندو؛ ﻧﻪ رهندا وڪنا ﻧﻪ رهندا شروتا. اڄ جو لوڪ در درين ڪولي سمهيا پيا هوندا آهن،

وڏي صبح جو جيڪو سپنو ايندو آهي، سو ضرور پورو
ـندو آهي. مون ته ڏاڍو ڀيانڪ سپنو لڌو آهي. مونکي ڀؤ
ـي ويو آهي. خبر نٿي پوي ته مان ڇا ڪريان."
ان ساڳي گهڙيءَ راجا کي سڏ ڏني ويئي ته ايوڌيا کان
ـصد آيا آهن. راجا ڪيڪئہ ۽ سندس پٽ يداجت سنديش
ـيندڙن جو آءُ آدر ڪيو. هنن نيا پو ڀڄائيندڙن راجا ۽
ـڪمارن کي پرڻام ڪري، پوءِ ڏانهن منهن ورائي چيو:
"پروهتن ۽ منترين تو ڏانهن آشيرواد موڪلي آهي ۽ عرض
ـيو اٿن ته تون يڪدم ايوڌيا ڏانهن موٽي هل. اُنهن اسانکي
ـين به چيو آهي ته اسان توکي ٻڌايون ته تنهنجي حاضريءَ جي
ـي اشد ضرورت آهي. ڪرپا ڪري هنن وستون ۽ رتنن کي
ـي سويڪار ڪر ته اُهي تنهنجي مامي کي ايوڌيا جي راجا
ـي پارون ڀيٽ ڪريون."
پوءِ هنن دوتن کان گهر جي سيني ڀاتين جي ڇڱيلائي
ـت پڇا ڪئي. جنهن نموني سان پوءِ پڇا پئي ڪئي تنهن
ـن اهو سڌ آهي ته هن پرڪار جو تڪڙو سڏ ٻڌي هن کي
ـ آرام ڪندڙ پرون پئي پيا. هن کي خيال ٿيو ته هن سڏ جو
ـارڻ شايد ماتا جو هنيلو ۽ لوڀي سڀاءُ هجي. هن پڇيو ته
ـنهنجي ماتا ڪيڪئي جيڪا هنيلي ۽ ڪروڌڻ آهي ۽ جا
ـڻ کي ڏاڍو سياڻو سمجهندي آهي ۽ هميشه پنهنجي هلندي
ـي تنهنجي تندرستي ڪئن آهي؟"
هي سوال ٻڌي ايوڌيا جا دوست ته اوس منجهي پيا
ـندا. هنن هن ريت جواب ڏنو: "اي شير نر! جنجي ڀلائي
ـن چاهين ٿو اهي سڀ نيڪ آهن. راج ستا جي ديوي،
ـڪشمي، جنهن جو واسو ڪمل ۾ آهي، سا تنهنجي ملڻ جي
ـنظار ۾ آهي. رٿ تي سوار ٿيءُ ۽ وقت نه وڃاءِ." اهو سني
ـنو جواب هو جيڪو هوُ ڏيئي ٿي سگهيا ۽ اُنهيءَ ۾ هڪ
ـلي سمايل هئي، ڇاڪاڻ جو اُنهن دوتن جي ويچار موجب

سنسار جي ڪنهن به جيوَ کي اجايو ڏک نه رسي. ڌرم ۽ اڌرم، سچ ۽ ڪوڙ جي پرک لاءِ اهنسا جي ڪسوٽي ڪم آڻڻ گهرجي. اُنهيءَ جي اِها معنيٰ نه آهي ته سچ جو دِرجو ڪو گهٽ ڪيو وڃي ٿو.

قاصدن جي ڏِ گهيءَ مسافريءَ لاءِ جلد ئي سڄو سامان موجود ڪيو ويو. ڪين مان مريادا رکڻ لاءِ سوکڙيون پاکڙيون به ڏنيون ويون. هو تيز ۽ سگهارن گهوڙن تي سوار ٿي نديون ۽ ٻيلا، ٽڪريون ۽ ماٿريون ٽڪڙو ٽڪڙو لتاڙيندا ويا ۽ وڃي ڪيڪيه ديش ۾ پهتا. اهو ديش اڄ ڪالهه واري پنجاب جي اولهه طرف هوندو هو. هو اُنهيءَ ديش جي گاديءَ جي هنڌ، راجگرهه ۾ گهڙيا جتي پنهنجي مامي جي محل ۾ اڪشواڪو ونش جا راجڪمار رهيا پيا هئا. فيصلو ڪيائون ته راجڪمارن سان ٻئي ڏينهن صبح جو ملنداسين.

جنهن رات قاصد راجگرهه ۾ پهتا، تنهن رات ڀرت کي ڏاڍا خراب سپنا آيا. صبح جو جڏهن ننڊ مان جاڳيو، تڏهن ڪيس اها چنتا لڳل هئي ته اُنهن سپنن جو آلاجي ڪهڙو مطلب هوندو. سندس منهن مان سندس من جي اُوسٽا جو پتو پئي لڳو. سندس سنگتين ساٿين ناچ ۽ ڪل خوشيءَ دواران اها ڪوشش ڪئي جئن سندس من ٻيءَ پوي ۽ سندس چنتا دور ٿئي ۽ هو وندريو رهي. پر هو اُنهيءَ ۾ ڪامياب ڪونه ٿيا.

اسانکي اڄ تاءِ سرشٽي جي سمورن ڳجهن جي ڄاڻ ڪانه آهي. اسانکي پتو ڪونه آهي ته ڪئن پريم ٻنا ڪنهن واهڻ جي، اندرون ئي اندر، دور دور پنهنجا سنديش پهچائيندو آهي. اها تيڻ جهڙي ڳالهه آهي ته دشرٿ جي من جي پيڙا ۽ سڪرات جا سور هيترو سارو آڪاش لتاڙي اچي ڀرت جي من ۾ گهڙي واسو ڪري ويا. هن من ۾ چيو، ”اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته موت يا ته رام جي ويجهو آيو آهي يا لڪشمڻ جي. يا ته منهنجي مرڻ جي گهڙي اچي سهڙي آهي. لوڪ چوندا آهن

پوءِ هو ويو ڪنڪئيءَ جي محل ۾. ڪنڪئيءَ جڏهن گهي وچوڙي ڪانپوءِ پنهنجي پٽ کي ڏٺو تڏهن پنهنجي ونهري ڪوچ تان ٽپ ڏيئي هن کي گلي لڳايو. ڀرت سر ڙائي سندس پيرن کي هٿ لاتو. هن سندس پيشانيءَ کي مي ڪري ماتا جي آشيرواد ڏيئي هن جي آجيان ڪئي.

ڪنڪئيءَ ڀرت کان پڇيو: ”تنهن جو سفر سولو هو نه؟ نهنجو مامو ۽ نانو ته خوش راضي هئا نه؟ مونکي اُنهن جو سورو سماچار ٻڌاءِ.“

ڀرت وراڻيو: ”مسافريءَ ۾ ست ڏينهن لڳي ويا. ڪنڪئ يش ۾ رهندڙ اسان جا مٽ مائٽ سڀ بلڪل چاق ڀرسن هن. نانيءَ ۽ ماميءَ تو لاءِ گهڻا پيار ڇيا آهن. هنن تنهنجي اءِ قيمتي سوکڙيون موڪليون آهن. پر اُنهن جي پهچڻ ۾ ڪجهه ير آهي. مان اڳواٽ ئي اچي ويو آهيان. قاصد مونکي تڪڙو ڪڙو وٺي آيا. هنن چيو ته هتي هڪ تمام ضروري ۽ تڪڙو ڪم آهي جنهن لاءِ مونکي هت جلد پهچڻ کپي. ٻڌاءِ ته ڇا هي؟ مان راجا جي محلات ۾ کيس پرنام ڪرڻ لاءِ ويس. هو اُتي ڪونه هو. هت ٻه سندس ڪوچ خالي پيو آهي. شايد هو منهن جي وڏين ماتائن مان ڪنهن هڪ وٽ ويو آهي. مونکي جلد وڃي ساڻس ملي کيس پرنام ڪرڻ گهرجي.“

جڏهن نراڀراڌ ڀرت، جنهن کي جيڪي ڪجهه وهيو واپريو هو، تنهن جي ڪا ٻه ڄاڻ نه هئي، هن ريت ڳالهيو، تڏهن طاقت جي نشي ۾ چور تيل راڻيءَ هن ريت جواب ڏنو: ”منهنجا ٻترا! تنهنجي پتا جيون جا سڀ سک چڱيءَ طرح سان ماڻيا هئا. هن جي هر هنڌ ڪيرتي هئي. پرمپرا اُنوسار جيڪي ٻه ڳيه ڪرڻ کپن سي سڀ هن ڪيا هئا. هو ڀلن آدمين جو آسرو ۽ اجهو هو. هاڻي هو ديوتائن سان گڏ رهڻ لاءِ سرڳ لوڪ ڏانهن پڌاريو آهي.“

اهي شبد ٻڌي، ڀرت رڙ ڪري ڌرتيءَ تي ڪري پيو.

ڀرت جو راڄ تلڪ ٿيڻ وارو هو. راجڪمار پنهنجي مامي ۽ ناني
کان گهر موٽڻ جي آگيا ورتي. سندس رواني ٿيڻ لاءِ سموري
تياري ڪئي ويئي. راجا ۽ سندس راجڪمار يڌاجت پنهنجي
ملڪ جون ڪيئي درلڀ ۽ ملهائتيون شيون دشرٿ ۽ رام کي
سوکڙيون ڪري موڪلڻ لاءِ گڏ ڪيون. ڀرت ۽ شترگهن پنهنجي رٿن
تي سوار ٿيا ۽ گهڻن ئي پوئلڳن سان گڏ ايوڌيا ڏانهن روانا ٿيا.
هنن تڪڙو تڪڙو سفر ڪيو. ٿڪ جي پرواهه ڪانه ڪيائون.
ائين تڪڙو تڪڙو هلي هو اٺين ڏينهن صبح جو ايوڌيا ۾ پهتا.

جڏهن هو ايوڌيا جي ويجهو آيا، تڏهن ڀرت جي من ۾ اُلڪو
۽ اُٻڪو پيدا ٿيو. هن کي ڪا به شيءِ اڳ جهڙي ڏسڻ ۾ ڪونه
آئي. سارو وايو منڊل کين آپدا جي ڪري مايوس ڪندڙ
ٿيو پيو هو. هن رٿوان کان پڇيو، "شهر اهڙي عجيب نموني
۾ ڇو ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟ هميشه جڏهن لوڪ ايندا ويندا هئا تڏهن
اڄ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اڳ نگر جي ٻاهر باغن وٽڪارن ۾ چمڪندڙ
۽ سرهي منهن وارا ڪمار ۽ ڪماريون پيون گهمنديون هيون.
اڄ سڀني جا منهن لٿا پيا آهن."

ڀرت جو رٿ وچ دوار مان لنگهي نگر جي اندر آيو.
گهٽيون ۽ گهر، مندر ۽ محل بلڪل ائين ئي بسا ٿيا پيا هئا.
ڪي به سج ڌج جون وستو ڪونه هيون. ماڻهن جا منهن ڪومايل
۽ مايوس ٿيا پيا هئا.

ڀرت پڇيو، "اڄ باجا ڇو نه ٿا وڄن! نگرواسين جي پيشانين
تي چندن ڇو نه لڳل آهي؟ هنن ڳلن ڦلن سان پاڻ ڇو نه سينگاريو
آهي؟ اِهي سڀ اَشڀ اُهڃاڻ آهن. مان پنهنجي انتظاريءَ
کي دٻائي نٿو سگهان."

هرهنڌ اَپسوڻ پئي ڏسڻ ۾ آيا. ڀرت سمجهو ته نگر جي مٿان
ڪا وڏي آپدا آئي آهي ۽ اُنهيءَ ڪري ئي کيس اهڙو تڪڙو
گهرايو ويو آهي. ڀرت جڏهن دشرٿ جي محل ۾ پهتو تڏهن
هن ڏٺو ته راجا آهي ئي ڪونه. هنجي انتظاري گهڻو وڌي ويئي.

ـيترو نه پيار هو! جيڪڏهن منهنجي شرير تي ڪو مٽيءَ جو ـع لڳندو هئو ته هو اهو پنهنجن هٿن سان صاف ڪندو هو. ـندس هٿ وري کهڙو نه ڪومل ۽ وڻندڙ لڳندو هو! منهنجي ــ ۾ ئي ڪونه هو ته مان اَنت ويلي سندس شيوا ڪريان. ماتا مونکي ٻڌايو ته رام ڪٿي آهي؟ اڄ ڪان وني هو ئي ـهنجو پتا به آهي ته گورو به آهي. مونکي گهرجي ته مان ـڪدم سندس منهن ڏسان ۽ سندس پير چمان. اڄ رڳو ـ ئي منهنجو اَجهو ۽ آسرو آهي. پلا پتاجيءَ اَنت ويلي ـهنجي لاءِ ڪهڙو سنديش ڇڏيو آهي؟ مونکي سندس ئي ـبدن ۾ اِهو نياپو ٻڌايو."

ڪئڪئي کي اهڙو اُتر ناهڻو هو جو سچ ۽ ساڳي وقت سندس ـرش سان پڻ ٺهڪي اچي. ڪئڪئي جي سيپنا ۽ ششتاچار، ۽ ـندس لوڀ ۽ لالچ جي وچ ۾ جنگ جاري ٿي ويئي. انهيءَ ڇڪتاڻ ـرندي به هنکي اهڙا شبد هڙي آيا جنجو تات پرج اهو هو ـ اَنت ويلي راجا کي پرت ياد ئي ڪونه هو. هن اِها به ـڪوشش ڪئي جئن پرت کي باقي قصي سڻڻ لاءِ تيار ڪري. هن ـچيو ته "تنهنجي پتا مرندي هئن پڪاريو، 'هاءِ رام! هاءِ ـڪشمڻ! هاءِ جانڪي!' اهي ئي هئا سندس انتم شبد. مرڻ ـيلي هن چيو 'منهنجي ڀاڳ ۾ لکيل ڪونه آهي ته مان ڏيسين ـسيئان جيسين رام، لڪشمڻ ۽ سيتا موٽي ديش ۾ اچن. ڀاڳـ ـرا آهن اُهي جيڪي ڪين وطن ۾ واپس ايندو ڏسندا."

ـ اِها ڳالهه ٻڌي پرت سهي ڪيو تـه راجا جي مرڻ وقت ـم ۽ لڪشمڻ به حاضر ڪونه هئا. انهيءَ ڪري هنکي وڌيڪ ـڪ ٿيو ۽ هن ڪئڪئي کان پڇيو: "اهي تڏهن ڪٿي هئا ـ پتا جي اَنت ويلي هو ڪهڙي ڌنڌي سان هنکي هئن ـڏي ويا؟"

ـ پت کي شانت ڪرڻ جي آشا ۾ ڪئڪئي چيو: "هي

سندس ٻانھون لنبيون تيون ٻيون ھيون. اُتي ڪري ھن
پنھنجي پتا جو خالي بسترو ڏٺو ۽ ھڪڙي ڀيوس اَنات جيان
سڏڪا ڀرڻ لڳو. ھيءُ وير پرش پنھنجو ديوتائن جھڙو سرير
پٽ ۾ اڇلائي، اُنھيءَ ٻار جيان رُئڻ لڳو جو پنھنجي ڏک کي
قبضي ۾ نہ رکي سگھندو آھي.

جڏھن ڪئڪئي ڏٺو تہ سندس پتر ھڪ ڪھاڙيءَ سان
ڪٽيل وڻ جي ٽر جيان ڌرتيءَ تي ڪري پيو تڏھن ھن ھئن چيو:
”اي راجن! اُٿ. اُتي ڪڙو تيءُ. راجا کي ھن ريت رُئڻ ۽ ڌرتيءَ
تي ليٽڙيون پائڻ نہ گھرجن. مان ۽ مريادا، پرسڌي ۽ پرتشٽا
تنھنجي سويڪرتي لاءِ سيڙي بيٺي آھي. پنھنجي راجائي اَبن
ڏاڏن جيان توکي ڌرم نيتي اَستر ڪرڻي آھي ۽ پڻ يڳ، ياڳ،
ڪرڻا آھن، تنھنجي ٻڌي اِئين چمڪي رھي آھي جئن ٻن
ٻھرن جو سورج چمڪندو آھي. ڪوبہ اَياڳ، تنھنجي ويجھو
ڪونہ ايندو. ھي منھنجا وير پتر! ھي دلير پٽ، تون اُتي
ڪڙو تي ٻہ.“

ڀرت جو ھردو بلڪل پوتر ھو، اُنہ ڪابہ اَشڌتائي ڪانہ
ھئي. ڪئڪئي جي ھنن ليائيندڙ شبدن ۾ جيڪو اَرٿ سمايل
ھو، سو سمورو سندس سمجھہ ۾ ڪونہ آيو.

ھو ڪيترو وقت رُئندو رڙندو رھيو. نيٺ اُتي وري ھئن
چيائين، ”جڏھن مان پنھنجي مامي جي گھر ڏانھن ويس تي
تڏھن موکي آس ھئي تہ رام کي جلد راج تلڪ ڏيئي يوراجہ
بڻايو ويندو ۽ جڏھن موٽي ايندس تڏھن اھو وڏو اُتسو اچي
ڏسندس. ڳالھين ڪھڙو نہ اُلٽو رستو ورتو آھي! مان ھيءَ
آپدا ڪئن سھاري سگھندس؟ مان پتاجيءَ جو ٻيھر درشن
ڪري ڪونہ سگھندس. ڀلا ھو ڪئن ھو؟ ڪيس ڇا ٿيو ھو؟
ھو بيمار ڪئن ٿيو؟ اَرمان آھي جو جڏھن ھو بيمار پيو تڏھن
مان وٽس موجود ڪونہ ھيس. اَڙ تہ سمي پتا جي سيوا جو
سڀاڳ، رام کي ئي مليو. مان وانجھجي ويس. راجا جو موٽي

نا سمپت بن ڏانهن ويو آهي. تنهنجو پتا اِهو وچوڙو سهي نه
ـهيو ۽ انهيءَ ڳڻتيءَ ڪري هو پرلوڪ پڌاريو. تون هاڻ پنهنجو
ـو اَجايو رنڊ ۾ نه وڃاءِ. هاڻي خيال ڪر ته توکي ڇا ڪرڻ
جي. توکي ڌرم جي مارگ جي ڄاڻ آهي. تنهنجو ڪرتويه
ي ته تون راڄائيءَ جو بوجهه پنهنجي سر تي کڻين. مان جيڪي
ڄهه ڪيو آهي، سو تنهنجي لاڀ لاءِ ئي ڪيو آهي. جنهن
نا سان مون هيءُ ڪم ڪيو آهي، اُها ڀاونا دل ۾ ڌاري
ـهنجي ڪئيءَ جو قل سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. تنهنجي
ا ۽ ٻين ٻنا، نگر ۽ راڄائي اڄ تنهنجي هٿ ۾ آيا آهن.
سشٺ ۽ ٻين ودوانن جي آگيا موجب ڀورين پنهنجي پتا جو
ـريا ڪرم پورو ڪر ۽ پوءِ راڄ تلڪ لاءِ تياري ڪر. تون
ري آهين. توکي تنهنجي پتا جو راڄ مليو آهي. اڄ جيڪو
ـهنجو ڌرم ٿي چڪو آهي تنهنجي پوريءَ ريت پالنا ڪر."

اڌياءُ ٢٥

سازش وٺرت ويئي

ت کي هاڻي هر هڪ ڳالهه چڱيءَ ريت سمجهه ۾ آئي. هن جي ماتا
ـيش کي جيڪو پاري جوکم رسايو هو، سو هن چڱيءَ پر پروڙيو.
ڪه ۽ ڪروڌ هنکي اينتري قدر ورائي ويا جو هو آپي کان
ـهر نڪري ويو. جڏهن هو هن ڳالهه بابت وڌيڪ ويچار ڪرڻ
ڳو ۽ جڏهن ئي هن جي دل سمجهيو ته هن ڪڪرم ڪري
ڪئيڪئي پنهنجي لاءِ دائما بدنامي سر تي آندي آهي، تڏهن ئي
ـندس ڪروڌ جي آگ ڀڙڪي اُٿي ۽ ڪئيڪئي کي وڏي
ڪي ڪنور ۽ ڪچا ڦڪا ٻول ٻولڻ لڳو.
هن چيو، "هيءُ تو ڇا ڪيو؟ توکي اُها اميد ڇو ٿي ته مان
ـڪڏهن به راڄ ڪرڻ سويڪار ڪندس؟ هيڏو پتا ۽ هيڏو ڀراتا

پٽر! رام سنياسين جا وستر اوڍي ۽ لڪشمڻ ۽ سيتا کي ساڻ وٺي ڏنڊڪ ٻن ڏانهن هليو ويو."

هيءَ ڳالهه ٻڌي ڀرت اَچرج ۾ پئجي ويو. سندس پريشاني حد کان ٻاهر ٿي ويئي. هن چيو، "جيڪي ڪجهه تون چئين ٿي سو مونکي بلڪل سمجهه ۾ نٿو اچي. رام ڪهڙو پاپ ڪيو هو جنهن ڪري کيس هن پرڪار جو پرائشچت ڪرڻو پيو؟ ڇا هن ڪنهن برهمڻ کي لٽيو هو ڇا؟ ڇا هن ڪنهن نراپراڌيءَ کي ڏکويو هو ڇا؟ ڇا هن ڪنهن ٻئي جي اِستريءَ ۾ اَک وڌي هئي ڇا؟ هنکي ٻن ڏانهن ڇو وڃڻو پيو؟ اهڙيءَ پرائشچت جو بار هن تي ڪنهن رکيو؟"

انهيءَ يگ ۾ اهڙن اگر پاپن جي پرياءَ کي هٽائي من کي شڌ ڪرڻ لاءِ يا لوڪ پنهنجو پاڻ ٻن ۾ وڃي پرائشچت ڪندا هئا، يا ٻيا کين ڏنڊ ڏيئي ٻن ڏانهن روانو ڪندا هئا. جڏهن ڪئڪئي تي هن ريت سوالن جي بڇ ڪئي ويئي تڏهن هن لڪ لڪاءُ ڇڏي ڏنو ۽ سمورو سچ ڳالهائڻ شروع ڪيو. هوءَ پنهنجي ٻي سمجهيءَ کان اُميد رکي ويٺي هئي ته انت ۾ مڙيوئي معاملو ٺهي ويندو.

ڪئڪئي هن ريت ڳالهه ڪري ٻڌائي، "رام ڪوبه اپراڌ ڪونه ڪيو هو. هن نڪي ڪنهنکي لٽيو هو، نڪي ڪنهنکي ڪو ايذاءُ رسايو هو. ٻئي جي اِستريءَ ڏانهن ٻري اَک ڪري نهارڻ ته رام جي سڀاوَ جي بلڪل ورڌ هو. قصو هيئن ٿيو: جڏهن مون ڏٺو ته رام کي يوراج بڻائڻ لاءِ ۽ کيس راڄ جي سنڀال سونپڻ لاءِ تياريون ٿي رهيون آهن، تڏهن مون تنهنجي نالي راجا کي وينتي ڪري ڪانئس سويڪار ڪرايو ته ٻه ور جيڪي گهڻو وقت اڳ هن مونکي ڏيڻا ڪيا هئا، تن جي هاڻي پالنا ڪري. مان گهر ڪئي ته راڄ توکي ملي ۽ رام ٻن ڏانهن وڃي. ڇاڪاڻ جو راجا اڳ وچن ڏيئي چڪو هو، تنهنڪري اِها ڳالهه هن سويڪار ڪئي. اِنهيءَ ڪري رام لڪشمڻ ۽

ڇت رکي، سندس سچو سيوڪ تي آنند پائيندس.“

ڀرت جو سڀاءُ جائي ڄم کان نيڪ ۽ سداچاري هو. رام لاءِ هنکي اُتي پريم هو. پنهنجي پتا جي مرتيوءَ ڪري هنکي گهرو گهاءُ رسيو هو. سندس خاطر سندس ماتا هيڏو وڏو ڪڪرم ڪيو هو، اُنهيءَ اپراڌ جو ويچار ۽ لڄ هنکي ستائي رهيا هئا. آهي ڳالهيون ڌيان ۾ رکنداسين، تڏهن ئي اسين ڀرت جي هردي جي ڀاونائن کي پوري ريت پرکي سگهنداسين. اسان کي سندس شبدن جي اِئين کٿ ڪرڻ نه گهرجي، جئين رسائين گهر ۾ سوکيم ڪانٽو رکي تڪ تور ڪندا آهن. اهڙن اوسرن تي ڪوتا، جوالامکيءَ جي ڄڀين جيان اُڏامندي آهي. والميڪي ۽ ڪنين پنهنجي ڪوتا دوارن هن پرڪار جي ساکي ڏيئي رهيا آهن.

ڀرت آواز اوچو ڪري وري چيو، ”رام کي بنواس مليو آهي! سچ پچ ته توکي ئي بنواس ملڻ گهربو هو. اي اتياچارڻ اِستري! تو ڌرم جو مارگ وساري ڇڏيو. هاڻي پنهنجي لاءِ اِئين سمجهه ته تنهنجو پتر مري چڪو آهي. هڪ هتياري اِستريءَ جي پتر ٿيڻ کان مرڻ بهتر آهي.

”اي پتي گهاتڪ! تون ته ڌرماتما راجا اشوپتيءَ جي پتري ئي ڪونه آهين. تون هڪ راڪسياڻي آهين. تو ماتا ڪوشليا جي هڪ ئي پتر کي بنواس ڏنو آهي، انهيءَ ڪري ٻڌاءِ ته تون ڪهڙي نرڪ ۾ پوڻ جي يوڳ، آهين؟ ڪوشليا کي جيڪو ڏک تو رسايو آهي تنهن لاءِ وڏي ۾ وڏو ڏنڊ به ٿورو آهي.

”ڪامڌينوءَ گئو ماتا کي لکين پتر هئا، تڏهن به جڏهن هنجي ٻن ٻچڙن کي پانجاريءَ ۾ جوٽيو ويو تڏهن هوءَ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. اُنهن آنسن جي ڪري سرڳ، لوڪ جي سنگهاسن تي ويٺل اِندر کي به لوڏو اچي ويو. تو ڪوشليا جي هڪ ئي پٽ کي بنواس ڏنو آهي، ۽ اِها آس رکي آهي ته تون ۽ مان سک ماڻينداسين!

وڃائي، ڪٿي مان سنتا لاءِ پرواھ ڪندس؟ منهنجي پتا کي ماري، ۽ منهنجي ڀراتا کي بنواس موڪلي، هاڻ تون مونکي چئين ٿي تہ مان سندن جاءِ تي راڄ ويهي ڪريان؟ ائين تون منهنجي ڏک جي اگني ۾ تيل وجهي رهي آهين. منهنجي پتا کي کهڙي نياءُ، ڪنهن جو تو جهڙي اِستريءَ کي هن پنهنجي پتني بڻايو؟ ڪوشليا ۽ سمترا بہ ڏک ڪري موت جو بک ٿينديون. رام جو تہ توسان ڏاڍو پريم هو، هو تہ تنهنجي ڏاڍي شيوا ڪندو هو، پوءِ هن ڪڪرم ڪرڻ تي توکي دل ئي ڪٿي ٿي؟ پوڄيہ ماتا ڪوشليا توکي سڳيءَ ڀيڻ جيان ڀائيندي هئي، انهيءَ هوندي بہ تو سندس پياري پتر جي خلاف سازش سٽي، اِئين ڪندي توکي شرم ڪونہ آيو؟ توکي خبر هئي تہ مان رام کي ڪيترو نہ پيار ڪندو آهيان. لوڀ ۾ اچي تو سموري سڌ ٻڌ گنوائي ڇڏي، نہ تہ جيڪر تون منهنجي سک جي خاطر هن ريت مورکتا جي رٿ ڪٿي رٿين ها؟ منهنجو پوڄيہ پتا، اَيوڌياپتي، سداءِ رام ۽ لڪشمڻ جي آسري هلندو هو. تنهنجي من ۾ اِهو ويچار ڪٿان آيو تہ رام ۽ لڪشمڻ جي پرپٺ مان ويهي راڄ ڪندس؟ ڀلا اِها ڳالهہ ڪٿي سويڪار ڪندس؟ تنهنجي منشا پوري ڪرڻ لاءِ مان توکي ذرو بہ سهڪار ڪونہ ڏيندس. هن ڪان پوءِ مان توکي پنهنجي ماتا ڪري ئي ڪونہ سمجهندس. مان پنهنجا سمورا سنبنڌ توسان ڇنان ٿو ۽ توکي پنهنجي ماتا سمجهڻ کان انڪار ٿو ڪريان.

”توکي اهو خيال ڪٿان آيو تہ پرمپرا جي نيت ۽ نيم بدلي وڏي پٽ جي بدران ننڍي پٽ جي سر تي ڇٽ رکايان؟ اهڙي هلت ڪري ڇا سمورو سنسار سداءِ اسان تي ڇترون ڪونہ ڪندو رهندو؟ راجائن جو جيڪو عام طرح نيم آهي ۽ اسان جي ونش جي جيڪا ريت پريت آهي، تنهنجي ورڌ ڪونہ هلبو؟ مان تنهنجي اِڇا اصل پوري ڪونہ ڪندس. مان بن ڏانهن وڃي رام کي پوئتي وٺي ايندس. مان رام جي سر تي

ڪن تيون ته منش ۾ ايشوري لڇڻ سمايل آهن.

هاڻي ساري راڄ ڀون ۾ ڀرت جي اچڻ جو پرلاءُ ڦهلجي ويو. ڪوشليا جيتوڻيڪ پنهنجي دک ۾ ٻيڙي جي رهي هئي ته به جڏهن هنکي ڀرت جي اچڻ جو سماءُ پيو، تڏهن هوءَ خوش ٿي ۽ سمترا کي چياءِ، "اڄ ته هلي ڀرت سان ملون." هنن اڃا ۾ وکون به ڪونه کنيون، ته ڏٺائون ته ڀرت جوش ۾ ڀريل سندن طرف ڪميا ونڻ لاءِ ڊوڙندو پيو اچي.

جڏهن ڪوشليا پهريائين ٻڌو ته ڀرت نگر ۾ پهچي ويو آهي، تڏهن هن اُنومان ڪيو ته هو پنهنجي نئين پراپت ڪيل پاڳ جي سنڀالڻ لاءِ آيو آهي. ديش جي وڏن ۽ منترين، وسشٽ جي صلاح سان اهو فيصلو ڪيو هو ته ڀرت کي گهرائي سندس پتا جو ڪريا ڪرم ڪرائجي ۽ کيس راڄ تلڪ ڏجي. اُنهيءَ ڪري ڪوشليا جنهن جو من پتر ۽ پتيءَ جي ويوڳ، ڪري ڀڳاڻو ٿي پيو هو، تنهن ڀرت سان ملڻ شرط تمام جهڪي آواز ۾ هئن چيو، "ڀرت! ڪيڪئيءَ تنهنجي لاءِ راڄ هٿ ڪيو آهي. اهو راڄ تنهنجي اچڻ جي واٽ نهاري رهيو آهي. پڪ ڄاڻ ته اسان تنهنجي رستي ۾ ڪابه رڪاوٽ يا ڦڏو ڪونه وجهنداسين. هاڻي اِهو راڄ تون سنڀال. شل توکي هر پرڪار جو سک پلئه پوي. مان توکان رڳو هڪ ڪرپا ٿي گهران — مونکي ڪيا ڏج ته مان تنهنجي پتا جي چکيا تي چڙهي هن سان گڏ لوڪ ڏانهن وڃان."

جڏهن ڀرت جي ڪنن هي شبد ٻڌا، تڏهن هن ڀانيو ته ڪو زهريلو جيت کيس ڏنگي رهيو آهي. هو پنهنجي ماتائن جي چرنن ۾ ڪري کين ڇهڻي پيو؛ اُنهيءَ اوستا ۾ هو هڪ شبد به ڳالهائي نه سگهيو.

ڪوشليا وري چيو، "او ڀرت، گهٽ ۾ گهٽ مون کي اُنهيءَ بن ڏانهن ته وٺي هل جت رام رهيو پيو آهي."

ڀرت ڪوشليا جا اهڙا درد ڀريا شبد سهي نه سگهيو. سندس

”پتا جو ڪريا ڪرم پورو ڪري مان بن ڏانهن ويندس ۽ وڃي رام جي پيرن تي ڪرندس ۽ کيس ديش ڏانهن موٽائي وٺي ايندس. پوءِ تو جيڪو اَپراڌ ڪيو آهي ۽ اِئين ڪري منهنجي مٿي تي ڪلنڪ لڳايو آهي تنهنجي پرائشچت ڪرڻ لاءِ مان ٻ نبڪ بن ۾ وڃي سنياسين جيان رهندس.

”تو هن پرٿويءَ تي جڳت دک جو درياءُ وهائي ڇڏيو آهي. ڀلا ٻڌاءِ ته ڪهڙي پرڪار جي پرائشچت ڪرڻ سان، ڪهڙي پرڪار جي تپ ڪرڻ سان تنهنجو نستارو ٿيندو؟ مان هاڻي جو هاڻي رام وٽ ويندس ۽ راڄ کيس موٽائي ڏيئي پنهنجو پاپ ڌوئيندس.“

ڀرت کي هيترن ڪنور وچنن ڪيڻ سان ٻه شانتي ڪانه مِلي. جڏهن هڪ ننڍڙو هاٿي ڄار ۾ ڦاسندي آهون ڪيندو آهي، تڏهن ڀرت ٻه ڪرڻ لڳو. سندس ڳلن تي گرم گرم آنسون وهڻ لڳا. هاڻي ڪئڪئي جي سامهون ويهڻ ٺي هنجي سهڻ کان ٻاهر هو. اُنهيءَ ڪري هو ڪوشليا جي ڪمري ڏانهن ڊوڙي ويو. هن سمجهيو ته اُتي هو پنهنجي دک کي سهنجائيءَ سان هلڪو ڪري سگهندو.

اهڙيءَ ريت ڪئڪئيءَ جيڪي وهمي ڪوٽ اَڏيا هئا، سي سڀ اڇي پٽ پيا. هوءَ ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي ۽ رڻ ۾ اڇي چٽڪي.

رامايڻ جي پاترن ۾ ڀرت پورڻ ڌرم مورتي آهي. اُتر ڀارت جا لوڪ ورهيه ٻه ورهيه ڀرت-ميلاپ جو ميلو لڳائيندا آهن. اُنهن جي ويچار ۾ رامايڻ جو پرم پوتر ڀاڱو اُهو آهي، جتي چترڪوٽ ۾ ٿيل رام ۽ ڀرت جي ميلاپ جو ورنن ٿيل آهي. هن پاپي سنسار ۾ جت سوارٿي تنگدل لوڪ وسن ٿا، تت جڳان جڳ، ڪي مهان ۽ سداچاري آتمائون جنم وٺنديون رهيون آهن، جن جا سندر گڻ سدا چمڪندا رهيا آهن. اهي جگياسين کي سڌيءَ راهه ڏانهن سڌ ڪنديون رهن ٿيون ۽ اُهو سڌ

تنهن ڪري ڪوشليا کي پڪ ٿي ويئي ته سندس شڪ
ڪو به واجبي بنياد ڪونه هو. انهيءَ ڪري هن جي دل
ڏانهن مائل ٿي. هن پريم وچان ڀرت کي ڊرتيءَ تان
کنيو ۽ سندس مٿو پنهنجي هنج ۾ رکي ساڻس اهڙيءَ
لاڏ ڪوڏ ڪيو جيئن هوءَ رام سان ڪندي هئي.
ڪوشليا چيو "منهنجا پٽ! تنهنجي شڌ هردي ۾ جيڪا
جلي رهي آهي، تنهنجو خيال منهنجي دک کي ٻيڻو ڪري
آهي. منهنجا ٻار! هاڻ بڌاءِ ته ڇا ڪريون؟ اسين وڏاٽا
هٿ جا ڪيول ماتر ڪيڏو ٿا آهيون. شل تنهنجي پلائي
ڦل توکي هن لوڪ ۽ پرلوڪ ٻنهي ۾ پراپت ٿئي."
ڪوشليا جو ويچار ڪونه هو ته ڀرت ڪو هن سازش ۾ شامل
پر هن کي پڪ ٿي ٿيو ته شايد ڦل جو لوڀ ڪيس هرڪائي
ي ۽ هو انهيءَ ڪري انهي پاپ کي شايد نظرانداز ڪري ڇڏي.
ي هنکي پڪ ٿي ته ڀرت جي هردي ۾ ڪا به لائي لنبي ڪانه
ي. جيتوڻيڪ هن جو پنهنجو پٽ بنواس ويو هو ته به هنکي
شي ٿي جو رام جي بدران کيس ڀرت جهڙو سلڇڻو پٽ مليو هو.
ڪنين ڏاڍي سندر ۽ سوينيڪ نموني ۾ هن درشيه جو
ن ڪيو آهي. هن ڏيکاريو آهي ته ڪئين ڪوشليا ڀرت
ن ملي خوشيءَ جا لڙڪ وهائڻ لڳي ۽ کيس پريم سان گلي
ائڻ لڳي. اِئين سمجهياءِ جڻڪ رام بنواس مان موٽي آيو آهي.
ڪا پرينديءَ هن چيو، "تنهنجي ونش جون انيڪ پيڙهيون
ريون آهن. انهن وڏن مان ڪيترن کي جس ۽ ڪيرتي پراپت
آهي. پر تون سڀني کان گوءِ ڪڻي ويو آهين. جيڪو راڄ
ي مليو آهي، تنهن تان تو هٿ کنيو آهي. تون راجائن جو
راجا آهين. تون راجيشور آهين."
جيڪو چتر ڪوشليا ۽ ڀرت جو ڪنين چٽيو آهي، تنهن ۾
يشٽ سنسڪرتي ۽ سڀيتا سمايل آهي. شل انهن وير پرشن جا
ر ۽ انهيءَ سريشٽ سڀيتا جو ڀاو سدا ڀارت ورش ۾ امر رهي!

زبان بند ٿي ويئي ۽ هوءَ مورڇت ٿي پيو. ٿوري دير کانپوءِ اُٿي ويٺو ۽ هن ريت آکڻ لڳو، ”ماتا، مان ته نراڌار ٿي آهيان، پوءِ مونکي ٿون هن ريت ڇو ڏک ڏيئي رهي آهين؟ توکي خبر آهي ته مان دور ديش ٿي ويل هوس. هت جيڪي ڪجهه پاپ ڪرم ٿيو آهي، تنهنجي مونکي بنهه ڄاڻ ڪانه آهي. توکي اِها سڌ ڪانه آهي ته منهنجي من ۾ رام لاءِ گهاٽو پريم آهي؟ ڀلا، مان ڀل ڪري به ساڌس هن پرڪار جو وهنوار ڪري سگهان ٿو؟ جيڪڏهن مونکي هت ٿيندڙ ڪرم جي ذري به ڄاڻ هجي ته پوءِ ڀل مونکي سنسار ڀر جا سڀيئي پاپ لڳن! منهنجو اُنهن سازشن سان ڪوبه واسطو ڪونه هو. مونکي اُنهيءَ سازش جي ڦل هت ڪرڻ جي ڪا به اِڇا ڪانه آهي.“

پوءِ هن هٿ مٿي کڻي اَنيڪ اگر پاپن جا نالا ورتا، ۽ چيائين ”جيڪڏهن منهنجو ڪنهن به ريت هن رٿ ۾ هٿ آهي ته مونکي اُنهن پاپن ڪرڻ وارن اَپراڌين لاءِ مقرر ٿيل ڏنڊ ملي.“

اڄ به جيڪڏهن ڪا ماتا پنهنجي پٽ جي لاڀ واسطي ڪا ست سٿي ته پوءِ هوند پٽ لاءِ اُها ڳالهه ثابت ڪرڻ مشڪل ٿئي ته هن کي اُنهيءَ رٿ جي بنهه سڌ ڪانه آهي. ساڳي ڳالهه انهيءَ زماني ۾ به هئي. اِنهيءَ ڪري ڀرت کي پاڻ کي نراڌار سڌ ڪرڻ لاءِ بار بار قسم ئي کائڻو ٿي پيو. هنکي نه راڄ جي غرض هئي، نه ڌن جي پرواه. نڪي ئي هوءَ راڄ سنا ۽ اَڌڪار جي ڪير هو. اُنهيءَ ڪري اِهو خيال هنکي ڏاڍو ستائي رهيو هو ته ڪوشليا جي من ۾ اِهو ويچار ويٺل آهي ته ڀرت پنهنجي ڀاءُ کي هاڃي رسائي لوڀ ۾ پئي انهن شين کي پراپت ڪرڻ جي اِڇا ڪري رهيو آهي. سچ پڇ ته اِهو خيال اهڙوئي ستائيندڙ ۽ اَنياءَ جو هو جهڙو رام جو بنواس. هن کي سپني ۾ به اهو خيال نه هو ته مان اهو ڇت پنهنجي سر ٿي رکان جنهن جو جنم سڌ اڌڪار رڳو رام کي ئي آهي. ڇاڪاڻ جو هن پنهنجي سچائي هن جوشيلي نموني ظاهر

...ن جو هڪ وڏو جٿو پنهنجي اوزارن سان رستي ٺاهڻ
...ڪم کي لڳي ويو. ٻن جي پٺيان ٻيڙن جا ڄاڻندڙ، ڪوهن
...هن جا ڪوٺيندڙ ٻيلدار، ٻيڙين ۽ ترهن جا ٺاهيندڙ واڍا، ۽
... جا اڏيندڙ، سڀ لوڪ ڪم کي لڳي ويا. ٻيڪد هو سنڌن
...ه ۽ جوش، چاڪاڻ جو هو پنهنجي پياري راجڪمار رام
...گهر موٽي آڻڻ لاءِ ٿي ويا. ٿ ڪيل موريون ٺاهيون ويون.
... ڪيرايا ويا. جلد ئي راجڪمارن ۽ سنڌس اڳالي جي هلڻ
...هڪ راج مارگ ٺهي پيو. هيٺ مٿا يون سنيون ڪيون ويون،
...ٻن کي سڪايو ويو. سڻنا جي ڇانوٽين هيٺڻ لاءِ آستان تيار
... ويا ۽ پاڻي پيئڻ ۽ ٻين پرڪارن جون سهوليتون موجود
...ڏن ويون.

...جيتوڻيڪ اهڙيءَ ريت ڀرت جي وڃڻ لاءِ سڀ تياريون
...ن ويون، ته ٻه وسشٽ ۽ ٻين ودوانن آڳيا ڪئي ته وري
...انوسار سڀا جي ٻيٺڪ سڏائجي. هنن وري ٻه اُها اِڇا پرگهٽ
...ي ته ڀرت کي قبول ڪرائجي ته هوُ راجائي ڇٽر ڦهري.
... ڀرت جي محلات ڏانهن ٺٽين سر دوت موڪلي ڪيس
...يون ۾ پڌارڻ لاءِ نينڊ ڏني. دوتن سان گڏ گوئيا ۽
...نت ڳائيندا ۽ ساز وڄائيندا ٿي ويا. هنن ڳالهين ڀرت جي
...ڪي ڇوٽ رسائي.

...هن راڳه روپ بند ڪرايا ۽ دوتن کي واپس موٽايو. هن
...ٺهن کي چيو: "اڃا هو ڇو ٿا مونکي هن ريت سٺائين؟
... راج ونڻ کان اِنڪار ڪيو آهي. هيءُ منهنجي ماتا جي
...ن جو نتيجو آهي. منهنجو پتا سرڳه سڌارجي ويو آهي ۽
...ئي ڇڏي ويو آهي ته مان اڪيلي سر هيءُ سڀ ڏک
...ن. راج کي راج ڏٽيءَ جي گهرج آهي. راجا ڪانسواءِ راج اِئين
...، جڻن سڪاني ڪانسواءِ ننڍڙڪو جهاز. اسان کي گهرجي ته
...ئي رام کي موٽائي وٺي اچون."

...سڀا ٻون ۾ سڀ سڀاسد هن نرآپراڌ راجڪمار جي وات

سرڳواسي راجا جو ڪريا ڪرم پورن ريت ڪيو ويو. وسشٽ ۽ ٻين ودوانن ۽ نيتائن شاستر جي نيتي انوسار ڀرت ۽ شترگهن سان پرچاٽي ڪئي. دشرٿ جي ديهانت کان چوڏهن ڏينهن پوءِ سڀا جي بيٺڪ ٿي. منترين هن ريت ڀرت کي وينتي ڪئي:

”مهاراج دشرٿ سرڳ، لوڪ ڏانهن پڌاريو آهي. رام ۽ لڪشمڻ بن ۾ آهن. هن ويل ديش ۾ ڪوئي راجا ڪونه آهي. واجب اِئين آهي ته اسان جي وينتيءَ تي توهان راڄ ڪريو. راڄ تلڪ جون سموريون تياريون اڳيئي ٿيل آهن. نگرواسي ۽ منتري اوهان جي سويڪرتي لاءِ تيار ويٺا آهن. هيءُ اوهان جو راڄ آهي. اهو اوهانکي پنهنجي وڏن وٽان نيم انوسار پراپت ٿيو آهي. اوهان جو ڪم آهي ته تلڪ ڏياري سر تي ڇٽ رکي اسانجي مٿان ڌرم انوسار راڄ ڪريو.“

ڀرت هٿ ٻڌي راڄ تلڪ جي لاءِ گڏ ٿيلن وستن کي پرڪرما ڏني. گنڀير آواز ڪري هن گڏ ٿيل سڀا اڳيان هن پرڪار جي ڀاشڻ ڪئي:

”مان اِئين يوڳيہ نٿو سمجهان ته اوهان مونکي هن ريت راڄ سويڪار ڪرڻ لاءِ چئو. اسان جي ڪل جي هليءَ چليءَ انوسار راڄ جو ڏٽي ٿيڻ گهرجي سيني ۾ وڏو پٽر. اوهانجي آڳيا لاءِ مونکي گهڻوئي آدر آهي، ته به مون نهراءُ ڪيو آهي ته مان بن ڏانهن وڃان ۽ رام ۽ لڪشمڻ کي موٽائي اَيوڌيا ۾ وٺي اچان ۽ رام جي راڄ تلڪ جو پربنڌ ڪريان. انهيءَ ڪارڄ لاءِ ماڻهو ۽ شيون تيار ڪريو. مسافريءَ لاءِ سڙڪ ٺاهيو. انهيءَ ڪم لاءِ مزدورن جي ڀرتي ڪريو. مان اهو پڪو ۽ اٽل نشچو ڪيو آهي ته مان سنگهاسن تي مور ڪونه ويهندس.“

راجڪمار جا وچن ٻڌي سڀا جا سڀاسد گد گد ٿيڻ لڳا. هو ڀرت جي سڀاءَ جي ساراه ڪندا رهيا. راجڪمار سان گڏ بن ڏانهن وڃڻ لاءِ وڏي سئنا ۽ ٻيو اَٽالو تيار ڪيو ويو. جلدئي

ائي رام کي آڻيو. مان پاڻ هر پرڪار جو يتن ڪندس ته
۾ ايوڌيا ڏانهن موٽي اچي ۽ اچي راجا ٿئي.“
انهيءَ وقت سمنتر ڀرت جي حڪم لاءِ بيٺو هو. ڀرت
ڪي آگيا ڪئي ته بن ڏانهن وڃڻ جون تکيون تياريون ڪر.
پرواسين کي اها پڪ هئي ته رام ڀرت جي ڀڳتيءَ ڀرئي پريم
يان جهڪندو. انهيءَ آشا ۾ هو خوشيون منائڻ لڳا.

اَڌياءُ ٢٦

ڀرت ۾ گمان

شادراج گهه گنگا جي پار گهور ڪري نهاري رهيو هو. هن
سو ته ڀرينءَ ڀر اساڌارڻ چهل پهل آهي. اتي هڪ وڏي سئنا
ي پيٺي هئي. هن انهيءَ ڏانهن پنهنجي ويجهو بيٺلن مٿن
ئتن جو ڌيان ڇڪائي چيو:
”ڏسو ته هوُ ڪير آهي ۽ هتي ايڏي وڏي سئنا ڇو
ي آيو آهي؟ ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته سندس اِرادو آهي ته
ي پار ڪريان. اُتي جيڪو جهنڊو جهلي رهيو آهي تنهن
ن اَنومان ڪيجي ٿو ته هو ڪئڪئيءَ جو پٽر ڀرت آهي ۽
ئنا سندس ئي آهي. هاٿي مان ڏسان ٿو ته رٿ جي مٿان
وج جهولي رهيو آهي. اُنهيءَ ڌوج تي وڻ جو چٽر چٽيل
ي. اهو اَيوڌيا جي راڄائن جو نشان آهي.
”ڇا، رام جو شترو، ڀرت اڄ ايوڌيا جو راجا ڪونه آهي؟
نهنجي ماتا ڪئڪئيءَ جي ڌواران اَنياءَ سان راڄ هٿ ڪري
بن ڏسڻ ۾ اچيٿو ته هو رام کي مارڻ لاءِ سندس پيڇو ڪري
هيو آهي. وڃو، وڃي پنهنجي جوڌن، مٿن مائٽن ۽ اِشٽ مترن کي
ڪريو. ڪين تيار ڪري هن ڪناري تي ٻهاري ڇڏيو.
ب بيڙيون ٻوڙيون اچي هٿ گڏ ڪريو ۽ اُنهن ۾ هٿيار ٻڌلن

نهاري رهيا هئا. جئن چوڏهن جو چنڊ اُڀ ۾ ڪڙي بيهندو آهي، تئن ڀرت سڀا ڀون ۾ اچي براجمان ٿيو. مهاپرشن کي پرڻام ڪري ويهي رهيو.

وسشٽ چيو: ”هي راڄ تنهنجي پتا ۽ تنهنجي ڀراتا رام توکي سونپيو آهي؛ اهو سويڪار ڪر ۽ اسانجي پراچين پرمپرائن انوسار اسانجي رکيا ڪر.“

ڀرت جي دل دور ديش ۾ ٿي وسي. سندس اکين مان نير وهڻ لڳو. اُنهيءَ راجائي سڀا ۾ نوجوان راجڪمار سڏڪا ڀري رئڻ لڳو. ڳوڙها ڳاڙيندي ڀڳل ٽٽل آواز سان هن اُتي ويٺلن مهاپرشن جي مان مريادا رکندي کين هن ريت چئي ڏوراپو ڏنو:

”هيءُ راڄ ڀئي جو ادڪار آهي. اهو وري مونکان وڏيڪ ڀلو پرش ۽ وڏيڪ يوڳيه آهي. مان ڀئي جي سمپتي ڪئن دٻائي ڪٽندس؟ منهنجي ڪل ۾ ڄاول ۽ نپنيل منش لاءِ ائين ڪرڻ اَسنيو آهي. ڇا دشرٿ جو ڪوبه پٽر اهڙو انياءُ ڪرڻ جو سپنو ڏسي سگهندو؟ هيءُ راڄ ۽ مان، ۽ راڄ جي اندر جيڪي ڪجهه آهي، سو سڀ رام جي سمپتي آهي. هوُ دشرٿ جو مربي پٽ آهي. هو اسان سڀني ۾ سريشٽ آهي. هو ڌرم پريم آهي. رام پراچين ڪال جي دليپ ۽ نهش سريکو آهي. راڄ جو ادڪاري اهوئي آهي. هو ٽنهي لوڪن ۾ راڄ ڪرڻ جي يوڳيه آهي. مان هٿ ٻڌو آهيان. رام بن ۾ آهي. پر مان هٿ ٻڌي هن کي نمسڪار ڪريان ٿو. هوئي سچو پچو راجا آهي. مان راڄ ڏٺي ڪونه آهيان.“

جڏهن سڀا وارن ڀرت جا هيءُ شبد ٻڌا تڏهن سڀ خوشيءَ وچان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا.

ڀرت وڌيڪ چيو، ”جيڪڏهن مان راجا رام کي موٽي اچڻ لاءِ هرڪائي نه سگهيس ته مان اُتي ئي رهي پوندس ۽ تپسيا ڪندس. هي سريشٽ پرشو! اوهان جو ڌرم آهي ته هر هنر

ـڻ چيو: ”اي منهنجا ڌڻي! منهنجا آدمي ۽ مان اوهان
ـن هلي ڪري اوهان کي رستي ڏيکارڻ لاءِ بلڪل تيار
ـيون. اوهان جو هيڏو سارو لشڪر وٺي آيا آهيو تنهن کي
ـسي منهنجي من ۾ هڪ ڪتڪو جاڳي ٿو. جيڪڏهن مان اُهو
ـهانکي ٻڌايان ته ڪرپا ڪري دل ۾ نه کڻجو. مونکي اُميد
ـي ته اوهانکي رام سان ڪوئي ورود ڪونه آهي.“
اِهي شبد سڻي پرت کي ڪجهه دک ٿيو. پر هن جو هردو
ـڙ جي آسمان جيان شد ۽ پوتر هو. اُنهيءَ ڪري هن هيئن
ـيو: ”منهنجي لاءِ اُنهيءَ کان وڌيڪ شرم جي ڪهڙي ڳالهه
ـندي جو اِهي لوڪ جن جو رام سان پريم آهي سي مون ۾
ـان آڻين ۽ مون کان ڀڄن. گهه! ڪوبه سنسو نه رک. اڄ
ـر منهنجو پتا آهي. هوئي منهنجي سرڳواسي پتا جي اُستان
ـ براجمان ٿيو آهي. مان هتي اُنهيءَ لاءِ آيو آهيان ته ڪيس
ـيدن ڪريان ته هو اَيوڌيا ڏانهن موٽي هلي. مان قسم ڪائي
ـران ٿو ته منهنجي ٻي ڪا منشا ڪانه آهي.“
گهه ڏٺو ته پرت جي منهن مان رام لاءِ پريم ٻکي رهيو هو
ـجيڪي ڪجهه ٿيو هو تنهن لاءِ سندس چهري تي چنتا نمودار
ـني. اُنهيءَ ڪري هوُ ڏاڍو پرسن ٿيو چيائين: ”سائين! هن
ـنسار ۾ ڪير آهي جيڪو تو جهڙو تياڳ ڪري سگهي؟ تو
ـت اَڻ مانگيو ڏنو ۽ راڄ آيو، پر تو اُنهيءَ کي نوڪر هڻي
ـڏي. سنسار سدا تنهنجي ساراهه جا ڀڪ پريندو رهندو.
ـهنجو نانءُ سدا چمڪندو رهندو.“
نشاد راڄ پرت جي سئنا جون ساريون گهرجون پوريون
ـيون. گهر ڌڻي ۽ آيل اَتٿي رات پوڻ جي ڪري وڃي
ـالمي ٿيا.
گهه سان ملڻ جي ڪري پرت جو ڏک وڌي ويو. پرت
ـ هردو بنهه شد ۽ پوتر هو. هن آهه ڀري چيو: ”هاءِ، هي
ـ ٿيو آهي!“ هوُ ساري رات ڌرتيءَ تي پاسا اُٿلائيندو رهيو.

سپاهين کي وهاريو، جئين هو وقت سر يڌ ڪري سگهن. تو سو ۽ جاچيو، جيڪڏهن نوان آيل لوڪ رام ڏي مائل هوندا ته ته پوءِ اسين کين نديءَ اُڪارڻ ۽ هٿ اچڻ ۾ مدد ڪنداسين. پر جيڪڏهن سندن ارادو رام جي خلاف هوندو ته پوءِ اسين گنگا پار ڪرڻ کان کين روڪينداسين."

اهڙيءَ ريت سڀ پرڪار جا پربند ڪرڻ کانپوءِ گهه سيپيتا ۽ ششتاچار جي نيمن انوسار ڪجهه سوکڙيون کڻي بيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڀرت سان ملڻ ويو.

هن پر گهه اِهي ڳالهيون ڪري رهيو هو ته ٻرينءَ پر وري سمنتر ڀرت کي هن ريت چئي رهيو هو:

"ڏسو ته رام جو پيارو متر ۽ ڀڳت نشادراج گهه اسانجي آڳت ڀاڳت ڪرڻ لاءِ پنهنجن ماڻهن سميت اچي رهيو آهي. هو هن ڀوميءَ جو راجا آهي. کيس ۽ سندس مائٽن کي بن جي هرهڪ ڪنب ڪڙڇ جي ڄاڻ آهي. هو اسانکي ٻڌائي سگهندا ته رام هن وقت ڪٿي آهي. پڻ هو اسان کي سلامتيءَ سان ۽ تکڙو رام جي نواس آستان تي پهچائي سگهندا."

اُنهيءَ وچ ۾ گهه نديءَ پار ڪري وڃي ڀرت جي ويجهو پهتو. راجڪمار کي نمسڪار ڪري هن چيو: "جيتوڻيڪ اسانکي اوهان جي هن ريت اوچتي پڌارڻ جي ڪل ڪانه هئي ته به مان اوهانکي چوان ٿو ته هت جيڪي ڪجهه آهي سو پنهنجو ڪري سمجهو ۽ رڳو آگيا ڪندا هلو. اوهان ۽ اوهانجي سئنا جي آڳت ڀاڳت ۽ سيوا ڪرڻ ۾ مان پنهنجو مان مرتبو ٿو سمجهان."

ڀرت وراڻيو، "اي منهنجي پراڻا جا متر! اوهان هيڏيءَ ساريءَ وڏيءَ سئنا لاءِ آتٿي ڌرم پالڻ جي آڇ ڪئي آهي. اها اوهان جي وڏي ڪرپا آهي. مان ڀاردواج جي آشرم ڏانهن وڃڻ چاهيان ٿو. اسان کي مارگ جو پتو نه آهي. ڪرپا ڪري اُها راه ٻڌايو ۽ اسان کي نديءَ پار ڪرڻ ۾ سهايتا ڏيو."

گهه هٿ ٻڌي ڀرت کي نمسڪار ڪئي ۽ سيپي شبدن ۾

هن ورتن کيو هو، تن کي ڏسي سندس دک هڪ وهندڙ ياءَ جيان هن جي هردي اندر پلٽي پيو.

"اي رام، منهنجي خاطر تون گاهه تي سمهين! مان اُها ڏني آهي ۽ مان اڃا پيو جيان! هو ورڇي چاهين ٿا ته ي دک کان پوءِ پنهنجي مٿي تي ڇت رکان!" اهڙيءَ ريت شوڪ ۾ پرڄي زار زار روئڻ لڳو.

پوءِ هن دل ۾ چيو، "ڪنهن به ريت مان رام کي پوئتي ايندس ۽ کيس سنگهاسن تي وهاريندس. جيڪڏهن پنهنجي ورت کي پوري ڪرڻ لاءِ زور ڏنو ته پوءِ مان ندس بدران چوڏهن ورهيه بن ۾ ڪاٽيندس. هيءَ ريت ۾ انڪول آهي ۽ يوگيه آهي. مان پانيان تو ته هو اُها سويڪار ندو." اهڙيءَ ريت هو پاڻکي ڌيرج ڏيڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن پرڀاته ڪال پرت، شترگهن کي جاڳايو. چيائين ي ڇا؟ تون اڃا ستو پيو آهين؟ سڀ اڳيئي اُٿي چڪو . سيئنا کي ندي پار ڪرڻي آهي. اسان کي گهرجي ته کي سيگهه ۾ گهرايون ۽ ياترا لاءِ پربنڌ ڪريون."

شترگهن اُتر ڏنو، "پراتا! مون کي ننڊ ڪانه آهي. تو جيان ن به ساري رات رام جا ويچار ڪندي ڪاٽي آهي."

جيئن هو اِئين ڳالهائي رهيا هئا ته گهه اچي اُتي سهڙيو. آدر ڪرڻ کان پوءِ هن چيو ته، "مون گهڻيون ٻيڙيون گڏ ري هڪ دس تيار ڪيو آهي." ساري سيئنا پوءِ ٻيڙين تي سوار ۽ سارو سامان سڙو به ٻيڙين تي چاڙهيو ويو. پريلن ٻيڙين ندي پار نيو ويو. جڏهن پار پهتا تڏهن خوشيءَ مان اِئين ز ڪيائون جيئن ڪنهن وڏي اُتسو ۾ ڪيا آهن.

پرت جي دل اندر جيڪو دک هو تنهنجي ڪل ڪنهن ڪانه تي پيئي. ڇاڪاڻ جو جڏهن پرت اڃا روانو مس هو تڏهن هو سمجهي وينا هئا ته رام پڪ ئي پڪ پوئتي ندو. هو اُنهيءَ خوشيءَ ۾ مگو تي ويا ته جلد رام ورڻ.

سندس نيڻن ۾ ننڊ هُئي ئي ڪانه. پتا جي مرڻيوءَ، رام
جي وڇوڙي ۽ بدناموسي، جا ڪاري ڪکر جيان هن
جي مٿان لٽڪي پيئي هئي، تنهن جو خيال ڪندي سندس
سارو شرير جلي رهيو هو. گه مٺا ٻول ٻولي هن کي شانت
ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن نموني ۾ گه ۽ ڀرت پاڻ ۾ مليا
۽ دک ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيا، سا ڪٿا وشنو آلورن ۽ ٻين ڀڳتن
کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي.

ڀرت گه کان پڇيو، "جڏهن رام هتي هو تڏهن هُو ڇا
کائيندو هو؟ هن ڇا چيو، هن ڇا ڪيو؟"

گه هرڪنهن پرشن جو پريم سان اُتر ڏنو. جتي رام سمهيو
هو سا جاءِ هن ڀرت کي ڏيکاري. جڏهن ڀرت ڪانئس لڪشمڻ
جي سمهڻ جي جاءِ بابت پڇيو تڏهن هن چيو: "لڪشمڻ
مونکي چيو ته 'جڏهن رام ۽ سيتا ٻنا هنڌ بستري، ڌرتيءَ تي
ليٽيا پيا آهن تڏهن مان ننڊ ڪيئن ڪري سگهندس؟' پوءِ
هن جا لڙڪ لڙي آيا ۽ مون جيان ساري رات ڌنش کڻي
پهرو ڏيندو رهيو."

جڏهن ڀرت هن درشيه جو ويچار ڪرڻ لڳو تڏهن سندس
دک سهڻ کان ٻاهر نڪري ويو. هن اُها جاءِ ڏٺي جتي رام
۽ سيتا رات جو سمهيا هئا ۽ وري راڻين کي به اُها جاءِ ڏيکاريائين.

جڏهن گه کان پڇيو ويو ته رام اُنهيءَ رات ڇا کاڌو هو
تڏهن هن جواب ۾ چيو، "اي منهنجا سائين! اُنهيءَ رات
هُن ورت رکيو هو. لڪشمڻ ٿورو پاڻي کڻي آيو هو. اُنهيءَ
مان پِڪ رام ورتائي باقي لڪشمڻ کي پيئڻ لاءِ ڏنو. مان
جيڪو ڀوڄن کڻي آيس تنهن کي هنن هٿ به ڪين لاتو. ٻئي
صبح جو پنهنجون جٽائون ٻڌي هُو ٻن ڏانهن روانا ٿيا."

جڏهن ڀرت اهو سنڪلپ ڪيو هو ته هُو رام کي ڳولهي
ٻرياڻي اُيوڌيا ڏانهن موٽائي وٺي ايندو، تڏهن سندس دل
جو بار ڪجهه هلڪو ٿيو هو. پر گه جون ڳالهيون ٻڌي ۽ جن درشين

يا سدا اسان وٽ هڪيو ٽڪيو هوندو آهي، جيئن ٽيڪ ڏهن ڪڏهن اُهي وشيہ واسنا ۽ اڄائي وهم جي ڪڪر ت اچي ويندا آهن، پر اهي منش جي اندر جيڪو ايشوري آهي تنهنکي استر رکن ٿيون ۽ ڪيس موٽي پسون ٿيڻ کان ئين ٿيون.

پرت پنهنجي اٽالي سميت ڀارد واج آشرم ڏانهن هلندو يو. جڏهن هوُ پرياگ بن ۾ پهتا تڏهن هنن ڏٺو ته ڪجھ ، تي وڻن جو هڪ سندر جهڳٽو بيٺو آهي ۽ انهيءَ جهڳٽي ب وچ ۾ هئي هڪ ڪٽيا. جڏهن پرت کي ڄاڻ ٿي ته اهوئي د واج جو آشرم آهي، تڏهن هو پنهنجي اٽالي کي پوئتي ي، ۽ وسشٽ ۽ ڪن ٻين پرين مڙسن کي ساڻ ڪري وڏي رتا ڀاو سان اُنهيءَ طرف هليو. هن پنهنجا ريشمي ڪپڙا هي ڇڏيا، هٿيار پنوهار سڀ پاسي رکي، رڳو منتري ساڻ ي وسشٽ جي پٺيان پيرين پنڌ هلڻ لڳو. اڳيرو هلي هن هنجي منترين کي به اُتي ئي ڇڏيو. رڳو مهرشي وسشٽ ۽ نت ٻہ ڄڻا آشرم ڏانهن ويا.

جڏهن ڀارد واج وسشٽ کي ڏٺو، تڏهن هو پنهنجي آسڻ ن اُٿي کڙو ٿيو ۽ مهان اتٿيءَ جي آجيان ڪرڻ لاءِ هنجي ف وڌيو. پنهنجي شش کي آگيا ڪيائين ته مهرشيءَ جي پيرن ونڻ لاءِ پاڻي کڻي اچو.

پرت ڀارد واج کي نمرتا سان نمسڪار ڪيو. جڏهن رشيءَ پتو پيو ته جنهن ڪيس نمسڪار ڪيو هو، سو پرت هو، هن هن سندس اهڙي ڍنگ سان آجيان ڪئي جئن راجائن ي ڪبي آهي. رشيءَ پڻ سندس چڱيلائي بابت ڪا نئس پڇا ڳاڇا ڪئي. هن سياٽپ ڪري راجا دشرٿ جي دکدائي ديهانت ي ڪا بہ ڳالھ ڪانہ ڇوري.

هيٺ جنهن ڳالھ جو ورنن ڪجي ٿو، سا والميڪيءَ جي ڪاويہ ۾ ڇپيل آهي. هت سمجهاڻيءَ لاءِ ٻہ چار شبد سجايا

ايندو ۽ اچي سنگهاسن تي ويهندو، ۽ سندن سمورا ڏک هڪ خراب سپني جيان گم ٿي ويندا.

جنهن نموني والميڪيءَ گنگا جي ڪناري جي هن درشيه جو ورنن ڪيو آهي سو اِئين ٿو ڏسڻ ۾ اچي جڏهن اڄ جي زماني ۾ ڪنهن وڏي ميلي تي ريلوي اسٽيشن تي گڏ ٿيل خلق جو نظارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جڏهن سڄي سئنا ندي پار ڪري چڪي تڏهن ڀرت هڪ خاص تيار ٿيل ڪشتيءَ ۾ هنن جي پٺيان هليو.

نيٺ هو رشي ڀاردواج جي آشرم ۾ اچي پهتا.

رامايڻ ۾ ڀرت جو چتر جيڪو چٽيو ويو آهي سو ڏيکاري ٿو ته هنجي ڀوترتائي انوکي هئي ۽ سندس تياڳ بلڪل اوچو هو. جيئن ڀوتر گنگا جي ڪناري تي تيرٿ استان وڏيڪ ڀوتر ڏسڻ ۾ ايندا آهن، تيئن ئي هن مهان ڪاويه گرنٿ ۾ ڀرت جي ڪٿا اوچو استان والاري ٿي. انهيءَ ڪي هڪ اُپ ڪٿا ڪري سمجهڻ نه کپي. اِها ڪٿا پڙهي هردو آڪاش ڏانهن اُڏامڻ لڳي ٿو. اِها ڪٿا ڏيکاري ٿي ته پريم ۽ ڀڳتيءَ جي جل سان جڏهن منش جي سياءَ کي ڌوئبو آهي تڏهن اهو ڪيڏو نه اوچو ٿي ويندو آهي! رام ۽ ڀرت اوتار هجن، يا رگهو راشٽر جي ڪاپنا جا انوکا چتر هجن، هر حالت ۾ هيءَ ڀرت جي ڪٿا سنسار جي ساهتيه ڪلا جي هڪ ڀرم سريشٽ رچنا آهي.

ڀرت جو چتر جيڪو رامايڻ ۾ ڏنل آهي، تنهنجو ڌيان ڪبو ته ڀنهنجو پاڻ گيان ۽ ڀڳتيءَ جو اسان جي من ۾ واسو ۽ واڌارو ٿيندو. رامايڻ جي درشيه ۽ پاترن جا چتر هوُبهوُ اسانجي اندر ۾ پرتيمت ٿين، تنهن لاءِ اهو ضروري آهي ته اسان پريم ۽ ڀڳتيءَ سان ڀرپور ڪاپنا شڪتي ڪم ۾ آڻيون. جڏهن اسانجو جنم ٿيندو آهي، تڏهن ايشور اسانجي سياءَ ۾ ڪجهه گيان ۽ ڀڳتي جو ڀاو ڏاڻ ڪري ڏيئي ڇڏيندو آهي. اهو

اَنوسار، رشيءَ پنهنجي ڳالهہ کي ٺيڪ سڌ ڪرڻ لاءِ هن
ب پڇڻ کي چيو: ”نوجوان راجڪمار، ڇا مونکي تنهنجي
ءَ جي ڄاڻ ڪانہ آهي؟ مان توکان جيڪي پڇڻ ڪيا
جو ڪارڻ اِهو هو تہ تنهنجي نر اُپراڌ هئڻ جي ڳالهہ وڌيڪ
ي ٿئي.“
والميڪي رشين کي ڄاڻي ڄاڻ ٺهار ڪري ڪونہ ڏيکاريو
ي. هن جي ويچار ۾ هو رڳو گيانوان منش آهن ۽ سچ جا
سائو آهن. جڏهن ٻين منشن تي پريم ۽ ڀَوَ جو پرڀاءُ پوندو
ي، تڏهن سندن حالت ۾ بہ ڦيرو ٿو. والميڪي جي ويچار
سار رام هڪ وير پرش آهي، سندس اَوتار هئڻ سنديہ ڀريو
ي. ڀاردواج بہ هڪ سياڻو منش آهي، هو ڄاڻي ڄاڻ ٺهار
نہ آهي. ڇاڪاڻ جو ڀاردواج جي هردي ۾ رام لاءِ سوڪيم
ر پريون ڀاونائون سمايل آهن، تنهنڪري هو ڀرت جي
سنڌ ۾ سنسو پئدا ڪري ٿو. ڀاردواج جي رام ۾ موهي آهي،
نڪري هو ڀرت جي من کي ڏک ٿو رسائي، ۽ جڏهن
ت ڏکي ٿيو تڏهن هن پنهنجي سمجهاڻيءَ سان ڪيس
نوش ڏنو.
والميڪي جي ڪاويہ جا سڀ پاتر منش جي روپ ۾ ئي
يا ويا آهن، جي اُنہ گڻن جون ساکيات مورتون آهن. ڪٿي
ٿي ساڌارڻ اوستائن ۾ يا گهڙيءَ ٽاڻ ۽ چڪ جي اوسر تي
دن ايشوري روپ جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تلسيداس
. ڏينهن ۾ ڀڳتي مارگ جو سورج چوٽ تي پهچي چڪو
انهيءَ چمڪندڙ سورج هر بادل کي هٽائي ڇڏيو هو.
وٽيڪ ڪنين جي چترن ۾ ڀڳتي رس جي سرسي آهي،
بہ انهن چترن ۾ والميڪيءَ جي چترن جيان منشپڻو ئي موجود
ي. ڪٿي ڪٿي تہ ڪنين جي پاترن ۾ پاڻ والميڪيءَ جي
ن کان ڪلا ۽ سندرتا سرس آهي.
ڀاردواج ساڌارڻ شخصي سوال جواب ڪرڻ کان پوءِ هن

ٿيندا. جنهن نشاد راج ڳه جي من ۾ سنديه جاڳيا هئا ۽ جنهن انهيءَ پرت کان ڪي پرشن پڇيا هئا، تنهن ڀارد واج جي چت ۾ به ڪجهه چنتا ئي ۽ هن به انهيءَ جي مٿائڻ لاءِ ڪي سوال ڪيا. پر تلسي راماڻ ۾ اهڙي ڳالهه ڪانه آئي آهي. تلسي راماڻ هڪ نج ڀڳتي مارگ جو ڪاويه آهي. رشي جاٽي جاٽهار آهن، انهيءَ ڪري تلسي راماڻ ۾ ڀاردواج جي من اندر پرت ۾ شڪ پوڻ جي ڳالهه ڪانه آيل آهي.

تامل ڀاشا ۾ رام ڪٿا جي ڪوتا لکڻ واري ڪنبن نه رڳو هن هنڌ، پر ڪيترن ٻين هنڌ والميڪيءَ وارو رستو ورتو آهي. انهن هنڌن تي سنديس ورنن تلسيءَ جي ورنن کان نيارو آهي. جيتوڻيڪ ڪنبن ڏاڍيءَ ساوڌانيءَ سان والميڪيءَ جي پنيان هلي ٿو، ته به هن پنهنجي ڪلپنا جي آڌار تي هلي راماڻ ۾ ڪيترا سندر ۽ نوان ٽڪر داخل ڪيا آهن. ذرا هيڏانهن هٽ هٽي ۽ ذرا هوڏانهن هٽ هٽي، ڪنبن ڏاڍيءَ ڪشلتا سان ڪيتريون منجهيل ڳالهيون سلجهائي صاف ڪيون آهن. ڪنبن جيڪي ڦيريون گهيريون ڪيون آهن، سي بلڪل ٿوريون آهن. تلسي ته سنتتر نموني هلي ٿو. هڪ مهان ڀڳت جيان جنهن پنهنجو پاڻ پورن ريت ايشور کي ارپڻ ڪري ڀڳوان کي پنهنجي وس ۾ آندو آهي، تنهن جيان تلسي ساريءَ ڪٿا کي نئون روپ ڏئي ڇڏيو آهي.

والميڪيءَ جي پٺ وٺي، ڪنبن ڀاردواج ۽ ڀرت جي وچ ۾ هليل وارتالاپ جو ورنن ڪيو آهي. ڀرت کي ڀارد واج جي ڳالهه بڌي ڏاڍو ڪوپ ٿيو. انهيءَ روش جو ڪنبن تمام سندر نموني ۾ ورنن ڪيو آهي.

ٽر اپراڌ ڀرت جي باري ۾ جيڪي سنديه ڀاردواج جي من ۾ اٿيا هئا، سي اڄ اسان کي شايد يوڳيه ڪين لڳندا. اهڙو سنديه نشاد راج جي دل ۾ ته سڀاوڪ ريت پيدا ٿي ٿي سگهيو. پر هڪ گياني رشي جي من ۾ اچڻ نه گهربو هو. والميڪيءَ

يان جا منتري ۽ اوهان انهيءَ پاسي اُسهڻجو. اوهان هڪ
ِهن لاءِ منهنجا اُتي ٿيندا ته مونکي ڏاڍ و آنند ملندو."
پرت اُتر ۾ چيو، "رشيور! اوهان جو ن شپ پاونائون ۽
ر پريا شبدئي مون لاءِ آنند پريو پوڄن آهن، انهيءَ ڪا ن
ڪ چا گهرجيئون؟
پاردواج سمجهي ويو ته پرت هڪ نرڏن سنياسيءَ جي سر
سڻنا ڪي ڪارائڻ جو بوجو وجهڻ لاءِ تيار ڪونه آهي. انهيءَ
ري ڪجهه مشڪي ڪري چيائين، "منهنجو ڏرم آهي ته
اوهان جي اَڏڪار ۽ سندر لڇڻن ڪي ڏيان ۾ رکي آڳت
ت ۽ سيوا ڪريان. اوهان پنهنجي سڻنا ۽ اَنالو پوئتي ڇو
ي آيا آهيو؟"
پرت اُتر ۾ چيو، "مرجات اها آهي ته ڪوبه پرش رشي
رم ۾ اَنالو ساڻ وٺي نه وڃي. منهنجي پنيان ته وڏو ڪٽڪ
ي. جي اهي سڀ ايندا ته اوهان جي نيم ڏرم ۾ وگهن پوندو."
رشيءَ وراڻيو، "اهڙي ڳالهه ٿي نه ڪريو. سيني ڪي آڳيا
ريو ته هت اچن."
پرت رشيءَ جي اِڇا اَنوسار سيني ڪي اتي اچڻ جي
يا ڏني.
پاردواج يڳ، اَگنيءَ جي اَڳيان وڃي ۽ منترن جو اُچارڻ
ري ٿي وار ڏات ورتي. هن وشوڪرمن، مايا، يم، ورڻ،
يءَ ۽ ٻين سرڳي ديوتائن کي آواهن ڪري ڪين آڳيا ڪئي
ِپرت ۽ سندس انوچرن لاءِ سندر پوڄن جو پربنڌ ڪن.
پوءِ ته هڪ چمتڪار ٿي ويو. اهڙو سندر پرساد تيار ٿي ويو
ڙو پراڻي سمي ۾ وسشٽ وشوامتر لاءِ تيار ڪرايو هو. اهو
ته اوس هو ته هن سمي ۾ اُها پراڻي چِڪتاڻ ۽ جهڳڙو
ٿو ڪونه هو. هرهڪ جي وهڻ لاءِ نيڪ ۽ پورو استان هو.
ڊن جو ليپ، گل ڦل، نانا پرڪار جا پوڄن ۽ پيج موجود
يا ويا. گنڌرون کي گاني بجاني ۽ ناچ ڪيل لاءِ گهرايو ويو.

ڀرت کان پرشن ڪيو: ”اوهان پنهنجا راڄائي ڪم ڪاريون ڇڏي هيڏانهن ڇو پڌاريا آهيو؟ اوهان لاءِ اِهو ضروري نه هو ڇا ته اَيوڌيا ۾ ئي رهيا پيا هجو ها؟ دشرٿ پنهنجي اِستريءَ جي ڳالهه ڌيان ۾ رکي رام کي چوڏهن ورهيه بنواس ڏنو. اِنهيءَ ڪري راڄڪمار پنهنجي ڌرم پتنيءَ ۽ ڀراتا سان نگر ڇڏي آيو. اوهانکي من ۾ اهو ويچار آيو آهي ڇا ته اوهان پورڻ سُتنترتا سان راڄ ڪري سگهو، تنهن ۾ اڃا ڪجهه ڪٽڪو آهي؟ اوهان انهيءَ لاءِ آيا آهيو ڇا ته دشرٿ جيڪا سَت سٽي هٿئي تنهنکي پورڻ ڪري پنهنجي ٻي روڪ ٽوڪ راڄا ٿيڻ جي وڌيڪ پڪ ڪريو؟“

اهي شبد ٻڌنديئي ڀرت روئي ڏنو. سندس آنسون ايترو زور سان وهڻ لڳا جو هو ٻه اکر به ڪٺنائيءَ سان ڳالهائي سگهيو. هن چيو: ”هٿڙيءَ جيون کان ته مرتيو وڌيڪ ڀلو آهي.“

هن وڌيڪ چيو، ”هي مهرشي! اوهان کي منهنجي سچائيءَ ۾ گمان آهي ڇا؟ جيڪي منهنجي ماتا ڪيو آهي، تنهن لاءِ مونکي ڏوهه نه ڏيو. مان هت ته انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته پورو پورو جتن ڪري رام کي پرچائي، موٽي اَيوڌيا ڏانهن وٺي وڃان ۽ کيس سنگهاسن تي وهاريان. منهنجي اِڇا آهي ته مان ساري آيُو سندس نماڻو شيوڪ ٿي رهان. مان هت اوهان کان رام جي نواس استان جي پڇا ڪرڻ آيو آهيان انهيءَ جي لاءِ ته اُتي وڃي مان کيس ميڙ منٿ ڪريان ته ايوڌيا ڏانهن واپس وري. اوهان وري منهنجي سنبنڌ ۾ سنسو رکي ويٺا آهيو!“

ڀاردواج وراڻيو، ”ڀرت مونکي اوهان جي سچي ٻچي سڀاو جي نيڪ ڄاڻ آهي. اوهان رگهوءَ جي اَنش آهيو، مان ته اوهان کان انهيءَ لاءِ پرشن ڪيا ته اوهان جو پريم ۽ ڀڳتي پوري پرڪاش ۾ اچن ۽ اوهان جو پرتاپ ۽ پرتشٺا پڪيءَ ريت چوڏس چوڌار ڦهلجن. ڏک نه ڪريو. راڄڪمار چترڪوٽ جي ٽڪريءَ تي رهيو پيو آهي. اَڄ هتي ئي ٽڪو، سڀاڻي

ڀاردواج ۾ پريم پريل نيڻن سان ڏک ڀريل ديويءَ ڏانهن نهاري ڀرت
چيو، "پنهنجي ماتا جي سنبنڌ ۾ اهڙو ڪٺور تا سان ورڻن نہ ڪر.
ڪي بہ ڪجھ ٿيو آهي، سو سنسار جي ڀلائي لاءِ ٿيو آهي."
والميڪيءَ جي انوسار راڻين جو ڀاردواج سان پرچيہ ڪرايو
. ڪنهن اهو درشيہ انهيءَ هنڌ ڪونہ ڏنو آهي. هن تہ
ن جو گھہ سان ملڻ وقت ورڻن ڪيو آهي. نشاد راج وڏيءَ
ڀگنتيءَ سان راڻين کي پرڻام ڪري ٿو. ڪنهن اها ڦيرگھير
ندي پنهنجي ڪاويہ ڪلا جو وڏيڪ چمتڪار ڏيکاريو آهي.
هن ڪوشليا گھہ جي سنمک ٿي، تڏهن ڀرت چيو، "اڇها
ءِ آهي رام جي ماتا. رام ٿي سندس ڏن هو ۽ منهنجي ڪري
اهو ڏن گنوايو آهي." سمترا جي سنبنڌ ۾ هن وري چيو
يءَ آهي لڪشمڻ جي ماتا. لڪشمڻ مونکان وڏيڪ سچار
آهي. جيڪو آنند لڪشمڻ کي پراپت ٿي رهيو آهي سو
ن جهڙي اڀاڳي جي ڀاڳ ڪٿان ايندو؟" ڪنهن پنهنجي
ايڻ ۾ والميڪيءَ جي گرنٿ جيان ڪيڪئي جي جاڻ ڪرائيندي
ـ ڪٺور شبد ڪم ۾ آڻي ٿو.

ڀرت ۽ سندس سمورو اڻالو اهو رستو وٺي هليا جيڪو ڀاردواج
ن ٻڌايو هو. هنن ڀريائين چترڪوٽ جي ٽڪري ڏٺي. جٿان اڳتي
ڍيا ٿڻ ڪين هڪ دونهين جو ڪڪر نظر آيو. انهيءَ دونهين
ن جاڻ ٿي تہ رام جي رهڻ جو استان ڪهڙو آهي. انهيءَ
سيني خوشيءَ وچان آواز ڪيا. ٻين سيني کي اُتي ٿي
ري ڀرت، سمنتر ۽ وسشٽ سان گڏ اڳتي وڌيو.

اَڌياءُ ٢٧

ڀرت ميلاپ

ت اهڙي ريت ٻين جي ڪيل اپراڌ کي هٽائڻ جو يتن

ڀاردواج جو پوڄڻ - اُنسو رسائن راجائن جي سنهه پوڄ ڪان ٻه گوءِ ڪٽي ويو. اوچتو ئي اوچتو نواس استان، گهوڙا ڳاڏيون ۽ ٻيا واهڻ ۽ نوڪر چاڪر اچي ويا. اتيِن هن پرڪار جي آنند اُنسو ۾ پاڻ ئي پلائي ڇڏيو. ڀرت جي سنا جا سپاهي هن پرڪار جو سک سواد ڏسي آنند ۾ پرجي پڪارڻ لڳا "اسان ٻنڌڪ بن ڏانهن ڪونه ويندا سين، اسان آيوڌيا ڏانهن به ڪونه موٽندا سين، اسان هميشه لاءِ هتي ئي رهندا سين!"

ڪين اهو ته پتو ئي ڪونه هو ته هي رڳو هڪ ڏينهن جو تماشو هو ۽ پراتهه ڪال سڀ ڪجهه الوپ ٿي وڃڻ وارو هو، جڏهن ڳوٺن ۾ رڻن ڪرڻ واري ڪيلاريءَ جو سارو سڄ ڏج ڪيل پوري ٽيڻ تي گم ٿي ويندو آهي ۽ ڏسڻ وارا به ٽڙي پکڙي ويندا آهن.

اتيِن ٻوَ تي ڪاڏو هو، انهيءَ ڪري گهِري ٻنڌ مٿن سوار ٿي ويٺي.

ٻئي ڏينهن پرڀات ويلي ڀاردواج ڀرت کي چيو، "هتان ڪان اَڍائي يوجنن جي پنڌ تي منداڪني ندي وهي رهي آهي، انهيءَ جي ڪناري تي هڪ نرجن بن آهي، انهيءَ جي ڏکڻ دشا تي آهي چترڪوٽ جي ٽڪري. ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي هڪ ڪٽيا آهي. انهيءَ ۾ اوهانجا ڀائر ۽ سيتا رهي پيئي آهي." رشيءَ ڪين وچور سان انهيءَ مارگ جي ڄاڻ ڏني جنهن تي ڪين وڃڻو هو.

ٽيئي راڻيون رشيءَ جي آشيرواد وٺڻ لاءِ سنمک آيون. ڀرت چيو، "هيءَ آهي راڻي ڪوشليا رام جي ماتا، سندس ساڄي پاسي واري، ڪيس آڌار ڏيندڙ آهي لڪشمڻ ۽ شترگهن جي ماتا سمترا. هوءَ دکن سورن جي ستايل آهي ۽ اهڙي پرڪار سڪي ويئي آهي جڻ ڪا آهڙ جي گرم هوا لڳڻ ڪري ول. ۽ هيءَ آهي منهنجي ماتا ڪيڪئي جنهن جي ڪري ئي اسين سڀ دکي ٿيا آهيون." ٽيئي راڻيون آشيرواد وٺڻ لاءِ رشيءَ جي چرڻن ۾ ڪري پيون.

جهڙي سندر ڪانه هوندي. هوڏانهن نهار ته ڪئن رشي
يءَ ۾ سنان ڪري سورج نارائڻ کي اَرگهه ڏين ٿا ۽ سندس
نا ڪن ٿا. وري ڏس ته ڪئن وڻن جي ٽارين مان گلن
پاڻيءَ مٿان ورڪا ٿي رهي آهي. هن طرف اُتاهين جهرڻي
ڄڻڪ موتي ٿا ڪرن. وڏي ڀاڳ وارا آهيون اسين جو نگر
ڀيڙ ڀاڙ کان دور ٿي هت بن ۾ رهيا پيا آهيون. شهر ۾ ته
ون جيان رشي ۽ پوتر آتمائون هن ريت اَشنان ڪندا ته
هونه نظر ايندا. هيءَ نڪري ٿي اسان لاءِ ايوڌيا آهي.
ءُ پکي ۽ پسون اسان جي پرجا آهن. منداڪني اسان لاءِ
جو ندي آهي!

"تون به هت آهين، لڪشمڻ به هت آهي، مان ڏايو پرسن
يان. مونکي پورو سنتوش آهي. جانور بنا ڀپ ڀاءَ جي
ي پي رهيا آهن. اهو درشيه ڪهڙو نه سندر آهي. هت
ين نديءَ ۾ ٽٻيون ٿا هڻون، ڦلن ڦولن جو ڀوڄن ٿا کائون،
۾ گهمون ڦرون ٿا ۽ موج سان پهاڙن تي چڙهون ٿا. اهڙيءَ
ستا ۾ مونکي راڄ ۽ سنا جو ڇو ويچار ڪرڻ گهرجي؟"

اهڙيءَ ريت سيتا ۽ لڪشمڻ جي سنگ ۾ رام هر ريت
کيا ڏينهن ڪاٽي رهيو هو. هڪڙي ڏينهن جڏهين هميشه
بان نڪريءَ جي لاهه تي هو سک سانت ۾ ويٺا هئا تڏهن
ن اوچتوئي آسمان ۾ هڪڙو ڌڌڙ جو بادل ڏٺو. اِئين ڏسڻ
آيو ته اُهو بادل سندن طرف هلي رهيو هو. پوءِ هنن جي
ٺن تي گوڙ جو پڙلاءُ پيو، ڄڻڪ ڪو وڏو ماڻهن جو ميڙ
سندن طرف اچي رهيو هو. رام ڏٺو ته بن جا جانور ڀپ وچان
ڏانهن هوڏانهن ٿي ڀوڙيا. اِئين پئي معلوم ٿيو ته ڪو لشڪر
۾ اچي وارد ٿيو آهي.

رام لڪشمڻ کي چيو ته "هيءُ آواز ٻڌي رهيو آهين؟
تي، جهنگلي ميهون ۽ هرڻ هيڏانهن هوڏانهن ڀوڙي رهيا
هن. اُنهيءَ جو ڪهڙو مطلب هوندو؟ اِئين ته نه آهي ته ڪو

ڪري رهيو هو. هوڏانهن چترڪوٽ جي ڪٽيا ۾ تپسوي سکيو جيون ڪاٽي رهيا هئا. سيتا ۽ لڪشمڻ رام وٽ هئا، ته پوءِ هنکي کهڙي ڪمي هئي؟ هو پهاڙ ۽ بن جي مهان نظارن کي ڏسي گد گد ٿيندو هو. پکين جي مٺين مٺين لاتين ۽ سندن راندن روندين ۾ هنکي ڏاڍي وندر ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري مٺن مائٽن جي وڇوڙي جو دک به ڪانئس وسري ويندو هو.

هو سيتا ڏانهن منهن ڪري چوندو هو "سيتا! ڏس ته هو پکي ڪئن ٿا رانديون ڪن. مٿي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي نهار ۽ ڏس ته هن وڏي چپ ۾ ڪئن نه چمڪندڙ نيليون، پيليون ۽ ڳاڙهيون ليڪون نڪتل آهن. پلا هنن بوٽن ۽ ولين کي ته ڏس ته ڪئن نه منجهن گل ٽڙيا پيا آهن. اسانکي اها ڪل ڪانه هئي ته بن جي جيون ۾ هيترو آنند آهي، انهيءَ ڪري اسان بنواس کان ڏڪياسين پي. مان ته هت بلڪل پرسن چت آهيان. هنن خوشين کان سواءِ مونکي هيءُ به سنتوش آهي ته مان پنهنجي پتا جي پرتگيا پوري ڪري رهيو آهيان. هنن درشين جي ڪري ٻاهريون سک ٿو ملي ۽ ڌرم پالڻ جي ڪري وري اندر جو آنند ۽ سنتوش پراپت ٿو ٿئي. انهيءَ کانسواءِ مونکي وڏي پرسنتا ته اِها آهي ته منهنجو پيارو ڀرت ايوڌيا تي راڄ ڪري رهيو آهي."

رام کي جو پنهنجي من اندر دک ڪونه هو، انهيءَ ڪري هوُ سيتا کي به سکي ڪري سگهندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت هو ٽڪريءَ کان هيٺ لهي منداڪني نديءَ تي وڃي وقت ڪاٽيندا هئا. اتي پهچي رام ڪڏهن ڪڏهن هئن چوندو هو، "هوڏانهن ريتيءَ جا ڍير ٿا ڏسجن، هيڏانهن وري هنس ڪملن جي وچ ۾ رانديون روندليون ٿا ڪن. ڪهڙو نه آنند آهي! سيتا، ندي وري اهڙي پياري ٿي لڳي جهڙي تون پاڻ آهين. جن ٽڙن تي پسون پاڻي پيئڻ ايند آهن، سي وري ڳاڙهين لال مٽيءَ جي ڪري ڏاڍو سهڻا لڳن ٿا. ڪبير جي نگر جي ندي به

ـج ۽ سماپت ٿي ويندا. اوهين ڏسندا ته هن بن جا سڀ
، ۽ پيچرا رت سان رڱجي پوندا. جيئن ڪو پاڙون پٽيل
ڌرتيءَ تي ڪري پوندو آهي تيئن ئي مان ڀرت جو حال
ـندس. اسين سندس سئنا کي ناس ڪري ڇڏينداسين ۽
ـدن لاشن سان بن جي جانورن کي ڍوَ ڪرائينداسين."
لڪشمڻ کي ايترو ڪروڌ هو جو هن پاڻ ۾ وساري ڇڏيو.
ـيءَ ڪري هن اهڙا واڪيا واتون ڪڍيا.
رام هنکي سانت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو:
ـونکي ڄاڻ آهي ته جيڪڏهن تون اهڙو سنڪلپ ڪندين
ـستن ئي لوڪن کي ناس ڪري سگهندين. تون آسانيءَ سان
ـت ۽ سندس سئنا کي ماري سگهندين. پر تون پنهنجو ڪم
ـرع ڪرين تنهن کان اڳي هڪ ڳالهه جو ويچار ڪرڻو آهي.
ـڪڏهين اسان پنهنجي پتا جو وچن ڀنگ ڪري سندس
ـ، کي مٽيءَ ۾ ملايوسين، پنهنجي ڀاءُ کي ڪٺوسين ۽ پنهنجي
ـ، ۾ گلا جو گهانگهو پاتوسين، ته پوءِ جنگ ڪري راڄ هٿ
ـرڻ ۾ اسان کي ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ پنهنجن مائٽن کي مارڻ
ـن آهي جيئن وهه گڏيل کاڌو کائڻ. اسان کي ڌن ۽ راڄ
ـجي لاءِ گهرجي؟ آهي شيون اُنهن جي خاطر ئي هٿ ڪبيون
ـن جن جي سک ۾ اسانجو سک سمايل آهي. ڀڏاءِ، اِئين نه
ـي چا؟
"ڪهڙو اهڙو منش آهي جو اَنياءَ جي رستي راڄ هٿ ڪرڻ
ـهيندو؟ اُنهيءَ راڄ ۾ ڪهڙو آنند ملندو جيڪو پنهنجن پيارن
ـن ونڊي ورهائي نه ماڻجي. مان اُنهيءَ ڌن ۽ راڄ ڏانهن
ـر ڏيندس به ڪونه، جنهن ۾ تون، ڀرت ۽ شترگهن ڀاڱي
ـيوار نه هوندا.
"مونکي خبر آهي ته ڀرت هينئر هن پاسي ڇو اچي رهيو
ـي. ٻڌ ته ڀڏاياءَ. ڀرت کي ڌرم مارگ جي ڄاڻ آهي. هو
ـت اُنهيءَ لاءِ اچي رهيو آهي ته راڄ مونکي اچي سونپي.

راجا ٻن ۾ شڪار کيڏڻ آيو آهي؟ شايد ڪو چيتو يا ڪو ٻيو شوخ جانور ٻن ۾ پنهنجي شڪار ڳولڻ لاءِ آيو آهي. جاچي ڏس ۽ مونکي ٻڌاءِ ته ڇا آهي؟"

لڪشمڻ هڪڙي وڏي وڻ تي چڙهي ويو ۽ چوڌاري نهارڻ لڳو. هن ڏٺو ته اتر جي پاسي کان هڪڙي وڏي سئنا اچي رهي آهي. اِئين ڏسڻ ۾ آيو ته سئنا ۾ هر پرڪار جون پلٽڻيون موجود هيون. رٿ به هئا، هاٿي به هئا، گهوڙا به هئا ۽ پيادا سپاهي به هئا. هن رڙ ڪري رام کي خبردار ڪيو:

"ڀراتا! ڌيان سان ٻڌ. هڪڙي وڏي سئنا پوري ڀڙنگ سان تهيل، جهنڊن ۽ ڌجائن سميت اسان جي طرف اچي رهي آهي. اسان کي ساوڌان ٿيڻ گهرجي. ٻاھ وسائي ڇڏيو ۽ سيتا کي سلامتيءَ جي لاءِ ڪنهن غفا ۾ وٺي هلو. اچو ته پنهنجي زره پائي يڌ لاءِ تياري ڪريون."

رام وراڻيو، "اهڙي تڪڙ نه ڪر. رٿ جي مٿان جيڪو جهنڊو جهولي رهيو آهي، اُنهيءَ ڏانهن وري نهار ۽ مونکي ٻڌاءِ ته ڪهڙو راجا پنهنجي سئنا هن طرف آڻي رهيو آهي."

لڪشمڻ چڱيءَ پر نهاريو ۽ ڪروڌ ۾ ڀرجي چيو، "اي ڀراتا! ڀرت اچي رهيو آهي. راڄ هٿ ڪري هنکي سنتوش نه ٿيو آهي. هُو هٿي به اسان جو پيڇو ڪري رهيو آهي. جهنڊو جيڪو هوا ۾ جهولي رهيو آهي تنهن تي ورکش جو چٽر نڪتل آهي. هُو اسانکي پوري ڪرڻ لاءِ آيو آهي. پر اڄ ڪئڪئي جو پٽ منهنجي هٿان بچي نه نڪرندو. ڀلا ڌرم جي ناس ڪندڙ کي مارڻ ۾ ڪهڙو پاپ آهي؟ سوال ته رڳو اهو آهي ته اسين هن جي اچڻ لاءِ هٿ ترسون يا ساڻس نڪريءَ جي چوٽيءَ تي ئي جنگ جوٽيون؟ هن جيڪو به هاڃو اسانکي پهچايو آهي تنهن جو مان ڪانئس پورو بدلو چڪائي وٺندس. جو منش اسان کي مارڻ لاءِ سنهيري اچي ٿو تنهن کي مارڻ ۾ ڪو به پاپ ڪونه آهي. ڀرت کي ماري ته سندس ماتا جو لوڀ ۽

لڪشمڻ هٿ جوڙي ڏاڍيءَ نمرتا سان رام جي پيرن تي
نو. پوءِ پنهنجن ڪن آدمين کي موڪليو ته هو انهيءَ جاءِ
جاچ ڪري اچن جتان دونهون نڪري رهيو هو. جاچ
ڪندڙ موٽي اچي چيو ته اِهائي جاءِ آهي جنهن لاءِ ڀاردواج
هو. شايد رام پنهنجي بن جي جيون انهيءَ هنڌ ئي ڪاٽي
رهيو آهي.

پوءِ شترگهن، وسشٽ ۽ سمنتر سان گڏجي اڳتي وڌيو.
ُن هو وڌيا تئين ڪين اهڙا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ آيا جن مان اهو انومان
ڪيو ويو ته انهيءَ جاءِ تي ڪا وسندي آهي. اتي نديءَ
سي ويندڙ پيچرو ڏسڻ ۾ آيو. پيچري جي ٻنهي پاسن جي
ڻن تي اچا نشان ڪيا ويا هئا جنهن ڪري منهن اونداهيءَ ۾ به
پيچرو سهي ڪري سگهجي. جلد ئي هو هڪ اهڙيءَ جهوپڙيءَ
ت اچي پهتا، جنهنجي ڇت پنن سان ڍڪيل هئي. ويجهڙوئي
سياري کان بچاءُ ڪرڻ لاءِ ڪاٺين جو ڍيڳ رکيو هو. جهوپڙيءَ
ي اندر ڪلن جا ڍيڳ رکيل هئا. ڀتين تي رکيل هئا مضبوط
ڪمان ۽ گهاٽي تيرن سان ڀريل ترڪش. اتي اهڙيون تراريون
موجود هيون جن مان سوڀ جي جوتي جهاڪون ڏيئي
هي هئي. ٻيا به ڪيئي تمام تيز ۽ تکا هٿيار رکيا هئا. انهن
انو ته وڻن جي ٽارين تي آلا ڇوڏن جا وستر سڪڻ لاءِ ڦهلايل
ئا. پوءِ جڏهن ڀاءُ جي نواس جا هيءُ پڪا نشان ڏٺا تڏهن
سندس دل ٽپا ڏيڻ لڳي. نت نيم تيندڙ ديو يگ جي اگني ڪنڊ
و دونهو ڪٽيا مان ٻاهر نڪري رهيو هو. جنهن اندر ڪٽيا
گهڙيو تئين هن يگ، ويدي ۽ انجي چمڪندڙ جوالا ڏٺي. رام
يديءَ جي پرسان جٽائون ٻڌي ويٺو هو. جيتوڻيڪ رام مرگهه ڇال
وڻن جي ڇوڏن سان ڍڪيل هو ته به هو ڏاڍو شاندار پئي
ڳو. سندس ٻانهن مان ٻل پئي بکيو، ڪشادي هئي سندس
اتي، سندس ڇهري هر پرش جي اندر آدر ۽ پريم جو ڀاو
ڀن تي ڪيو. هو ته ساري سنسار جو سوامي هو. سندس

جيڪڏهن هوُ آيوت يا ۾ هجي ها ۽ دور ديش پنهنجي مامي
وٽ ويل نه هجي ها، ته هوُ هوند ڪئڪئيءَ کي پنهنجي همٿ
تان لاهي ها ۽ پتاجيءَ کي اُنهيءَ دک کان ڇڏائي ها جو ڪيس
هاڻي مليو آهي. مونکي پڪ آهي ته هاڻي هو مون کي نگر
ڏانهن پوئتي وٺي وڃڻ لاءِ ئي اچي رهيو آهي. اِهو تنهنجي
لاءِ واجبي نه آهي ته ڀرت جي باري ۾ تون اهڙا بدگمان من
۾ رکين ۽ هن لاءِ اهڙا ڪنور وچن ڪم ۾ آڻين. ڇا تون راڄ
جي لوڀ ڪري اهڙو شڪي ۽ ڪنور ٿيو آهين؟ ڪولي ٻڌاءِ.
مونکي ته رگهو ڀرت کي چوڻو پوندو ته هو راڄ توکي ڏئي ڇڏي.
مونکي ذرو به سنديهه نه آهي ته هو خوشيءَ سان اِئين ڪندو."

رام ڪلندي ڪلندي هن ريت ڳالهايو. شرم وچان لڪشمڻ
جي منهن جو پنو ئي لهي ويو.

لڪشمڻ چيو، "شايد اسان جو پتا مهراج دشرٿ پاڻ اسان
سان ملڻ ٿو اچي."

رام جون ڳالهيون ٻڌي لڪشمڻ کي پڪ ٿي ته سندس
ڀؤ اجايو هو، اُنهيءَ هوندي به ڪيس اُنهيءَ ڳالهه تي اچرج
ٿي لڳو جو هيڏي ساري سئنا به اچي رهي هئي. وري هن
خيال ڪيو ته دشرٿ ساڻن ملڻ آيو هوندو. لڪشمڻ جي هلت
تي ٽيڪا ڪندي چيو اٿن ته لڪشمڻ جڏهن اِها ڳالهه سمجهي
ته هن ڀرت کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۾ موڪتا جو ڪم ڪيو آهي،
تڏهن هو پنهنجي شرم کي ڍڪائڻ لاءِ ڪي اُبتا سبتا دليل
ڳولهڻ لڳو.

رام لڪشمڻ جي مايوسي مٽائڻ لاءِ چيو، "هائو، اِها ٺيڪ
جهڙي ڳالهه آهي ته جئن تون چئين ٿو تئن ئي هجي. اهو ويچار
ڪري ته بن جي جيون ڪري اسين نهايت دکي هونداسين،
راڄا شايد اسانکي ۽ خاص ڪري سيتا کي واپس وٺڻ لاءِ آيو
هجي. پر اسانکي مهاراجا جي وڏي اچي چٽي ته ڏسڻ ۾ ئي
نٿي اچي. ڪجهه به ڪري هجي، توکي شانت رهڻ گهرجي."

..لٹو آهي. اهوئي نيم آهي. اِهائي پرمپرا آهي. مون سان
..جي اَيوڌيا ڏانهن هلو، سر تي ڇٽ رکو ۽ پنهنجي پريوار
..جا تي مهر جو مينهن وسايو. وڏو راجا، اسانجو پتا پنهنجي
..ن ياترا پوري ڪري، سنسار جا سارا ڪم سماپت ڪري،
.. ڏانهن سڌاريو آهي. اوهانجي بن ڏانهن رواني ٿيڻ ڪانپوءِ
..نهنجي ديش موٽي اچڻ ڪان اڳ اوهان جي وڇوڙي جي
.. ڪان سڻائجي راجا پران ڏنا. ڏک نہ ڪريو. پتاجيءَ جو
..يا ڪرم هلي ڪريو. هو اوهانجو خيال ڪندي پرلوڪ
..يو. اوهانجي هٿان جيڪو ڪريا ڪرم ٿيندو سوئي هنجي
.. ڪي سنتوش ڏيندو." ڀرت پاڻ سنڀالي پنهنجي من ڪي
..ب ڪري هيءُ شبد چيا.

..جڏهن رام ٻڌو تہ سندس پتا جو مرتيو ٿي چڪو آهي،
..ن اِئين ڌرتي تي ڪري پيو جئن ڪو ڪهاڙيءَ سان
..ٻيل وڻ. ڀرت جي واسطي اهو ضروري ڪونہ هو تہ اُهي
..ڀهاڻيون ۽ ٻچاءَ رام جي سامهون دهرائي، جيڪي هن ڪوشليا،
..راج ۽ پاردواج وٽ ڏنا هئا جڏهن رام دک جي ڪري سڪل
.. ۽ ڇٽ ٿيل چهرو پنهنجي سامهون ڏٺا، تڏهن اُنهنُ سمجهاڻين
.. ڪهڙي ضرورت هئي. ڀرت جي رڳو هڪ ئي ڪامنا هئي
..ڪنهن بہ ريت رام کي موٽائي ايوڌيا ڏانهن وٺي وڃان، تنهنڪري
..ڳو اهائي ڳالهہ ڪئي. هن پنهنجي سنبنڌ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ چيو.

..راجڪمار، سيتا ۽ سمنتر سان گڏ جي نديءَ جي ڪناري
..ويو ۽ اُتي وڃي سرڳواسي راجا جي آتما جي سک لاءِ
.. ڏناءِ. پيو بہ ڪريا ڪرم ريت رواج جيان پورو ڪيائون. تنهنڪان
..ڪتيا ڏانهن موٽي آيا. هنن هڪ ٻئي جا هٿ جهلي،
..سان روئي پنهنجي اندر جو دک ٻاهر ڪڍيو.

[ڀرت ۽ رام جي ميلاپ جو ورنن ڪندي والميڪي ڏيکاريو
..ب تہ رام، ڀرت کي راج ڪرڻ جي ڪلا جي سمجهاڻي لاءِ

پرسان سيتا ۽ لڪشمڻ وينا هئا.

ڀرت بار بار اُنهيءَ ڳالهہ جو ويچار تي ڪيو تہ هر هنڌ سندس اَپڪيرتي ٿي رهي هئي. هو سمجهي نٿي سگهيو تہ جڏهن هو رام جي سنمک ٿئي تڏهن ڇا چوي. پر رام کي ڏسنديئي سندس هردي ۾ پريم ڇوليون هڻڻ لڳو. اُنهن ڇولين جي اَندر ڀيا سڀ ويچار ۽ ڀؤ گم ٿي ويا. هو ٽپ ڏيئي انهيءَ هنڌ ويو جت رام ويٺو هو. اُنهيءَ وقت هنجي مک مان رڳو هڪ شبد نڪتو: ”اي ڀراتا.“ اِئين چئي ڀرت سڏڪا ڀريندي رام جي چرنن ۾ ڪري پيو. اُنهيءَ سمي سمنتر ۽ گُهہ بہ اچي پهتا ۽ ساڻس شامل ٿيا.

رام ڏٺو تہ سندس اڳيان ڀرت هٿ ٻڌي ڪميا لاءِ آراڌنا ڪندي ليٽيو پيو آهي. سندس مٿي تي آهن جٽائون ۽ ورتن ۽ ڏک جي ڪري سندس شرير ڪمزور ٿي ويو هو. ٽڪ جي ڪري ۽ اُڌيءَ ڪوسي ۾ گهمڻ ڪري سندس منهن لوسائجي ويو هو. رام هنکي گلي لڳائي ۽ سندس پيشانيءَ تي چمي ڏيئي چيو ”پيارا ڀراتا! تون پتاجيءَ کي ڇڏي هيڏو ڏگهو رستو لتاڙي ٻن ڏانهن ڇو آيو آهين؟ تون ايترو ڳري ڇو ويو آهين؟“

ڀرت سناٽي ۾ اچي ويو. پوءِ رام کانئس اهي دستوري سوال پڇيا جيڪي راجائي گهراڻي جا لوڪ گهڻي وقت کان پوءِ پاڻ ۾ ملڻ وقت هڪ ٻئي کان پڇندا هئا.

ٿوري وقت گذرڻ کانپوءِ ڀرت کي ڪجهہ شڪتي آئي ۽ هن ريت ڳالهايائين: ”ڀراتا! مون کان راڄ جي سنبنڌ ۾ مون کي راجا سمجهي سوال ڇو ٿا پڇو؟ راڄ ۽ منهنجي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ جڏهن سچا پچا راجا تہ توهين وينا آهيو تڏهن مان پاڻ کي راجا ڪري ڪئن سڏيندس ۽ ڪئن ديش تي راڄ ڪندس؟ منهنجو ڌرم آهي تہ مان نمرتا سان اوهانجي شيوا ڪريان. مونکي اوهانجي شيوا ڪرڻ جو وجهہ ڪو نہ مليو آهي. راڄ جو بار وڏي پٽر کي ئي

منڊاڪني ندي ڏني. جڏهن هن ڪين اهو استان ڏيکاريو
، راجڪمار هر روز پنهنجي لاءِ پاڻي ڪڍي ويندا هئا، تڏهن
شليا ۽ سمترا جي دل ڇڄي پيئي ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ
ين. ڪوشليا چيو:

”سمترا، نديءَ جي هن تلاءَ مان ڏهاڙي تنهنجو پٽ،
شمڻ، پاڻي ڪڍي ويندو آهي. لڪشمڻ پنهنجي ڀراتا ڪاتر
ب ۾ گهٽ درجي جو ڪم ڪرڻ لاءِ به تيار رهي ٿو. پنهنجي
ي تي پاڻيءَ جو ڀريل برتڻ رکندي اُنجي بوجهي جي ڪا به
م ڪانهِ ڪندو آهي.“

هن اهو هنڌ به ڏٺو جتي رام ۽ لڪشمڻ پنهنجي پتا جي
جي ترپتيءَ لاءِ پنڊ ترپڻ ڪيو هو. اتي ڌرتي تي ڊڀ
هئا. سندن ڇنهبيون دکڻ دشا ڏي هيون. اُتي ڀرسان ئي
روئلو به پيو هو.

ڪوشليا سمترا کي ڇنبڙي ڪري چيو، ”پيڻ! وڏن ۾ وڏن
اجائن کي به مرتيوءَ ڪان پوءِ هن پرڪار جي ڪاڌي تي
ڙش ڪرڻو پوي ٿو.“

نيمت ڪنيا ۾ پهتيون. اُتي اُنهن ڏٺو ته راجڪمارن جا ڇهرا
، ڪري ڪومائجا پيا آهن ۽ هو هڪ ڏُوئن ۽ ڇپرن واري
با ۾ رهيا پيا آهن. راڻين جو هنياءُ اِهو درشيه ڏسي ڦاٽي
۽ هو پٽ تي ڪري پيون.

جڏهن رام ڪوشليا کي اُٿاريو، تڏهن هن پنهنجي ڦول
ي نرم هٿ سان رام کي ٿڦريو. اُنهيءَ سمي سندس من
ند ۽ دک جون ڀاونائون گڏيون مسيون پيون هيون. پوءِ
سيتا کي ڇاتيءَ لڳائي چيو، ”منهنجي ٻچڙي، راجا جنڪ
پتري، اَيوڌيا راڄ جي وهو! تون بن ۾ هن ڪٽيا ۾ ڪئي
جا ڏينهن ڪاٽيندي آهين؟ اي ڪومائل ڪنول! اي
ءَ سان ڀڪيل سوني مورتي! تنهنجي هن اوستا کي ڏسي
نجو ته هينئڙو ٿو ڇڄي.“


هڪ ٻگهو اُپديش ڏنو. اسانجي مها ڪاوين ۾ گهڻيئي وار راڄنيتي ۽ ڌرم نيتيءَ بابت اهڙا ٻگها اُپديش ملن ٿا. اڄ ڪالهه جي اُپنياسن جا ليکڪ اهڙن اُپديشن کي گهٽ پسند نه ڪندا آهن. هننکي وڻن ٿا، اُتساهه پريو ورنن، ناٽڪي درشن جي وچ واري اٽڪل ۽ اُتڪنٺا، ۽ اُنت ۾ اچرج پيدا ڪندڙ وارتا. اسان جي پراڻي ساهتيه ۾ به اهي سموريون ڪلائون ڀرپور نموني اچن ٿيون. پر ساڻن گڏوگڏ نيتڪ سکيائون به گهڻيءَ سنکيا ۾ اُنهيءَ ۾ سمايل آهن. هت هڪ ڳالهه ٻي به پاٺڪن جي ڌيان تي آڻڻ ضروري آهي. پراڻي سمي جي ٽيڪا ڪارن به سمجهيو هو ته والميڪيءَ جي هن ڪٿا جا شلوڪ هڪ ٻئي ۾ مليل هيٺ مٿي يا اڳي پوءِ ٿي ويا آهن. ڪنهن هن ورنن کي نيڪ نيم ۾ آندو آهي ۽ پڻ اُن کي پنهنجي ڪال جي ساهتيه جي انڪول بڻايو آهي. تلسيداس جي ڪاويه ۾ رام ۽ ڀرت جي ميلاپ جي ڪٿا ساري ڀڳتي رس ۾ ڀر آهي. اُتي ڪنهن به پرڪار جي مونجهاري ٿيڻ جو امڪان ئي ڪونه آهي.]

اَڌياءُ ٢٨

ڀرت رام جو پرتينڌي ٿئي ٿو

جڏهن اها ڳالهه پرسڌ ٿي ته چارئي راجڪمار ۽ ٽيئي راڻيون وري موٽيا آهن، ۽ اهي سڀئي هڪ جاءِ تي گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تڏهن ساريءَ سڀنا ۽ سموري اٽالي خوشيءَ وچان آواز ڪيا. سڀ لوڪ هن سک روپ درشيه جي درشن لاءِ سمنڊر جي ڇولين جيان اڳتي وڌڻ لڳا. هاڻي اُنهن سمجهيو ته رام بڪ ئي پڪ ايوڌيا ڏانهن ورندو. اُنهيءَ ڪري سڀئي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳا.

گورو وسشٽ ٽنهي راڻين کي ڪٽيا ۾ وٺي ويو. رستي تي



THE GITA PRESS. GORAKHPUR.

ڀرت رام جون چاکڙيون ڏنڊوت ڪري سويڪار ڪري ٿو

رام ڏاڍي ڀڳتي ڀاو سان وسشٽ جي پيرن کي هٿ لائي پنهنجي ماتا جي پيرسان ويهي رهيو. اُنهيءَ سمي ائين پئي ڀاسيو ته وسشٽ برهسپتي جو اوتار آهي، جيڪ ديوتائن جو گورو سرڳ لوڪ ڇڏي مرت لوڪ ۾ اچي سهڙيو آهي. ڀرت نمرتا ڀاؤ سان ٻريرو رام جي سامهون ٿي ويٺو. سڀ مهاجن کين چوڌاري ويڙهي ويا. کين اها اُتڪنٺا هئي ته ڏسون ته ڀرت رام کي ڇا ٿو چئي ۽ رام انهيءَ جو کهڙو اُتر ٿو ڏئي.

رام چيو، ”ڀرت! تون پنهنجا راجائي ڪم ڪاريون ڇڏي، مرگهه ڇال اوڍي، جتائون ٻڌي هت ڇو آيو آهين؟“

ڀرت ٻار ٻار ڳالهائڻ جو يتن ڪيو. پر ڦهرين وار هو رڳو هڪ شبد ’پراتا‘، اُچاري سگهيو. پوءِ ڏاڍي ڪوشش ڪري پاڻ سنڀالي چيائين، ”پتاجيءَ اوهانکي بن ڏانهن ته موڪليو، پر هو وڇوڙي جو دک سهي ڪونه سگهيو. انهيءَ ڪري سندس سرڳواس ٿيو. سندس بري ست مان منهنجي ماتا کي رڳو اهو ڦل مليو آهي جو هوءَ پاپڻ ۽ وڌوا ٿي پيئي آهي ۽ هاڻي ڳُٽين ۾ پئجي ويئي آهي. سڀ لوڪ ڪيس ڌڪاري رهيا آهن. هوءَ ائين ٿي سمجهي ته مرت لوڪ ۾ رهندي به هوءَ نرڪ ۾ ٽيهون ڏيئي رهي آهي. رڳو اوهين اسانجو بچاءُ ڪري سگهو ٿا. اوهان جيڪڏهن اُيوڌيا ڏانهن موٽي سنگهاسن تي وهڻ سويڪار ڪندا ته جيڪا به برائي ٿي آهي، انهيءَ کي پاڙون پٽي ڇڏيندا ۽ اسانجي دک جا اُڙڪ سڪائي ڇڏيندا. اوهان کي منت ڪري اِها ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ اسين سڀ هت آيا آهيون. سئنا جا سپاهي ۽ نگرواسي، گورو ۽ منتري، راجڪمار ۽ راڻيون اوهان جي آگيا ٻڌڻ لاءِ آيون آهن. اسانجي وينتي سويڪار ڪريو. انهيءَ ريت ئي اسانجو ڪل ڌرم چالو رهندو. جڏهن سڄو ڀڄو اُڌڪاري راجا ڪونه ٿيندو آهي، تڏهن ديش هڪ ٻئي وس ۽ اُداس وڌوا جيان ٿي پوندو آهي. اوهانکي اوس موٽي هلي ديش کي سکي ۽ ڀختو

ڻ گهر جي. جيئن چوڏس جو چنڊ اُپرندي اوندهه کي
ئا ئيندو آهي، تئين اوهان به ڪريو. سڀ منتري ۽ آءٌ اوهان
ي چرنن تي ڪري اوهان کي پرارٿنا ڪريون ٿا. ڪرپا ڪري
انجي وينتيءَ کي موٽايو نه."

ائين چئي هي مهان راجڪمار ڀرت رام جي پيرن کي
هٽي پيو.

رام ڀرت کي ڌرتيءَ تان اُٿاري، ڇاتيءَ لڳائي، چيو:

"ڀترا! اسين هڪ اُتم ڪل ۾ اُتپن ٿياسين. اسانکي سندر
نگ سان پاليو ويو هو. نڪي تو مان، نڪي مون مان ڪو
ڪرم سري ايندو. اي نر اُپراڌ ڀراتا! مونکي ته تو ۾
هو دوش ڏسڻ ۾ نٿو اچي. دکي نه ٿيءُ ۽ پنهنجي ماتا جي
سپند ۾ ڪنور وچن نه ڪڍ. ائين واجب ڪونه آهي ته اسين
س ڏوهه ڏيون. اسانجي پتا کي اَڌڪار هو ته اسانکي آگيا
ري ته هيئن ڪي، هونءَ ڪريون. جيڪڏهن راج تلڪ
آگيا ڏيڻ جو کيس اَڌڪار هو، ته بن ڏانهن موڪلڻ جو به
س اَڌڪار هو. اسان جو ڌرم آهي ته اسان پنهنجي پتا ۽
ا جو مان رکون. مونکي ڪهڙو اَڌڪار هو جو مان سندن
ا جي ورڌ وچان ها يا ساڻن سوال جواب ڪريان ها؟
هنجي پتا جي آگيا هئي ته مان بن ۾ وڃي رهان. مان اِها
يا ڪئن ڀنگ ڪريان ها؟

"هن توکي راج ڏنو ۽ مونکي بن ۾ رهڻ جي آگيا ڏني.
کي هرڪو اَڌڪار هو ته نرنئن ڪري ته اسان پنهنجو جيون
ئن ڪاٽيون. اسانکي ڪهڙو اَڌڪار آهي جو سندس رٿا
بدليون يا رد ڪريون؟ اوهان جو ڌرم آهي ته ديش تي
ڪريو. انهيءَ ۾ ڪو به دوش ڪونه آهي. مان وري پنهنجي
جي انتم اِڇا اَنوسار چوڏهن ورهيه ڊنڊڪ بن ۾ ڪاٽي پنهنجو
م پاليندس. جيڪڏهن مان پتا جي اِڇا پوري ڪرڻ ۾

جو پتلو هو. اهي تت پنهنجي پنهنجي روپ ۾ لين ٿي
- تون ائين تو ڳالهائين ڄڻڪ سڀ ڳوالسي ۽ تنهنجي وچ ۾
سنبنڌ هليو تو اچي. هيءُ تہ رڳو ڀرم آهي. مورکن جيان
ڌرم جي دهائي ڇو ٿو ڏين؟ جنهن سک ماڻڻ لاءِ تنهنجو
تيو هو، سوچو تو پنهنجي هٿان گنوائين؟ جنهن کا استري
نجا وار کولي رئندي آهي، تنهن ايوڌيا نگري تنهنجي
لاءِ سوز ۽ سک ڀرين اکين سان نهاري رهي آهي. واپس
راجائي مکت ماڻڻ سويڪار ڪر. سنسار جا سک ڀوڳ،
جي ڳالهہ ٻڌ. اهوئي تنهنجو سچو پڇو ڌرم آهي. انهيءَ
پالڻ کان نہ گس."

هيءُ اُپديش ٻڌي رام کي ڪروڌ اچي ويو. هن ڏاڍي
ائي سان چيو: "ساءِ! ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اوهان جي
شٽيءَ ۾ سچ ۽ سرلتا جو ڪوبہ ملهہ ڪونہ آهي. اوهان جو
پرڪار جو پرڪرتي واد منهنجي اندر ۾ ڌڪار اُتپن ڪري
مان سمجهي نٿو سگهان تہ توهان جهڙي ناستڪ کي راج دربار
ڪئن رکيو ويو آهي."

جابالي پوءِ سيگهہ ۾ سمجهائي ڏيڻ لڳو. ڇي "مان ناستڪ
نہ آهيان. ساري آيوُ مون شاستر ئي پڙهايا آهن منهنجي
لچا آهي تہ اُوهان ايوڌيا ڏانهن موٽي هلو، انهيءَ ڪري ئي
هن ريت ڳالهايو." وسشٽ بہ جابالي جو بچاءُ ڏنو.
ءَ ڪري هيءُ اياڳو واد وواد سماپت ٿيو.

پوءِ وسشٽ رام جي واپس ورڻ لاءِ هن ريت وارتا ڪئي:
"سيني ڳالهين جو سوچ ويچار ڪري منهنجو رايو آهي تہ تون
ڌيا ڏانهن موٽي هلي راج سنگهاسن تي ويهہ. اَلبت اسانکي
نجي پتا جي آگيا جو بہ ويچار ڪرڻو آهي ۽ انهيءَ کي هن
سان نهڪائڻو آهي. تو ٻنان ڇون ڇان ڪرڻ جي
ڪدم ۾ پتا جي آگيا پالي آهي. پر هاڻي تہ اوستائون بدلجي
آهن. پرت لاچار ٿي، اپجس کان بچڻ لاءِ تنهنجي شرڻ

گسندس ته پوءِ مونکي ساري سنسار تي راڄ ڪندي به سک ۽ سنتوش پراپت ڪونه ٿيندو.“

ڀرت وري وري رام کي ليلايو ۽ منٿون ڪيون. رام سمجهيو ته ڀرت کي انهيءَ ڳالهه جو ڏک ٿي رهيو آهي جو سندس ڪارڻ مون سان اَنياءُ ٿيو آهي. رام اِها ڳالهه به سهي ڪئي ته ڀرت انهيءَ ڪلنڪ کي ميسارڻ ٿو چاهي.

رام چيو، ”ڀراتا، پاڻکي ڏوهه نه ڏي. ائين نه سمجهه ته هيءُ ڳالهيون ڪو تنهنجي ڪري ٿيون آهن. هر ڳالهه ورڌاتا جي هٿ ۾ آهي. ڳڻتي ڪرڻ ڇڏي ڏي. اَيوڌيا ڏانهن موٽي وڃي راڄ ڪر. اسان ٻنهي کي گهرجي ته جيڪو جيڪو ڪاريه اسانجي پياري پوڄ پتا اسانکي سونپيو آهي، انهيءَ جي اسين پوئواري ڪريون.“

لوڪ هيءُ سارو وارتالاپ ٻڌي رهيا هئا. رام جو دريڍ سنڪلپ ڏسي ڪين جيتري ٿي خوشي ٿي، اوترو ئي ڪين رنج ٿي ٿيو. ڀرت جي پريم ۽ پوترتائيءَ کي ڏسي سندن چت ۾ آنند ۽ اَيمان اَڇلون مارڻ لڳو.

رام ڀرت کي سمجهايو ته هن جو سنڪلپ بدلجڻ جو ڪونه آهي. هن چيو: ”مان ڪنهن به اَوستا ۾ پتا جو وچن ڀنگ ڪونه ڪندس. منهنجي خوشي انهيءَ ۾ آهي ته تون مونکي پرڻائڻ لاءِ زور نه ڀرين. توکي راڄ ڪرڻ ۾ شترگهن سهايتا ڏيندو ۽ مونکي ٻن جي جيون ڪاٽڻ ۾ لڪشمڻ سهايتا ڪندو. لڪشمڻ مون وٽ آهي ته مونکي ڪنهن به وستوءَ جي ڪمي ڪانه آهي. اسان چئني ڀائرن کي جڳائي ته پتا جي آگيا تي هلون.“

جيڪي پروهت آيا هئا تن مان هڪڙو هو ودوان جابالي. هن ڳالهه کي ڪاٽي رام جي لاڀ لاءِ سنساري سياڻپ تي هڪ وياکيان ڏيئي وڌو. هن چيو: ”رام! تون بار بار پنهنجي پتا جي آگيا جي وارتا ڪري رهيو آهين. دشرٿ پنهن

ڪرڻ لاءِ مونکي هت ٻن ۾ رام جي بدران رهڻ ڏيو.
ڪي وري چئو ته هو منهنجي جاءِ وٺي، وڃي ايوڌيا تي
ڪري.“

رام کلي ڏنو ۽ هئن چيو، ”هيءُ بدل سدل جو نيم هت
ڪونه سگهندو. هي ڪو ڏنڊو واپار، مٽا سٽا يا نيڪو نڙو
نه آهي. اِئين برابر آهي ته ڪڏهن هڪڙو آدمي
تي رکيل ڪم ڪندو آهي، سو تڏهن جڏهن پهريون ڪرتا
جن ڪمن پوري ڪرڻ ۾ اسمرٿ هوندو آهي. پر اها ڳالهه
اوسر سان ته لاڳو ئي ڪونه ٿي ٿئي. ڪو اِئين چئي سگهندو
ته ڀرت بنواس جو جيون ڪاٽي سگهندو، پر مان ڪونه
ني سگهندس؟“

پوءِ ودوان وسشٽ هن ڪٺنائيءَ سلجهائڻ جو هڪ رستو
هي ڪڍيو. هت سچائيءَ جو سچائيءَ سان مقابلو هو. سوال
هو ته ٻن ڌرم انوسار وهنوارن مان ڪهڙو وڌيڪ اُتم هوءِ
نهن ۾ وڌيڪ مريادا هئي. هن چيو، ”اي ڀرت، رام جي
ا وٺي ۽ سندس پرتيندي ٿي هلي راڄ جي سنڀال ڪر.
ن ڪرڻ سان توتي ڪوبه ڪلنڪ ڪونه ايندو ۽ وچن به ڀنگ
ونه ٿيندو.“

رام ڀرت کي پنهنجي هنج ۾ ليٽائي چيو، ”ڀراتا، هن راڄ
منهنجو ڏنل پرساد ڪري ليک. اهو پرساد سويڪار
ري پتا جي اِڇا انوسار وڃي راڄ ڪماءِ.“

اُنهيءَ گهڙيءَ رام ۽ ڀرت جا منهن ٻن سورجن جيان چمڪڻ
ڀهڪڻ لڳا.

ڀرت چيو، ”ڀراتا! اوهان ئي منهنجا پتا آهيو، اوهان ئي
هنجا ڀڳوان آهيو. منهنجو اِهو ڌرم آهي ته اوهانجي نمدي
نديءَ اِڇا جي انوسار مان هلان. مونکي پنهنجون چاکڙيون
و. جيسين اوهان ايوڌيا ڏانهن موٽي ايندا، تيسين اهي چاکڙيون
هان جي نشانيءَ طور سنگهاسن تي براجمان رهنديون. مان

۾ آيو آهي. تون هن کي ڪئن هڪالي ڪيندين ۽ ڪئن سندس
ڳالهه کي ريتيندين؟ اسان سڀني کي اِها ڪل آهي ته ڀرت
توکي ساهه جهڙو پيارو آهي. توکان جيڪي سهايتا گهرندا آهن
تنکي تون ڪڏهن به انڪار ڪونه ڪندو آهين. هاڻي تون
ڀرت کي سهايتا ڏيڻ کان ڪئن منهن موڙيندين؟ ڇا اهو تنهنجي
جيون جو سدانت نه آهي ته جيڪي تنهنجي شرڻ ۾ اچن تن
جي منو ڪامنا پوري ڪرين؟"

هيءُ اُپديش ٻڌي ڪري به رام پنهنجي سنڪلپ کي ڇڏڻ
لاءِ تيار ڪونه ٿيو. پوءِ ڀرت سمنتر ڏانهن منهن ورائي چيو:
"منهنجي پراتا کي مون تي ڪا ڪهل ڪانه ٿي اچي. ڪرپا
ڪري هت دڀن جو بسترو ناهه. مان پراڻ تياڳ ــ ورت رکندس."

سمنتر هبڪندي رام ڏانهن نهاريو. پوءِ ڀرت پاڻ وڃي
گاهه ڪٽي آيو ۽ انهيءَ کي وڇائي اُنتي ويهي رهيو.

رام درڍ سر ۾ چيو: "اي پٽر، هئن ڪرڻ نيڪ ڪونه
آهي. اُٿ. اَيوڌيا ڏانهن وڃي پنهنجو ڌرم پال. ڪترين جي
ڌرم جو ڀنگ نه ڪر."

ڀرت اُٿي بيٺو ۽ هن پنهنجو اُنتم وسيلو ڪم ۾ آڻڻ جو يتن
ڪيو. هن انهن نگرواسين کي جيڪي ساڻس گڏ آيا هئا، تن
کي هن ريت اُپارڻ جو يتن ڪيو. چياءِ: "او، اَيوڌيا نواسي!
اوهين اِئين چپن کي چونو لائي ڇو ويٺا آهيو؟ ڇا اوهان نٿا
چاهيو ته رام موٽي هلي؟ پوءِ چپ ڇو ڪئي اٿو؟"

لوڪن وراڻيو: "رام ست جي مارگ کي ڪونه ڇڏيندو.
هو پتا جو پرڻ پورو ڪندو. هو اَيوڌيا ڏانهن ڪونه موٽندو.
پوءِ مٿس زور ڀرڻ مان ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟"

رام چيو: "پراتا، هنن جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ. هو اسان
ٻنهي جو ڀلو چاهين ٿا. سندن هردن ۾ ڌرم جو واسو آهي."

اتي ڀرت چيو: "مان اهڙوئي نراپراڌ آهيان، جهڙو رام.
مان سندس جاءِ ڀرڻ جي يوڳيه آهيان. پتا جي وچن جي

كندس. اُنهيءَ جو ئي پربنڌ كريو.”
اِئين كيو ويو. هن گنڀيرتا پوروڪ سڀا سدن اڳيان هيءَ
شٽا كئي: ”هيءُ راڄ رام جو آهي. ٿورو وقت هن مونكي
ڏني آهي ته مان اُهو راڄ سنڀاليان. مان پنهنجي ڀراتا جي
ان سندس چاکڙين کي سنگهاسن تي استاپن كيو آهي.
ن كان اڏ كار هٿ كري، مان راجا طور كم كار پورو
سدو رهندس.”

اهڙيءَ ريت ڀرت نند يگرام ۾ وڃي ٽكيو ۽ جيسين رام
كان موٽي اچي تيسين منترين جي سهكار سان راڄ كاروبار
پنهنجو ڌرمي كرتويه سمجهي سنڀاليندو رهيو. شاسترن
ـ لكيل آهي ته منش كي نسوارٿ ٿي سنسار جي شيوا كرڻ
جي. كيس ڦل جي كامنا كرڻ نه گهرجي. كيس ڦل ايشور
رڻ كري ڇڏڻ گهرجي. رام چوڏهن ورهيه ساڌ ه بن ۾
سيا كئي. سارو وقت ڀرت به اَيوڌيا جي ويجهو نند يگرام
تپ كندو رهيو.

اڌياءُ ۲۹

وراڌ جو انت

ترڪوٽ كان ٿوري ئي پنڌ تي راكشسن جي هك ٻاهرين
نكي هئي. اُن جو نالو هو جن سٿان. اُها كر نالي پرسد
تي جي سنڀال هيٺ هئي. اُهو ڀوڏو راوڻ جو ڀاءُ هو.
ن خون خوار راكشس ٻاهر نكري بن ۾ گهمندا رهندا هئا ۽
شين كي سندن ٽڙيلن پكڙيلن آشرمن ۾ ستائيندا رهندا هئا.
سن جي كري ملك مان اَمن آمان ئي گم ٿي ويو هو. جيتوڻيك
رشين كي گهڻوئي سمجهايو ته به چترڪوٽ جي ڀر وارا آشرم
ڏي ڀڄي پاسي هليا ويا.

وري چوڏهن ورهيه ساندهه نگر کان ٻاهر رهندس ۽ اوهان جي پاران اوهانجي چاکڙين جو آدرسٽڪار ڪندي، راڄ جو ڪاروبار هلائيندو رهندس. چوڏهن ورهين کان پوءِ اوهين موٽي ايندا ۽ اچي راجائيءَ جو بار پنهنجي سر تي کڻندا!"

رام وراڻيو، "نيڪ! ائين ئي ٺيڪ گهرجي." رام چاکڙين تي پير رکي، اُهي ڀرت جي هٿ ۾ ڏنيون. هن وري ڏنڊوت ڪري اُهي سويڪار ڪيون ۽ پنهنجي مٿي تي رکيون.

ڀرت ۽ سندس اٿالو آيوڌيا ڏانهن موٽڻ لڳو. رستي تي هو مني ڀردواج سان مليا ۽ کيس سمورو سماچار ڏنائون. هن ڀرت کي هن ريت آسيس ڪئي: "تنهنجو ڌرم پريم سدائين ياد رهندو. تون نيڪ ٻه سوريه ونش جو راجڪمار آهين. جيئن پاڻي مٿاهين کان هيٺ لهندو آهي، تيئن ئي تنهنجي ڪل جا گڻ تو وٽ آيا آهن. سچ پچ ته تنهنجو پتا دشرٿ ڀاڳوان آهي. هو مئو ڪونه آهي. هو اَمر آهي. هو تنهنجي جيون دواران جي رهيو آهي."

هو پوءِ نشادراج سان مليا ۽ گنگا پار ڪري اچي آيوڌيا ۾ پهتا. ڀرت ۽ سندس پوئلڳ، نگر ۾ گهڙيا. دشرٿ مري ويو هو ۽ رام بنواس ۾ هو، اُنهيءَ ڪري ڀرت جي اکين کي نگر ويران ٿي لڳو. اُتي ڪرشن پکش جي اونده پئي ڏسڻ ۾ آئي. جڏهن هو ڪيڪئيءَ ديش مان تڙ تڪڙ ڪري موٽي آيوڌيا آيو هو، تڏهن هن جو شرير ٿڪ ڪري ٽٽل هو. سندس من ۾ اڻڄاتل ڀؤ ۽ سنسو هو. اڄ جڏهن موٽيو تڏهن کيس پوري ڄاڻ هئي ته ڪهڙي آپدا ديش تي آيل آهي. هن پراڻين ڳالهين جو سمرڻ ڪيو ۽ ورتمان جو ويچار ڪندو دک ۾ ٻڏجي ويو. هو محل ڏانهن ويو ۽ راڻين کي سندن خالي ڪمرن ۾ ڀيڄايائين. پوءِ هو سڀا ڀون ڏانهن ويو. اُتي وڃي چيائين، "مونکي ڏاڍو ڏک آهي. پر مان اهو چپ ڪري سهندس. جئن مان رام کي وچن ڏنو آهي، مان نندیگرام ۾ رهي پنهنجا ڪرتويه

سگري، ڇوڏن جا وستر ۽ مرگهه شالائون اُس ۾ سُڪي رهيون
تن. هنن انومان لڳايو ته اتي سنتن جي ڪا وڏي بيٺڪ آهي.
اهو آستان ڏسڻ ۾ ڏاڍو رمڻيڪ هو. چاڪاڻ جو اُتيجي
واسين جو پکين پسن سان پريم جو ورتاءُ هو، تنهن ڪري
بنا ڀپ ڀاءَ جي هيڏانهن هوڏانهن ٿي گهميا ڦريا. وڻن
ڪل ميوا لٽڪيا پيا هئا. ويد منترن جي مٺي ڌني به اُتي
ط ۾ ٿي آئي.

جڏهن هو آستان جي ويجهو پهتا تڏهن هنن رشين جا ٻهڪندڙ
را ڏٺا. رشين رام جو آءُ آدر ڪيو. ڪيس چيائون، "راجن!
اسانجو رکيڪ آهين. اسين نگر ۾ هجون يا بن ۾ پنهنجو
و ويتيت ڪندا هجون، توهان ئي اسان جا راجا آهيو." نون
ين ڪي جيڪي ڪجهه گهربو هو، سو سڀ آڻي ڏنائون.
آرام ڪرڻ لاءِ جاءِ به ڏنائون.

ٻئي ڏينهن پرڀات جي ويلي ٽنهي رشين کان آگيا وٺي
۾ اڳتي هلڻ شروع ڪيو. هيءُ بن جو هنڌ بين هنڌن کان
يڪ گهاٽو ۽ ڀوڙهو هو. هت چيتا ۽ ٻيا جهنگلي جانور به
. هو ڏاڍو ڌيري ۽ سنڀالي اڳتي وڌيا.

اوچتو ئي اوچتو هڪ راڪسي جيو، جو پهاڙ جي پڳل ٽڪر
ن ڪروُپ هو، رت سڪائيندڙ آواز ڪندو اچي مٿن ڪڙڪيو.
راڪشس منش جو ماس کائيندو هو ۽ آڪاش جي گجگوڙ
ن آواز ڪندو هو. هوُ بلڪل ڪروپ هو ۽ سندس شرير
جيڪا چيتي جي کل هئي تنهن تي رت جا ڌبا ۽ ماريلن
جي ماس جا ٽڪرا لڳا پيا هئا. سندس هٿ ۾ هڪ
هو ڀالو هو، جنهن کي هن ڦيرائي لوڪن کي ڏڪايو ٿي.
۽ ڀالي تي تازو ماريلن ٽن شينهن جون لوٿون ۽ هاٿيءَ جو
هڪ قطار ۾ اٽڪيا پيا هئا.

راڪشس پنهنجو هٿيار اوچو ڪري ٽپ ڏيئي اڳتي وڌي
ڪي ڪري مٿي کنيو. سيتا کي جهلي هن رڙ ڪري چيو،

ڀرت جي وڃڻ کانپوءِ رام چترڪوٽ ۾ ايترو خوش ڪونہ هو، جيترو هو اڳ، هوندو هو. ڪيس هر هر پنهنجي ڀراتا جي ڳوڙهن ڀرين اکين ۽ مايوس تيل منهن جي يادگيري اچي ٿي پيئي. وري سندس وڏوا ماتا جو غم جي ڪري ڏٻل شرير بہ ڪانئس نٿي وسريو. رشي بہ هليا ويا، اُهو سنگ ۽ وندر بہ ختم ٿي ويئي هئي. اُنهيءَ ڪري سندس اڪيلي اڏيل ڪٽيا ۾ ڏکن ڏاکڙن جون ايتريون گهڻيون يادگيريون اچي هن جي سامهون ٿي ٿيون، جو هن ارادو ڪيو تہ هيءُ آستان ڇڏي ڏنڊڪ بن جي ڪنهن ٻئي ڀاڱي ۾ وڃي رهجي.

اُنهيءَ ڪري هو چترڪوٽ ڇڏي اتريءَ رشيءَ جي آشرم ڏانهن هليا. رشيءَ کي اُنهيءَ پرديش جي سموري ڄاڻ هئي، اُنهيءَ ڪري هن سان صلاح ڪرڻي هون تہ آئينده ڪٿي ٽڪاڻو ڪن. رشيءَ گهڻي پريم سان سندن آجيان ڪئي. رشي پتنيءَ سنتياڻي اَنسويا جي من کي ستيءَ سيتا موهي وڌو. اَنسويا جي ويچار ۾ سيتا هڪ آدرش پتني هئي. منجهس پتي ورتا پتنيءَ جا سمورا گڻ سمايل هئا. اُنهيءَ ڪري رشي پتنيءَ هنکي آشيرواد ڏني ۽ ڪيس سندر وستر ۽ هار سينگار جو سامان جيڪو نئين نبتين سندرين جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندو آهي، سو ڀيٽ ڪيو.

اَنسويا هڪ پوتر اِستري جي مورتي هئي. سندس سوکڙين سيتا جي سوڀيا ۽ اَندر جي شڪتيءَ کي وڌيڪ چمڪايو. سوکڙيون وٺي ڪري سيتا آکيو: "منهنجي پتيءَ، اَيوڌيا جي راجڪمار جو مون سان ايترو پريم آهي جهڙو ماتا پتا جو پريم پنهنجي ٻالڪ سان. سچ پچ تہ مان ڀاڳوان آهيان."

پوءِ رستي بابت پڇا ڳاڇا ڪري هنن پنهنجي ياترا وري آرنڀ ڪئي. ڏنڊڪ بن جي وشال بن ۾ گهمندي رام، سيتا ۽ لڪشمڻ اچي اُتي نڪتا، جتي گهڻيئي رشي رهندا هئا. جنن هو اُنهيءَ آستان جي ويجهو آيا تنن هنن ڏٺو تہ ڀڳ،

ير آهيو؟" هاٿي راﺭ جو من سامت ۾ آيو. سندس چهرو
هس جي ڪري چمڪڻ لڳو. هن ڏيرج سان چيو: "اسين
شواڪو ڪل جا راجڪمار آهيون. اسين بن ۾ رهڻ لاءِ آيا
ون. مهرباني ڪري ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟"
راڪشس وراڻيو: "سو اوهان دشرت جا پٽ آهيو نه؟
نجي پتا جو نالو جڳ آهي. راڪشس لوڪ مون کي وراڌ
ي سڏيندا آهن. اي جامڙن جهڙا هٿيار ٻڌل ڪتري! اوهانجا
، بيهودا يا باراٽا هٿيار مون کي ڇا ڪري سگهندا؟ مون
سما ڪان ور ورتو آهي ته شتر اَستر مون کي ڪا به هاڃي رسائي
سگهندا. جيڪڏهن اوهين پاڻ بچائڻ چاهيو ٿا ته هن ڇوڪريءَ
هت ڇڏي پاڻ بچايو."
ڪروڌ وچان رام جون اکيون ڳاڙهيون لال ٿي پيون. هن
: "وقت آيو آهي، جڏهن توکي يم لوڪ ڏانهن وڃڻ گهرجي."
ن چئي هن پنهنجو ڌنش موڙيو ۽ راڪشس تي هڪ تکو ٻاڻ
يو. ٻاڻ راڪشس جي شرير ۾ اندر وڃي، رت سان رڱجي،
ي ٻاهر نڪري آيو. آگ جيان چمڪندي اهو وڃي پرتي
ريو. راڪشس مٿوئي ڪونه. پر سندس شرير ۾ اينري
ت پيڙا ٿي جو هن سيتا کي ڪري پٽ تي رکيو. پوءِ
نجو ڀالو مٿي کڻي ۽ پنهنجو وات ڦاڙي رام ۽ لڪشمڻ جي
ف ڊڪندو آيو. راجڪمارن مٿس تيرن جو وسڪارو ڪيو.
اينري اَنداز ۾ سندس شرير ۾ کپي پيا جو هو هڪ وڏي
پشت جيان پي ڏسڻ ۾ آيو. پر راڪشس کلي ڪري
نجي ننگن ٻانهن کي ڌوڻڌاريو ۽ سڀ تير ڌرتيءَ تي ڪري
. هن وري ٻاڻ کي سڌو ڪيو ۽ پنهنجو ڀالو مٿي کنيو.
۽ لڪشمڻ ٻن تيرن سان ڀالي کي ڀڃي وڌو ۽ ترارين هٿ
کڻي ڪري هنجي پنيان پيا. پر راڪشس ٻنهي ڀائرن کي
نجي ڪلهن تي وهاري ٻن ۾ اندر هليو ويو. سيتا ڏنو ته
ٻيلي جي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويا. پوءِ هوءَ زور سان روئڻ لڳي.

”اي جانورا! توهان ڪير آهيو؟ توهان کي هن ٻيلي ۾ اچڻ جي ڪئن همت ٿي آهي. اوهان ڏسڻ ۾ ته نندا ٿا اچو، پر توهانجي مٿي تي جٽائون ۽ تن تي ڇوڏن جا وستر آهن. اوهان پاڻکي لڪائڻ لاءِ تپسين جو روپ ڌارڻ ڪيو آهي. اُنهيءَ هوندي به اوهان وٽ ڌنش ۽ باڻ موجود آهن. وري هن اِستريءَ کي ساڻ وٺي هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا آهيو. اوهان کي پنهنجي هلت تي لڄ شرم ڪونه ٿو اچي؟ اي ٻونگي! اوهان هن پرڪار جو وهنوار ڪري رشين جي نالي کي ڪلنڪ لڳائي رهيا آهيو. ياد رکو ته مان روزانو رشين جي مانس تي گذارو ڪندو آهيان. مان هن سندريءَ کي پنهنجي اِستري بڻائيندس. سمجهو ٿا نه؟ اي شيطانو! مان اجهو ٿو اوهانجو رت پيئان.“

هو سيتا کي سوگهو جهلي بيٺو هو. سيتا اُنهيءَ وقت ڪنبڻ لڳي. رام هاڻ پنهنجو هميشه وارو ڌيرج وڃائي ويٺو. هن لڪشمڻ کي چيو: ”پيارا ڀا! هيءُ ڳالهيون بلڪل سهڻ کان ٻاهر آهن. جڏهن ڪيڪئي اسانکي بن ڏانهن موڪلڻ جو ارادو ڪيو هوندو تڏهن ڪيس هيءُ سموريون ڳالهيون ضرور معلوم هونديون.“

رام منجهي پيو. ڪيس خبر ئي نه ٿي پيئي ته ڪئن راڪشس جو مقابلو ڪري. پر لڪشمڻ ڪروڌ ۾ ڀريل سپ جيان ڦوڪون ڏيندي چيو: ”رام، اوهان کي ته اِندر جيترو ٻل آهي. جڏهن مان اوهانجي پرسان بيٺو آهيان تڏهن اوهان کي هن ريت مايوسيءَ جا لفظ زبان تي آڻڻ نه گهرجن. ڏسو ته منهنجو ڌنش ۽ باڻ ڇا نه ٿو ڪري ڏيکاري. جلد ئي ڌرتي ماتا هن راڪشس جو رت پيئندي. ايوڌيا ۾ منهنجي ڪروڌ کي نيڪال جو رستو ڪونه ملي سگهيو. هاڻي مان اهو ڪروڌ راڪشس تي ڇنڊيندس ۽ هنکي اِئين ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندس جئن پراچين ڪال ۾ اِندر اُڏامندڙن پهاڙن کي ڪيو هو. مان هن جيو تي حملو ڪندس ۽ ڪيس اُري وجهندس.“

راوڻ وري رڙ ڪئي چيو ”مون کي يڪدم ٻڌايو ته اوهين

جي اچڻ جي ڄاڻ تي تڏهن پنهنجو پاشڻ تڪڙ ۾ پورو
ب اُتان هليو ويو. پوءِ رام پنهنجي ڀراتا ۽ ڌرمپتنيءَ سهت
ءَ جي ويجهو اچي کيس نمسڪار ڪيو.

بڍڙي سنياسيءَ رام کي چيو: ”مان اوهان جي لاءِ ترسيو
آهيان. هن شرير کي تياڳڻ جو سمو اچي پهتو آهي. منهنجي
هئي ته موت کان اڳ اوهان جو درشن ڪريان. اُنهيءَ
ي مان اِنتظاريءَ ۾ ويٺو آهيان. منهنجي ڪامنا پوري
مان پنهنجي تپسيا جو سمورو ڦل اوهان کي ڏيان ٿو.“

رام وراڻيو: ”منهنجا سائين، ڇا مونکي پنهنجي سر تپ ڪري
ي پراپت ڪرڻ نه گهرجي؟ جيڪي ڪجهه اوهان ڪمائي
ي هٿ ڪيو آهي، اهو مان ڪئن وٺندس؟ مان بن ۾
لاءِ هر پدارٿ جو تياڳ ڪري آيو آهيان. ڪرپا ڪري
ته ڪهڙي هنڌ مونکي رهڻ لاءِ سٺي ۾ سٺو آستان ملندو؟
واد ڏيئي مونکي اُنهيءَ طرف موڪليو.“

رشيءَ کي رام جي اَوتار وٺڻ جي رهسيه جي ڄاڻ هئي.
رام کي چيو: ”سنيڪشن مُنيءَ کان وڃي پڇو ته اوهانکي
۾ ڪهڙي هنڌ رهڻ گهرجي.“

سرڀنگ آگ جلائي، اُنهيءَ ۾ گهڙي ويو. سٿول شرير جوالا
لي ڀسم ٿي ويو. هڪ جوين پيري سرڳي مورتي ڇڪيا مان
ري سرڳ ڌام ڏانهن هلي وئي.

جڏهن اُنهيءَ بن جي رشين کي وراڌ جي مرڻ جو پتو
، تڏهن هو اچي رام جي چوڌاري ويهجي ويا. هنن چيو
ب راڄن، اسان جو وڏو ڀاڳ آهي جو اوهان بن ۾ رهڻ لاءِ
آهيو. هن کان پوءِ راڪشس اسانجي تپسيا ۾ ڪنبن وجهي
نه سگهندا. هو ڏانهن ڏسو ته ساريءَ ڌرتيءَ تي هڏيون پکڙيون
ن آهن. اُهي هانيون اُنهن رشين جون آهن، جن کي راڪشس
ي کائي کپائي ڇڏيو آهي. پمپا ۽ منداڪني ندين جي
ساري جيڪي رشي رهندا آهن، تنکي سداءِ هنن منش جي

رام ۽ لڪشمڻ راڪشس جي ڪلهن تي سوار هئا. ڪين خبر هئي ته هو هٿيارن جي ڌوارن ڪونه مري سگهندو. انهيءَ ڪري راجڪمارن هنجون ٻانهون ڪٽي ڪري ڌرتيءَ تي اڇلايون. پوءِ هو ڪيس هٿن ۽ پيرن سان ڌڪ هڻڻ لڳا. انهيءَ هوندي به برهما جي ڏنل ور ڪري هو هنکي ماري نه سگهيا. پر سندس زخمن ۾ ايترو درد هو، جو هو ڪوڪون ڪندو رهيو. هن راڪشس جيڪو ور پراپت ڪيو هو تنهنجي انوسار هو موت کان بچي تي سگهيو، پر پيڙا کان نه ڇٽي نٿي سگهيو.

پائرن ٽڪل راڪشس کي ڌرتيءَ تي ڪري اڇلايو ۽ رام سندس نرگهت تي پير رکي بيٺو، جنهن هو وري اٿي نه سگهي.

جنهن رام راڪشس تي پير رکيو تنهن هنکي اڳئين جنم ۾ مليل پاراتي جي ڪري جيڪو من ۾ مونجهارو ٿيو هو، سو هٽجي ويو. سندس سمرتي اوچتوئي جاڳي پيئي ۽ هن همٿ ٻڌي چيو، "هي پربو! تنهنجا چرن منهنجي شرير کي لڳا آهن ۽ منهنجون اکيون کلي پيون آهن. مون کي پتو لڳو آهي ته اوهين ڪير آهيو. مون کي پاراتو مليل آهي، پر اوهان مونکي انهيءَ کان مڪت ڪري سگهو ٿا. جنم ڪري مان راڪشس ڪونه آهيان. مان هڪ گنڌرو آهيان.

"جووردان مان برهماکان ورتو هو، انهيءَ ڪري منهنجي مڪتي رڪجي رهي آهي. جيڪڏهن ڪنهن به ريت اوهان مونکي کهندا ته پنهنجو اصلوڪو روپ ڌارڻ ڪندس ۽ سرڳ کي پراپت ڪندس."

هيءُ شبد ٻڌي رام ۽ لڪشمڻ هٿيارن ڪم آڻڻ کانسواءِ ئي هنکي چٽي پورو ڪيو. پوءِ هڪ کڏ کٽي اٿي پوريائون. انهيءَ ريت راڪشس گنڌرون جي لوڪ ۾ وڃي پهتو.

پوءِ راجڪمار انهيءَ آستان ڏانهن ويا جت سيتا ڏکندي ڪنبندي بيٺي هئي. کيس سموري وارتا ٻڌايائون.

هو پوءِ سرڀنگ جي آشرم ڏانهن ويا. اتي ٻين ديوتائن سان گڏ اندر به رشين سان ويٺي وارتالاپ ڪيو. جڏهن کيس

ءِ آسري تي مان جيئندو رهيو آهيان. نه ته ڏهڻو اڳ هن
جو تياڳ ڪريان ها.

”جيڪو پڄ مون ڪمايو آهي، سو هاڻي مان توکي اَرپڻ ڪريان
هو قبول تون به ڪر، لڪشمڻ کي به ڏي ۽ سيتا کي به ڏي.“
، وقت رشيءَ اِهي شبد چيا تنهن وقت سندس منهن مان
ءَ آيو ءَ جي ڪمايل تپ جي جوتي چمڪا ڏيئي ٻاهر نڪتي.
شين جو اهو دستور هو ته جيڪي اَتٿي وٽن ايندا هئا،
هن ريت پنهنجي تپ جو ڦل پيش ڪندا هئا. رام جيڪو
ڏنو تنهن مان اَنومان ڪري سگهيو ته اتٿي وري اهڙيءَ
ڻي سنبنڌ ۾ ڳهڙو وهنوار ڪندا هئا.

”اي رشيور، مونکي پنهنجي سر پڄ ڪرم ڪري ڦل
ت ڪرڻ گهرجي. مونکي آشا آهي ته اوهان جي آشيرواد
مان اِئين ڪرڻ ۾ سڦل ٿيندس. رشيءَ سرڀنگ مونکي
، جو ڏس ڏيئي اوهان کان آشيرواد وٺڻ لاءِ چيو ۽ پڻ
ته مان اوهان سان صلاح ڪري ڪنهن هنڌ ڪٽيا اَڏي
جي بن جو رهيل وقت گذاريان.“

رشيءَ جو مک آنند وچان ٻهڪي رهيو هو. هن کو
ٻن من ۾ رکي چيو: ”اوهين ڀلي هن آشرم ۾ رهو. چوڌاري
بن رشي رهندا آهن. بن ۾ ڦلن ڦولن ۽ ڪند مولن جي
ه ڪمي ڪانه آهي. پر ٻيڙا پسون هت کليا ٿا ڦرن، اهي
ن کي پيا ٿا ستائين ۽ سندن تپ ۾ ڀنگ پيا وجهن. رشين
هي ڪشت سهڻ ڪنن آهن. انهيءَ هڪ ڳالهه کان سواءِ
يت هي آستان سندر آهي.“

راجڪمار رشيءَ جو پروچن جهٽي ورتو. هن پنهنجو ڌنش
ي، اَنتي ڏور چاڙهي چيو: ”اي پوترمني، مان انهن
ين ڪرڻ وارن کي ناس ڪندس. مضبوط آهي منهنجي
ان، ۽ تکا آهن منهنجا تير. اهو واجب ڪونه آهي ته اسين
آشرم ۾ رهون. اسانجي رهڻ ڪري متان اوهانجي تپسيا

مانس کائيندڙن راڪشسن جو پڻ رهندو آهي.

”راجا جو ڌرم آهي ته پنهنجي پرجا جي رکيا ڪري. اُنهيءَ ڪم ۾ هو گسندو ته پاپ جو ڀاڱي ٿيندو. جهڙي ريت گرهستي راجا کي ڏلون ڏيندا آهن تهڙي ريت اسانجي تپسيا جي پڃ جو ڪجهه ڀاڱو راجا کي ملندو آهي. اوهانجي منهن مان ديوتائن جي راجا اِندر جهڙي جوتي بکي رهي آهي. اسان کي راڪشسن جي اَتياچار کان بچايو. رڳو اوهان ئي اسانجا رکيڪ آهيو.“

رام وراڻيو ”اي مها پرشو! مان اوهان جي آگيا پالڻ لاءِ ٻڌل آهيان. مان راڄ اَڌڪار کي تياڳ ڪري پنهنجي پتا جي آگيا اَنوسار ٻن ۾ هليو آيو آهيان. جيڪڏهن پنهنجي پتا جي آگيا پاليندي اوهانجي ٻه سيوا ڪري ڪجهه پر اُپڪار جو ڪم ڪري سگهيس، ته پوءِ مان پاڻ کي وڏ ڀاڳي سمجهندس.“

”مان ٻن ۾ رهي، راڪشسن جو ناس ڪري اوهان جو دک مٽائيندس. اوهين من مان پڻ ڪڍي ڇڏيو.“

جڏهن رام رشين کي سهايتا ڪرڻ جي پرتگيا ڪئي، تڏهن رشين کي سنتوش ۽ آنند ٿيو. پوءِ رام، لڪشمڻ ۽ سيتا ستيڪشڻ رشيءَ ڏي روانا ٿيا. هو هڪ وڏيءَ ٽڪريءَ وٽ آيا. ٽڪريءَ جي چوڌاري گهاٽو جهنگ هو. اُتي ڏٺائون ته وڻن جي ڪلن جا وستر اُس ۾ پئي سڪا. توري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هنن ٻرڌ رشيءَ جو درشن ڪيو.

رشيءَ کي نمسڪار ڪري، راجڪمار چيو: ”اي پُوڄ منيور، منهنجو نالو رام آهي. مان اوهانجي درشن ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، ڪرپا ڪري مونکي آسيس ڏيو.“

رشيءَ اُٿي ڪري رام کي گلي لڳائي چيو: ”اي ڌرم رکيڪ، ڀلي آئين! نڀ آئين! تنهنجي اچڻ ڪري منهنجو آشرم ڀهڪڻ لڳو آهي. هيءُ آشرم تنهنجي ملڪ آهي. جڏهن مون ٻڌو ته تون اَيوڌيا ڇڏي آيا آهين ۽ چترڪوٽ ۾ اچي پهتو آهين، تڏهن مون سمجهيو ته تون ضرور هت ايندين.

تو. انهيءَ مان اهو اَنومان ڪجي ٿو ته سيتا تي ڪا آپدا
واري آهي. هاڻي رام جي مٿان هڪ نئين جوابداري رکي
ي. هن کي انهن راڪشسن جو ناس ڪرڻو هو جيڪي ڊنڊڪ
ي رشين کي ستائي رهيا هئا. جيئن ايندڙ آپدا جا اڳوات
ن پوندا آهن تئين سيتا جي من ۾ ڪجهه ڊپ ٿيڻ لڳو.
سيتا پنهنجي پياري پتيءَ کان پڇيو، "اوهان هيءُ رشين
رکيا ڪرڻ جو بار پنهنجي مٿان ڇو ٿا هموار ڪريو؟
ن کي هت بن ۾ ته رڳو تپسوي بڻجي رهڻو آهي.
ن هتي آيا آهيو سرڳواسي راجا جي پرڻ پوري ڪرڻ لاءِ.
ن جي رکيا جو بار ته انهيءَ راجا تي آهي جيڪو سچ پچ
ڪري رهيو آهي. اوهان تپسيا ۾ لڳا پيا آهيو. رشين
رکيا ڪرڻ اوهان جو ڪرتويه ڪونه آهي. رڳو پنهنجي بچاءَ
اوهان ڪنهن کي ماري سگهو ٿا. هن وقت مارڻ تپسوي
ن جي ورتن جي ورد آهي. پر اوهان تڪڙ ڪري رشين
بچاءَ لاءِ پرتگيا ڪئي آهي. خبر نه آهي ته انهيءَ جو
و قل نڪرندو؟ الائي ڪٿي اِها پرتگيا اسان کي نيندي
ي؟"

جنهن وقت هو سنيڪشن جي آشرم مان روانا ٿي ڊنڊڪ
ي ڪنهن ٻئي آشرم ڏانهن وڃي رهيا هئا، تنهن وقت
منن ءِ پيار ڀريل وچنن دوارا اِها ڳالهه ڪئي.

هن وٽ ڏيڪ چيو، "اي منهنجا پران پتي! مونکي معاف ڪجو
ان اوهان کي هن پرڪار صلاح ڏيئي رهي آهيان. مان
نربل نار آهيان. مونکي اوهان لاءِ اکت پريم آهي،
ءِ ڪري ئي مان هيئن چوان ٿي. اوهان کي ڌرم جي مارگ
پوري ڄاڻ آهي. لوڪ چوندا آهن ته پرش وڏين ڪامنائن
آئر هيٺ ٿي پاپ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن: يا ته ڪوڙ
ئيندا، يا ته ڪامي بڻبا، يا ته هنسڪ ٿي خون خرابي
ا. جنهن پرش سچ جي خاطر وڏي راج جو تياڳ، ڪيو

۾ ڪو وگهن نہ پوي. اسان ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪا جاءِ لهي وٺنداسين. ڪرپا ڪري اسانکي اهڙي آگيا ڏيو."

اها رات هنن رشيءَ جي آشرم ۾ ئي ڪاٽي. پر ٻئي ڏينهن پراتهڪال جو ٿنهي اُٿي، گلن جي سڳنڌ سان ڀريل ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪري، يگيہ اَگنيءَ کي جڳايو ۽ پوڄا پاٺ ڪري رشيءَ کي پرڻام ڪيو.

"اوهان جي آسيس سان رات سٺي گذري. اسانجي مرضي آهي تہ هن هنڌ رهندڙن ٻين رشين جو درشن ڪري سندن آشيرواد وٺون. ڏينهن چڙهي تنهن کان اڳہ ئي نڪري وڃڻ گهرجي. ڪرپا ڪري آگيا ڏيو تہ اسين وڃون."

رشيءَ راجڪمارن کي گلي لڳائي، آشيرواد ڏيئي چيو: "ڊنڊڪ بن جي ٻين اوچ رشين سان ملو. انهن سڀني وڏيون تپسيائون ڪري، ايشوري شڪتيون پراپت ڪيون آهن. بن تہ ڏاڍو سندر آهي. هت هرڻ راند روند ڪري رهيا آهن. پکي لاتيون لنوي رهيا آهن. تلاون ۾ ڪمل گلن جا جهڳٽا ٻيٺا آهن. ٽڪرين جي جهرڻن جي جهرمر لڳي پيئي آهي ۽ مور پنهنجا پر کولي ناچ ڪري رهيا آهن. لڪشمڻ، هاڻي سيتا ۽ رام سان گڏ جي وڃ. جڏهن بہ دل ٿئيئي تڏهن هن طرف هليو اچج."

دستور موجب ٿنهي رشيءَ کي پرڪرما ڏيئي، ڪانئس آگيا ورتي. سيتا راجڪمارن کي تلوارون، ڌنش ۽ ٻاڻن جون ٿيلهيون ڏنيون ۽ هو روانا ٿيا. رشيءَ جي آشيرواد ڪري سندن مکہ اڳي کان وڌيڪ چمڪي رهيا هئا.

اڌياءُ ٣٠

ڏهہ ورهيہ گذري ويا

هاڻ ارڻيہ ڪانڊ جو آرنڀ ٿئي ٿو. ڪوي هاڻ ٻي ڪٿا

س خانو ڪري ڪيو آهي. ڇا رشين اسان کي هڏين جو
ڍير ڪونه ڏيکاريو هو، جنهن مان اسان کي سڌ پيئي ته
ڇا وهيو واپريو آهي؟ رشين چيو، ’تون راجا جو پٽر آهين.
ڄي اچڻ ڪري اسانجون مشڪلاتون اِئين پڄي وينديون،
اُيرندڙ سورج جي وقت اوندهه گم ٿي ويندي آهي.
ئي اسانجو رکيڪ آهين.‘ اسين راجڪمار اهڙيون ڏرد
ن ڏانهون ٻڌي ڪري سنڌن بچاءُ ڪرڻ ڪانسواءِ ڪئن
سگهون ٿا؟ اُهو ڌرم رگهو راجا کي پالڻو ڪونه آهي.
ڪ ڪنري کي گهرجي ته اُنهيءَ ڌرم جي پالنا ڪري.
ت توکي منهنجي سلامتيءَ جي چنتا آهي. ڪري اِئين
نهجي ته تون برابر آهين ته ٻه مان وچن ڏيئي چڪو آهيان.
اُنهيءَ کان پوئتي ته نه هٽبو. هنن چيو هو ته ’اوهان
جو اڇهو آهيو.‘ مان سنڌن رکيا لاءِ وچن ڏيئي چڪو
ن. اهڙيءَ ريت ڪيل پرتگيا موٽائي ڪانه سگهبي آهي.
ڪي هڪ وقت زبان مان نڪتو، سو موٽي وات ۾ توروئي وجهي
سبو؟ توکي ۽ مونکي جڳائي ته گڏجي ڌرم جي مارگ تي
ن. اسان ۾ مت پيد ڪئن پيدا ٿي سگهندو؟“ اِئين ڳالهيون
ندا هو بن جو رند وٺي هلندا رهيا.
جڏهن طوفان کان اڳ آسمان ۾ کو هڪ اڌ بادل ڏسڻ ۾ ايندو
، تئن ڪوتا جي هيءَ وارتا ٻه ايندڙ آپدا ڏانهن اِشارو
ي رهي آهي. ڪويءَ هيءُ سنڌر شلوڪ پنهنجي ڪٿا
جايو سجايو ٻنا اڳ پوءِ جاچڻ جي ڪونه ڪري ٽنبيا آهن،
نن ۾ ڪشل ڪويءَ جي سنڌر ڪلا سمايل آهي. واتا ورڻ
ڏيري ڏيري ڪاريگريءَ سان ٻدلائي رهيو آهي.
رام، لڪشمڻ ۽ سيتا ڏهه ورهيه سانده رشين جي وچ ۾
سان رهندا رهيا. ڊنڊڪ ٻن ۾ گهڻيئي آشرم هئا. اُنهن
ي سيکجهه ليباڳي جپ تپ، نسوارٿ ۽ پروپڪار جو جيون
يندا هئا. راجڪمار ڪنهن آشرم ۾ هڪ مهينو، ڪنهن

آهي، ۽ هاڻ آهي ئي ٻن ۾، تنهن جي سنبنڌ ۾ ڪوڙ جو ته خيال به نه ٿو ڪري سگهجي. ڪام جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان؟ مونکي خبر آهي ته پر اِستريءَ جو ويچار ئي اوهان جي من ۾ ڪونه اچي سگهندو. پر مونکي اوهان جي سنبنڌ ۾ ٽئين پاپ جو ڊر ٿو ٿئي. ائين واجب آهي ڇا ته اسان انهيءَ کي ماريون جيڪو اسان تي حملو نٿو ڪري؟ راڪشس ڀلي ڀاڪو پيو، جيڪو اسان کي ڇيڙي نٿو تنهن کي اسين ڇو ماريون؟ مان سمجهان ٿي ته اوهان ٽڪڙ ڪري پرتگيا ڏني آهي. هان اهو ڪترين جو ڌرم آهي ته پاپين کي ناس ڪن. پر هاڻي جڏهن اوهان ٻن ۾ تپسوي ٿي رهڻ پسند ڪيو آهي ۽ اهي سڀ اُڌڪار تياڳ، ڪيا آهن جن جو ڪتريپڻي سان سنبنڌ آهي، پوءِ اهو ڪرتويه اوهان کي اجان ڇو ڇهتيو پيو آهي؟

”راجائي ڌرم ته انهن کي پالڻو آهي جي سچ پچ راجا هجن، اوهان جي سر تي آهن جٽائون ۽ شرير تي وڻن جا ڇوڏا، اوهان هن سمي ته نِلا پلا تپسوي آهيو. پر اوهان کي پوري پوري ڄاڻ آهي. مان رڳو اوهان کي چوان ٿي ته ڪنهن به جوابداري کڻڻ کان اڳ چڱيءَ پر اڳ پوءِ جاچجو.“

سيتا پنهنجا سند يهه پرگهٽ ڪيا. انهيءَ ڪري رام کي ڪو به رنج ڪونه ٿيو. هن اُلٽو سيتا کي وڌيڪ پيار ۽ مان ڏنو. هن چيو: ”منهنجي پياري پريتما، تون اِئين ڳالهائي رهي آهين، جئين جنڪ جي پتريءَ کي ڳالهائڻ جڳائي. پياري سيتا توکي ياد نه آهي ڇا ته تو هيڪر اُئين چيو هو ته هٿيار جيڪي ڪتري کڻندا آهن، سي ٻين جي رکيا لاءِ آهن؟ نربل جيون تي اُتياچار ٿيندو ڏسي، ڪو ڪتري چپ چاپ ڪري ڪيئن وهندو؟ جڏهن اسان هتي پهتاسين تڏهن رشين پنهنجي ڏکن جون دانهون ڏنيون ۽ اسان کي بچاءَ ڪرڻ لاءِ منت ڪئي. هو راڪشسن جا ظلم سهي ٿڪي سگهيا. راڪشسن رشين کي پنهنجو ڀوڄن ڪري سمجهيو آهي. سنڌن آشرمن کي هنن

ڪنهن سمي وندياچل پهاڙ ويو اوچو ۽ اوچو ٿيندو. اِئين
ڏسڻ ۾ آيو ته پرٿويءَ جي اُتر اَڌ گول کان ڏکڻ اڌ گول
ن سورج جي ڪرڻن جو جيڪو رستو آهي سو بند ٿي ويندو.
ب ڪري ديوتائون ڏکي ويا ۽ اَگستيه کي نويدن ڪيائون
مين سهايتا ڪري. منې پهاڙ جي اڳيان ٿي بيٺو. پهاڙ رشيءَ
جهڪي نمسڪار ڪئي. رشيءَ پهاڙ کي آشيرواد ڏيئي
: "شل تون سداءِ اِئين بيٺو هجين." رشيءَ جي وچن انوسار
ه وندياچل ڏگهوئي ڏگهو هيٺائين تي ليٽيو پيو آهي. اها
، اَگستيه جي هڪ ٻي ڪٿا.
واتاپي ۽ اِلول نالي ٻه راڪشس رشين کي ڏاڍي تڪليف
ندا هئا. ڀورين کي ور مليل هو ته سندس شرير کي ٽڪرا
ڪري وجهبو ته به اُهي وري ملي هڪ ٿي ويندا ۽
دس شرير اڳي جيان سڄو ۽ سگهارو ٿي پوندو. اِلول
مڻڪو سانگ ٺاهي جدا جدا رشين جي آشرمن ۾ ويندو
اُنهن مان هرهڪ کي چوندو هو، "اي گياني پرش! هن داس
ڪٽيا ۾ پڌارڻ جي ڪرپا ڪريو. مان پنهنجي پترن جي
ڌ لاءِ پرساد تيار ڪري رکيو آهي. اُهو سويڪار ڪري
، ٿي ٿورو ڪريو."
پراچين ڪال جي نيتيءَ ريتيءَ انوسار ڪوبه پرش هٿرڻي
ي کي اسويڪار ڪونه ڪري سگهندو هو، پوءِ ڪيس ڪهڙا به
ب ڪري هجن. اُنهيءَ ڪري رشين کي ٻه هن پرڪار جو
، سويڪار ڪرڻو پوندو هو. جڏهن ڪو رشي اِلول جي
ٽيا ۾ ايندو هو، تڏهن هوُ کيس ڀوڄن ڪرائيندو هو. پنهنجي
واتاپيءَ کي ماري انهيءَ جي مانس ۾ مرچ مصالح وجهي،
ي خوب رڌي هيءُ ڀوڄن تيار ڪندو هو. جڏهن رشي
اد چکي ٻهندو هو، تڏهن نيتيءَ انوسار اِلول ڪانئس پڇندو
ته سندس ترپتي ٿي آهي يا نه. جواب اهوئي ملندو هو:
ائو، مان ترپت ٿيو آهيان." اِلول اُتي زور سان چوندو هو،

۾ ٽي مهنا ۽ ڪنهن ۾ ٻارهن مهنا گذاريا. سڀ سنڌن چڱيءَ پر آجيان ڪندا هئا.

بن اُتي رمڻيڪ هو. اُتي مرگهه ۽ مينهون، سوئر ۽ هاٿي گهمي ڦري رهيا هئا. پکي مٺيون لاتيون لنوي رهيا هئا. وڻ ۽ وليون ۽ نيل ڪمل جا گل موج رکي ويٺا هئا. والميڪيءَ اُنهنجو اهڙي چترائيءَ سان ورڻن ڪيو آهي، جو اهي هوبهو اسانجي سامهون اچي بيهن ٿا.

رام اهي ڏهه ورهيه ڏاڍي آنند ۾ گذاريا. هڪ ته هنکي سيتا ۽ لڪشمڻ جي سنگ ڪري شانتي ۽ سنتوش پئي مليو. ٻيو ته پوتر آتما مهاپرشن جي ستسنگ جو اُتم پرساد ڪيس پراپت پئي. والميڪيءَ اُنهن ڏهن ورهين جو ورڻن هڪ ننڍڙي اڌياءَ ۾ پورو ڪري ڇڏيو آهي. سک جو سمو جلد گذري ويندو آهي. اُنهيءَ جي ورڻن ڪرڻ لاءِ وستار جي ضرورت ڪانه ٿيندي آهي.

جڏهن ڏهه ورهيه گذري چڪا ۽ سنڌن بن جو مدو پوري تيرهن جي ويجهو آيو، تڏهن رام جي من ۾ اگستيه منيءَ جي درشن ڪرڻ جي اِڇا اُٿي ٿي. اگستيه مني ڏکڻ جي پاسي رهندو هو ۽ ٿنهي لوڪن ۾ اهڙوئي پرسڌ هو جهڙو وشوامتر. لوڪ شرتي اِها هئي ته جيڪڏهن هماليه ۽ ونڌيا جي وچ ۾ رهندڙن سڀني لوڪن جو وهنوارڪ ۽ آتم گيان گڏ ڪري ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ وجهجي، ۽ ٻئي پڙ ۾ اگستيه کي وهارجي ته پوءِ پڪ ئي پڪ ڏاڪڙو پڙ هيٺ نمي پوندو، اُنجو بار اُتر واري کان وڌيڪ ٿيندو.

شو ۽ پارٻتيءَ جي وواهه جي سمي جي ٻه هڪ وارتا اگستيه مني جي بابت لوڪن ۾ ڦهليل آهي. اُنهيءَ مهان اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڀ رشي ڪئلاش پربت ڏانهن ويا هئا؛ اگستيه اڪيلو ڏکڻ ۾ رهيو پيو هو. اُنهيءَ ڪري ڌرتي نيڪ استان تي استر رهي. ايتري هئي اگستيه جي تور.

تمڻ رشيءَ کي انهيءَ هٿان نياپو موڪليو ته، ”دشرٿ
نر رامچندر پنهنجي ڀاءُ ۽ ڌرم پتنيءَ سميت اوهان جي
واد منگڻ آيو آهي.“

گستيه وڏي چاهه سان راجڪمار جي آجيان ڪئي. هن
، ”مون ٻڌو هو ته تون چترڪوٽ ۾ اچي رهيو آهين. مان
اميد رکي ويٺو هيس ته مون سان ملڻ به ايندين. تنهنجي
س جو مدو اڃي پورو ٿيڻ تي آهي. باقي وقت هن آسٽان
شانتيءَ سان گذار. هن جاءِ تي راڪشسن جو ڪوبه ڏر
. آهي.“

رام جواب ڏنو، ”اوهان جي آشيرواد وٺي مان ڏاڍو پرسن
آهيان. جنهن ريت ڪرپا ڪري اوهان منهنجي آجيان
ي آهي تنهن لاءِ مان اوهان جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان. پر
ڪ بن جي رشين سان مون پرتگيا ڪئي آهي ته مان سندن
ا ڪندس. اوهان جي آشيرواد ملي آهي. انهيءَ ڪري
ي اُن طرف واپس وڃڻ گهرجي.“

اَگستيه وراڻيو، ”جيڪي تون چوين ٿو، سو ٺيڪ آهي.“
رشيءَ اهو ڏنش رام کي ڏنو جيڪو وشوڪرما وشنوءَ لاءِ
و هو. کيس اَکٽ ٻاڻن جي جهولي ۽ تلوار به ڏناءِ. رشيءَ
کي آشيرواد ڏيئي چيو، ”رام هنن هٿيارن سان راڪشسن
ناس ڪج. اهي اڳين سمي ۾ مونکي وشنوءَ ڏنا هئا.“
اَگستيه رام کي اِها به صلاح ڏني ته هو باقي وقت پنچوٽي
ذاري.

اَگستيه چيو، ”اي راجڪمار، شل ايشور جي توتي آشيرواد
. سيتا تنهنجي خاطر اهي سختيون سهي رهي آهي جن
نڪي سندس جنم ٿيو هو ۽ جن تي نڪي هوءَ هريل
. اِستريون سياءَ جي ڪري، سک کي پسند ڪنديون
۽ سختين کان پاسو ڪنديون آهن. پر سيتا ۾ اهڙي
زوري ڪانه آهي. هوءَ ته ارنڌتي جي مورتي آهي. رامچندر،

”واتاپي ٻاهر نڪري آءُ.“ اِلول جو سڏ ٻڌي واتاپي پنهنجا ويڙيل اَنگ گڏ ڪري سڄو تي رشيءَ جا آنڊا چيري ٻاهر نڪري ايندو هو. انهيءَ ريت ڪيترن رشين جو اَنت ٿيو هو.

هڪڙي ڏينهن اِلول اَگستيه سان هن پرڪار جي چالاڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هميشه جيان واتاپي اَگستيه جي پيٽ ۾ وڃي پهتو. البت اَگستيه کي هن ڳالهه جي ڪل پئجي ويئي. اَگستيه گڻيش ديوتا جو ڀڳت هو. هن اشٽ ديو وٽان هڪ ور هٿ ڪيو هو، اُنهيءَ انوسار هو راڪشس کي بلڪل هضم ڪري ٿي سگهيو.

اِلول پڇيو، ”اوهان کي سنتوش ٿيو آهي يا نه؟“

اَگستيه ورائيو، ”هائو، مان بلڪل ترپت ٿيو آهيان.“

اِلول زور سان چيو، ”واتاپي! ٻاهر هليو آءُ.“

اَگستيه کلندي چيو، ”اي منهنجا ڄجمان، مان واتاپيءَ کي هضم ڪري ڇڏيو آهي.“

اِلول ڏانهن ڪري چيو، ”ڇا، اوهان منهنجي ڀاءُ کي کائي ڇڏيو آهي؟“ اِئين چئي هو اَگستيه جي طرف ڊوڙندو ويو. رشيءَ ڪروڌ ۾ پنهنجون اکيون ڦوٽاريون. راڪشس جلي ڀسم ٿيو. انهيءَ ڪانپوءِ ڪنهن به راڪشس کي رشيءَ جي ويجهو اچڻ جي جرئت ڪانه ٿيندي هئي. اَگستيه هن ڪان پوءِ ٻين رشين جي به رکيا ڪندو رهندو هو.

رام اَگستيه وٽ وڃڻ ڪان اڳ سندس ننڍي ڀاءُ جي آشرم ڏانهن آشيرواد وٺڻ ويو. اُنهيءَ ڪان آشيرواد وٺي، دکشڻ دشا ڏانهن هلندي رام اَگستيه منيءَ جي ڪٽيا وٽ آيو. رام اُتي ڏٺو ته سارو ديش ٻهڪي رهيو آهي. پکي ۽ پسون بنا ڀؤ پولي اٿي رانديون روندبون ڪري رهيا آهن. براهمڻ وري پوجا لاءِ گل ڦل چونڊي رهيا آهن.

رام، لڪشمڻ کي چيو ته، ”اڳيرو هلي رشيءَ کي منهنجي اچڻ جي سڌ ڏي.“ لڪشمڻ کي رشيءَ جو هڪ شش مليو.

ـستيہ جا تورا ڇپيا، ڇاڪاڻ جو رشيءَ رام کي اُنهيءَ آستان
ـڏس ڏنو هو. رام لڪشمڻ کي چيو: ”اسين هتي پنهنجي
ـآشرم جوڙي، انهيءَ ۾ گهڻوئي وقت گهاري سگهون ٿا.
ـڪريون پوري پني پنڌ تي آهن، نہ بلڪل ويجهو آهن،
ـڪل ڏور. هو هرڻن جا ڏڻ ڏس، هت هرهڪ چيز
ـر آهي. وڻن جا گل کهڙا نہ سهڻا آهن! کهڙيون نہ مٺيون
ـپکين جون لاتيون! سفيد واري ۽ ندي بہ ڏاڍي سوينيڪ
ـہ ڪا چڱي جاءِ لهي، اتي پنهنجي لاءِ ڪا ڪٽيا ٺاهہ.
ـلڪشمڻ آگيا پالي اُتي آشرم جوڙي تيار ڪيو.
ـهن هنڌ والميڪيءَ پنهنجي ڪاويہ ۾ لڪشمڻ جي ڪاريگري
ـئيءَ جو سندر نموني وستار سان ورنن ڪيو آهي - ڪئن
ـسڀ جون ديواريون اڏيون ۽ ڪئن هن پنن پٽرن جي ڇت
ـ. رام ڏاڍي اُتساهہ ۾ اچي لڪشمڻ جي ساراهہ ڪرڻو.
ـلڪشمڻ پريم ۽ آنند وچان لڙڪ وهائيندي چيو: ”اوهان
ـي پتا کان بہ وڌيڪ آهيو.“
ـسان کي بہ گهرجي تہ گهڙي اڌ ترسي ويچار ڪريون تہ
ـڪل ۾ اُتپن ٿيل راجڪمار لڪشمڻ هيءُ هنر ڪئن هت
ـ. اُنومان اِهو آهي تہ اُنهيءَ يگ ۾ راجڪمارن کي بہ
ـڪ وهنواري ڪمن جو گيان ۽ هست ڪريا (دستڪاري)
ـجاڻ پراپت ڪرڻي پوندي هئي. لڪشمڻ کي اهڙي سکيا
ـهئي جو هن جهٽ پٽ جهنگ مان سامان گڏ ڪري
ـجي رهڻ لاءِ هڪ سندر ڪٽيا ٺاهي ورتي.
ـنجوٽي واري آشرم ۾ رام ۽ سيتا آنند پوروڪ رهيا پيا
لڪشمڻ پريم ۽ ڀڳتيءَ سان سندن شيوا ڪندو هو.
ـسياري جي شروعات جو وقت هو. هميشهہ جي دستور
ـب ٽيئي بنواسي گوداوريءَ ڏانهن سنان سنڌيا ڪرڻ ۽
ـپاڻي آڻڻ لاءِ ويا. رتوءَ جي سندرتا بابت وارتالاپ هلي
ـهو. لڪشمڻ کي اوچتو اچي ڀرت جي يادگيري پيئي.

لڪشمڻ ۽ سيتا سان گڏ جتي ٻه ترون ويندين، تت سونهن سوپيا اچي ويندي. پنچوٽي خود ٻه هڪ سندر آستان آهي. توهان ٻنهي جي رکيا هيٺ سيتا اُتي رهڻ ۾ خوش ٿيندي. اُتي ڦل ڦول ۽ ڪندمول ٻه ڏاڍا گهڻا آهن. اُتي گوداوريءَ جي ڪنڌي تي وڃي رهجو. اوهان جي ٻنواس جو مدو پوري ٿيڻ تي آهي. تون جلدئي پنهنجي پتا جي پرتگيا پوري ڪندين. جنهن پياتيءَ جي شيوا سندس مرٻي پت ڪئي هئي، تنهن دشرٿ جو وچن سندس وڏو پٽ پالي رهيو آهي.“

اڌياءُ ۳۱
شورپنکا جي ڪٿا

اَگستيہ جي هدايت موجب راجڪمار ۽ سيتا پنچوٽيءَ ڏانهن هلڻ لڳا.

رستي تي هنن ڏٺو ته هڪ وڏي وڻ تي ڪو پربت جيڏو جيءُ ويٺو آهي. هنن سمجهيو ته هو راڪشس آهي.

رام ڪروڌ ڀري آواز ۾ پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“ پر جٽايوءَ نرم ۽ پريم ڀرين شبدن ۾ چيو، ”اي ٻالڪ! مان تنهنجي پتا جو پراڻو پيرسن متر آهيان.“ پوءِ هن پنهنجي ڪٿا ڪري ٻڌائي. وشنوءَ جو وڏو واهڻ آهي گرڙ. سندس ڀاءُ آهي ارڻ ديوتا. ارڻ جو هڪڙو پٽ آهي سمپاتي. جٽايو انهيءَ سمپاتي جو ڀاءُ هو.

هن چيو، ”جڏهن اوهان سيتا کي اڪيلو ڇڏي ٻن ڏانهن شڪار ڪرڻ ويندا، تڏهن مان سيتا جي رکيا ڪندس.“

راجڪمار اِها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ اِها آڇ سويڪار ڪندي، پکيءَ جا ٿورا مڃيائين. هاڻي ياتري اڳتي وڌيا. پنچوٽيءَ جو نظارو ڏسي رام دنگ ٿيو. هن پنهنجي اندر

...پٽرن کي پاڻي ڏيئي ۽ سورج نارائڻ جي اُپاسنا ڪري جڏهن
...اُٿيو، تڏهن سندس روپ شو مهراج جهڙو ٿي لڳو. پوءِ
...ا ۽ لڪشمڻ سان گڏجي هو آشرم ڏانهن موٽي آيو.
...پراتهڪال جا سڀ ڪم ڪار پورا پورا ڪري هو اڳين
...هن جي ڳالهين ۽ پراڻين ڪٿائن کي دهرائيندي پنهنجو
...ت ڪاٽي رهيا هئا.

...جڏهن ئي هو هن پرڪار پريم وندينديءَ پراڻيون ڪٿائون ياد
...ي رهيا هئا ته اوچتوئي هڪ راڪشساڻي اتي اچي نڪتي.
...س نالو هو شورپڻکا. هوءَ راوڻ جي ڀيڻ هئي، جنهن کو
...ٿيل، ڪسڪيا ورتل جوان رلندو رهندو آهي، تنهن هوءَ بن ۾
...ڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهي هئي. هوءَ بلڪل بدشڪل هئي.
...ڪيس اها شڪتي هئي جو هوءَ ڪو به سهڻي ۾ سهڻو روپ
...هن وقت به ڌارڻ ڪري سگهندي هئي. جڏهن هن ڏٺو
...رام ۾ ايشوري سندرتا آهي، تڏهن هوءَ هن تي اکين چڪن
...پيئي ۽ هن کان هڪل ڪري پڇيائين:

”تون ڪير آهين؟ تنهنجي پوشاڪ آهي سنياسين جهڙي،
...ساڻ ڪنئين اٿئي هيءَ اِستري ۽ هٿن ۾ اٿئي يڌ جا هٿيار.
...هن راڪشسن جي بن ۾ ڇو آيو آهين؟ سچ سچ ڳالهاءِ.“
...اهڙن اوسرن تي اُنهيءَ يگ ۾ اها مريادا هئي ته جنهن
...هن پرڪار جا پرشن ڪيا هئا، تنهن کي ڪيس پنهنجو
...ڇيه ڏيڻو پوندو هو، پنهنجو نالو، پنهنجي جنم جي ديش
...نالو ۽ پنهنجو اِتهاس ٻڌائڻو پوندو هو. پوءِ هو وري تنهين
...منش کان سندس پريوار جي سنبنڌ ۾ پرشن ڪندو هو.
...ڪانئس اچڻ جو ڪارڻ پڇندو هو.

...رام چيو، ”مان سمرات دشرٿ جو وڏو پٽ
...بان. منهنجو نالو رام آهي. پنهنجي ماتا پتا جي آگيا پالڻ
...۽ ڌرم جي رکيا لاءِ مان هاڻي بن ۾ آيو آهيان. هاڻي
...رپا ڪري ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ تنهنجو ڪل ڪهڙو آهي؟

خيال ڪياءِ تہ بلڪل اُنهيءَ وقت ئي ڀرت شاستر وڌيءَ
اَنوسار اُنهيءَ مهنې جي پوڄا پاٺ ۾ لڳو پيو هوندو.
هن چيو، ”ڀرت کي اڌڪار آهي تہ هو سکيو سهنجهو
وقت گذاري. پر هن اُنهيءَ ڪري تپسين جيان جيون ڪاٽڻ
جو سنڪلپ ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو اسين هت ٻن ۾ ڪشٽ
۽ ڪنناين ڏسي رهيا آهيون.
ڀرت جو خيال ڪندي مون کي ڏک ٿو ٿئي. هن سياري
جي مند ۾ بہ هو ٿورو کائيندو هوندو ۽ اُگهاڙي پٽ تي سمهندو
هوندو. اڄ جي ڏينهن جڏهن ٿڌ سيڪائي رهي آهي، هو
سرجوءَ جي ڪناري ڏانهن پڻ صبح جو ويندو هوندو.
اسان وڏ ڀاڳي آهيون جو اسان کي اهڙي اُتم سڀاءَ وارو ڀاءُ
مليو آهي. پوتر آهي سندس هردو، شڀ آهن سندس وچن
اُتم آهي سندس وهنوار. اسان جي خاطر هو سڀني سنساري
سکن جو تياڳ ڪري تپ جو جيون ڪاٽي رهيو آهي. منجهس
اسان جي پتا جا سمورا گڻ موجود آهن، پر هو پنهنجي ما
ڪيڪئيءَ کان سراسر نيارو آهي. اهڙيءَ ڪٺور هردي واري
ڪيڪئي جي ڪک مان هيڏو ڌرماتما ڀرت ڪيئن پيدا ٿيو؟“
رام لڪشمڻ کي روڪيندي چيو، ”ڀرت ۽ پتا جي سنبنڌ
۾ جيڪي ڪجهہ وٽيئي سو چئُو، پر ڪيڪئيءَ جي نندا
ڪر؛ جيڪي ڪجهہ تو ڀرت لاءِ چيو آهي سو سمورو سچ
آهي. اڄ مان بہ پريم وچان ڀرت کي ياد ڪري رهيو آهيان
هن سان وري ملڻ لاءِ اڃا ڪيترو وقت گهرجي! لڪشمڻ
اُهو آنند جو اوسر ڪڏهن اسان کي ملندو؟ ڪهڙي سمي اسين
چارئي ڀائر گڏ ٿينداسين؟ ڀرت جي پريم شبد جو پڙاڏو ا
منهنجي ڪنن ۾ اچي رهيو آهي.“
اهڙيءَ ريت ٻنهي ڀائرن ڀرت بابت پريم ڀري وارتا ڪندي
هنن اُنهيءَ سياري جي ڏينهن تي ڏاڍو سويرو گوداوريءَ ۾
سنان ڪيو.

نٿو چاهيان. پر منهنجو پهلوان ڀاءُ هت آهي. هنکي مون جيان پتنيءَ جو بندڻ ڪونه آهي. هو به مون جهڙو سندر آهي. هوئي تنهنجو يوڳيه ڀتار ٿي سگهندو. مونکي ڇڏي ڏي. هن کي وڃي پنهنجي آڇ ڪر.“

رام هيءَ ڳالهه اُنهيءَ ڪري ڪئي، ڇاڪاڻ جو هن کي پڪ هئي ته لڪشمڻ شورپنکا سان ڀتا يوڳيه وهنوار ڪندو.

راڪسياڻيءَ کي رام جي صلاح نيڪ لڳي ۽ لڪشمڻ جي طرف وڌي ڪري هئن چيو: ”اي منهنجا راجا! مون وٽ هليو اچ. اچ ته هن ٻنڌڪ ٻن ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب گهمي ڦري خوب موجون ماڻيون.“

لڪشمڻ هن مذاق کي چڱيءَ پر پرکي چيو، ”مورک نه ٿيءُ. منهن جو ڀاءُ توکي نڳڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. تنهنجي درجي ۽ منهنجي درجي ۾ ڪيترو نه فرق آهي؟ تون هڪ راجڪماري آهين. مان ته رڳو پنهنجي ڀاءُ جو داس آهيان. تون منهنجي پتني ٿي ڪري هڪ داس جي داسي ڪئن بڻبينءَ؟ رام تي زور وجهه ته هو توکي پنهن جي ٻي اِستري بڻائي. سيتا جو خيال نه ڪر. جلدئي رام توکي هن ڪان وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳندو ۽ تون هن سان بلڪل خوش ٿي گذاريندينءَ!“

ڪي اهو سوال ڪري سگهن ٿا ته هڪ اِستريءَ کي، خاص ڪري هڪ پريم ۾ قاتل اِستريءَ کي هن ريت ستائڻ واجب هو. جيڪڏهن اسان پنهنجي ويچار کي ذرا ٻوڙائيندا سين ۽ هن ڪروپ راڪشسياڻيءَ جي چتر جو خيال ڪنداسين ته پوءِ اُنهيءَ موقعي جي مهت کي چڱيءَ پر سمجهي سگهنداسين. اِئين برابر آهي ته هوءَ پنهنجي اِڇا تي سندر روپ ڌاري سگهي ٿي. پر هن وقت هننتي ڪام جو ڀوت سوار هو ۽ اُنهيءَ ڪري هن اهو هنر به ڪتب ڪونه آندو. اِها ڳالهه ڪائنس ڀلجي ويئي.

والميڪيءَ لکيو آهي ته ”هن ڪروپ، ٿلهيءَ پيٽ نڪتل

اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته تون راڪشس جاتيءَ جي هڪ استري آهين. هٿ اچڻ ۾ تنهنجو ڪهڙو پروجن آهي؟"

هن جواب ڏنو، "تو وشوس جي وير پُٽر راوڻ جو نالو ڪونه ٻڌو آهي ڇا؟ مان هن جي ڀيڻ آهيان. منهنجو نالو شورپنکا آهي. منهنجا ڀيا ٻه ڀائر آهن، ڪنڀڪرڻ ۽ وڀيشڻ، اهي ٻه پرسڌ يوڌا آهن. هن پرانت جا راجا کر ۽ ڏوشڻ پڻ منهنجا ڀائر آهن. هو ٻه ٻلوان پهلوان آهن ۽ هن پرانت ۾ سندن ڏاڍي هلندي آهي. پر مان سندن آڌين ڪونه آهيان. مان هڪ سُتنتر جيوُ آهيان، مونکي جيڪي ٻه من ۾ اچي تنهن جي ڪرڻ کان مونکي ڪير به روڪي ڪونه ٿو سگهي. هن ٻن ۾ رهندڙ سڀ لوڪ مون کان ڏڪندا آهن." رام کي پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائڻ لاءِ هن هيءَ ڳالهه ڪئي.

هن وڌيڪ چيو، "مان اچا توکي ڏنو مس ته منهنجو من توسان لڳي ويو. هاڻي تون منهنجو پتي آهين. تون هن ٽر جيتري اِستريءَ کي ساڻ ڪيو ڇو ٿو گهمين؟ مان تنهن جي پتني ٿيڻ يوگيه آهيان. مون وٽ هليو اچ. اچ ته گڏجي ڪري هن ٻن جو خوب سئر ڪريون. مونکي اِها شڪتي آهي ته جيڪو ٻه روپ من ۾ ايندو آهي، سو مان ڌارڻ ڪري سگهندي آهيان. پنهنجي هن ڇوڪريءَ جو خيال ٻه نه ڪر. مان ته هن کي هڪ ڪرڻ ۾ ڳيهي ويندي يس ۽ انهيءَ ريت تنهن جي جند ڇڏائي ڇڏينديس. ٻنهه نه هيڪ."

ڪام هن جي مٿان سوار هو، انهيءَ ڪري هوءَ پنهنجي جاتيءَ جي لوڪن جيان ڀور ڀڄائيندي هن پرڪار ٻڪ ٻڪ ڪندي رهي.

هيءُ سارو قصو ڏسي رام لاءِ هڪ عجب ۾ وجهندڙ وندر ٿي پيئي. هن مشڪي ڪري چيو: "اي سندري! تو مون سان نينهن لاتو آهي، انهيءَ ڪري توکي تڪليف ٿيندي، منهنجي ڌرم پتني هٿ مون سان گڏ آهي. مان ٻن اِسترين جو ور ٿيڻ

سور جي سنايل، ڪروڌ جي ماريل، شورپنکا رت وهائيندي اوڏانهن ويئي، جت سندس ڀاءُ کر پنهنجي ساٿين سان دربار لڳايو ويٺو هو. پاڻ کي پٽ ۾ اُڇلائي، ڌڪ ڀريون ڌانهون ڪري، هن پنهنجي سموري ماجرا جو بيان ڪري ٻڌايو. شورپنکا کي جو ڪروپ بڻايو ويو، سندس نرادر ڪيو ويو، اُنهيءَ ۾ ساري راڪشس جاتيءَ جو اَپمان هو. ۽ اُهو اَپمان ڪندڙن جي خون سان ئي ڌوپي ٿي سگهيو.

هن پنهنجي ڀاءُ کي چيو، "ڏس، رام ۽ لڪشمڻ مون سان هيءَ جٽ ڪئي آهي. اُهي اجا جيئرا آهن ۽ تنهنجي راڄ ۾ گهمي ڦري رهيا آهن. تون چپ ساڌي هٿي ويٺو آهين."

کر اُتي ڪڙو ٿيو. هن پڇيو، "ڀيڻ، هيءُ سمورو قصو ڪئن آهي؟ مان ته ڪجهه سمجهي نٿو سگهان. ڌيرج ڪر ۽ مون کي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌاءِ. ڪنهن کي اهڙي همت ٿي آهي جو تو سان هن پرڪار جي جٽ ڪئي اٿس؟ هو هن بن ۾ آهي ڇا؟ ڪنهنجي دل ٿي آهي ته اسين ڪيس ڳجهن ۽ ڪانون جو قوت بڻايون؟ ڪير آهي جنهن ڪاريهر نانگ کي هٿن ڇيڙيو آهي؟ ڪهڙو آهي اهو مهاموڙ؟ ڪٿي ويٺو آهي؟ مون کي ٻڌاءِ ته يڪدم سندس موت آڻيان. پرٿوي سندس رت لاءِ سڪي رهي آهي. اُٿي ڀيڻ ۽ مون کي سموري ڳالهه جيئن جو تيئن ڪري ٻڌاءِ."

شورپنکا وراڻيو، "ٻه سهڻا جوان هن بن ۾ آيا آهن. کين ساڌن جي پوشاڪ پيل آهي. ساڻن هڪ ڇوڪري آهي. هو چون ٿا ته دشرٿ جا پٽ آهيون. اُنهن ٻنهي پاڻ ۾ صلاح ڪري ڇوڪريءَ جو بهانو بڻائي مونتي وار ڪري هن ريت مونکي ڪروپ بڻايو آهي. مان هنن بدمعاشن جي رت جي پياسي آهيان. پهرين هنن کي ڳتڙا ڳتڙا ڪر. ٻيون سڀ ڳالهيون ڪجهه وقت لاءِ ڇڏي ڏي."

کر پنهنجي سينا پتين کي هن ريت آگيا ڪئي: "يڪدم وڃو،

راڪشسياڻيءَ جنھنجي اکين مان ڪام جي نشي ڪري رت چڙهي رهي هئي، جنھنجا ڳاڙها وار ٽڙيا پکڙيا پيا هئا ۽ جنھنجو آواز ڪام جي باھ ڪري گهگهو ٿي پيو هو، سا مشڪندڙ، سندر سروپ، سهڻي ٻيل ٻول واري رام کي چڪ ڪرڻ لڳي." تامل ڪويءَ هن درشيہ کي ڪجھہ بدلايو آهي. هن ڏيکاريو آهي تہ پهريندئي شورپنکا هڪ سندر روپ ڌارڻ ڪيو هو.

راڪشسياڻي ڪنور ڪام جي ڪٺل هئي. لڪشمڻ جي چوڻ تي هوءَ وري رام وٽ آئي. هنکي راڪشسن جي رنگ ڍنگ جي ئي رڳي ڄاڻ هئي. سندس ويچار بہ اُنهيءَ ريت تي مليا ۽ سندس ڪرم بہ اُنهيءَ پٽاندڙ هو.

سيتا کي ڏسي هوءَ ڪروڌ وچان هئن ٻيبڻ لڳي: "هيءَ نياڳي جيتامڙي ئي تنهنجي منهنجي ميلاپ ۾ رڪاوٽ آهي. ڏس تہ هنکي چڻ ڪمر تہ آهي ئي ڪانہ. پوءِ تون هن کي پيار ڪئن ٿو ڪرين؟ مان اُجھو هن گهڙيءَ ئي هن کي پورو ڪري ڇڏيندس. توکان ڌار رهڻ منهنجي لاءِ موت سمان آهي. جيڪڏهن مان هڪ وار هنکي کيءَ ڪري ڇڏيو تہ پوءِ اسين ٻئي ڏاڍيون موجون ڪري سگهنداسين." ائين چئي هن سيتا تي جهٽ هنيو.

رام اُصل اُن گهڙيءَ وچ ۾ اچي سيتا کي بچائي ورتو. چرچي ڪندي گهڻو وڌي ويا. امڪان هو تہ کل مان ٻيل تي پوي ها. رام رڙ ڪري لڪشمڻ کي چيو، "ڏس مان مس ڪري سيتا کي بچائي سگهيو آهيان. هن راڪشياڻيءَ ڏانهن ڌيان ڪر ۽ هن کي ڪا سيکت ڏي."

لڪشمڻ جهٽ پنهنجي تلوار ڪڍيئين شورپنکا کي جهلو ڪري اُتان ڌڪالي ڪڍيو. شورپنکا جي بي عزتي بہ ٿي ۽ سندس شرير جا انگ بہ ڪٽيا ويا. اُنهيءَ تي هوءَ رڙ ڪري ٻن ۾ گم ٿي وئي.

کي ٻه وڏائيندا رهندا ۽ خاميون گھٽائيندا، ته ڪنھن کي ڏانھن ڪرڻ جو سبب ٿيندو؟

اَڌياءُ ٣٢

ڪنئين جي شورپنکا واري ڪٿا

والميڪيءَ ڏيکاريو آهي ته رام ۽ لڪشمڻ شورپنکا کي اهڙي ريت ڌڪي ڪڍيو جئن ڪو مالهي سونٽي کڻي پنهنجي باغ ۾ آيل گڏهه کي ڌڪي ڪڍندو آهي.

تامل ڪوي ڪنئين هن ڳالهه جو ڏاڍي وستار سان ۽ ٻئي نموني ورڻن ڪيو آهي. هن ڳالهه ۾ ڪيترائي ڦيرگهير ڪيا آهن.

رام نديءَ جي ڪناري تي ويٺو هو. هن ڏٺو ته هڪ هنسڻ گهمي رهي آهي. پوءِ هن وري ڏٺو ته سيتا به گهمي رهي آهي. ڏٺائين ته ٻنهي جي هلڻ جي چال هڪ جهڙي هئي. اُنهيءَ ڪري رام کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هو مشڪيو. سيتا وري ڏٺو ته ندي تان هڪ هاٿي موٽي رهيو هو. هنکي ڏسي سيتا کي رام جي هلڻ جي ڍنگ جي يادگيري پيئي. هن به مشڪي ڏنو.

اُنهيءَ ريت پنچوٽيءَ ۾ گوداوريءَ جي پرسان پريم جي درياءَ جو وهڪرو ڌرم جي بندن جي وچ ۾ وهي رهيو هو، تہ اُنهيءَ ويل وڌاتا ۽ ڪام ديو هڪ سٽ سٽي شورپنکا کي اچي رام جي سامهون کڙو ڪيو.

وشنو ڀڳوان ڪير ساگر ڇڏي ڪري مرت لوڪ ۾ اچي دشرٿ جي گهر ۾ جنم ورتو هو، اُنهيءَ لاءِ ته هو ديوتائن جي شترن کي پرٿويءَ تان هٽائي ڇڏي. هاڻي شورپنکا کي هن ڳالهه جي ڄاڻ ڪئن ٿئي ها؟

هنن ماڻهن کي قتل ڪري سندن لاش هٿ حاضر ڪريو ۽ ڇوڪريءَ کي به هٿ ڳهلي آڻيو. دير مدار نه ڪريو."

هو آڳيا پالڻ لاءِ چوڏهن سينا پتي روانا ٿيا.*

ڪنهن جي رامايڻ ۾ ڏيکاريل آهي ته شورپنکا هڪ سندر اِستريءَ جو روپ ڌاري بنهي ماڻهن جيان اچي رام کي موهڻ جو يتن ڪيو. هن هنڌ ڪنهن ورنن والميڪيءَ جي ورنن کان گهڻو ڦريل آهي. هن ڳالهه کي هن هڪ نئين سندر ڪٿا جو روپ ڏنو آهي. اڳتي هلي اِها ڳالهه ڏيکاربي.

اِنهيءَ سموريءَ سمالوچنا جو بنياد آهي ڏڪار جي من ورتيءَ تي بدل. ڪم نصيبا اسان وٽ ٿلهي بي سود ۽ ڪنورتا سان پريل گهڻيئي چالاڪي موجود آهي. اسان کي سچي سمجهه ڪانه آهي. جن کي رام مان اوٽا يون ڪڍيون آهن، پل اِئين ڪن. پر جيڪڏهن اهي سمالوچڪ پنهنجي جيون ۾ اُها غلطي نه ٿا جي هو رام ۾ ڏسن ٿا، ۽ پوريءَ ريت ڌرم جي مارگ تي هلن ٿا ته پوءِ سري رام جا ڀڳت اُنهيءَ وهنوار جي ڪليءَ دل آجيان ڪندا. جيڪڏهن منجهن رام جهڙا گڻ هوندا، بلڪ اُنهن

* کي اهڙا پرش آهن جي اسانجي پوتر پستڪن ۽ پرمپرائن جا سمالوچڪ بڻجي وهندا آهن. هو چوندا آهن: "هن وير پرش هڪ اُستريءَ جو گهات ڪيو. انهيءَ استريءَ جنهن ساڻس پرير ڪرڻ چاهيو تي تنهنجو هن نرادر ڪيو ۽ ڪيس جڏو ڪري ڇڏيو. هن عزت پريءِ هار ڪاٽڻ بدران، باليءَ کي پنيان لڪي ماريو. هن سيني ڪشٽن جي سهڻ ڪانپوءِ سيتا کي بنا اپراڌ جي بن ڏانهن موڪليو. جيڪڏهن سيتا جو بنواس نياءَ پنانڌڙ هو ۽ جيڪڏهن رام کي سيتا جي سنبنڌ ۾ واجبي سنديه هو ته پوءِ اسانجي من ۾ به هن سچائيءَ جي بابت ڇو ڪين شڪ شبهه ٿيڻ گهرجن!"

تورو پوئتي هٽي بيٺي.

رام اِئين سمجهيو ته ڪنهن دور ديش مان هيءَ سندري ساڌس ملڻ آئي آهي، تنهنڪري هنجي آجيان ڪري پڇيائينس، ”تون ڪهڙي ديش جي آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڪهڙا آهن تنهن جا مت مائٽ؟“

هن جواب ۾ چيو، ”مان برهما جي پوٽي جي پٽري آهيان. ڪبير منهنجو ڀاءُ آهي. ٻيو منهنجو ڀاءُ آهي ڪئلاش کي جيتيندڙ راوڻ. مان هڪ ڪنواري ڪنيا آهيان. منهنجو نالو آهي ڪامولي.“

پوءِ رام چيو، ”ڀلا ٻڌاءِ ته تون هت ڇو آئي آهين؟“

سندريءَ وراڻيو، ”اِستريءَ لاءِ واجب ڪونه آهي ته هوءَ پنهنجي دل جو سوز ظاهر ڪري. انهيءَ هوندي به مان سمجهان ٿي ته مونکي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. ڪام ديوتا منهنجي من کي گهيرو ڪيو آهي. تون ئي مونکي بچائي سگهين ٿو؛ توکي اِئين ڪرڻ جڳائي.“

اِئين چئي هوءَ ڪجهه ترسي. رام چپ چاپ ڳالهه ٻڌندو رهيو. پوءِ هن چيو، ”تون مون سان گندرو پرڪار جو وواهه ڪر. توکي خبر آهي ته پريمين کي اهڙي ميلاپ ڪرڻ جي آگيا مليل آهي. هڪ وار جيڪڏهن اسان وواهه ڪيو ته نه رڳو اسانکي آنند پراپت ٿيندو، پر منهنجي ڀراتا راوڻ سان تنهنجي مترتا به ٿي پوندي. تون هن بن ۾ اڪيلوئي اڪيلو آهين. راڪشس توکي ستائيندا. تون ڪٿي ساڌن ڇيڙ ڇاڙ نه به ڪندين ته به هو توکي تڪليف ڏيندا، ڇاڪاڻ جو توکي سنياسين جو ويس آهي. جيڪڏهن مون سان وواهه ڪندين ته هن پرڪار جو ڀؤ ڀولو رهندو ئي ڪونه. نه رڳو ايترو پر منهنجا ٻلوان مت مائٽ هر پرڪار تنهنجي شيوا ڪرڻ لاءِ تيار رهندا. هن ڳالهه جو گهرو سوچ ڪر.“

رام جي شرير جي سوڀيا ڏسي هوءَ اچرج ۾ پئجي ويئي. هوءَ پاڻ کان پڇڻ لڳي، "هيءُ منمٿ آهي يا اِندر؟ شو آهي يا وشنو؟ پر منمٿ کي ته شرير ٿيندو ئي ڪونه آهي! اِندر کي هزار اکيون ٿينديون آهن. شوجي ترمبڪ آهي. سندس پيشانيءَ ۾ ٽين اک ٿيندي آهي. وشنو وري چتر ڀڄ آهي. تنهنڪري هيءُ نه شو آهي، نه وشنو، نڪي ئي اِندر آهي.

"شايد هو خود منمٿ آهي. هن شايد تپسيا ڪري وري پنهنجو اهو شرير هٿ ڪيو آهي، جيڪو شو مهراج ڪروڌ ۾ اچي ڀسم ڪري ڇڏيو هو.

"جيڪڏهن هو منمٿ آهي ته پوءِ هيءُ سندر جوان وري تپسيا ڇو ڪري رهيو آهي؟ هي ڪمل نئڻن وير پنهنجو سمو تپ ۾ ڇو کوهي رهيو آهي؟"

اهي پور پچائيندي، اچرج کائيندي هوءَ اتي رام ڏانهن نهاريندي رهي. هوءَ پنهنجا نيڻ بئي پاسي هٽائي نٿي سگهي. هن خيال ڪيو ته "منهنجي جيڪا شڪل آهي تنهنکي ڏسي ته هنجي من ۾ ڌڪار پئدا ٿيندي، تنهنڪري مان پنهنجو روپ بدلائي، پوءِ هنکي آڇ ڪنديس."

پوءِ هن پاڻ کي هڪ نوجوان شوڀياوان سندري ڪري بڻايو ۽ چوڏهين جي چنڊ جيان اچي رام جي سامهون بيٺي. سندس سوڪيمر شرير لائين پي لڳو جڻن سرڳ جي ڪلپ برڪش مٿان چڙهيل سونهري وِل. مرگهه جهڙا هئا سندس نيڻ. سندس سهڻا لال چپ ۽ سنديس سندر سفيد ڏند اُنهن مرگهه نئڻن سان ٺهڪي ٿي آيا.

ڍيل جهڙي هئي سنديس چال. جڻن هوءَ اڳتي وڌندي ٿي آئي لئن سندس گهرين جي گهنگرون مان سندر سر پي نڪتو. رام مٿي اکيون کنيون. ڏنائين ته هڪ من موهيندڙ، دل لٽيندڙ سندري سامهون بيٺي هئي. هن سر جهڪائي رام جي چرڻن کي ڇهيو. پوءِ ڪجهه شرمائي ٿي اکين کي هٿ ٻڪي

اند گرم ٿي پوندو آهي ۽ جڏهن ڪروڌ ايندو اٿس تڏهين
مانڪ روپ ڌارڻ ڪندو آهي. مان توکي صلاح ٿو ڏيان ته
سيڏهان آئي آهين تيڏهان تڪڙي هلي وڃ." اِئن
ئي رام سيتا کي ساڻ وٺي پنهنجي آشرم ڏانهن هليو ويو.

راڪسياڻيءَ جي اندر جي آگ هن ريت ڪونه اُجهامي،
و هن اُها رات ڪٽي نه ڪٽي، نه ڪٽڻ ڪاٽي پوري
ڪئي. پرڀات ويلي هن من ۾ چيو، "جيڪڏهن مان هن منش
ي هٿ نه ڪيو ته پوءِ مان مري ويندس. جيسين هيءَ
وڪري هن وٽ هوندي تيسين هُو مون وٽ مور ڪونه ايندو.
ونکي ڪنهن به ريت هن ڇوڪريءَ کي هن کان ڌار ڪرڻ
هرجي، اِئين ڪرڻ کان پوءِ ئي مان رام جو پريم هٿ ڪري
سگهنديس." اهو سنڪلپ ڪري هوءَ وري آشرم ڏانهن آئي.

رام نديءَ ڏانهن ويو هو، اُنهيءَ لاءِ ته سنان پاٺي ڪري
راتهه ڪال جي پرارٿنا ڪري. سيتا اڪيلي آشرم ۾ ويٺي هئي.
شورپنکا سمجهيو ته سيتا کي اُڏائڻ لاءِ هيءُ سٺو وجهه آهي.
ن کي اهو پتو ڪونه هو ته لڪشمڻ اُتي بن ۾ ڪٿي ويجهو
ويٺو هو. هوءَ سيتا ڏانهن ڏوڪيندي ويئي. لڪشمڻ رڙ ڪري
پ ڏيئي راڪسياڻيءَ کي وارن کان جهليو. هنکي لتون
ٽيندي هن پنهنجي تلوار مياڻ کان ٻاهر ڪڍي.

شورپنکا تي جڏهن لڪشمڻ وار ڪيو، تڏهن هن پنهنجو
صلوڪو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ لڪشمڻ تي جوابي حملو ڪيو.
ڪشمڻ سولائيءَ سان هنکي پڪڙي ورتو. سندس نڪ
ڪاٽي ڪيس پڄائي ڇڏيو.

شورپنکا رڙ ٻاڙيندي، پنهنجن مٿن ماڻهن کي زور سان
د لاءِ دانهون ڪندي بن ۾ هلي ويئي. "اي منهنجا پراتا
ڪر! اي منهنجا ڀاءِ راوڻ! اي اندرجيت! اي راڪشس جي
جاتيءَ جا راجا! ڇا اوهان سيني کي ننڊ ڪٽي ويئي آهي؟
ڪڙي رواجي ماڻهوءَ منهنجو نرادر ڪيو آهي ۽ منهنجو

پنهنجي ڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ هوءَ انهيءَ ريت وارتا ڪرڻ لڳي. هن شاسترن جو پرماڻ به ڏنو ۽ اِئين به ڏيکاريو ته وواهه ڪرڻ ۾ خود رام جو لاڀ آهي.

رام اهڙو ڪليو جو سندس سندر، موتين جهڙا ڏند پوريءَ ريت ڏسڻ ۾ آيا. اُنهيءَ وقت سيتا ولين مان لنگهندي هنن جي پاسي آئي ٿي. اُنهيءَ وقت سيتا پاڻ هڪ ول جهڙي نازڪ ڏسڻ ۾ ٿي آئي. شورپنکا سيتا جي سندرتا ڏسي تپرس ۾ پئجي ويئي.

شورپنکا کي اِهو پتو ڪونه پيو ته سيتا ڪير آهي، سو ڪام جي جوش ڪري ڪروڌ ۾ پرجي چياءِ، "هيءَ ڇوڪري منش ديهه ۾ هڪ راڪسياڻي آهي؛ هوءَ توکي ٺڳڻ آئي آهي. سنڀال ڪج، ڦندي ۾ نه ڦسج. هن ڇوڪريءَ جو هي سچو پڇو سروپ ڪونه آهي. هوءَ راڪسياڻي آهي ۽ ڪچو مانس کائيندي آهي. هنکي تڪي ڪيد. ساڻس ڪو به واسطو نه رک."

رام وري کليو. هن چيو: "تون برابر سياڻي آهين. توکي هن جي ڳجهه جي نيڪ ڄاڻ ٿي آهي."

اُنهيءَ وچ ۾ سيتا رام جي پاسي ۾ ٿي بيٺي. شورپنکا کي پتو ئي ڪونه پيو ته رام کلي ڇو ٿو. ڪام ترشنا جي وس ٿي هن پنهنجي ساري سمجهه ۽ ساڃهه وڃائي ڇڏي هئي. هن سيتا کي ڏسي يون يون ڪرڻ شروع ڪئي. چياءِ، "اي راڪسياڻي، تون هن منهنجي من جي راجا جي ويجهو ڇو آئي آهين؟ هتان هلي وڃ."

سيتا وائڙي ٿي ويئي ۽ رام جي ڪلهي کي چهٽي بيٺي. اُنهيءَ ويل سيتا اِئين پي ڏسڻ ۾ آئي جڻ بجليءَ جو چمڪاٽ ورشا ڪندڙ بادل سان چهٽيو پيو هوندو آهي.

رام هاڻي سهي ڪيو ته ڇرچو مريادا کان ٻاهر نڪري رهيو آهي. هن گنڀير ٿي چيو، "اي پياري ديوي، ديا پالي وڏيڪ ڪجهه نه ڪج، متان منهنجو ياءُ نه بڌي وڃي. هو

انهيءَ يڳ ۾ جيڪي يڌ جا نيم هئا، تن کي ڌيان ۾ رکي ... ۾ کر جي سٿناپتين کي پنهنجو پرچو ڏنو. هننکي چيائين، ... ٻڌايو ته اوهان هٿ ڇو آيا آهيو. اوهانکي خبر هجي ته ... سان هٿ ٻن ۾ رشين جي آگيا سان سنڌن شترن کي ناس ... ڪرڻ لاءِ رهيا پيا آهيون. جيڪڏهن اوهين صحيح سلامت ... پس وڃڻ چاهيو ٿا، ته هتان يڪدم هليا وڃو."

راڪشسن کي شانتي ڪانه گهرجي هئي، کين گهرجي هئي ... يڌ. انهيءَ ڪري جنگ شروع ٿي ۽ رام جلد ئي کر جي سٿناپتين ... کي پنهنجي تيرن سان پورو ڪري ڇڏيو.

شورپنکا زور سان روئيندي ٻيو دفعو کر وٽ ويئي. کر ... جي ويساهه ئي نٿي آيو ته سنڌس سٿناپتي کوختم ٿي ويا هوندا. ... جيڪا پلٽڻ هن موڪلي هئي سا وڏيءَ طاقت واري هئي. ... انهيءَ ڪري کيس اِها ڳالهه خيال ۾ ئي نٿي آئي ته انهيءَ پلٽڻ ... کي ڪو جيتي سگهندو. هن پنهنجي پريشانيءَ ۾ قاتل پيڻ ... جي منهن نرم وچنن دواران آٿت ڏيڻ جو يتن ڪيو.

هن چيو، "مان اجيت يوڌا موڪليا آهن، انهن مان هرهڪ ... ٿي يم جو ٻل آهي. هن وقت تائين هنن پنهنجو ڪاريه اوس پورو ... ڪيو هوندو. تون روئين ڇو ٿي؟ جڏهن مان هٿ موجود آهيان ... پوءِ تون ڇو ٿي دانهون ڪرين؟"

شورپنکا اُٿي بيٺي ۽ پنهنجا ڳوڙها اُگهي ڪري چيائين، "اِئين برابر آهي ته تو پنهنجا چوڏهن يوڌا مون سان گڏ موڪليا. ... ر انهن سڀني کي رام ماري ڇڏيو آهي. سندن لاش موت جي ... ڪري ٽڌا ۽ ٽوٽ ٿي پيا آهن. رام هٿيارن هلائڻ ۾ اهڙو ... هوشيار آهي جو انهيءَ جو بيان ڪرڻ به مشڪل آهي. تو ... ۾ جيڪڏهن ذرو به سومان آهي ته هاڻي جو هاڻي هلي رام ... سان جنگ جوٽ، ۽ راڪشسن جي جاتيءَ کي بچاءِ. جي اِئين ... نه ڪندين ته اسان جي جاتي پڪ ئي ناس ٿي ويندي. ... جيڪڏهن تون رام کان ڏڪين ٿو ته مونکي ڪليءَ ريت اِها

نڪ وڍي ڇڏيو آهي. ڇا اوهان منهنجون دانهون ڪونه ٿا ٻڌو؟" اهڙيءَ طرح وڏي ۾ وڏو آواز ڪندي راڪسياڻي پڇندي ويئي.

ڪنهن هن گهٽنا جو اُنهيءَ ريت ورنن ڪيو آهي. هن ڏيکاريو آهي ته شورپنکا پنهنجو سچو روپ لڪائي، هڪ سهڻي ڇوڪريءَ جو روپ ڌارڻ ڪري رام وٽ اچي ڪيس هرڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هن ڦير گهير لاءِ والميڪي وٽان ٻه هڪ ريت آڌار ملي ٿو. والميڪي شورپنکا کي 'ڪامروپڻي' ڪري ڪوٺيو آهي، جنهنجو اَرٿ آهي ته هوءَ هر پرڪار جو روپ پنهنجي اِڇا تي ڌارڻ ڪري سگهندي هئي.

اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته تامل ڪويءَ کي ڪجهه اهڙو ڀان ٿيو ته والميڪيءَ جي ورنن ۾ ڪا اوڻائي يا ڪمي آهي. انهيءَ ڪري اُهو ڏيکارڻ لاءِ ته نيچ حيواني واسنائون ڪيئن ته ڪلور ڪن ٿيون هن اِها اُپ ڪٿا پستڪ ۾ داخل ڪئي آهي.

اَڌياءُ ٣٣

کر ۽ سندس سئنا جو ناس ٿيڻ

وير وٺڻ جو سنڪلپ ڪري شورپنکا کر جي چوڏهن سئنا پتين سميت رام جي آشرم ڏانهن آئي. اُتي اچي رام ۽ لڪشمڻ ڏانهن اشارو ڪري، پنهنجي ڀائرن کي چيو، "ڏسو! هي اُتو ٻه ماڻهو جن منهنجو نرادر ڪيو ۽ منهنجو نڪ ڪپيو. ڪين يڪدم کهي ڇڏيو."

رام يڪدم گنڀير حالت سهي ڪري ورتي. هن لڪشمڻ کي چيو، "ٿورو وقت سيتا جي خيال ڪر ته مان هنن لوڪن سان نبيران." اِئين چئي هن پنهنجو ڌنش هٿ ۾ کنيو.

ڳڻا ٻروني وڃ. مان راڪشسن جي سٺنا جي سامهون ٿي ڪين ناس ڪندس. يڪدم وڃ. مونکي ڪنهن به مدد جي ضرورت ڪانه آهي." اِئين چئي رام زره پاتي ۽ پنهنجي ڌنش تي ڏوري چاڙهي.

رام جي آگيا اُنوسار لڪشمڻ سيتا کي پهاڙ جي ڪنهن غار ڏانهن وٺي ويو.

وڏي يڌ ٿيڻ واري هئي. اُنهيءَ ڪري ديو ۽ گنڌرو هن جنگ جي ڏسڻ لاءِ اچي آڪاس ۾ ڦرڻ لڳا. هنن رام کي آسيس ڏني ۽ سنڌس سوڀ لاءِ پرارٿنا ڪئي. رشين کي مڙيوئي ڀپ ٿي ٿيو ته رام اڪيلي سر هيڏيءَ ساريءَ سٺنا کي ڪئن منهن ڏيندو ۽ ڪئن اُنکي جيتيندو. رام جنهن وقت ڌنش هٿ ۾ ڪٽي لڙڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو تنهن وقت سنڌس منهن مان اهڙي جوتي ٿي چمڪي جهڙي رڌر ڀڳوان جي هٿن ۾ پنهنجي پناڪ نالي مها ڌنش جي موڙڻ جي سمي ٿي هئي.

راڪشسن جي سٺنا وڏي ٻانور سان سٽون پائي اچِتي وڌي. سنڌس ڍهلن ڍمامن، شرنائين ۽ ٻين جنگي واڄن جي آواز سان چاروئي دشائون پرجي ويون. اُنهيءَ ڪري ٻن جا رهواسي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. رام ڌنش جي ڏوريءَ تي هٿ رکي بيٺو رهيو. جئن وڏا وڏا ڪارا ڪڪر سورج تي چڙهائي ڪندا آهن، تئن راڪشسن جا دل رام کي چوڌاري ويڙهي ويا.

يڌ آرنڀ ٿيو؛ ديوتائون به اچرج ۾ پئجي سنديہ ڪرڻ لڳا ته رام ڪئن هنن رڙيون ڪري مٿن چڙهائي ڪندڙ راڪشسن جو مقابلو ڪندو. اُنهيءَ سمي رام جي ڌنش مان وهہ سان پريل ٻاڻ هڪ ٻئي پٺيان ائين نڪتا جئن ڪا سدا وهندڙ جل جي ڌارا وهندي هجي. اُنهنجي ڪري راڪشسن جا سپاهي اِئين پڄندا ۽ ڪرندا ويا جئن پتنگ هڪ تيز ٻرندڙ جوالا جي اڳيان مرندا آهن.

ڳالهه ٻڌاءِ ته مان سمجهان ته ڪهڙي ماجرا آهي. هي نوجوان جيڪي تنهنجي راڄ ۾ آيا آهن اُنهن تنهنجي جاتيءَ کي ناس ڪرڻ جو پڪو اِرادو ڪيو آهي. جيڪڏهن تون يڪدم وٽن وڃي کين ناس نه ڪندين ته هو اِئين ڪرڻ ۾ ضرور سوڀارا ٿيندا."

شورپنکا اُهي لفظ ڏاڍيان سڀني درٻارين جي روبرو چيا. اُنهيءَ ڪري اُهي ڪنڌي جيان کر جي ڇاتيءَ ۾ چڀندا رهيا. "تون هڪ جاهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪندي ايترو ڏکي ٿو رهي آهين؟ ڪجهه وقت ڌيرج رک، جلد تون هنن جي رت پيئندينءَ،" اِئين چئي هو ٽپ ڏيئي اُٿي کڙو ٿيو. پيڻس چيس، "اڪيلو نه وڃ! پنهنجو لشڪر ساڻ وٺي وڃ."

کر پنهنجي ماڻهن کي اهڙي پرڪار جي آگيا ڏني. دوشڻ جي هٿ هيٺ لشڪر جو هڪ وڏو دستو، پورن هٿيارن پنوهارن ساڻ اڳوات روانو ٿيو. سئنا جي پنيان کر هڪ رٿ ۾ ويهي وڏي سڄ ڌڄ ساڻ هلڻ لڳو. رستي تي هن گهڻيئي اُپسوڻ ڏٺا، جن جي ڪري سندس سئنا جي دلين تي خراب اَثر ٿيو. پر کر ڪلندي پنهنجي سئنا کي دلاسا ڏيئي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو:

"هن وقت تاءِ مون ڪنهن به جنگ ۾ هار ڪانه کاڌي آهي. هنن اپسوڻن جي ڪا به چنتا نه ڪريو. اسين جلد ئي هنن ٻنهي جاهڙن کي پورو ڪري سوڀ پائي موٽي اينداسين."

نيتا جا اهڙا همٿائيندڙ لفظ ٻڌي، سئنا ۾ نئون اُتساهه جاڳيو.

رام ۽ لڪشمڻ ويجهو ايندڙ لشڪر جو هل هنگامو ٻڌو ۽ جنگ لاءِ تياري ڪئي. رام، لڪشمڻ کي چيو، تون اُهڃاڻ ڏسين ٿو. اِها پڪ ٿي لڳي ته جنستان جا راڪشس هن طرف موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ اچي رهيا آهن. اِها سوڀ جا جلد اسان کٽينداسين، سا اڳيئي تنهنجي منهن ۾ چمڪات چڙهي رهي آهي. هٿيار پنوهار ٻڌي ڪري سيتا کي ٽڪريءَ جي ڪنهن

مرندس. جڏهن مان مري وڃان تڏهن تون رام سان جنگ ڪج"

اُن سرن واري راڪشس پنهنجي رٿ تي سوار ٿي رام تي تير هلايا. رام هنجي تيرن جو مقابلو سپ جيان ڦوڪون ڏيندڙ تيرن سان ڪيو. نيٺ ترشرس ٻڌي پيو ۽ رٿ ڀڳڙيندو ڪري پيو.

اهو حال ڏسي کر ڀڄندڙن کي زور سان چيو "ٻهي رهو"، ۽ پنهنجو رٿ رام جي پاسي هلائڻ لڳو. ڪيس جيڪو ڀانور ۽ ايمان هو سو ته ڪافور ٿي چڪو هو ته ٻه هوُ ڏاڍيءَ ويرتا سان لڙيو. سارو آڪاش ٻن يوڌن جي هلايل تيرن سان ڇانئجي ويو. کر پنهنجي رٿ ۾ ديوتا جيان بيٺو هو. هو ٻاڻن جو مينهن وسائيندو رهيو. هڪ ڪڻ لاءِ رام پنهنجي ڌنش تي ٽيڪ ڏيئي بيٺو. اُنهيءَ ڪڻ ۾ کر جي تيرن رام جي زره کي ٽڪ ڏنو. اُنهيءَ وقت رام جو شرير اِئين ڏسڻ ۾ آيو جڻ ته سورج جيان ٿي چمڪيو.

رام هاڻي وشنوءَ جو ڌنش هٿ ۾ کڻي کر جي رٿ کي ڪيرائي ڇڏيو ۽ سندس ڌنش کي ٻه ٽڪر ڪري وڌو. اتي کر پنهنجي گدا کڻي رام تي وار ڪيو. ديوتائون ۽ رشي جن يڌ تي ڏٺي سي هاڻي ڪجهه انتظاريءَ ۾ اچي ويا ۽ رام کي بيو دفعو آشيرواد ڪيائون.

رام وڏي واڪي چيو: "تون منشن کي ڏکائيندو ۽ ستائيندو رهيو آهين. هڪ پاپيءَ کي سندس شرير جو بل بچائي ڪونه سگهندو آهي. تو انهن رشين کي ستايو ۽ ماريو آهي، جي ٻن ۾ تپ تا ڪن. هاڻي توکي تنهنجي انهن پاپن جو ڏنڊ ملندو. جن رشين جو تو ماڻس کاڌو آهي، تنجون آتمائون هاڻي آڪاشي رٿن ۾ چڙهي ڏسي رهيون آهن ته ڪئن ٿي توکي سزا ملي. مان ڏنڊڪ ٻن ۾ پاپي راڪشسن کي ختم ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. منهنجا ٻاڻ تنهنجي سيني مٿن مائٽن جي بدن ۾ گهڙي ويندا. تنهنجو سر جلدئي پڪل ميوي جيان ڌرتيءَ تي ڪري ليٽڙندو.

هاڻي دوشڻ ٻاڻ رام جي اڳيان ٿي بيٺو. رام پنهنجو ڌنش موڙي ڇٽي دشائن ڏانهن ڪان ڪشيا. ٻاڻ ٻنا رنبڪ جي وهندڙ درياءَ جيان هلندا رهيا، جئن سورج جون ڪرڻائون سورج مان نڪرنديون آهن، تئن ٻاڻ اتان ٿي نڪتا جت رام بيٺو هو. هليا به اهڙو تکو ٿي جهڙو روشنائي هلندي آهي. هر دشا ۾ ڦهلجي، اهي تير يوڌن، رٿن، هاٿين ۽ گهوڙن کي ڌرتيءَ تي ڪيرائيندا ويا.

ٻاڻ راڪشسن جي شرير کي چيري آگ جيان چمڪندڙ رت سان ڀرجي ٻاهر ٿي نڪتا. سموري سئنا ناس ٿي ويئي ۽ رام اُتي جو اُتي شانتيءَ سان بيٺو رهيو. ائين ٿي لڳو ته ڄڻ شو ڀڳوان ڪال جي سماپت ٿيڻ تي بيٺو آهي.

دوشڻ وري ٻي وڏي پلٽڻ وٺي آيو. ٿوري وقت لاءِ ائين ٿي لڳو ته هاڻي دوشڻ کي جيتي ڪو نه سگهبو. پر جلدئي رام جي ٻاڻن سندس رٿ، گهوڙن ۽ ڪوچوانن کي ليٽائي ڇڏيو. دوشڻ رٿ تان هيٺ لهي رام جي پاسي ڀڄو ڏنو. پر رام جي تيرن اڳڻ ڪري هنجون ٻانهون ڌڙ کان ڌار ٿي پيون. راڪشس هڪ وڏي هاٿيءَ جيان ڌرتيءَ تي ڪري پيو ۽ مري ويو. ٻين راڪشسن جڏهن دوشڻ کي ڪرندو ڏٺو تڏهن هو رام جي طرف ڀڄندا آيا. رام جي ڪوڏنڊ مان تکڙو تکڙو نڪرندڙ ٻاڻن سندن ڪم به پورو ڪري ڇڏيو.

اهڙيءَ ريت کر جي ساري سئنا سماپت ٿي ويئي. سئنا سمنڊ جيان گجگوڙ ڪندي آئي هئي، پر هاڻي بلڪل چپ هئي. اُنهيءَ ٻوڪن ڦاڙڻ واريءَ سئنا جي بدران جنگ جي ميدان تي لاشن جا ڍير، ماڻهن جي شرير جا ويڙيل انگ، ڀيگانا هٿيار ۽ ڀڳل رٿ پيا هئا.

رڳو کر ۽ ترشرس وڃي بچيا. جئن کر رام سان وڙهڻ لاءِ ڀڙڻ لڳو تئن ترشرس کيس روڪي چيو، "پهرين مان ويندس ۽ وڃي رام کي ڪهندس. جي کيس مون نه ماريو ته مان ٻاڻ

ر سان چيائون: ”رام پاپي راڪشسن کي ماريو آهي. هنڪان
ب نبڪ بن ۾ منش سک سان رهي سگهندا. هڪ گهڙي
اندر اندر رام کر، دوشڻ، ترشرس ۽ سندن سموري سينا
پورو ڪري ڇڏيو آهي. سچ پچ هو هڪ ديو پرش آهي.“
سيتا ۽ لڪشمڻ گڦا مان موٽي آيا. لڪشمڻ رام کي ڳلي
تايو. ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي جو رام اڪيلي سر رشين جي
يا لاءِ ساڻن ڪيل پرتگيا پوري ڪئي آهي.
رام اڪيلي سر اهڙا وڏا ويرتا جا ڪم ڪيئن ڪري سگهيو؟
سبو آهي ته هڪ ڳئو پنهنجي وڇڙي جي رکيا ڪندي
سندن سمورن ماڻهن کي پڇائي ڇڏيندي آهي. اها ساري
ڪتي پريم جي آهي. پريم سرو سريشٽ گڻ آهي. اهو پن پن
ستائن ۾ پن پن روپن ۾ پرگهٽ ٿيندو آهي. ڪڏهن پريم
يرتا جو روپ ڌارڻ ڪندو آهي، ڪڏهن وري پاڻ نڇاور
ڪري ڇڏيندو آهي. جئن سونو سيني ڌاتن ۾ وڌيڪ ملهائتو
ندو آهي ۽ ان سان چاندي ۽ ٻيون قيمتي شيون ۽ ڪاڌي
يتي جو سڄو سامان خريد ڪري سگهبو آهي، تئن پريم به
سندر ڪارج کي سڌ ڪري سگهندو آهي. جڏهن ايشور
نک ديهي ڌارڻ ڪندو آهي ۽ نربلن جي رکيا ڪرڻ جي
تگيا پورڻ ڪرڻ ۾ لڳندو آهي، تڏهن سندس اڪٿ شڪتي
هنجو ڪم ڪندي آهي.

اَڌياءُ ٣٤

سروناش جي راه

ڪمپڻ راڪشس، جيڪو پنچوٽيءَ جي موتمار جنگ مان ڀڳو
تو، سو وڃي لنڪا ۾ نڪتو. هن راوڻ کان ملاقات وٺي
نکي چيو، ”جنستان ۾ جيڪي اسانجي جاتيءَ جا جيو هئا سي

ڪر رڙ ڪري چيو: ”هي منش روپي ڪيڙان! هي دشرٿ جا پٽ! چاڪاڻ جو تو ڪن ٿورن راڪشسن کي ماريو آهي تنهنڪري تون ايمان ۾ پڪو ويو آهين. وير پرش تو جيان ٻٽاڪ ڪون هڻندا آهن. رڳو اهو ڪتري ئي اهڙا پيٽ هڻندو آهي، جنهنکي سندس ماڻهن ديش نيڪالي ڏني هجي. تو ڏيکاريو آهي ته تون ڪئين ٻاڙون هڻي ڄاڻين. اڄ ته ڏسون ته تون لڙڻ ڄاڻين يا نه! جيئن ڪڪائيءَ باه ۾ تکي گرمي ٿيندي، تکي جتاءُ، تهڙو حال آهي تنهنجي شبدن جو. هٿ مان گدا هٿ ۾ کڻي بيٺو آهيان. پر جيان مان تنهنجو ساهه ڪيڍندس. سنجها جو ويلو اچي ٿيو آهي. هاڻي مرڻ لاءِ تيار ٿيءُ. جن منهنجن شڪن کي تو ڪنو آهي تنهنجو بدلو چڪائڻ لاءِ مان هٿ بيٺو آهيان.“

ائين چئي هن پنهنجي گدا ڦيرائي رام جي طرف اُڇلائي. رام تير هلايا ۽ گدا پرزا پرزا ٿي پيئي. اهي پرزا ڪنهن کي به ايذاءُ رسائڻ کان سواءِ پرٿويءَ تي ڪري پيا.

رام چيو: ”اي راڪشس، ڳالهائي بيٺين نه! هاڻي تنهنجو موت آيو آهي. هنڪانپوءِ هيءُ بن سلامت رهندو ۽ رشي سک سان تپ ۾ لڳا رهندا.“

جيئن رام ڳالهايو پئي ته کر هڪ وڻ پاڙون پٽي ورتو. ڏند شيڪائي هن اهو وڻ رام ڏانهن اُڇلايو. اُنهيءَ کي به رام پنهنجي باڻن سان ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. وڏيڪ ويل جي ڪري مٿان ڪا خرابي ٿئي، اهو خيال ڪري رام کر تي موتمار تير ڇوڙڻ شروع ڪيا. زخمي ٿيل راڪشس رام سان هٿون هٿ وڙهڻ جي خيال سان هنجي پاسي جهپٽ ماريو. پر رام پوئتي هٽي هنکي پاڻ سان لڳڻ نه ڏنو، هن اهڙو تير هلايو جنهنجي وسيلي راڪشس جي ڇاتي ڦاٽي پيئي ۽ هو مري ڪري پيو.

ديوتائن آڪاش مان گلن جي ورکا ڪئي ۽ خوشيءَ وچان

وستار سان ورنن ڪري ٻڌايو.
اهڙيءَ ريت راوڻ کي پتو پيو ته دسرٿ جو پٽ رام
پنهنجي ننڍي ڀاءُ لڪشمڻ سوڌو پنچوٽيءَ ۾ رهيو پيو آهي.
ا به ڪيس خبر پيئي ته ڪيئن هن هيءُ سمورو ڪم اڪيلي
پنهنجي ڀاءُ جي مدد کان سواءِ پورو ڪيو. ديوتائن به
ندس ساراهنا ڪانه ڪئي هئي.
راوڻ چيو، "مونکي هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. پر مان
ٽي جو هاڻي روانو ٿيان ٿو. مان هنن منش روپي ننڍڙن
يتن کي ماري جلد موٽي ايندس." ائين چئي هو اٿي
و ٿيو.
اڪمپڻ وراڻيو، "اي مهان راجا! اوهين روانا ٿيو تنهن
ين اڳ منهنجي هڪ ڳالهه ٻڌو. رام سان ڪو به جنگ ڪونه
ٽي سگهندو. ڪو به کيس جيتي ڪونه سگهندو. جڏهن
ين 'ڪو به نه' شبد ڪتب آڻيان ٿو تڏهن منهنجو مطلب
وئي آهي ته 'ڪو به' ڀلا سان ٻچي ڪونه سگهندو. اوهان
هن سان پڄي ڪونه سگهندا. چاڪاڻ جو اوهان مونکي
يءَ ڏنو آهي تنهن ڪري مونکي اها همت ٿئي ٿي ته
ن اوهان کي پورو پورو سچ سڻايان. رام کي مارڻ جو هڪ ئي
ستو آهي. سندس ڌرم پتني هن سان گڏ آهي، ساري سنسار
ي ڪا به اِستريءَ هن جي سونهن سان برميچي ڪونه سگهندي.
م جو سيتا سان اهڙو پيار آهي، جو جيڪڏهن اوهان سيتا
ي ڪٽي ايندا ته رام هن جي وڇوڙي جي ڏک ڪري مري
يندو. رڳو رتيو ته هيءُ ڪم اوهان کهڙيءَ ريت پورو ڪندا.
قي يڌ ڪرڻ جو خيال دل تان لاهي ڇڏيو."
ڪام لرشنا کي راوڻ جيتي ڪونه سگهندو هو. انهيءَ
ڪري جيئن ئي هن سيتا جي سونهن جي ساراهه ٻڌي تيئن
ندس من ۾ وشيه واسنا اُڀري ٿي. هاڻي ڪر جي هارءِ موت
ي هو هڪ سپاهيوڪم ڪري سمجهڻ لڳو. انهيءَ ڪري اُي هڪ

لڳ ڀڳ سارا مري چڪا آهن. ديش سڄو ڀينگ ٿيو پيو آهي. مان ئي رڳو جان بچائي هيڏانهن ڀڄي آيو آهيان.“

راوڻ ڪروڌ وچان ٽپي باھہ ٿي ويو. هن ڇرڪ ماري رڙ ڪري چيو، ”ڪير آهي جنهن منهنجي سندر جن استان کي ناس ڪيو آهي؟ يم هو يا اگني ديوتا هو يا وشنو پاڻ هو؟ مان يم ديوتا کي ماري مات ڪندس. مان اگني ديوتا ۽ سورج ديوتا کي ساڙي ڀسم ڪندس. مونکي ٻڌاءِ تہ ڪنهن منهنجي جن استان کي برباد ڪيو آهي ۽ منهنجي پوئلڳن کي ماري ڇڏيو آهي. ڪير آهي جنهن انهيءَ جي بہ پرواھہ ڪانہ ڪئي تہ مان هت بدلو چڪائڻ وارو ويٺو آهيان. يڪدم ڳالھہ ڪر.“

آتياچاري راجائن کي اڻوندڙ سماچار ٻڌائڻ سدائين جوکي جو ڪم آهي. اڪمپڻ راجا جي ڪروڌ کي ڏسي ڏڪي ويو. ڏڪندي هن چيو، ”مونکي جيءُ دان ڏيو تہ مان اوهانکي سموري وارتا ٻڌايان.“ پوءِ هن، هن ريت ڳالھہ ڪري ٻڌائي: ”دسرٿ جو پٽ رام، هڪ نوجوان يوڌو، جيڪو ويرتا ۾ شينهن جو مٽ آهي ۽ جو منشن ۾ اڳي ئي پرسڌ ٿي ويو آهي، سو کر ۽ دوشڻ سان پنچوٽي وٽ وڙهيو ۽ کين ماري ڇڏيائين.“

راڪشس راجا سپ جيان ڦوڪون ڏيندي چيو، ”تون ڇا ٿو چئين؟ هيءَ ڳالھہ ائين ڪئن ٿي؟ ڇا اندر ۽ ديوتائن جي سينا پرٿويءَ تي لهي اچي رام جي پاسي وڙهيا ڇا؟“

اڪمپڻ اتر ۾ چيو، ”هي مهان سمراٽ! اهڙي ڪا بہ ڳالھہ ڪانہ هئي. رام اڪيلي سر اسانجي سڄي لشڪر ۽ ان جي سپاھہ سالارن جي سامهون ٿيو ۽ سيني کي ماري وڌائين. کر ۽ دوشڻ بہ مارجي ويا. رام جي ڌنش مان پنجن مٿن جي سپ جيان موتمار باڻ نڪري ڪري هوهند راڪشسن جي پٺيان پيا ۽ کين ڇيري ڦاڙي ٿي ڇڏيائون.“ هن وڌيڪ رام جي هٿيارن هلائڻ جي ڪلا ۽ سيگھہ سان ڪم ڪرڻ جي شڪتي

اوهان کي اُپجس ۽ اُپڪيرتي ملندي. راڪشسن جي سموري ونش جي بربادي ۽ ناس جي وڏي وات کلي پوندي."

ڏهيسر راوڻ کي ماريچ جي صلاح نيڪ ڏسڻ ۾ آئي، اُنهيءَ ڪري هُو لنڪا ڏانهن موٽي ويو. اُن وقت راوڻ کي اُنهن ورن جي اچي يادگيري پيئي جي هن تپسيا دواران هٿ ڪيا هئا. هن کان هڪ ڀل ٿي ويئي هئي. هنن ورن جي ڪري منش ڪانسواءِ ڪنهن به ٻئي پراڻيءَ جو وار مٿس ٿي ڪونه ٿي سگهيو. هن منش جي وار کان بچڻ جي گهر ڪانه ڪئي هئي. رام جي ٻاڻن کر، ترشرس، دوشڻ ۽ ٻين يوڌن سميت ساريءَ سئنا کي ناس ڪري ڇڏيو هو. هن ڳالهه کي ياد ڪري راوڻ ماريچ جي صلاح قبول ڪئي.

پروڌاتا نٿي چاهيو ته راوڻ ڪو جيئندو رهي. راوڻ پنهن جي سنگهاسن تي ويٺو هو. سندس چوڌاري درٻاري ويٺا هئا. سندس منهن اِئين ٿي چمڪيو جئن يگ، اَگني گريت جي آهوتين وقت چمڪندي آهي. سندس سگهاري شرير تي اُنهن زخمن جا نشان ٿي ڏسڻ ۾ آيا جي هنکي ديون، اَسرن ۽ ٻين پراڻين کان جنگين ڪندڻ وقت ٿيا هئا. راوڻ جي ٻل ۽ همت جو ڪو انت پار ڪونه هو. منجهس پاپ ڪرڻ جي شڪتي به اڪت هئي. ديوتائن کي ستائڻ، سندن يگن بگاڙڻ ۽ سندن اِسترين چورائڻ ۾ هُو پنهنجو مٽ پاڻ هو. ديوتائن ۽ اَسرن جون سئنائون ڪانئس ڏڪنديون هيون. سڀ پراڻي ڪانئس ڪن هٽندا هئا. هن وٽ اَڻ ميو ڌن ۽ سڀني پرڪارن جا سک هئا. ڪيس جيڪي ور مليا هئا تن جي ڪري موت جو ڀپ ئي ڪونه هئس. اُنهيءَ ڪري لنڪاپتيءَ کي نڪو ڪو پاڻ جهڙو، نڪو ڪو پاڻ کان وڏو نظر ٿي آيو. هن کي نڪي ايشور جو ڏر هو، نڪي پاپ جو ڀؤ.

راوڻ کي ڏهه هئا مٿا، وڏيون هيون سندس اَکيون، ڊگهيون هيون سندس ٽنگون ۽ ٻانهون، ڀيانڪ هو سندس روپ. انهيءَ

ٻيءَ سنڌريءَ کي پنهنجي پتني بڻائڻ جو ڪيس وجهه مليو هو.
هن کي اڪمپڻ جي صلاح پسند آئي. هن چيو، ”مان سمجهان
ٿو تہ تنهنجي رٿ سٺي آهي. سڀاڻي سويرو مان هتان هن
ڪم لاءِ روانو ٿيندس.“

اها صلاح ڪري راوڻ پنهنجي خچر واري ومان ۾ چڙهي
روانو ٿيو. اهو ومان جڏهن تڪڙو تڪڙو هوا ۾ هليو، تڏهن ائين
چمڪڻ لڳو جڏهن بادلن جي وچ ۾ چندرما چمڪندو آهي.
هاڻي هو سڌو ئي سڌو ماريچ جي گهر ڏانهن هليو ويو.

ماريچ پنهنجي راجا جي آڳت ڀاڳت ڪئي ۽ هن پڇيو،
”ڪهڙي تڪڙيءَ ضرورت جي ڪري توهين آيا آهيو؟“
راوڻ اتر ۾ چيو، ”ماريچ منهنجي ڳالهه ٻڌ. رڳو تون ئي مونکي
ضروري مدد ڏيئي سگهندين. جن استان برباد ٿي چڪو آهي.
منهنجو سمورو لشڪر جيڪو اُتي رکيو ويو هو، سو ناس
ڪيو ويو آهي. اهو سمورو ڪم دشرٿ جي پٽ رام ڪيو
آهي. ڪهڙي نہ اَچرج جي ڳالهه آهي! بدلي وٺڻ لاءِ مون
اِرادو ڪيو آهي تہ سندس اِستريءَ کي ڀڄائي اچان. انهيءَ
لاءِ مونکي تنهنجي مدد ۽ صلاح جي ضرورت آهي.“

ماريچ جڏهن رام جي شڪتيءَ جو مزو چکي ڏٺو هو، سو
هيءَ ڳالهه ٻڌي بلڪل ڏڪي ويو. هن راوڻ کي پرپائڻ جو
يتن ڪيو تہ اهڙي چرپائيءَ جي رٿ کي تياڳ ڪري.

هن چيو، ”هيءَ ڪهڙي رٿ ڪڍي آيا آهيو؟ جنهن اوهانکي
سيتا جي ڀڄائڻ جي صلاح ڏني آهي، سو سچ پچ اوهانجو
شترو آهي. رڳو ٻاهران مترتا جو ڀاڻو ٿو ٻڌائي. صلاح ڪهڙي
آهي؟ ستل سپ جي وات ۾ هٿ وجهي سندس زهريلن ڏندن کي
ڪيڻ جهڙي صلاح آهي. توهان جي گهر ۾ سک سمپتي ڪونہ
آهي ڇا؟ توهان کي دل سان پيار ڪندڙ راڻيون ڪونہ آهن
ڇا؟ پنهنجن راڻين وٽ موٽي وڃو ۽ وڃي سک سمپتي ماڻيو
۽ جيون جا آنند وٺو. رام جي اِستريءَ جي پنيان پوندا تہ

سڀ ڏج جي وچ ۾ بيٺو هو. ٻيءَ ڪرڻ ۾ مون ڏٺو ته اُنهيءَ ماٺوءَ جي ٽيرن سان سموري سينا ڌرتيءَ تي مٽي پيئي هئي. سپاهي ڌرتيءَ تي اِئين پيا هئا، جئن ڳڙن جي سخت وسڪارن جي وسيلي برباد ٿيل پڪل فصل. تون اهو ٻه ڏسي رهيو آهين ته مان تنهنجي پيڻ هٿي ايمان ٿيل، نڪ ويڙل ۽ دل شڪست ٿيل بيٺي آهيان. اي پرانا! اي وير پرش! اي راجا! ڇا توکي وير ونڻ جي ڳالهه سجهي ئي نٿي؟"

پيٽس جي هن ڏڪار ڀريلن لفظن راوڻ کي ڏنيي ڇڏيو ۽ هن جي دک ۽ پيڙا سندس دل ڦٽي ڇڏي. اُنهيءَ ڪري هن چيو، "پڪ ڄاڻ ته تنهنجو بدلو چڪائيندس. ٻڌاءِ ته هي رام آهي ڪير؟ هو ڪهڙي پرڪار جو منش آهي؟ هو ڪهڙا شستر استر ڪم ۾ آڻي ٿو؟ هن جي يڌ ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ هو هن ٻنڊڪ بن ۾ ڇا جي لاءِ آيو آهي؟ ڇاجي ڪري توسان هيءَ اتياچاري وهنوار ڪيو ويو ۽ تنهنجو نڪ ڪپيو ويو؟"

شورپنکا ٻنهي ڀائرن ۽ سيتا جو ورنن ٻنهي جي ڀاءُ کي ٻڌايو. هن رام ۽ لڪشمڻ جي مڙداني سوڀيا ۽ ويرتا جو وستار سان ورنن ڪيو — شايد سندس اهو خيال هو ته انهيءَ طرح سان راڪشسن جي ايرکا ڄاڳايان — پوءِ اُتساهه ۾ ڀرجي سيتا جي اتينت سندرتا جو تمام من موهيندڙ شبدن ۾ ورنن ڪيائين.

"سيتا جي پورڻتا جي ورنن ڪرڻ لاءِ مون وٽ شبد ئي ڪين آهن. ايشور جي ناهيل ڪنهن ٻه جيو جي اندر مون اهتري اُتم سندرتا ڪانه ڏٺي آهي — نه گندرون جي ڪنيائن ۾ نه ڪنرن جي پترين ۾ ۽ نه ڪنهن منش جي نياڻيءَ ۾. هاڻي مان توکي ٻڌائينديس ته منهن جي مٿان هن پرڪار جو ڀيانڪ وار ڇو ڪيو ويو. سيتا کي ڏسي ڪري منهن جي من ۾ اِئين آيو ته تون ئي اڪيلو سيتا جي ور ٿيڻ جي يوڳيه آهين، ۽ هوءَ هر ريت تنهن جي راڻي ٿيڻ جي لائق آهي. منهنجو توسان

هوندي به منجهس راجائيءَ جا سمورا اُهڃاڻ موجود هئا. راوڻ جواهرن سان جڙيل شاندار وستر اوڍي پنهنجي سنگهاسن تي براجمان هو. سندس چوڌاري ويٺا هئا سندس وزير ۽ درباري. ساري دربار سنسار جي جدا جدا آستانن تان آندل لٽ جي پدارٿن سان ٻهڪي رهي هئي. انهيءَ وقت اوچتوئي سندس نڪ وڍيل ڀيڻ شورپنکا رت ڳاڙيندي، سور کان ستائجي، ڏک ۽ شرم جي ماريل اچي پرگهٽ ٿي. هوءَ اُتي ائين آئي جڻڪ راوڻ جي ناس ٿيڻ جو هڪ اڳوات اِشارو ڪندڙ دوت هُئي. هن جي ڀيانڪ درشيه سڀني درٻارين جي اکين کي جهونجهاري ڇڏيو، سندن ڇپن کي سڀ ڇڏيو ۽ سندن ڀپون منجهائي ڇڏيون؛ ڪنهن اکر به نه ڪڇيو. شورپنکا جو سور جلائيندڙ شبدن ۾ ٻاهر نڪرڻ لڳو.

”کهڙو نه مورک آهين تون! وشين جي چشڪن ۾ ڦاٿو پيو آهين. اُنهيءَ ايمان ۾ چور آهين ته تنهنجي راڄ کي ڪو لهر لوڏو آهي ئي ڪونه. پر تنهنجي در وٽ اُهو جوکو اچي رسيو آهي، جو توکي پورو ڪري ڇڏيندو. تون لاپرواهيءَ جي ننڊ ۾ ستو پيو آهين. اُهو راجا جيڪو اهنڪار ۾ ڀريو ڇڪيندو آهي ۽ اُنهن اُهڃاڻن ڏانهن ڌيان ڪونه ڏيندو آهي جي سندس راڄ جي ناس ٿيڻ لاءِ اشارو ڪري رهيا آهن، تنهنجو راڄ پڪ ئي پڪ ناس ٿيندو ۽ ڪيس سنسار جي اڳيان لڄي ٿيڻو پوندو. اهو راجا جيڪو پنهنجي پلن جي ڪري ناس ٿئي ٿو اُنهيءَ جهڙو ڪوبه نيچ ۽ ڌڪار جي يوڳيه ڪونه ٿيندو آهي. ڇا توکي خبر ڪانه آهي ته تنهن جا پائر کر، دوش، ترشرس مري چڪا آهن، ۽ اُنهن جي سورهيه سپاهين جي سٺا جنهن ۾ چوڏهن هزار ڪرڙا راڪشس هئا، سا سموري ناس ٿي چڪي آهي؛ سا به هڪ رواجي منش رام جي هٿان! تنهنجي جنستان ناالي واري ٻاهرين چونڪي به ختم ٿي ويئي آهي. مون هڪ ڪڻ ۾ ڏٺو ته هڪ اڪيلو وير يوڌو وڏي

نهن وارا خنجر چمڪيندا هئا. اُنهيءَ تي چڙهي ڪري هو جل ٿل، ننگرن ۽ ماڳن کي لتاڙيندو ويو. جيئن هن پنهنجي جادوءَ ت مان هيٺ اونهاري جي مند ۾ سندر درشين ڏانهن هاريو تي تهن هن جي ڪام واسنا وڌندي تي ويئي.

هاڻي هو ماريچ جي آشرم ۾ اچي پهتو. ماريچ جتائون ٻڌي جوڳن جا وستر پهري تپسوي جيون وتيت ڪري رهيو هو. نهنجي راجا ۽ مائٽ کي ڏسي ماريچ راوڻ جي آڳت ڀاڳت ڪري چيو: ”وري ڀيهر هت ڇو آيو آهين ۽ سو به اڳوات سماچار ڏيڻ کانسواءِ؟“

راوڻ ڳالهائڻ جو ته ڏاڍو چتر هو. هن چيو: ”مان ڏاڍيءَ ڪنائيءَ ۾ ڦاٿل آهيان. تون ئي مونکي انهيءَ کان ڇڏائي سگهندين. مان توکي وينتي ٿو ڪريان ته منهنجي سهايتا ڪر. توکي خبر هوندي ته منهنجي آڳيا جي اَنوسار منهنجا مائٽ جنستان ۾ راڄ ڪندا هئا ۽ اڄ تاءِ ڪو به سندن ۽ سندن سئناپتين جي سامهون ڪونه ٿيو هو. پر هاڻي هن سنش رام نالي رڳو کين ماريو آهي، پر سندن سموري سئنا کي ناس ڪري ڇڏيو آهي. رام وٽ رٿ به ڪونهي. هن پنهنجا باڻ ڌرتيءَ تي بيهي هلايا. اهي باڻ منهنجي مائٽن جي شرير ر گهڙي ويا ۽ کين پورو ڪري ڇڏيائون. اڄ ڊنڊڪ بن ۾ ڪو به راڪشس ڪونه رهيو آهي ۽ رشي بنا ڊپ ڀاءَ جي پنهنجو وقت ڪاٽي رهيا آهن. هيءُ رام هڪڙو نڪمو راجڪمار آهي. سندس پتا کيس ديش نيڪالي ڏني آهي. ضرور ڪو ڏوهه ڪيو هوندائين. هو بن ۾ سڀنتا سهت هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيو آهي. هن نيچ پرش سنياسين جا وستر پهريا، اندرين جا سک ماڻيندي، ڌرم مارڳ کان ڀرشٽ ٿي، پنهنجي شڪتيءَ تي ڀانور رکندي، بنا ڪنهن ڪارڻ جي منهنجي ڀيڻ جو منهن ڇچري ڇڏيو آهي ۽ اسانجي جاليءَ جو اپمان ڪيو آهي. منهنجي ڀيڻ جنهن هن پرڪار جو ڏک ۽ اپمان سٺو آهي،

ڏاڍو پريم آهي انهيءَ ڪري مان هن کي پڄائي اڇڻ جو يتن ڪيو. لڪشمڻ ويجهو بيٺو هو. هن تپ ڏيئي مونکي روڪيو ۽ مون کي ڪروپ ٻڌائي منهنجو نرادر ڪيو. تنهنجي ڪري ئي مون هي سارو ڪشٽ سٺو آهي. جيڪڏهن تون هن اپمان جو بدلو وٺڻ چاهين تو ۽ پنهنجي جاتيءَ جي مان مريادا بچائڻ چاهين تو، ته يڪدم ڪٺو ٿي اوڏانهن وڃ.

”اِئين ڪرڻ سان نه رڳو تون منهنجي اپمان جو بدلو وٺندين پر پنهنجي لاءِ هڪ يوڳيه سندري به هٿ ڪندين. جيڪڏهن تون سيتا کي هٿ ڪري رام جو اپمان ڪندين ته اُنهن يوڌن جي آتمائن کي سنتوش ملندو جي ڊنڊڪ بن ۾ ماريا ويا آهن. مان به اِئين سمجهنديس ته منهنجو جيڪو اَپمان ٿيو آهي تنهنجو ڪجھ بدلو مونکي ملي چڪو.

”توکي پنهنجي شڪتيءَ جو پتوئي نه آهي. تون سولائي سان سيتا کي هٿ ڪري پنهنجو بڻائي سگهندين. پلا تنهنجي جاتيءَ جو اپمان ٿيو آهي تنهنجي سنبنڌ ۾ تون بيپرواهه به ڪيئن رهي سگهندين؟ کر ۽ دوشڻ جنستان ۾ ماريا آهن، چاڪاڻ جو هو همٿ ڪري رام جي سامهون ٿيا هئا. اُنهن سڀني جو خيال ڪري جيڪي نيڪ سمجهين سو ڪر. اڙي، پنهنجي جاتيءَ جو مان ۽ پرتشٺا بچاءِ، بچاءِ، بچاءِ!“

پنهنجي ڀيڻ جا هي شبد سڻي ۽ سيتا جي سندرتا جي جاڻ پائي، راوڻ پنهنجي دربار سماپت ڪري اڪيلي هنڌ وڃي ويچار ڪرڻ لڳو. چاڪاڻ جو جيڪي ڪجھ ماريچ هن کي چيو هو تنهنجي هيڪي يادگيري هئي، تنهن ڪري هن ڳالهه بابت هو بار بار سوچيندو رهيو. پنهنجي من ۾ سڀني ڳالهين جو اڳ پوءِ جاچي هو نيٺ ڪنهن فيصلي تي پهتو. هن پنهنجي آدمين کي آگيا ڪئي ته ڳجهه ڳوهه ۾ هن لاءِ هڪ رٿ تيار رکن.

اهو سونهري رٿ تيار ڪيو ويو جنهن کي راڪشس جي

تت ٻڌي هو ڏکي ويو. ماريچ کي رام جي شڪتيءَ جو
پيؤ هو. وري تپسيا جي ڪري سندس ٻڌي ۾ تکي هئي،
و چتر ۽ سياڻو هو. انهيءَ ڪري هن سمجهي ورتو ته
پيندهه ڇا ٿيندو.

هن سمجهيو ته راوڻ کي پنهنجي ڀڄڻ ٻري ارٿ ۾ سڦل
ٿيڻ جي رتي پر به آشا ڪانه آهي. هن کي پڪ هئي ته درياءَ،
ي ٿاهي راوڻ جي ڳچيءَ ۾ پئجي چڪي آهي ۽ اُها ڪيس
روناش جي پاسي گهلي رهي آهي. راوڻ پنهنجي جاتيءَ جي
ن، راجائي ڌرم ۽ شورپنکا جي نرادر جون ڳالهيون برابر
ڪيون، پر سچ پچ منجهس ڪام جي واسنا جو واسو هو. هنجي
ڇا هئي ته سيتا کي هٿ ڪريان. ماريچ اِها سموري
الهه سمجهي ورتي.

اسانکي شورپنکا جي پريوجن جو به ويچار ڪرڻ گهرجي.
ن جيڪي ڪجهه سنو هو، تنهنجو ڪارڻ اهو هو جو سندس
ڪام واسنا سنديس وس کان ٻاهر نڪري ويئي هئي. جيتوڻيڪ
نيس ڪروپ لڪشمڻ ٻڌايو هو ته به هوءَ لڪشمڻ سان ايترو
ڪاوڙيل ڪانه هئي، جيترو سيتا سان. هن سمجهيو ته سندس
ڪامنا سڌ ڪرڻ ۾ سيتا ئي رڪاوٽ آهي. وري سيتا جي
سونهن لاءِ هنکي ايتري ڏڪار هئي، جيتري انڌيري کي
رڪاش لاءِ ٿيندي آهي.

هيءُ وير ڀاوَ هنجي دل اَندرهڪ ئي اِڇا کي دکائي رهيو هو.
سيتا جو اَپمان ڪري هن پنهنجو بدلو وٺڻ ٿي چاهيو. پنهنجي
ريوجن جي سڌيءَ لاءِ هن راوڻ کي ڪم ۾ آڻڻ ٿي چاهيو.
اُنهيءَ لاءِ هن سيتا جو سندر من موهيندڙ ورنن ڪري سندس
اندر ۾ ڪام واسنا کي ڀڙڪايو. هن ٻيون جيڪي به ڳالهيون
ٿي ڪيون سي رڳو اُنهيءَ لاءِ، ته سندس مکيه پريوجن سڌ ڪرڻ
۾ کيس سهايتا ملي. پنهنجي جاتيءَ جي مان، سامراجيه جي
سلامتي، مائٽن جي مرڻ جون وارتائون، هن رڳو اُنهيءَ لاءِ ڪيون،

سامهون وٽ ڊانهين آئي آهي. انهن سيني ڳالهين کي نظرانداز ڪري جيڪڏهن مان چپ ڪري ويهندس ۽ ڪجهه ڪين ڪندس ته پوءِ مان راجا سڏائڻ جي لائق ئي نه رهندس.

"وير ونڻ لاءِ مون نشچو ڪيو آهي ته مان رام جي استريءَ کي ٻڌڪ بڻ مان پڄائي اچان. پنهنجي جاتيءَ ڏانهن منهنجا ڪي فرض آهن، ۽ انهن جي پالنا لاءِ اهو ضروري آهي ته مان رام کي سيکت ڏيان ۽ سندس اپمان ڪريان. انهيءَ لاءِ مونکي تنهنجي سهايتا جي ضرورت آهي. تون مونکي مدد ڏيندين ته مونکي ڪو ٻه ٻپ ڊاءُ ڪونه رهندو. هن پرٿويءَ تي ڪو ٻه توسان ساهس ۽ بل ۾، ڪشلتا ۽ جادوُ وديا ۾ برميچي نٿو سگهي. انهيءَ ڪري ئي مان تو وٽ آيو آهيان. تون مونکي انڪار ڪونه ڪري سگهندين. مان توکي هاڻي ٻڌايان ٿو ته ڪئن منهنجي سهايتا ڪر.

"تون هڪ سنهڙي هرڻ جو روپ ڌار، شرير ٻڻاءِ سوني جو ۽ منجهس پتا رک چانديءَ جا، جئن جيڪو ٻه انکي ڏسي سو انجي مايا جي پرڀاءِ هيٺ اچي وڃي. اهو روپ ڌارڻ ڪري رام جي آشرم وٽ سيتا جي سامهون بهي نينگ ٽپا ڏي. جئن استرين جو سڀاءُ ٿيندو آهي، هوءَ رام ۽ لڪشمڻ کي زور پريندي ته توکي پڪڙڻ لاءِ تنهنجي پٺيان پون. جنهن ويلي هو هن ريت مشغول هوندا ۽ سيتا اڪيلي ٻيٺي هوندي، مان سهنجائيءَ سان ڪيس پڄائي سگهندس.

"سندرتا ۾ ڪا ٻه استري سيتا جي مٽ ڪونه آهي. اهڙي پتني گنوائي رام اوس دک ۾ ڳري ويندو ۽ سندس همت گهٽجي ويندي، ۽ پوءِ ڪيس مارڻ ۽ پنهنجو بدلو وٺڻ سڪالو ڪم ٿي پوندو."

ماريچ راوڻ ڏانهن گهور ڪري نهاريو. سندس منهن جو پنو لهي ويو ۽ سندس تارون سڪي خشڪ ٿي پيو. راوڻ جي

جاتي ۽ لنڪا جو راج ناس ٿيندو.

”اُهو ڪهڙو شترو جاڳيو آهي جنهن هن پرڪار جا ناس ڪندڙ ويچار تنهنجي دماغ ۾ وڌا آهن؟ ڪير آهي اُهو جيوُ جنهن توکي هڙي ٻڇڙي صلاح ڏني آهي، جنهنجي ڪري تنهنجي جاتي ۽ راج کي نه رڳو جوکم رسندو، پر اهي ٻنهه تباهه ٿي ويندا!

”توکي ڪنهن ٻڌايو آهي ته رام موٴج ۽ مزن، ڪوڙ ۽ ڪپت جو ڪانکي آهي؟ رام ته ڌرم جي مورتي آهي. هو پنهنجو ٻل ۽ پراڪرم ڌرم جي رکيا لاءِ ئي ڪتب آڻيندو آهي. جئن ديوتائن ۾ اِندر سڀني جو سرمور آهي، تئن منشن ۾ رام سڀني جو مٽڪ آهي.

”توکي اهڙي همت ڪئن ٿي ٿئي جو سيتا تي بري درشٽي تو رکين؟ ڇا ڪڏهن به سيتا تنهنجي ڳالهه مڃيندي؟ برابر تون ڪيس رام کان جدا ڪري سگهندين. آهي ڪو اهڙو جيو جو سورج کي نڳي سگهي ۽ سندس پرڪاش چورائي سگهي؟ جيڪڏهن تون جنڪ جي پٽريءَ جي ٻرندڙ آگ جي ويجهو ويندين ته جلي پسم ٿي ويندين. رام جي ٻاڻن جو شڪار نه ٿيءُ. پنهنجي موت جي ڪڍ نه وڃ. اُنهيءَ آگ جي ويجهو نه وڃ جنهنجو رکيڪ رام آهي.

”پوريءَ ريت اڳ پوءِ ويچار ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن به ڪم ۾ هٿ وجهڻ نه گهرجي. تون رام کي ڪڏهن به يڌ ۾ جيتي ڪونه سگهندين. اي راڪشس راج! منهنجي شبدن کي ٻڌو اڻ ٻڌو نه ڪر. توکي ياد ڪونه آهي ڇا ته اڳين ڪال ۾ جڏهن مونکي پنهنجي ٻل جو ٻانور هو تڏهن مون وشوامتر جي پوڄا پاٺ ۽ يڳ ياڳ ۾ وگهن وڌو هو. اُنهن ڏينهن ۾ رام ته هڪ ڇوڪرات هو، اُنهيءَ هوندي به دشرٿ کان موڪل وٺي وشوامتر رام کي پنهنجي يڳ جي رکيا لاءِ وٺي آيو هو. اُنهيءَ رشيءَ کي رام جي شڪتيءَ جي پوري ڄاڻ هئي. مان

نه راوڻ جي ڪام چيشٽا تيز ٿي ۽ هو سيتا کي هٿ ڪرڻ جي چاهنا ڪري. انهيءَ ڪري راوڻ ڦاسي ويو.

اڌياءُ ٣٥

سونو هرڻ

هاريچ راوڻ کي چيو: ”اي راجن، جيڪي ڪجهه تو چيو سو سمورو ورتانت مون ٻڌو. منهنجي من ۾ اُتي دک وياپي رهيو آهي. خوشامد ڪرڻ سولو ڪم آهي. خوشامد آدمين کي وڻندي آهي. سچي اٿوڻندڙ صلاح ڏيڻ وارا تمام ٿورا ٿيندا آهن. انهن کان به گهٽ آهي انهن جي سنکيا جن کي اهڙي صلاح پسند پوندي آهي. انهيءَ هوندي به مان پنهنجو ڌرم پاليندس ۽ ڪوڙو سچ ڳالهائيندس. هن وقت منا بول توکي وڻندا پر اهي توکي پڪ ئي پڪ جوکم ۽ بربادي جي طرف گهلي ويندا.

”تنهنجي سماچار رسائيندڙن توکي رام جي بابت سچ ڪونه ٻڌايو آهي. جيڪي ٻين توکي رام لاءِ چيو آهي تنهن سان نگهجي نه وڃ. هو نڪي ئي ڌرم پرشت آهي، نڪي ئي اپراڌي آهي. هو نه هڪ ڌرماتما پتر آهي، جو پنهنجي پتا جي وچن کي پاڙي ڏيڻ لاءِ هن ٻن ۾ گهمي رهيو آهي. هو نربل ڪونه آهي. هو گيدي ڪونه آهي. هو نه هڪ وڏي شڪتيءَ وارو يوڌو آهي. سنسار ۾ ڪو به اهڙو يوڌو ڪونه آهي جو شستر استر هلائڻ ۾ هن جي مٽ پڄي سگهي.

”هن کي پنهنجو ڪٽر شترو نه بڻاءِ. پنهنجي جاتيءَ ۽ راڄ کي ناس نه ڪر. جيڪي ڪجهه تون ڪري رهيو آهين، تنهن مان اهو انومان ٿو نڪري ته سيتا جو جنم ئي ٿيو آهي توکي ناس ڪرڻ لاءِ. انهيءَ ڪري جلد ئي راڪشسن جي

برائيءَ جو پورو ويچار ڪري. پر مان تو وٽ اهڙي صلاح وٺڻ ڪونه آيو آهيان. مان راجا آهيان. مان انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته توکي ٻڌايان ته مان هن ڪم ڪرڻ جو نشچيه ڪيو آهي. مان چاهيان ٿو ته تون مونکي انهيءَ رٿ کي پوري ڪرڻ ۾ سهايتا ڏي. مونکي اها آشا آهي ته تون ائين ڪندين. تو اها ڳالهه وساري ڇڏي آهي ته توکي وفاداري ڪرڻي آهي. توکي اهڙي همت ڪئن ٿي ٿئي جو مونکي چئين ٿو ته مان جيڪو ويچار ڪيو آهي سو نيڪ ڪونه آهي. مان هرهڪ ڳالهه جو ويچار ڪري نرڻيه ڪيو آهي. هيءُ نيچ ماڻهو، جنهنجي تون ايتري ساراهه ڪري رهيو آهين، انهيءَ جي يوگيه ڪين آهي ته مان ڪيس کليل يڌ لاءِ نيم انوسار للڪار ڪريان. هو آهي ڪهڙي موڙي؟ هو اهو ماڻهو آهي جنهنکي ديش نيڪالي مليل آهي. هو اهو مورک آهي جنهن کي هڪ استريءَ راڄ ۽ سندس اڌڪارن کان وانجهي ڇڏيو آهي. هنجي واسطي پوري سزا اها آهي ته سندس استري کسي ڪري سندس اپمان ڪجي. هيءُ پڪو نرڻيه ۽ نشچو آهي. انهيءَ ڪري تنهنجون ڳالهيون هن اوسٿا سان لاڳو ئي نٿيون ٿين. مان جيڪي چاهيان ٿو سو توکي ڪرڻ گهرجي ۽ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانه آهي. هڪ سندر ۽ وچتر هرڻ جو روپ ڌارڻ ڪر. پوءِ سيتا جي اڳيان ٻهي ڪيس موهڻ جي ڪوشش ڪر. سيتا رام کي تنهنجي پٺيان پوڻ ۽ توکي پڪڙڻ لاءِ چوندي. پوءِ تون رام کي دور ڇڪي وڃج ۽ پوءِ رام جهڙو آواز بنائي چئج 'او،سيتا!او، لڪشمڻ!'اهي شبد ٻڌي سيتا سمجهندي ته رام ڪنهن ڪٺنائي ۾ ڦاٿل آهي. پوءِ هوءَ لڪشمڻ کي زور ڀري رام جي رکيا لاءِ موڪليندي. اهڙي ريت جڏهن هوءَ اڪيلي رهجي ويندي، تڏهن مان ڪيس لنڪا ڀڄائي ويندس. هڪ وار مونکي هن پرڪار مدد ڏي، پوءِ تون ستنتر آهين ۽ جيڪي وڻيئي سو ڪج. جيڪڏهن تون هن وقت مونکي

ٻيهر اگني اجهاڻڻ لاءِ اپوتر رت ۽ مانس ڪٽي ويديءَ جي ويجهو ويس. انهيءَ وقت انهيءَ ڇوڪرات رام جو مقابلو ڪرڻو پيو. خبر اٿيئي ته ڇا ٿيو؟ هن هڪ ٻاڻ ڇوڙيو، جنهن ڪري سباهو اتي جو اتي مري ويو. ٻئي سان هن منهنجا پير اکاڙي مونکي سمنڊ ۾ ڪري اڇلايو. اهو رام ڇوڪرو هاڻي وڏو ٿيو آهي. اڳي کان سندس ٻل گهڻو وڌيل آهي. شسترن هلائڻ جي ڪلا ۾ به هو گهڻو وڌيو آهي.

”رام جي ڪروڌ کي نه جاڳاءِ. پنهنجن لوڪن کي جيڪي هن وقت ڌن دولت ۽ سک سمپتي جا مزا ماڻي رهيا آهن، تنکي برباد نه ڪر. سيتا لاءِ اڃا من ۾ رکي پنهنجي سمپن ۽ سندر راڄ کي ناس نه ڪر. پنهنجي موت کي هٿ وٺي سڏ نه ڪر. راوڻ مان ڏسان ٿو ته جيڪڏهن تون هن مورکتا جي مارگ تي هلندين ته پوءِ تون ناس ٿي ويندين. لنڪا کي آگ لڳندي ۽ انجون گهڻيون مڙدن جي لاشن سان ڇانئجي وينديون. لنڪا جون وڏوائون ۽ اناٿ ٻالڪ رئندا ۽ رڙندا رهندا. هن مهاپاپ کان پاسو ڪر. جيڪڏهن توکي رام تي ڪاوڙ آهي ته هن جو اڪيلي سر مقابلو ڪر ۽ هڪ وير پرش جيان موت جي منهن ۾ وڃ. نڳيءَ جو مارگ نه وٺ. مونکي انهيءَ ۾ نه اڙاءِ. پوئتي وڃ ۽ وڃي پنهنجي انيڪ استرين سان سک ماڻ. يم ديوتا کي پنهنجي جاتيءَ ۽ پنهنجي ديش ڏانهن نينڊ نه ڏي.“

ماريچ راوڻ جي ڀلائيءَ لاءِ پوري اتساه سان ليلايو، ٻاڏايو. پر انهيءَ هوندي به راوڻ کي نڪي خاطري ٿي، نڪي ئي هو خوش ٿيو. ڪام جي ستايل منش کي نيڪ صلاح ڪٿي آئڙندي؟ جئن ڪو روڳي دوا درمل وٺڻ کان انڪار ڪندو آهي تئن راوڻ ماريچ جي صلاح مڃڻ کان انڪاري ٿيو.

راوڻ سڀ ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ چيو، ”جيڪڏهن راجا اها ڳالهه پڇي ته هيءُ ڪم ڪرڻ گهرجي يا نه، ته پوءِ هنجي صلاحڪار کي اهو اڌڪار آهي ته انهيءَ ڪم جي ڀلائي ۽

...ر ڀيچ جو هٿ پڪڙي رام جي آشرم ڏانهن اشارو ڪري ڪيس
...ٻيو ته، " رتا موجب جيڪي ڪجهه توکي ڪرڻو آهي، تنهن
...جي پوئواري ڪر."

يڪدم مارڀيچ پنهنجو روپ بدلايو. هو هڪ اچرج جهڙو
...هرڻ ٿي پيو. هرڻ جي پن پن انگن جا نرالا نرالا رنگ هئا.
...هرهڪ انگ کي پنهنجي انوکي سندرتا هئي. آڪاش جي
...تبدلت جيان هرڻ هرهڪ جي دل کي موهي ٿي ڇڏيو. سندس
...سهڻيءَ چمڙيءَ تي سون، رپو، هيرا ۽ گل هڪ ٻئي پٺيان ڏسڻ
... تي آيا. اِئين پيي پاسيو ته هڪ سوني جي شرير تي جواهرن
...جي وهندڙ نهر وهي رهي آهي.

هن مايا وي هرڻ جي شرير جي سوڀيا دل هرکائيندڙ ۽ جادوُ
...ڀرشل هئي. هرڻ ڪنهن وقت هڪ هنڌ بيٺو ٿي رهيو. ٻئي
...وقت وري من موهيندڙ ٻڪ ٻوڙ ٿي ڪياءِ. ڪنهن وقت
...ڄيٺ نمي ڌرتيءَ تي گاهه ٿي چريائين ته ٻيي وقت ڪنڌ
...مٿي ڪري ٻوٽن جا نازڪ پن ٿي کاڌاءِ. هڪ وقت آشرم
جي ويجهو ڌيري ڌيري پيي گهميو، ته ٻئي وقت ٽپ ڏيئي
نظر کان پري ٿي وري ڪٿي پريان اچي پرگهٽ ٿي ٿيو. ڪنهن
وقت ته هو وڃي ڪنهن هرڻن جي ولر سان پيڙو ٿي ٿيو ته
ٻئي وقت وري اڪيلي سر ٿي گهميو. ٻيا هرڻ ڪيس نڪ سان
سنگهي، پؤ ڪائي پري ٿي پڇي ويا.

سيتا انهيءَ سمي ٻن ۾ گل چونڊي رهي هئي. سندس
نظر هن مايا وي هرڻ تي وڃي پيئي. هن وچتر پراڻيءَ کي
ڏسي وسمئه ۾ پئجي گهور ڪري ڏانهنس نهاريندي رهي.
هرڻ به ڏانهنس گهور ڪري نهاريو ۽ سندس اڳيان هيڏانهن
هوڏانهن ڀڄڻ لڳو. انهيءَ ڪري ساري ٻن جي سندرتا وچتر
ٿي پيئي.

سيتا کي اها انڻ ڻڻ تي ته رام ۽ لڪشمڻ به اچي هن جيوَ
کي ڏسن، سو واڪو ڪري چيائين، "اچو، اچي هنکي ڏسو!

اها مدد نه ڏيندين ته پوءِ ياد رک ته توکي موت جي گهاٽ اُتاريندس."

ماريچ دل ۾ چيو، "راوڻ کي اڄ يوت لڳو آهي. موت مٿس لامارا هڻي رهيو آهي. اُنهيءَ ڪري ڪنهن به ڳالهه تي ڌيان ڪونه ڏيندو. پاپي ويچار ڪيس ۾ لوڪ ڏانهن گهلي رهيو آهي. مونکي راوڻ ماري تنهن کان وڌيڪ چڱو اهو آهي ته مان رام جي هٿان مران. اهڙيءَ ريت مان گهٽ ۾ گهٽ شتروءَ جي هٿان ته پراڻ ڏيندس."

اُنهيءَ ڪري هن رٿ تي عمل ڪرڻ قبول ڪيو.

هن چيو، "مان ته توکي چڱي صلاح ڏني آهي پر تون اها ٻڌندين توروئي؟ جيڪڏهن مان تنهنجي اِڇا پوري ڪندس، ته مان پڪ ئي پڪ مرندس. انهيءَ ڳالهه جي به گهٽ پڪ ڪانه آهي ته جلد ئي تون به پنهنجي سموري پدارٿ سوڌو ناس ٿيندين. اسان جي جاتي به پوري ٿي ويندي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اسانجي جاتيءَ جي ڪنهن شتروءَ، جنهن جي توسان ايرکا آهي، تنهن اسان جي جاتيءَ کي ناس ڪرڻ جو پهه پچائي، توکي هن پرڪار جو اُبتو رستو بتايو آهي. سک. مان تنهنجي هٿان مران تنهن کان بهتر آهي ته مان ڪنهن اهڙي وير پرش جي هٿان پورو ٿيان، جنهن لاءِ منهنجي من ۾ آدر آهي. اچ ته ڊنڊڪ بن ڏانهن هلون."

هي شبد سڻي راوڻ ڪپڙن ۾ ئي نٿي ماپيو. هن ماريچ کي گلي لڳائي چيو، "ماريچ! تون هاڻ منهنجو اڳي جيان پيارو پراڻا آهين."

ٻئي هڪ وماڻ تي چڙهي ڊنڊڪ بن ڏانهن روانا ٿيا. هوُ پهاڙن ۽ نديون، نگرن ۽ راڄن جي مٿان اُڏامندا ويا. نيٺ ڊنڊڪ بن ۾ اچي پهتا. اُتي هنن ڪيلن جي باغ ۾ رام جو آشرم ڏٺو.

آشرم جي ٿورو پريان هنن پنهنجو وماڻ هيٺ لاٿو. راوڻ

سيتا سهي ڪيو ته لڪشمڻ کي سنڌس هن پر ليلائڻ ۽ ور پرڻ چڱو نٿي لڳو. اُنهيءَ ڪري هنجو چاهه هٿوئين وڌيڪ تيز ٿيو. هن پڪو ارادو ڪيو ته رام تي زور وجهي اهو هرڻ پڪڙايان. جڏهن اسانجي هردي ۾ ڪا تکي ترشنا اُٿپن ٿيندي آهي، تڏهن جيڪڏهن ڪو ماڻهو اُنهيءَ جي پوري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجهندو آهي، ته اسين هن تي ناراض ٿيندا آهيون، پوءِ ڪٿي اهو اسان کي ڪهڙو به ويجهو ۽ پيارو هجي.

هن پرڪار جي ترشنا منش جي من ۾ ڪئين ولوڙو وجهندي آهي، تنهن واسطوڪ سچائيءَ جو ورنن ڪرشڻ ڀڳوان گيتا ۾ کولي ڪيو آهي. سيتا جو وهنوار اُنهيءَ اوستا جو هڪ پربل پرماڻ آهي.

هن واکو ڪري چيو: ”ڏسو! سچو سونو تو ڏسڻ ۾ اچي! وري هاڻي ته ڪري ڏسو ته ڪئين نه چانديءَ جيان چمڪي رهيو آهي. جيڪڏهن اوهين هن جانور کي جيئرو پڪڙي نه سگهو ته ڪيس تير هڻي ماريو ته پوءِ اسين سنڌس کل ئي گهر کڻي هلون. ٻيهر وري اهڙي سندر مرگهه چالا اسان کي ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندي. اهڙي چال تي وهڻ ۾ ڏاڍو آنند ايندو. ڏسو ته هاڻي هرڻ ٻئي پاسي وڃي رهيو آهي. ڪرپا ڪري وڃو ۽ وڃي هن کي جيئرو ڦاسايو. جي اِئين نه ٿي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌس چمڙي هٿ ڪريو.“

هن وڌيڪ چيو: ”ڏسو، هڪ وار ٻيهر ڏسو. هيترن سارن سالن ۾ مون ته هن بن ۾ اهڙي سندر وستو ڪڏهن به ڪانه ڏٺي آهي. اِئين ٿو ڏسڻ ۾ اچي جڻڪ ٽمڪندڙ تارن جو ڪو ميڙ آهي!“

هن پرڪار جي منٿ ٻڌي رام جي دل ريجهي پيئي.

هن دل ۾ چيو: ”سمجهيو ته لڪشمڻ برابر آهي. هي سچو هرڻ ڪونه آهي، پر هڪ راڪشس آهي. پوءِ ته ان کي مارڻ

اچو اچي هنکي ڏسو!"

هن زور سان چيو، "جلدي اچو!" رام ۽ لڪشمڻ ڪٽيا کان ٻاهر نڪري آيا ۽ هن انوکي پراڻيءَ جي سندرتا پسي اچرج ۾ پئجي ويا.

لڪشمڻ جي من ۾ سنسو جاڳيو. هن ڀانيو ته هي رواجي هرڻ ڪونه آهي، پر ڪو روپ بدلائيل ٻهروپي راڪشس آهي. رام ۽ لڪشمڻ ٻنهي مارِيچ جون ڳالهيون ٻڌيون هيون. کين خبر هئي ته هُو ڪئي وار هرڻ جو روپ ڌارڻ ڪري انهن لوڪن کي گمراهه ڪندو هو، جيڪي ٻن ۾ هرڻن جو شڪار ڪرڻ ايندا هئا.

لڪشمڻ چيو، "هي ڪو رواجي جانور ڪونه آهي. هيءَ ڪنهن راڪشس جي فند ۽ فريب جو نتيجو آهي."

سيتا چيو، "هن هرڻ کي ڪنهن ريت ڦاسايو. اسان هن کي آشرم ۾ لاڏلو ڪري پالينداسين. هن ٻن ۾ هن جهڙو سهڻو جيوُ مون هن کان اڳ ڏٺوئي ڪونه آهي. ڏسو! چڱيءَ پر ڏسو. ڪهڙا نه نرالا آهن سندس رنگ! ڪهڙي نه وندرائيندڙ آهي سندس راند روند!"

اُن ريت هوءَ هن هرڻ جي گڻن جي واکاڻ ڪندي، اِها اچا پرگهٽ ڪندي رهي ته اُن کي پڪڙي ڪري پاڻ وٽ رکجي. چاهه مان چيائين، "منهنجي خاطر ڪنهن به ريت هن کي هٿ ڪريو."

هن رام کي ٻاڏائي چيو: "اسان جلد اَيوڌيا ڏانهن موٽي هلنداسين. ڇا هن ٻن مان ڪا اَڻلڀ وستو ساڻ کڻي نه هلون؟ ڪهڙو نه سندر درشيه ڏسڻ ۾ ايندو جڏهن هيءُ نرالو ساهه وارو منهنجي محلات جي اندرين ڪمرن ۾ گهمندو گهتندو؟ ڀرت هنکي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيندو. مان چاهيان ٿي ته هي ڀرت کي سوکڙي طور ڏيان. منهنجا پريتم! منهنجي ڪري هن کي پڪڙي اچ. ڪنهن به نموني مون لاءِ هن کي هٿ ڪر."

گهايندي ايندي آهي، تڏهن اِئين ماريچ ڪيو. هرڻ به چار قدم ڪُٽڻ کانپوءِ ذرا هڪ جاءِ تي بيهي پنهنجي شڪاريءَ ڏانهن گهور ڪري نهاريو ٿي. پوءِ اوچتو ٽپ ڏيئي اڳتي ٿي پيو، جهٽڪ کيس پؤ تي لڳو. ڪنهن وقت ڪن ڪَڙا ڪري، پنهنجا ڪُر چاتيءَ ڏانهن ورائي وٺي ٽپا ٿي ڏنائين. ڪڏهن وري ڪن پل وڃي وڻن جي وچ ۾ ٿي لڪو. وري ڪنهن ٽڪريءَ جي مٿان ظاهر ٿي ڪنهن آڪاش مان لنگهندڙ ڪڪر جي سامهون بيهي پنهنجو رنگبرنگ روپ وڌيڪ سندر ڪري ٿي ڏيکارياءِ. ڪنهن وقت وري رام کي پنهنجي ويجهو اچڻ ٿي ڏنائين. ڏيکارائين اِئين پئي ڄڻ ته ٿڪجي پيو آهي ۽ جلد پڪڙجي سگهندو. اُجا کيس پڪڙڻ جي ڪوشش ٿي ٿي ته ٽپ ڏيندو ڪيڏانهن گم ٿي ٿي ويو.

اِئين ٿيندو رهيو، جيستين ماريچ رام کي ڏاڍو پري ڪڍي ويو. پوءِ راڪشس سمجهيو ته هن طرح راند گهڻو وقت هلي ڪو نه سگهندي. پڻ هن اِها ڳالهه به سهي ڪئي ته سندس پڇاڙي اچي ٿي آهي. رام به هرڻ جو پيڇو ڪري ٿڪجي پيو هو، تنهنڪري هن پنهنجو ڌنش موڙيو ۽ هڪدم تير هلايو. ماريچ هاڻي پنهنجي سچي پچي روپ ۾ ڏيکاري ڏني ۽ رام جي آواز جهڙو آواز ٺاهي زور سان پڪاريو، ”او سيتا! او لڪشمڻ!“ اِئين آواز ڪري هو مري ويو ۽ ڌرتيءَ تي ڪري پيو.

رام دل ۾ چيو، ”لڪشمڻ برابر هو. هي هرڻ سچ پچ ته هڪ راڪشس هو.“

هن وڌيڪ هيئن خيال ڪيو: ”راڪشس جو آخرين آواز ٻڌي سيتا نڀجي ويندي. اِئين به ٿئي ته هن کي پؤ وٺي وڃي.“

پوءِ وري پاڻکي هن ريت دلاسو ڏنائين، ”سيتا ڏکي ويئي ته ڇا آهي؟ لڪشمڻ ته وٽس ويٺوئي آهي.“

سندس من پوءِ آنند ۽ ايمان ۾ پرجي ٽپڻ لڳو، چاڪاڻ

لاءِ وڌيڪ ڳرو سبب آهي. اُنهيءَ ۾ پڇو ڇو ڪائجي؟ جيڪڏهن مان هن کي جيئري نه ڦاسائي سگهيس ته کيس ٻاڻ هڻي ڪيرائيندس ۽ سندس ڇمڙي سيتا کي آڻي ڏيندس. جڏهن هن جي اهڙي تکي اِڇا آهي، تڏهن اسان جو فرض نه آهي ته کيس آڻي ڏيون؟"

هن لڪشمڻ کي ڌنش ٻاڻ آڻڻ جي آگيا ڪئي. لڪشمڻ جي دل نٿي ٿي، پر تنهن هوندي به هن ڀاءُ جي آگيا پالي.

رام هرڻ جي پٺيان روانو ٿيو. ويندي چيائين: "لڪشمڻ خيال ڪجِ. سيتا جي پرسان ويٺو رهجِ. ڏاڍي خبرداريءَ سان سندس سنڀال ڪجِ. مان جيئرو يا مئل هرڻ هٿ ڪري جلد موٽي ايندس. چنتا نه ڪر. سمجهه ڪري ته هيءُ هڪ راڪشس آهي، پوءِ به ڇا؟ راڪشس کي ته مارڻو ئي آهي. هن جو اهڙو ئي حال ٿيندو جهڙو واتاپيءَ جو ٿيو هو. جيڪڏهن ڪو راڪشس هرڻ جو روپ ڌاري اسانکي ٺڳڻ آيو آهي، جئن واتاپيءَ اگستيه کي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئي، ته پوءِ هو پنهنجي ئي وڇايل جار ۾ ڦاسندو. هي جانور مونکي ڇا ڪري سگهندو؟ هرڻ هجي يا راڪشس هجي، ڳالهه ته ساڳي ئي آهي."

رام وري لڪشمڻ کي چيو، "خبردار ٿجِ. سيتا جو ڌيان رکجِ. ڪنهن به وقت ڪا خرابي نه ٿي پوي. ساوڌان رهجِ."

وڌاتا هيءُ رنگ منچ درڀاڳيه لاءِ تيار ڪيو هو. لڪشمڻ گهڻو ڪري اُٻهرو هوندو هو ۽ تڪڙ ڪري وجهندو هو، سو هن واري سنديه ۽ سنسي ۾ پئجي ويو. رام جو سدا سچيت رهندو هو، سو لڪشمڻ جي چتاءَ ڏانهن ڌيان نه ڏيئي هاڻ سيتا جي مورکتا واري اِڇا اڳيان جهڪي پيو. هو هاڻي مرگهه روپي ماريچ جي ڪڍ ويو.

راوڻ کي گهڻو سمو ۽ وڏا وجهه مِلن، اُنهيءَ لاءِ ماريچ رام جي ٻهچ کان پري پري رهيو، پر ڪڏهن به سندس نظر کان غائب ڪونه ٿيو. جئن پاوِي ڪنهن کي پنهنجي پٺيان

پوءِ سنديه جي ڪري سيتا جي دل کي ڏاڍو ڏک ٿيو. انهيءَ ڪري هوءَ ڇتي ٿي پيئي. هوءَ ٻنهي هٿن سان پنهنجي ڇاتي پٽڻ لڳي. هوءَ پنهنجي جوش کي قبضي ۾ رکي ڪونه سگهي ۽ رڙ ڪري چياءِ، ”اي سمترا جا پٽ! تون ٻه اڄ شترو ٿي پيو آهين ڇا؟ هيترا سارا ورهيه ڪپٽ ڪندو رهيو آهين ڇا؟ ڇا اسان سان انهيءَ لاءِ رهيو پيو آهين ته ڏسان ته رام ڪڏهن ٿو مري؟ ڇا متر جي روپ ۾ سارو وقت تون اِها آشا رکي ويٺو آهين ته رام مري ته پوءِ مان سيتا کي هٿ ڪريان؟ اي نياڳا پاپي! جي اِئين نه آهي ته پوءِ ڇو هٿ ٻڌي هٿ ٻيٺو آهين؟ جڏهن ڀاڻي مدد لاءِ سڏ ڪري رهيو آهي تڏهن اوڏانهن وڃڻ کان اِنڪار ڇو ٿو ڪرين؟ اي نڳـ، ! ايءَ متر دروهي!“

هي ڪٺور وچن لڪشمڻ کي زهريلي تيرن جيان ڇيڇي ويا. سندس ڇاتي ڇڇي پيئي. هن پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون ڪري وڌيون. سيتا ڪروڌ وچان رنو ٿي. لڪشمڻ کيس نرمائيءَ سان وينتي ڪري چيو، ”اي وديهي! رام هن سنسار ۾ ڪنهن به شتروءَ جو مقابلو ڪري هنکي جيتي سگهندو. ڪنهن به پرڪار جو ڀؤ ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي. تون مونکي ماتا کان به وڌيڪ آهين. پاڻ کي شانت ڪر. هن سنسار ۾ ڪو به جيو اهڙو ٻلوان ڪونه آهي جو رام کي هٿ لائي سگهي يا کيس ڪو نقصان رسائي سگهي. اي ماتري! جيڪي شبد تو ڪم ۾ آندا آهن، سي تنهنجي منهن تي نٿا پون. نڪي ڏک، نڪي ڏک ڪر. پڪ ئي پڪ رام انهيءَ هرڻ جو لاش کڻي ايندو جيڪو توکي گهرجي.

”جيڪو آواز اسان ٻڌو، سو رام جو ڪونه هئو. اها راڪشس جي هڪ ٺڳي آهي. ٺڳجي نه وڃ. اَجايو ڏک نه ڪر. منهنجي ڀاءُ مونکي انهيءَ لاءِ ٻهاريو آهي ته مان تنهنجي سنڀال ڪريان. مونکي وڃڻ لاءِ نه چؤ. مان وينداس ته تون

جو ڪيس لڪشمڻ جهڙو ڀاءُ هو، جهڙو پيار ۾ پڪو، تهڙو ئي ڪم ۾ ثابت قدم. تڏ اُنهيءَ وقت جيڪي ڪجهه آشرم ۾ وهي واپري رهيو هو— کهڙا نه ڪٺور ٻول سيتا لڪشمڻ کي ٻوليا— تنهنجو رام کي ڪڏهن خيال اچي سگهي؟ پرالبت ڏاڍي ڪٺور ۽ نٺر ٿيندي آهي.

اڌياءُ ٣٦

وير مٺر جٽايو پکي

ماريچ رام جهڙو آواز بڻائي پڪاريو، ”هاءِ، هاءِ! او سيتا! او لڪشمڻ!“ سيتا اهو آواز ٻڌي ڏڪجي ويئي. جڏن ڪيلي جو وڻ طوفان ۾ لڏندو آهي، تهڙيءَ ريت سيتا ڪنبندي رڙ ڪري چيو: ”او لڪشمڻ! تون پنهنجي ڀاءُ جو آواز نٿو ٻڌين؟ ڀڄ! جلد پهچي وڃي هنجي مدد ڪر!“

سيتا کي ڀؤ ورائي ويو. هن ڏٺو ته لڪشمڻ چرڻ جي نٿو ڪري. انهيءَ ڪري هن بار بار دلي دک وچان لڪشمڻ کي منٿ ڪئي ته وڃي. چيائين ”مان پنهنجي پتيءَ جو آواز ٻڌان ٿي. هو ڪنهن ڪنائيءَ ۾ قاتل آهن. وڃ، وڃ، جلد وڃ! هو ڪنهن وڏي خطري ۾ آهن، مدد لاءِ سڏ ڪري رهيا آهن. تو سندن آواز ڪونه ٻڌو ڇا؟ اڃا اِئين چپ ڪري ڇو ويٺو آهين؟ پڪ ئي پڪ تنهنجي ڀاءُ کي راڪشس ويڙهي ويا آهن. انهيءَ ڪري هو مدد لاءِ سڏ ڪري رهيا آهن. هن جي بچاءَ لاءِ پهچڻ جي بدران تون اِئين چپ چاپ ويٺو آهين!“

لڪشمڻ راڪشسن جي لڇڻن مان چڱيءَ پر واقف هو. هنکي پنهنجي ڀاءُ جي آگيا جي به يادگيري هئي. هو جڻي بيٺو هو اُتان چُريو ئي ڪونه.

ڙا وچن ڪئن ٿا نڪرن؟ منهنجي اکين ۾ ته اهي ڏنپ ٿي
لڳن. تنهنجي انهن ويچارن ۾ سراسر انياءُ ۽ اتياچار سمايل
ي. مان سڀني ديوتائن جو سوڳند کائي ٿو چوان ته تنهنجو
سنديه صفا بي بنياد آهي. تون نيٺ به ته هڪ اِستري آهين. ٻين
ستريُن جيان تون به ٻين کي ٻرو ڪري سمجهڻ ۾ ويرم نٿي
ڪرين. مونکي ڊپ ٿو ٿئي ته تنهنجي مٿان جلد ڪا وڏي
بدا اچڻ واري آهي. نه ته جيڪر تون مونکي نڪي ٻرو
سمجهين ها، نڪي ٻرو ڪوٺين ها."

نراڀراڌ لڪشمڻ ڏکڻ لڳو. سمجهيائين ته سندن مٿان ڪا
فت اچڻ واري آهي.

سيتا چيو: "هيڏانهن نهار، هت گهٽيون ئي سڪيون ڪانيون
يون آهن. جيڪڏهن تون يڪدم رام جي طرف ڪيس مدد ڏيڻ
۽ نه وئين ته مان ڪانين کي جلائي، باهه ۾ ڪري ٽپو ڏينديس.
يا ته مان وڃي گوداوريءَ ۾ ٻڏنديس. يا ته مان ڦاهو کائي
رنديس. مان وري به توکان هڪ وار پڇان ٿي ته تون ويندين
يا نه ويندين؟ يا مان مري وڃان؟"

سيتا وري ڇاتي پٽيندي رئڻ لڳي. اهو لڪشمڻ جي
سهڻ کان ٻاهر هو. هن گنڀيرتا ۽ پوڄا جي ڀاوَ سان هٿ مٿي
ٺي چيو:

"چڱو، منهنجي ڀيڻ! تنهنجي آگيا پالينداس ۽ پنهنجي ڀاءُ
جي آگيا ڀنگ ڪنداس. مان توکي اڪيلو ڇڏي ويندس.
شل تون صحيح سلامت رهين. شل بن جا ديوتائون تنهنجي
ڪيا ڪن. مان تنهنجي حڪم جي ٻجاوري ڪنداس. مونکي
پسوڻ ٿا ڏسڻ ۾ اچن، مونکي ڏاڍو ڏر ٿو ٿئي. مان چئي نٿو
سگهان ته وري مان توکي ۽ رام کي گڏ ڏسي سگهندس يا نه.
انهيءَ هوندي به مان وڃان ٿو!"

هو پنهنجي مرضيءَ جي برخلاف ويو ۽ ويندي هر هر ,
پوئتي ٿي نهاريائين.

اڪيلي رهجي وينديون. مان پنهنجي ڀراتا جي آگيا ڀنگ نٿو ڪري سگهان. اسان جنستان جي راڪشسن کي ماريو آهي، انهيءَ ڪري سندن مٽ مائٽ جدا جدا نمونن ۾ اسانکان وير وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اسانکي سندن ڪوڙا آواز ٻڌي ۽ سندن ڪوڙا روپ ڏسي گمراهه ٿيڻ نه گهرجي. مدد لاءِ جيڪو سڏ ٿيو، سو رام جو ڪونه هو. ذرا به ڀؤ ڀولو نه ڪر.“

سيتا جو ڪروڌ تيز ٿيندو ويو. هو ڇڙڪ ته ٻري ٿي. سندس اکيون ڪاوڙ وچان ڳاڙهيون لال ٿي پيون. هن هي ٻيائڪ اکر وائون ڪڍيا: ”تون پنهنجي ڀاءُ جي آگيا جو اجوڳ لاڀ وٺي رهيو آهين. سندس دک ڀريل دانهن جو توتي ڪو به اثر ڪونه ٿو ٿئي. پٽ جيان هڪ جاءِ تي بيٺو آهين. تون چاهين ٿو ته هو ڀل ناس ٿي وڃي! ڪهڙو نه وڏو نڳ آهين! هيترا سال مونکي ۽ رام ٻنهي کي تون ٺڳيندو رهيو آهين! اي نيچ، پاپي، نپاڳا سوار ٿي! تون پاڻکي ڀاءُ ٿو ڪوٺائين؟ اي ڪوڙا مٽر، توکي رام کي ڪشٽ ۾ ڏسي خوشي ٿي ٿئي ڇا؟ هاڻي مان سمجهي سگهان ٿي ته تون اسان سان ٻن ڏانهن ڇو آيو آهين. توکي ڀرت ڇيڙيو آهي ڇا؟ اوهان سڀ منهنجي پتي ديو جا شترو ٿي چڪا آهيو ڇا؟ اوهان سڀني کا پاپ جي سٽ سٽي آهي ڇا؟ مون پنهنجو جيون رام سان گڏ گهاريو آهي. ڇا مان ڪڏهن به توڏانهن يا ٻئي ڪنهن ڏانهن نظر ڦيرائي سگهنديس؟ جي رام مئو ته مان به مري وينديس. اِها پڪ ڪري ڇاڻج.“

سيتا ڪروڌ وچان ائين ڳالهائڻ لڳي ڄڻڪ ڪو جوالامکي پهاڙ ڦاٽو هجي. زوردار وهڪري ۾ لڪشمڻ ته ٻڏي ويو. اهي ڪٺور وچن لڪشمڻ جي هردي ۾ وهه ۾ ٻڏل باڻن جيان چڀي ويا. سندس وار ڪڙا ٿي بيٺا. هن پوڄا جي ڀاءُ سان هٿ ٻڌي چيو، ”اي ماتري ديوي! اي ڀڳوتي! تنهنجي وائان

...ڻ شڪتيءَ ۽ پدارٿ جو خيال ڪري، سندس اِڇا جي
...يان جهڪندي. هن اِئين به سمجهيو ته رام جي اَپمان ڪرڻ
...رو ۽ ڪيس سزا ڏيڻ جو سنئي ۾ سنو اهوئي رستو آهي. هن ائين
...سمجهيو ته جڏهن هن جي اڳ ۾، ڏنلين اِسترين وهنوار ڪيو هو،
...ن سيتا به ڪندي.

جيڪي ڦل ڦول سيتا کيس ڏنا هئا، تن جي سامهون
...يهي ساڌو مهراج سيتا جي سوپيا جي اهڙن اُتساهه پريلن شبدن
... ساراهه ڪرڻ لڳو جي هڪ سچي سنياسيءَ جي واتون سهن ئي
... پيا. سيتا جي شرير ۾ جيڪا سونهن سوپيا هئي تنهنجي
...ن پرشنسا ڪري ڪانئس پڇيو، ”تون ڪير آهين؟ هن بن
... جتي راڪشسن ۽ جهنگلي جانورن جو واسو آهي، تت تون هتن
...ڪيلي ڇو ويٺي آهين؟“

سيتا کي ڏاڍو اچرج لڳو، ته به هن ساڌوءَ جي سوالن جا
...جواب ڏنا. هن سمجهو ته راجڪمار جلد ايندو، اُنهيءَ ڪري
...وءَ گهور ڪري ڪٽيا جي دروازي ڏانهن نهاريندي رهي.

آهستہ آهستہ هن مهمان پنهنجي جاڻ ڪرائي، هن پنهنجو
...الو پڌايو ۽ پنهنجي ونش ۽ ڪل جي وڏائيءَ ۽ پنهنجي ڏن
... شڪتيءَ جي جهجهائيءَ جو ورنن ڪيو. پنهنجي ساراهه
...ڪرڻ کانپوءِ، هو رام جي ندا ڪرڻ لڳو. اَنت ۾ چيائين:

”منهنجي پتني ٿي لنڪا ۾ هلي آنند واري شاندار جيون
...ڪات. اچ، هل ته هلون!“

هن اوچتيءَ اوستا ۾، سيتا جي پوترتائي جي ڪري کيس
...يتري شڪتي ملي ويئي، جو هوءَ هن بلوان راڪشس جنهن
...جي هنکي جاڻ ٿي چڪي، تنهنجو مقابلو ڪري سگهي.

هن ڪاوڙ ۾ آيل ڪاريهر نانگ جيان ڦوڪون ڏيندي
...چيو، ”اي نيچ پاپي! تنهنجو اَنت ويجهو اچي پهتو آهي.
...جيڪڏهن جيئرو گهر موٽي وڃڻو اَٿيئي ته هن آشرم مان
...يڪدم هليو وڃ!“

لڪشمڻ هليو. سندس دل اندر ڏک ۽ ڪروڌ ڪري ٻار ۽
آنڌ مانڌ هئي. هو سيتا جا ڪئور وچن ڪيئن ٻڌي سگهي
ها؟ وري انهن کي وساري به ڪيئن سگهي ها؟ جنهن راجڪمار
پنهنجو سرونس رام سان گڏ رهڻ جي خاطر تياڳ ڪيو هو،
تنهنجي دل بلڪل ڦاٽجي پيئي.

لڪشمڻ انهيءَ طرف ويو، جيڏانهن رام ويو هو. راوڻ
انهيءَ گهڙيءَ لاءِ سيڙيو ويٺو هو. هو هاڻي رام جي آشرم وٽ
آيو. هن ٻڪاري ساڌوءَ جو روپ ڌارڻ ڪيو. کيس ڪيسري
ڪپڙا پيل هئا. سندس من ۾ هو گندي ۾ گندو ويچار، پر
سندس وات ۾ هئا ويد جا منتر.

سيتا ڪٽيا جي در وٽ ويٺي هئي. سنديس اکيون ٻن
۾ ڪتل هيون. هوءَ انتظاريءَ مان رام جي راهه ڏسي رهي
هئي. راوڻ سيتا کي ڏٺو. جيئن ئي راوڻ سيتا کي ڏٺو تيئن ئي
سندس اها ڪامنا جا شور پنڪا سندس من ۾ اٿڻ ڪيئي هئي
سا وڌيڪ ڏرد تي ۽ پڻ اينري قدر وڌي ويئي جو انکي
روڪڻ ڪٺن ٿي پيو.

سيتا جڏهن ڪيسري وستري ڀريل، ڪرمنڊل ۽ ڏنڊي وارو
گهومو ساڌو ڏٺو، تڏهن هنجي نمرتا سان آجيان ڪئي، جيئن ٻوتر
پرشن جي آجيان ڪبي آهي. هن دان گهريو. ڌرم مريادا ۽
پرمپرا انوسار سيتا کيس وهڻ لاءِ آسڻ ڏنو ۽ کيس ڦل ڦول
۽ ڪند مول پيش ڪيا.

ساڌو ويهي ڪري وري سيتا ڏانهن نهارڻ لڳو. هن جي
ترشنا وڌي ويئي. راوڻ جيتوڻيڪ هڪ پاپي راڪشس هو،
ته به هنجي من ۾ اها سڀاويڪ ڀاونا هئي ته سيتا جي هردي
کي پرپايان. هن زوري ڪرڻ نٿي چاهي؛ هنجو ارادو هو ته
سيتا جي دلي سويڪرتي وٺي پوءِ کيس پنهنجي پتني بڻايان.

لنڪا نريش جي اها اڇا ۽ آشا هئي ته هو سيتا کي پرپائي
پنهنجو بڻائي. هن اِئين سمجهيو ته سيتا ڪنگال رام جي پٺر ڇڏي،

...جو ڪوبہ ويچار نہ ڪيو. هن ڏٺو تہ راجڪماري ڪشٽ ۾ ...اتل آهي. هنکي پنهنجي پراڻي متر دشرٿ جي بہ ياد اچي ...يئي. هن جيڪا رام سان پرتگيا ڪئي هئي، سا بہ سندس ...ن تي تري آئي. هن سنڪلپ ڪيو تہ پنهنجي جيئندي جيءُ ...هو هن پرڪار جو اتياچار ٿيڻ ڪونہ ڏيندو.

جٽايوءَ هيٺئين سنئون سڌو راوڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ...چيائينس، "اي راجن! مان بہ تو جيان راجا آهيان، مان پرمار ...پکين جو راجا آهيان. اي منهنجا راجائي ڀراتا! منهنجي ڳالهہ ...ٻڌ. هن پاپ ڪرم جي پٺيان ڇڏي ڏي. هيڙو نرلڄتا جو ڪم ...ڪري، تون ڀائڪي راجا ڪيئن سڏائي سگهندين! ڇا راجائن ...جو اهو ڌرم نہ آهي تہ هو استرين جي لاڄ جي رکيا ڪن؟ ...ري سيتا هڪ راجڪماري آهي. مان توکي چتاءُ ٿو ڏيان ...تہ جيڪڏهن تون هنکي ڇڏي نہ ڏيندين تہ تون بلڪل ناس ...ٿي ويندين. سندس نظر ئي توکي ڀسم ڪري ڇڏيندي. ياد ...رک تہ تون هڪ زهريلي ڪاريهر سپ کي پنهنجي سيني ۾ ...سانڍي رهيو آهين. يم جي ڦاسي اڄ تنهنجي ڳلي ۾ پيل آهي، ...آها توکي هن پرڪار نرڪ ڏانهن گهلي رهي آهي.

"مان ٻڍو آهيان. مونکي ڪو هٿيار بہ ڪونہ آهي. تون ...جوان آهين. رٿ ۾ ويٺل آهين ۽ تون پورن ريت هٿيار بند ...آهين. اُنهيءَ هوندي بہ مان چپ ڪري ڏسندو ڪونہ رهندس ...تہ تون سيتا کي کڻي وڃين. تون رام جي غير حاضريءَ ۾ گيدين ...جيان هيءُ ڪکرم ڇو ڪري رهيو آهين؟ توکي جيڪڏهن ...رام کان ڪو ڊپ پيٺل آهي تہ هن سان سامهون ٿي لڙائي ...ڪر. تون اُڏامي وڃڻ ٿو چاهين؟ مون کان ڀڄي نڪرڻ ٿو ...چاهين؟ جيسين مان جيئرو آهيان تيسين تون ڀڄي ڪونہ ...سگهندين. مونکي نڪي تنهنجي رٿ جي ڪاڻ آهي؛ نڪي ...تنهنجي ڏهن سرن جي پرواهہ آهي. تنهنجي چمڪندڙ هٿيارن ...کي بہ مان ڪجهہ نٿو سمجهان. تو هٿ اچي هن ٻوميءَ کي

راڪشس هاڻي بلڪل چڙي پيو. هن راڪشس کي ڏاڍي گهڻي وني ويئي. هن پاڻکي ڇپائي، جيڪو نرميءَ ۽ مروت جو پاکنڊ رچيو هو، سو هاڻي بند. اُڇلائي ڇڏيائين. پاڻکي جنسي سڄي ۽ اصلوڪي ظلمي ڀاڪماڻي روپ ۾ ظاهر ڪيائين. هن هڪ هٿ سان سيتا جا وار پڪڙيا ۽ ٻئي هٿ سان ڪيس مٿي کنيو. اِئين هنکي وڻن جي ٽنيان ٻيٽل رٿ ڏانهن ڪڍي ويو. هنکي زوريءَ رٿ ۾ چاڙهي آڪاش ڏانهن اُڏامڻ لڳو.

سيتا زور سان پڪاريو، "اي منهنجا ديو! اي منهنجا رام! تون ڪٿي آهين؟ اي سڄڻ مٽرن جا مور مڪٽ لڪشمڻ، مان هٿ ۽ مور ڪنتا ڪري توکي پاڻ وٽان ڇو ڌڪي ڪڍيو؟"

راڪشس سيتا کي قابو ڪري رکيو ۽ وڻن کي هلائيندو ويو. ڌرتيءَ تي جيڪي وڻ ۽ ٻوٽا هئا، تن کي سيتا پڪاري نويدن ڪئي ته اُهي رام کي سندس هن اوسٽا جي جاڻ ڪرائين.

ٻڍو جٽايُو پکي هڪ وڻ تي وينو هو، ڪيس اڌوگابري ننڊ هئي. هن وڻن کي اُڏامندو ڏٺو ۽ کنهن دک ۾ ڦاٿل اِستريءَ جو آواز ٻڌو. هاڻي هوُ بلڪل سجاڳ ٿي پيو. هن سيتا کي سڃاتو. سيتا ڪانڌس سهايتا جي گهر ڪئي.

راجڪماريءَ جي حالت ڏسي جٽايو جي رت ٽهڪڻ لڳي. "جهل! جهل! هيءُ ڇا ڪري رهيو آهين؟" هي شبد اُچاري هو رٿ جي سامهون ٿي بيٺو.

سيتا روئي چيو: "لنڪا جو راجا مونکي زوريءَ اُڏائي ڪٺي ٿو وڃي. پر اي منهنجا نربل پراڻا مٽر، تون هنکي ڪئن روڪي سگهندين؟ اي مٽر، تون اوڏانهن اُڏامي وڃ جتي رام ۽ لڪشمڻ آهن ۽ وڃي کين منهنجي هن نربلتا جو سارو ورتانت ٻڌاءِ."

جٽايوءَ جا وڏا ڪيترين پيڙهين کان وايُو تي راڄ ڪندا هئا ۽ هو بلڪل ٻي ٻ پا هوندا هئا. اُنهن وڏن جو جنگي رت اڄ جٽايُو جي شرير ۾ جاڳ لڳو. هن راوڻ ۽ سندس ٻل

پڊو وير پکي جهپٽ هڻي راوڻ جي پٺيءَ تي مٿون اچي ڀو ۽ وڏيون وڏيون مانس جون ٻوٽيون پٽي ورتاءِ. هن اهو يتن ڪيو ته جن ٻانهن سان راوڻ سيتا کي جهلي بيٺو هو، ن کي وڍي ڇڏي. پر راوڻ کي هيون سڀيون ساريون ويهه انهون. جٽن أي سندس هڪ پڳي تي لتن أي هن ٻيءَ ٻانهن سان سيتا کي ٿي جهليو. سيتا بي وس ٿي ڦٿڪندي رهي. بيٺ راوڻ سيتا کي ڇڏيو ۽ ترار مياڻ مان ڪڍي جٽايوءَ جا ۽ چنبا ڪپي ڇڏيا. پڊو پکي هاڻي بلڪل بي وس ٿي رتيءَ تي ڪري پيو. هو هاڻي چرڻ پرڻ کان به رهجي ويو.

جانڪيءَ ڊوڙ پائي جٽايوءَ کي گلي لڳائي زور سان چيو، "اي منهنجا پتا، منهنجي خاطر تو پنهنجي جان گنوائي آهي. يون منهنجي پتيءَ جو پيو پتا آهين. اي اسان جا وير وفادار متر! هاءِ! تون هليو وئين!"

راوڻ وري سيتا ڏانهن ڌيان ڏنو، اُنهيءَ لاءِ ته هو وري هنکي کڻي وڃي. هوءَ لاچار ٿي رڙ ۽ هيڏانهن هوڏانهن وڙڻ لڳي. وڻ وڻ کي پڪار پائي پئي چياءِ، "اي منهنجا رام، ون ڪٿي آهين؟ اي لڪشمڻ، تون ڪٿي آهين؟ تون مون ٿي بچائڻ لاءِ ڪونه ايندين؟" راڪشس نيٺ هنکي جهلي آڪاش اُڏامڻ لڳو.

ڪاري ڪلوني پاري شرير وارو راوڻ جٽن سيتا کي جهلي آڪاش ۾ اُڏيو ٿي، تٽن سيتا جو سرير اِئين ڏسڻ ۾ ٿي آيو جڻ ته هڪ وڏي اونداهي بادل جي مٿان کنوڻ کنوي رهي آهي. بعضي اِئين پي لڳو ته ڪنهن پهاڙ تي ٻيٺل ٻيلي ۾ آگ لڳي آهي. اوڻ جو سرير سيتا جي تجلي سان ائين پئي ڀڪيو جڻ ته هڪ آپدائي ڀڇر تارو هو.

اهڙيءَ ريت سيتا کي راڪشس کڻي ويو. سورج جي روشنائي جهڪي ٿي پيئي ۽ مقرر وقت کان اڳ ئي پرٿويءَ تي اونده ڦهلجي ويئي.

اپوتر ڪيو آهي. تنهنجا سر انهيءَ پوءِ تي ليٽڙندا. جيڪڏهن تون گيدي ڪونہ آهين، جيڪڏهن تون چور ڪونہ آهين تہ رٿ تان هيٺ لهي مون سان لڙائي ڪر."

راوڻ جو ڪروڌ ڀڙڪو کائي اُٿيو. هن جٽايوءَ تي حملو ڪيو. ٻنهي جي وچ ۾ يڌ شروع ٿي. يڌ ڇا هئي! زبردست طوفان جو ڪنهن ورشا سان ڀريل ڀاري بادل سان ٽڪر! ٻنهي جي مٿان آڪاش ۾ يڌ هلي رهي هئي. جٽايو اِئين ٿي وڙهيو جڻ ڪو پرن وارو پهاڙ!

راوڻ هن تي تير هلائڻ شروع ڪيا. پر انهيءَ شاهاڻي عقاب اُنهن سڀني کي وچ ۾ روڪي ڇڏيو. هن پنهنجي چنبن سان راوڻ جو مانس پٽي ورتو. راوڻ چتو ٿي پيو ۽ نانگن جي شڪل جهڙا تکا ٻاڻ پکيءَ جي طرف ڇوڙيائين.

هيءُ وير پکي ڏاڍو ڦٽجي پيو، جنهن ڪري سندس بچڻ جي اُميد ئي گهٽجي ويئي. انهيءَ هوندي بہ هو بنا ڊپ ڊاءَ جي وڙهندو رهيو. هن پرڪار جي ٻي جوڙ يڌ ڏسي سيتا جي اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. جڏهن جٽايوءَ سيتا کي ڏٺو، تڏهن هن راوڻ تي وڌيڪ سخت حملو ڪيو. سندس عمر ڏاڍي وڏي هئي، انهيءَ ڪري هو ڪمزور ٿي ويو هو. انهيءَ هوندي بہ هن پاڻکي جهلي، سموري طاقت گڏ ڪري، سوڀ پائڻ لاءِ راوڻ تي ڏاڍي زور سان وار ڪيو. هن پنهنجي ڦٽن جي پرواهہ نہ ڪري، راوڻ تي سخت حملو ڪيو. پنهنجي پرن سان هن راوڻ جو جواهرن جڙيل مڪٽ ٽڪر ٽڪر ڪري ڌرتيءَ تي اڇلائي ڇڏيو ۽ سندس ڌنش کسي ورتو. هن رٿ تي بہ وار ڪيو ۽ هن راڪشس جي شڪل وارن خچرن ۽ ڪوچوان کي بہ ماري وڌو. رٿ جا هزارين ٽڪر ڪري وڌا. راوڻ ڌرتيءَ تي ڪري پيو، پر سيتا کي قابو جهلي بيٺو. راوڻ جي ڪرڻ ڪري پرڪرتيءَ جا تت ڏاڍو پرسن ٿيا.

داءِ سمرڻ ڪندو ۽ ساراهيندو رهندو! لوڪ چوندا ته واهه
ڻ سورهيه آهي! ڪيس سامهون وڙهڻ جو پراڪرم ته ڪونه
هي، پر چوريءَ ڪرڻ ۾ چتر آهي! جيڪڏهن تون سچ پچ
ڪنهن اوچ ڪل جو آهين ته تو کهڙو نه ڪلنڪ ان ڪل تي
تو آهي!

”کهڙي آش رکي مونکي هن ريت پڪائي آيو آهين؟
هڻو وقت جيئڻ جي اميد اٿيئي؟ جلد ئي رام جا تير توکي
جي لڳندا ۽ توکي پورو ڪري ڇڏيندا. ياد ڪر ته رام توکي
ڏنو نه آهي ته تون مئو نه آهين. بچڻ جي بلڪل اميد نه رک.
تن پڪ ئي پڪ رام جي هٿون مرندين. اهڙي حالت ۾ هٿن
نگيءَ ڪرڻ مان توکي کهڙو لاڀ ٿيندو؟ مان ته ڪڏهن به
تنهنجي ڪانه ٿينديس. تنهنجي اڳيان جهڪان تنهنکان اڳه
مان مري وينديس. منهنجي پتيءَ ديو ڪي ڪاوڙائي تون
ڪنهن به صورت ۾ هن ڪان بچي نه نڪرندين. جلد ئي توکي
رڪ جي ندي وئترڻيءَ جو درشن ڪرڻو پوندو. اتي تنهنجي
اڪر پائڻ لاءِ لوهي جي تتل ڳاڙهي ٿيل مورتي موجود آهي.
ساڳيءَ ريت لوهي ميخن سان وڻ تو لاءِ ترسيو وينو آهي.
جهستان ۾ رام هڪ گهڙيءَ جي اندر تنهنجي لکن راڪشسن کي
پورو ڪري ڇڏيو، پوءِ هو توکي ڪٿي ڇڏيندو؟ جلد ئي هو
توکي يم پوريءَ ڏانهن روانو ڪندو.“

سيتا هن ريت راوڻ کي ڦٽ ڦٽ ڪري ڇتاءُ تي ڏنو.
پر راوڻ بنا رٿ جي آسمان مان لنڪا جي طرف لائين تي
اڏامندو ويو، جئن ڌنش مان ڇٽل باڻ. هو ڪيترين ندين ۽
پهاڙن جي مٿان اڏامندا ويا. اڏامندي سيتا ڏٺو ته هيٺ
ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ڪي ماڻهو ويٺا آهن. هن پنهنجي
پوتي لاهي، انهن پنهنجا ڳهه ٻڌي، هڙڙي ڪري هيٺ اڇلائي.
هن کي اِها اميد هئي ته هنن زيورن کي ڏسي رام انومان
ڪري سگهندو ته راوڻ سيتا کي ڪٿي کهڙي طرف پڳو آهي.

سڀ جيئو ٻاڪاريندا رهيا: ”ڌرم نشٽ ٿي ويو. سچ الوپ ٿي ويو. ٻيو ۽ ديا هاڻ نه رهيا.“

پوتل تي گهمنڊ ڳگدار پسون آڪاش ڏانهن نهاري ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا.

راوڻ سيتا کي زور سان پڪڙي اُڏامندو ٿي ويو. سچ پچ نه هو پرلوڪ ڏانهن ٻوڙندو ٿي ويو. جئن اُڏامندا ٿي ويا، تئن جيڪي گل سيتا کي پيا هئا تن مان پنکڙيون پئي ڪريون، ۽ جئن جئن پنکڙيون ڌرتيءَ تي ڇڙيون پکڙيون ٿي، تئن تئن جڻ راوڻ جو ڌن پدارٿ ڌرتيءَ تي ڇڙيا پکڙيا ٿي، ۽ ڪرندي اهو اِشارو ٿي ڪيائون ته جلدي راوڻ جو راج پاڳه به اِئين گم ٿي ويندو.

اَڌياءُ ٣٧

بند ٣

ڪروڌ ۽ ڏک سان ڀريل ڳاڙهيون اکيون کولي راوڻ ڏانهن نهاري، سيتا روئندي چيو، ”اي دشٽ! تو پنهنجي ناماچار ۽ وڏي ڪل بابت ڏاڍيون ٻٽاڪون ٿي هنيون. تو پاڻ کي هڪ بانڪو بهادر ٿي سڏايو. ڇا وير پوڌا هئن هلت ڪندا آهن؟ تنهنجو اندر توکي ڪائي نٿو؟ توکي لڄ ڪانه ٿي اچي؟ ڪهڙو پوڌو اُنهيءَ لاءِ اکيون پائي وهندو آهي ته ڪنهن اِستريءَ جو پتار پاسي ٿئي ته هو انهيءَ ديويءَ کي چورائي ڪڍي اچي؟ ڪوبه وير پرش هڪ نربل اڪيلي ويٺل ديوي کي انهيءَ وقت پڇائيندو آهي جڏهن هن جو ڪوبه راکو موجود ڪونه هوندو آهي؟

”هن پکيءَ جنهن مونکي بچائڻ جو يتن ڪيو، تنهن کي ماري تو ڪهڙي سوڙهيائي ڏيکاري آهي؟ آشرم ۾ تو ڪهڙا نه يت ٿي هنيا! سچ پچ ته سنسار تو جهڙي وير ور پام کي

جيتوڻيڪ هوءَ اتي دک ۾ گرفتار هئي ته به سندس من
ي و دري ۽ استر هو، چاڪاڻ جو ڪيس رام جي بل ۽ پراڪرم
ي پورو باور ۽ ڀروسو هو. هنکي راوڻ جي هلت ڪري به
ڪي قدر آتت مليو، چاڪاڻ جو هن هاڻي ساڻس پسن جهڙي
ملت ڪانه ٿي ڪئي.

پنهنجي آدمين کي جنستان ڏانهن روانو ڪري ڪان پوءِ
وڻ سيتا جي ڪمري ڏانهن موٽي آيو. هن ڏٺو ته سيتا اُتي
ڪ ۾ گرفتار ٿي نير وهائي رهي آهي. راڪسياڻيون
مبرداريءَ سان مٿس پهرو ڏيئي رهيون هيون.

راوڻ سمجهيو ته سندس ڌن ڌانيه ۽ بل پراڪرم کي ڏسي
سيتا سندس ڳالهه پڌندي. انهيءَ ڪري ڪيس راوڻ جي مهان
ڪلاٽ جو سئر ڪرايو ويو ۽ ڪيس راوڻ جي سڄ ڌج ۽ شان
سوڪت جو سارو سڙو سامان ڏيکاريو ويو. سنسار جي بئي
ڪنهن به راجا ڪڏهن به راوڻ جيترو ڌن ۽ سک جو سامان
ڪٺ ڪونه ڪيو هو.

سيتا کي اڪيچار سون ۽ چاندي، اڻ ڳڻت جواهر ۽ رتن، ۽
ت پٿر ڏيکاريا ويا. پڻ ڏيکاريا ويا ڪيس سندر پي نگ
سان تهيل تلها ۽ ٽيلا، برج ۽ رٿ، هزارين نوڪرياڻيون ۽
چاڪرياڻيون. توري ۾ ڪيس هر پرڪار جي شاهاڻي شان ۽
شاهوڪاري مان مرتبي جي اُهڃاڻن جو درشن ڪرايو ويو.
ر هنجي نظر ڪنهن به شيءِ تي ڪانه پيئي؛ هن جي من
ندر ويچار ئي ٻيا تي وسيا.

راوڻ هن تي اِهو اثر به وهارڻ تي چاهيو ته وٽس اڪيچار
شڪر آهي. پر سيتا اڳيئي راوڻ جي بل جو اندازو لڳائي
ڪي هئي ۽ اُن جي راوڻ جي سنمک ڪنور وچنن ۾ آلوچنا
ڪري چڪي هئي.

راوڻ پوءِ هنکي سمجهائي چيو، "هن سموري ڌن پدارٿ
کي پنهنجو ڪري سمجهه ۽ اُن جون موجون وڻ. تون منهنجي

پمپا نديءَ سمنڊ کي پار ڪري راوڻ لنڪا ۾ وڃي
پهتو. ڏکڻ جي ڌيءَ سيتا کي ساڻ ڪري پنهنجي ڪمرن
۾ داخل ٿيو. هن مورک ائين سمجهيو ته مان شڪار ڦاسائي آيو
آهيان. پر ڪيس اها ڪل ئي ڪانه ٿي پيئي ته هن اِستريءَ جي
روپ ۾ پنهنجي موت کي هٿ سان پنهنجي گهر وٺي آيو هو. پوءِ
هن ڪن راڪسياڻين کي گهرائي کين سيتا تي پهري رکڻ جي
آگيا ڏني. هننکي چيائين ته بنا موڪل جي ڪنهن جيو کي
سيتا جي ويجهو اچڻ نه ڏجو.

راوڻ راڪسياڻين کي چيو: "هنکي جيڪي ڪجهه گهرجي،
وستر، سون، يا رتن، سو سڀ ڏجوس. هنجي خوب شيوا
ڪجو ۽ هر ريت عزت مان ڏجوس. ساڻس اهڙي هلت هلجو
جهڙي مون سان هلنديون آهيو."

هن پنهنجي نوڪرياڻين کي چتاءُ ڪندي چيو، "جيڪڏهن
ڪا سيتا کي اُبتو سبتو ڳالهائي ناراض ڪندي ته پنهنجو
موت آڻيندي. ڪنهن کي به ڄاڻي ٻجهي يا غفلت وچان
ڪيس ناراض ڪرڻ يا رنج رسائڻ نه گهرجي."

اهڙيءَ ريت سيتا کي اندرين ڪمري ۾ بند ڪري، راوڻ
هاڻي ويچار ڪرڻ لڳو ته وڌيڪ ڪهڙو قدم کڻي. هن ڪن
هوشيار جاسوسن کي گهرائي، کين هن پرڪار جي آگيا ڏني:
"يڪدم جنستان ڏانهن جتي کر رهندو هو، اوڏانهن وڃو.
خوب جاچ ڪري اچي خبر ڏيو ته رام ڇا پيو ڪري. جيسين
رام جيئرو آهي تيسين منهنجي نيڻن ۾ ننڊ ئي ڪانه ايندي.
هو منهنجو وڏي ۾ وڏو ويري آهي. ڪنهن به ريت هنکي مارڻ
گهرجي. بهادريءَ سان وڃو، پنهنجو ڪم پورو ڪري موٽي اچو."

سمنڊ جي وچ ۾ بيٺل هڪ ٻيٽ جي ڪوٽ ۾ بانڌ ٿيل
سيتا کي پتو ئي ڪونه ٿي پيو ته هوءَ ڪٿي آهي، يا رام کان
ڪيترو پري آهي. هنکي اِها اميد هئي ته ڪڏهن به سندس
پتي ديو اچي اتي نڪرندو ۽ راوڻ کي ماري ڪيس آزاد ڪندو.

ڪري هن پنهنجو منهن ڪري ساڙهيءَ جي پلوَ سان ڍڪيو.

هاڻي راوڻ وري سيتا کي آزي نيزاري ڪرڻ لڳو: "لڄ نه ڪر. مونکي پتي ڪري مڃيندينءَ ته توکي ڪو به پاپ نه لڳندو. اُنهيءَ ۾ ڪا به شرم جي ڳالهه ڪانه آهي. لکيل آهي ته ڀڳوان جيڪو پرساد ڏئي، سو پرسنتا سان سويڪار ڪرڻ گهرجي. اي سندري! مان تنهنجي چرنن تي سر ڌري تنهنجي ڪرپا لاءِ وينتي ڪري رهيو آهيان. مان تنهنجو داس آهيان. مان پنهنجيءَ سموريءَ شڪتيءَ ۽ ٻل کي ڀلائي توکان پرساد پني رهيو آهيان. مان پنهنجي سموريءَ زندگيءَ ۾ هن ريت ڪونه نميو آهيان."

راوڻ کي اهو پڪو ويچار هو ته هوُ سيتا کي هرڪائي سندس پريم هٿ ڪري سگهندو.

جنهن منش جو من شڌ هوندو آهي، سو هر اوستا جو همت سان مقابلو ڪري سگهندو آهي. سيتا راوڻ سان بهادريءَ سان ڳالهايو. راوڻ جي جواب ڏيڻ کان اڳ هن راوڻ ۽ پنهنجي وچ ۾ گاهه جو ذررو ڪري رکيو.

جڏهن سنياسيءَ جو روپ ڌارڻ ڪري راوڻ پنچوٽيءَ ۾ سيتا جي ڏنل ڦلن جي سامهون ويٺو هو تڏهن هن وڏيءَ ويرتا جون ڳالهيون ٻي ڪيون. هاڻي بند ۾ باند ٿيل سيتا جي شبدن مان راوڻ جي واڪن جو پڙڏاءُ ٻي آيو. کهڙي نه همت سان هن پنهنجو وارتالاپ ٿي ڪيو:

"مونکي چڱيءَ پر سڃاڻ. دشرٿ جو نالو ٽنهي لوڪن ۾ وڳل هو. هن ورهين جا ورهيه راڄ ٻي ڪيو. هو ڌرم ۽ ست جو رکيڪ هو. سندس پتر رام، ديوتائن جهڙو آهي جنهنجو روپ، شينهن جهڙو آهي جنهنجو ٻل، سو منهنجو پتي ديو آهي. منهنجو پتي ۽ سندس ڀاءُ لڪشمڻ توکي اوس ماريندا. توکي خبر آهي ته جنستان ۾ منهنجي پتي ديو ڪئين کر ۽ سندس سئنا کي سماپت ڪري ڇڏيو. جئن پرمار هڪ زهرناڪ

راڻيءَ تي رهنديون، مان توکي پراڻن کان به پيارو ڪري ڄاڻندس
مونکي گهڻيئي ڳالهيون آهن، پر تون سيتا جي راڻي تي رهندين
هن کان پوءِ مان رڳو توکي ئي پيار ڪندس، منهنجي ڳالهه
ٻڌ. منهنجي ڪامنا پوري ڪر. هن ٻيٽ جي چوگرد سون
ميلن ۾ سمنڊ ڦهليل آهي. هزارين يوڌا هن ٻيٽ جي رکيا
ڪري رهيا آهن. ڪنهن کي به مجال نه آهي جو هن ديش ۾
پير پائي سگهي. نڪي ڪو ديوتا، نڪي ڪو اسر ئي مون
سان ٻل ۾ برميچي سگهندو ۽ انهن سڀني کي اها ڄاڻ آهي.
هڪ ديش نيڪالي ڏنل، ٻن ۾ ڀٽڪندڙ نرڌن کي ڇهڻي
پوڻ ۾ توکي ڪهڙو سک تو ملي؟ انهيءَ ۾ تنهنجي ڪهڙي
عزت آهي؟ جيتري آهي تنهنجي سوڀيا، تيتروئي آهي منهنجي
ڌن دولت. اهي ٻئي پاڻ ۾ خوب ٺهڪندا. ڄڻڪ لڪشمي ۽
سندرتا اچي ڪٺيون ٿينديون. پنهنجي جوانيءَ جو سمو وئرٿ
نه وڃاءِ. پڪ ڄاڻ هن کان پوءِ توکي رام جو درشن ئي ڪون
نصيب ٿيندو. رام هن سونيءَ نگريءَ جي ويجهو اچي ئي ڪون
سگهندو. هن سموري راڄ کي هاڻي پنهنجو ڪري سمجهه.
مونکي ۽ منهنجا آگياڪاري جيڪي ديوتائون آهن، تن سڀني
کي پنهنجو ٻانهو ڪري ڄاڻ. هن وقت تائين تون اڳلي جنم ۾
ڪيلن پاپن جي ڪري دک ڀوڳيندي رهي آهين. اڄ کان پوءِ
مون سان گڏجي تون اڳلن جنمن ۾ ڪيلن پنج ڪرمن جا ڦل
ماڻيندينءَ. تون لنڪا جي راجيشوري ۽ لنڪا نريش جي
ڌرم پتني ٿي پونديءَ. لنڪا نريش اهو آهي جنهن ڪبير
کي به جيتيو هو. اڄ ته پشپڪ ومان ۾ چڙهي خوب جڳت جو
سئر ڪري مزا وٺون. دک جي ڪڪرن کي پنهنجي منهن تان
هٽائي، سک جي چندرما کي چمڪڻ ڏي."

جئن جئن راوڻ هن ريت پي ڳالهايو تئن تئن سيتا جا
لڙڪ نڪرنديون ڪري ٿي وهيا. هن جي اها مرضي نه هئي ته
سندس شترو ائين سمجهي ته هوءَ ڪنبي رهي آهي، انهيءَ

سپني ۾ ٻہ اِئين نہ سمجھہ تہ تنهنجي ڏپ ڪري يا جان
بچائڻ جي خاطر مان ڪو تنهنجي ڳالهہ مڃيند يس."

اُهي شبد اُچاري هوءَ چپ چاپ ڪري ويٺي.

راوڻ وراڻيو، "اِئين ٿي سمجهين؟ چڱو ڀلا مان توکي ٻارهن
مهنن جي مهلت ڏيان ٿو. جيڪڏهن تو منهنجي ڳالهہ مڃي
تہ ٺيڪ نہ تہ مدي گذرڻ تي منهنجا رسويا تنهنجي ماس کي
ڏي ڪري منهنجو ناشتو تيار ڪندا."

سيتا کي هن پرڪار ڇتاءُ ڏيئي، هن پنهنجي راڪشسي
داسين کي چيو، "ڪنهن نہ ڪنهن نموني هن جي ايمان ۽
همت کي ڀڃو. هنکي اشوڪ باٽڪا ۾ اڪيلو ڪري بند رکو.
تجويز سان مٿس ڀؤ ۽ لالچ جو اثر وجهي هوش ۾ آڻيوس. جئن
سين هڪ جهنگلي هاٿڻ کي هيرائيندا آهيون تئن هنکي منهن
جي اِڇا اڳيان جهڪڻ جي سکيا ڏيو." اِئين چئي ڪاوڙ ۾ هو
پنهنجي محلات ڏانهن هليو ويو.

راڪسياڻيون سيتا کي اشوڪ باٽڪا ڏانهن وٺي ويون.
اشوڪ باٽڪا رنواس سان لڳو لڳ هڪ سندر باغيچو هو.
اتي وڻ من موهيندڙ ڦلن ۽ گلن سان ڀرپور هئا. اتي پکي
ٽڏايون وٽندڙ رانديون ڪري رهيا هئا. هت سيتا کي ٻانڌي
ڇڏيو ويو. مٿس ٻلڪل ڪروپ راڪسياڻيون پهرو ڏيئي رهيون هيون.

جيتوڻيڪ سيتا کي دک ويڙهي ويو هو تہ بہ هنکي وشواس
هو تہ رام ۽ لڪشمڻ ڪنهن نہ ڪنهن طرح معلوم ڪندا تہ هوءَ
ڪٿي رهي پيئي آهي ۽ کيس اچي آزاد ڪندا. هنکي اهو بہ
ڀروسو هو تہ رام راوڻ کي ماري کيس پاڻ سان گڏ سگهہ پارائيندو.

اهڙي اٽل وشواس ڪري، هوءَ پنهنجي پرڻ تي درڍ
رهي. نڪي دڙڪن ڀر ڌني نڪي لوڀن ۽ لالچن کيس هرڪايو.
هڪ يا ٻہ ڏينهن نہ، پر مهنن جا مهنا هن ريت هوءَ اشوڪ
باٽڪا ۾ ٻانڌ پيئي هئي.

اِڇا اهو ڏينهن ڪونہ آيو هو، جڏهن پون پوٽ هنومان

نانگ کي کٽي ويندو آهي، تئن منهنجي پريتم جنستان ۾ تنهنجيءَ
وڏيءَ سئنا کي سولائيءَ سان پورو ڪري ڇڏيو. چاڪاڻ جو تو
اهو ور پراپت ڪيو آهي ته توکي ڪوبه ديوتا يا اسر ماري
ڪونه سگهندو، تنهنڪري توکي ايتري همت ٿئي ٿي، جو
تون رام سان وير ٿو پائين. تون سمجهين ٿو ته تنهنجو اهو ور
تنهنجو بچاءُ ڪندو. پر مان توکي پڪ ٿي ڏيان ته تون بچي
ڪونه سگهندين. تنهنجو موت اوس ٿيندو. توکي خبر هوندي
ته اجميڌ يگ، جي سمي يگ-ويديءَ جي پوسان بليدان ڪرڻ
لاءِ بڪريءَ کي ڪنهن ٿنڀي سان ٻڌي ڇڏيندا آهن، اڄ
تنهنجو حال به انهيءَ بڪري جيان آهي. تون پڪ ئي پڪ مرندين.
جنهن وقت رام ڪروڌ ۾ پرجي توڏانهن اکيون ڦيرائيندو،
تنهن وقت تنهنجي پڇاڙي ٿيندي. مونکي پڪ آهي ته توکي
مارڻ لاءِ ۽ منهنجا بند خلاص ڪرڻ لاءِ منهنجو پتي ديو ضرورت
وقت سمنڊ به سڪائي ڇڏيندو ۽ چند رما کي به ڇڪي هيٺ
آڻيندو. تنهنجي ڪڪرمن ڪري تنهنجي ۽ تنهنجي راڄ جي
بربادي ٿيندي. بن ۾ منهنجو پتي ديو بنا ڪنهن ٻئي ڀاءُ
جي راڪشسن جي وچ ۾ رهيو پيو هو. جيڪي راڪشس سامهون
آيس تن کي هن هڪ جوڌي جوان جيان وڙهي ختم ڪيو. هن
جي غير حاضريءَ ۾ تون مونکي هڪ چور جيان چورائي آئين.
پر تون بچي ڪونه سگهندين. تنهنجي انت جي گهڙي به اچي
پهتي آهي. تنهن جي جاليءَ جي ناس ٿيڻ جا ڏينهن اچي پورا
ٿيا آهن. انهيءَ ڪري ئي ورڌاتا توکان هيءُ پاپ ڪرم ڪرائي
رهي آهي.

”تون چاهين ٿو ته مان توسان پيرپاوين پايان. ڪهڙو نه
تون مورک آهين؟ پلا ڪڏهن ڪانو به هنسڻ اڳيان اچي
سگهندو؟ پلا مهان اپراڌيءَ کي به ڪڏهن پوتر يگ-ويدي
جي ويجهو اچڻ ڏبو آهي؟ سنسار مونکي گهرٽا جي درشٽيءَ
سان ڏسي ۽ مان جيئان؟ اهڙو خيال ئي دل تان لاهي ڇڏ.

ءان تڪليف ۾ آهيان، تڏهن هوءَ ضرور لڪشمڻ تي زور
سندي ته هو ڪيس اڪيلو ڇڏي منهنجي مدد لاءِ ڀڄندو
ي. گدڙن جي ڪوڪن ۽ پکين جي هلت مان اهو انومان
ڪري ته ڪا وڏي آپدا اسان جي مٿان اچڻ واري آهي.
هنجي من کي به ڏکڻي وٺي ويئي آهي. اهو به هڪ اپسوڻ
ي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته ڪنهن پرڪار جو خطرو اچي
جهو پهتو آهي.“
ائين پور پڇائيندي رام تڪڙو تڪڙو آشرم جي طرف ڀڳو.
نتي تي ڏنائين ته لڪشمڻ سندس طرف ڀڄندو رهيو آهي.
سيءَ تي رام رڙ ڪري چيو: ”هاءِ! جنهن ڳالهه جو مونکي
ي ۾ وڏو ڏر هو، سا ٿي پيئي.“
هن لڪشمڻ جو هٿ پڪڙيو ۽ ڏک وچان رئندي چيو:
لڪشمڻ تون سيتا کي جهنگ ۾ اڪيلو ڇو ڇڏي آئين؟
ڪ جاڻ ته راڪشسن ڪيس ڪهي ڪاٿي ختم ڪيو آهي. تنهنجي
ءِ ائين واجب ڪونه هو ته هن کي اڪيلو ڇڏي هن طرف
يين ها. سيتا ته هاڻي پوري ٿي ويئي هوندي.“
رام ماريچ جو بي سود پيڇو ڪيو هو انهيءَ ڪري ڪيس
ڪ ته ڏاڍو ٿڪ هو، ٻيو ڪيس اڄ ڏاڍو ستائي رهي هئي.
ڻي وري ڪروڌ ۾ پرجي ويو. وري سهڻ کان ٻاهر چنتا به ڪيس
يڙهي ويئي. ٻيو دفعو روئي ڪري هن چيو: ”لڪشمڻ! آشرم
انهن موٽڻ وقت جيڪڏهن مان سيتا کي نه ڏٺو، ته پڪ ائي پڪ
ن مري ويندس. ٿن مان رڳو تون ئي وڃي باقي بچندين.
ڪي ئي ايوڌيا ڏانهن وڃي اتي هيءَ سموري ڪٿا ڪري
ائڻي پوندي. هاءِ! ڪوشليا هيترو سارو ڏک ڪئين سهي
گهندي! لڪشمڻ سچ پچ توئي ڪئڪئي جي اڇائن کي اڄ پورو
ڪيو. راڪشسن جي دل ۾ جيڪا اسان لاءِ ڪاوڙ ساندل آهي،
ن وقت تائين ويچاري اڪيلي ڇڏيل سيتا تي ئي اها وسائي ويئي
هوندي. هنن ڪيس ماري ڪاٿي ڇڏيو هوندو. هن کي اڪيلو

لنڪا ۾ اچي، سيتا کي ڏک جي اندر آشا ۽ پيار جو سنديش ڏيئي کيس پڪ ڏئي ته هوءَ ضرور آزاد ٿيندي. هنومان سيتا کي چيو هو ”رام جو توسان اڳاڌ پريم آهي. هو جلد هت ايندو. ڌيرج ڇڏ نه ڪر.“

اسان جي ديش ۾ جن به استرين کي هن پرڪار دک پهچي ٿو سي سيتا جو روپ آهن. شل اسان جي ديش جا سپ پرش هنومان ٿي پون ۽ پوتر شڌ جوڌن جوانن جيان ڪشٽ ۾ ڦاٿل استرين کي سهايتا ڪندا رهن.

هاڻي اچو ته رام ۽ لڪشمڻ جي ڪٿا ڪريون.

اڌياءِ ۳۸

رام دک ۾

جڏهن ماريچ رام جي تير لڳڻ ڪري مرڻينگ ٿيو، تڏهن هن وري پنهنجو راڪشس وارو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ بلڪل رام جهڙو آواز بڻائي هن دانهن ڪري چيو: ”اي لڪشمڻ! اي سيتا!!“

رام هاڻي محسوس ڪيو ته ڪنهن راڪشس کين گمراهه ڪيو هو ۽ ڪنهن تجويز باز ماريچ کيس گهڻو پري ڪڍي آيو هو. انهيءَ ڪري هو ڏاڍو چنتا تر ٿي پيو. خبر نه آهي هن سموريءَ لڇائيءَ جو ڪهڙو نتيجو ٿيندو.

”هاءِ! اسان کي ڏاڍو بريءَ ريت ٺڳيو ويو آهي. جيڪڏهن ماريچ جي دانهن لڪشمڻ کي به گمراهه ڪيو آهي ۽ هو مونکي ڇڏائڻ لاءِ سيتا کي اڪيلو ڇڏي آيو آهي ته پوءِ نتيجو ڏاڍو ڀيانڪ ٿيندو. ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته راڪشس اِها ست اِنهيءَ لاءِ سٽي آهي ته هو سيتا کي کڻي وڃي ڪائي ڇڏين. جڏهن سيتا هيءَ دانهن ٻڌندي، جنهن مان معلوم ٿيندس

سيتا جو منهن هن کان پوءِ ڪڏهن به ڏسي ڪو نه سگهندس.“
ٿي آشرم ڏانهن پنڌ آيا. رستي تي هنن گهڻائي اُپسوڻ
. جڏهن رام اهي اپسگن ڏٺا تڏهن هن هر هر چيو ”مونکي پڪ
ته اسان وري سيتا سان ڪو نه ملنداسين!“
جڏهن هو آشرم ۾ پهتا تڏهن ڏٺائون ته سندن پڪ سچو هو.
يتا اتي هئي ڪا نه. مرگهه چال، ڪش گاهه ۽ بيد جا ٿنڀيل
ن هيڏانهن هوڏانهن ڌرتيءَ تي وکريا پيا هئا.
رام رئندو رهيو ۽ آشرم جي چوڌاري وڻن جي جهڳٽن
هيڏانهن هوڏانهن ڀوڙندو رهيو. وڻن جا پن ۽ گل ڪومائجي
ا هئا. سيتا جو پتو ئي ڪو نه ٿي لڳو.
رام چرين ماڻهن جيان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندو رهيو. هن
ن اکيون رت ڇڏڻ لڳيون. هن رئندي چيو: ”هاءِ! هنن
کي کائي ختم ڪري ڇڏيو آهي ڇا؟ هنکي ڪٿي ته ڪو نه
ا آهن؟ ڪٿن نه هوءَ ڀؤ جي ڪري ڏکي ۽ ڪنبي هوندي!
هيءَ ڳالهه جو خيال ئي مونکان سٺو نٿو وڃي. اِئين ته نه
ي ته هوءَ نديءَ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ ويئي آهي؟ هوءَ گل
ونڊڻ ته ڪو نه ويئي آهي؟ ترسو ته جاچ ڪريون.“
ڪنهن وقت هن اِئين سمجهيو ته هوءَ وڻن ۾ لڪي پيئي
ي ۽ چرچا ڪري رهي آهي. انهيءَ ڪري هو وڻن جي
ڇم هنجي ڳولها ڪرڻ لڳو.
سندس چنتا اِئين وڌي ويئي جئن سمنڊ جي وير چڙهندي آهي.
م جي سمجهه ڳِڻتيءَ جي درياءَ ۾ ٻوڙي ويئي. هن هڪ هڪ
ڻ جو ناٽو وٺي ان کي سڏ ڪري ان کان سهايتا جي گهر ڪئي.
هن سوز مان چيو: ”اي اشوڪ وڻ! پنهنجي ناٽي جو
ان رک. منهنجي شوڪ کي هٽاءِ. توکي سموري سچ جي
ڻ هوندي. ٻڌاءِ ته سيتا هن وقت ڪٿي آهي؟ اي کجور
ا وڻ! تون ته ڏاڍو اوچو آهين، تون ڏسي سگهندو هوندين ته
يتا ڪٿي آهي. تون ئي ڪري ٻڌاءِ، هوءَ ڪيڏانهن ويئي آهي.“

ڇڏي توکي هن طرف اچڻ جي همت ڪيئن ٿي؟ تون ماريچ جي ڪوڙي رڙ ٻڌي نڪتي ڪيئن ويئين؟ هاڻ ٻڌاءِ ته مان ڇا ڪريان. مان وري سيتا جو منهن ڪونه ڏسي سگهندس. راڪشسن جي رٿا ڪامياب ٿي آهي. مان وري سيتا جو منهن ڪڏهن به ڏسي ڪونه سگهندس. مان توتي اجايو ڀروسو رکيو. لڪشمڻ تون ڪهڙي اکر هنکي اڪيلو ڇڏي هن طرف آئين؟ آئين تو ڇو ڪيو؟"

لڪشمڻ روئندي وراڻيو: "ڀراتا! مان ٻيو ڇا ڪري سگهان ها؟ جڏهن سيتا 'اي لڪشمڻ! اي سيتا!' اهڙي دانهن ٻڌي تڏهن هوءَ ٻنهي ڏکي ويئي. ڀؤ وچان ڪنبندي هن مونتي زور ڀريو ته مان توهان جي طرف اچان. هڪ ڪڻ به هوءَ ٻيل وجهڻ لاءِ تيار ڪونه هئي. مون گهڻوئي هنکي سمجهايو، پر هوءَ پنهنجيءَ تي تي بيٺي. مون ڪيس بار بار چيو ته ٻ ڄڻ جو ڪو به سبب ڪونه آهي. هن سنسار ۾ ڪو به اهڙو جيو ڪونه آهي جو رام کي هاڃي رسائي سگهي. پر هن هنن ڳالهين تي ڌيان ئي ڪونه ڏنو. هن مون تي الزام ڌريو ته مان اوهان سان ٻ وهه ڪري رهيو هيس ۽ مان ٻن ڏانهن آيوئي هيس دل ۾ دغا رکي. اي ڀراتا! سيتا کي دل ۾ ايتري پيڙا هئي، جو هوءَ آئين به چئي گذري ته مان اوهان کي مرندو ڏسي خوش ٿيندس، ڇاڪاڻ جو منهنجي من ۾ ڪبڌ يا موجود آهي. اهڙا شبد سڻي مان ته اڌ مئو ٿي پيس. پوءِ وري هن چيو ته جيڪڏهن مان يڪدم اوهان جي طرف نه ڊوڙندس ته هوءَ آپ گهات ڪندي. سيتا کي ڇريائي وٺي ويئي هئي. طعنا تنڪا هڻي هن مونکي به ڇريو بڻائي ڇڏيو."

اهي ڳالهيون ٻڌي رام کي سنتوش ڪونه ٿيو: "ڀؤجي ماريل مورک استري ڪجهه به ڪري ڇوي ها، ته به توکي هنکي اڪيلو ڇڏي اچڻ نه گهربو هو. توکي اتي ئي ترسڻ گهربو هو. تو هيڙو ڇريائيءَ جو ڪم ڪيئن ڪيو؟ تو مونکي آپدا ۾ اڙايو آهي.

...وءِ اسان جي پربکيا وٺي رهي آهي. اچو ته وري هنڪي ...ڀيڏانهن هوڏانهن ڏسون. روئڻ ته بند ڪريو."

... بنهي گڏجي ڪري ڦهاڙين جي چوٽين تي، ٽڙن ۽ ٽلاون ...ب ۽ نديءَ جي ڪنڌي تي هن جي ڳولها ڪئي. پر ڪٿي ...ڪو به پتو ڪونه پيو.

رام وري چيو، "لڪشمڻ، سيتا ته ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿي ...ٿي. هاڻي ٻڌاءِ ته مان ڇا ڪريان؟"

لڪشمڻ آسرا ۽ دلاسا ڏيئي رام کي همٿائڻ لڳو. پر رام کي ...سلي ئي ڪانه ٿي ٿي. هن چيو، "منهنجا ڀاءُ، ائين آهي ئي ...ڪونه. ڪو به اميد آسرو ڪونه رهيو آهي. سيتا ڪٿي به ...ڪانه آهي. اسان سيتا کي هميشه لاءِ وڃائي چڪا آهيون. مان ...هاڻي جي ڇا ڪندس؟ مان ضرور مرندس."

هو ڪجهه وقت لاءِ بي سرت پيو رهيو. پوءِ سجاڳ ٿي، ...ري اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو. جيڪي لڪشمڻ چيس تي تنهنجو ...رو به اُتس اَثر نٿي ٿيو.

وري روئي ڪري رام چيو: "هاڻي اَيوڌيا ڏانهن واپس ...ري، مان ڪهڙو منهن ڏيکاريندس؟ سڀ لوڪ مونتي کلون ...ڪندا! چوندا ته 'ڏسو ته سيتا کي راڪشس هٿان مارائي، ڪيس ...ڏانهن دئيتن جو کاڄ بڻائي، رام اڪيلو واپس وطن وريو آهي.' ...مان ڪيس بن ڏانهن وٺي آيس ۽ سنڌس رکيا ڪونه ڪري ...سگهيس. هاڻي مان مهاراجا جنڪ کي ڇا وڃي چوندس؟

"نه نه! مان نه هلندس، تون اڪيلو ايوڌيا ڏانهن وڃ. ...ڇي ماتائن جي سار سنڀال لهه. وڃي منهنجي پاران ڀرت ...جي ڪيڪار ڪر. کيس وڃي چئج ته رام مرندي ويل ائين ...چيو ته ڀرت کي گهرجي ته هو اَيوڌيا جو راڄ برابر ڪندو رهي."

لڪشمڻ رام کي آٿت ڏيڻ لاءِ وڏا وس هلايا. پر اهي ...سڀ بي سود ٿيا. رام کي پڪ هئي ته راڪشس سيتا کي ...ڪٽي، ٽڪر ٽڪر ڪري ڪائي کپائي ڇڏيو آهي. هو سيتا

پوءِ هو جانورن سان ڳالهائڻ لڳو. هن چيو، ”اي چيتا! اي ٻي ٻپا بادشاهه! هاٿي ۽ هرڻ ته سڀ ڇوڙڻ کان ڀڄن ٿا. پر توکي ته ڪنهن جو به ڀؤ ڪونه ٿيندو آهي. تون ته مونکي سموري ڳالهه ٻڌائي سگهندين. توکي آهي به سموري ڄاڻ. مهرباني ڪري سڀ سچ ٻڌاءِ.“

پوءِ ڪيس وهم ويٺو ته هو سيتا کي ڏسي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هن رئندي چيو، ”او سيتا تون ڪٿي لڪي بيٺي آهين؟ ها، ها! اِتي بيٺي آهين، مان توکي بيٺو ڏسان! هن ڇپرائيءَ جي ٻڪ ٻوڙ کي ڇڏي ڏي! مونکان اِها ڳالهه وڌيڪ سٺي نه ٿي وڃي.“

انهيءَ ريت رام گهڻو ئي وقت رئندو ۽ پٽڪندو رهيو. نيٺ سڌڪو پري هو ڌرتيءَ تي ڪري پيو. جيئن ڪڌ ۾ گرفتار ٿيل هاٿي دانهون ڪندو آهي، تئن هو چوڻ لڳو، ”هاءِ لڪشمڻ! هاءِ سيتا!“

پوءِ هن چيو، ”لڪشمڻ! سيتا ڪٿي به ڏسڻ ۾ نٿي اچي. راڪشس ڪيس پڪڙي ٽڪر ٽڪر ڪري کائي ڇڏيو آهي. هن پڄاڻا مان ڪيئن جيئندس؟ منهنجو موت اچي پهتو آهي. جڏهن منهنجو پتا مونکي پرلوڪ ۾ ڏسندو تڏهن هو چوندو، ’اي منهنجا پٽ! منهنجي وچن کي پوري ڪرڻ کان اڳ، تون ڇو هت آيو آهين؟‘ هاءِ مان پار ڪونه پئجي سگهيس! مان پرتگيا پوري ڪونه ڪري سگهيس! مان هر ريت ناڪامياب ٿيو آهيان.“

لڪشمڻ هيءُ حال ڏسي هاڻي گهبرائجي ويو. هن چيو، ”پراتا! اِئين واجب ڪونه آهي ته اوهين هن ريت رئندا رهو! اَچو ته ٻن ۾ کوج ڪريون. اوهانکي خبر آهي ته سيتا کي پهاڙن جي ڇرن ۽ وڻن جي جهڳٽن ۾ وڃڻ جو ڪيترو نه چاهه آهي! ٿيڻ جهڙي ڳالهه آهي ته هوءَ نديءَ تي سنان ڪري رهي هجي. شايد هوءَ راند روند ۾ رڌل آهي. شايد هوءَ گل ڦل ٿي گڏ ڪري. اسانکي وري هن جي ڳولها ڪرڻ گهرجي.

ھي ۽ پريم جي وڇڙيلن کي کھڙو گهرو گھاءُ رسندو آھي.
ھن ڪٿا کي ھڪ آلنڪار جو روپ بہ ڏيئي سگھجي ٿو.
ام جڏھن سيتا کي وڃائي ٿو، تڏھن ھن جي من ۾ ھڪ خال
ندا ٿئي ٿو. اھڙيءَ ريت جڏھن پريوءَ جو ڪو بہ ھڪڙو جيو
پ جي ڪري پرشت ٿيندو آھي ۽ پوءِ ان پار برھم جي من
ي ساڳيءَ اوستا ٿيندي آھي.

ماڻھو سوال ڪري سگھندا ۽ ڇا، ڀڳوان جي بہ ڪڏھن
ھار ٿي آھي؟ ھنکي بہ دلي درد ٿيندو آھي ڇا؟
جيڪڏھن اسين اِھا ڳالھہ ٺيڪ سمجھنداسين ۽ سارو
جيون اُرڳو ايشوري ليلا آھي — ڀڳوان جو کيل آھي — پوءِ
ڏيک سمجھائڻيءَ جي ضرورت ئي ڪانہ رھندي. پاپ،
سچ، ڀڳتي — اھي سڀ انھيءَ ليلا جا جدا جدا روپ آھن.

اسان مان ھرھڪ ايشور جو پيارو آھي. جيڪڏھن اسان مان
ڪو بہ پاپ جي وھڪري ۾ وھي ويندو آھي ۽ پوءِ ايشور
جي ايتروئي ڏک ٿيندو آھي جيترو ڪنھن پريميءَ کي پريتما
جي وڇوڙي ڪري ٿيندو آھي. ايشور جو ڏک بہ سندس
ھا ليلا جو ھڪ انگ آھي.

آڌياءُ ۳۹

پٽا سمان جٽايُو جو مرثيو

ڻي پائر وڏي واڪي سيتا جو نالو اُچاري پھاڙن، بن ۽
نديءَ جي ڪنڌي تي ھنجي ڳولھا ڪندا رھيا. پر انھيءَ مان
ڪو بہ لاڀ ڪونہ ٿيو. سيتا جي وڃڻ جي راھہ جو ڪو نشان
سڻ ۾ ڪونہ آيو. ھن ريت نراس ٿي، دک جو ماريل رام
گوداوري نديءَ، ديوتائن ۽ پنڇن تنن کي پاراتا ڏيڻ لڳو.

جي ڏک ۽ ڪشٽ جو پورو پورو چٽر پنهنجي من ۾ چٽڻ لڳو. پوءِ ڏک ۾ پيڙجي هن رڙ ڪري چيو: ”مون اڳ پاپ ڪيا هوندا! نہ تہ هن پرڪار جي آپدا منهنجي مٿان ڪيئن ڪڙڪي ها؟

”سيتا کي پڪ هئي تہ مان سندس رکيا ڪري سگهندس. انهيءَ ڪري ئي هوءَ مون سان گڏ آئي. راڪشس ڪيس کائي ويا آهن ۽ مان ڪجهہ بہ ڪري نٿو سگهان. هن جڳت ۾ مونکان وڌيڪ پاپي بہ ڪو ٿي سگهندو!“

لڪشمڻ چيو: ”پيارا، دل نہ لوڙهيو. بهادر ۽ بلوان بڻجو. دڙي سنڪلپ وارو ماڻهو منڌ ڀاڳ کي بہ جيتي سگهندو آهي. پر پهرين پنهنجي ڏک ڏک کي جيتي ڇڏيو. اچو تہ هن ٻن ۾ وڌيڪ ڳولها ڪريون. هن ريت بي سود ڏک ۾ پوڻ کان بهتر آهي تہ مڙس ٿي ڳولها جي ڪم کي لڳي وڃون.“ پر رام هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ڏنو.

هن اوسر تي رام جو وهنوار هڪ روائتيءَ منش جهڙو آهي. ان ۾ اوتار جي بوءِ بہ ڪانہ آهي. ڪنهن ڪنهن هنڌ والميڪيءَ جي وچنن مان ڪا بي جهلڪ نڪري ٿي، پر هت والميڪيءَ رام کي اهڙي ساڌارڻ منش جي روپ ۾ ڪري ڏيکاريو آهي، جو مهان آپدا جي ڪڙڪڻ ڪري بلڪل اونڌهہ انڌوڪار ۾ ڦاسي پيو هجي.

رام جون ڀاونائون ۽ هلتون اُهڙيون آهن، جهڙيون ڪنهن سدا چاري، ڌرماتما پرش جون ٿينديون آهن جنهن پراڻن کان پياري استري وڃائي هجي ۽ سا بہ اهڙي ٻن ۾ جنهن ۾ راڪشسن جو واسو هجي. لڪشمڻ رام کي سرچاڻڻ جو ڪيترو بہ يتن ڪيو، پر اهو سمورو اَجايو ويو.

رام ڏک جي اوستا ۾ جيڪي بہ ڪجهہ ڪيو، سو ساريءَ منش جاتيءَ جو وهنواري ڌرم آهي. هت ڏمپتيءَ (پرش ۽ استريءَ) جي پريم جو پورڻ چٽر چٽيل آهي ۽ پڻ انهن ڏيکاريل

ءَ تي هڪ ڇٽي جنگ لڳي آهي.
رام ڪرڪندي ۽ ڪنجهندي چيو: ”هت ٻه ٻلوان راڪشس
لا ۾ وڙهيا آهن. ٻنهي مان هرهڪ سيتا جي سموري مانس
ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي.“
اِئين اُنسنا ۽ ڏک ڪندي رام چيو، ”ڇا ڌرم سيتا کي
ٻائي ڪونه سگهيو؟ ڇا ڪو ديوتا سيتا جي سهايتا لاءِ هت
ڪونه پهتو؟ واجب ته اِئين آهي ته هن پاپي سنسار جو بلڪل
نس ڪري ڇڏجي.“ رام پاڻکي بلڪل ڀلائي انڌ ٻنڌ ٻڪڻ
ڻي ويو.
رام بلڪل اڌير ۽ وياڪل ٿي پيو هو. لڪشمڻ هنکي شانت
ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. هن چيو، ”گهِرو ڏک ٻلوان
ٻلوان لوڪن جي من کي ٻه لوڏي وجهندو آهي. نه ته اوهان
و من هن ريت وس کان ٻاهر ڇو نڪري وڃي؟ اوهان هڪ
ٺهوءَ جي پاپ ڪري ساري سنسار کي ڇو تا ڏڪاريو؟
و تا جڳت کي پاراتا ڏيو؟ اي منهنجا پراتا، اوهان ڪيترا
ار منهنجي ڪروڌ کي شانت ڪرائي مونکي ڌرم جي مارگ
ي وٺي هليا آهيو! پر هاڻي اوهان جي من کي ڏاڍي چوٽ
ڳي آهي. اوهانجو من بلڪل منجهي پيو آهي. هاڻي ننڍو
اءُ وڏي ڀاءُ کي سمجهائي ۽ ڌيرج ڏيئي رهيو آهي. هو
ٻرهان جي جنم سڌ ويرتا کي ننڊين سر جاڳائي رهيو آهي. اڇو
ه جاچ ڪريون ته اسانجو سچو پڇو شترو ڪير آهي ۽ ان کي
ڊت ڪري هن کي سيکت ڏيون.“
اهڙيءَ ريت مٺا ۽ پريم ڀريا وچن ٻولي لڪشمڻ رام کي
اُتساهه ۽ ڌيرج ڏيندو رهيو. هو ٻئي اڳتي هليا، ۽ ٿورو ئي اڳتي
ڏيا ته هنن ڏٺو ته جٽايوءَ جو شرير رتوڇاڻ ۽ ڇچريو ڌرتيءَ
تي پيو آهي. اُنجي اهڙي حالت هئي جو پورو سڃاڻڻ ۾ ئي
انٿي آيو.

ڪويشور منيءَ چيو آهي ته راڪشسن جي بلوان راجا ڪان ڏڪيءَ نديءَ، ديوتائون ۽ پنج تت به چپ ساڌي وينا هئا. اُنهيءَ ڪري هنن رام جي سڏ کي ڪونه اونايو. اتي هرڻن جو هڪ ولر اچي نڪتو. اُهو ڏکڻ ڏس ڏانهن هلندو ٿي رهيو. انهيءَ جو اهو مطلب هو ته هنن پائرن کي به انهيءَ دشا ڏانهن منهن ڪرڻ گهرجي. اُنهن اِئين ڪيو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ هنن کي گل رستي تي پيل ڏٺا!

رام يڪدم گلن کي سڃاتو ۽ جوش ۾ اچي واڪو ڪري چيو، "اِهي ئي گل آهن جيڪي مون سيتا کي ڏنا هئا. اهي سندس وارن مان ڪريا هوندا."

هن کان پوءِ رام جو ڏک ۽ چنتا اڳي کان به تيز ٿي ويئي. کيس پڪ ٿيو ته سيتا سان وڏي ۾ وڏي آپدا ٿي آهي. تنهن ڪري زور سان سڏڪا پرڻ لڳو.

جنهن جاءِ تي هنن گل لڌا، تنهن جاءِ جي چوڌاري هنن خوب کوج ڪئي. اتي اُنهن کنهن راڪشس جي وڏن پيرن ۽ پڻ سيتا جي ننڍڙن پيرن جا نشان ڏٺا.

هنن پڻ ڏٺو ته ڪي سوني جا داڻا سيتا جي زيورن مان ڇڻي اُتي پيا هئا. رام وري داٻهن ڪري چيو، "ڏس! راڪشس سيتا جي نرم نرم مانس کي هٿ ڪرڻ لاءِ اِئين هن جي ڪيڏ پيو آهي جيئن ڪو شڪاري جانور پنهنجي شڪار جي ڪيڏ ويندو آهي!"

پوءِ انهن هڪ رٿ جا ڪيترا پرزا ڏٺا. پڻ ڏٺائون راجائي مٽڪ ۽ ٽڙيل پکڙيل ماڻڪ ۽ موتي. اُتي پڻ ڏٺائون جميل رٿ جا گهنڊا. اچرج ۾ پئجي اِها پرولي پڇڻ لڳا.

جلد ئي هنن ڏٺو ته هڪ وڏو ڏنش ڀڳو پيو آهي. هڪ قاتل جهنڊو ۽ ڇتيل زرهه اتي پيئي آهي. ٿوري دير پوءِ هنن ڏٺو ته مئل خچرن جا ديونديءَ ڪنهن ڪوچوان جو لاش به اتي پيو آهي. اِها ڳالهه صاف ڏسڻ ۾ ٿي آئي ته انهيءَ

هه ڪٽان، اِنهيءَ لاءِ ته توکي سمورو سماچار ڏيان. هاڻ
هن مون هيءُ ڪم پورو ڪيو آهي، مونکي آشيرواد ڏي ته
پرلوڪ ڏانهن وڃان."

رام جٽايوءَ جي وارتا ٻڌي اکين مان آنسون وهائڻ لڳو.
، ٻنهنجو ڌنش ڪري پري اُڇلايو ۽ پکيءَ کي پريم وچان
لڳايو. راجڪمارن جو دک سيما کان ٻاهر نڪري ويو.
ڌرتيءَ تي ليٽڙيون پائيندا، زور سان رُئندا رهيا.

هاڻي رام چيو، "هن سنسار ۾ مون کان وڌيڪ ڪو اڀاڳو
ڪونه هوندو. مون راج جو تياڳ ڪيو. ٻن ڏانهن آيس ۽
ت اچي ڪري مان پنهنجي پياريءَ سيتا کي وڃايو. هن
ايوءَ جو اسانکي پنهنجي پتا سمان آهي، تنهن پنهنجي جيون
پنهنجي لاءِ نڇاور ڪئي آهي.

"مان ته اهڙو اڀاڳو آهيان جو جيڪڏهن ٻرندڙ آگ ۾ ٽپ
ڏيندس ته اها منهنجي اڀاڳ ڪري آگ ئي اُجهامي ويندي.
سمنڊ ۾ ڪري پوندس ته شايد سمنڊ ئي سڪي پوي.
لڪشمڻ! مان ڪهڙو نه پاپي آهيان. تيڻ جهڙي ڳالهه آهي ته
ڪنهن وقت مان توکي به هٿن مان وڃائي وهان."

پوءِ جٽايوءَ کي گلي لڳائي رام چيو، "اي منهنجا پتا!
پيچ اوهان سيتا کي ڏٺو هو؟"

هاڻي جٽايوءَ جي زبان لڳڻ لڳي. هو ٻنا ڪجهه پڇڻ جي
رليءَ تي پيو رهيو.

توريءَ دير ڪانپوءِ هو وري جهڪي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو.
چيو، "رام، ڏک نه. تون سيتا کي اوس لهي سگهندين. هن
هو وار به ونگو ڪونه ٿيندو. پنهنجو وڃايل پدارٿ هٿ ڪري
ڏاڍو آنند پائيندين." اهي لفظ چئي هن رت جي اُلٽي
ڪري پراڻ ڏنا.

هو مورک هئا. هنن ٻنهي پرڪارن جون پلون ڪيون.
جيڪي ڪرڻ گهربو هون، سو نه ڪيائون، ۽ جيڪي نه ڪرڻو

پهرين رام سمجهو تہ اهو ڪو راڪشس آهي جنهن کين گمراهہ ڪرڻ لاءِ نئون ناٽ رچيو آهي. اُنهيءَ ڪري ڪروڌ ۾ ڀرجي رام چيو، "هيڏانهن نهار. اجهو هيءُ آهي راڪشس جنهن سيتا کي ڀرڪايو آهي!" اِئين چئي پنهنجو ڌنش کڻي هن جي طرف ڊوڙيو.

اُتي جٽايُو جيڪو موت سان جنگ جوٽي رهيو هو، تنهن پنهنجو خون سان ڀريل ۽ ڪنبين ڪنڌ سر ڏاڍيءَ تڪليف سان مٿي ڪري تمام جهڪي آواز ۾ چيو: "پيارا رام، مونکي مار نہ. مان تہ ڪن ٻن ٽن گهڙين جو مهمان آهيان. جنهن پياريءَ راجڪماريءَ جي تون ڳولها ڪري رهيو آهين تنهنکي راوڻ پڄائي ويو آهي. هو مونکي مارڻ کان پوءِ ئي اُنهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيو.

"جڏهن مون راوڻ جي اڏامندڙ رٿ ۾ سيتا کي ڏٺو، تڏهن مون رٿ کي روڪيو ۽ راوڻ سان لڙائي ڪئي. مان سندس ڌنش هيٺ ڪيرائي وڌو ۽ سندس رٿ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. سندس سارٿيءَ کي مون ماري وڌو. هن جاءِ تي اوهانکي منهنجي آخرين يڌ جا سمورا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. مون پنهنجو گهڻو ۾ گهڻو زور لڳايو — اِڇا تہ اها هئم تہ ڀڳوان مونکي وڌيڪ ٻل ڏئي ها تہ مان اوهان جي وڌيڪ شيوا ڪري سگهان ها! جيستوڻيڪ لڙندي ٿڪجي پيو هوس، تہ بہ مان نراشا جي يڌ جاري رکندو رهيس. هڪ پاسي هيس مان ٻڍو شرير، ٻئي پاسي هو جوان ڏهيسر. مون وٽ هئا منهنجي چهنب ۽ چنبا. هن وٽ هئا تيز هٿيار ۽ سندس سارو شرير هو رڪ جي زرهہ سان ڍڪيل. هن منهنجا پر ۽ ٽنگون ڪپي ڇڏيون. اهڙن زخمن ڪري جڏهن مان مرڻينگ اوستا ۾ ڌرتيءَ تي ڪري پيس، تڏهن هو سيتا کي کڻي آڪاش ۾ چڙهي ڏاکڻي پاسي اڏامندو ويو. جيستوڻيڪ مونکي سڪرات جا سور پيڙي رهيا آهن، تہ بہ مان تنهنجي پريم جي خاطر پيو

ڙ ون ٻين کان ٻڌي سنتوش ڪرڻو ٿي پيو. پر ڊنڊڪ ٻن ۾ سيتا پنهنجي اکين سان جٽايوءَ جي ڀڳتيءَ ۽ ويرتا جو چمتڪار ڏٺو هو. ٻنان هٿيارن پنوهارن جي هن اهڙي راڪشس سان جنگ جوٽي هئي، جنهن جو سارو شرير زره سان ڍڪيل هو، جنهن جي هٿ ۾ هر نموني جا هٿيار هئا. جٽايوءَ پنهنجو ساهه ڏيئي ٻه راوڻ جي هٿ کي چور چور ڪري ڇڏيو.

جٽايوءَ راوڻ سان جيڪا جنگ ڪئي، سا لنڪا ۾ ٿيلن ٻڌ ين کان ٻه وڌيڪ ملهه واري هئي. انهيءَ ڪري ڏرماتما لوڪ پرت جيان جٽايوءَ کي ٻه آلوار- پوتر مارگ ۾ راهه ٻنائيندڙ ڪري مڃيندا آهن.

رام چيو: ”لڪشمڻ، سڪل ڪاٺيون گڏ ڪر. مان ڪاٺين کي گهي ڪري آگ اُتپن ڪندس. اسان پنهنجي سڳي پتا جو ڪريا ڪرم ڪونه ڪري سگهيا هئاسين. اڄ ته هن پکيءَ روپي پتا جو، جنهن پنهنجا پراڻ اسان جي خاطر ڏنا آهن، انهنجو ڪريا ڪرم ڪريون.“

راجڪمارن جٽن سرڳواسيءَ جي آتم- تشٽيءَ لاءِ آهوتيون ڏنيون، تڏهن اُي هنن هن پرڪار جون پرارٿنائون ڪيون، ”اي پکين جا سرمور، شل تون اهي سڀ سک ماڻين جي وڏن يڳن ڪرڻ وارن پڄ آتمائن کي پراپت ٿيندا آهن. شل توکي اهو آنند ملي جيڪو وڏن تپسيائن ڪندڙن وانپرستي لوڪن کي ملندو آهي. شل توکي اها شانتي پڙپي جيڪا پرسڌ پومي دان ڪرڻ وارن کي ملندي آهي. شل اهڙي اُتم لوڪ ۾ تنهنجو واسو ٿئي جت وير يوڌن جون آتمائون رهنديون آهن. توکي شل ايشور جي اهڙي آسيس ٿئي جهڙي سيني پلن منشن تي ٿيندي آهي!“ ڪريا ڪرم پوري ڪرڻ کانپوءِ رام جو من وڌيڪ ٿ ري ۽ استر ٿيو.

يارت جا لکها نر، ناريون ۽ بالڪ بالڪائون راماڻ کي ڀڪ کهاڻي ڪري ڪونه مڃيندا آهن. هننکي پنهنجي

هون سو ڪيائون. راجڪمارن جي لاپرواهيءَ جي ڪري سيتا جي مٿان جيڪا آپدا اچي ڪڙڪي هئي تنهن کان بچائڻ لاءِ بي هٿيار ٻڍي جٽايوءَ پنهنجي ڪنبڻ، چهنب ۽ چنبن سان وڙهندي پنهنجا پراڻ نڇاور ڪري ڇڏيا. جڏهن سندن پتا دشرٿ ايوڌيا ۾ پرلوڪ پڌاريو هو، تڏهن سندس ڪريا ڪرم ڀرت ۽ شترگهن ڪيو هو. رام ۽ لڪشمڻ کي بن ۾ هئڻ ڪري انهيءَ ڌرم پالڻ جو وجهه ڪونه مليو هو. هنن جٽايوءَ کي پنهنجو پتا ڪري سمجهيو ۽ سندس وڌيءَ انوسار ڪريا ڪرم ڪيو. اڳ دشرٿ کان پري رهڻ ڪري سندس ڪريا ڪرم نه ڪري سگهيا هئا ۽ انهيءَ ڌرم پالڻ جو ڪين وجهه نه مليو هو، تنهن جي هاڻي کي قدر پورتي ڪري ڪين مڙيوئي ڪجهه سنتوش ٿيو. هن وير جٽايوءَ جي هو ٻي کهڙي شيوا ڪري سگهن ها؟ ٻيءَ کهڙي ريت هن جي آتما جو آدر ڪري سگهن ها؟

ڀڳت لوڪ جٽايوءَ کي ڀڳتن جو شرومڻي سمجهي سندس پوڄا ڪندا آهن. ٻڍي نربل جٽايوءَ جيڪا جنگ راڪشس راڄ سان جوٽي هئي، تنهن کي سيتا جي درشٽيءَ کان ڏسڻ لاءِ اسان کي پنهنجي ڪاپنا جي گهوڙي کي اُنهيءَ طرف ڊوڙائڻ گهرجي. تڏهن ئي اسين سمجهي سگهنداسين ته هن ٻڍڙي پکيءَ جي پيڙا کي ڏسي، سيتا جي هردي روپي سمنڊ ۾ کهڙيون نه پريم ۽ دک جون لهريون اُٿيون هونديون. ڪئين نه هن پنهنجي من ۾ سندس ٿورا مڃيا هوندا! اِئين ڪرڻ سان ئي اسان تي ماتا جي آشيرواد ٿيندي ۽ اسانجو هردو شڌ ۽ پوتر ٿيندو. جٽايوُ جيڪو تياڳ ۽ تپسيا ڪئي تنهن کي ڌيان ۾ رکي، ڪيس ڀڳت شرومڻي ڪري مڃڻ ۾ اسانکي ڪوبه اچرج ڪونه لڳندو.

هن کان پوءِ جڏهن رام لنڪا ۾ ويڙهه ڪري سوڀ پراپت ڪئي، تڏهن سيتا اشوڪ بن ۾ ٻانڌ هئي. هوءَ اِها ويڙهه ڪانه ڏسي سگهي. هنڪي ڀڏ ۽ سندس پتيءَ جي وبرتا جو

گنوائي نراش ٿي پوندا هئا. پر هوُ ڪنهن نه ڪنهن ريت هڪ ٻئي کي همٿائيندا اڳتي وڌندا رهيا.

جڏهن هو بن ۾ اڳتي هلي رهيا هئا، تڏهن اوچتو هنن کي هڪ ڏاڍو ڀاري، بدشڪل راڪشس ڏسڻ ۾ آيو. هن راڪشس کي نه هٿ هئا، نه پير. هن جو وات سندس وڏي پيٽ وٽ هو. کيس ٻه ڏاڍيون لنبيون ٻانهون هيون. پنهنجي جاءِ تي ويٺي ئي، هو انهن کي سنئون ڪري وڏائي سگهيو ٿي ۽ انهن سان ڇيتي، رڇ يا ٻئي ڪنهن پرسان ٻيٺل جيوَ کي پڪڙي پنهنجي پيٽ ۾ لنگهائي ٿي ڇڏي.

هن کي اُک هئي رڳو هڪڙي، سا هئي سندس ڇاتيءَ ۾. اها ڏسڻ ۾ ڏاڍي ڀيانڪ ٿي آئي.

هن راڪشس جي سامهون اچڻ ڪري راجڪمار گهڙيءَ اڌ لاءِ بلڪل منجهي پيا ڇو ته هن ڪننائيءَ مان نڪرڻ جي ڪين ڪا به وات ڪانه ٿي سجهي.

پوءِ رام لڪشمڻ کي چيو، ”اسانکي منجهي ٻهڻ نه گهرجي. تون هن راڪشس جي هڪ ٻانهن وڍ ته مان ٻي ڪپي ڇڏيانس.“

اُنهن اِئين ڪيو. هن راڪشس جو نالو هو ڪبند. انهيءَ نالي جو ارٿ آهي ٻيپ جي شڪل وارو پراڻي. جڏهن هن جون ٻئي ٻانهون ڪٽيون ويون ته هو ٻي وس ٿي پيو. هن هنريت پنهنجي بابت سمجهاڻي ڏني: ”منهنجي ڪرمن جي ڪري اِندر مونکي سراپ ڏنو. انهيءَ ڪري منهنجو روپ ۽ نام هن پرڪار جو بڻيو. مان سمجهان ٿو ته اوهين رام ۽ لڪشمڻ آهيو. اِندر مون سان پرتگيا ڪئي هئي، ته جڏهن اوهان ٻئي ايندا ۽ منهنجون ٻانهون ڪپيندا ۽ منهنجي شرير کي آگ جي حوالي ڪندا، تڏهن مان سندس ڏنل سراپ کان آجو ٿيندس.“

هن اپاڳي راڪشس جي اِڇا موجب راجڪمارن سندس شرير کي آگ لڳائي. اُنهيءَ آگ مان هڪ سندر جيوُ پرگهٽ

جيون جي گھٽنائن کان ٻه رامايڻ جا درشيه وڌيڪ واستوڪ، سچا ۽ ڳوڙها ڀاسندا آهن. سورج جي جيوتيءَ ڌواران ورکش وڌندا ۽ ويڇهندا آهن. ساڳيءَ ريت رامايڻ جي سندر اتساهه آتپن ڪرڻ واري ڪٿا ڀارتواسين جي من جي شڪتيءَ ۽ سنسڪرتيءَ ۽ سڀيتا کي وڌائي ڍري ڪندي آهي.

جڏهن اسانکي ڪو بي وس جيوُ ڪنهن ڪٺنائيءَ ۾ ڦاٿل ڏسڻ ۾ اچي، تڏهن اسانکي جٽايوءَ کي سمرڻ ڪري، اُن وقت جي اوسٿائن جو خيال نه ڪري، هن دکي جيوَ کي ڍري سنڪلپ ڌاري سهايتا ڪرڻ گهرجي.

رام دک وچان دانهون ڪيون. سندس تندرستيءَ کي هاڃي رسي، انهيءَ ڳالهه جي پيٺ اسانکي هڪ ٻئي اوتار جي وهنوار سان ڪرڻ گهرجي. بائيبل ۾ لکيل آهي ته حضرت عيسيٰ کي جڏهن ڪليون ٺوڪي صليب تي چاڙهيو ويو، تڏهن هن عبراني ٻوليءَ ۾ هيٺين وڏي واڪي چيو، "منهنجا ايشور! منهنجا پريو! تو مونکي ڇو وساريو آهي؟"

اوتارن جي جيون ۾ سدائِ ساڳيو رهسيه سمايل ٿيندو آهي. هو جيڪو شرير ڌارڻ ڪندا آهن، اُنهيءَ جي پرڪرتيءَ ۾ لاڳو دکن جي پرڀاوَ هيٺ ايندا آهن ۽ هو منش جيان ڪشٽ سهندا ۽ دک جون دانهون ڪندا آهن.

اڌياءُ ٤٠

ڌائيءَ آک جو ڦرڻ

رام ۽ لڪشمڻ جي مٿان هڪ ٻئي جي پٺيان جيڪي اهڙيون اوچتيون آپدائون آيون، جن جو هنن کي سپني ۾ به ويچار ڪونه هو، تن ڪئي وار سندن دل کي ٽوڙي وڌو ۽ سندن سنڪلپ کي ڍلو ڪري ڇڏيو. ڪنهن ڪنهن وقت هو ڌيرج

هن سنتياڻيءَ سان ملڻ ۽ پمپاسر جو جل پان ڪرڻ ڪري
ڪمارن جي من کي ڏاڍو ڏڍ مليو. هاڻي هو سوچڻ لڳا
ٿي ڇا ڪن.
رام چيو، "لڪشمڻ مونکي هاڻي خيال ٿو اچي ته اسين
ڪامياب ٿينداسين. اڄ ته سگريو جنهنجي سهايتا اسانکي وڻڻي
، تنهنجي ڳولها ڪريون."
هو پمپاسر جي ساري پرديش ۾ گهميا. آسٿان ڏاڍو رمڻيڪ
پر آسٿان جي سندرتا، پسن پکين جي شوڀا ۽ وڻن ۽ ولين
سونهن کي ڏسي، رام جو ڏک پاڻ وڌيڪ تيز ٿيو.
هر هڪ سندر وستوءَ هن جي من ۾ ويڌ ٿي وڌا. انهن
سندر پدارٿن کي ڏسي هو هنريت سوچڻ لڳو: "سيتا هت
جي ها ته ڪيس ڪهڙو نه آنند اچي ها!" هن ڪيترو به يتن
ڪيو، ته به هوُ اهو دک وساري نه سگهيو، جيڪو هر منش
ٿيندو آهي. منش جي اوتار ڌارڻ ڪري هوُ اهڙي دک
ڻ لاءِ تيار ٿيو هو.
لڪشمڻ سندس اداسائيءَ کي دور ڪري، منجهس اتساهه
ڪرڻ جو يتن ڪيو. هن چيو: "جيڪڏهن جگت ماتريءَ،
ماتيءَ جي گوپ ۾ وڃي سيتا کي لڪائيندا ته به اسين هن
ڳولهي لهنداسين. راوڻ اسان کان بچي ڪونه نڪرندو. اها
ڪ آهي ته اسين ڪيس پورو ڪنداسين ۽ سيتا جا بند خلاص
ڪنداسين. اِئين واجب ڪونه آهي ته اوهين هنريت نراس
ٿيو. اوهان اداسائيءَ ۽ نربلتا کي پنهنجي مٿان ڇو ٿا سوار ٿيڻ
ڏيو؟ جڏهن اسانجي هٿون ڪا ملهائتي وستو هلي وڃي ته
اسانکي انهيءَ کي موٽي هٿ ڪرڻ لاءِ اورچ ٿي يتن ڪرڻ
گهرجي. بعضي بعضي گهڻو موهه ئي اسانجو شترو سڏ ٿيندو
آهي. گهڻيءَ ممتا مان دک اتپن ٿيندو آهي. دک جي ڪري
انسان جي يتن ۾ وگهن پوندو آهي. مان اوهانکي اهي سڀ
ڳالهيون ڇو ٻڌايان؟ اوهان سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا. اسانکي

تي، سرڳي وِمان ۾ چڙهي سرڳ ڏانهن سڌاريو.

وڃڻ کان اڳ هن رام کي چيو، "پڪ ٿي پڪ توکي سيتا موٽي ملندي. پمپانديءَ جي سنڌر ڪنڌن ڏانهن وڃي سگريو جي سهايتا وٺ. هو رشيموڪ پهاڙ تي رهندو آهي. سندس ڀاءُ باليءَ هنکي پنهنجي راڄ مان ڪڍي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري هو سدا ڏرندو رهندو آهي. ڪيس خطري جو خيال هميشه ستائيندو رهندو آهي. ڪيس پنهنجو متر بڻاءِ. تون پنهنجي يتن ۾ اوس سڦل ٿيندين. تنهنجو ڪارج ضرور سڌ ٿيندو. اِئين چئي ڪبنڌ اَلوپ ٿي ويو.

رام ۽ لڪشمڻ هاڻي پمپا سروور ڏانهن هلڻ لڳا. انهيءَ سنڌر آستان ۾ هو ماتنگ رشيءَ جي شِشڻ ٻڍيءَ سنياسڻ شبريءَ جي آشرم ڏانهن ويا. شبريءَ سندن اتي ستڪار ڪرڻ چاهيو. هنن اِها نيڻي سويڪار ڪئي.

شبري جهنگل ۾ رهندڙ جاتيءَ ۾ اُتپن ٿي هئي. هوءَ ٻڍي رشي ماتنگ جي آشرم جي سيوڪا هئي. جڏهن ماتنگ رشيءَ جو ديهانت ٿيو، تڏهن شبريءَ مرڻ جي اِڇا پرگهٽ ڪئي. پر رشيءَ کيس چيو ته، "اڃا تنهنجو وقت ڪونه آيو آهي. تون اِتي وشنوءَ جي اوتار رام جي آنند ڏيندڙ درشن لاءِ ترس. اهو سڀاڳ توکي پراپت ڪرڻو آهي." انهيءَ ڪري ٻڍي سنياسڻ جنهن جي چهري تي وڏپڻ جا گهنج پيل هئا، سا آشرم جي ڀڳتيءَ ڀاوَ سان سدا جيان شيوا ڪندي رهي. هوءَ تپسيا جو جيون ڪاٽيندي آشرم کي ايندڙ اتٿيءَ جي خاطر سنڌر وڻندڙ اوستا ۾ رکندي آئي.

جڏهن راجڪمار آشرم ۾ پهتا، تڏهن هن اُهي ميوا جيڪي گڏ ڪيا هئا، سي آڻي هنن جي اڳيان رکيا. هن پوءِ اُنهنکي ماتنگ جي آشرم جي چمتڪارن جو ورنن ڪري ٻڌايو. پوءِ هنن کان آگيا وٺي هن آگ جلائي ۽ اُن ۾ ٽپ ڏيئي سرڳ ڏانهن سڌاري.

. اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ھي ڪنھن نہ ڪنھن جي ڳولھا
سمي رھيا آھن. اِئين تہ نہ آھي تہ ھو منھنجي اَئي ڪيڏ
ي؟"

ھنومان براھمڻ جو روپ ڌارڻ ڪري رام ۽ لڪشمڻ وٽ
جڏھن ھو ھنن جي اڳيان وڃي بيٺو تڏھن ھنجي من ۾ مڙيوئي
سو جاڳيو. ھن ھنن سان سٺيون سٺيون ڪليون ڳالھيون ڪيون.
ھنومان پاڻ لڪائي سچ لھڻ لاءِ ويو ھو. پر جڏھن جڏھن
ڳالھائڻ ۾ لڳو رھيو، تڏھن ھو لاپرواھہ ٿي پيو ۽ ھن رام ۽
شمڻ کي پنھنجي بابت ۽ وانر راج بابت سموريون ڳالھيون
ي ٻڌايون.

رام ۽ لڪشمڻ جي سامھون بيٺي ھن اِئين پاڻ وساري
يو، جيئن ڪو ڀڳت ڀڳوان جي اڳيان پاڻ ڀلائي ڇڏيندو
. پڻ ھنومان سندن ساراھہ ڪرڻ لڳو. ھن ڪين ٻڌايو تہ
وانر آھي ۽ ھوُ پنھنجي راجا جي آڳيا انوسار روپ بدلائي
ت آيو آھي.

ھن چيو، "اي راجائي سنتو! اوھان جي ھت پڌارڻ جي
ري منھنجو من آنند سان ٽمٽار ٿي ويو آھي. اوھان جي
ب جي چوڌاري جوتي چمڪي رھي آھي، اِئين پيو ڀاسي
اوھين ڪي ديوتائون آھيو. مان سمجھان ٿو تہ اوھان ھن
۾ تپسيا ڪرڻ لاءِ آيا آھيو. پر اوھان ھن اوچي اوگھٽ ڀھاڙ
ڏھن ڇو آيا آھيو؟ ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ اوھين ڪير آھيو؟
ھان جي اچڻ ڪري ھن نديءَ ۽ ھن آستان جي شوڀا گھڻو
ي آھي. اوھان جا مک ۽ اوھان جا شرير ڏاڍا سندر آھن.
جھائن جوتي نڪري رھي آھي. ھن بن جا جيو ڌاري اوھان
ڏھن آدر ۽ پوڄ ڀاوَ سان نھاري رھيا آھن. اوھان جو ٻل ۽
اڪرم پڌري پٽ پيو ڏسڻ ۾ اچي. اوھين ڪير آھيو؟ اوھان
ڪھڙي ديش مان آيا آھيو؟ اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اوھان
نو جنم ڪنھن راجائي ڪل ۾ ٿيو آھي ۽ اوھان ڪنھن وڏي

نراس ٿيڻ نه گهرجي. موهه مان پيدا ٿيل دک کي وساري،
اسانکي تن من سان ڪم ۾ جنبي وڃڻ گهرجي. مڙس تي ڪم
جي پنيان لڳو. آشا رکي يتن ڪريو. پراڻا ڏک کي وساري
ڇڏيو. اسان اوس سڦل ٿينداسين."

نندي ڀاءُ اهڙيءَ ريت رام کي صلاح ڏني. راماڻ جي
ٽيڪاڪارن جي درشٽيءَ ۾ لڪشمڻ آدي شيش جو اوتار
آهي. آدي شيش اهو ناگ ديو آهي جو سدا وشنوءَ جي
رکيا ڪندو رهندو آهي. انهيءَ ڪري لڪشمڻ سداءِ رام
کي نٿون اتساهه ۽ بل ڏيندو رهندو هو.

ديش مان نيڪالي مليل وانر راج ڪمار سگريو ۽ سندس سچار
پوئلڳه ڀؤ جي ڪري ڏاڍو سجاڳه رهندا هئا. هنن جڏهن رام
۽ لڪشمڻ کي بن ۾ گهمندو ڏٺو تڏهن سندس من ۾ سنديه
۽ سنسا اٿي پيا. جڏهن سگريو کي باليءَ سندس راڄ مان
ڪڍي ڇڏيو هو، تڏهن هو هن پهاڙ تي اچي رهيو هو.
هنکي اهو خيال هو ته رشيءَ جي سراپ ڪري باليءَ هن
ٽڪريءَ تي چڙهي ڪونه سگهندو. هاڻي هن سمجهيو ته انهيءَ
هند ٻه بالي روپ بدلائي کيس مارڻ لاءِ اچي سهڙيو آهي.
هنکي اهو ٻه شڪ پيو ته شايد ڪو ڪتري راجا باليءَ جو
پکيه ڪٽي کيس مارڻ لاءِ اتي آيو آهي. ٻيا وانر ڀؤ وچان هيڏانهن
هوڏانهن ڀوڙڻ لڳا.

سگريو جو مکيه منتري هو هنومان. هن سگريو کي دلاسو
ڏيئي چيو، "منهنجي نظر ۾ هو بالي ڪونه آهي. تڪي هي
باليءَ جا متر آهن. ڀؤ ڪرڻ جو ڪو به ڪارڻ ڪونه آهي. مان
وڃي هنن سان ڳالهيون ڪندس ۽ پوري پوري سچ جو پتو
لڳائيندس."

اها ڳالهه ٻڌي سگريو خوش ٿيو ۽ چياءِ "ڀل ائين ڪر.
پر ڏاڍو سنڀال سان ڪم ڪج. وڃي پورو سڌ سماءُ ڪڍي واپس
اچ. پوريءَ ڪشلتا سان ڪم ڪج. منهنجي من ۾ ڏاپ ۽ سنديه

ت، وڏيءَ سمپتيءَ جو ڌڻي، پنهنجو راڄ ڇڏي هت بن
آيو آهي. هت سندس پتنيءَ جا ڪيس پراڻن کان پياري
عي، تنهنکي راوڻ چورائي ويو آهي. راوڻ هڪ نڳيءَ جي
ست سٽي اسان کي گمراهه ڪري انهيءَ ڪٽيا کان گهڻو
ور وٺي ويو جت منهنجي پراتا جي پتني ويٺي هئي. اسان
ا آهيون سگريو جي سهايتا وٺڻ، انهيءَ لاءِ ته اسين هن
يوي کي بند مان ڇڏائي وري هٿ ڪريون. اسان کي هڪ
ئيت، جنهن سراپ ملڻ ڪري راڪشس جو روپ ڌارڻ ڪيو
و، تنهن چيو آهي ته ”جيڪڏهن اوهين وانرراج سگريو جي
هايتا هٿ ڪندا ته، پوءِ راڪشسن دواران چورايل راجڪماريءَ
پ وري هٿ ڪري سگهندا. انهيءَ ڪري اسين آيا آهيون.
سمانکي گهرجي تنهنجي راجا جي مترتا.“

هنومان وراڻيو: ”سگريو کي به باليءَ ڏاڍو ستايو آهي،
سندس ڌرم پتنيءَ کي هو چورائي ويو آهي. سندس راڄ
ن هن کي ڪڍي ڇڏيو اٿس. هاڻي پڪ آهي ته هو اهي
ڻي موٽائي هٿ ڪندو. منهنجي راجا کي اوهان جي مترتا
اپت ڪري وڏي پرسنتا ٿيندي. ڪانئس سهايتا وٺي اوهان
پنهنجي ڪارج ۾ سڦل ٿيندا.“

پوءِ ٽيئي گڏجي سگريو وٽ ويا. رستو اهڙو هو جيڪو
ڪ وانرئي لتاڙي سگهي ها. هنومان برهمچاريءَ جو روپ
ڏي وري پنهنجو اصلوڪو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ ٻنهي ڀائرن
ي پنهنجي پٺيءَ تي ڪري کنياءِ.

پلن پرشن جون دليون يڪدم ملي هڪ ٿي وينديون آهن.
ڪرل جو چوڻ آهي ته ”مترتا پراڻيءَ جاڻ پڇاڻ جي ڪري ڪانه
ئدا ٿيندي آهي. مترتا اُتپن ٿيندي آهي جڏهن ٻن دلين
، سهج سڀاءُ هڪ ٻئي لاءِ ڇڪ ٿيندي آهي. هيءَ مترتا ته
يشوري اِڇا اَنوسار ئي اچي ٻڌي هئي. وڌاتا جي وهيءَ ۾
ٻيئي لکيو پيو هو ته جنهن ڪارج جي لاءِ رام اوتار ڌارڻ

راڄ تي راڄ ڪرڻ لاءِ جنميا آهيو. انهيءَ هوندي به اوهان جا وستر سنياسن جهڙا آهن. اوهان جي سر تي آهن جٽائون ۽ اوهانجي شرير تي آهن ڇوڏن جا وستر ۽ وري هٿن ۾ اٿو ڌنش ۽ باڻ.

”پلا، اوهان چپ ڪيو ڇو بيٺا آهيو؟ هت وانر راڄ سگريو، جنهن کي سندس ڀاءُ باليءَ راڄ مان ڪڍي ڇڏيو آهي، سو لڪو ويٺو آهي. هوُ ڏاڍي ڏک ۾ پريل آهي. مان سندس منتري آهيان. منهنجو نالو آهي هنومان. مان وايُو ديوتا جو پٽر آهيان. پنهنجي راجا جي آگيا انوسار مان هت برهمچاريءَ جو روپ ڌاري اوهان وٽ آيو آهيان.“

هنومان جا اهڙا سٺيتا وارا واڪ ٻڌي رام لڪشمڻ کي چيو: ”پراتا! هنومان جا هيءَ وچن ٻڌي مون ۾ ڏاڍو وشواس جاڳيو آهي. مونکي هن تي پورو پورو ڀروسو آهي. تو ڏٺو سهڻن نه هو کهڙي سندر نموني ۾ ڳالهائي رهيو هو. هنجي اچارڻ جو ڍنگ کهڙو نه شڌ ۽ سريلو هو! هن انهن تي ڳالهايو جنّن کو ويدن ۽ وياڪرڻ جو پورو ڄاڻو ڳالهائي. هو هڪ آدرشي دوست آهي. وڏ ڀاڳي آهي اهو راجا جنهن وٽ هن پرڪار جو دوست موجود آهي. جنهن جي ڳولها ۾ اسان نڪتا آهيون، سو ڀاڻ ئي اسان کي ڳولهي رهيو آهي. اسان هت سگريو سان ملڻ آيا هئاسين، هن پنهنجو پاڻ اسان ڏانهن پنهنجو دوت روانو ڪيو آهي. اسانکي جڳائي ته سندس چڱيءَ پر آجيان ڪريون.“

پوءِ هو پاڻ ۾ ڪليون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هڪ پاسي رام ۽ لڪشمڻ پنهنجي دکن سکن، پون پولن ۽ آسن اميدن جي کهاڻي ٻڌائي ۽ ٻئي پاسي هنومان پنهنجي ڪٿا ڪري ٻڌائي.

هن وارتالاپ کان پوءِ لڪشمڻ جي من ۾ هنومان لاءِ ڏاڍو پريم جاڳيو.

هن هنومان کي چيو: ”منهنجو ڀاءُ هڪ سمراٽ جو مرڀ

هنومان سيگهه مان ڪجهه ڪاٺيون گڏ ڪري اگنيءَ کي ٻگايو. رام ۽ سگريو اگني ديوتا کي پرڪرما ڏيئي مترتا جي تگيا ڪئي. هنن پرڻ ڪري چيو: ”اچو ته هڪ ٻئي جي سک ک ۾ ڀاڱي ڀائي بڻجون. اچو ته پاڻ ۾ دائما مترتا ڪريون.“

هڪ وڻ جو ڏار ڪٽي رام ۽ سگريو انهيءَ تي ويهي پاڻ منجهون منجهون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ساڳيءَ ريت هڪ ٻئي ار تي هنومان ۽ لڪشمڻ وينا رهيا.

سگريو پنهنجي جيون جي ڪهاڻي رام کي ٻڌائي. هن يو: ”هڪ وقت اهڙو هو جڏهن مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ ٻلوان لي هڪ ٻئي سان ڏاڍي پريم ۾ ٻڌل هواسين. پر وقت بدليو. سند ڀاڳ اسانجي وچ ۾ ڏڦيرو وڌو. منهنجو ڏوهه به ڪونه هو ه اسين هڪ ٻئي جا شترو ٿي پياسين. ڳالهه هئن آهي هڪ وار ماياويءَ نالي هڪ راڪشس اڌ رات جو اسانجي اجڌاني ڪشڪنڌ جي دوار وٽ اچي پهتو. هن اچڻ سان تاڪ هڻي باليءَ کي للڪاريو ته ساڻس دوبدو لڙائي ڪري، اڪاڻ جو هننجي پاڻ ۾ ڪا پراڻي دشمني هئي. بالي اهڙي لڪار ٻڌي ڪڏهن به يڌ ڪرڻ کان اِنڪار ڪونه ڪندو ئو. اُنهيءَ تي هو جوش سان ٻاهر نڪري آيو. مان پنيان يومانس. راڪشس ڀڄندو ويو تانجو هڪ وڏيءَ چر جي اندر هليو ويو. اُنهيءَ چر جو منهن ڪانديري ٻوٽن سان ڍڪيو بيو هو. باليءَ اُنهيءَ اونداهيءَ چر جي اندر دشمن جي پنيان وڪيندو ويو ۽ مونکي چيائين ته چر جي دروازي وٽ بيٺو هه. پنهنجي جاءِ تان نه هٽج ۽ اُنهيءَ لاءِ مون کان قسم به کڻايائين. ان آئي گهڻوئي وقت ترسيس پر بالي موٽيوئي ڪونه. جڏهن ان آئي ٿڪو ماندو بيٺو هيس، تڏهن ئي مون غار مان دانهون ڪوڪون ٻڌيون. مان هيس بلڪل ڏڪيل، سو مون ڀانيو ته اهي دانهون منهنجي ڀاءُ جون آهن. ٿوري وقت کانپوءِ مون ڏٺو ته اُنهيءَ چر مان گجيءَ سان پريل رت جو وهڪرو زور سان ٻاهر

ڪيو هو، سو هنومان جي اَڱل ۾ ڀڳتيءَ دوارا سڌ ٿي. انهيءَ ڪري هڪ ٻئي کي ڏسندي ئي هو هڪدم مِتر ٿي پيا.

هنومان راجڪمارن کي پنهنجي ڪلهن تي کنيو. اندروني پريم جي هيءَ ٻاهرين نشاني هئي. جئين مِتر ۽ پريمي هڪ ٻئي کي گلي لڳائيندا آهن، تئين ئي داس روپي ڀڳت هنومان ڀڳوان کي پنهنجي ڪلهي تي چاڙهي ڏايو آنند پراپت ڪيو.

مليه پهاڙ تي چڙهي، هو سگريو وٽ اڳوات هليو ويو ۽ وڃي هنکي رام ۽ لڪشمڻ جي اچڻ جي سوچنا ڏنائين.

هن سگريو کي چيو: ”رام هڪ گياني ۽ ڌرماتما راجڪمار آهي. هو پرسڌ سمراٽ دشرٿ جو مربي پٽ آهي. پنهنجي پتا جي پرڻ پوري ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي پتنيءَ ۽ ڀراتا سميت ايوڌيا ڇڏي بن ۾ آيو. دشرٿ پنهنجي ننڍيءَ استريءَ کي گهڻو اڳ هڪ وردان ڏنو هو. پر اهو وردان ورتن ٽيل ڪونه هو. انهيءَ جو لاڀ وٺي هن راڻيءَ دشرٿ کي لاچار ڪري رام کي بنواس ڏياريو. بن ۾ ڪنهن وقت سيتا اڪيلي رهجي ويئي. راجڪمار وٽس ڪونه هئا. انهيءَ وجهه جو فائدو وٺي راوڻ رام جي پتنيءَ کي چوريءَ ڀڄائي ويو. رام هت پنهنجي پتنيءَ کي ڳولهڻ لاءِ اوهان جي سهايتا وٺڻ آيو آهي. هي راجڪمار هر پرڪار اوهان جي مِتر ٿيڻ يوڳيه آهن. هنن وٽن سان مِترتا رکڻ ڪري اوهان کي به لاڀ ٿيندو.“

سگريو هڪ سندر منش جو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ هن راجڪمارن سان دل کولي گهڻو وقت ڳالهيون ڪيون. پنهنجو هٿ رام جي پاسي وڌائي، سگريو چيو:

”اي راجڪمار، جيڪڏهن اوهان کي وانر جي مِترتا جي گهرج آهي ته هيءُ آهي منهنجو هٿ، اهو سويڪار ڪريو. هنومان مونکي اوهان جي مهانتا ۽ گڻن جو سمورو ورنن ڪري ٻڌايو آهي.“

رام سگريو جو هٿ پڪڙيو ۽ هنکي ڳلي لڳايو.

. انهيءَ ڪري برٻادي ٿيندي آهي. ٻاليءَ جي ڪروڌ
جو اَنت آندو. سگريو نمرتا سان نيڪ سڄ ٻڌايو.
ٻاليءَ هن جي ڳالهه ٻڌي اُي ڪونه. هن جوش ۾ اچي
اُي پلائي ڇڏيو. سندس سڌ ٻڌ گم ٿي ويئي. سگريو ٻه
سمجهيءَ جي ڪري ٽڪر ڪئي هئي. هو ٽڙ ٽڪڙ ۾ اُئين
جهي وينو ته سندس ڀاءُ مري ويو آهي. هن کي ڀؤ اچي
تو ته جنهن اَسر سندس ڀاءُ کي ماريو آهي، سو ڳڦا مان
ڪري ڪيس ٻه پورو ڪندو. انهيءَ ڪري اُي هن غار جو
گهه بند ڪري ڇڏيو هو. ڀهرين هن جي راڄا ٿيڻ تي گهڻي
ڪانه هئي. پر هو پنهنجي پرڄا جي چوڻ تي لڳي پيو.
بنا پوري سوچ ويچار جي من جي اندر لڪل اِڇا جي
بان جُهڪيو. انهيءَ ڪري هو ڪننايِن ۾ اچي اڙيو. بنا
چ ويچار جي جيڪو ڪم ڪبو آهي، تنهن مان دک پئدا
ندو آهي. سگريو جي ڪهاڻيءَ مان اها سکيا ملي ٿي.
اسان کي ٻئي جي سمپتيءَ ۾ اک وجهڻ نه گهرجي. منش
ڏايوساوڌانيءَ سان هلڻ گهرجي ۽ پنهنجي اڇائن ۽ ڪامنائن
پنهنجي وس ۾ رکڻ گهرجي. سگريو ۽ ڀرت جي وهنوار
ڪيترو نه ڀيد آهي؟ ايوڌيا ۾ ڀرت کي منترين راڄ وٺڻ لاءِ
ت ميڙ ڪئي، پر هن پڪي ارادي سان انهيءَ وٺڻ کان
ڪار ڪيو. ڀرت سڌانت تي دڙ هو. سندر ۽ سريشٽ هو
سندس وهنوار. پر سگريو ٻئي پرڪار جو پرش هو. هن جو
ن نربل هو. انهيءَ ڪري هنکي دک ڀوڳڻو پيو. ڀرت کي
اهه' ڪرڻ جو ٻل هو. انهيءَ ڪري سندس نالو ۽ ڪيرتي
سدا امر آهي.

رامايڻ جي هرهڪ گهٽنا، هرهڪ اُپڪٿا ۾ ڪانه ڪا اهڙي
سکيا سمايل آهي، جيڪا اسانکي پنهنجي روز مره جي جيون
ي نيڪ هلائڻ لاءِ اوس سکڻ گهرجي. ڪنهن ڪنهن هنڌ
هي سکيائون پڌريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ ٻين هنڌن تي وري

نڪري رهيو آهي. اُنهيءَ مان مون پڪ سمجهيو ته ٻالي وڙهندي مري ويو آهي. مٿان ڪامياب راڪشس ڪاميابيءَ جي ڪري ڦونڊ ۾ پرچي ڇر مان پڇي نه نڪري ۽ ڪشڪنڌ نگريءَ کي اچي ناس نه ڪري، سو مون ڇر جي منهن جي اڳيان هڪ وڏو پٿر رکي لنگهه بند ڪري ڇڏيو. پوءِ مان هليو ويس ڪشڪنڌ ڏانهن. مون اُتي ٻاليءَ جي مرڻ جو سماچار لوڪن کي ڏنو. ڪنهن راڄ جو راڄا ڪونه هوندو آهي، ته اُنهيءَ راڄ تي گهڻيون آپدائون ايندڙيون آهن. اِئين پاسندو آهي ته ديش اُنهن آپدائن کي سڏي ڪري پنهنجي برباديءَ ڪري رهيو آهي. اُنهيءَ ڳالهه جو خيال ڪري منترين ۽ ٻين پيرمڙدن مونکي ڪري سنگهاسن تي وهاريو. جڏهن مان راڄ جا مزا ماڻي رهيو هيس تڏهن ٻالي ڪروڌ ۽ ڦڻن جي ڪري ڳريل سريل اِئين اچي پرگهٽ ٿيو جڏهن آڪاش ۾ اِندر جو ٻچر نڪري نروار ٿيندو آهي. اچڻ سان هن مونتي اهو دوش لڳايو ته مان پنهنجي راڄا ۽ ڀاءُ سان دروه ۽ اُسپاويڪ وهنوار ڪيو آهي. اهو دوش منهنجي مٿان ڌري ٻاليءَ مونکي نيچ ڪمبخت، مرڻ جي جوڳ سمجهي منهنجو نرادر ۽ اَپمان ڪيو ۽ ديش مان هڪالي ڪڍيو. ماريائين سو اُنهيءَ ڪري نه جو مان سندس ڀاءُ هوس. اهڙيءَ ريت ڪنور نرڏئي ورتاتا منهنجو راڄ پاڳه مورمڪت، ۽ هر پرڪار جو سک پدارٿ، اِستريءَ سميت کسي ورتو آهي. پوءِ ڪن ٿورن سچن مترن سان گڏجي مون هت بن ۾ اچي پناهه ورتي آهي. هت مان سلامت آهيان ڇاڪاڻ جو هڪ رشيءَ جي سراپ ڪري ٻالي هت اچي نٿو سگهي. ايندو ته بروقت مرڻ جو شڪار ٿيندو.

هيءَ ٻاليءَ ۽ سگريو جي ڪٿا پراڻن ۾ ڏنل نيتي سکيائن جو هڪ سندر پرماڻ آهي. نڪي ٻاليءَ نڪي سگريو ڪو خاص وڏو اپراڌ ڪيو هو. ڪروڌ ٻڌيءَ کي ڀرشٽ ڪندو آهي. جيڪو ڪروڌ جي وس ٿيندو آهي، سو سچ ڪوڙ جي پريکيا ڪونه ڪري سگهندو

”مون ۾ منهنجي مٽرن ڏٺو ته هڪ راڪشس هڪ رُئندڙ
ڙيءَ کي کنيو آڪاش مان اُڏامندو ٿي ويو. هن ديويءَ
ڀون ڪندي پئي چيو، ’هي رام! هي لڪشمڻ.‘
”هن ۽ اسانکي ڏنو. پنهنجي پوتي لاهي، اُنم پنهنجا ڳهه
ي، هن اُها هيٺ اُڇلائي. اسان اِها ڪٺي پاڻ وٽ سانڍي
آهي. ڏسو ته اهي ڳهه سيتا جا ته ڪونه آهن.“
اها ڳالهه ٻڌي رام جوش وچان چيو: ”وڃي هيٺ ڪٺي اچ،
ڪٺي اچ.“
هو ڇپر منجهان هيٺ ڪٺي آيا. جڏهن رام پوتي ڏٺي تڏهن
م پيرجي هن پاڻ وساري ڇڏيو. اُنهيءَ ڳنڍڙيءَ کي ڏسي
س سيتا جي ڏکن ڏاکڙن جي ياد اچي ويئي.
رام اکيون پوري لڪشمڻ کي آگيا ڏني ته هيٺ کولي،
ڻن کي چڱيءَ پر ڏسي. رام پاڻ اُنهن زيورن کي ڏسي ها
ڪيس نه سهڻ جهڙو دک ٿئي ها.
لڪشمڻ هيٺ کولي. سيتا جا نورا ڏسي هن چيو: ”هائو،
ائو، هيءَ سيتا جا نورا آهن. ڪجهه ٻه سنڌيهه نه آهي ته اُهي
يتا جائي آهن. مان اُنهن کي سڃاڻي سگهان ٿو ڇاڪاڻ جو
ن ڪئي وار اِهي اُنهيءَ وقت ڏسندو هيس جڏهن مان
ندس چرن وندنا ڪندو هيس. ٻين ڳهڻن جي مونکي پوري
ڻ ڪانه آهي. مان اُنهن ڏانهن ڪڏهن ڇتائي نهاريندو ٻه
ڪونه هيس.“
اُهي شبد جيڪي والميڪيءَ لڪشمڻ کان چوايا آهن، تن
کهڙو نه مهناج ۾ پوڄا جو ڀاو ڀريل آهي. سيتا جڏهن اُنهيءَ
اڳي ڏينهن تي لڪشمڻ کي ٻنا ڪارڻ ڇنڇيو هو تڏهن
ڪشمڻ جي هردي ۾ کهڙا نه وڍ پيا هوندا!
رام سيئي ڳهه ڪري پنهنجي هٿ ۾ کنيا. هڪ هڪ
ڪري هن اهي پنهنجي اکين تي رکيا. هن چيو: ”اهي شايد
رم گاهه تي ڪريا آهن، اُنهيءَ ڪري صحيح سلامت آهن.“

لڪل ۾ ڳجھون آهن. جيڪڏهن اسين ڀڳتيءَ ڀاؤ سان راماڻ جو پاٺ ڪنداسين ۽ ڪجهه گهرو سوچ ويچار ڪنداسين ته پوءِ اهي سکيائون سداءِ پروڙي سگهنداسين.

سگريو پنهنجي ڪٿا سڻائي، دک سان پرجي رام کي وينتي ڪئي. چي، "باليءَ جي ڀؤ کان مان بن ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. مان هت لڪو رهندو آهيان. ڇا اوهين باليءَ کي ماري سگهندا؟ باليءَ کي ماري منهنجو راج ۽ منهنجي اِستري موکي هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا؟"

رام وراڻيو، "پڪ ئي پڪ مان اِئين ڪندس. بالي هن ڌنش مان بچي ڪونه نڪرندو. اها پڪ ڄاڻج."

جنهن سمي سگريو ۽ رام اُنهيءَ ريت پئي ڳالهايو، تنهن سمي پري ئي پري اشوڪ باٽڪا جي ڪنهن ڪنج ۾ اڪيلي ويٺل سيتا جي ڏائي اک ڦرڻ لڳي. اِسترين لاءِ اهو هڪ شڀ سوڻ ڪري ليکيو آهي. ساڳي وقت راوڻ جي کٻيءَ اک جا ڇپر ٻه ڦرڻ لڳا. اهو هن لاءِ هڪ اپسوڻ هو.

ادياءُ ٢١

رام سيتا جا ڳهه سڃاڻي ٿو

هاڻي وري سگريو رام جي ڳالهه ٻڌي، ته ڪئين نه پنڇوٽي ۾ هن راجڪمار تي آپدا اچي ڪڙڪي؛ ڪئين سيتا جي وڇوڙي ڪري رام جي هنياءَ ۾ ويڙ پئجي رهيا آهن ۽ ڪئين نه سيتا جي اوستا جي چنتا کيس چور چور ڪري رهي آهي. سگريو جي هردي کي چوٽ لڳي ۽ هن رام کي آٿت ڏيڻ جو ڀڄن ڪيو. هن چيو: "لڪشمڻ موکي هرهڪ ڳالهه ٻڌائي آهي. سڀ سنسا ۽ سنديهه، ڀؤ ۽ ڀولا وساري ڇڏ. سيتا ڪٿي به ڪري لڪل هجي، اسين پڪ ئي پڪ هنکي جلد ڳولي لهنداسين.

هن چيو، ”مونکي نڪي هن پاپي راڪشس جي رهڻ جي
ستان جو پتو آهي، نڪي مونکي سندس شڪتيءَ جي ڪا
ڪل آهي. اسانکي ڄاڻ نه آهي ته هو سيتا کي ڪهڙي پاسي
ڻي ويو آهي ۽ ڪٿي هنکي لڪائي رکيو اٿس. انهيءَ
هوندي به مان توسان ڌرم کي سامهون رکي پرتگيا ٿو ڪريان
، سيتا ڪٿي به ڪري هجي، مان کيس ڳولهي لهندس.
جنهن کيس بانڌي رکيو آهي تنهنجو به پتو ڪڍندس. انهيءَ
کي ماري مان سيتا جا بند آجا ڪندس. تون پاپي راڪشس
ڻي ماري جس پراپت ڪندين. نراش نه ٿيءُ. دک کي پنهنجي
ستان سوار ٿيڻ نه ڏي. دک آتما کي نربل ڪندو آهي.
سنهنجو خيال ڪر. جئن تو پنهنجي استري وڃائي آهي تئن
سون به وڃائي آهي. مونکي به پنهنجي راڄ مان نيڪالي ملي
آهي ۽ منهنجو به اپمان ٿيو آهي. انهيءَ هوندي به مان پنهنجي
ڏک کي دبائي همت نٿو هاريان. جيڪڏهن هڪ وانر هن
يت هلت ڪري سگهي ٿو ته پوءِ توکي انهن ڪرڻ ڏاڍو
سولو لڳڻ گهرجي. جڏهن ڏک اسان تي سوار ٿيندو آهي
ڏهن اسين بي وس ٿي پوندا آهيون ۽ ڪجهه به ڪري نه
سگهندا آهيون. انهيءَ ڪري، اي متر، مان توکي وينتي ٿو
ڪريان ته پنهنجي ڏک کي مريادا کان ٻاهر وڃڻ نه ڏي.“

سگريو جي انهن شبدن رام جي هردي تي چڱو پرڀاو
ڌو. هن پنهنجي اکين جا لڙڪ اگهي، سگريو کي گلي لڳايو.
سيتا جا ڳڻ ڏسي جيڪا نربلتا رام ۾ آئي هئي سا هن هاڻي
هٽائي دور ڪئي. هن وري ڌيرج ڌارڻ ڪري پنهنجي من
ڪي پنهنجي وس ڪيو.

هن چيو: ”سگريو، تنهنجي مترتا مونکي ڏاڍي پياري آهي.
ان هاڻي تنهنجي صلاح تي هلندس. خيال ڪري ڪا رٿا
ڪڍ ته اسان ڪڏهن ۽ ڪٿان سيتا جي ڳولها شروع ڪريون.
تنهنجي ڪارج کي مان پنهنجو ڪري سمجهندس ۽ توکي

هاڻي رام جو ڏک ڪروڌ جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيڻ لڳو. جوش ۾ اچي هن چيو: "راڪشس کي ناس ڪرڻ لاءِ ير جا دوار بلڪل کليا پيا آهن. جلدئي هو پنهنجي ماڻهن سوڌو کيءِ ٿيندو."

رام جي ڏک ۽ ڪروڌ کي ڏسي سگريو مٿيوئي چنتا ۾ پئجي ويو. جيتوڻيڪ هنن پوتر يگيه اگني جي سامهون هڪ ٻئي جي متر ٿيڻ جي ۽ هڪ ٻئي کي سهايتا ڪرڻ جي پرتگيا ڪئي هئي، تہ بہ سگريو جي من کي اُنهيءَ ڳالهہ ستايو تہ سڌ نہ آهي تہ پهرين ڪنهنجو ڪم ٿيندو.

سگريو پنهنجو راڄ ۽ پنهنجي پتني وڃائي هئي. اُنهيءَ ڪري هنکي پوري ڄاڻ هئي تہ اُنهيءَ ڪري ڪيترو نہ وڏو ڏک ٿيندو آهي. اُنهيءَ ڪري هنکي رام جي آپدا لاءِ ڏاڍي چنتا ٿي ٿي. تہ بہ سوال اهو هو تہ پهرين ڪنهن جي ڳالهہ پوري ڪرڻ گهرجي. هن هيءَ ڳالهہ رام سان ڏاڍي ساوڌاني سان ڇورڻ ٿي چاهي، جئن اِئين نہ ڏسڻ ۾ اچي تہ هنکي پهرين پنهنجي لڳل آهي. اِئين ڪرڻ سان شايد سندن نئين دوستيءَ ئي ٽٽي پوي ها. اِها ڳالهہ تہ صاف هئي تہ جيڪڏهن سگريو ڪشڪنڌ جو راڄا ۽ پنهنجي ڄاتيءَ جو وڏو ٿيندو تہ پوءِ هو رام لاءِ وڌيڪ ڪارائتو متر سڌ ٿيندو. هن وقت تہ هو هڪ ڀٽڪندڙ ماڻهو هو، جنهن راڄ تي پنهنجو اَڌڪار ٿي سمجهيو. جيڪڏهن هو باليءَ جي اِيامڪاريءَ ۾ سيتا جي ڳولها لاءِ نڪري ها تہ پوءِ خبر نہ آهي تہ بالي ڪهڙو رخ وٺي ها. اهو جوکم کڻڻ ٺيڪ نہ هو. پهريون قدم اِهوئي هو تہ باليءَ کي ماري، سگريو کي سنگهاسن تي وهاري وانر راڄ جا سمورا واهہ وسيلا هٿ ڪجن.

اُنهيءَ ريت ئي رام کي بہ سويد ملي سگهندي ۽ سگريو جو بہ ڪم ٿيندو. پر رام جي من جي اوستا جو ڌيان رکي هن اهو فيصلو ڪيو تہ هو هيءَ ڳالهہ رام سان سنڀالي ڇوريندو.

۾ سندس شڪ شبها ڪلي ڪين ٿيندا؟ رام پرتگيا ڪئي هئي
ته هو سگريو جو ڪارج پورو ڪندو. سندس ٻل جي اندازي
ڪرڻ جو ڪيس ڪهڙو وجهه ملي سگهندو؟ سگريو ڏاڍو ڳُوڙهو
ويچار ڪري هڪ رٿ رٿي.

هن رام کي ڌيرج سان چيو: ”اي منهنجا ساءِ رام! تنهن
جي ٻولڻ منهنجي دل مان دک کي بلڪل هٽائي ڇڏيو آهي.
مونکي تنهنجي سورهيائيءَ جي پوري پروڙ آهي. تنهنجي ڌنش
سان ڇٽل ٻاڻ ٽنهي لوڪن کي ناس ڪري سگهندو. باليءَ
جو شرير اُنهيءَ جي سٽ ڪئن جهلي سگهندو؟ انهيءَ هوندي
به اهو منهنجو ڌرم آهي ته مان توکي باليءَ جي ٻل بابت
پوري پوري ڄاڻ ڏيان. هُو اهڙو ٻلوان آهي جو چئني
مهاساگرن کي چڪر ڏيئي سندن پاڻي پنهنجي تري ۾ ڪٽي
ٻرڀات جي سنڌيا ويل اُنجي ڏات وٺي ڇڏيندو آهي. هو
هڪ پاري ٽڪر کي کينهو جيان اُڇلائي ان سان راند ڪري
سگهندو آهي. هُو بن جي وڏن وڻن کي گاهه جي ٻوٽن
جيان پاڙون پٽي سگهندو آهي. هڪ وار دندڀي نالي اسر
جنهن جو روپ ڌارڻ ڪيو. اُنهيءَ مينهن کي وري هڪ هزار
هاٿين جو ٻل هو. انهيءَ اسر مهاساگر کي وڙهڻ لاءِ للڪاريو.
مهاساگر ٺٺائي ڏيو. چيو، 'توکي اُنهيءَ سان وڙهڻ گهرجي جيڪو
تنهنجي مٿ هجي. اُتر دشا ۾ هماون پربت آهي. انهيءَ کي
وڃي وڙهڻ لاءِ آواهن ڪر. مون جهڙي نٻل کي ڇڏي ڏي.'
دندڀي اها ڳالهه سويڪار ڪري اُتر ڏانهن ڀڄندو ويو. هماون
وٽ پهچي اُنکي للڪار ڪياءِ ۽ اُنجي شرير کي پنهنجي سڱن
سان ڦٽي وڌائين. هماون پنهنجي جوش کي جهلي چيو، 'مون
تي وار ڇو ٿو ڪرين؟ مان ڪو جنگي جوڌو ڪونه آهيان. مان
ته پنهنجو سمو اُنهن رشين منين جي سنگ ۾ گذاريندو آهيان،
جنکي مون وٽ رهڻ پسند آهي.' دندڀي وراڻيو: 'چڱو ڀلا
مونکي ڪنهن اهڙي جيوَ جو نالو ٻڌاءِ جيڪو مون سان وڙهڻ

ڪشڪند جي سنگهاسن تي وهاريندس. انهن شبدن چوڻ وارو مان آهيان. ياد رک ته مون پنهنجي جيون ۾ ڪڏهن به ڪوڙ يا اجايو وچن ڪونه ڳالهايو آهي. نڪي هن کان پوءِ مان ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائيندس، يا لباڙ هڻندس. مونکي کولي کولي ٻڌاءِ ته مان ڪهڙن تنهنجي سهايتا ڪريان. جئن چوندين، تئن ڪندس."

رام جا شبد سڻي سگريو ۽ سندس منتري ڏاڍو پرسن ٿيا. انهن کي پڪ ٿي ته سندن ڏک جلد ئي پورا ٿي ويندا ۽ سگريو وري وانرن تي راڄ ڪندو.

اَڌياءُ ٤٢

سگريو جا سنديه دور ٿيا

سگريو کي پنهنجي راڄ ۽ پنهنجي پريوار کي وري هٿ ڪرڻ جي ڏاڍي اُتڪنٺا هئي. پر هو سمجهي نٿي سگهيو ته اهو ڪارج ڪئن سڌ ڪجي. باليءَ جي اٿاهه شڪتي هنکي هڪ ديوار جيان پنهنجي نشان تي پهچڻ کان روڪي رهي هئي. جڻڪ سندس ڪارج جي سڌيءَ ۽ هنجي وچ ۾ هڪ ديوار کڙي هئي.

سندس منتريءَ هنومان کيس وشواس ڏياريو ته رام جي سهايتا سان هو سڦل ٿيندو. انهيءَ هوندي به سگريو جي من ۾ سنديه رهيو. ڇا رام جو ٻل باليءَ جي شڪتي کان وڌيڪ ٿيندو؟ ڳالهه ته اسنيؤ ۽ نراشا جهڙي ٿي ڏسجي. باليءَ جو شرير اهڙو هو جهڙو رڪ. رام هنکي ڪئن ماري سگهندو؟

سگريو کي رام جي سنبنڌ ۾ اهڙا سنديه هئا. پر رام کان سواءِ ٻيو ڪو سندس سهايتا ڪرڻ وارو هو ئي ڪونه. هو پنهنجي منورٿ جي پورڻ لاءِ به تيار ڪونه هو. هن رام جي شڪتيءَ جي پريکيا وٺڻ جو نرڻو ڪيو.

پريکيا ته وٺي، پر متر جي پريکيا وٺي ڪئن؟ پريکيا وٺندو

”بالي ڊنڊيءَ جي ڳالهه ٻڌي کلڻ لڳو ۽ کلندي چيائين ’اي
...جون پياريون ناريون، اندر هليون وڃو. او اَسر، نشي پيئڻ
...ي منهنجي شڪتي کو گهٽي ڪانه آهي. جيڪڏهن توکي
...وئي آهي ته وڙهه. هيڏو وقت وري هٿ ڪونه ايندو. اچ
اَنڪاءِ.‘ ائين چئي، کلندي کلندي باليءَ ڊنڊيءَ جي پڇ
...ڪري پڪڙيو. پوءِ ڪيس ڦيرائيون ڏيائي ڪري اُڇلايو.
...ي جي وات مان رت نڪري آيو ۽ هو پٽ تي ڪري پيو.
”ٿوري دير کان پوءِ اَسر وري اُٿيو ۽ هڪ وڏي جنگ
.. اِندر پتر باليءَ اَسر کي چٺي چٺي ماري وڌو. پوءِ هن
...ميندهن جي ٻنهي ڄنگهن کي ڪٽي پري ڦٽو ڪيو. اُهو ٻوڌ
...يوجن جي پنڌ تي وڃي ڪريو.
”هوا اُنهيءَ اَسر جي رت جا ڦڙا کڻي وڃي ماتنگ رشيءَ
آشرم ۾ اُڇلايا. رشيءَ کي ڏاڍي چڙ لڳي. ڪيس پتو پيو
...نهيءَ اَپوترتائي لاءِ ڪير جوابدار آهي. هن ڏنو ته اَيمان
...جي باليءَ هڪ رت ڳاڙيندڙ لوٿ آشرم جي پاسي اُڇلائي
...م اَشد ڪيو آهي. اُنهيءَ ڪري رشيءَ هن ريت سراپ
...: ’جيڪڏهن بالي هن آشرم ۾ ايندو ته سندس جيوني
...پٽ تي ويندي.‘ رام، اُهوئي سبب آهي جو مان پنهنجي
...ن سميت هت سلامت ويٺو آهيان. اُنهيءَ پاراتي جي ڪري
...ءَ کي هت اچڻ جي ڪڏهن به همت ڪانه ٿيندي. هي
... وڻ ڏس. باليءَ ۾ ايتري شڪتي آهي، جو هيڏي وڻ
... هو ٻئي انڪي لوڏا ڏيئي، اِئين اُنجا پن ڇڻي سگهندو جئن
... پنهنجي وستر تان مٽي ڇنڊيندو آهي. هيڏو ٻلوان ياءِ
...منجو شترو ٿي پيو آهي. پوءِ ڀلا مان سلامتيءَ سان ڪٿي گذر
...ري سگهندس؟“
... هيءَ ڳالهه ٻڌي لڪشمڻ سمجهي ويو ته سگريو پنهنجي
...نتوش لاءِ رام جي شڪتيءَ جو پرماڻ ڏسڻ ٿو چاهي. اُنهيءَ
...ري هن ڪانئس پڇيو: ”ڀلا رام توکي ڪئن سڌ ڪري ڏيکاري

جي يوڳيه هجي. مونکي اڄ اهڙي شترو ۽ جي ضرورت آهي جيڪو منهنجي لائق هجي.‘

”هماون اُتر ۾ چيو، ’ڏکڻ پاسي هڪڙو جيوُ آهي جو هر ريت توسان برميڇي سگهندو. هوئي توسان جنگ جوٽڻ جي يوڳيه آهي. هو آهي وانر راج بالي. ٻل ۾ پنهنجي پتا اِندر جي تل آهي. تنهنجي مرضي پوي ته هن وٽ وڃي ڪيس لڙڻ لاءِ للڪار.‘

”دنديي سڀون سڌو باليءَ جي محلات ڏانهن ويو ۽ ڪشڪند جي دوار وٽ وڃي رڙ مچايائين. هن وڻن کي پاڙون پٽي وڌو. هن نگر جي دوار کي ڪيرائي ڇڏيو. پوءِ گجگوڙ ڪري چيائين ’ٻاهر نڪري اچ ۽ منهنجو مقابلو ڪري پنهنجي سگهه جي ثابتي ڏي.‘

”اُنهيءَ ويل بالي پنهنجي راڻيءَ وٽ آرام ڪري رهيو هو. اَسر جي للڪار ٻڌي هو محلات جي اِسترين سميت ٻاهر نڪري آيو. اچڻ سان چيائين، ’اي دنديي! منهنجي نگريءَ جي دوار وٽ اچي تو ڇو هتن رڙ مچائي آهي؟ تون پنهنجي زندگيءَ مان بيزار آهين ڇا؟‘

”باليءَ اُنهيءَ ريت اَسر جو نرادر ڪيو. اُنهيءَ ڪري اَسر ڏاڍي ڪروڌ ۾ اچي چيو، ’انهن اِسترين جي روبرو، جيڪي اڳيئي تنهنجا گڻ ڳائينديون آهن، پنهنجي ٻل جون ٻاڙون نه هڻ. مان هت توسان لڙڻ لاءِ آيو آهيان. تو ۾ جيڪڏهن ڪا مڙسي آهي ته نڪري نروار ٿيءُ ۽ انکي سِڌ ڪري ڏيکار. شايد تون چوندين ته هن وقت تون ڏاڍو پيتل آهين، انهيءَ ڪري وڙهي ڪونه سگهندين. مان تيسين ترسڻ لاءِ تيار آهيان جيسين تنهنجو نشو لهي. جيڪڏهن تنهنجي مرضي پوي ته ڀل اڄ جي رات موج مزن ۾ گذاري صبح جو جل ڀريل اکين سان پنهنجن پيارن مِٽن مائٽن کان موڪلائي، اچي منهنجي هٿان موت جو مزو چک.‘

...کهڙي ڳالهه ڪريان؟ مونکي اوهان جي مترتا ملي چڪي آهي.
... مونکي ڪو به ٻپ ڀاءُ يا ڏک ڪرڻ نه گهرجي. ٻاليءَ کي
... ۽ مونکي بچايو. اڇو ته اڄ جو اڄ ڪشڪنڌ ڏانهن هلون."
...ام ۽ لڪشمڻ اها ڳالهه سويڪار ڪئي. پوءِ پاڻ ۾ رٿون رٿڻ
... نيت اهو نرڻو ٿيو ته سگريو ڪشڪنڌ نگر جي ٻاهران
... ٻاليءَ کي دوبدوءِ يڌ لاءِ للڪاري. اُنهيءَ للڪار تي
...ٿي پڪ ٻالي ٻاهر نڪري ايندو. پوءِ جڏهن ٻئي ڀائر پاڻ ۾
...ندا، تڏهن رام ٻاليءَ کي تير سان ماري وجهندو. هو
...ڪنڌ ڏانهن ويا. سگريو اڳواٽ ويو. رام پٺيان ويس ۽
... پريان گهاٽي جهنگ ۾ هڪ وڻ جي پٺيان ٿي بيٺو.
... سگريو رڙ ڪئي. ٻاليءَ رڙ ٻڌي ڪروڌ ۾ ڀرجي ڪوٽ
... دوار کان ٻاهر نڪري آيو. انهيءَ وقت سنڌس منهن
... ڪال جي سورج جيان ٿي چمڪيو.

ٻئي ڀائر ڏاڍيءَ شوخيءَ ۽ سختيءَ سان لڙندا رهيا.
... رام بيٺو هو وڻ جي پٺيان ڏنش هٿ ۾ جهلي. هو وسمءَ
...ڄي ويو. جڏهن ٻئي ڀائر لڙيا ٿي، تڏهن هن ڏٺو ته ٻنهي
...ن جو روپ رنگ هڪ جهڙو هو. ٻنهي جا وستر به ساڳي
...ٿي جا هئا. سنڌن وڙهڻ جو ڍنگ به ساڳيو هو. رام کي
...ئي نه لڳو ته ٻالي ڪهڙو آهي ۽ سگريو ڪهڙو آهي.
...يءَ ڪري هو منجهي بيٺو. هنڪي پوءِ ٿي بيٺو ته متان
...ڌس تير ڇٽڻ کان پوءِ هڪ جي بدران ٻئي کي نه وڃي لڳي.
... يڌ ۾ سگريو ٻاليءَ سان پڄي ڪونه ٿي سگهيو، انهيءَ
...ي هو پنهنجي ڀاءُ جي چنبي مان پاڻ ڇڏائي، ڦٽجي،
...ٽجي، مايوس ۽ نراس ٿي، پنهنجي جان بچائڻ لاءِ رشي موڪ
... ڏانهن ڀڄي ويو.

هو جيڪر ڀڄي به نه سگهي ها، پر ٻاليءَ جي ڪيس مارڻ
... اِڇا ڪانه هئي. هن جي مرضي هئي ته ڀل سنڌس ڀاءُ
...ا جيئندو رهي.

تہ ڪيس ڀورو ڀورو ڀروسو آهي تہ هو ٻاليءَ کي جيتي سگهندو؟"

سگريو وراڻيو: "سچ تہ مونکي ڪوبہ سنديھہ ڪونہ آهي. هن وقت جڏهن رڪ ۾ دبيل آگ ٽيندي آهي، تڏهن رام جي شڪتي لڪل آهي، تہ بہ مونکي سندس ٻل جي پوري ڄاڻ آهي. مان سندس شرڻ ۾ اچي پيو آهيان. اُنهيءَ هوندي بہ جڏهن مونکي ٻاليءَ جي پراڪرمي ڪمن جي يادگيري ايندي آهي، تڏهن مان ڪنبندو آهيان. ڳالھہ ايتري ئي آهي."

رام ڏٺو تہ سگريو جو منجھس ڏاڍو ڀروسو آهي، ساڻ ساڻ هنکي ٻاليءَ جو بہ ڀؤ آهي. اُنهيءَ ڪري هن سگريو جي سنديھہ کي دور ڪرڻ جو دڙ سنڪلپ ڪيو. هن ڪل مسخريءَ ۾ پنهنجي پير جي آڱوٺي جو ٺونگو هڻي دنڊڀي جي وڏي هڏين جي پڃري کي، جيڪو اُتي پيو هو، ڪري هوا ۾ اُڇلايو. اُهو اُڏامندو اُڏامندو وڃي ڏهن يوجنن جي پنڌ تي پيو. هن ڳالھہ جو سگريو تي ڪجھہ پرڀاوَ ضرور پيو پر هنکي پوري تسلي ڪانہ ٿي. هن چيو تہ "جڏهن منهنجي ڀاءُ هيءُ ڀ ونڊ اُڇلايو هو تڏهن اُهو هن هوا ۾ سڪل پڃري کان گهڻو ڳؤرو هو. اُهو ماس ۽ رت سان ڀريل هو."

پوءِ رام پنهنجو ڌنش موڙيو ۽ هڪ ٻاڻ ڇوڙيو. اُهو ٻاڻ نہ رڳو اُنهيءَ سال وڻ کان پار نڪري ويو جنهن ڏانهن سگريو اِشارو ڪيو هو، پر اُن جي پٺيان بيٺلن ڇهن وڻن کي بہ چيريندو ويو. اهڙي ريت ستن وڻن کي پار ڪري ڌرتيءَ کي ڇهي اُهو سندر ٻاڻ موٽي اچي رام جي ترڪش ۾ پيو.

هيءَ ڳالھہ ڏسي سگريو ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. هاڻي هنکي پڪ ٿي تہ رام جو ٻاڻ ٻاليءَ جي ٻجر پٿر جهڙي شرير کي بہ چيري سگهندو. هو رام جي چرنن تي ڪري پيو. پوءِ هن چيو: "هاڻي مان پنهنجي اکين سان اوهان جي شڪتي ڏٺي آهي. جيڪڏهن سڀ ديوتائون پنهنجي راجا اِندر سميت اچي اوهانجي سامهون پون، تہ بہ اوهانجي پڪ سان سوڀ ٿيندي. پوءِ ٻاليءَ

گ جاڳيو. لڪشمڻ ول ڪٽي سگريو جي ڳلي ۾ ٻڌي.
ريو هاٿي هونءَ کان وڌ ڀڪ سهڻو ٿي لڳو. انهيءَ صورت
و وري ڪشڪند ڏانهن ويو. رام ۽ لڪشمڻ اڳي جيان
ندس ڪيو ويا.

اَڌياءُ ٣٣

ٻاليءَ جو وَڌ

ام جو ناٽو ويجهو پوندو ٿي ويو. سگريو ڪشڪند جي دوار
اچي وري ٻاليءَ کي وڙهڻ لاءِ للڪار ڪئي.
انهيءَ وقت ٻالي آرام ۾ هو. هو سک جي ننڊ ۾ ستو پيو
. هو ڇرڪ ڀري اٿيو. هڪ ڪڻ لاءِ سندس منهن ڇنتا
ڪري پيلو ٿي ويو. پر ٿوري دير کان پوءِ ڪروڌ مٿس
ار ٿيو. هو ٽپ ڏيئي اٿيو. هن ڌرتيءَ تي اهڙو زور سان
هنيا جڻڪ انکي ڏارڻ ٿي چاهيائين.
سندس راڻيءَ، تارا، کي پريم جي ڪري ڀؤ وٺي ويو. هوءَ
س زور سان پنهنجي ٻانهن ۾ جهلي بيٺي. کيس مٺن وچنن
صلاح ڏيئي تڪڙ ۽ اُٻهرائيءَ کان باز آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.
: ”منهنجا پتي ديو! هن ڪروڌ کي اِئين دور هٽايو جئن
و ڪم ۾ آندل گلن جو هار لاهي اُڇلائيندو آهي. اڄ اوهان
ٽوئي لڙيا آهيو. ٻي ڀڏ ڪري سپاٽي ڪجو. جهڙي اَڄ
ڙي سپاٽي. توهان ۾ ويرتا جي ڪا ڪمي ڪانہ آهي.
ڪي ئي توهانکي دشمن جي ڪا ڪمي آهي. مان توهان
پرارٿنا ٿي ڪريان تہ هاٿي جو هاٿي دوڙندا ٻاهر نہ
يو. منهنجو خيال آهي تہ ڀاءُ سان لڙائي ڪرڻ کان اڳ
يرج سان سيني ڳالهين جو خيال ڪريو. مونکي ڀوَ تو ٿئي
اوهانجي لاءِ ڪا ڳوڙهي سٽ سٽيل آهي. اوهان جي ڀاءُ

رام ۽ لڪشمڻ ڏکن ۾ پريل سگريو سان اچي مليا. هو پنهنجون اکيون ڌرتيءَ ۾ کوڙي ويهي رهيو. منهن مٿي کياءِ نه ٿي. هنکي ڏاڍي ڪاوڙ هئي، ڇاڪاڻ جو هن سمجهيو ته رام پنهنجي پرتگيا پنگ ڪئي آهي ۽ ڪيس وقت تي مدد ڪانه ڪئي اٿس.

سگريو چيو، "جيڪڏهن اوهان ٻاليءَ کي مارڻ نٿي چاهيو، ته اَوهان مونکي ڪري ٻڌايو ها. مان ٻاليءَ کي جيڪر للڪار ڪريان ئي ڪونه ها، ڇاڪاڻ جو مونکي سندس شڪتيءَ جي پوري ڄاڻ آهي. اوهان ته مونکي پاڻ وشواس ڏياريو هو. مونکي ايتري مار پيئي آهي جو مونکي ته عجب ٿو لڳي ته مان ڪئن جيئرو بچيو آهيان."

رام وراڻيو: "ڪاوڙ نه ڪر. منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ. مان پنهنجو خونخوار تير نه ڇوڙيو، انهيءَ لاءِ مونکي واجبي سبب هو. ٻالي ۽ تون ٻئي قد ۽ ٿولهه ۾ هڪ جهڙا آهيو. اوهان جي گهمڻ جو ڍنگ به ساڳيو آهي. اوهان ٻنهي جون وڙيون به بلڪل هڪ جهڙيون هيون. ٻنهي کي ساڳي پرڪار جي پوشاڪ پيل هئي، ٻنهي جا زيور به ساڳيا ئي هئا. اوهان جي يڌ شروع ٿي تنهنڪان پوءِ مونکي سماءُ ڪونه پيو ته ٻالي ڪهڙو آهي ۽ تون ڪهڙو آهين. انهيءَ ڪري منجهي پيوس ٿي پيس. جيڪڏهن ڀل ۾ مان ٻاليءَ جي بدران توکي ماري وجهان ها ته هوند قهر ٿي پوي ها. مون سان ناراض نه ٿيءُ. وري وڃي ٻاليءَ کي للڪار. هن دفعي مان پڪ ئي ڪيس پورو ڪندس. لڪشمڻ، هوءَ گلن واري ول ڪٽي اچ. اها سگريو جي ڳچيءَ ۾ هار ڪري ٻڌي ڇڏ. پوءِ جنهن وقت هو وڙهندا، تنهن وقت مونکي پتو پوندو ته اسانجو مترسگريو ڪهڙو آهي ۽ ٻالي ڪهڙو آهي. سگريو، هاڻي تون ڏسندين ته ٻالي ڌرتيءَ تي ڪري پيو ليٽڙندو."

هن وارتالاپ کان پوءِ سگريو کي سنتوش ٿيو. هن ۾ وري

... آهي. تون رام جي چنتا نه ڪر. هنڪي ڌرم جي مارگ
... جاڻ آهي. هنڪي اهڙيءَ ريت پاليو ويو آهي جو هو
... ڪرڻ کان ٻڄندو رهندو آهي. ڪرپا ڪري مونکي ڇڏي
...ب. منهنجي ڳالهين جي وچ ۾ تون نه اچ. مان توکي ٻڌائڻ
...هيان ته ته مان سگريو جي جان ڪونه وٺندس. مان هن
...بلي ماڻهوءَ کي اهڙي سيکت ڏيندس جا هو وساري ڪونه
...هندو. مان چوان ٿو ته مونکي وڃڻ ڏي. تنهنجي مون ۾
...ي موهي آهي، انهيءَ ڪري ئي تو اهڙا ٻول ٻوليا آهن.
... سگريو جو هٿ ڇور ڇور ڪري ڇڏيندس. ڪيس ٻي وس
...ئي ٻوٽني هٿائيندس ۽ جلد ئي سوپ پائي واپس ورندس.
...هنجي لاءِ ڪوبه ٻپ ٻاءُ نه ڪر."

... والميڪيءَ ٻاليءَ جو چتر هن ريت چٽيو آهي. جهڙي
...ي سندس اُدار تا، تهڙي آهي سندس نڀرتا. ويرتا ڏيکارڻ
...هو اَڏير ٿيندو آهي. پر سندس من ۾ پريم جي ڪوملتا
...جود آهي. والميڪيءَ جي سورمي رام جي هٿان وانرراج جو
...تع ٿيڻو آهي. ڪٿا جي پورتيءَ لاءِ اِها ڳالهه ضروري آهي.
... هيءُ رام جي هٿان ڪٺل ٻوڌو هڪ مانوارو وير پرش هو،
...ڙو جنهن لاءِ پاٺڪن جي دل ۾ شرڌا ٿيڻ گهرجي ۽ سندن
...ين ۾ جل اچڻ گهرجي. والميڪيءَ هيءُ هڪ مهاڪاويه لکيو آهي.
...تانڌي مهاڪاويه 'اليڊ' ۾ پڻ ٻوڌي هيڪٽر کي مرڻو پوي ٿو.
... سندس جيوت ۽ موت ٻئي ڏاڍا شاندار آهن. هنجي انهيءَ
... ندار وهنوار کي ڏسي اسان جون اَکيون اِئين نير وهائين
...ن، جئن ٽراءِ جي لوڪن هن 'گهوڙن کي سکيا ڏيندڙ' هيڪٽر
...ب مرتڪ سنسڪار وقت رنو هو.

... تارا جي اَکين ۾ جل ٽري آيو. هن پنهنجي پتيءَ کي
...ڪرما ڏني ۽ سندس سوپ لاءِ پريوءَ در آراڌنا ڪئي. اِئين
...ري هوءَ من ۾ وڏا پئو ٻولا سانڍيندي پنهنجي ڪمري
...ڏهن راهي ٿي. تارا ۽ سندس ساهيڙين کي اُتي ڇڏي ٻالي

هار کاڌي هئي، هنجو ايمان ٽيو هو، هُو پنهنجي پياري جان بچائڻ لاءِ ڀڄي وڃي لڪو هو. هاڻي هن موٽي اچي هنريت للڪار ڪئي آهي. اوهانجو ڀاءُ اهڙو مورک ۽ ڇسو ته ڪونه آهي جو هنريت مار کائڻ کانپوءِ به وري اچي اوهانکي للڪاري. شايد هنکي ڪنهن آزمايل اجيت متر وٽان مدد ۽ بچاءَ ملڻ جي پڪ ملي آهي. ڇا اوهان اِهو جاچيو ڪونه ته هن جي للڪار جي گرجنا ۾ هاڻ وشواس ۽ پڪ جي هڪ نئين جهلڪ هئي؟ ٻڌو ته مان اوهان کي ٻڌايان ته انگد مونکي ڇا چيو آهي. انگد کي اها خبر ٻن ۾ ڦرندڙن اسان جي خابرن ڏني آهي. ته راجڪمار رام ۽ لڪشمڻ نالي ايوڌيا کان هن ٻن ۾ آيا آهن. هنن سگريو کي سهاينا ڏيڻ جي پرتگيا ڪئي آهي. هي منهنجا پتي ديو، ڇا به هجي، اوهانجو ڀاءُ هڪ ڌرماتما ۽ وير پرش آهي. اوهان هنکي ڇو ٿا ڌڪاريو؟ هو اوهان جو بلوان ساٿي ۽ سچار پوئلڳ ٿي پوندو. جيڪڏهن اوهين گذريل ڳالهين کي وساري ساڻس سٺو سلوڪ ڪندا. اهوئي سٺي ۾ سٺو رستو آهي. پيارا پراڻ پتي، منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو."

ٻاليءَ کي اِها صلاح ڪونه آئڙي. ڪروڌ ڪري سندس ٻڌي پرشٽ ٿي ويئي. يم جي ڦاسي هن جي ڳلي ۾ پيل هئي ۽ يم جا دوت ڪيس گهلي رهيا هئا. انهيءَ ڪري ڪيس واجبي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي. هن اَٽلُ پنهنجو اِرادو وڌيڪ پڪو ڪيو.

تارا جو جهڙو نالو هو، اهڙيائي هوءَ چمڪندڙ، ڀڪندڙ، سندر سوڀياوان ناري هئي. هن جيڪي به ڪجهه ڳالهايو، سو وئرٿ ويو.

ٻاليءَ وراڻيو: "تون ڇا ٿي چوين؟ ڇا مان پنهنجي پراڻا روڀي شتروءَ جي هن قسم جي زوردار للڪار چپ چاپ ويهي ٻڌان؟ جڏهن ڪو شترو يڌ لاءِ للڪار ڪري تڏهن ڪتري وير کي پوئتي پوڻ ڪو سونهي ٿو؟ اهڙيءَ ڪائرتا کان ته موت

ندس شاندار شڪل اِئين ٿي ڏسڻ ۾ آئي جڻ ڪو لهندڙ
ج سان چمڪايل بادل هجي. اها ايشوري ڪنٺي جيڪا
ر ڪيس ڏني هئي، سا سندس ڇاتيءَ تي چمڪي رهي
ي. اها ڪنٺي ئي سندس رکيا ڪندي هئي. انهيءَ ۾ ئي
ندس پاڳه سمايل هو. هيءُ رتن، رام جو ٻاڻ ۽ رت وهائيندڙ
شم، سڀ سندس وشال شرير جي جوتيءَ کي ٻيڻو ڪري
ييا هئا.

والميڪي هن ڪريل يوڌي جي شاهاڻي شڪل جو ڏاڍو
ندر شبدن ۾ ورنن ڪيو آهي. سچ ته هڪ وير يوڌو سهڻي
سهڻو تڏهن لڳندو آهي جڏهن هو مرڻ جي ويل يڌ جي
تر ۾ پيو هوندو آهي.

ٻاليءَ کي اِها اميد ئي ڪانه هئي ته ڪو هن اڻ ڄاتل
شا کان مٿس هٿن اوچتو وار ٿيندو، ۽ انهيءَ حملي جي
ڪري هو پٺ وچي پوندو. هاڻي سندس عقل چرخ تي ويو.
هيءَ مونجهاري ۾ هو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. هن ڏٺو
رام ۽ لڪشمڻ ڌنش هٿ ۾ کڻي سندس طرف اچي رهيا
هن. هو موت جي ڪنڌيءَ تي هو، انهيءَ ڪري سندس
واز بلڪل جهڪو ٿي پيو هو. ڪروڌ ڪري سندس اکين ۾
ل تري آيو. انهيءَ حالت ۾ هن رام ۽ لڪشمڻ تي نيچتا
يل دغابازيءَ جو دوش رکيو، ڇاڪاڻ جو هنن بنا ڪارڻ
ي انهيءَ منش کي ماريو هو، جيڪو ڪنهن ٻئي سان لڙي
هيو هو.

هن چيو: ”رام تون مهاراجا دشرٿ جو پٽ آهين. تون
ڪ شاندار ڪل ۾ پئدا ٿيو آهين. تون پنهنجي ويرتا جي
ڪمن ڪري پرسڌ آهين. تو هن پرڪار جو ڪڌو ڪم ڪري
ٻاٽڪي ڪئن ڪيرايو؟ سارو سنسار تنهنجي ويرتا ۽ ڌرم جا
گيت ڳائي رهيو آهي. انهيءَ هوندي به جڏهن مان ٻئي سان
جنگ جوٽي رهيو هوس، تڏهين تون لڪي ڪري آئين ۽ وڻ پٺيان

هڪ ڪاوڙيل سپ جيان ڦوڪون ڏيندي ڪوٽ کان ٻاهر نڪري سگريو جي سامهون ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو.

هن ڏٺو ته سگريو وڏي همت سان چمڪا ڇڏيندو اُتي بيٺو آهي. ٻاليءَ سنڌرو ٻڌي سگريو ڏانهن جهپٽ ماريو. سگريو به ٻاليءَ سان هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي ڊوڙيو.

ٻاليءَ سگريو کي چتاءُ ڪندي چيو: ”جيڪڏهن توکي پنهنجي جان پياري آهي ته هتان ڀڄي وڃ. منهنجي هن ٺونشي جو شڪار نه ٿيءُ!“

سگريو شوخيءَ سان جواب ڏنو ۽ جنگ شروع ٿي. سگريو سان جيڪي جنيون ٿيون هيون تن کي ياد ڪري هو بلڪل شوخ ٿي پيو هو. هنکي رام جي سهايتا جي پڪ جي به ڇاپي ايتري قدر چڙهيل هئي جو هوُ پاڻ کي هميشه کان وڌيڪ بلوان سمجهڻ لڳو. سگريو ٻل ۾ ٻاليءَ جي مٽ ڪونه هو. انهيءَ هوندي به هو ڪيترو سارو وقت يڌ جي کيتر ۾ برابر رهيو. پر جلد ئي ٻاليءَ جي ٻل جو مٿس اثر ٿيڻ لڳو ۽ سگريو ڪليو ڪلايو پريشان ٿيڻ لڳو. اهو حال ڏسي رام جيڪو پنهنجو ڌنش جهلي وقت سر ٻاڻ ڇوڙڻ لاءِ تيار بيٺو هو، سو پاڻکي وڌيڪ روڪي نه سگهيو. هن سمجهيو ته ڏک هٽڻ جو اهوئي وقت آهي. جيڪڏهن اُهو وجهه گسي ويو ته پوءِ ڪڏهن به اُهو ڪم سڌ ڪونه ٿي سگهندو. انهيءَ ڪري رام ڌنش جي ڏوريءَ تي هڪ موتمار ڪان ڪشي، ڏوريءَ کي پنهنجي ڪن تاءِ ڇڪي، تير کي ٻاليءَ جي ياري ڇاتيءَ جي طرف ڇوڙيو. اُنهيءَ تير ٻاليءَ جي بدن کي چيري وڌو. ٻالي اهڙيءَ ريت پٽ ۾ اچي پيو جئن ڪو ڪهاڙيءَ سان ڪيرايل وڻ ڌرتيءَ تي ڪرندو آهي. سندس رت ۾ رڱيل سرير ڌرتيءَ تي اِئين سٽو پيو هو جئن جهنڊي جو آنگاس، پرب جي پوري ٿيڻ تي ڌرتيءَ تي اڇلايو پيو هوندو آهي.

اُن هوندي به سندس سهڻو منهن جهلڪا ڏيئي رهيو هو.

ت ورڻن ڪيو آهي. هن دوش جو رام وٽ ڪهڙو اُتر هو؟
ـيڪيءَ لکيو آهي ته رام ڪيئن کا سمجهاڻي ڏني جنهن
ٻاليءَ کي سنتوش ٿيو. پر مان اهي سڀ ڳالهيون ڇڏي
ڏيان. منهنجي نظر ۾ اهي اَجايون آهن. وِدوان پاڻ مونکي
ـيا ڪن. منهنجي درشٽيءَ ۾ اَوتار اَوتار ئي آهي. پريوءَ
سندس پتنيءَ کي مانڪ ديهيءَ ۾ اچي ڪري جيڪي
ـن سنسار جا دک سهڻا هئا، تن مان هڪ هيءُ به آهي.
ـڙو دک به ڪين سهڻو هو جو سندن ڪرمن جي سنساري
ـسونيءَ تي پريکيا ٿئي ۽ مٿن هيءُ دوش اچي.
ٻاليءَ کي سگريو سان لڙندي گهڻيون ئي رهڙيون آيون
ـون ۽ گهڻائي ڦٽ ٿيا هئا. اُنهن مان رت پئي وهيو. هو
ـٽي مرتيوءَ جي ويدن ۾ ورتل هو. هو ايترو وقت جيئندو
ـيو جو پنهنجي پياري راڻيءَ ۽ پنهنجي پٽ انگد جو منهن
ـسي سگهيو. انگد اڃا ٻار هو، هو هيءُ درشيه ڏسي وائڙو
ـن پيو. هو ان جو اَرٿ سمجهي نه سگهيو. هنکي پتو ڪونه
ـبر ته هن ريت سندس مٿان ڪهڙي آپدا اچي رهي آهي.
ـڏهن ماڻس چيس ته پيءُ کي پيرين پئُ چاڪاڻ جو هو وڏيءَ
ـترا تي وڃي رهيو آهي، تڏهن چپ چاپ هنکي ڏنڊوت
ـڪيائين. هن ڳالهه جو اڳتي هلي ورڻن ڪبو. ٻاليءَ رام کي
ـن ريت چيو:
”سڀ ڪجهه سماپت ٿي چڪو آهي. مان هن ڪان پوءِ
ـڪي ڪوبه دوش ڪونه ڏيندس. منهنجو پرم پيارو پٽ اڄ
ـاٿ ٿي پيو آهي. توکي ۽ سگريو کي هنجي سنڀال ڪرڻ
ـهرجي. مان انگد کي تنهنجي حوالي ڪري ٿو وڃان. هنجي
ـنڀال ڪجِ. ڏسج ته جئن سڪل سرور ۾ ڪمل گل ڪومائجي
ـيندو آهي، تئن منهنجي پٽ جي حالت ڪانه ٿي ٿئي. هن
ـي سنڀال ڪرڻ تنهنجو ڌرم آهي. سگريو کي چئج ته ساڻس
ـڙهڻ لاءِ مونکي تارا ڪونه چيڙيو هو. چئجانس ته انگد سان

ٻيهي تو مونتي موتمار تير ڇڏيو. تنهنجي ويرتا، سچائيءَ ۽ سهنشيلتا جي جيڪا ساراهه ٿيندي آهي، سا بلڪل ڪوڙي آهي، تون اُنهيءَ جي ٻڌڻ لائق ڪونه آهين. هاڻي سنسار تنهنجي لاءِ ڇا چوندو؟ مان ڪڏهن به توکي ڪو ڏک رسايو هو ڇا؟ مان توسان وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتو هوس ڇا؟ وڻن جي پنيان لڪي تو مونکي هڪ وشواس گهاتڪ جيان ماريو آهي. تو هن ريت هڪ نرآپراڌ منش کي قتل ڪيو آهي. اِئين ڪرڻ هڪ راجائي ڪل جي راجڪمار لاءِ مهاآپراڌ آهي. تون راجا ٿيڻ جي يوگيه ڪونه رهيو آهين. پرٿوي ديوي ڪڏهن به توکي پنهنجو گهوٽ بڻائڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندي. تون پوڄي پتي ٿيڻ جي يوگيه ڪونه آهين. مونکي وڌي ۾ وڌو ڏک اِهو آهي جو مان هڪ نيچ پاپيءَ منديڀاڳيءَ جي هٿان مئو آهيان. جيڪڏهن توکي مونسان يڌ ڪرڻ جي چاهنا هجي ها ته مان توسان خوشيءَ سان وڙهان ها ۽ ڌرم يڌ دواران توکي ماري اِئين ڌور ۾ ليٽائي ڇڏيان ها، جئن هاڻ مان ليٽيو پيو آهيان.

”جيڪڏهن توکي سيتا جي ڳولها لاءِ سهايتا گهربي هئي، ته مان هوند هڪ ڏينهن ۾ تنهنجو اُهو ڪارج سڌ ڪري ڏيان ها. مان جيڪر راوڻ کي ماري سندس ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي سندس لاش کي گهلي اچي تنهنجي اَڳيان اُڇلايان ها. راوڻ ڪٿي به ڪري سيتا کي لڪايو هجي، مان اُنکي ڳولهي ڦولهي تنهنجي حوالي ڪريان ها.

”سيني کي مرڻو آهي. جيڪو ڄڻيو آهي سو ضرور مرندو. اهو اٽل نيم آهي اُنهيءَ ڪري مونکي پنهنجي موت جي ڪري ڪوبه ڏک ڪونه آهي. هن ريت ٺڳي ڪري جو تو مونکي گهاءُ ڪيو آهي، اُنهيءَ جو توکي مها پاپ لڳندو.“

اهڙيءَ ريت اِندر جي پٽر ٻاليءَ مرڻ وير رام کي ڇينڀيو. ديوتا جهڙي ڪوي والميڪيءَ ڪمين هن گهٽنا جو وچور

ي اوس لکي کري تير هلائڻو هو.

رام اِها ڀل ڪئي هئي جو پنهنجي اِستريءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ماياوي هرڻ جي پٺيان پيو هو. انهيءَ ڪانپوءِ ڪيس ڪ ڏاکڙا ڏسڻا پيا. پڻ ڪيس اهڙين اوستائن مان لنگهڻو پيو ن ۾ هڪ ڪرتويه جو ٻئي ڪرتويه سان ٽڪر پي لڳو. اسان يڪڏهن اِها ڳالهه خيال ۾ رکنداسين ته جڏهن ڀڳوان پنهنجي ڇا انوسار ڪا ديهه ڌارڻ ڪري، ڪنهن هيٺين پرڪار جي وپ ۾ آڪرتي ۾ اچي ٿو، تڏهن مٿس انهيءَ روپ جا سڀ نڌن پون ٿا. انهيءَ ڪري اسانکي گهبرائڻ نه گهرجي. منهنجو هوئي غريباڻو رايو آهي، بين ڌرماتما لوڪن پڻ ڪري ڪهڙي ه سمجهاڻي ڏني هجي.

اَڌياءُ ۴۴

تارا جو دک

ڪشڪنڌ ۾ جڏهين اِها خبر ڦهلي ته ٻاليءَ کي ڪنهن . نش ڌاريءَ ماري وڌو آهي، تڏهن اتي هاهاڪار مچي ويئي. اِنر گهبرائجي هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا. تارا هيءُ حال ڏسي، منهنجو دک وساري، سچيءَ سورهيه راڻيءَ جيان پنهنجي پتيءَ ي پرجا ۾ اُتساهه ڦوڪڻ لڳي. هن چيو، "هن کان اڳ اوهان ت ڪيترو ۾ راجا جي اڳيان اڳيان هلندا هئا. پوءِ هاڻي ڏر ڪري يڏانهن هوڏانهن ڇو ٿا ڀڄو؟ اوهان جي لاءِ ڪوبه ڀؤ ڀولو ڪونه هي. رام ٻاليءَ کي انهيءَ لاءِ ماريو ته سگريو کي راجا ڪري پيان. اوهان جي حياتيءَ کي ڪوبه خطرو ڪونه آهي. اوهان يو ڙڳو راجا بدلجندو. انهيءَ ڪري نڪي ڏکو، نڪي ڀڄو."

جڏهن هوءَ انهيءَ طرف وڃڻ لڳي جت سندس پتي ديو ڻو پيو هو، تڏهن وانرن کيس اوڏانهن وڃڻ کان روڪي چيو،

اهڙو وهنوار ڪري جهڙو راج ڪمارن سان ڪبو آهي. هنکي پيار ڪري ۽ هنکي آدر ڏي. منهنجي خاطر هنکي اِئين چئج. مون کي ٻي ڪا ٻه ڳالهه ڪانه گهرجي. پوڻن جو سرڳ مونکي سڏ ڪري رهيو آهي."

اهڙيءَ ريت ٻاليءَ جي جيون ياترا سماپت ٿي.

ٻاليءَ کي جو اِندر جي ڏنل رکيا ڳچيءَ ۾ پيل هئي، انهيءَ ڪري رام منهان منهن ٻاليءَ سان وڙهي ڪين جيتي ڪونه سگهي ها، ڇاڪاڻ راوڻ کي ديوتا جيتي ڪونه سگهن ها. اهڙو ڪيس ور مليل هو. رام ٻاليءَ کي اهڙيءَ ريت ٿي لڪي ڪري ماري سگهيو ٿي، جڏهن هو پاڻ ڏسڻ ۾ نه اچي. انهيءَ هوندي به اهو سوال رهي ٿو ته نيٺ به ٻاليءَ کي مارڻ جو ڪهڙو پروجن هو؟

انهيءَ سوال جو جواب شايد ڪينڌ جي انهيءَ شبد ۾ سمايل آهي، جيڪو هن انهيءَ وقت ڪڍيو هو جنهن وقت هن پاراتي کان آجي ٿيڻ تي رام جي شڪرگذاري ڪئي هئي. هن چيو هو، "سگريو جي مترتا جي دواران تون سيتا کي ڳولي لهندين." هن سگريو جو نالو ورتو هو، نه ٻاليءَ جو. انهيءَ ڪري ئي رام سگريو جهي ڳولها ڪئي. هن کي لهڻ ڪانئوءِ هن، ساڪس مترتا جو ڳنڍ ڳنڍيو ۽ پوتر يڳ، اگنيءَ جي اڳيان انهيءَ لاءِ ورت ڌارڻ ڪيو. سگريو ٻاليءَ جو نه معاف ٿيڻ جهڙو ڪو به اپراڌ ڪونه ڪيو هو. انهيءَ هوندي به ٻالي پنهنجي الوڪڪ شڪتيءَ دواران پنهنجي ڀاءُ کي ستائيندو رهيو. سگريو جي دانهن ٻڌي رام ساڪس ٻاليءَ جي مارڻ جي پرتگيا ڪئي. ۽ سگريو جي پتني سگريو کي موٽائي ونئي ڏيڻ جو سنڪلپ ڪيو. پڻ انهيءَ ناتي جي هڪڙي ڌارا اِها به هئي ته رام سگريو کي راجگديءَ تي وهاريندو. اهڙي سنبند ڪرڻ ڪانئوءِ ٻاليءَ کي مارڻ ڪانسواءِ رام لاءِ ٻي ڪا وات کليل ئي ڪانه هئي. ٻاليءَ کي مارڻ لاءِ، حالتن پٽاندڙ رام

...ي ويو آهين، جتان ڪو به ڪونه موٽيو آهي. اي! پتي ديو!
...ٽ وير ور!"

هنومان تارا کي پرچائڻ جو يتن ڪيو. هن چيو، "جيڪي ...ندا آهن، سي وڃي سرڳ ۾ سکي ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري ...ليءَ لاءِ ڏک ڪرڻ اجايو آهي. وقت سر انگد جي سر تي ...ت رکبو. پوءِ اسين خوشيون ڪنداسين. اسان جو ڌرم آهي انگد جي سنڀال ڪريون. هاڻي اچ ته باليءَ جو ڪرياڪرم ڪريون."

تارا وراڻيو، "مون کي ڪنهن به ڳالهه جي اون ڪانه آهي. ...هو سگريو جو ڪم آهي ته ڪريا ڪرم ڪري ۽ انگد جي سنڀال ڪري. مونکي هاڻي ڇا ڪرڻو آهي؟ منهنجي ويچار انوسار ...ڪ هزار انگد به منهنجي پتيءَ جو آستان والاري ڪونه ...گهندا. مان پنهنجي پتي ديو سان گڏ يم لوڪ ڏانهن وينديس. ...نهيءَ ريت ئي منهنجي من کي سنتوش ايندو."

بالي هيترو وقت بي هوش هو. هاڻي هن انتم وار اکيون ...بوليون ۽ سگريو ڏانهن منهن ڪري چياءِ: "ڀراتا! اسين ٻئي ...ستر تي رهي نه سگهياسين. گڏجي ڪري سک پوروڪ ديش ...ي مٿان راج ڪري سگهون ها. پر اسان جي ڀاڳ ۾ اهڙو سک ...ڪيل ڪونه هو. اسان کي اهڙي بدي ئي ڪانه ملي هئي. ...ڪان منهنجو ڏوهه وڌيڪ آهي. پر هاڻي هنن ڳالهين ڪرڻ ...ان ڪو لاڀ ڪونه آهي. هن ڪان پوءِ تون ديش تي راج ...ڪندين. مان انگد جي توکي ڀارت ڪريان ٿو. انگد ۽ تارا ...مونکي پنهنجي پراڻن کان به وڌيڪ پيارا آهن. هو هڪ يوڌو ...آهي. هنکي اينروئي ٻل آهي جيترو توکي آهي. تون ئي هن ...جو پتا آهين. ٻاجهه ڪري سندس پوريءَ ريت پالنا ڪج. ...مونکي توکي رڳو اهائي هڪ وينتي ڪرڻي آهي. تارا تي به ...يا ميا ڪندو رهج. هوءَ نه رڳو منهنجي نراپراڌ پريه پتني ...آهي، پر هوءَ ڏاڍي سياڻي ۽ چتر استري آهي. صلاح مصلحت

"اسين انگد کي سنگهاسن تي وهارينداسين ۽ ڪوٽ جي رکيا ڪنداسين. اسين سگريو ۽ سندس ساٿين سان نگر جي بچاء لاء لڙنداسين."

پر هن وراڻيءَ ۾ چيو، "هاڻي سريشٽ پرش، منهنجو پتي ديو سرڳواس ٿيو آهي. انهيءَ ڪان پوء بين ڳالهين جو ويچار ڪرڻ اجايو آهي." ائين چئي هوء همت جهلي اُنهيءَ طرف ويئي جت رام ۽ لڪشمڻ بيٺا هئا.

تارا ڏٺو ته سندس راجائي پتي پڌ ڪيتر ۾ ليٽيو پيو آهي. ڪاري زخم جي ڪري هو موت جي ڪنڌيءَ تي اچي پهتو آهي. پوء هوءَ پاڻ جهلي ڪو نه سگهي. سندس ڏک سڏڪن ۽ روڄ جي دوارا ٻاهر نڪرڻ لڳو.

هن ٻاليءَ کي ڳلي لڳائي چيو، "اي منهنجا وير پرش! تو ڪيترن نه جوڌن کي ليٽايو هو، اڄ تون پاڻ هيٺن پٽ ۾ ليٽيو پيو آهين! مون ندر کي هٿ ڇڏي تو وڃين!"

جلدئي ٻاليءَ جو پٽر، انگد، به انهيءَ هنڌ اچي پهتو. سگريو جڏهن هي درشيه ڏٺو تڏهن هو ڏاڍو پڇتائڻ لڳو. اهو خيال کيس ستائڻ لڳو ته هيءَ سموري آپدا سندس ڪري ئي ديش تي آئي آهي. هن سچيءَ دل سان پڇتايو. جڏهن ڪنهن ڪان وير وڃيو آهي، خاص ڪري انهن ڪان جن سان اڳ مترتا جو رستو هوندو آهي، تڏهن اوس ڏک ۽ ڪوڙائپ پئدا ٿيندي آهي. لوڀ جي ڪري ڪن ماتر جيڪا خوشي ٿيندي آهي سا به ائين لڳندي آهي، جئن زبان تي رکيل رک جو سواد هجي. ڪامنائن ۽ ڪروڌ، چاهنائن ۽ ڏمر جي چڪر ۾ ڦاسي، اسان مان ڪيترا نه ٿورا لوڪ هن ڳالهه کي پوريءَ ريت پروڙي سگهندا آهن!

تارا ڌرتيءَ تي ليٽي چوڻ لڳي: "اي ديو! پياري انگد کي اناٿ بڻائي، مونکي بي وس محتاج بڻائي، تون انهيءَ ياترا

... اجايو دوش ڏنو هجي. پر اِها ڳالهه به سچي آهي تہ
...جي ڄاڻ بنا بہ ترشنا اسانجي مَن کي اُپوتر ڪندي آهي
...ان کان اُلٽا ڪم ڪرائي، اسانکي پاپ ۾ ڦاسائيندي
... سگريو سمجهيو تہ سندس بنا ڄاڻ جي ترشنا کيس ڀلائي
... هو.

...سنسڪرت ۾ ڪام شبد جا ڪئي اَرٿ ٿيندا آهن. ڪام کي
...يوڳ بہ ڪوٺيندا آهن. ڪام کي لوڀ ۽ لالچ بہ ڪوٺيندا
... هر پرڪار جي ترشنا بہ ڪام جي اندر اچي وڃي ٿي.
... منش جو اَندريون شترو آهي. اُنهيءَ کي جيتڻو آهي.
...جي ٽئين اَڌياءَ جي آخرين ستن شلوڪن ۾ اهائي سکيا
... آهي. ڀڳوان ڪرشن پنهنجي اُپديش جي اَنت ۾ چوي ٿو:

"جَهِ شَترُم ڪامَروُپَمُ دُراسَدَمُ"

...ارٿ: "پنهنجي شڪتيءَ جو خيال ڪري هن ڪام روپي
...وءَ کي جيت."

... سگريو جي مَن ۾ ڪامنا ٿي وسي ۽ باليءَ جي مَن تي
...وت سوار هو. جڏهن باليءَ ڏٺو تہ سگريو ڇر جو لنگهه
...ڪي کيس اَندر بند ڪري ويو آهي، تڏهن هن اِئين
... ڪري سمجهيو تہ سگريو جو ساڻس گڏ راڪشس جي
...ي آيو هو، سو ياءُ ٿي سندس سهايتا لاءِ ڪونہ آيو هو.
... اَنومان ڪيو تہ سگريو اِها ست سٽي هئي تہ بالي صدقي
... ٻڪري ٻڌجي اَسر جي هٿان مري، تہ مان سندس راڄ
...ائي وهان.

... هو پنهنجي ئي ڪروڌ جو شڪار ٿيو. هن پنهنجي سڳي ياءُ
...نراد ڪري کيس ڌڪالي ڪڍيو ۽ پنهنجي ڪروڌ کي مَن
...سانڍي وڌايو. ڪروڌ جي ڪري بالي پاپ ۾ ڦاٿجي ويو.
... سچ تہ اهو آهي تہ ڪام ۽ ڪروڌ ئي هر پاپ جو بنياد
...ئي. جيستائين اَسين انهن شترن کان پنهنجي مَن جو بچاءَ ڪرڻ

ڪرڻ وقت هوءَ ڏاڍي ڏگهي نظر رکندي آهي. جيڪا اڳڪٿي هوءَ ڪندي آهي سا پوري ٿيندي آهي. ڪنهن به ڳالهه ۾ هنجي صلاح کي لاپرواهيءَ جي نظر سان نه ڏسج. اجهو هيءَ اٿي ڪنٺي جيڪا اندر مونکي ڏني هئي، اها هٿ ڪر ۽ پڻ هن سان گڏ اها شڪتي به هٿ ڪر جيڪا منجهس سمايل آهي. منهنجي حياتي ختم آهي. ان مان ناراضگي به ختم ٿي. شل تون سکي رهين!" اهڙيءَ ريت ادارچت ٻاليءَ پنهنجي پيارا سگريو کي آشيرواد ڏني.

هن انگد کي به سٺي صلاح ڏني. چي، "هاڻي سگريو تنهنجو راجا آهي. هن سان وفادار رهج. پريم ۽ ڌيرج سان سندس شيوا ۾ رهج."

جڏهن ڪهاڙيءَ سان ڪريل ٻڻ جي وڻ کي ڪا ڳلن واري ول ويڙهي پيئي هوندي آهي، تڏهن ئي تارا ٻاليءَ کي چهٽي ڌرتيءَ تي پيئي هئي.

نيل ڏاڍو ڌيري ٻاليءَ جي شرير مان تير ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. زخم مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳي تان جو رت جو هڪ تلاءُ ٺهجي پيو. ٻاليءَ جو پراڻ پکيڙو پرواز ڪري ويو. تارا رڙيون ڪري روئڻ لڳي. ڏک ڀريل آواز سان هن انگد کي چيو، "پنهنجي پتا کي انتم وار نمسڪار ڪر." پوءِ پتيءَ ڏانهن منهن ڪري چيائين، "اي منهنجا پتي ديو! تنهنجو پيارو پتر توکي نمسڪار ٿو ڪري. هن سان فقط هڪ لفظ ته ڳالهاءِ. هاءِ! اڄ مان ودوا ٿي پيس ۽ اڄ انگد اناٿ ٿي پيو."

هن ساريءَ وارتا جو سگريو جي من تي گهرو پرڀاو پيو. هن دل ۾ چيو: "مون ترشنا جي وس ٿي ڇو جو دروازو بند ڪيو ۽ ٻاليءَ کي اندر پوري ڇڏيو. مون سندس ڌن هٿ ڪري، انجا مزا ورتا. ڪهڙو نه وڏو اپراڌ مون ڪيو آهي!" اِها ٺيڪ جهڙي ڳالهه آهي ته پڇتاءَ جي پرڀاو ڪري سگريو

هو مونکان سواءِ سکي ڪونہ ٿيندو. ڏک نہ، اِئين نہ
هہ تہ مونکي مارڻ ڪري توکي ڪو پاپ لڳندو. استري
ن کي ملائڻ تہ پنج جو ڪم آهي. اُنهيءَ ريت تنهنجي
پاپ جو پرڀاو ڏوڻي ويندو. تو نگيءَ سان منهنجي پتارکي
آهي. مونکي مارڻ سان تون پنهنجو پاپ لهرائي سگهندين."
هن هند پهچي ڪري والميڪي چوي ٿو تہ: "تارا کي
جي اوتار ٿيڻ جي سڌ هئي. هن رام جي شرير ۾ وشنو
ن جو درشن ڪيو." پرمپرا انوسار لوڪن جو اهو وشواس
تہ لڪشمڻ جي ماتا سمترا جيان باليءَ جي پتنيءَ تارا بہ
ڻ هئي، هنکي سنسار جي اَندرينءَ سچائيءَ جي پوري پروڙ
. ائين چوڻ ۾ ايندو آهي تہ تارا پهريون رام جي نگيءَ جو
ار ڪري ڪيس ڏڪارڻ لڳي هئي. پر جڏهن رام هن سان
و مليو، تڏهن هن سندس ايشوري سروپ جو درشن ڪيو.
اهي لوڪ جيڪي راماڻ کي هڪ کهاڻي جي روپ ۾
ندا تن کي هيءَ ڳالهہ ڪانہ آئڙندي. هو ائين سمجهندا
يءَ ڳالهہ ٻي مطلب آهي. پر ڀڳتي مارڳ جي پوڄارين کي هي
اصل اڻ ٿيڻي ڪانہ لڳندي. هن ڳالهہ جو ورنن ڪندي
يداس پنهنجي سندر ڪوتا ۾ هن ريت ٿو سمجهائي ڏئي.
چوي ٿو تہ هن ڳالهہ تي شو مهراج پارٻتيءَ کي چيو: "اُما!
تہ رام، پرماتما ديو، ڪٺ سپني جيو ڏارين کي ڪٺ
ن جيان هلائي رهيو آهي." پراٿين ڏند ڪٿائن جو پورو
ت سمجهڻ لاءِ ڀڳتيءَ جي ڏاڍي ضرورت آهي.
جيڪڏهن ٻڌيءَ جي ڪسوٽيءَ تي هن ڪٿا کي پرکبو
ڏسبو تہ تارا هڪ راجنيتي دوڙ جيان وهنوار ڪيو آهي.
پاڻکي هڪ چتر راج گياني سڌ ڪري ڏيکاريو آهي.
س اينري ٻڌي هئي جو هوءَ ايندڙ گهٽنائن جو اڳوات ويچار
ري سگهندي هئي. جيڪي گذريو سو گذريو. پنهنجي
رائي ۽ وڏ ڀاڳہ جي وسيلي سگريو رام جي متر ٿا هٿ ڪئي

۾ اسمرت آهيون، تيسين اسين پاپ کان بچي ڪونه سگهنداسين.
سگريو پڇتائيندي چيو: ”جيتوڻيڪ مون وڏو اپراڌ ڪيو هو، ته به هن مونکي مارڻ نٿي چاهيو. هن مونکي هڪالي ڪڍيو ۽ مونکي سلامتيءَ سان نڪري وڃڻ ڏنو. ڳالهه ايتري ئي آهي. پر مون هن کي مارڻ جي ست سٽي ۽ اُنهيءَ ۾ سڦل ٿيس. هن سنسار ۾ مونکان وڏو پاپي ٻيو ڪونه آهي. اُنهيءَ هوندي به هن مونکي اُنترويلي نه رکيو پنهنجو راڄ ڏنو، پر هن مونکي اندر جي ڏنل سوکڙي، شڪتيءَ جي ڪنٺي، به ڏيئي ڇڏي. سچ پچ ته هو مهان هو، هو اُدار هو. مان هن نيچ جيوت کي اڃا ڇو ڇهنيو ٻيو آهيان؟ اڙي! مان ئي پنهنجي وير ڀراتا جي مرتيوءَ جو ڪارڻ آهيان.“

اُهي ماڻهو جيڪي ڀراڻين رسمن تي هلندا آهن، سي هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ وار هيءَ پرارٿنا ڪندا آهن ”ڪامو ڪارشيت، مَنيُر ڪارشيت.“ هنن وچنن جو هيءُ ارٿ آهي ’مونکي ڪام پاپ ڏانهن لالچائي ويو. مونکي ڪروڌ پاپ ڪرڻ لاءِ پريايو.‘ ائين چئي هو نمرتا سان پڇتاءُ ڪري پنهنجي من کي شڌ ڪرڻ جو يتن ڪندا آهن. سيني کي اِها وات وٺڻ گهرجي. ڪين پڇتاءُ ڪري من کي شڌ ڪري سڀ ايشور اَرپڻ ڪرڻ گهرجي، ڪامو ڪارشيت مَنيُر ڪارشيت نارايڻاي نَمَه.

(مونکي ڪام لالچايو، مونکي ڪروڌ گمراهه ڪيو. مان نارايڻ کي نمسڪار ڪريان ٿو.)

ڏکندي، هبڪندي رام ڌيرج سان، روئنديءَ تارا سان ڳالهائڻ لاءِ وڌيو. تارا جي منهن ۾ ڪروڌ جو ڪو به نشان ڪونه هو. جي شبد هن پنهنجي پتيءَ جي گهاتڪ کي چيا سي سچ پچ هڪ سوروير جي راڻيءَ جي واتان سهڻا ٿي لڳا. ”اي يوڌا! جنهن هٿيار سان تو منهنجي پتيءَ کي ماريو آهي، تنهن سان مونکي به مار ۽ مونکي ساڻس گڏ وڃڻ جو وجهه ڏي. سرڳ

اُنھيءَ ڪري پنھنجي پاونائن کي وس ۾ رکيو.
تکي ۾ تکو ڏک به سمي پورڻ سان گھٽجي ويندو آھي. اُنجي
ڌار گسي ويندي آھي. ڏينھن جي تڪڙين تڪڙين چنتائن
علاج آھي رات جي ننڊ را. ھردي جي اونھن گھاون جو
ٽڪارو آھي ويسر. منش لاءِ پريوءَ جو اُتم ۾ اُتم پرساد اھوئي
ي. اِھو سندس وڏي ۾ وڏو دياميه ڏاڻ آھي. ڪشڪند جي
ڪن توري سمي لاءِ بالي‌ءَ جي مرتيو ڪري ماتم ڪيو. پر جلدئي
ڙيو ۽ باقي ٻچيلن جو ڏيان ڪري خوشي ڪرڻ لڳا. سگريو
ھنجي ديش نيڪالي جا دک وساري ڇڏيا. ھن کي پنھنجي
تا جي مرتيوءَ جي ڪري جيڪو پڇتاءُ ٿيو ھو، سو به ھن
اَئي ڇڏيو. ھاڻي نئين ھمٿ ڪيل سکن ۾ خوب موجون
رڻ لڳو. تارا به پنھنجي پتر جي لاپ ڪاتر ھنن بدليان
ستائن سان پاڻکي نھڪائي ھيري ميري ڇڏيو. ڪشڪند
ب راجائي محلات ۾ آنند منگل لڳو پيو ھو. اُتي پيالي پيگ
ب به بھاري لڳي پيئي ھئي. چوماسي جا اڪيلائي وارن مھنن
ڏينھن رڳھو ونشي پائرن لاءِ ڳورا ۽ ڳاريندڙ ٿي پيا. ھوڏانھن
گريو ۽ سندس پريوار لاءِ اھو موج ۽ مزي وارو سمو سونن پرن
رن گويا اُڏامي ويو. رڳو ھنومان کي اُئي چنتا ھئي. ھو رام
ب ڪارج کي پلائي نٿي سگھيو. ھو اُنھيءَ لاءِ وجھه ڳولھي
يو ھو ته راجا کي رام سان ڪيل پرتگيا جي يادگيري ڏياري.
نيٺ مينھن بند ٿيا ۽ آسمان صاف ٿيو. نه بادل رھيا،
بجلي. وايو ۾ گلن جي سڳند ۽ پکين جو گانو ڦھلجي ويو.
وري خوشيءَ سان ڀھڪڻ لڳو. ھاڻي ٻڌيمان ڌرماتما ھنومان
ھنجي راجا جي اوڏو ويو. سگريو سارا راجائي ڪم ڪاريون
ھنجي منترين کي سونپي ڇڏيا ھئا. پاڻ خوشين ۽ موجن ۾
ٻجي ويو ھو. ھنومان کي اُھا ڪل ھئي ته سني ۾ سنا ۽
باڻن ۾ سياڻا منش به اھڙين اوستائن ۾ پنھنجون پرتگيائون
ساري وھندا آھن. اُنھيءَ ڪري ھن پنھنجي راجا کي ڏاپيءَ

هئي. ٻالي پرلوڪ ڏانهن وڃي چڪو هو. اُنهيءَ ڪري هن وقت ڪيس رڳو انگد جي ڇڳيلائيءَ جي اون هئي. انگد سگريو جو وروڌ ڪري سگهي ها ڇا، خاص ڪري جڏهن رام ۽ لڪشمڻ ڌنش هٿ ۾ ڪٽي سندس سهايتا لاءِ تيار بيٺا هئا؟ اوستائون اهڙيون هيون جنهن ۾ وروڌ ڪرڻ ٺيڪ نه هو، پر ڏاهه ڪرڻ ئي واجب هو.

اُنهيءَ ڪري رام تي جيڪو سندس دوش هو، تنهنکي هن ڪري لڪايو. هن اهڙو رخ ورتو جنهن مان ائين پئي لڳو ته هن ڌيرج ڌري اوستائن جي اڳيان سر جهڪايو آهي. ائين ڪرڻ سان ئي هوءَ انگد کي گهٽي ۾ گهٽو لاڀ پهچائي سگهي ها ۽ هنجي لاءِ سڀني جي سهان ڀوتي ۽ ديا هٿ ڪري سگهي ها.

ٻالي جو ڪريا ڪرم ٺيڪ ڍنگ ۽ پوريءَ ريتيءَ نيتيءَ سان ڪيو ويو. پوءِ سگريو کي شڀ سڳنن سان سنان ڪرائي، ڇٽ ڀهرايو ويو ۽ انگد کي يوراج ٿاپيو ويو.

اَڌياءُ ٣٥

ڪوپ ۽ سلوڪ

هاڻي چوماسي جو آرنڀ ٿيو. سگريو ۽ سندس ساٿي ڪشڪنڌ ۾ موج سان وقت گذاريندا رهيا. هوڏانهن رام ۽ لڪشمڻ ڪنهن پر واري ڇپر ۾ ترسيا رهيا. ٻن جا ٻيڇرا پاڻيءَ هيٺان اچي ويا. سندن روپ ئي بدلجي ويو. جيترا ٻيڇرا اوتريون ئي تڪ سان وهندڙ نيون ٻڻجي پيئون. هاڻي انهن مان لنگهڻ ئي ناممڪن ٿي پيو. اُنهيءَ ڪري سيتا جي ڳولها ڪجهه وقت لاءِ ڇڏڻي پيئي. رام سيتا جي ڪٺن اوستا جو ويچار ڪري دک ۾ ٻڏي ويو. لڪشمڻ ڪيس صلاح ڏني ته جيسين ورشا رتو سماپت ٿئي تيسين ڌيرج ڪري ۽ ٻل جو ويچار نه ڪري.

... تيار ڪري. هن چيو، ”ساري سنسار ۾ ڳولها ڪري سيتا
... اوس لهڻ گهرجي. اُنهيءَ ڪري سيني ٻلوان وانرن کي
...يا ڪر تہ هت اچي اسان سان ڀيڙو ٿين. جيڪي گسندا تن
... وڌيڪ جاچ جوچ بنا سزا ڏبي.“ اِئين چئي سگريو وري
...ينهنجي خانگي ڪمري ۾ هليو ويو.

ورشا رتوءَ جي پوري ٿيڻ تائين رام ۽ لڪشمڻ چپ اندر
...نا رهيا. ڪين اُهائي آشا هئي تہ سگريو پنهنجي پرتگيا پوري
...ندو. پر جڏهن مينهن جي منڊ پوري ٿي ۽ بن ۽ بن جا
...و نئين سندرتا سان ٻهڪڻ لڳا، تڏهن رام اِهو خيال ڪري
... سيتا کي راڪشس ستائيندا هوندا، ڏاڍو دکي ٿيڻ لڳو.

رام چيو تہ، ”سنسار ۾ ڏاڍي چهل پهل ۽ سک آنند لڳو پيو
...ي. پر سيتا ڪنهن ٻئي هنڌ دک ۾ پيئي هوندي. مان هتي چپ
...پ ويٺو آهيان، اُنهيءَ آس ۾ تہ هي ٻي شڪر وانرن جو
...جا مون تي مهرباني ڪندو. هاءِ! سيتا ڊ ڏک بن ۾ ڪهڙو
... خوشيءَ سان ٿي هلي! اِئين ٿي سمجهائين تہ ڪنهن محلات
...پ باڳڪا ۾ گهمي رهي آهيان. هن پٿريلي زمين جي ذرو بہ
...راهہ نہ ٿي ڪئي. ڪڏي ٿي پيڇرن جي ڪنڊن جو ڪو خيال ٿي
...ئياءِ. هاڻي هنڪي ڪيتري نہ پيڙا ٿيندي هوندي؟ پر هن
...جا، شرابن جي پئڻ چاڙهڻ ۾ مشغول ۽ اِسترين جي سنگ ۾
...بش عشرت ڪندي، مون سان ڪيل پرن وساري ڇڏيو آهي.

”لڪشمڻ تون يڪدم ڪشڪند ڏانهن وڃ ۽ وڃي هن نيچ
...جا کي چؤ تہ ’اهو رستو اڃا ڪليو پيو آهي، جنهن رستي
...لي پنهنجي انت ڏانهن ويو. تون انهيءَ جي ڪڏ نہ وڃ.
...پنهنجي وچن کي پاڻي ڏي. برباديءَ انهيءَ منش جي تاڙ
... رهندي آهي جيڪو تورا وساريندو آهي ۽ مترن کي پاڃي
...يندو آهي. رام جي باڻن کان خبردار ٿيءُ. ورشا رتوءَ جا
...ر مهنا گذري هليا آهن. رام جي واسطي اهي چار مهنا
...ئن جڳن جيان گذريا آهن. پر تون آنند ولاس ۾ ٻڏو پيو

نمرتا سان هيئن چيو:

”اوهان پنهنجي وڏن جو راڄ هٿ ڪيو آهي. اهو پڪيءَ ريت اوهانجي هٿ ۾ آيو آهي. اوهان اُنهيءَ جو سک ماڻي رهيا آهيو. پر اڃا ڪي ڪجهه ڪرڻو آهي. پنهنجي مترن سان اوهان جيڪا پرتگيا ڪئي آهي، سا هاڻي اوهان کي پوري ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ڀلائي ۽ سک کي ڀي ڀلائي، منش کي گهرجي ته پنهنجي پرتگيا انوسار پنهنجي مترن جو ڪم پورو ڪري. راجا جو اڌڪار ۽ مان اُنهيءَ ريت ئي وڌندو آهي.

”سٺي ڳالهه اُها آهي ته مقرر وقت کان اڳ ئي پنهنجو پرڻ پورو ڪجي. ڪنهن ڀي حالت ۾ دير مدار نه ڪرڻ گهرجي. پرڻ ڪيل تٿيءَ جي گذرڻ کان پوءِ پرتگيا پوري ڪرڻ وِرٿ ۽ اجائي آهي. منش کي اُنهيءَ لاءِ ترسڻ نه گهرجي ته سندس متر هنکي سندس ڪيل پرڻ جي يادگيري ڏياري. مان چوان چاهي نه چوان، اوهانکي اُن سمورين ڳالهين جي ڄاڻ آهي. اسانکي اها ڳالهه ياد ڪرڻ گهرجي ته رام اسان لاءِ ڇا ڪيو آهي. اُنهيءَ کي ياد ڪري اسانکي پنهنجي پرتگيا پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهه قدم کڻڻ گهرجي. اسانکي رام جي چوڻ تائين ترسڻ نه گهرجي. ورشا رتو پوري ٿي چڪي آهي. اسان کي وڌيڪ ڍيل وجهڻ لاءِ ڪوبه سبب ڪونه آهي. اسانکي سيتا کي ڳولهڻ جي ڪم لاءِ ترسڻ نه گهرجي. رام ڪري ڪيترو ڀي ڌيرجوان هجي، اهو ڪو سبب ڪونه آهي ته اسين وڌيڪ دير مدار ڪريون. رام اوهان جي شتروءَ کي بنا دير مدار جي ڪونه ماريو هو؟ اِنئين ڪرڻ وقت هن نڪي خطري جو خيال ڪيو، نڪي ئي جيڪا مٿس ميار اچڻي هئي، تنهنجو خيال ڪيو. اسانکي پنهنجو پرڻ ڀي اوترو ئي سيگهه سان پورو ڪرڻ گهرجي.

اهڙيءَ ريت ماروتيءَ ڏاڍي سشيلتا سان سگريو کي پنهن جي صلاح ڏني. سگريو اها سوڀڪار ڪئي. هنومان جي شڪرگذاري ڪري هن نيل کي آڳيا ڪئي ته وانرن جي سڀا

... ئي. اُنهيءَ تي لڪشمڻ جو ڪروڌ وس کان ٻاهر نڪري
... . لڪشمڻ زور سان اندر لنگهي ويو. سامهون گڏيس ننڍڙو
...د. لڪشمڻ جڏهن هنجي ننڍي آيوءَ ۽ ڏکن جو ويچار
...يو، تڏهن سندس ڪروڌ ڪجهه گهٽ ٿيو. هن انگد کي
...يو: ”ٻار! وڃ ۽ وڃي وانر راج کي چئُو ته لڪشمڻ پنهنجي
...ن ۽ سورن سٽيل ياءُ جي ٻاران اوهان سان ملڻ لاءِ محلات
... دروازي تي بيٺو آهي.“
اَنگد راجا جي ڪمري ۾ ويو ۽ وڃي کيس لڪشمڻ جي
...ڻ جي سڌ ڏناءِ. پر سگريو آپي کان ٻاهر هو. هُو اهڙيءَ
...ستا ۾ هوئي ڪونه جو هيءَ ڳالهه سمجهي سگهي. انگد اها
...ڄهه سهي ڪئي ۽ منترين کان پڇياءِ ته اڳتي ڇا ڪجي. هنومان
...سندس ڪن ساٿي منترين سگريو کي سمجهايو ته ڇا ٿي
...يو آهي. سگريو جو نشو لٿو ۽ هُو هاڻ سچيت ٿيو.
سگريو چيو: ”منهنجو ڪوبه دوش ڪونه آهي. منهنجو
...و ڏوهه آهي ڇا؟ منهنجا مترِ رام ۽ لڪشمڻ ڇو مون سان
...اوڙ جندا؟ شايد ڪنهن شتروءَ منهنجي ورڌ سندن ڪن
...ا آهن.“
هنومان وراڻيو: ”راجا منهنجو ڌرم آهي ته مان اوهان کي
...يءُ ڳالهيون ٻڌايان. مان پنهنجو ڌرم پالي اوهان کي ٻڌايان
... ڪاوڙ نه ڪريو. رام سان اسان جيڪا پرتگيا ڪئي آهي، تنهن
...ب پوري ڪرڻ ۾ اسان ڍِل ڪئي آهي. اسان رام جي ڏک
...ب وساري ڇڏيو آهي. دير سا ٿي آهي، پر هرويرو ڏاڍي دير
...ئانه ٿي آهي. انهيءَ ڪري جيڪي به ڪرڻو آهي، سو اسان
...ب سيگهه سان ڪرڻ گهرجي. اسانکي لڪشمڻ کان ڪميا گهرڻ
...رجي. هاڻي بنا دير جي اسانکي رام سان ڪيل پرتگيا پوري
...ڪرڻ گهرجي.“
اُتي سگريو لڪشمڻ سان ملڻ سويڪار ڪيو.
لڪشمڻ جڏهن وانر نگريءَ ۾ گهڙيو، تڏهن اُنجي سوڀيا

آهين، اُنهيءَ ڪري تولاءِ اهو وقت شايد پلن جيان گذري ويو آهي. دير ڪرڻ جي حالت ۾ تون رام جي ڪروڌ جو پاتر ٿو بڻجين ۽ پنهنجي بربادي‌ءَ جي کڏ ۾ ٿو وڃين.' لڪشمڻ، وڃ ۽ وڃي هنکي اِها ڳالهه ٻڌاءِ."

اهو اڏيرتا جو ۽ ڪروڌ ڀريل سنديش رام، لڪشمڻ جي دواران سگريو ڏانهن موڪلڻ ٿي چاهيو.

پنهنجي ڀراتا جي ڪروڌ ۽ دک جو هيءُ بوجهه لڪشمڻ کڻي روانو ٿيڻ تي هو، ته رام کي هڪ ٻيو خيال آيو. هن کي لڪشمڻ جي سڀاءَ جو پورو پتو هو، انهيءَ ڪري پڻ ٽيس ته متان سندس اُتاول ڪري ڪو دوکو نه اچي وڃي. انهيءَ ڪري هنکي پوئتي سڏي چياءِ، "سگريو کي منهنجي دانهن ڏيندي ڪرڙو نه ٿج. هنجا کهڙا به دوش ڪري هجن، هو اسانجو متر آهي. کيس سندس ڀلون ڪولي ٻڌائج، پر ڪوڙا ٻول نه ٻولج."

لڪشمڻ اُها ڳالهه سويڪار ڪئي. پر جڏهن هُو ڪشڪند جي دوار وٽ پهتو تڏهن سهي ڪياءِ ته هو پنهنجي ڪروڌ کي ڪنهائي سان روڪي سگهندو.

وانر سنتري جيڪو دروازي تي پهرو ڏيئي رهيو هو، تنهن جڏهن ڏٺو ته لڪشمڻ کي سمورا هٿيار ٻنوهار آهن ۽ سندس منهن شوخ آهي تڏهن هُو وڏيڪ سچيت ٿي ٻيٺو. انهيءَ ڪري لڪشمڻ جي کاوڙ وڌي ويئي.

ڪي وانر اندرين ڪمرن ڏانهن ڊوڙي ويا ۽ وڃي سگريو کي چيائون، "لڪشمڻ ڪروڌ ڪري ٻهي لوهه ٿي، ڌنش کڻي هن پاسي اچي رهيو آهي. اسان کيس روڪي نه سگهياسين."

پر وانر راج نشي ۾ چور ٿيو پيو هو، اِستريون سندس چوڌاري ويٺيون هيون. اُنهيءَ ڪري هن، هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ئي ڪو نه ڏنو. راجا جي نوڪرن سنتريءَ کي آگيا ڪئي ته هُو دروازي وٽ پڪو ٿي بيهي ۽ ڪنهن کي به اندر اچڻ

ڙ ٻلنا ين جي جاڻ آهي، تنڪي جڳائي ته ٻين کي دوش ڏيڻ
ت ڏيا دل ۾ ڌارين. سگريو گهٽيئي سور سٺيون سٺيون
. هاڻي جيڪڏهن هو منش جي پرڪرتيءَ جي پرلوڀن
ڇي موج مزن ۾ پئجي ويو آهي، تڏهن ڪيس سختيءَ سان
سوٽيءَ تي نه گهُر. مان توکي پڪ ڏيان ٿي ته نڪي هن
دانجو تورو وساريو آهي، نڪي هوُ پنهنجي ڌرم کي
ي وينو آهي. هن اڳيئي آگيا ڪئي آهي ته چئني دشائن
 وانر يوڌا اچي ڪٺا ٿين. اڄ يا سڀان سڀ هتي پهچي
ندا. پوءِ سيتا جي ڳولها شروع ٿيندي ۽ راوڻ سان جنگ
اڻ جو جتن ڪبو. هن ۾ ذرو به سنديهه نه ڪر. هاڻي
ڙپا ڪري اندر اچي راجا سان مل."

لڪشمڻ جو ڪروڌ هاڻي ڪافور ٿي ويو. هو سگريو جي
محلي ۾ گهڙيو ۽ راجا پنهنجي آسن تان اٿي سندس آجيان
ئي.

هن چيو، "منهنجون ڀلون بخش. رام جي سهايتا ۽ مترتا
ب ڪري ئي اڄ مان راجا ٿيو آهيان. ڀلا هن سريشٽ وير پرش
ر جيڪي مون سان ڀال ڀلايا آهن، سي مان ڪيئن وساري
ڀهندس؟ رام ته منهنجي سهايتا بنا به پنهنجي شترن کي
س ڪري سگهندو. مان ته پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري رڳو
هنجي پٺيان هلندس. سيتا جي ڳولها جلد ٿيندي. مون
ڪا ڏير مدار ڪئي آهي تنهن لاءِ ڪرپا ڪري مونکي ڪميا
ڪريو."

لڪشمڻ هيءَ ڳالهه ٻڌي پرسن ٿيو. هن سگريو کي جواب
 چيو، "رام ٻل ۽ مان مريادا ۾ تنهنجو ثاني آهي، ٻيو ڪوئ
ي. مون سان گڏجي رشي موڪ پهاڙ ڏانهن هلي رام کي
ندس دک ۾ دلاسو ڏي."

سگريو ۽ لڪشمڻ پالڪيءَ ۾ چڙهي رام وٽ ويا ۽ هنن

۽ سيپينا ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. سندر ڳلين ڪوچن مان
لنگهي هو راجا جي محلات جي ٻاهران اچي بيٺو. اندر ڳاني
ٻجاني، ناچ ڪيل ۽ جشن جي ٻهاري لڳي پيئي هئي. جڏهن
اُنهن جو پرلاءُ لڪشمڻ جي ڪن تي پيو تڏهن هن سمجهيو
ته وانرن پنهنجي پرتگيا وساري ڇڏي آهي ۽ ڀوڳ ولاس ۾
پئجي ويا آهن. هو پنهنجي ڪروڌ کي ڪنهائيءَ سان روڪي
سگهيو. انهيءَ هوندي ٻه هن استرين جي ڪمري ۾ وڃڻ ڪان
پاسو ڪيو. ٻاهر ڪنڌ ۾ بيهي ڪري هن پنهنجي ڌنش مان
هڪ ٽنڪار ڪيائي. هن آواز جي ٻڌندي سمورا ڪشڪند
نواسي ڀؤ وچان ڪنبڻ لڳا. جڏهن سگريو هيءُ آواز ٻڌو
تڏهن هن سهي ڪيو ته راجڪمار سچ پچ ڪاوڙيل آهي. هن
ڏٺو ته سامهون جوکم هو، سو تارا کي چيائين ته وڃي لڪشمڻ
کي سرچائي. سگريو چيو ته، "لڪشمڻ جي هردي ۾ استري
جاتيءَ لاءِ ڏاڍو آدر ۽ سنمان جو ڀاوُ آهي، انهيءَ ڪري
جڏهن هڪ ديوي هن سان ڳالهائيندي تڏهن سندس ڪروڌ
گهٽجي ويندو. هن لاءِ پوءِ ڪاوڙيل رهڻ ڪٺن ٿي پوندو."
جيتوڻيڪ سگريو نشي ۾ چوُر هو ته به هنجي سمجهه اسٿر
هئي.

تارا لڪشمڻ جي پاسي وڌي. تارا کي سنساري وهنوار
جي پوري پوري ڄاڻ هئي. ڳالهائڻ ۾ ساڻس ڪا به استري
بر ميچي ڪونه سگهندي هئي. وري روپ اهڙو بنائي ڄاڻندي
هئي جو بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر. هن لڪشمڻ کي چيو، "سگريو
گهڻائي ڏک ڏٺا آهن. هن گهڻيئي پيڙا سٺي آهي. اوهان ڪيس
سک ۽ سمپتي هٿ ڪري ڏني آهي. هاڻي انهيءَ جا مزا ماڻي
رهيو آهي. هن پرڪار جي ڀوڳ ولاس جو ويچار سندس من
۾ سمائجي ويو آهي، انهيءَ ڪري هوُ ستڌ ٻڌ ڀلائي ويٺو
آهي. مونکي سندس ڀل جي ڄاڻ آهي، پر اوهانکي ڌرجي
ته ڪيس ڪميا ڪريو. اوچ آتمائون جن کي منش جي گهڻتاين

تڏهن تارا ۽ انهيءَ ولاسي جيون ۾ سندس ڀاڳي ڀائي ٿي.
جڏهن هوءَ پنهنجي راجا جي چوڻ تي لڪشمڻ کي سرچائڻ
۽ ٻاهر آئي، تڏهن هوءَ نشي ڪري لڏي لمي ٿي ۽ سندس
منهن سرخ ٿيو پيو هو.

اڳين ڀڳن ۾ جڏهن ڪنهن راڄ گهراڻي يا ڪنهن اوچ ڪل
وڏو ڀاءُ مرندو هو ۽ وڏوا ڇڏي ويندو هو، تڏهن رواج
هو ته ننڍو ڀاءُ انهيءَ وڏوا سان پرڻجي ۽ هن جي رکيا ڪري.
ڏکي ڳالهه آهي ته ڪنهن هڪ ڀڳ جا لوڪ ڪنهن ٻئي
ڀڳ جي ريتين رواجن جي ملهه جي ڪٿ ڪن. جن ريتين رسمن
اسان هريل ڪونه آهيون تن جي ڳڻن ۽ دوشن جي ڪٿ
ڪرڻ لاءِ اسانکي ڏاڍو مڙندڙ جهڙندڙ من ۽ ٻگهي ڪلپنا
شڪتي جو ڪم آهي.

اڌياءُ ٤٦

ڳولها شروع

رام، هي ڏس باندر سئنا،" سگريو چيو. "اَنوکيءَ شڪتي
وارا هي اَڪٿ جيوَ سڀ تنهنجي آگيا جي اَڌين آهن. توهين
جيڪا شيوا چاهيندا سا هو خوشيءَ سان ڪندا. هيءَ سموري
شاهي فوج اوهين پنهنجي ڪري سمجهو ۽ جيئن چاهيو تيئن
هنن آگيا ڪريو."

رام خوشيءَ ۾ ڀرجي سگريو کي گلي لڳايو. هن چيو: "اول
اسانکي ڏسڻ گهرجي ته سيتا جيئري آهي، ۽ جيڪڏهين
جيئري آهي ته ڪٿي آهي. ان کان پوءِ اسين راوڻ جو ڏس
لهنداسين. تنهن کان پوءِ ئي جيڪي ڪرڻو هوندو سو
ڪنداسين. پر هن سئنا جي واڳ، اوهانکي ئي سنڀالڻي آهي،
مونکي ۽ نه وري لڪشمڻ کي. اوهين هنن جا راجا

جيڪي بندوبست ڪيا هئا، سي کيس ٻڌايائون. رام کي انهيءَ
تي سنتوش ٿيو.

رام خوش ٿي چيو، تون سچ پچ سچو متر آهين. جئين
بادل پنهنجو پاڻ ورشا ڪندا آهن، جئين سورج اونده کي
ناس ڪندو آهي ۽ جئين چندرما منش جي هردي کي آنند
ڏيندو آهي، تئين ئي هڪڙو سچو متر بنا چؤ چاوَ جي پنهنجي
متر جي سهايتا ڪندو آهي. تنهنجي مترتا جي ڪري مان
ڏاڍو پرسن آهيان، هاڻي راوڻ ۽ سندس جاتيءَ جو اَوس
ناس ٿيندو.

جيئن رام پنهنجي شڪرگذاري ۽ خوشي ظاهر ٿي ڪئي،
تيئن وانرن جا جهنڊن جا جهنڊ پنهنجي نيتائن جي همت هيٺ
اُتي اچي گڏ ٿيا. اُهي دور دور جهنگلن، پهاڙن ۽ ساموندي
ڪنارن تان آيا هئا. انهن جي اچڻ ڪري ايتري ته دز اُڏامي
جو سڄو آسمان اونداهو ٿي ويو. انهن ۾ ڀين ڀين روپن ۽ رنگن
وارا لکين باندر ۽ رڇ موجود هئا.

سگريو هن اُتاهه سئنا کي پنهنجو ڀاشڻ ڏنو ۽ سندن
چانوٽين لاءِ جيڪي جايون مقرر ٿيل هيون سي کين ڏيکاريون. پوءِ
هن سموري سئنا کي اُنن ڀاڱن ۾ ورهايو ۽ هرهڪ ڀاڱي کي
سندس سئناپتيءَ جي همت هيٺ اُنن دشائن مان ڀين ڀين دشا
ڏي سيتا جي پوريءَ ڳولها ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو.

هتي هڪ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي. تامل ڪوي ڪنبن
ڏيکاريو آهي ته تارا هڪ ستي ساڌوي پوتر وڌوا آهي. هوءَ
تپسيا ۽ سرسنجم جو جيون ڪاٽي رهي آهي. والميڪيءَ وري
ٻئي پرڪار جو ورنن ڪيو آهي. هن جي ليک انوسار تارا ۽
ٻيون استريون به انهيءَ سمپتيءَ جو هڪ ڀاڱو آهن، جيڪا
سگريو ٻاليءَ کان هٿ ڪئي هئي. اهي جهٽڪ سنگهاسن سان
لاڳو آهن، جنهنجو راج تنهنجون اهي استريون. جڏهن رام جو
رڻ وساري سگريو ٻاڪي شرير جي ڀوڳن ولاسن ۾ لڳائي ڇڏيو،

هنکي ڳولهيو ۽ همٿ ڪريو. هڪ مهني اندر هنجو سماچار ڪٽي اوهين واپس اچو.“ ۽ ساري سئنا ماڪوڙين جيان پنهنجي سلعي مان نڪري چئن ئي ڏسائن ۾ ڦهلجي ويئي.

ستبلي ۽ سندس سئنا اُتر دشا رواني ٿي. ونت پورب دشا ويو، سشيڻ پشچم دشا، هنومان، انگد ۽ مهندار تارڪ وري ڏکڻ دشا روانا ٿيا.

سيني کي هڪ سمان لگن ۽ فڪر هئو ته راوڻ کي ماري سيتا جا بند خلاص ڪن. هرهڪ گروه کي اهائي چنتا هئي ته سوياروتي اول واپس وري. اُنهيءَ ڪري منجهن اُتساهه پري چڙهت جاڳي اُٿي.

رام سگريو کان پڇيو: ”پرٿويءَ جي هر ڪوني ۽ هر ڏيهه جو اوهين اِئين ٿا بيان ڪريو جڻ ڪو پنهنجي اکين سڀ ڪجهه ڏسي آيو هجي. ڪئن ۽ ڪڏهن اهو سڀ اوهين ڏسي سگهيا؟“

”اوهانکي ياد هوندو، منهنجا مالڪ،“ سگريو چيو، ”ڪئن باليءَ سيني دشائن ۾ منهنجو پيڇو ڪيو. مان جتي جتي ويس اُتي اُتي هو منهنجي پٺ ورتي. اِنڪري مونکي ساريءَ پرٿويءَ تي پنڌ ڪٽڻو پيو. ان ريت مونکي هن لوڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڏسڻ جو اوسر مليو. پوءِ مونکي ان استان جو ڏس مليو، جتي رشي ماتنگ پنهنجو آشرم ٺاهيو هئو. جيڪڏهن بالي اُتي پير پائي ها ته رشيءَ جي سراپ سبب سندس ڌڙ سر کان ڌار ٿي وڃي ها. مونکي ڄاڻ هئي ته هو اتي ڪين ايندو ۽ جي ڪٿي آيو به ته مونکي هٿ ڪونه لائي سگهندو. اجهو اِن ريت مان هت سهي سلامت رهيو آهيان.“

جيڪي ٽولا اُتر، اوڀر ۽ اولهه ڏسائن ۾ ويا هئا سي مهني کان پوءِ واپس موٽيا ۽ اچي ٻڌايائون ته سيتا جو ڪٿي به پتو نه پيو. ”اسين ٻن ڀٽڪياسين، جبلن، ندين ۽ ننگرن ۾ ڳولهيوسين، پر اسان کي هوءَ ڪٿي به نظر نه آئي. هنومان جو

آهيو. تنهن سواءِ اوهان کي ڄاڻ آهي ته ڇا ڪرڻو آهي ۽ اهو ڪيئن ڪجي. اوهان جهڙو متر ۽ لڪشمڻ جهڙو ڀراتا پراپت ڪري مان پنهنجو سؤڀاڳيه ٿو سمجهان!"

سگريو پنهنجي سينا جي سالارن کي سخت آگيا ڪئي ته فوجي ٽوليون پرٿويءَ جي چئني ئي ڏسائن ۾ موڪلين ۽ سيتا جي باريڪ ڳولها ڪن.

ٻين اڳوانن کي رواني ڪرڻ کانپوءِ، سگريو هنومان کي پاسيرو وٺي ويو ۽ چيائينس: "ٻُڌ پٽ، تو ۾ پنهنجي پتا جو شان ۽ شڪتي سمايل آهي، فقط تون ئي هن ڪاريه ۾ سڦل ٿي سگهندين. تو ۾ ٻل، همت ۽ ٻڌي آهي ۽ توتي ئي ڀروسو رکي چاهيان ٿو ته سيتا کي ڳولهي هٿ ڪرڻ جي جوابداري تون کڻ."

رام به اَنڀو ڪيو ته هنومان جا يتن اوس سڦل ٿيندا. هن ڄاتو ٿي ته ڀل ڪٿي ڪهڙيون به رنڊڪون اچن، ته به هنومان انهن مان پار پوڻ لاءِ سوچي ڪا واٽ ڪڍيندو. هن پنهنجي نالي واري منڊي هنومان کي ڏيندي چيو: "هيءَ منڊي وٺ. مونکي پورن آشا آهي ته تون سيتا کي ڳولهي لهندين. هن منڊيءَ مان هوءَ ڄاڻي وٺندي ته تون منهنجو قاصد آهين. پريه هنومان، شل تون هڪ وار سيتا کي مون سان ملائين!"

پاٺڪن کي انهيءَ درشيه جي گنڀيرتا ۽ دکي ڀاونا جي ڪلپنا ڪرڻ گهرجي. هنومان جي ويرتا، ڀڳتي ۽ سچائيءَ ۾ پورن وشواس رکي، رام هنکي پنهنجي منڊي ڏني ۽ ائين سمجهائين گويا پنهنجو وياڪل هرديه پنهنجي سيوڪ جي ترِيءَ تي رکي رهيو آهي ۽ آدرشي سيوڪ اها پوتر امانت اتينت شرڌا سان سويڪار ڪري درڍتا سان اهو سنڪلپ ڪري رهيو آهي ته پنهنجي سواميءَ کي ڪداچت دکو نه ڏيندس.

سگريو پنهنجي سينا کي حڪم ڏنو: "سيتا کي ڪٿان به ڳولهڻو آهي. فڪر نه آهي هوءَ ڪٿي به لڪايل هجي، اوهين

ي ڇڏيو. باندرن انهيءَ مان اندازو لڳايو تہ ”جتان هي
ءِ هوا اچي ٿي اتي لاشڪ پاڻي هوندو.“ ءِ باندر هڪ
سان ڇنبا ملائي زنجير ٺاهي انهيءَ اونداهيءَ گڦا ۾
تانيءَ سان گهڙي پيا. سندن من آشا سان ڀريل هئو،
ٽيڪ اُسات سبب سندن گلو اهڙو تہ خشڪ ٿي ويو هئو
واز بہ نڪي ڪري سگهيا. آخر اوچتو ئي اوچتو، هنن روشني
ءِ هڪ سندر جهنڊو نظر آين جنهن مان نهر پئي وهي
وي سان ڀرپور وڻ هيٺ ٺمبيل هئا. ان کان پوءِ هو هڪ نگر
تا جنهنجون گهٽيون سون ءِ جواهرن سان جڙيل هيون ءِ
ي جيان سندر شاهي محلات هئا. هو اڳتي وڌيا ءِ پوءِ کين
ءِ پيرسن سنياسڻ نظر آئي جا مرگهہ شالا تي ويٺي هئي.
ي سنياسڻين جهڙا وستر پيل هئا. هنجي مک منڊل جي
اڳيان باندر ڏڪڻ لڳا. هنومان همت ڪري هنجي
هو ويو. اڳيان ڏنڊوت ڪندي، چيائين: ”ماتا، توکي
م. ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ اوهين ڪير آهيو؟ بکايل ءِ اُڃايل
ٽا ڪري اسين گڦا ۾ گهرياسين انهيءَ آشا سان تہ من ڪو
ملي. ءِ اچي هن منشن بنا سوني نگريءَ ۾ پهتا آهيون،
ورڪش ءِ سروور آهن. اسين ٻڇون پيا، متان گهڻي متاڪت
ڪاوت سبب اسانجو مغز هيٺو ٿيو هجي ءِ اسين هي سپن
شن ڏسندا هجون. هي سڀ اسانکي سمجهايو ءِ اسانجو
دور ڪريو.
هن وراڻيو: ”اوهين هن گڦا ۾ ڪيئن اچي پهتا؟ اوهانکي
جام ميوا ءِ پاڻي ملندو. هي محل دانون جي ڪلاڪار،
بنايو هئو. هنکي شڪرآچاريہ وٽان اها ڪلا پراپت ٿي هئي.
”ڪافي سمي تائين مَيَہ همت رهي سک ڀوڳيا. پوءِ اِندر
دشمني ٿيس، جنهن کيس مات ڪيو. پوءِ اِندر هي
ل منهنجي ساهيڙيءَ هيما کي ڏنو. هي محل ماڙيون،
باغيچا هنجا آهن. هنوقت هوءَ ديولوڪ ۾ ويل آهي. پر

ڏکڻ ڏانهن ويو آهي سو پاڇيه وان تو ڏسجي. سيتا کي کڻي ويندڙ راڪشس به ڏکڻ ڏسا ڏانهن ئي ته ويو هئو نه؟ ۽ هنومان اڃا واپس نه موٽيو آهي."

رام اهو ٻڌي پرسن ٿيو ته باندرن وسان کين گهڻايو آهي.

هنومان ۽ انگد ونديه جي گڦائن ۽ جهنگان ۾ گهري پيا. پوءِ هو هڪ رڻ پٽ ۾ پهتا، جتي هڪ رشيءَ وڏي تپ ڪيو. هنجي سراپ سبب اتي ڪو ورکش ۽ ٻوٽو، پکي ۽ پسون رهي نٿي سگهيو. ڏکڻ ڏانهن اڳتي وڌڻ تي هنن هڪ وڏو دئت ڏٺو. هو ڏاڍو اتياچاري هئو. باندرن کي لقمو سمجهندو هئو، سو جهٽ ڏيئي مٿن الر ڪري آيو. هنن اول ته ائين سمجهيو ته هو راوڻ ئي هوندو.

انگد هن ڏانهن وڌيو ۽ کيس پر ڪري زوردار ڌڪ هڻي ڪيڏيائين. دئت اهو ڌڪ سهي نه سگهيو ۽ رت ڳاڙيندو زمين تي اِئين ڪريو جيئن ڪو پهاڙ ليٽي پوي. هنن راوڻ کي مئل سمجهي خوشي ڪئي. باندر پوءِ بن ۾ سيتا کي ڳولهڻ لڳا. پر اتي هنجو ڪو پتونشان نه هئو. انڪري هنن ٻئي هنڌ ڳولها شروع ڪئي.

اڪثري هو نراشا سبب ٿڪجي ماندا ٿي ڪنهن هنڌ ويهي رهندا هئا. اهڙي وقت انگد، گندمادن يا ٻيو ڪو اڳوان کين همٿائي ڳولها جاري رکڻ لاءِ اتساهت ڪندو هئو. ان ريت ڪيترا ڏينهن گذري ويا، ته به سيتا جو ڪو پتو نه پيو ۽ کين سگريو جي رنج جو ڀؤ پئي ٿيو.

پنهنجي ڳولها ۾ هو ڏکڻ دشا ڏي بلڪل پري نڪري ويا.

هڪ بيابان مان لنگهندي کين اُڃ ۽ بک وياڪل ڪري رهي هئي جنهنڪري بيهوشي پئي آين. ايتري ۾ هنن هڪ گڦا ڏٺي جنهن مان پانت پانت جا پکي خوشيءَ وچان نڪندا باهر پئي نڪتا. ان مان نڪوندڙ جهيڻي هير مٿان ڪمل گلن جي ڳپ ورڪا ڪئي ۽ کين پنهنجي مهڪ سان

جي ڪنهن سماچار ڪانسواءِ ڪشڪند ڏانهن واپس وينداسين
جا اوس موت جي سزا ڏيندو. هو مونکي ڏکاري ٿو.
ي چؤ چاؤ ٿي ئي هن مونکي يوراج بنائڻ سويڪار ڪيو هو.
نکي مون لاءِ ڪو پيار ڪونهي. اتي واپس هلي جان وڃائڻ
ن، اسان کي هت ئي هاڻ، اُپواس رکي موت جي راهه
ڻا گهرجي." هنجا ڪيترا متر انگد سان سهمت ٿيا.
باندرن جي مهندار تارڪ چيو: "مان شامل راءِ نه آهيان. اسين
نجي جان ڇو گنوايون؟ هلو ته گڦا ۾ واپس هلي، تپسوني
ر پريا وت آنند ۾ رهون. اُتي سڀ ڪجهه جهجهوئي ميسر
. نه سگريو، ۽ نه وري ٻيو ڪوئي اُتي پهچي سگهندو.
ن پنهنجي باقي حياتي جا ڏهاڙا بنا ڪنهن چنتا جي
ي سگهنداسين."
پر هنومان چيو: "هيءَ ڪهڙو ناشانائتو واد وواد آهي.
نجا ڪتنب ڏورانهين ڏيهه ڪشڪند ۾ ڇڏي، گڦا ۾
ب ڪائڻ پيئڻ ۽ آرام ڪرڻ ۾ ڪهڙو آنند ايندو؟ سگريو
ڪ نيڪ راجا آهي، جنهن کان ڀڄڻ نه گهرجي. ۽ جيڪڏهن
ڦ پڇ سگريو اسان تي ناراض آهي ۽ اسان کي سيکت ڏيڻ جي
ڪئي اٿس ته پوءِ هيءَ گڦا اسان کي ڪهڙو بچاءُ ڏيندي؟
ڪٿن لڪشمڻ جي اڳيان ست جهلي سگهندي؟ هو
يين چُور چُور ڪري اسانکي پورو ڪري ڇڏيندو؟ تارڪ
ي صلاح مان مونکي ڪوبه لاڀ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هلو ته واپس
ي سگريو کي سموري سچي ڳالهه ٻڌايون ۽ ڪميا ڪرڻ لاءِ
رٿنا ڪريون. اهوئي بچاو جو هڪ وسيلو آهي."
انگد چيو: "مان هنومان سان شامل راءِ نه آهيان. سگريو
ي مون لاءِ نه پيار آهي، نه ديا. هو پڪ ئي پڪ مونکي مارائيندو.
ر ڪنور سپاءَ جو آهي. ياد نه اٿو ته منهنجي پيءُ کي هن
ڪٿن مارايو. هو نٿو چاهي ته مان جيئرو رهان. مونکي مارڻ
ءِ هڪ نه ٻيو بهانو ڳولهيندو. هو مون کي پنهنجي راهه ۾

اوهين کهڙيءَ منشا سان هت آيا آهيو؟ ٻنن ۾ پنکي پاڻکي ڇو ٿڪايو اٿو؟ اَول ڪجهہ کائو، پاڻي پيئو ۽ تن تازو ڪريو پوءِ مونکي، پنهنجو سمورو سماچار سڻايو.“

هنن کائي پي ساهي پٽي ۽ ڏاڍو پرسن ٿيا. ان کان پوءِ هنومان کيس پنهنجي ڀٽڪڻ جو ڪارڻ ورنن ڪري ٻڌايو.

هن چيو، ”راجا دسرٿ جو پٽ رام، ڪن سببن ڪري پنهنجي راڄڌاني ڇڏي ڀاءُ ۽ اِستريءَ سميت اچي ٻن ۾ رهيو، جتان هڪ راڪشس، رام جي اِستريءَ سيتا کي کڻي ويو. ٻئي ڀائر هنکي ڳولهڻ لاءِ نڪتا. هننجي، باندرن جي راجا سگريو سان ڏيٺ ويٺ ٿي ۽ هنجا متر بڻيا. هن ئي اسانکي سيتا جي ڳولها ڪرڻ لاءِ هن پاسي موڪليو آهي، اسانجي راجا مدو مقرر ڪيو هئو جنهن اندر اسانکي سماچار هٿ ڪري واپس موٽڻو هئو. هن گفا جي اندڪار ۾ اسين راهہ ڀلجي وياسين ۽ مقرر وقت پورو ٿي چڪو آهي. اسانکي هاڻ سڌ ئي نٿي پوي تہ ڇا ڪريون. سگريو هڪ ڪرڙو راجا آهي. مقرر وقت اندر سندس آگيا جو پالن نہ ڪرڻ سبب، اسانکي پڪ آهي تہ هو موت جي سزا ڏيندو.“

انهيءَ تي ان سنياسڻ جنهنجو نالو سويم پرڀا هو، تنهن چيو: ”هاءِ هاءِ! اوهين هن گفا مان پنهنجي سر ٻاهر وڃي ڪين سگهندا. ڪو بہ ڏاريو منش جيڪڏهين هن گفا ۾ داخل ٿئي ٿو تہ هتان جيئرو واپس نٿو وڃي. پر اوهين ڪنهن مهان ڪاريہ ۾ لڳل آهيو. انڪري پنهنجي تپسيا جي دواران مان اوهانکي ٻاهر ٿي موڪليان. هاڻ اکيون بند ڪريو.“

هنن اکيون بند ڪيون. پوءِ پاڻکي هڪدم سمندر جي ڪناري تي ڏٺائون.

ساگر ڪناري تي پهچندي ئي هنن چؤطرف نهاريو ۽ ڏسي عجب لڳن تہ بسنت رت شروع ٿي چڪي هئي. انگد ڏک وچان چيو: ”هاءِ هاءِ! مليل سمو لتاڙي چڪا آهيون. جيڪڏهن



THE GITA PRESS, GORAKHPUR.

پون پتر ھنومان

ڪندو تو سمجهي ۽ سمجهي ٿو ته منهنجي هوندي سندس اولاد ڪشڪنڌ جو وارث نه ٿي سگهندو. انجام نوڙڻ ته هن لاءِ رواجي ڳالهه آهي. رام سان ڪين انجام ڪيو هئائين ته سيتا کي ڳولهي هٿ ڪندس، پر پوءِ ڪٿان اهو انجام وساري ڇڏيائين؟ لڪشمڻ ۽ هنجي ڌنش جي ڊپ کان ئي ته اسانکي هن ڳولها لاءِ موڪليو اٿائين. منهنجي منڙي ماتا به ڊپ وچان آڻ مڃڻ ۽ سگريو جي شرط قبولي آهي. مون کاتر هوءَ حياتيءَ کي ڇهڻي پيئي آهي. منهنجي موت جو ٻڌي، هوءَ پنهنجو انت آڻيندي. هاءِ هاءِ! مان دکي ۽ پريشان آهيان، مونکي سمجهيئي نٿو ته ڪريان سو ڪريان ڇا؟"

هن وري چيو: "جيڪڏهن مان ڪشڪنڌ ڏانهن موٽندس ته منهنجو مؤت اڻ ٽرو آهي. انهيءَ کان بهتر آهي ته هتئي مري وڃان."

هن پوءِ ڌرتيءَ تي ڊب وڇايا، جهڙيءَ ريت مرتيو سنڪلپ لاءِ شاسترن ۾ رتيل آهي. هن پوءِ ديوتائن ۽ پترن کي نمسڪار ڪئي ۽ پورب ڏانهن منهن ڪري من ۾ مرتيو جو سنڪلپ ڌاري ويهي رهيو.

يوراج انگد کي هن ريت مرتيو آسن لڳائي ويٺل ڏسي، ٻيا باندر به ڏک وچان کيڪون ڪرڻ لڳا ۽ هو به هن جيان اوير پاسي منهن ڪري مرتيو سنڪلپ ڌاري ويهي ويا.

پر واري پهاڙ تان ڳجهن جي راجا سمپاتيءَ، هنن باندرن جي جهنڊ کي، اُن ريت پاڳه تي پاڙيندو ڏٺو. هنجا پر ٽٽي چڪا هئا ۽ چري به نٿي سگهيو، جنهن سبب ڪيتري وقت کان بکايل هئو. هيترن سارن باندرن کي ان ريت ويٺل ڏسي، پاڻمرادو چوڻ لڳو، "هيترا باندر هت هڪ ئي وقت مرندا. مونکي گهڻي وقت لاءِ بنا ڪنهن اُدم ڪرڻ جي جهجهوئي کاڌو ملندو."

اُن وچم باندر مؤت جو اوسڙو ڪندي گڏريل ڳالهين

ت پاڻ ۾ چرچا ڪرڻ لڳا ۽ جيڪي ٿي گذريو هو، تنهن
ت وڏي واڪي اَرمان پيا ڪاڍائون. هنن چيو: ”ڪئڪئي ۽
ٿر دشرٿ جو ديهانت ٿيو. دشرٿ ڪاٿر، رام کي بن
ڏو پيو. راوڻ سيتا کي کڻي ويو. وير جٽايُو سيتا کي
ئيندي جان وڃائي. جيڪڏهن سور وير جٽايُو ڪجھ وڏيڪ
ي لاءِ راوڻ سان جنگ جوٽي ها ته رام ۽ لڪشمڻ به اچي
ڇن ها ۽ سيتا کي هٿ ڪن ها. ورڌاتا جي ليک موجب ئي
، سڀ ڪجھ ٿيو ۽ هن ڪهاڻيءَ جو انت اهو آهي ته هاڻ
بن به هت مري رهيا آهيون. ڀاوي جو چڪر ڪهڙي نه
ٽر نموني هلي ٿو!“
هيءَ وارتا ٻڌي، سمپاتي جڏهن پنهنجي ڀاءُ جٽايو جو نالو
يو، تڏهن وٺي ڇرڪ ڀريائين. ۽ سپاويڪ پنهنجي ڀاءُ جي
يوءَ بابت وڌيڪ ڪجھ ٻڌڻ چاهيائين.
سمپاتي تمام ٻڍو هو. هو ۽ جٽايو اَرڻ جا پٽر هئا. اَرڻ
ي پرڀات جو ديوتا ۽ گرڙ جو ڀاءُ. گرڙ ڀڳوان وشنوءَ (هريءَ) جو
ت آهي. ننڍي هوندي سمپاتي ۽ جٽايو هڪ ٻئي سان
ط ڀڄائيندا هئا ته ڪير ٿو ڪيترو مٿي آسمان ۾ اُڏامي.
جيئن سوريه جي ويجھو پهتا ته تپت سبب جٽايو ڏري
ت جلڻ لڳو. پر سمپاتيءَ پنهنجا پک پکيڙي جٽايوءَ کي،
ريه جي تابش کان بچايو. جٽايو سو بچي ويو، پر سمپاتيءَ جا
جلي ويا. کنڀن جي جلي وڃڻ ڪري هو اُڏامي نه سگهيو
هيٺ اچي پهاڙ تي ڪريو. ان ڪانپوءِ هو چري نه سگهيو
اُتيئي ٻکن ۾ پاه ٿيندي حياتيءَ جا ڏهاڙا ڪاٽڻ لڳو.
دک وچان هن رڙ ڪري چيو، ”منهنجي پياري ڀاءُ جٽايوءَ
سڌ سماچار ڪنهن آندي آهي؟ اڙي! پيارا باندرو، ڇا
ڄ پيچ منهنجو پيارو جٽايو مري چڪو آهي؟ راجا دشرٿ
پٽ رام بن ۾ ڇو آيو؟ هن استري ڇو وڃائي؟ جٽايوءَ
، راوڻ ماريو ڇا؟ اهو سڀ مون کي وستار سان ٻڌايو.“

صلي تي راڪشسن جي ملڪ ۾ بانڌ آهي. پر ائين واجب
ڻو ته هو ته ٻئي کان بدل سماچار کڻي سگريو وٽ يڪدم
تي وڃجي. مقرر ٽيل وقت کان هو گهڻو وڌيڪ سمون
ائي چڪا هئا. سزا کان بچڻ لاءِ ضرور هو ته هو شاندار
رپ همٿ ڪن. تيستين هو پنهنجي ڳولها بند ڪرڻ لاءِ تيار
هئا جيستين جيڪي سمپاتيءَ کين ٻڌايو هو، سو هو پنهنجي
ڻين نه ڏسن. ائين ڪرڻ سان ئي هو رام جو ڪم پورو
ڪري سگهندا.

پر هاڻي کين سمنڊ پار ڪرڻو هو.

هو سمنڊ جي ڪناري تي ويهي ڳالهين جو ويچار ڪرڻ
لڳا: "اسين سمنڊ ڪيئن پار ڪنداسين؟ اسين لنڪا ۾ ڪيئن
وينداسين؟" اهڙيون چنتائون ۽ ڀؤ سندن من کي ستائي
رهيا هئا.

انگد چيو، "ڪهڙو به ڏکيو ڪم هجي، اسانکي همٿ هارڻ
گهرجي. همٿ سان ئي سڦلتا ملندي آهي. دل لوڙهڻ
جو ارٿ آهي سڀ ڪجهه گنوائڻ."

پوءِ هن پنهنجي هرهڪ پوئلڳ کي چيو ته نيڪ ٻڌاءِ
تون وڌي ۾ وڌو ڪيترو ٽپو ڏئي سگهندين.

هن چيو: "اي وانر يوڌو! سگريو کان مون اوهانجي ٻل
بابت گهڻو ڪجهه ٻڌو آهي. اوهانجو ٻل ۽ همت بابت به رايا
ڪونه تي سگهندا. اسانکي هيءُ ڪم پورو ڪرڻ گهرجي. سيتا
ي ڏسڻ کانسواءِ اسان ڪشڪند ڌانهن موٽي ڪونه سگهنداسين.
ها پڪ آهي. اسان جو نرادر ڪري اسانکي ماريو وڃي
نهن کان بهتر آهي ته اسين هت مري وڃون. تنهن ڪري
ڙهان مان هڪ ڪري مونکي ٻڌائي ته هو وڌي ۾ وڌو
ڪيترو ٽپ ڏئي سگهندو؟"

گج نمرتا سان چيو: "مان ڏهن يوجنن تائين ٽپو ڏئي
سگهندس." هڪ ٻئي وانر نيتا ٽيهن يوجنن جي هام هنئين.

باندرن مرڻ جو نشچيه ڪيو هئو. پرن هيڻ سمپاتيءَ سندن ماس کائڻ جو ڀه ڀڃايو هئو. پر هينئر ته ڳالهه ئي اوُر ٿي ويئي. باندر اُٿي کڙا ٿيا. سمپاتيءَ وٽ ويا ۽ کيس آهستي آهستي جبل تان هيٺ لاٿائون. پوءِ پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪيائون ۽ سارو سماچار هڪ ٻئي کي سڻايائون. سمپاتيءَ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌاين. انگد وري ڪشڪند جو سمورو ورتانت ٻڌايو ۽ ٻيڙي سمپاتيءَ کان پڇيائين ته رام جي ڪيئن مدد ڪجي. سمپاتي ڀيرسن ۽ نستو هئو پر سندس اکين جي جوت جهڪي نه ٿي هئي. هو پريان پريان سڀ ڪجهه ڏسي ٿي سگهيو. هن ڏٺو ته سيتا لنڪا ۾ باند آهي، ۽ هن وچوروار نموني راوڻ جي راڄ جي مهما سيني کي ورنن ڪري ٻڌائي. هو اهو به ڏسي ٿي سگهيو ته سيتا جي آس پاس ڪيئن نه راڪشسڻيون گهيرو ڪيو ويٺيون آهن.

هي سماچار سڻي باندر خوشيءَ وچان ٽپا ڏيڻ لڳا. نچندي نچندي چوڻ لڳا: ”هاڻ اسانکي سمورو سماچار ملي ويو. اسانکي هاڻ مرڻ جو ضرور ڪونهي. رام جي منشا پوري ٿيندي.“

سمپاتيءَ جو ڪشٽ به دور ٿيو. هنکي جو وردان مليل هئو ته جڏهين رام جي سهايتا ڪندين تڏهين تنهنجا پر وري ڄمندا، سو هاڻ سڌ ٿيو. هو جيئن ئي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، تيئن هنکي نوان ننڍڙا پر ڄمڻ لڳا. سمپاتي نئين سر جوان جماڻ ٿي پيو ۽ جٽايوءَ جو ڪريا ڪرم ڪري پرسن ٿيو.

اڌياءُ ٤٧

پون پٽر هنومان

سمپاتيءَ وانرن کي ٻڌايو ته سيتا سمنڊ پار سؤ يوجنن جي

اتي لڪين اداسي وانر وينا هئا. اهڙيءَ ريت جڻ سڀ
ي سگهن، جامبوان هنومان کان هيئن پڇيو: ”اي وير پرش،
سڀني وديائن جا ڄاڻون، تون ٻين کان پري ڇو ٿي وينو
ين؟ تون ڳالهائين ڇو نه ٿو؟ تون مهاراجا سگريو جو مٽ
ين. نه آهين ڇا؟ تنهنجي شڪتي، تنهنجو اوج، تنهنجو
ع اسان سڀني کان سرس ڪونه آهي ڇا؟ تون خود رام ۽
ڪشمڻ جو مٽ ڪونه آهين ڇا؟ مون ڏٺو آهي ته پکين جو
ا گرڙ پنهنجي پرن جي وسيلي سمنڊ پار ڪري ويندو
ي. تنهنجي ڪلهن ۾ اهڙي ئي شڪتي آهي جهڙي گرڙ
ن پرن ۾ ٿيندي آهي. ٻل ۽ تڪ سان هلڻ ۾ تون ونت
کان گهٽ ڪونه آهين. توکي پنهنجي شڪتيءَ ۽ تيز ٻڌي
پوري ڄاڻ ڪونه آهي. ساريءَ پرٿويءَ تي ڪوبه منش
ڙو ڪونه آهي جيڪو توسان برمچي سگهي. تنهنجي ماءُ،
جنا، سرڳ لوڪ جي ديوين ۾ هڪ ڪنواري ڪنيا هئي.
نهن رشيءَ جي سراپ ڪري هوءَ وانريءَ جي روپ ۾ سنسار
پيدا ٿي. هڪ ڏينهن هوءَ بنا اون جي ڪنهن ٻهاڙيءَ جي
ه تي گهمي رهي هئي. وايو ديوتا سندس سندرتا کي ڏسي
س موهت ٿي پيو ۽ کيس گلي لڳايائين. انهيءَ تي انجنا کي
اوڙ لڳي. ڪروڌ ۾ هن چيو: ”اي پاپي جيو، تون ڪير
ين؟ منهنجو هن ريت اپمان ڇو ٿو ڪرين؟“ انهيءَ تي
يو ديو چيو، ”مون مان ناراض ڪونه ٿيءُ. منهنجي ڇهڻ ڪري
هنجي شرير کي ڪو دوش ڪونه لڳندو، نڪي تنهنجي
ڪنواري پڻي جي پوترتائيءَ ۾ ڪا ڪمي ايندي. مان شرير جي
واران نه، پر پنهنجي هردي جي پريم جي دواران توکي گلي
ڳايو آهي. هن آڪاشي ميلاپ مان توکي اهڙو پٽر پيدا ٿيندو،
يڪو شڪتي ۽ پراڪرم ۾ منهنجي برابر ٿيندو. وانرن ۾
و سڀني کان وڌيڪ ٻلوان ۽ ٻڌيوان ٿيندو.“ اهي شبد چئي
ايو ديوتا انجنا کي سرچايو.

اِئين هرهڪ ٻئي کان وڌيڪ مفاصلو ٻڌائيندو ويو. انت
۾ وڏي ٻڍي جامبوان هن ريت ڳالهايو:
”مان هاڻي ٻڍو ۽ ناتوان آهيان. اُنهيءَ هوندي به راجا
جي آگيا پوري ڪرڻ لاءِ مان پاڻ کي خوشيءَ سان اُنهيءَ
ڪم ۾ لڳائي ڇڏيندس. پر جيڪڏهن شڪتي ساڻ نه هوندي
ته ڍڳو ڍڳتيءَ سان ڪهڙو پريوجن سڌ ٿيندو؟ مان سمجهان ٿو
ته مان نوي يوجن پورا ڪري سگهندس. پر سمنڊ کي پار
ڪري لنڪا کي پهچڻ لاءِ اهو انگ پورو ڪونه آهي. مونکي
اُرمان اُنهيءَ ڳالهه جو آهي جو منهنجي جواني ختم ٿي
چڪي آهي.“
يوراج پاڻ هن ريت ٻوليو: ”مان سؤ يوجن ٽپي لنڪا ۾
پهچي سگهندس. مونکي ذرو به سنديھ ڪونه آهي. پر مونکي
ڄاڻ نه آهي ته اُنهيءَ کان پوءِ اوتروئي بيو ٽپو ڏيئي موٽي
اچڻ جي شڪتي مون ۾ هوندي يا نه.“
جامبوان وراڻيو: ”اي راجڪمار، توکي پنهنجي شڪتيءَ
جي سنبنڌ ۾ سنديھ ڪرڻ نه گهرجي. تو ۾ ايتري شڪتي
آهي جيتري باليءَ ۾ هئي. اُنهيءَ هوندي به اِئين واجب
ڪونه آهي ته خود يوراج پاڻ هيءُ جوکم جو ڪم ڪري جڏهن
ٻيا سندس آگيا هيٺ اُنهيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪيا ٽڪيا آهن.
راجا لاءِ اهو ڪم ڪرڻ نڪي سلامتيءَ جي خيال کان ٺيڪ
آهي، نڪي راجنيتي مدبري جي خيال کان يوڳيه آهي.“
پوءِ هن هنومان ڏانهن نظر ڦيرائي جنهن مان اٿاهه شڪتيءَ
جلڪا پئي ڏنا. هنومان سمورو وقت هڪ پاسي ويهي چپ
چاپ سڀ ٻڌندو ٿي رهيو؛ هن پاڻ هڪ اکر به نه ڪڇيو.
ٻڍي وانر چيو: ”مان سمجهان ٿو ته وايو پتر جيڪو اِتي
چپ چاپ ويٺو آهي، سوئي پنهنجي بل ۽ هوشياريءَ ڪري
سنئي ۾ سنئيءَ ريت اهو ڪم ڪري سگهندو.“ اِئين چئي هو
هنومان جي پاسي ويو ۽ کيس سڀني جي وچ آڻي وهاريائين.

ن سندن آگيا انوسار مان چئني دشائن مان جڙيون ٻوٽيون آيو هوس. پر هن وقت مان ٻيو ۽ نربل ٿي ويو آهيان. ٻوانرن جي آس رڳو تو ۾ آهي.

”او انجنا پتر، اي سريشٽ پرش! اسين توکي آرادنا ٿا يون. توکي وڏن وڏان ايشوري شڪتي پراپت ٿي آهي. ي وڏ يڪ ٻل نه وجهه. پنهنجي سڄي ٻڌي شڪتيءَ کي ياڻ ۽ اڳتي وڌ. ٽروڪرم جيان، تون هڪ ٽپ سان سمنڊ کري سگهندين. اِئين ڪر ۽ اسان جا ڪشٽ ڪليش م ڪر.“

اهڙيءَ ريت ٻڌي جامبوان هنومان جي ساراهه ڪري س سندس ٻل جي سمرتي ڪرائي ۽ سندس ستل اتساهه جاڳايو. جئن وڏيءَ وير جي ويلي سمنڊ وڌندو آهي، ن هنومان جو قد يڪدم وڌي ويو. وانرن جي ڏسندي سندي پون پتر جي ڏيگهه وڌي ويئي. سندس شرير جي تي ڏسي انگد ۽ سندس ساٿي آنند ۽ اچرج ۾ اچي ويا.

هتان کان وٺي راماين جو سورمو هنومان ئي آهي. وشنوءَ يڳت پريم وچان، هنومان کي ’هريءَ جو چوٿو نوڪر‘ ري کوٺيندا آهن. سندس وڏو نوڪر آهي گرڙ جيڪو نداءِ ساڻس گڏ رهندو آهي.

ڪئن هريءَ جي هن نئڀي نوڪر سيتا جي دک جو انت ندو، ڪئن هن راوڻ جي نگر کي آگ لڳائي ۽ ڪئن پوءِ هن وان وٽ موٽي اچي چيو: ”مون سيتا کي لڌو آهي“— اسين و هاڻي ڏيکاريندا سين.

جامبوان هنومان کي سندس ٻل جي يادگيري ڏياري ۽ ن پوءِ سنڪلپ ڪيو ته مان رام جو ڪارج اوس سڌ ڪندس. ساهه ۾ ڀرجي هن پنهنجي وشواس جو هئن ورنن ڪيو:

”شال تنهنجا وچن سچا سڌ ٿين. مونکي ڪوبه سند يهه نه هي ته آڪاش مان اڏامي، لنڪا ۾ لهي مان جانڪيءَ کي

”اي هنومان، جڏهن تون ننڍو ٻالڪ هئين تڏهن اڀرندڙ سورج کي ڦل سمجهي، اُن کي پٽڻ لاءِ انجي پاسي اُڏامي وئين. تون جو اُنهيءَ ريت ٻنا ٻ پ ڏاءُ ۽ خاص ڪوشش ڪرڻ ٻنا سورج جي پاسي اُڏامي رهيو هئين، اُنهيءَ ڳالهه کي ڏسي ديوتائن جي راجا اِندر کي اڇي سورج جي سلامتيءَ جي اون لڳي. اُنهيءَ ڪري هن پنهنجو ٻجر تو ڏانهن اُڇلايو. اُنهيءَ جي لڳڻ ڪري تون هڪ پهاڙ تي ڪري پئين ۽ تنهنجي سڄي پاسي واري ڏاڙ ڀڄي پيئي. اُنهيءَ تي تنهنجي پتا وايو ديوتا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هو پنهنجي سموري هلچل بند ڪري چپ ڪري ويهي رهيو. اُنهيءَ ڪري سڀ جيو ڏاري ساهه کڻڻ کان رهجي ويا. سڀني ديوتائن تنهنجي پتا وايوءَ کي پنهنجو ڪروڌ ڇڏي ڏيڻ لاءِ آراڌنا ڪئي ۽ توتي آشيرواد جي ورکا ڪئي. برهما ۽ اِندر توکي وردان ڏنا. توکي ڪو بہ هٿيار ماري ڪونہ سگهندو. موت تو وٽ تڏهن اچي سگهندو جڏهن تون ائين چاهيندين. ٻئي ڪنهن وقت تو وٽ ڪونہ ايندو. تون امر آهين. تون انجنا جي ڪک مان وايو ديوتا جي آتما دواران پئدا ٿيو آهين. تون تيج ۽ اوج، ٻل ۽ پراڪرم، ٻڌي ۽ چترائيءَ ۾ پنهنجي پتا جي تل آهين.

”تو ۾ ايتري شڪتي هوندي بہ، تون ڌرمشت ۽ حياءَ وارو آهين. تون ئي رگهو اسانکي رام جو ڪارج سڌ ڪرڻ ۾ سهايتا ڏيئي سگهندين. سمندر کي پار ڪرڻ تنهنجي لاءِ ڏکيو ڪم ڪونہ آهي. هيءَ وانرن جي سينا نراش جي سمندر ۾ غوطا کائي رهي آهي. توکي گهرجي تہ تون ان کي بچائين. تون سمنڊ پار ڪري سگهين ٿو. اُنهيءَ ڪري تون پنهنجي شڪتي ڪم ۾ آڻڻ کان نہ گس.

”پنهنجو قد وڌاءِ. تون گرڙ جي مت آهين. ڪنهن سمي مان بہ تو جهڙو ٻلوان هوس ۽ اُنهيءَ وقت مون ايڪيهہ وار پرٿوي لتاڙي هئي. جڏهن ديوتائن سمندر جو منٿن ٿي ڪيو،



THE GITA PRESS GORAKHPUR

هنومان جو ناگ-ڪنيا سرس جي مک مان نڪرڻ

وڃي ڏسندس. مان موٽي اچي اوهانکي شُپ سماچار ڏيندس.
ٽپ ڏيڻ لاءِ مونکي پنهنجو پير زور سان ڌرتيءَ تي کوڙڻ
گهرجي. هيءَ ٽڪري شايد اهو زور سهي سگهي،" ائين چئي
هوُ مهيندر ٽڪريءَ تي چڙهي ويو.

اُتي هن پنهنجي سموري شڪتي ڪري پنهنجي پيرن
۾ گڏ ڪئي ۽ ٻه ٽي قدم هليو. پهاڙ جا جيو اهو ٻل سهي
نه سگهيا.

پهاڙ تي بيهي هنومان سمنڊ ڏانهن نهاريو ۽ يوگ دوارا
پنهنجي من کي ايڪاگر ڪري اُنکي لنڪا جي دشا ۾ ٻوڙايو.
هن دل ۾ چيو، "مان سيتا کي ڳولهي لهندس. مان آڪاش
۾ اُڏامندس ۽ سمنڊ کي پار ڪندس."

اُهو سنڪلپ ڪري هن سورج نارايڻ، اِندر، وايوءَ، برهما
۽ سموري سرشٽيءَ کي آراڌنا ڪئي. پوءِ پورب دشا ڏانهن
نهاري هن پنهنجي پتا وايوُ ديوتا کي نمسڪار ڪيو. پوءِ
پنهن جو شرير اچا وڌائي ڏکڻ ڏانهن منهن وراياءِ.

هن پهاڙ تي پنهنجي پيرن سان دٻاءُ وڌو ۽ پنهنجي هٿن
سان اُن کي ڌڪ هنيا. اُنهيءَ چوٽ جي ڪري وڻن مان
گل ڇڻي پيا. پهاڙ انهن سان ڍڪجي پيو. جيئن هاٿيءَ
جي ڳلن تي وهڻ جي رتوءَ ۾ پگهر ايندو آهي، تيئن هنومان
جي پير جي دٻاوَ هيٺ زور سان دٻجڻ ڪري پهاڙ مان پاڻيءَ
جا چشما ڦٽي نڪتا. انهيءَ ٽڪريءَ جي پٿر ۾ رنگ برنگي
ڪچي ڌاتوءَ جون لڪيرون پڻ ٽڪري نروار ٿيون. هيٺ ڳفائن
۾ جيڪي جانور هئا، سي ڀؤ جي ڪري رڙيون ڪندا ٻاهر
نڪتا. ڦڻ وارن نانگن زهر اُڇلائيندي ٽڪر کي ڏنگ هنيا
۽ ڇڻگون اُڏامڻ لڳيون.

هنومان جي شرير جا وار ڪڙا ٿي بيٺا. هن گجگوڙ ڪئي
۽ پنهنجو پڇ زور سان ڌرتيءَ تي هنيو. هن پنهنجي پٺين ڌڙ
کي سوڙهو ڪيو، پنهنجي ساهه کي روڪيو، پنهنجي پيرن

کي هيٺ دٻايو، پنهنجا ڪن وڌائي پنهنجي پُڇ کي اندر ڇڪيو. پوءِ اهڙي گجگوڙ ڪيائين جو اڳيئي سڀ ملي ڇڪي اٿس. آڪاش ۾ چڙهي گرڙ جيان اهڙو تيز اُڏاميو جيئن رام جو ٻاڻ اُڏامندو آهي. سندس رفتار جي تيزيءَ ڪري ڪيترا وڻ پاڙون پٽجي پيا ۽ هنجي پٺيان اُڏامڻ لڳا. جيئن ڪي مِتر مسافريءَ تي ويندڙ مهمان کي ٿوري پنڌ تائين ڇڏڻ ويندا آهن، تيئن هي ٻرڪش به ٿورو هنومان جي ڪِڍ هليا ۽ پوءِ ڪري پيا، هلندي هو پنهنجي گُلن جي ورکا ڪندا ويا. جيڪي وڻ هنومان جي ڪِڍ لڳا هئا، سي هڪ هڪ ڪري سمنڊ ۾ ڪري پيا، جيئن ڪنهن اڳين يُڳ ۾ اهي پهاڙ جن جي اندر ڪِڍ پيو هو، سي پنهنجا پر ڇڏي، ڪريا هئا. سمنڊ ۾ چمڪندڙ رنگن وارا گل ڪريا هئا، انهيءَ ڪري سمنڊ ائين ٿي ڀاسيو جيئن تارن ڀريل آسمان ڀاسندو آهي. جنهن وقت هنومان آسمان مان اُڏامندو ٿي ويو، تنهن وقت هنومان جا هٿ ڦهليل هئا. انهيءَ ڪري سندس ٻانهون پنجن سرن وارن ڪاريهڙ نانگن جيان ٿي لڳيون. سندس اکيون ائين چمڪي رهيون هيون جيئن ڪو آگ لڳل پهاڙ ٻيلو چمڪندو آهي. سندس ڳاڙهو نڪ لهندڙ سورج جيان چمڪي رهيو هو. سندس ڀاري شرير آسمان کي اِئين پار ڪندو ٿي ويو جيئن ڪو وڏو پڇڙ تارو هلندو آهي. جيئن هو تيز تيز اُڏاميو ٿي تيئن هوا ۾ گجگوڙ ٿي ٿي. هنومان جو پاڇو سندس هيٺان ائين ٿي هليو جيئن سمنڊ تي جهاز هلندا آهن. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته ڪو ڪنهن سان مهاڀاري پربت اُڏامي رهيو هو. ڪنهن وقت بادلن هنومان کي ڍڪي ٿي ڇڏيو؛ وري هو انهن مان نڪري ٿي آيو. جنهن وقت هنومان بادلن کان ٻاهر ٿي آيو، تنهن وقت ائين ٿي ڀاسيو ته چندرما آڪاش ۾ هلي رهيو آهي. گندروَن مٿس گُلن جي ورکا ڪئي ۽ ديو رشين کيس آشيرواد ڏني.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ، وري هڪ مهاپاري جيوَ سندس رستو روڪي بيهي رهيو. انهيءَ جيو هنومان کي چيو، "منهنجي مک ۾ گهڙي وڃ. مونکي گهڻي وقت کان کاڌو ڪونه مليو آهي. مان انتظاريءَ سان تنهنجي لاءِ ترسيو ويٺو آهيان." ائين چئي هن راڪشس پنهنجو وات کوليو. سندس وات ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ڄڻڪ ڪا وڏي گفا هجي.

هنومان وراڻيو: "مون رام جي ڪم پوري ڪرڻ جو دريڍ سنڪلپ ڪيو آهي. مونکي روڪ نه."

راڪشس وراڻي ڏني، "اِها اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. توکي منهنجي مک اَندر ضرور وڃڻو پوندو."

هنومان سيگهه ۾ پنهنجي ٻڌي هلائي ٺيڪ قدم جو نرڻو ڪيو. هوُ هوُري پنهن جي شرير کي وڌائيندو ويو. جئَن جئَن هنومان پنهنجي شرير کي وڌايو، تئَن تئَن راڪشس (جو سچ پچ ته ناگ ڪنيا سرس هئي) ٻه پنهنجو وات ويو وڌيڪ ۽ وڌيڪ وڏيرو ڪندو. جڏهن راڪشس پنهنجي مک کي حد تاءِوڌائي بيٺو تڏهن هنومان پنهنجو روپ بدلايو. سندس شرير هڪ ترجيترو سوکيم ٿي پيو. سو تير وانگر ڇڻندو راڪشس جي وات ۾ وڃي، وري ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر اچڻ ڪانپوءِ پنهنجو اصلوڪو روپ ڌارڻ ڪياءِ.

ٻاهر نڪري هنومان ڪليندي چيو: "ماتا! مان تنهنجي اِڇا پورڻ ڪئي. مان تنهنجي وات ۾ گهڙي ويس. توکي وڌيڪ ڇا گهرجي؟"

ناگ ديوي کيس هن پرڪار آشيرواد ڏني، "تنهنجا لايا سڄا پيا ٿيندا. تنهنجي پريکيا وٺڻ لاءِ مونکي ديوتائن ائين ڪرڻ جي آگيا ڏني هئي. جيڪو رام جو ڪم تون ڪرڻ وڃين ٿو تنهن ۾ تون ضرور سڦل ٿيندين."

هنومان جي هيءَ آنتم پريکيا ڪونه هئي. جئَن هو آڪاش مان اڏامندو ٿي ويو تئَن اوچتو سندس هاڻ ۾ رڪاوٽ اچي

رستي ۾ جيڪي به رڪاوٽون آيس ٿي، تن سڀني مان هنومان پار پوندو ٿي ويو. هر اوسر آنوسار همت، دور انديشيءَ، هوشياريءَ ۽ پڪي ارادي کان هن ڪم ورتو. هڪ وار هڪ وڏو پربت سمنڊ مان نڪري مٿي چڙهي سندس رستو روڪي بيٺو. هنومان هن پربت کي پنهنجي ڇاتيءَ سان ڌڪ هنيو. انهيءَ ڪري هي منڪا پهاڙ ائين نمي پيو جئين هوا لڳڻ ڪري ڪو بادل جهڪي پوي.

پربت چيو، "اي منهنجا پٽ، مان منڪا پربت آهيان. دياوان سمنڊ مونکي آگيا ڪئي ته مان راجا سگر جي ونش ۾ اتپن ٿيل رام جي سهايتا ڪريان. سمنڊ هن ونش جو پراڻو متر آهي. انهيءَ پراڻيءَ مترتا جو آدر ڪر ۽ ڪجهه وقت مون وٽ ترس. انهيءَ ريت آرام وٺندين ته تون رام جو ڪارج وڌيڪ چڱيءَ پر سڌ ڪري سگهندين. جڏهن اندر سڀني پهاڙن تي پنهنجي بجر سان حملو ڪيو هئو، تڏهن مان سندس اتياچار کان بچي نڪتو هوس ۽ اچي سمنڊ ۾ لڪو هوس. انهيءَ ڪري مان بچي ويس. جنهن سمنڊ مونکي شرڻ ڏني هئي، سو هاڻي مونکي آگيا ٿو ڪري ته مان توکي مدد ڪريان. تنهنجي وايو پتا ڪين مونکي اندر جي بجر کان هٽائي سمنڊ ۾ بچاءَ جو ستان وٺي ڏنو هئو؟ جيڪڏهن منهنجي آڇ جو ستڪار ڪري تون هت آرام وٺندين ته مونکي به خوشي ٿيندي ۽ سمنڊ کي به آنند ٿيندو."

پر هنومان منڪا جي منٿ ميڙ اگيان ڪونه جهڪيو. هنکي نمرتا پوروڪ چيائين "اي منهنجا متر، مان ترسي ڪونه سگهندس. مونکي ترسڻ لاءِ وقت آهي ئي ڪونه. مان رام سان پرتگيا ڪئي آهي. انهيءَ جي پوري ڪرڻ ۾ مان دير مدار ڪري نٿو سگهان. تنهنجي مٺن ٻولن مونکي ڏاڍو پرسن ڪيو آهي."

هن پنهنجي هٿ سان پهاڙ [illegible]کي پريم پري ٿڦڙ هنئي ۽ انکان موڪلايو.

ڪنهن به راڪشس کي پتو نه لڳي ته مان ڪير آهيان ۽ ڪٿي
چو آيو آهيان.“
هن پنهنجو آڪار ڦيرائي هڪ ساڌارڻ ٻانڊر جهڙو بڻايو
۽ لنڪا ۾ هڪ ننڍڙيءَ جي چوٽيءَ تي ٽپي ويو.

اڌياءُ ٤٨

لنڪا اندر ڳولها

وڏيءَ آس سان هنومان هيٺ لٿو ۽ لنڪا اندر پير ڌريائين.
پر ڪن ۾ سفر پوري ڪرڻ جي خوشيءَ جي جاءِ، گنڀير ويچار
اچي والاري. هو اونهي خيال ۾ پئجي ويو.
”مون سمنڊ ته سچ لتاڙيو پر اها ته اڃا منهنجي ڪاريه جي
شروعات آهي. هن ترڪوٽ پهاڙ تي، راوڻ جو عاليشان نگر
بيٺو آهي، جڻ ته مٿي آسمان ۾ لٽڪايل آهي. ڪهڙو نه
سندر، ڪهڙو نه ڏنوان، ڪهڙو نه پختو بيٺو آهي! نگر ۽
قلعو امراوتي ۽ ڀوڳاوتيءَ کان اصل گهٽ نه آهن. وڏنڊڙ جهمٽا،
سندر مڪان، رکشا لاءِ توبون، اونهيون کاهيون، اهي سڀ ڏسي
منهنجي من ۾ پرشنسا جو ڀاو ته پيدا ٿئي ٿو، پر وڏي چنتا به لڳي ٿي.
”هن راوڻ تي ڪير ڪاهي سندس انت آڻيندو؟ جيڪو
سمنڊ هارڻ لتاڙي آيو آهيان، سو ڪهڙي سئنا پار ڪري
سگهندي؟ جيتوٽيڪ هو سمنڊ پار به ڪن، ڪناري پيرا به
اچي ٽين، ته به پورڻ ريت هٿيار بند ٽيل جوڌن جي رکشا
هيٺ رکيل هيءُ ڪوٽ هو ڪيئن ڍاهي سگهندا؟ نڪي
چال ول دواران، نڪي فوج اُي اُنکي ڪيرائي سگهندي.
”پر پهرين مان اِهو ته پتو ڪيان ته سيتا جيئري آهي يا مري
ويئي آهي. پيا سوال پوءِ. هڙي سخت پهري هيٺ رکيل هن
نگر ۾ مان ڪڏهن ڪيئن داخل ٿيان؟ جتي سيتا ٻانڌ

پيئي. سندس حالت اهڙي ٿي جهڙي سامهين پاسي کان واءُ لڳڻ ڪري جهازن جي ٿيندي آهي. هنومان کي انهيءَ جي ڪارڻ جو سماءُ ڪونه پيو. هن سمجهيو ته ڪا مهان شڪتي هنکي پڪڙي هيٺ ڇڪي رهي آهي.

هن هيٺ نهاريو، مٿي نهاريو. چئني دشائن ۾ به هن نظر ڦيرائي. هن ڏٺو ته هيٺ سمنڊ ۾ هڪ ڀاري راڪشس بيٺو آهي. اهو سندس پاڇي کي پڪڙيو جهليو بيٺو آهي. انهيءَ ڪري سندس اُڏاريءَ ۾ رولو پئجي ويو آهي.

جيڪو راڪشس سندس پاڇي کي جهلي بيٺو هو، تنهن هنومان کي چيو: ”اچ، اچ! مان گهڻي وقت کان تنهنجي لاءِ سيڙيو بيٺو آهيان. مان پنهنجي بک کي وڌيڪ روڪي نٿو سگهان.“ ائين چئي هن پنهنجو وات هڪ گفا جيان ڪري ڦاڙيو.

هنومان يڪدم هنجي پيٽ ۾ پيهي ويو ۽ هنجي آنڊي کي ٽُنگ ڪري ٻاهر نڪري آيو. راڪشس مري ويو ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو. جئن چوڏهين جو چنڊ گرهڻ مان موڪ پائڻ وقت چمڪندو آهي، تئن هنومان آڪاش ۾ چمڪندو رهيو ۽ پنهنجيءَ ياترا ۾ اڳتي وڌيو.

اهڙيءَ ريت پنهنجي ڇتر ٻڌيءَ، اُتساهه ۽ ٻل جي دوارا ٻين ٻين پريکيائن مان پار پوندي، سمنڊ لتاڙي، نيٺ هنومان اچي لنڪا جي ڪناري تي پهتو. سارو ڪنارو ڪيلن ۽ ناريلن جي وڻن سان ڇانيو پيو هو.

ٻيٽ جي ڪناري جي ويجهو وڻن جا جهڳٽا ۽ ڪنج ٻن، پهاڙ ۽ ندين جا چوڙ پي ڏٺا.

هنومان راوڻ جي راڄ جي سمپتي ۽ دولت نظر مان ڪڍي. پڻ هن انهيءَ ڪوٽ واري نگر جي سندرتا جو درشن ڪيو.

پوءِ هن دل ۾ چيو: ”هاڻي مان پنهنجي منزل تي اچي رسيو آهيان. هاڻي مونکي هن جاءِ تي کوج ڪري سيتا کي ڳولهي لهڻ گهرجي. پر ڪم اهڙيءَ ريت ڪرڻ گهرجي، جئن

"اي ننڍڙا باندر، تون ڪير آهين؟ هت ڪيئن اچي سگهين ۽ ڇو آيو آهين؟ سچ ڳالهاءِ."

"بيشڪ، مان ننڍڙو باندر آهيان. مان هي سندر نگر ڏسڻ لاءِ ئي هت آيو آهيان. هي سڄو نگر گهمي، هرڪا ڳالهه ڏسي، چت کي پرسن ڪري پوءِ هليو ويندس."

ديويءَ ڪاوڙ وچان باندر کي ڌڪ وهائي ڪڍيو.

هنومان بي پرواهيءَ سان پنهنجي ڪابي هٿ سان ڌڪ سندو ڌڪ ورايو، جنهن سبب هوءَ درد وچان دانهون ڪندي زمين تي وڃي پيئي.

پر جلد ئي پٽ تان اُٿي بيٺي ۽ کيس اڳڪٿي ياد آئي ته جڏهين ڪو باندر کيس ڌڪ هڻندو تڏهين سندس رکيا هيٺ آيل نگر ناس ٿيندو.

پاٽمرادو چوڻ لڳي: "راوڻ جا انيڪ آزار پيدا ڪندڙ اپراڌ ڪيل آهن. لنڪا جو اَنت ويجهو آهي. ديوتائن جا واڪيه ست ٿيڻا آهن،" ۽ اهو سوچيندي هن هٽي پاسو ڪيو. لنڪا جي رکيڪ ديوي راوڻ جي داسي ڪانه هئي. هوءَ ته نگر جي ديوي هئي.

هنومان پٽ ٽپي نگر ۾ پرويش ڪيو. پراچين ڪال جي جنگي نيمن موجب اهو هڪ دستور هو ته دشمن جي قلعي ۾ رواجي ڦاٽڪ کان داخل نه ٿجي، پر ٻيءَ واٽ کان ئي اندر داخل ٿجي.

هنومان سنڪلپ ڪيو ته راڪشسن کي ناس ڪجي. انهيءَ ڪري هن پهرين پنهنجو کابو پير لنڪا جي قلعي اندر رکيو، ڇو ته انهيءَ ريت دشمن جي هار ٿئي ها.

هو راج پٿ تان هلڻ لڳو. اهو رستو سهڻن گلن سان سينگاريل هو. جيئن بادلن جي وچ ڪنوڻ چمڪندي آهي، تيئن آڪاش اڳيان عمارتون چمڪي رهيون هيون. ڪاڻن مٿان ٽپندو ڪڏندو هو نگر جي سندرتا ڏسندو اڳتي وڌيو.

هوندي، اُن هنڌ جي پتي لڳائڻ لاءِ مونکي خوب ڳولها ڪرڻي
پوندي. ٻي خياليءَ کان هينئر جيڪڏهن ڪا پل ڪيم، ته پو
اُها ميٽجي نه سگهندي ۽ منهنجي اُبهرائي يا بيپرواهي سبب
هي مهان ڪاريه سڦل نه ٿي سگهندو. جيڪڏهن ڏينهن
ڏني نگر ۾ گهڙيس، ته راڪشس مونکي ڏسي وٺندا. بهتر
آهي ته رات جوئي وڃان. پر مان ڪهڙو روپ ڌاري وڃان؟
شڪ دور ڪرڻ لاءِ مونکي ساڌارڻ صورت ٺاهي وڃڻ گهرجي."

اِهو ويچار ڪري هن هڪ ننڍڙي ٻاندر جو روپ ڌارڻ
ڪيو، ٻليءَ جيترو مس. هن وشال نگر جي محلاتن ۽ باغن
اندر وڃڻ ۽ ڳولها ڪرڻ لاءِ اهوئي سهنجو ٿيندو. هنجو هي
روپ سندس رواجي سرير جي ڀيٽ ۾ نهايت سوکم هو، ۽
اهڙوئي سوکم، جهڙو ساگر پار ڪندي جيڪي سندس وڌايل
سرير هو تنهن جي ڀيٽ ۾ سندس رواجي سرير.

هاڻ سڄ پنهنجو سفر پورو ڪري چڪو هو. هي ننڍڙو
ٻاندر قلعي جي ڦاٽڪ طرف هليو. چندرما چمڪي رهيو هو
پنهنجي ڳولها ۾ چندرما وٽان مليل هن سهايتا تي هن کي
خوشي ٿي. اُنهيءَ ڪري اُن جا ٿورا مڃيائين.

راوڻ جي راڄڌانيءَ جي ٺاٺ ۽ سندرتا کي پريان ئي
ڏسندي هنومان کي اچرج لڳي ويو. گهٽيون ۽ محل جهنڊ
۽ ڦلن سبب ٻهڪي رهيا هئا. سون ۽ جواهرن جي جهڳمڳ
لڳي پيئي هئي. سمنڊ ٽان مٺي هير پي لڳي. اِندر جي
امراوتي ۽ ڪبير جي اَلڪاپوريءَ جيان راوڻ جي راڄڌاني
سک سمپدا ۽ خوشحاليءَ جي چوٽيءَ تي هئي.

رام جي دوت کي اِها چنتا ۽ اچرج ويڙهي ويو ته هڙ
فوجي ٻل ۽ پدارٿ واري کي ڪيئن جيتي سگهبو.

هو جڏهن انهيءَ ڳڻتيءَ ۽ ٿڌس سان پنڌ ڪري رهيو هو
ته نگر جي رکيڪ ڀيانڪ شڪل واري ڀريدارڻ ديوي اچي
سندس اڳيان ڪڙي ٿي بيٺي.

سپاهي پڻ تيار بيٺا هئا.

ناچ ڳاني جي آلاپن سان پريل ڪيترا محل ۽ باغيچا پار ڪندي، هو هڪ عاليشان، سڀ کان وڌيڪ رمڻيڪ ۽ شاندار اونچي محلات وٽ اچي پهتو، جنهنجي سونهن سڀني آس پاس وارن محلن کان سرس هئي.

اُتي بيٺل هاٿين، گهوڙن ۽ پيادل سپاهين، محلات جي چوڌاري ڏنل اوچين ديوارن ۽ اُن جي عاليشان اڏاوت ۽ ٺاٺ باٺ واري سجاوٽ ڏسي، هن سمجهي ورتو تہ اهوئي راوڻ جو محلات سندر لنڪا نگريءَ جو شان آهي. هر ويچار کان اهو پرٿويءَ تي سورڳ جيان پئي لڳو ۽ راوڻ جي اپار شڪتيءَ ۽ شان وٽان هو. سندر باغ، لاٽ لنوندڙ پکي، ۽ هرهنڌ مندر، تن هنومان کي اسچرج ۾ وجهي ڇڏيو.

پاٺمرادو چوڻ لڳو: ”ڪيڏا نہ پدارٿ، ڪهڙي نہ سونهن سوڀيا ۽ ڪهڙو نہ سک آنند هت ڇانيو پيو آهي!“

ڪجهہ دير تائين هو حيرت ۾ غلطان رهيو. پر جلدئي ويچار آيس تہ سيتا تہ اڃا نظر نہ آئي آهي. هنجي من ۾ چنتا اُٿڻ ٿي. ڇي، جنهن منشا سان هت آيو آهيان سا اڃا پوري نہ ٿي آهي.

ڪيترائي مڪان ۽ محل لنگهندي، هو راوڻ جي محلات جي بنهہ اندرئين خانگي ڪمرن ۾ داخل ٿيو ۽ اُتي جيڪو ٺاٺ، عيش آرام جا پدارٿ ڏٺائين تنهنجو مٿس ڏاڍو پرڀاءُ پيو ۽ سمجهڻ لڳو تہ هي لاشڪ ديوتائن جو نواس آستان آهي. هرهنڌ سوني ۽ چانديءَ جي چمڪ، عاج، هيرن ۽ جواهرن جي جهلڪ، سهڻا غاليچا ۽ سامان ڏٺائين ۽ اُنهنجي وچ ۾ رکيل پشپڪ وِمان.

اُهو جادوئي وِمان برهما کان ڪبير ورتو هو. ڪبير کي جيتڻ کان پوءِ راوڻ اُهو پاڻ سان لنڪا ۾ کڻي آيو هو. جنهن وشنو جي ڪامڌينو کان، تنهن پشپڪ وِمان کان، اِڇا انوسار ڪجهہ بہ پراپت ٿي سگهيو ٿي.

راڪشسن جا محل ۽ گهٽيون ۽ انهن جي سجاوت نهايت سندر پئي ڀاسي. مڌر سنگيت جا آلاپ چوڌاري اچي رهيا هئا، سندر اُستريون پيرن جي جهنڪار ڪنديون رستن تان لنگهي رهيون هيون. نگر ۾ چوڌاري خوشي ۽ آنند ڦهليل هو.

ڪن گهرن ۾ منتر پئي اُچاريا ويا، ڪن هنڌ وري ويد پاٺ پئي ٿيو. ڪٿي ته وري راوڻ جي سورمتا ۽ پرتاپ جا گيت پئي ڳاتا ويا. هرهنڌ سئنڪ ۽ سيوڪ ڏسڻ ۾ پئي آيا. رستن تي ڪيترائي ماڻهو ڪنهن خاص ڌرمي ڪريا ۽ سنڪلپن ڪرڻ ۾ لين ٿيل پئي ڏٺا. ڪي ته وري نهايت ڪروپ ۽ اتياچاري به هئا. پهريدارن وٽ تيرڪمان، تلوارون، گدائون، مدگر، ڀالا، ۽ ٻين پرڪارن جا هٿيار هئا. سڀني جوڌن کي زره پيل هئي. منجهائن ڪي سهڻا، ته ڪي ڪوجها هئا. گوري رنگ کان وٺي پوري ۽ ڪاري رنگ جا چهرا نظر پئي آيا. ڪي تمام قداور، ته ڪي وري ماڳهين مندرا هئا. ان ريت هنومان ڏٺو ته هن نگر جي آدم ۾ جدا جدا هوائن وارن پن پن ديشن مان آيل ماڻهو موجود هئا ۽ جدا جدا قومن مان چونڊ جوڌا سئنا ۾ ڀرتي ڪيل هئا.

محل پٺيان محل جاچيندو، هو اڳتي وڌيو. هن ڪيتريون سندر استريون ڏٺيون، جن مان ڪي پنهنجن گهوٽن سان گڏ هيون، ته ڪي وري اڪيليون. هن ڪيتريون نوجوان روپونتي ڪنيائون ڏٺيون جي ڳاريل سوني مان ٺهيل مورتين سمان ٿي لڳيون. ڪي ڪوٺن مٿان ويٺيون هيون، ڪي بسترن ۾ آرامي هيون. ڪن رانديون پئي ڪيون، ڪن ڳائي سان روح ٿي ريجهايو.

هن انيڪ سوڀياوان اِستريون ڏٺيون، پر رام جي وڇوڙي ۾ وياڪل سيتا ڪٿي به نظر نه آيس. هيتري سندرتا پسندي به هنومان جو من نراشا ۽ دک سان ڀرجي رهيو هو.

هو ڪيترن ئي راڪشسن جي گهرن ۾ گهڙي ويو. اُتي جنگي هاٿي، خاص پاليل گهوڙا، رٿ ۽ شستر هئا. هٿيار بند

آخر هنجون اکيون هڪ سندر سيج تي سُتل اِستريءَ ۾ وڃي کتيون. هنجي سندر اَنگن ۽ موهيندڙ آروکن مان هنومان سمجهو ته اهائي سيتا آهي. خوشيءَ وچان هو ٽپڻ لڳو.

ٻيءَ کڻ ۾ وري به پنهنجي چريائيءَ تي پاڻکي ننديڻ لڳو. پاڻيهي چوڻ لڳو: "اُف مان ڪهڙو نه مورک آهيان! سيتا به ڪڏهن هنريت بي پرواهيءَ سان جواهرن ۾ جهنجهيل هڪ ڏاري پرش جي ڪمري ۾ سمهي سگهي ٿي؟ اهڙو ويچار ڪرڻ ئي اپراڌ آهي." اِئين سوچيندي هنکي پنهنجي پل تي ڏک ٿيو ۽ اُٻج اچي ويس.

پوءِ پاڻکي چوڻ لڳو: "ٿي سگهي ٿو ته سيتا، هنجي آڳيا نه مڃي هجي، اُن ڪري راوڻ کيس ماري ڇڏيو هجي. اُن ڪري هنکي ڳولهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ مان ڪهڙو سود؟" راوڻ جي محلات جي ڪنڊ ڪنڊ ڳولهي هٿائين، سمهڻ جو ڪمرو، کاڌي جو ڪمرو، سنگيت جو ڪمرو، مڌوشالا، هرهنڌ سيتا کي ڀونديو هٿائين پر هنجو ڪٿي به پتو پيرو نه پيو. "مون ته ڪنڊ ڪنڊ ڪري ڳولهي آهي. نيمن جي ورد وڃي زنانا ڪمرا به جاچيا آهن. پر سڀ وئرٿ."

اينترو چئي هو مڌوشالا کان ٻاهر آيو ۽ باغ ۾ پهچي ننڍڙن مندرن ۽ لتا ڪنجن ۾ سيتا کي ڳولهيائين پر سڀ اڪيارٿو هو.

من ۾ اَتينت ڏکي ٿيندي هن سوچيو، "ساري لنڪا نهاري بيٺو آهيان، محلات جي ڪنڊ ڪنڊ ڏٺي اٿم. وڌيڪ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ سيتا کي ڏسڻ بنا واپس وڃان ڇا؟ نه. اُن ريت واپس وڃڻ کان بهتر آهي ته پاڻ کي هت ئي پورو ڪريان. ها، اهائي وات مون لاءِ کليل آهي."

پر وري پاڻ کي چوڻ لڳو: "توبهه، توبهه، اهڙو ويچار ڪرڻ، هيئنئن نراس ٿيڻ مونکي هرگز سونهين نٿو. اِها وڏي خواري آهي."

هوُ ٽپ ڏئي اُٿيو ۽ هڪوار وري به محلات جي ڪنڊ

هنومان آخر راوڻ جي ڪمري ۾ گهريو، جتي آنند جو
سمنڊ لهرون ماري رهيو هو. هن ڪشادي ڪمري ۾ انيڪ
سندر استريون ستل هيون، ڪن جون ٻانهون هڪ ٻئي سان
جڪڙيل هيون، ۽ سڀئي نهايت بيپرواهيءَ سان خمار ۾ الوٽ
پيئون هيون، جنهن سبب سڄو ڪمرو ائين پئي لڳو ڄڻڪ گلن
وارين ولين سان ڇانيل ڪو باغيچو هجي.

ڌرم آتما هنومان، انهن سڀني ستل سندرين ڏانهن نهاريو.
هرهڪ ٻيءَ کان وڌيڪ سوڀياوان، آنند، هرش ۽ پريم جي پتلي
هئي. هنومان انهن وچ ۾ سيتا کي ڳولڻ لڳو. راوڻ ۾ اها شڪتي
هئي ته انهن استرين کي راضي ڪرڻ لاءِ هو ڪهڙو به روپ
ڌاري سگهيو ٿي، جا ڳالهه انهن استرين جي چهرن مان پڌري هئي.

هنومان پنهنجي چسپائيءَ تي پاڻيهي پشيمان ٿيو، جو
سمجهيو هئائين ته سيتا انهن عياش محلن ۾ هنن سڪي عورتن
۾ هوندي. هو سوچڻ لڳو: "مان ڪهڙو نه مورک آهيان جو
سمجهان ٿو ته سورگ جي هنن اپسرائن وچ ۾ سيتا ٻه هوندي. هوءَ هنن
۾ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ هيءَ جاءِ هن لاءِ اصل نه ٿي ٿي سنهين."

پوءِ هو ٻئي هنڌ ويو. ٻئي ڪمري ۾ هن ڪيترائي پلنگ
ڏٺا، جن مان هڪ تمام ٺاٺ سان سجايل هو. ان مٿان سون
۽ جواهر جهنجهيا پيا هئا، ۽ هن راوڻ کي ان بستري تي
سمهيل ڏٺو. هو ميروُ پربت جيان پيو هو. هن جي ديهه ۽
شاهي شان ڏسي هڪوار هنومان به ڏڪي ويو.

هوُ هڪ پلڪ لاءِ هڪ پاسي بهي رهيو ۽ بستري تي
سمهيل پاري ديهه ڌاري شاهاڻي منش ڏانهن نهارڻ لڳو.
راوڻ جي پيران ڏورن، هڪ سريکن انگن سبب هي راڪشس
راجا سندر ۽ دهشت وارو پي لڳو. ڪجهه دير تائين ته هنومان
جي اک هن تان هٽي ئي نه. ان کانپوءِ هنومان اتي سمهيل
استرين تي نظر ڦيرائي. منجهائن ڪيتريون سنگيت ڪنديءَ ئي
سمهي رهيون هيون ۽ اجا تائين پنهنجن سازن کي ڇهتيل هيون.

هو ٽپ ڏيئي اشوڪ باٽڪا جي ديوار تي وڃي ويٺو ۽ باغيچي ۾ چوڌاري نظر ڦيرائڻ لڳو.

آڌياءُ ٤٩

سيتا اشوڪ باٽڪا ۾

جڏهن هنومان اوچي ديوار تي ويٺو هو، تڏهن هنجي شرير مان هڪ خوشيءَ جي لهر لنگهي ويئي. هو انهيءَ ڳالهه جو ڪارڻ سمجهي نه سگهيو. جڏهن ڪنهن ڪارج جي سڌي ٿيندي آهي تڏهن سڦل منش جي چوڌاري هڪ سوکيم واتاورڻ ٻڌجي پوندو آهي ۽ انجو هڪ پريمي ڀڳت جي هردي تي بنا ڄاڻ جي پرڀاءُ پوندو آهي. هنومان نيٺ اچي انهيءَ هنڌ پهتو جت سيتا هئي. هاڻي جيتوڻيڪ هن اڳ سيتا کي ڏٺو ڪونه هو، انهيءَ ڪري ڪيس گد گد ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونه هو، ته به سندس سارو شرير انهيءَ ڪري ڦرڪڻ لڳو، ڇاڪاڻ جو هن کي آشا هئي ته هو پنهنجي ڪارج ۾ سڦل ٿيندو.

وسنت رتوءَ جي آرنڀ جو سمو هو. رات جو وقت هو. وڻن، ولين ۽ ٻوٽن تي گل ڪڙيا بيٺا هئا. هنومان انهيءَ پاسي ٽپ ڏيئي ويو جت وڻن جو هڪ گهاٽو جهڳٽو بيٺو هو. انهيءَ ڪري جهڳٽي ۾ جيڪي پکي هئا تن جي آرام ۾ خلل پيو. اهي مٺيون مٺيون ٻوليون ٻوليندي ٻاهر اڏامي ويا. هرڻ ۽ ٻيا پسون هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ گهمڻ لڳا. وڻن جي شاخن مان گل ڇڻي پيا ۽ هنومان جو سارو شرير انهن سان ڍڪجي پيو.

انهيءَ سرسبز استان تي جيڪي جيو ڌاري هئا، تن جڏهن هنومان جو سارو شرير گلن سان ڍڪيل ڏٺو، تڏهن هنن ڀانيو ته انهيءَ پراڻڪ ڪال جي سمي، رتو راڄ وسنت جو ديوتا پاڻ اهو جهڳٽو ڏسڻ لاءِ اتي پڌاريو آهي.

ڪڙ ۾ ڳولهيائين. هرهڪ دوار ۽ ڪڙڪي کولي اُتي نهاريائين. اُتي ڪي ڪروپ ڙالون هيون، ڪي سندر استريون ۽ ڪي ناگ ڪنيائون هيون، جي سڀ راڪشسن ڀڄائي آنديون هيون. پر سيتا جو ڪٿي به پتو نه پيس.

هنجي دل وري ٻرڪڻ لڳي. ڪيس سمجهه ۾ ئي نه آيو ته ڇا ڪري. من ۾ چوڻ لڳو: "جيڪڏهن پنهنجي ڪاريه ۾ نسڦل ٿي ڪشڪند ڏانهن موٽندس ته مترن اڳيان ڪهڙو ڪنڌ کڻي سگهندس؟ سيتا کي حاصل ڪرڻ لاءِ رام جيڪڏهن آسرو لاهي وهندو ته هنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ لاشڪ هو مري ويندو ۽ پوءِ ڀين جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ سگريو وٽ واپس وڃي ائين چوڻ ته منهنجا سڀ پورهيا مٽيءَ ۾ ملي ويا، تنهن کان ته بهتر ٿيندو ته هت ئي ترسي پوان ۽ جيوت جا باقي ڏينهن لنڪا جي سمنڊ ري ڪناري واري ٻن ۾ وتيت ڪريان، پر ٻه هاڻ جيئان ڇا لاءِ؟ ڇو ڪين جان ختم ڪريان؟

"پر، تڏهن سمپاتيءَ جو ڪٿن اڻ پورو هو ته سيتا لنڪا ۾ آهي؟ جڏهانڪر سمپاتيءَ هنکي هت ڏنو هو، تنهن کان پوءِ هنکي راڪشسن ماري ڇڏيو آهي ڇا؟ شايد راڪسياڻين کيس ڳرڪائي ڇڏيو هوندو. هاڻ مان ڇا ڪريان؟"

ان ريت هنومان دک ۽ چنتا ۾ ٻڏي ويو. اينتري ۾ سندس اکيون انهي وڃي کنيون، جتي ڳولها نه ڪئي هئائين- مندر جي پر واري پشپ واٽڪا، جنهنجي آس پاس اوچون ديوارون ڏنل هيون. "او! هيءَ واٽڪا ته مون ڏٺي ئي ڪانهي. اتي هاي ڳولهيان. ٻڪ ئي پڪ سيتا اُتي لڀندي."

اُنهن شبدن سان هنومان جئن ئي رام جو سمرن ڪيو تئن سندس سيني ۾ آشا اُڀري. هن اڪيلي باغيچي جي چوڌاري اوچون ديواريون ڪڙيون هيون. "هائو، پڪ ئي پڪ سيتا هت هوندي." هن چيو. پوءِ وري ٻه ديوتائن کي نمسڪار ڪيائين.

هوءَ پنهنجي لٽيل چادر سان ڍڪي پيئي هئي. سنديس ڳلن تي لڙڪ لڙي رهيا هئا. ڪاڏي جي ڪميءَ ڪري هوءَ سوڪي ڏبري ٿي ويئي هئي. سنديس منهن مان ائين ٿي ڏٺو ته سواءِ چنتا جي هن جي من ۾ ٻيو ڪوبه ويچار ڪونه هو. سنديس چهري ۾ ڪا به پريم يا آشا جي جهلڪ ڪانه هئي. هن جيڏانهن به نهاريو ٿي اوڏانهن کيس راڪسياڻيون ئي راڪسياڻيون پئي ڏسڻ ۾ آيون. سنديس اوستا اهڙي هئي جهڙي انهيءَ هرڻيءَ جي ٿيندي آهي جيڪا پنهنجي ولر کان وڇڙي ويئي هجي ۽ جنهن تي جهنگلي ڪتن جي ٽوليءَ ٻڪ ڪئي هجي. سنديس وارن جو هڪ اڻ سنواريل چوٽو نانگ جيان لڏندي سنديس چيلهه تي پئي پيو. هن جي هيءَ اوستا ڏسي هنومان جي من ۾ پوڄا جي ڀاوَ سان گڏوگڏ کهل ۽ قياس جو ويچار به پيدا ٿيو. هن جي سمي اهڙي دشا هئي جهڙي شاستر جي انهيءَ وچن جي ٿيندي آهي جيڪو ناستڪ لوڪ پنهنجي سوارٿ لاءِ اڳين ۽ پوين واڪن کان ڇني الڳ ڪري ڇڏيندا آهن؛ ائين ڪري ڄڻ ته سمپدا جي ديويءَ کي وپدا دٻائي ڇڏيو هو، آشا ٽڪرا ٽيل هئي، وشواس گهاٽ ٿيل هو، سڦلتا ۾ پنگ پئجي ويو هو، ٻڌي چريائيءَ سبب لڙائيل هئي، يا نرِ اپراڌ پوتر تائي نيچ نندا هيٺ داغي ٿي ويئي هئي.

هنومان کي پڪ ٿي ته اها ئي سيتا آهي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي من ۾ چيو، ”هيءَ سندر نراشا جي مورتي ئي سيتا آهي. رام انهن جي ڳهن جو ورڻن ڪيو هو، جيڪي سيتا کي انهيءَ وقت پيل هئا جنهن وقت راوڻ کيس پڪڙيو هو. اهي سمورا ڳهه سواءِ انهن جي جيڪي هن پڪڙڻ وقت هيٺ اڇلايا هئا، جي اسان چونڊي رکيا هئا، هٿ وڙ جي ٽارين تي ٻڌا سنيال جي لٽڪيا پيا آهن. سنديس مٿي تي جيڪا چادر پيل آهي، سا جيتوڻيڪ لٽيل ۽ لڙائيل آهي ته به انهيءَ جهڙي ئي

باغ اهڙو ته سهڻو هو جو من ئي موهي ٿي ڇڏيائين. سندر هئا اتي جا سروور. سون، چانديءَ، عاج، موتين ۽ ڳٽونين سان سينگاريل هئا اتي ٽيلا ۽ چبوترا. بلور جهڙا اڇا هئا ڏاڪا ۽ سيڙهيون. هزارو ٽهيل ٽڪرين ۽ جهرنن واه جي رونق ٿي لڳائي. اهو درشيه ڏسي هنومان جو هردو آنند سان ڀرجي ويو. ڪن ورڪشن جي چوڌاري ٿلها ٽهيل هئا، جن تي سون ۽ چانديءَ جا پترا لڳل هئا. وڻن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون گهنٽيون ٽنگيل هيون. جڏهن هير ٿي لڳي تڏهن انهن مان سندر گانن جا آلاپ پي نڪتا.

هنومان هڪ اوچي ۽ ڦهليل وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهي انهيءَ پنن ۾ لڪي ويٺو. انهيءَ وڻ جي تر جي چوڌاري سوني جو پيهو ٽهيل هو.

هنومان دل ۾ چيو، "جيڪڏهن سيتا لنڪا ۾ آهي ۽ اڃا جيئندي آهي ته هوءَ اوس هن باغ ۾ ايندي. رام جي ڌيان ڪرڻ ۽ ايڪاگرتا لاءِ ڪيس هيءَ جاءِ سٺي ۾ سٺي لڳندي. هنن چيو ٿي ته سيتا کي بن جا ڪنج ۽ وڻن جا جهڳٽا ڏاڍو وڻندا آهن. ائين ئي آهي نه؟ پراتهڪال جو جڳدمبا جي آراڌنا لاءِ ته اوس ايندي."

پاڻڪي پنن ۾ لڪائي هن چوڌاري گهور ڪري نهاريو. هو وڻ جي هڪ ٽاريءَ تي ويٺي هيٺ ڏسڻ لڳو. ڏٺائين ته هيٺ ٿلهي تي هڪ ديوي ويٺي آهي، جنهنجي سندرتا اهڙي آهي جو اکين کي جهونجهاري ڇڏي. سندس منهن ۾ آهي ايشوري پوترتا.

سندس شرير سوڪيم هو. سندس منهن پيلو هو. ٻيج جي چنڊ جيان هڪ ليڪ ٿي لڳي. جئن دونهين ۾ دٻيل آگ ڪڏهن جهپي ڪيڏندي آهي، تئن ڳوڙهيءَ اداسائيءَ وچان پڻ سندس سوڀيا وقت وقت تي پي چمڪا ڪيڏيا. جئن ڪو سندر ڪمل گل گپ سان ڀريل سنور ۾ لڪو پيو هجي، تئن

ٻپ تي چندرمان اڀين پرگھٽ ٿيو، جنهن هڪ سوچ سرور جي مٿاڇري تي هنسڻ ڪسڪندي هلندي آهي. چندرمان جي چمڪ ۾ ٿيج هو، جڻڪ وايو پتر کي سهيوڳ ڏيڻ لاءِ سنهري آيو هو.

هنومان منجهيل هو. ڪيس ڪا ڳالهه سجهي نه ٿي آئي. انهيءَ اوسٿا ۾ هن وڻ جي پنن مان ليئو پائي وري سيتا جي مک ڏانهن ڪجهه وقت نهاريو. جنهن ڪنهن ڀاري ٻوجهه سان ڀريل جهاز جي طوفان ۾ اُنڪڻ وقت اوسٿا ٿيندي آهي، تنهن اي سيتا جو چهرو هو. چئو پاسي ڏنو ته هوءَ چنتائن جي سمندر ۾ غوطا کائي رهي هئي. جن راڪسياڻين سيتا تي پهرو ٿي ڏنو سي نهايت بدشڪل هيون. هڪ کي ڏنو هڪ اَک هئي، ٻيءَ کي ڏنو هڪ ڪن هو. ڪن کي ته ڪن بنهه هئائي ڪونه، ڪن کي وري نڪ اَصل ڪونه هئا. ڪن جا نڪ وري اُباٽي اُڀا مٿي وريل هئا. ڪي ٺوڙهيون هيون. ڪن وري پنهنجا وار اهڙي ڍنگ سان ڳنڍيا هئا، جو ڏسي ڪري ڪل ٿي آئي. ڪن جا پيٽ هيٺ لٽڪي رهيا هئا. ڪن جا چپ وري اُٺ جي چپن جهڙا هئا. ڪي وري هيون ڪبيون، ڪي هيون ڄامڙيون، ڪي وري هيون ناريل جي وڻ جهڙيون لمبيون. اَنيڪ پرڪارن جا هئا سندن مُنهن. ڪن جا سوئر جهڙا، ڪن جا چيتي جهڙا، ڪن جا مينهن جهڙا ۽ ڪن جا ٻڪريءَ جهڙا. هنن بدزيب، ٻي ڊولائتي جيون جي هٿ ۾ هئا ڀالا ۽ ٻيا هٿيار.

انهن جي وچ ۾ ويٺي هئي، ڏڪندي ڪنبدي، پيلي پيلي راجڪماري جنهنجو سواءِ سندس گڻ ۽ سداچار جي ڪو ٻيو مِتر ڪونه هو. هوءَ اِئين ويٺي هئي جئن ڪا بنا جهل جي سهڻي ول ڌرتيءَ تي ڪري پيئي هجي.

اڃا اونده هئي. پرڀات اڃا ڪانه ٿي هئي. دربار جي گوئين

آهي جيڪا اسان لڌي هٿي. هيءَ سندر ناري جيڪا ڏکن ڏاکڙن جي سمنڊ ۾ طوفان لڳندي به سچي پريم جي مورتيءَ جيان دريءَ تي ويٺي آهي، سا ٻڪ ئي ٻڪ رام جي پياري راڻي آهي. انهيءَ راڻيءَ جي ڪاڻ ئي رام ٽن پرڪارن جي دکن ۾ جاءِ ڳري رهيو آهي. سيتا جي ڪشٽن جو ويچار ڪري رام جي هيانءَ کي ڪليش ٿو ٿئي؛ سيتا جي اپمان جي سمرتي سندس من ۾ ڪروڌ جي آگ ٿي جلائي؛ ۽ سيتا جو وڇوڙو سندس سيني ۾ سل ڪري رهيو آهي. رام سدائين سيتا جي هردي ۾ سمايو پيو آهي ۽ سيتا رام جي رديءَ ۾ وسي رهي آهي. سچ پڇ ته هو ڌار ٿيا ئي ڪونه آهن. ڌار ٿيل هجن ها ته هوند هو جيئي ڪونه سگهن ها.

جڏهن هنومان سيتا کي ڏٺو ٿي، تڏهن لڙڪ سندس هردو پرينءَ پڙ وڃي رام جي چرنن ۾ جهڪيو ٿي. هنومان وري سيتا ڏانهن نهاري من ۾ چيو: ”هن ايشوري ديويءَ جي لاءِ ئي راوڻ جي ڀاڻيءَ ٻلوان بالي جي وڌ ڪيو ويو هو؛ انهيءَ جي ڪري ئي ڪبنڌ ۽ وراڌ جو موت ٿيو؛ ۽ انهيءَ جي ڪري ئي جناستان ۾ کر، دوشڻ ۽ ترشرس سهت چوڏهن هزار راڪش پنهنجي رت ۾ رڳجي پيا. هن جي ڪري ئي وانرن جو سندر ساهراج وير باليءَ کان کسي سگريو کي سونپيو ويو. سندس سيوا ڪرڻ لاءِ ئي مان ندين جي سمراٽ سمنڊ کي لتاڙي هت لنڪا ۾ پهتو آهيان. اهي ڳالهيون وڏيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر هن جي ڪري جيڪڏهن رام ڪري سنسار کي ناس ڪري يا جڳت جو روپ بدلائي، ته به مان پنهنجي هردي سان چوندس ته نيڪ ٿيو. هوءَ انهيءَ جي يوڳيه ته آهي ئي، پر انهيءَ کان به جي وڌيڪ ڪجهه ڪجي ته به هن لاءِ ٿورو ٿيندو!“

هنومان جو هردو هڪ واريءَ وري سمنڊ اڪاري رام جو چنتن ڪرڻ لڳو.

جڏهن من سان ان پرڪار جا هن ويچار ٿي ڪيا، تڏهن ئي نيري

تن جو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اُلٿو ڪرڻ اَنواد ڪرڻ واري جي وت کان ٻاهر آهي. ٻانڪن کي اُنهن جي جهانڪي ڪرائڻ لاءِ ٿوريون هٽ ڏجن ٿيون.

راوڻ سيتا وٽ اُنهيءَ آس سان آيو ته هو اڃا به ڪيس پرڀائي سگهندو. سيتا جو شرير مٽيءَ سان ڀڪيو پيو هو. سندس تن تي ڪو ڳهه ڳٺو ڪونه هو، انهيءَ هوندي به هوءَ اِئين ٿي ڀڪي، جڻ ڪا راجڪماري سارو هار سينگار ڪري ۽ سڀ پرڪار جا مٽيا موتي پائي چمڪندي آهي. هوءَ اِئين پئي ڏسڻ ۾ آئي جڻڪ ڪو سهڻو ڪيرايل ورڪش هيٺ ڌرتيءَ تي پيو هو. سنديس ڇهري ۾ چمڪ به هئي ته ڇايا به هئي، جڻڪ ڪو گپ چڪ سان ميرو ٿيل ڪمل گل آهي. هوءَ منتر سان منڊيل ڪاريهر نانگ جيان ٿي لڏي لمي. هوءَ اهڙي منک جيان ٿي لڳي، جنهنجي چئني پاسن کان جيپون ڪيندڙ آگ ٻرندي هجي، جڻ وڇايل سڏنا پٽيءَ جي سڏنا، يا ڪا سڪل ندي هجي يا اَگني پوڄا ڪرڻ لاءِ ڪو اپوتر ٿيل پاتر هجي. هوءَ اِئين پئي لڳي جڻ ته هاٿين دوارن چٽ ٿيل ڪمل گلن جو سروور، يا ڪا پاڙون پٽيل ۽ ڌرتيءَ تي اُڇلايل گلن ڦلن واري ول، پنهنجي ڌڻيءَ کان ڌار ٿيل رليل پٽڪيل هاٿڻ جنهن کي پنهنجي جهنڊ جي نيتا کان جدا ڪري، پڪڙي ۽ قيد ڪري ٻڌو ويو هجي.

سيتا اُتي ڪنبي ٿي. دک ۽ ڀؤ مٿس سوار هئا، جڻ هن راوڻ کي پنهنجو ويجهو ايندو ڏٺو ٿئن سنديس هردو رام ڏانهن اِئين ڊوڙي ويو، جڻ ڪو تکو گهوڙن وارو رٿ ڊوڙندو آهي. سنديس منهن هو پيلو، سنديس شرير هو سڪل ۽ سوڪيم، سنديس ويچار ٿي ڀڳا دور ديش ۾ وينلن سنديس رکيڪن ڏانهن. هن ايشور جو ڌيان ڪندي ٻاڻ کان پڇو، "هو ڪڏهن ايندا؟ ايندا يا ايندائي ڪونه؟"

ويد منترن جو ڳاين ڪري ۽ پراڻن ڪال جا گيت ڳائي راوڻ کي جاڳايو. اُٿند يئي هنکي سيتا جو ڌيان آيو ۽ انهيءَ باڻڪا ڌانهن هلڻ لڳو جتي سيتا کي بند ۾ رکيو هئائين.

پنهنجي سموري عملي سان هو محلات واريءَ باڻڪا ۾ گهڙيو. ساڻس گڏ هيون سگنڌ ڇڏيندڙ مشعالون ۽ راجائي ڇتري. راوڻ جي چوڏاري هيون ڪئي ڪنواريون ڪنياڻون جن جا وستر هئا بي داغ سفيد رنگ جا ۽ جن جي تن تي هئا ڀن ڀن پرڪارن جا چمڪندڙ ڳهه. انهيءَ وقت راوڻ ۾ اهڙي ڪشش هئي جهڙي خود ڪام ديو ۾ ٿيندي آهي.

جڏهن اها سواري ڦاڻڪ اندر گهڙي، تڏهن هنومان انبوهه جو گوڙ شور ۽ اِسترين جي پيرن ۾ پيل نورن ۽ گهنگهرن جو ڇمڪو ٻڌو. ڪن ۾ هن راڪشس راڄ کي ايندو ڏٺو. هنومان يڪدم سرڪي وڃي گهاٽن پنن ۽ ٽارين اندر لڪي ويٺو.

جڏهن راوڻ سيتا جي پاسي تي وڌيو، تڏهن سندس شان ۽ شڪتي لوڪن کي وسميءَ ۾ ٿي وڌو. راوڻ کي ڏسي سيتا جو شرير سسي ويو ۽ هوءَ اِئين ڌڪڻ لڳي جئن ڪيوڙي جو وڻ طوفان ۾ ڪنبندو آهي.

جيڪو هيءَ پوتر ڪتاب ٻڌي يا پڙهي، تنهن کي گهرجي ته هن اوستا ۾ ڦاٿل سيتا جو چتر پنهنجي من ۾ جوڙي تيار ڪري. هرڪو آدمي اُنهيءَ ڌرماتما ناريءَ جي ڏک جو ڌيان ڪري سگهي ٿو، جا درياهه وس هڪ ڪامي پرش جي چنبي ۾ اچي ڦاٿي آهي. اهڙي آپدا جي سمي جنڪ جي پتريءَ، رامچندر جي پتنيءَ، سيتا جي ڪهڙي دشا هوندي؟ والميڪي هن وارتا جي سنبنڌ ۾ جيڪي اُپمائون ڪم ۾ آنديون آهن، تن جي پوري ڪٿ ڪرڻ لاءِ، اسان کي پنهنجو هردو شڌ ٻڻائي منجهس پوترتائيءَ جي جوالا جلائڻ گهرجي.

جيڪي سندر اُپمائون والميڪيءَ جي ورنن ۾ ڏنل آهن

ڏسي؟ مونکي سويڪار ڪر ۽ سنسار جا سمورا سک ماڻ. تو ڪاتر مان سارو جڳت جيتي جنڪ کي ڏيندس. تولاءِ مان ڇا نه ڪندس؟ تون منهنجي پٽ راڻي ٿي رهندينءَ. محل جون مڙيئي راڻيون ۽ داسيون تنهنجي آگيا ۾ رهنديون. منهنجي سمپتي، منهنجو راڄ ڀاڳ سڀ تنهنجي لاءِ ئي آهي. لنڪا ۽ مان ته ڇا، پر سارو جڳت تنهنجو آهي. منهنجي شڪتيءَ ۽ ساهس جي ديوتائن ۽ دئيتن کي ڄاڻ آهي. مون ڪين جيتيو آهي جنهن ڪري هو ڪند نٿا ڪڍي سگهن.

”منهنجون داسيون تنهنجي بدن تي ٿهڪندڙ وڳا ۽ ڳهڻا پائي توکي سينگارينديون ۽ سجائينديون. توکي سندر نموني سينگاريل ڏسڻ لاءِ مان سڪان ٿو. توکي آڌڪار رهندو ته پنهنجي اڇا موجب ڪاٻه سوکڙي ڪنهن کي به ڪڍي ڏين. سڀني منشن مٿان تنهنجو اڌڪار رهندو. منهنجي پرجا ۽ سنبنڌي پريم سان تنهنجي شيوا ڪندا.

”ٻن ۾ ڦٽڪندڙ نڀاڳي رام لاءِ تون ڳڻتيءَ ۾ ڇو پاڻ ڳاري رهين آهين؟ جو راڄ مان هڪاليو ويو آهي، جو اڌڪارن کان وانجهيو ويو آهي، جو گيڙورنا وستر پهري ٻن ۾ ڦٽڪي رهيو آهي، تنهن تي تون ڪيئن وشواس ڪري ٿي سگهين، هنکي ڪيئن ٿي پيار ڪري سگهين؟ هي اڌين انسان ڇا تو ڪري سگهي؟ لڪشمي، جا شڪتي داتا آهي، جا سڦلتا جي ديوي آهي، تن سڀني هنجو ساٿ ڇڏي ڏنو آهي، توکي اُن جي سموري ڄاڻ آهي. انهيءَ ۾ به شڪ آهي ته ڪو هو اڃا حيات آهي. ڪيئن به، اُها پڪ ڄاڻ ته هاڻ هنجو توکي ڏسڻ ته پري رهيو، پر ويجهو اچڻ به اسنڀؤ آهي. جيئن گرڙ نانگ کي پڪڙيندو آهي، تيئن تو منهنجي دل پاڻ وٽ پڪڙي قابو ڪئي آهي. مان تنهنجي چنبي مان نڪري نٿو سگهان. هينئر به جڏهين تنهنجي سرير تي سنا وستر ۽ ڳهڻا نه آهن، تڏهين به تون، منهنجو من ٻين راڻين کان هٽائي پاڻ

راوڻ سيتا وٽ پهتو ۽ هن سان ڳالهايائين. هنومان وڻ جي شاخن ۾ لڪي ويٺي هئي ۽ سڀ ڪجهه ڏٺو.

اڌياءُ ٥٠

راوڻ جو ليلائڻ

ڏکن ڏڏي سيتا، جا پنهنجي ڏرم ۽ پنهنجي پتيءَ جي ڌيان ۾ ئي مگن هئي، تنهنکي راوڻ هن ريت چوڻ لڳو:

”هي سندري! تون مونکان ڇرڪين ڇو ٿي؟ ڏسين نٿي ته ٿولاءِ مون کي ڪيتري نه چنتا ٿي رهي؟ راڪشس کي جيتوڻيڪ ٻئي جي استري زوريءَ رکڻ جي موڪل آهي، ته به مان توکان پريم جي ڀکيا ٿو منگان. مونکان ڀپ ڪرڻ جو ضروري ڪونهي. مان تيستين توکي سپرس نه ڪندس جيستين تنهنجو من مون ڏانهن مائل ٿئي. ڀڄ نه. منهنجي صرف اها اِڇا آهي ته تون منهنجي ايتري عزت ڪر، جيتري مان تنهنجي ڪريان ٿو. تون مونکي سنيهه سان سويڪار ڪر. اجايو پنهنجي جيءَ کي ڏکن ۾ ڇو ٿي ڏجهائين؟

”هي سندري! ساري سنسار ۾ توکان سندر، ڪومل ٻي ڪا به استري ڪانه آهي. جواهرن جڙت سهڻا زيور، ويس وڳا توکا رڻ، زمين تي سمهڻ ۽ سينڌ نه سنوارڻ توکي يوڳيه نه آهي. هي، استرين ۾ رتن! ان ريت پنهنجي سوڀيا ۽ جواني نه جلاءِ. هينئر تون منهنجي اجهي هيٺ آهين، توکي ڪا ڪمي ڪانه رهندي. پنهنجي من ماني وندر وَرونهن چونڊ.

”چوڏس جي چندرما سمان تنهنجي منوهر مکڙي تان مان پنهنجون اکيون هٽائي نٿو سگهان. تنهنجي شرير جي جنهن به انگ تي نظر ٿو وجهان، اتي اها کپيو ٿي وڃي ۽ اکيون اتان چرن ئي نٿيون. ههڙي سوڀياوان ناري هي ڏک ڇالاءِ

لاءِ تون ڪھڙو نہ خبردار ٿو رھين. ٻيا پُرش بہ پنھنجي پتنين لاءِ اِئين نہ ڪندا ڇا؟ ياد رک تہ ٻيا منش بہ ٿو جھڙا آھن. پرائي زال ۾ اک نہ رک. رڳو پنھنجيءَ زال سان ئي سنتوش ڪرڻ سان سان سچو سک ملي ٿو. پر جي پنھنجو من پرائيءَ اِستريءَ لاءِ ڀٽڪائيندين، تہ دک ۾ اَپمان پائيندين.

"ڇا سنسار ۾ اھڙو ڪو ڪونھي جو توکي سڌين راھہ ٻڌائي؟ پاپ ڇو ٿو ڪرين ۽ پنھنجي خواھہ پنھنجيءَ پرجا مٿان آفت ڇو ٿو آڻين؟ جڏھن ڪو راجا پاڻ تان ضابطو وڃائي ٿو وھي، تڏھن سندس راڄ ۽ سمپتي ناس ٿي ٿئي. پڪ سمجھہ، جيڪڏھن تون پاپ کي ڇھڙيو رھندين تہ ھيءَ لنڪا ۽ انجو سارو پدارٿ نشٽ ٿي ويندو. جن دشمنن کي تو جيتي ڦڪو ڪيو آھي سي سرھا ٿيندا. جنھن ڏن ۾ سک ڏيڻ جي تون پرتگيا ٿو ڪرين تنجي مونکي گھرج ئي ڪانہ آھي. اھي مونکي لالچائي نہ سگھنديون. مون رام سان لائون لڌيون آھن ۽ پنھنجو تن توڙي من ھنڪان الڳ نٿي ڪري سگھان. مون ھنجو ھٿ پڪڙيو آھي؛ سو ڪداچت ٻئي جو سھارو نہ وٺنديس. اھو نٿو ٿي سگھي. مان ھنجي آھيان ۽ ھميشھہ لاءِ ان راجڪمار جي ٿي رھنديس. مان ھنجي ملڪ آھيان جئن ويد انھيءَ جو ٿيندو آھي جنھن انکي ڀڳتي ڀاوَ سان پوريءَ ريت اُنيُو ڪيو آھي. ٻئي ڪنھن لاءِ اھو مناسب نہ آھي تہ مون ۾ ھبچي نگاھہ رکي. تنھنجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ھي چئي رھي آھيان سو ڏيان سان ٻڌ. پنھنجي اپراڌ لاءِ نمرتا سان رام کان ڪميا گھر ۽ پاڻ کي ھنجي ڪوپ کان بچاءِ. ڀاڳيھي پنھنجي لاءِ قبر نہ کوٽ. رام ادار دل وارو آھي سو جيڪڏھن ڪيس ديا لاءِ وينتي ڪندين تہ توکي معافي ڏيندو. اپراڌ ڪميا ڪراءِ ۽ پنھنجي رکيا ڪر. پنھنجي موت ۽ وناش کي نوتو نہ ڏي.

"دور دشا ۾، مان ھينئر بہ رام جي ڏنش جا ٽڙڪا ٻڌي رھي آھيان. تون انکان ٻچي نٿو سگھين. يمراج تنھنجي ويجھو

ڏانهن ڪينجي ورتو آهي. هاڻ مان ڇا ڪريان؟ منهنجي محل ۾ انيڪ من موهيندڙ راڻيون آهن. پر توکي ڏسڻ کان پوءِ مان ٻئي ڪنهن کي به ڏسڻ نٿو چاهيان. تون سيتا کان سريشٽ پٽ راڻي ٿيندينءَ ۽ هو سڀ تنهنجون داسيون.

”رام منهنجي برابري ڪيئن ڪري سگهندو؟ تون ڏسين ڪين ٿي ته ڪنور تپسيائن ۾، ٻل ۾، ڌن ۾ ۽ شان ۾، مان هن کان سرس آهيان؟ دير نه ڪر. اسين ساريءَ دنيا جو رتن ڪنداسين، ٻئي هڪ ٻئي جي سنگ ۾ سکي رهنداسين. مون ساڻ رهڻ ڪري تون به اَنت سک ۽ سمپتي پائيندينءَ. تنهنجو جيون، آنند جي اَکنڊ ڌارا جيان ٿي پوندو. اي سندري، مون تي دَيا ڪر. هل ته هلي باغيچن، جهرڻن ۽ سمندر تي راند روند ڪريون. صرف 'ها' چئه.“

اُن ريت راوڻ سنيهه ۽ دَيا هٿ ڪرڻ لاءِ چاهه سان دل چوريندڙ ٻول ٻوليا.

جڏهين راوڻ ڳالهائي بس ڪيو، تڏهن سيتا هڪ ڏڀ جي ٻنهي جي وچ ۾ رکيو، نتولي وچان ٿهڪ ڏنوءِ ڪومل آواز ۾ چوڻ لڳي:

”راوڻ، مون نسبت اهي اجايا خيال ڇڏي ڏي. تو لاءِ اهو مناسب نه آهي جو مونکي حاصل ڪرڻ جو خيال ٿو ڪرين. پنهنجو من پنهنجين راڻين ۾ لڳاءِ. تون جيڪي چئين ٿو سو مان مور ڪين قبوليندس. منهنجي ڪل جو ڌيان ڪر. جنهن ڪل ۾ منهنجو وواه ٿيو آهي اُن جو ويچار ڪر. مونکي باز آڻڻ جو تون ويچار ئي ڪيئن ٿو ڪرين؟ اهڙي اسنيؤ ۽ مورکتا واري اِڇا نه رک ۽ اجايو پاڻکي مصيبت ۾ نه آڻ!“

اُن کانپوءِ هن منهن ڪٽي ڦيرايو ۽ وري چوڻ لڳي:

”مان تنهنجي اِستري ڪيئن ٿي سگهنديس، جڏهن مان اڳيئي ٻئي جي ٿي چڪي آهيان؟ ڌرم جو اُلنگهن نه ڪر. اَپراڌ جي پٽ جو پانڌيرو نه ٿي. جيڪي چوان ٿي سو ٻڌ. تورو سوچ ته سهين، ته پنهنجن راڻين کي پر پرشن جي سپرش کان بچائڻ

ڏئي؟ تنهنجو اهڙو ڪو مترَ ڪونهي جو توکي هن اپراڌ کان بچائي توکي سمت ڏئي؟ تون رام جي ڏنڊ کان بچي نہ سگهندين. جيئن ڪو سهو جهنگلي هاٿيءَ کي ڪاوڙائيندو آهي، تيئن تو بہ رام کي ڪروڌ ڏياريو آهي. اي دشت، هنجي پرپٽ مونکي چورائي ڪٽندي توکي لڄ نہ ٿي آئي؟ تنهنجو ناس پڪ ٿيندو. تنهنجي نياڳ، توکان هي ڪڏو ڪم ڪرايو آهي. تون ڪبير جو ڀاءُ آهين؛ تون پرسڌ يوڌو آهين؛ تو وٽ سمپورڻ ۽ چتر بل جي چٽني انگن واري سئنا آهي انهيءَ هوندي بہ تو هيءُ نيچ ڪم ڇو ٿي ڪيو؟"

ڪروڌ وچان راوڻ جي اکين جا تارا ڦرڻ لڳا ۽ هو شوخيءَ وچان سيتا ڏانهن نهاري سپ وانگر ڦوڪون ڏيڻ لڳو.

هنڪي ان ريت ڪاوڙيل ڏسي، سندس ننڍي راڻي ڌنيملي سندس ويجهو آئي ۽ کيس ڳراٽڙي پائي چوڻ لڳي:

"راجن! اوهين هن نيچ ڙال جنهنکي اوهانجي پرواهہ ڪانهي، تنهن لاءِ هيترو وهلور ڇو ٿا وڃو؟ اوهانجي استري بنجڻ هنجي ڀاڳيہ ۾ لکيل ڪونهي؛ بس اهائي ڳالهہ آهي. ڀلا هن ۾ آڪرشڻ ئي ڪهڙو آهي؟ هن ساڌارڻ جيوَ لاءِ اوهين پنهنجو مٿو ڇو ٿا ماريو؟ اچو. هلو تہ پاڻ هلي مؤج ڪريون."

اينترو چئي پريم سان هن کي پاڻ سان وٺي ويئي ۽ راڪشس بہ ٺهڪ ڏيندو هن سان هليو.

ويندي وقت راوڻ پهرو ڏيندڙ راڪسياڻن کي چوندو ويو تہ ڪئن بہ سيتا کي باز آڻيو، ۽ پوءِ پنهنجي داسن ۽ داسين سميت اشوڪ واٽڪا مان روانو ٿي ويو. هو جئن اُتان روانو ٿيو تئن راڪسياڻن اچي سيتا کي وڪوڙيو.

راڄڪماري، جا هيلتائين بهادر بڻي ويٺي هئي، تنهن جڏهن هنن ڪروپ استرين کي پاڻ سان ڳالهائيندو ڏٺو تڏهن ڏڪڻ لڳي.

هڪ جڻي چوڻ لڳي: "اوچ ڪل راوڻ، جو سنسار جو پرسڌ

بيٺو آهي، ڪن ۾ گهلي ويندءِ. رام ۽ لڪشمڻ جا تير جاڻ ته لنڪا ۾ داخل ٿيا ۽ هيءَ نگري آگ ۾ جلڻ لڳندي. جنسٿان ۾ ڪين رام سيني راڪشسن کي ناس ڪيو؟ رام جي شڪتيءَ جي جاڻ هيئن، تڏهين ته چورن جيان، سندس پرپٺ لڪي ڇپي مونکي ڪڍڻ لاءِ اسانجي ڪٽيا ۾ آئين. هڪ ڪڻ لاءِ به تون هنن اڳيان بهي سگهندين ڇا؟ ڪتو به ڪڏهن شير جي سامهون ويو آهي؟ هنجي بانس اڳيان هو پهچي نه ويندو؟ جيئن پرٿويءَ ٿان، سوريه پاڻي چڪيندو آهي، تيئن رام ۽ لڪشمڻ تنهنجو ساهه پيئندا. ڇا انوقت تون پهاڙن ۾ لڪي جان بچائيندين؟ ساگر ۾ سمائجي ويندين؟ ان هوندي به جيئن نشچت سمي تي وڻ مٿان بجلي اچي ڪڙڪندي آهي، تيئن تون به هنن هٿان ناس ٿيندين. تون بچي نه سگهندين."

ان ريت سيتا ڪيس سخت ڇتاءُ ڏنو. راوڻ ڪروڌ روڪي چوڻ لڳو:

"اڙي سيتا، جوني بنواسي رام تي ڀروسو رکي، تون ڳهيلين واريون ڳالهيون پيئي ڪرين ۽ منهنجي پريم ڀريل اکين بدلي موت ۾ مونکي اپمان ۽ ڌڪار جا بول بولي رهي آهين. مان توکي پريم ڪريان ٿو، انڪري هٿ روڪيو اٿم، نه ته هن کان اڳ، اٿي مٿي پيئي هجين ها. توکي جيڪو مدو ڏنو هوم ان ۾ باقي به مهنا آهن. انهن جي پوري ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجو ويچار ڦيراءِ. منهنجي راڻي بنجي اچي بستري پيري تي. جيڪڏهين انڪار ڪندينءَ ته توکي رنڌڻي ۾ موڪليو ججي مون لاءِ تنهنجي ماس مان رسوئي تيار ٿيندي. خيال رکج!"

اهو ڇتو پرسڌ هو ته راڪشسن جي ڪاڌي ۾ انساني ماس به شامل هوندو هئو. انڪري راوڻ جي هن ڌمڪيءَ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪين هئو، ان ۾ صاف سچاوتا هئي. ان هوندي به سيتا ڊني ڪانه، ۽ اتر ڏنائين:

"هاءِ! هاءِ! ڇا اهڙو ڪوهه ڪونهي جو توکي سنئين مت

سڀ تنهنجي وس آهي. تون جيڪڏهن هنجي آڇ ٺوڪاريندين،
ته توکي اوس مرڻوئي پوندو."

آڌياءُ ١٥

سياڻن ۾ سرمور

وڏي همت واري ۽ درڙ سنڪلپ واريءَ اِستري کي جيڪڏهن گهڻو وقت بند ۾ رکجي ته هوءَ هوند نراش ٿي پوي ۽ سنديس دل ڀڄي پوي.

هرمهني سيتا اهوئي ويچار ڪندي هئي ته سنديس پتي ديو سنديس ڏس پتو ڪيئي اڃي ڪيس بند مان ڪيندو. آشا رکي رکي هوءَ بيزار ٿي پيئي هئي. شترن جي وچ ۾ اڪيلي هئي. انهيءَ هوندي به هوءَ پنهنجي جان کي ڇهتي پيئي هئي، ڇاڪاڻ جو ڪيس رام جي پريم ۾ پورڻ اٽوٽ وشواس هو. انهيءَ ڪري هن سمجهيو ته رام اوس وٽس ايندو.

راڪسياڻين ڪيس بار بار اها صلاح ڏني جنهن ۾ سندن ويچار انوسار سيتا جي ڀلائي هئي. هنن چيو: "تون اسانجي صلاح ڪونه مڃيندينءَ؟ تون مانک جاتيءَ جو جيو آهين، توکي پوري سمجهه ڪانه آهي. تون اچا تاءِ هن مند ڀاڳ، منک، پنهنجي پتيءَ، کي ڇهتي پئي آهين.

"تنهنجي نيڪ رهڻ جو استان ته آهي اسان جي راجا جو سيڄ پون (سمهڻ جو ڪمرو). اتي هر پرڪار جو سک مؤجود آهي. پر هن جي آڇن کي ٺوڪاري تون سداءِ پنهنجي نڪمي پتيءَ جو ويچار ڪري رهي آهين. اچا تاءِ هن درياڳي ديش نيڪالي ڏنل چنبي کي ڇو ٿي پيار ڪرين؟ تون ڪڏهن به هن جو منهن ڏسي ڪين سگهندينءَ. انهيءَ ڪري راوڻ جي ڳالهه مڃي سکي ٿيءُ."

وير آهي، سو جڏهن توکي چاهي تو تڏهن، او ڳهيلي، تون
کيس ناڪار ڇو ٿي ڪرين؟ راوڻ کي تون ڇا ٿي سمجهين؟
ستن هجيئي نه هو برهما جي سنتان آهي. برهما جي پٽر
پرجاپتيءَ جو هو پوٽو آهي. هو اهڙو ته شڪتشالي آهي جو
ڪيترين جنگين ڪٿيون اٿس ۽ ڪيترن شترن کي جيتيو
اٿس. هنجو نرآدر ڪرڻ مورکپڻو آهي!“

”اِيمان وچان پاڻکي ناس نه ڪر“، ٻيءَ چيو. ”راوڻ،
وسروا رشيءَ جو پٽر آهي. اِئين نه سمجهه ته هو ڪو تڇ جيو
آهي. هنکي سويڪار ڪري سک پاءِ.“

”راڪشس راج جنهن جنگين ۾ سورگ جي ديوتائن کي
جيتي پڇائي ڪڍيو، سو توکي پنهنجي راڻي بنائڻ لاءِ آرادنا
ڪري رهيو آهي“، ٽيئن چيو. ”اي ابوجهه ڇوڪري تون
اڄ مڃ يا مؤت لاءِ تيار ٿي.“

”پنهنجن ٻين سڀني راڻين جو اپمان ڪري“، چوٿينءَ
چيو، ”راوڻ توکي پنهنجي پٽ راڻي بنائڻ جو پرڻ ڪيو
آهي. سريشٽ ڪل وارين مڙني راڻين کي ڇڏي، راجا تنهنجي
سوڀيا تي موهت ٿي تنهنجي پريم جي ڀکيا گهري رهيو آهي
۽ توکي پنهنجي پردان راڻي بڻائڻ ٿو چاهي. پوءِ تون ڇو اهڙي
چسي ٿي هٺ ٿي ڪرين؟“

هڪ ٻيءَ چيو، ”سڄي سنسار ۾ راوڻ جو ڪو ثاني ڪونهي.
ڀاڳيه تنهنجي ٻنهي وٽ ڪڙو آهي ۽ تون آهين جو پيئي
انکي ٺڪارين. کهڙي نه مورکتا!“

”سوريه ۽ وايو ديوتا به راڪشس راج کان ڪنبي رهيا آهن؛
۽ هو آهي جو توکي راڻي بنائڻ لاءِ پيو منٿون ڪري! گهمنڊ
جي وس ٿي پنهنجو ناس نه ڪر. بنا يتن جي ڀاڳ تو ڪليئي،
سو تون انکي ٺوڪار نه.“

ٻيءَ وري سماپت ڪندي چيو: ”اسان توکي نيڪ صلاح
ڏني آهي. اسان کان جيڪي ٿي سگهيو سو ڪيوسين، هاڻ

ٻيءَ وري چيو: ”مان چاهيان ٿي ته سندس جيرو ڪان اهو ڏاڍو سوادي هوندو.“

وري ٻيءَ چيو: ”اڇو ته هنکي کڻي سندس انگ ورهائي ڪٽون. وڃي ڪري چٽڻي ۽ تيز شراب کڻي اچو، پوءِ سيتا جي ماس جي مجلس ڪري، شراب پي اسان کي نڪمپل جي مندر ۾ ناچ ڪرڻ گهرجي.“

هھڙا ڀيانڪ ٻول ٻڌي ۽ هھڙا ڪنباءيندڙ روپ ڏسي سيتا جو هنياءُ ڦاٽي پيو ۽ هوءَ زور سان روئڻ لڳي. هن ٻارن جيان سڏڪا ڏي پريا. سڏڪن پريندي به سند يس ٻڌي بلڪل صاف هئي ۽ سنديس من رام جي ڌن ۾ لڳل هو.

روئندي چياءِ، ”جنستان ۾ رام هزارن راڪشسن کي ماريو، پوءِ هو منهنجي اڌار ڪرڻ لاءِ هن پاسي ڇو نه ٿو اچي؟ هنن وير راجڪمارن ڊنڊڪ بن ۾ ويراڌ کي ڪٺو، پوءِ هو منهنجي طرف کان اڃا لاپرواهه ڇو ٿيا وينا آهن؟ هنن کي اڃا پتو نه به پيو هجي ته مان ڪٿي آهيان! گرڌ راجه جٽايوءَ کي راڪشس ماري وڌو. جيڪڏهن هو جيئندو هجي ها ته ڪين ٻڌائي ها ته هن ڏٺو ته راڪشس مونکي کڻي ٿي ويو. پر مونکي بچائڻ جي ڪوشش ڪندي هن پنهنجا پراڻ ڏنا.

”پر ڪيسين تائين رام کي منهنجي هت هئڻ جو پتو ڪونه لڳندو؟ لنڪا ۽ راڪشس ڪيترو وقت بچيا رهندا؟ اها پڪ آهي ته هن راڪشس جي ديش ۾ هرهڪ گهر ۾ وڌوائون روئنديون رهنديون. پڪ آهي ته راوڻ جو هيءُ نگر ۽ راڪشسن جي سموري جاتي ناس ٿيندي.“

سيتا اهڙا پڇ پڇائيندي رهي. انهيءَ ڪري ڪيس وري ڪجهه همت آئي. پر جلدئي وري ٻيا خيال سنديس دماغ ۾ آيا ۽ هوءَ اداسائيءَ ۾ پئجي ويئي.

”ائين ته نه آهي ته منهنجي وڇوڙي جي ڏک کي سهڻ کان وڌيڪ سمجهي رام آپگهات ڪيو آهي؟ شايد ائين هجي!

اهي شبد سڻي سيتا روئڻ کان سواءِ ٻيو ڇا ڪري سگهي ها؟

هن چيو: ”کهڙا نه پاپ جا ٻول اوهين ٻولي رهيون آهيو! جيڪي اوهان چئو ٿيون سو مونکان ڪڏهن به ڪونه ٿيندو. اوهين چئو ٿيون ته رام دردري آهي، هو منديڀاڳي آهي ۽ کيس ديش نيڪالي مليل آهي. مونکي انهن سڀني ڳالهين جي ڄاڻ آهي. پر اسان جي منش جاتيءَ ۾ ڪا به استري انهن سڀني ڪري پتيءَ جو تياڳ ڪونه ڪندي آهي. راڪشس راجا مونکي پنهنجي استري بڻائڻ چاهي ٿو. اهو سندس لاءِ هڪ پاپ جو ڪم آهي. جئن سورج جي چمڪ سورج کان ڌار ڪري ڪونه سگهبي آهي، تئن مان رام کان ڌار ڪونه ٿي سگهنديس. جئن شسي اندر سان سچار آهي، جئن اَرنڌتي وسشٽ سان سچار آهي، تئن ئي مان سدا رام جي ٿي رهنديس.“

راڪسياڻين ڏنو ته سيتا کي پرچائڻ جو ڪو به رستو ڪونه آهي. انهن هڪ ٻي کي هن ريت چيو: ”هڪ هٺيليءَ ٻي سمجهه اِستريءَ کي ڪئن مڃائي سگهبو؟ چڱو ته ائين آهي ته هوءَ بلڪل ڏٻري ٿي وڃي تنهن کان اڳ، اسان کيس کائي پورو ڪريون.“

راڪسياڻين مان هڪ چيو: ”مونکي گرپ آهي. مونکي ماڻهو جي ماس کائڻ تي ڏاڍي دل آهي. مان کيس چيري سندس نرم ماس مان پنهنجو پوڄن ٻڻائينديس.“

ٻيءَ چيو: ”اسان کيس گهٽا ڏيئي پورو ڪنديونسين ۽ پوءِ راوڻ کي وڃي چونديونسين ته هوءَ ڏک جي وگهي مري ويئي آهي. هن هٺيليءَ ناريءَ جي ڪري راجا ٻي سود ڏک ۾ ڦاٿل آهي. هڪ وار جڏهن کيس ڄاڻ ٿي ته هوءَ پوري ٿي ويئي آهي، تڏهن هو هنجون ساريون ڳالهيون وساري ڇڏيندو ۽ سکي ننڊ ڪري سگهندو.“

چونو گلي ۾ وجهي سمسپ وڻ جي ڏار تان ٽپو ڏيئي پاڻ پورو ڪري ڇڏيندي يس.

راڪسياڻيون سيتا کي سرچاڻڻ ۾ سڦل ڪونه ٿيون. انهيءَ ڪري هو منجهي پيون ۽ اڳتي ڪهڙو قدم کڻن. ڪي ويون راوڻ کي پنهنجي ناڪاميابيءَ جو ورتانت ٻڌائڻ لاءِ. ٻيون اُتي ئي ترسيون سيتا جي سنڀال لاءِ.

انهن جي وچ ۾ ترجٽا نالي راڪسياڻي اچي نڪتي. هن کين هن ريت چيئيئيو:

”اي مورک اِستريون، اوهان ٻيهوديون ڳالهيون ڪري رهيون آهيو! مان جيڪو سپنو لڌو آهي، تنهنجو اوهانکي ورنن ڪري ٻڌايان ٿي. اهو وقت اچي ويو آهي جڏهن لنڪا کي ناس ڪيو ويندو.“

پوءِ هن انهيءَ ڀيانڪ سپني جو وستار سان ورنن ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو هن ڏٺو هو.

”مون پنهنجي سپني ۾ ڏٺو ته رام سڀ جيان چمڪندو، سيتا کي لهڻ لاءِ لنڪا ۾ اچي وارد ٿيو آهي. مون ڏٺو ته راوڻ يمراج جي لوڪ ۾ وڃي رهيو آهي. مون ائين به ڏٺو ته رام سيتا کي پنهنجي هاٿيءَ تي چاڙهي گهر ڏانهن کڻي وڃي رهيو آهي. مون ڏٺو ته راوڻ ۽ سڀني راڪشسن کي ميرا ڪپڙا پيا آهن ۽ يمراج کين گهلي رهيو آهي.“

ترجٽا راڪسياڻين کي سپني جو ورنن ڪري ٻڌائڻ کان پوءِ کين هن ريت چتاءُ ڏنو: ”هن ساڌوي ديويءَ کي ستايو نه. پنهنجي بربادي کي سڏ نه ڪريو. سنديس چرنن ۾ پئي آسيس پنو.“

جنهن وقت ترجٽا هن ريت پنهنجي ساٿڻين سان ڳالهائي رهي هئي، تنهن وقت سيتا جنهن آپ گهات ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو هو، سا گهڻي شڀ سوڻ ڏسڻ لڳي.

سنديس کٻي اک ڦرڻ لڳي؛ پڻ سنديس کاٻي ٻانهن ۽ هٿ

بيءَ حالت ۾ هو منهنجي باري ۾ لاپرواهه ڪيئن رهي ها ۽ مونکي هيترا ڏينهن ڇڏي ڇو ڏئي ها؟ سچ پچ هو هنوقت ديوتائن وٽ سکي وقت ڪاٽي رهيو آهي.

”مان هن ريت پيئي ڏک ڏوريان، مون ڪي گهڻا پاپ ڪيا هوندا. منهنجي دل شايد پٿر جي ٺهيل هوندي. نه ته جيڪر هيترا ڏک ڏسي مان ڪيئن جيئندي رهان ها؟ انهيءَ هوندي به اندر مان ڪو اهڙو آواز اچي رهيو آهي ته رام اڃا جيئرو آهي. اِئين نه هجي ها ته هوند مان به مري وڃان ها.“

پوءِ وري ڪيس هڪ ٻيو خيال آيو: ”اِها ٺيڪ جهڙي ڳالهه آهي ته هن منهنجو سمورو ويچار وساري اهو سنڪلپ ڪيو هجي ته هو پنهنجي باقي جيون تپسيا ۾ گذاريندو. ڀلا هو ويرڪتري پنهنجو ڌرم ڪيئن وساري ويهندو؟ پنهن جي ڌرم پتنيءَ کي شتروءَ جي هٿن ۾ ڇڏي سنياسي ڪيئن ٿيندو؟ مان کهڙي نه مورک آهيان جو اهڙا ويچار منهنجي من ۾ اچن ٿا! سچ پچ ته هنکي خبرئي ڪانه آهي ته مان ڪٿي آهيان.

”اِئين ته ڪونه آهي ته رام جي من مان منهنجو پريم ئي گم ٿي ويو آهي؟ چوڻي آهي ته ’جيڪو ڇلهه ٿي سو دل ٿي‘. اِها ٺيڪ جهڙي ڳالهه آهي ته هن مونکي وساري ڇڏيو آهي. هاءِ! هاءِ! کهڙو نه پاپ جو ويچار آهي! رام مونکي ڪئن وساري سگهندو؟ هو هرگز اِئين نه ڪري سگهندو. مان کهڙو اپراڌ ڪيو آهي، جو هو مونکي هئن وساري ويهي؟ اهو سبب ته ڪونه هوندو. شايد راوڻ ڪا حرڪت ڪئي آهي؛ هن ڌوهه ڪري راجڪمار کي ماري ڇڏيو آهي.“

اهڙيءَ ريت هنجو من ڏک ڀريءَ هڪ ويچار کي ڇڏي ٻئي ڏانهن ڀٽڪندو رهيو. اِئين ڪندي هوءَ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڏک جي ساگر ۾ ٻڏندي ويئي. انهيءَ ڪري هن نرڻون ڪيو ته مان آپگهات ڪنديس. هن سمجهيو ته ڦاسي کائي ڇوٽڪارو پائينديس. هن اِئين سمجهيو ته هوءَ پنهنجي وارن جو ٻ گهو

آهي، 'بُڌِيمَتم وَرِشٺم' يعني 'سياڻن جو سرمور'، اهو هنومان
جو پورو پورو ورنن آهي.

"سيتا جي سامهون مان ڪهڙو روپ ڌارڻ ڪري وڃان؟
ساڻس ڪهڙيءَ ڀاشا ۾ ڳالهايان؟ جيڪڏهن هن اشوڪ باٽڪا
۾ اوچتوئي اوچتو ڪو باندر اچي سيتا سان ڳالهائيندو ته هوءَ
سمجهندي ته ڪا مڙيوئي راوڻ جي حرڪت آهي. جيڪڏهن
مان اوچتوئي اوچتو هنجي سامهون ايندس ته پوءِ هوءَ شايد
ڊپ وچان وٺي دانهون ڪري. هن وقت جيڪا سنديس
اوستا آهي تنهن ۾ گهڻو ڪري ائين ئي ٿيندو. انهيءَ حالت
۾ پهرو ڏيندڙ راڪسياڻيون جيڪي هن وقت ننڊ ۾ پيون آهن،
سي چرڪ ماري جاڳي پونديون ۽ مونکي ڏسي وٺنديون. هننکي
خبر پوندي ته مان ڇمراپوش ڪري سندن شتروءَ وٽان آيو
آهيان ۽ پوءِ راڪشسن کي مون تي وار ڪرڻ لاءِ سڏي اينديون.
البت مان انهن مان گهڻن کي ماري ڇڏيندس. پر جيڪڏهن
مان پڪڙجي قئدي ٿي پيس ته پوءِ سيتا کي رام جو سماچار
ڏيئي آٿت ڏيڻ جي ڪم ۾ اَٽڪ پئجي ويندي. ائين ڪرڻ
ڪنهن به حالت ۾ نيڪ ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن پڪڙجڻ
کان پوءِ جهيڙي ۾ ڪامياب ٿي مان ڀڄي به نڪتس، ته به
نيڪ ڪونه ٿيندو. مان شايد ٿڪجي پوان ۽ منهنجي شڪتي
اپتري گهٽجي وڃي جو مان وري سمنڊ پار ڪري نه سگهان.
پوءِ سيتا کي لهڻ مان مونکي ڪهڙو لاڀ ٿيو؟ منش کي
تڪڙ ڪري ڪوبه ڪم ڪرڻ نه گهرجي. منش کي پنهنجو
مکيه ڪارج ئي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. راجا سگريو ۽ رام وشواس
رکيو ويٺا آهن ته مان اُوس سڦل ٿي وٽن موٽي ويندس. هن
وقت جيڪڏهن ڪا ڀل به ٿي ته شايد انجي ڪري ڪا وڏي
آپدا اچي ڪڙڪي.

"پهرين پهرين مونکي سيتا سان ڳالهائڻ گهرجي ۽ هن جي هردي
۾ آشا ۽ آنند جاڳائڻ گهرجي. مونکي هنجي ويجهو اهڙيءَ ريت وڃڻ

۾ ڪجھ خارش ٿي. وري سنديس هردي ۾ توري همت پئدا ٿي. هنجي من ۾ جيڪي بہ آپ گھات ڪرڻ جا ويچار هئا، سي سڀ ڪافور ٿي ويا.

هنومان ڏار تي لڪو ويٺو هو. هيٺ ڪنج ۾ جيڪي بہ ڪجھ وهيو واپريو، سو سڀ هن ڏٺو ۽ ٻڌو. هو هاڻي اچرج ۾ پئجي ويو. ڪيس پتوئي نٿي پيو تہ هو اڳتي ڪهڙو قدم کڻي.

ڪي ماڻهو ائين پائيندا تہ جڏهن هنومان لنڪا ۾ پهچي سيتا کي ڳولهي ڪڍيو، تڏهن هن کي وڌيڪ ڪجھ بہ ڪرڻو ڪونہ هو. پر هنومان تہ ائين جلد سنتوش ڪرڻ وارو ڪونہ هو. هو هن ريت پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳو:

”مان اهو ڪجھ ڪيو آهي جيڪي ٻيو ڪو ڪري نہ سگھي ها. مون راڪشسن جي نگري ڏٺي آهي ۽ انجي بچاء جا جيڪي وسيلا آهن، سي بہ جاچيا آهن. جيڪي هڪ جاسوس کي پاڻکي پڌري ڪرڻ کانسواء ڪرڻ گهرجي، سو سڀ مون پورو ڪيو آهي. پر هتي جي اوستا ڀيانڪ آهي. هاڻي جيڪڏهن رام ۽ پنهنجي راجا سگريو کي اهو سماچار ٻڌائڻ ويندس تہ خبر نہ آهي تہ هت ڇا ٿيندو. جيسين رام، لڪشمڻ ۽ وانر سئنا هتي اچي ئي اچي، تيسين سيتا ڪڪ تي ڪري متان پنهنجي جيون پوري نہ ڪري ڇڏي. انهيء حالت ۾ منهنجو سارو پورهيو وئرٿ ويندو. رڳو سيتا کي ڏسڻ ڪافي نہ آهي، مونکي ساڻس ڳالهائڻ گهرجي ۽ ڪيس رام جي خبر ڏيئي سنديس هردي ۾ اتساه جاڳائڻ گهرجي، جنهن ڪري سيني ڏکين اوستائن هوندي بہ هوء پاڻ جهلي سگھي جيئندي رهي.

”جيڪڏهن سيتا سان ڳالهائڻ کانسواء مان رام وٽ ويندس تہ خبر نہ آهي هو مون سان ڪهڙي نموني ملندو. مون کي ڪو رستو ڪڍي سيتا سان ضرور ڳالهائڻ گهرجي.“

هنومان جي ڏالن جي جيڪا سوچي آهي تنهن ۾ هڪ نا

۽ پراتا لڪشمڻ سميت راج ڇڏي بنواسي بڻيو.

"اُتي هن راڪشسن جو سنگهار ڪري رشين جي رکيا ڪئي. ڪن دوشڻ ۽ سندن شڪتيوان سئنا جو هن انت آندو. اُن ڳالهه جي سڌ جڏهن راوڻ کي پيئي. تڏهن بدلي وٺڻ جو ويچار ڪيائين ۽ هڪ راڪشس کي پرپائي ڪانئس هرڻ جو روپ ڌارڻ ڪرايائين. راجڪمارن کي گمراه ڪري هرڻ جي ڪڍ موڪليائين. سندن پرپٺ سيتا کي زوريءَ کڻي ويو.

"دک ڪان وياڪل ٿيل رام سيتا کي ڳولهڻ لڳو. هو وانر سگريو کي گڏيو، ۽ هنجو متر بڻيو. رام وانر راج ٻاليءَ کي ماريو، ۽ سندس پاءُ سگريو کي وانر راج وٺي ڏنو. ۽ سگريو پنهنجي وانر سئنا دنيا جي سڀني پاڳن ڏانهن موڪلي ته سيتا کي ڳولهي اچن.

"اهي وير وانر، جي کهڙو به روپ ڌاري سگهيا ٿي، تن گم ٿيل سيتا لاءِ سڄيءَ دنيا ۾ ڳولها ڪئي. سمپاتيءَ وٽان مليل ڏس ٿي مان، سؤ يوجن ڪشادو ساگر لتاڙي هت پهتو آهيان. هاڻ مان پنهنجي اکيان اُها ناري ڏسي رهيو آهيان، جنهنجا آروڪا، روش، رنگ ۽ لڇڻ اهڙائي آهن جهڙا رام پنهنجي راج راڻيءَ جا بڌايا ٿي."

ايترو چئي هنومان ٿورو ترسيو.

ڪنهن ڪنب مان ڪنهنجي واتان نڪتل هنن مڌر واڪن سيتا جي من ۾ عجب ۽ آنند اُتپن ڪيو. هن چؤطرف نهاريو ته اهو ڪير آهي جنهن هيءَ منڙي ڳالهه ههڙن مٺن وچنن ۽ مڌر پاشا ۾ بڌائي هئي.

هن آس پاس نهاريو، هيٺ مٿي ڏٺائين، پر ڪيس اهڙو ڪو منشيه نظر نه آيو جنهن هي ڇٺو بيان ڪيو هجي. هن ڏٺو ته رڳو هڪ ننڍڙو سهڻو وانر سندس مٿان وڻ تي ويٺو هو. پون پٽر ۽ وانرن جي سپاٽي سردار کي سيتا هڪ ننڍڙي وانر جي روپ ۾ ڏٺو. هنجو چهرو اڀرندڙ سورج جيان لعل هو

گهرجي، جنهن هنجي من ۾ منهنجي باري ۾ ڪو سنديھ نہ ٿئي.
"چڱو پلا، مان مٺن جهڪن شبدن ۾ رام جا گڻواد ڳائيندس.
ڳائيندس بہ اهڙي ريت جنهن سيتا کان سواءِ ڪو ٻيو ٻڌي نہ
سگهي. پوءِ سنديس هردو آنند ۽ وشواس سان ڀرجي پوندو.
ڪو بہ سنسو سنديھ هنجي من ۾ پيدا ڪو نہ ٿيندو. مونکي
انهيءَ ريت ئي هلڻ گهرجي."

هن ريت هنومان ويچار ڪري وڻ جي ٽارين ۾ لڪندي
جهڪي آواز ۾ 'رام' 'رام' جي مٺي شبد جو اُچارڻ ڪرڻ لڳو.

اَڌياءُ ٥٢

سيتا کي آٿت مليو

وڻن وچ ۾ لڪل هنومان مٺي ۽ مڌر سر ۾ رام ڪٿا ڳائڻ لڳو
جنهن اها سيتا جي ڪنين پئي: "راجا دشرٿ پنهنجو راڄ
چڱيءَ طرح سنڀاليندو هو. سنديس سٽنا شڪتيوان هئي ۽ اُن
۾ رٿ، هاٿي ۽ گهوڙا هئا. هو سد گڻي ۽ ستڪرمي هئو. هو
وچن جو پڪو ۽ سنسار جي پرسد راجائن جو سرمور هئو.
گڻن ۾ هو رشين سمان هئو ۽ ٻڌيءَ ۾ اندر جهڙو. نہ ڪنهن لاءِ
تڪار هيس ۽ نہ ڪنهن کي ڏکوئيندو هئو. هر ڪاريہ ۾ کيس
سڦلتا ملندي هئي. اُن ڪري لوڪ کيس ستيہ پراڪرمي،
سچو ٻلوان ڪري سڏيندا هئا. اڪشواڪو گهراڻي ۾ سيني کان وڌيڪ
ڌنوان، راجائن جو راجا، چڪرورتي راجا سمپورڻ سکن جو ڀوڳيندڙ ۽
پرجا کي سک ڏيندڙ هو. سنديس چئن راجڪمارن ۾ وڏو رامچندر هئو،
جنهنجو مک چوڏينهن جي چندرما سمان تيجوان هئو. سياڻو، سڀاڳو،
ڌنش ڌاري رام، سيني جو پريہ هئو ۽ هنکي سڄيءَ پرجا لاءِ دل ۾
ديا هوندي هئي. هيءُ ڌرم تي هلندڙ پوڙو راج گديءَ جو وارث
هئو. ان هوندي بہ پتا جي وچن پالڻ لاءِ هو پنهنجي پتنيءَ سيتا

ڪشا ڪريو. شل ڀي رام جو ٻي دوت هجي!"

هنومان، سيتا کي هن ريت پرسن ٿيندو ڏسي، خوشيءَ ۾ ٽپا ڀڪڻ لڳو. وڻ تان لهي هيٺ ٿيو ۽ اچي سندس اڳيان بيٺو، ٻئي هٿ جوڙي ڏنڊوت ڪيائين.

نهايت وڻندڙ مٺن وچنن ۾ چيائين: "ماتا، تنهنجن نيڻن مان ڳوڙها اِئين پيا ڳڙن جيئن ڪنول جي گل مٿان ماڪ جا ڦڙا. ڪرپا ڪري مونکي ٻڌايو ته اوهين ڪير آهيو، وڻ جي ٽاري کي ٽيڪ ڏيئي بيٺل، مک جنهنجو ملول، جنهنجي اکين مان آب پيو اوتجي، سا ڪير آهي؟ اوهين ڪا ديوي يا ناگ ڪنيا آهيو ڇا؟ اوهانجي شرير جو چمتڪار مون ۾ اهو سنديھ جاڳائي ٿو ته اوهين سنساري راج ڪنيا نه آهيو! ڇا چندرما کان وڇڙيل روهڻي آهيو؟ يا رشي وسشٽ کان جدا ٿيل ارنڌتي آهيو؟

"نه. ڇتائي ڌرتي تي اِئين پرسڌ ٿئي ٿو ته منشيه ديھ ڌاري ناري آهيو، ٿي سگهي ٿو ته ڪا آپدا جي ماريل راجڪماري آهيو. ديا پالي مونکي ٻڌايو ته اوهين ڪير آهيو. ايشور اوهان تي آسيس ڪري! جنسٿان مان راوڻ دواران پڪڙائي آندل سيتا اوهين آهيو ڇا؟ رام جي پياري سيتا جي درشن ڪرڻ جو سڀاڳيہ مونکي مليو آهي؟"

سيتا آنند ۾ ٻرجي ويئي. "منهنجا ٻار ڙا،" هن چيو، "سچ پچ مان وديھ راج جي ڪنيا ۽ شري رامچندر جي پتني، سيتا آهيان. ١٢ سالن تائين اَيوڌيا ۾ هن سان آنند ۽ سک سان رهيس. ١٣ ورهيہ ۾، راجا دشرٿ منهنجي پتيءَ کي سنگهاسن سونپڻ جي تياري ڪئي. تڏهين سندس ننڍي راڻيءَ ڪيڪئيءَ کيس، اڳ ڏنل وچن ياد ڏياريا، ۽ چيڪ ڪيائين ته اهو ٻرن پاري ۽ سندس پٽ ڀرت کي راج گديءَ تي وهاري، ۽ رام کي بنواس ڏئي. هن ڌمڪي ڏنيس ته جي اِئين نه ڪندين ته آتم گهات ڪنديس. ڏنل وچن جي ٻنڌن

پاڻ کي پاڻهي ڪلپنا ڪن ته رام جي قاصد جڏهين سيتا کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏٺو، تڏهين ڪيس ڪهڙي نه خوشي ٿي هوندي. جيڪو پاڻ اهو آنند ماڻيندو سو ڀڳوان کي پنهنجي هرديه ۾ براجمان پائيندو. اسين جڏهين پنهنجو هردو پوتر ڪنداسين تڏهين نارايڻ، جو هميشه اُڪير مان اُسانجي اَندر ۾ گهڙي، اسان جو هردو وس ڪرڻ چاهي ٿو، سو اَننت ۽ اَٿاه ڪير ساگر ڇڏي اسان جي دل اندر اچي ويٺڪ وجهندو.

هنومان کي ڏسندي ئي، سيتا پاڻمرادو چوڻ لڳي: ”مون جيڪي وچن ٻڌا ۽ جيڪا مورت اکئين پسان پيئي،— سا سچي نه هوندي. مان فقط سپنو ٿي ڏسان. جاڳندي جيئي، ستي پڻ سيئي — اِنسان جيڪي سانده سوچي ٿو سو ئي سپني جي صورت ۾ سندس اکين آڏو اچيو ڦري. پنهنجي ناٿ جي ڳالهه اڪثر سوچيندي رهان ٿي! انڪري ان ۾ عجب ئي ڪهڙو آهي جو منهنجا ڪن ساڳي ڳالهه اِئين ٻڌي رهيا آهن جيئن ڪو ڳالهه ٻڌائيندو هجي؟ اهو ستيه ناهي. اهو سپنو آهي.

”چوندا آهن ته سپني ۾ وانر ڏسڻ جي ڪتب لاءِ چڱو سوڻ ڪونهي. ڀڳوان شل رام کي آفت کان رکي! ڀڳوان شل لڪشمڻ جو وار ونگو نه ڪري! ڀڳوان شل متلا ۾ منهنجن سنبنڌين تي ديا ڪري!

”نه نه هي سپنو نه آهي. منهنجا نيتر ڪليل آهن ۽ مان اهائي ساڳي صورت پنهنجي مٿان وڻ تي ويٺل ڏسي رهي آهيان. هو ڪهڙو نه چٽو ۽ سچيو ويٺو آهي. نه، هي خواب ڪونهي ۽ مان ننڊ ۾ نه آهيان. ننڊ بنا ڪير سپنو ڏسندو؟ هي خواب ڪين آهي. هي سڀ حقيقي آهي. هي ديوتائو! سچ پچ هي منهنجي ناٿ وٽان آيل دوت آهي؟ آسيس ڪريو ته شل اِئين ئي ٿئي! هي واچسپتي! واڻي داتا، منهنجي توکي نمسڪار آهي. هي اَگني! توکي نمسڪار آهي. هي سويمڀو! توکي نمسڪار ٿي ڪريان. هي ديوتائو! منهنجي

ي مان جان ڏينديس. دک ۾ ٻڏل سيتا کي هنومان ت لداري ڏني.

”هي وديهه ڪماري! رام، جو پرشن ۾ اُتم پرش آهي، ڙين ۾ مهاوير آهي، تنهن مونکي تو وٽ شڀ سماچار سان موڪليو آهي. سندس ڀراتا لڪشمڻ، جو سدائين تنهنجو شڀ چنتڪ آهي، تنهن منهنجي دواران توکي چرڻ وندنا موڪلي آهي.“

”آه! مان ڪهڙي نه ڀاڳوان آهيان؟“ هن اچرج وچان چيو، ”اڄ ئي انڀو ڪريان ٿي ته اها چوڻي بلڪل سچي آهي ته منش جيسين جيئرو آهي تيسين آس ۽ آسرو رهي ٿو.“

ان ريت هنن ٻن ڌارين جي وچ ۾ اوچتوئي اوچتو وشواس ۽ سنيهه اِئين اُپري آيو جئن اِندر جي ڦلواڙيءَ ۾ پارجات پشپ ڦٽي پوي. اُنهيءَ هوندي به جئن آنند وچان اڌير ٿيل هنومان سيتا کي آٿت ڏيڻ لاءِ هنجي ويجهو ويو، تئن هنجي وچنن سڀ سيتا جي من ۾ اُتپن ٿيل وشواس ڏڏي ويو ۽ ڪيس وري ٿورو شڪ جاڳيو. هن اکيون بند ڪيون ۽ وڻ کان ٿورو هٽي ويٺي. هنومان اُهو ڏٺو ۽ ادب سان پٺتي هٽيو ۽ آگيا ڪاريءَ جيان هٿ جوڙي بيهي رهيو.

”مونسان دوکو ٿيو آهي،“ هن چيو. ”تون راوڻ ئي آهين. هڪ لڳا تون ساڌوءَ جي ويس ۾ مونوٽ آيو هئين ۽ مونکي هٿ ڪٽي آئين. هاڻ وري ٻئي ويس ۾ آيو آهين ۽ مٺا وچن ٿو بولين. هن ريت توکي ڪجهه ملڻو نه آهي. اي راوڻ! تون مونکي ڇو ٿو ستائين؟ مان ماندي ۽ ڏکويل آهيان. تون پاڻ کي وير ٿو سڏائين. ڇا وير پرش ابلائن کي هن ريت ستائيندا آهن؟“

ايترو چئي هن اکيون کوليون ۽ وري ويچار ڪيائين، ”نه، نه، هي راوڻ نٿو ٿي سگهي. هنکي ڏسندي ئي منهنجي من ۾ وشواس ۽ متر ڀاونا اڀي واسو ڪيو آهي. هو منهنجو شترو نٿو ٿي سگهي. هن تي وشواس نه ڪرڻ واجب نه آهي.“

۾ قاتل راجا لاءِ ٻي ڪا واهه نه هئي، سواءِ اُنجي ته راڻيءَ ج
هٺ پورو ڪري. سندس آگيا پائي رام تاج تجيو ۽ خوشي
سان ٻنواس سويڪار ڪيو. راڄ ڇڏڻ ڪري هنکي ڪو رنج نه هو
پاڻ هنکي اهائي خوشي ٿي ته پتا کي وچن جي پالنا ڪرڻ
سهايڪ ٿيڻ جو سؤڀاڳيه کيس اُي پراپت ٿيو هو. رام ٻن
راڄڌانيءَ ۾ رهڻ کان مون صاف انڪار ڪيو ۽ ساڻس گڏ
ٻن وڃڻ لاءِ هوڙ واريم. لڪشمڻ مونکان به اڳ گيروءَ رن
وستر پائي تيار ٿيو. پنهنجي ڀاءُ سان ٻن ڀوڳڻ ۽ سندس سيو
ڪرڻ جو هن ڍرڍ سنڪلپ ڪيو هو. اسين ٽيئي ٻنواس
لاءِ نڪتاسين ۽ اچي ڊنڊڪ ٻن ۾ رهياسين. هڪ ڏينهن
ڪپٽي راوڻ مونکي زوريءَ پڪڙي آيو ۽ اچي اشوڪ باٽڪ
جي قيد ۾ قابو ڪيائين. هن مونکي ١٢ مهينا مهلت ڏني آهي
جنهن مان باقي ٻه مهينا وڃي رهيا آهن. جڏهين اهو مد
پورو ٿيندو، تڏهين مان جان ختم ڪنديس.“

ان ريت ڏکويل راجڪماريءَ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي.

هنومان ۽ جانڪيءَ جا ڀاشڻ والميڪيءَ ٻن نديڙن باٻن
۾ ڏنا آهن. جيئن ٻلي راجا اڳيان وامن جي روپ ۾ هري اچي
بيٺو ۽ ٻن ڀرانگهن ۾ ساري سرشٽي ماپي ڇڏيائين، تيئن
والميڪيءَ به رام جي ڪهاڻي ٻن ڳانن ۾ سماپت ڪئي
آهي، جنهن مان هڪ سيتا ۽ ٻي هنومان جي واتان چواي
اٿس. سيتا ۽ هنومان جي مک مان ٻڌل هيءَ ڪٿا پڙهڻ سان
اسانکي ڪيترو نه آنند ايندو؟ جيئن وامن، ٻاليءَ سان ڀال پلاي
۽ سندس اهنڪار لاٿو، تيئن ئي هنومان ۽ سيتا جي واتان
چوايل هيءَ رام ڪٿا اسانکي ’مان‘ ۽ ’منهنجو‘ جي وهم کان
ڇوٽڪارو ڏئي.

سيتا پنهنجي ڪهاڻي ختم ڪندي چيو هئو ته ١٢ مهنن
جي ڏنل مدي ۾ باقي ٻه مهنا آهن ۽ انهن جي پوري ٿين

"جڏهن هرڻ جي روپ ۾ هڪ راڪشس رام کي گمراهه ڪري پريان وٺي ويو، تڏهن تون ٻن ۾ اڪيلي هئينءَ ۽ راوڻ توکي زوريءَ کڻي آيو. هاڻ جلد ئي هنکي انهيءَ ڪوڙي ڪرم جي سزا ملندي، سو تون پنهنجن نيٽرن سان ڏسندينءَ. جلد ئي لنڪا مٿان رام ۽ لڪشمڻ جي ٻاڻن جي ورشا ٿيندي ۽ هيءَ نگري، راوڻ ۽ سندس راڪشسن سميت ناس ٿيندي. رام جي آگيا سان ئي تو وٽ آيو آهيان، ڇو ته رام تنهنجي ڪشل ڪلياڻ بابت ڄاڻڻ لاءِ بلڪل اَڌير رهي ٿو. لڪشمڻ پاران مان تنهنجي چرنن ۾ سيس نمايان ٿو. وانر راڄ سگريو جي چرن وندنا به سويڪار ڪريو. رام، لڪشمڻ ۽ سگريو سدا اوهانجو چنتن ڪندا رهن ٿا. منهنجا سوڀاڳ آهن جو مون اوهانکي جيئرو جاڳندو ڏٺو آهي. هاڻ وڌيڪ سمون وڃائڻو نه آهي. جلد ئي رام، لڪشمڻ ۽ سگريو سموري وانر سينا سان لنڪا تي چڙهائي ڪندا. مان سگريو جو منتري آهيان. منهنجو نالو هنومان آهي. مان ساگر پار ڪري لنڪا ۾ پهتس. تون پڪ ڄاڻ ته منهنجو هڪڙو پير پاپي راوڻ جي سر مٿان اڳيئي ٻيٺو آهي. رام جو هي داس سندس ئي ڪرپا سان پنهنجي ٻل ڪان وڌيڪ، هي ساگر پار ڪري توکي چتائڻ لاءِ هت آيو آهي. مون تي سنديهه نه ڪر. جيڪي چوان ٿو تنهن تي ڀروسو رک، ماتا." اهي اکر چوندي هنومان جي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

"منهنجي سنديهه لاءِ ڪميا ڪجِ، هي وانر متر!" هن چيو. "راڪشسن کان مليل دوکي ۽ سندن ڇل ول کان وياڪل هئڻ ڪري مان اجايو گهبرائجي ويئي هيس. هي رام جا متر ۽ دوست تون اول رام کي ڪٿ گڏئين؟ راجڪمار ڪٿ وانرن سان مترتا ڳنڍي؟ اِهو سڀ مونکي ٻڌاءِ."

هنجو وشواس پڪو ڪرڻ لاءِ هنومان هڪوار وري به رام ۽ لڪشمڻ جي گڻن جي واکاڻ ڪئي.

هنومان کي چيائين: ”هي وانر! تون سچ پچ رام جو دوت
آهين؟ شل ايشور جي آسيس تنهنجي. رام بابت ڪجهه وڌيڪ
ٻڌائينم. پوءِ منهنجا ڪن اها وارتا ٻڌن ۽ من کي سنتوش اچي.“

پر وري شڪ ڪيس گهيرو ڪيو. ”مان وهم جو شڪار ته
نه ٿي آهيان؟ هن شيءِ سماچار جي رڳو ڪلپنا ته ڪونه ٿي ڪريان؟
ڇا هي سپنو ته نه آهي جو مونکي ٻه چيرائڻ لاءِ منهنجي من ۾ هيءَ
آنند انهيءَ لاءِ پيدا ڪري رهيو آهي ته سڀاڳ ٿيڻ تي منهنجي چنتا
پار ٿودي. منهنجو هوش ته ٺڪاڻي آهي نه؟ هوش ته بلڪل ٺيڪ اٿم،
خيال به ٺيڪ اٿم. ڳالهائڻ به رواجي اٿم. دماغ سالم ۽ سمجهه
ثابت اٿم. پر هي جو چوي ٿو ته هن سوين يوجن ڪشادو
ساگر پار ڪيو آهي، سو ڪيئن؟ نه، نه، اهو سچ نٿو ٿي سگهي.
هي راوڻ ئي آهي ۽ نه ٻيو ڪو؟“

اُن ريت من ئي من ۾ ويچار ڪندي، هنومان ڏانهن نهارڻ
بنان ئي پريان مانت ڪري وڃي ويٺي.

هنومان هنجي انديشن ۽ گهٻراهٽ کي پروڙي ويو. جنهن
کي راڪشسن ڏکو ڏنو هئو اُن لاءِ اُهو سڀ سپاويڪ هئو.
هڪ کن لاءِ هن ويچار ڪيو ۽ ڄاتائين ته سيتا ۾ وري وشواس
پيدا ڪرڻ جي هڪ ئي وات آهي. اُها هيءَ ته منجهس آس
۽ خوشي جاڳائجي جئن سندس دل کي آٿت اچي رام جي
ساراهه ڪجي ۽ سندس ٻند آجا ٿيڻ جو ڪيس وشواس ڏجي
ڪيس ويساهه ڏيارجي ته رام اوس سوڀارو ٿيندو، ۽ هو ڇوڙ لڳو

”رام مونکي موڪليو آهي، رام جو سورج جيان ڀڪندڙ
آهي، چندرما جهڙو سيتل آهي، جنهنجو جس پرٿويءَ جا سمور
راجائون ڳائيندا آهن. جو وشنوءَ سمان بلوان آهي، جو برهسپتي
جيان چتر آهي، جو ڪام ديو منمت جيان سوپياوان آهي، را
جو مٺا ٻول ٻوليندڙ ۽ ستيه وچن چوندڙ آهي، رام، جنهنج
ڪروڌ هميشهه نيڪ ۽ ڌرم انڪول ۽ پورو نشاني چٽيل ٿيند
آهي، رام جو اجيت ويرپرش آهي، تنهن رام ئي مونکي موڪليو آهي

ڪرڻ لاءِ ڪجهه چئي رهيو آهيان. جلدئي وانرن جي سئنا هت پهچندي ۽ راڪشسن ۽ سندس راڄ جو انت آڻيندي. مونکي اُن ڪري واپس وڃي کين ٻڌائڻ گهرجي ته تون هت آهين. “

پوءِ هن کيس ٻڌايو ته سيتا جي وڇوڙي ۾ رام ڪيئن دکي ٿي رهيو آهي. سيتا کي اهو به ٻڌايائين ته رام ڪيئن ساڌن جهڙي حياتي گذاري رهيو آهي. اهو سڀ ٻڌي سنيهه ۾ دک وچان سيتا جو من پاڻي ٿي پيو.

رام جي دک جو خيال ڪندي سيتا کي پنهنجو ڪشٽ ئي وسري ويو.

اَڌياءُ ٥٣

سيتا ۽ هنومان

سيتا چيو: ”اي پرم پيارا متر وانر! مان سمجهي نٿي سگهان ته جيڪو سماچار تو آندو آهي، سو ٻڌي ڪري خوشي ڪريان يا ڳڻتي ڪريان. تنهنجا شبد اِئين آهن جئن اُمرت سان وهيه مليل هجي. منهنجي پريتم جو مون سان جيڪو پريم آهي سو مٺي ۾ مٺو اُمرت آهي. پر منهنجي اوستا بابت جيڪا هو چنتا ڪري رهيو آهي سا منهنجي لاءِ ڪؤڙي ۾ ڪؤڙي زهر آهي.“ اُنهن شبدن ۾ سيتا پنهنجي من جو سچو حال اوريو ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي پريم ۽ ڏک جو شبدن ۾ ورنن ڪري هنکي ڪجهه سنتوش ٿيو.

سک ۽ دک، خوشي ۽ غمي وارو وارو ڏيئي منش کي ڪمرڪرڻ لاءِ چورينداآهن. سيتا کي ڪجهه آٿت ٿيو پرانهيءَ ڪري کيس ڪجهه ڏک به ٿيو ڇاڪاڻ جو رام سنديس ڳولها ڪندي چنتا يوڳي رهيو هو. هو کيس اِجا وساري ڪونه سگهيو هو، پر کيس ياد ڪندو رهيو هو.

هن چيو: ”جڏهين سارو سنسار رام جي ديالتا ۽ اُدارتا جو ڪانڪي آهي تڏهن مونسان، منهنجي راجا سان ۽ وانرن سان هنجي مترتا رکڻ ۾ عجب ئي ڪهڙو آهي؟“

هن پوءِ باليءَ ۽ سگريو جي جهيڙي کان وٺي سموري پيرائتي ڳالهه ڪرائي ٻڌائي. اهو به ٻڌايائين ته ڪيئن سگريو رام ۽ لڪشمڻ کي گڏيو، ڪيئن هو متر بڻيا، رام ڪيئن باليءَ کي مارڻ جي پرتگيا ڪئي ۽ سگريو کي وانر راڄ هٿ ڪري ڏنو. سيتا جا اُڇلايل ڪپڙا ڳهڻا وانرن ڪيئن سانڍي رکيا هئا، رام ڪيئن نه اُهي وستر ۽ مڻيا ڏسندي دکي ٿيو هئو. بالي ڪيئن ماريو ويو ۽ سگريو جو راڄ تلڪ ٿيو. برساتي موسوم پوري ٿيڻ ڪانپوءِ وانر راڄ ڪيئن سيتا لاءِ ساري دنيا ۾ ڳولها ڪئي. انگد جي اڳواڻي هيٺ ڏکڻ طرف ويل وانرن ڪيئن نراس ٿي پراڻ تياڳ اُپواس رکڻ جو ويچار ڪيو. سمپاتيءَ سان ڪيئن سندن ڏيٺ ٿي، جتان لنڪا جو ڏس مليو. هنومان ڪيئن سمنڊ لتاڙيو ۽ راوڻ جي محل جي ڪمرن ۾ سيتا کي ڳوليو. اُهو سڀ وستار هن ڪري ٻڌايو.

ڪهاڻي سماپت ڪري هن، سندس هٿ ۾، پاڻ سان آندل رام جي نالي واري منڊي ڏني.

سيتا اُها منڊي وٺي خوش ٿي ۽ ڪڻي اکين تي رکيائين. هنجي دل تان راوڻ جي ڇل ۽ راڪشسن جي ڊپ جو پاڇو هٽي ويو. هنومان ۾ هنجو سمپورڻ ويسه جمي ويو ۽ هن لاءِ دل ۾ اُپار سنيهه جاڳيس.

هن چيو: ”منهنجا ٻالڪ! مورکتا کان مون ڪهڙي نه ڀاري ڀل ڪئي! تو جهڙي متر تي مون ڪيئن نه شڪ آندا!“

وايو پتر اُنهيءَ تي سيتا کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ته مان ڪير آهيان، منهنجو پتا ڪير آهي ۽ مون ۾ ڪيتري شڪتي آهي.

”جيتوڻيڪ پنهنجي پتا وايوءَ جو ڪرپا پاتر آهيان، ته به مونکي پنهنجي ساراهه نه ڪرڻ گهرجي، پر تنهنجي دک دور

نهنجي سواميءَ رام ڏانهن کڻي هلندس. اي پرم پوتر ديوي! ونکي آگيا ڏي ته مان هيءَ تنهنجي شيوا ڪريان. مونکي پتري شڪتي آهي جو توکي کڻي ڪري رام تائين ته هچائيندس پر سارڻ سارڻ لنڪا جو بنياد اکيلي ڪري انکي سندس راجا سوڊو کڻي وڃي رام جي چرنن ۾ اڇلائيندس! منهنجي پٺيءَ تي هاڻ چڙهه. جيئن روهڻي چندرما سان ٻيهر ميلاپ ڪندي آهي تيئن هلي رام سان موٽي مل. جيئن مان هن پار کان ٽپ ڏيئي هتي آيس، ساڳيءَ ريت هتان ٽپ ڏيئي ٻرينءَ ڀر پهچندس."

اهڙيءَ ريت هنومان پريم ۽ اتساهه سان ڳالهائيندو رهيو. سيتا اچرج ۾ پئجي ويئي ته هيءَ ننڍڙو ٻولڙو ڪيئن سمنڊ پار ڪيئن پهچائيندو.

هنومان ڏٺو ته سيتا جي من ۾ ڪجهه سنديهه آهي. پنهنجي شڪتيءَ کي پرگهٽ ڪرڻ لاءِ هن اُنهيءَ ٿلهي تان ٽپو ڏنو ۽ ديگهه ۾ وڌندو ويو. سيتا هيءَ ڳالهه ڏسي پرسن ٿي.

پر سيتا چيو: "اي پون پتر! مان تنهنجي شڪتيءَ جي ڪت ڪري سگهان ٿي. انهيءَ هوندي به ائين ٺيڪ نه آهي ته تون مونکي کڻي هلين. رستي تي راڪشس اوس توکي روڪيندا ۽ توکي وڙهڻ لاءِ للڪار ڪندا. هو پنهنجا هٿيار توڏانهن اڇلائيندا. اُنهيءَ وقت تنهنجو ڌيان منهنجي بچاءُ ۾ لڳل هوندو ۽ تون يڌ جي پاسي ڌيان ڏيئي نه سگهندين. اهڙي اوستا ۾ وڏي يوڌي ۾ به سخت ڪمي اچي ويندي آهي. يڌ ۾ ڪنهن کي به سوڀ جي پڪ ڪانه ٿيندي آهي. جيڪڏهن تون ڪري پئين، ته پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ وري هن اُبهريءَ يڌ جي زبردست لوڏن لمن ۾ مان ڪيئن درپ تي تنهنجي پٺيءَ تي ويهنديس؟ مان شايد ڪسڪي وڃي سمنڊ ۾ ڪران. انهيءَ مان پرست آهي ته مونکي کلهن تي کڻي ڪري توکي سمنڊ پار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ

ڪري رهيو هئو.

سيتا چيو ته: ”اسين رگهو ڪت پتليون آهيون، جن کي سک ۽ ڏک روپي به ڌاڳا هلائي رهيا آهن. ڪو به انهن جي چڪ کان بچي ڪونه سگهندو. منهنجو پراڻ پتي، لڪشمڻ ۽ مان به اُنهيءَ جي اَڌين آهيون. تو چيو ته منهنجو سوامي اُئين ڏک سهي رهيو آهي، جيئن ڪو مها ساگر تي هلندڙ، طوفان ۾ ڦاٿل جهاز هجي. اڙي! هو هت ڪڏهن ايندو؟ اي پيارا وانر، هو ڪڏهن اچي لنڪا ۾ راوڻ ۽ ٻين راڪششن جو ناس ڪندو؟ هي سمورو ڪارج باقي رهيلن ٻن مهنن جي اندر پورڻ ٿيڻ گهرجي. ڪرپا ڪري منهنجي پتي ديو کي اِها ڳالهه سمجهائج. مونکي رگهو به مهنا ٻچيل آهن. راوڻ جي ننڍي ڀاءُ ٻيبيشڻ هن کي پريائڻ جو پورو پورو يتن ڪيو جيئن هو پنهنجي هٿ تان لهي. هن راوڻ کي چيو ’سيتا کي موٽاءِ ۽ لنڪا ۽ راڪشس جاتيءَ کي بچاءِ.‘ هنجا هي ٻول وٺرت ويا، منهنجو من اچا ڌري آهي. مونکي سڌ آهي ته راوڻ يم پوريءَ جي راهه تي هلي رهيو آهي. جلدئي منهنجو پراڻ پتي پنهنجن شترن کي جيتي، منهنجا بند خلاص ڪندو. اِنهيءَ باري ۾ مونکي ڪو به سنديه ڪونهي. منهنجو نراپراڌ هردو ائين چئي رهيو آهي ۽ اهو ڪڏهن به ڪوڙو نه ٿيندو.

اهڙيءَ ريت سيتا ڳوڙها ڳاڙيندي ڳالهائيندي رهي. هنومان سندس ڏکي اوستا ڏسي سهي نه سگهيو.

هن زور سان چيو: ”ماتا! مان يڪدم ويندس ۽ رام کي وٺي ايندس. هو وڏي سئنا ساڻ ڪري اچي لنڪا ۾ لهندو. پر توکي وڌيڪ ڪشٽ چو سهڻ گهرجي؟ جيڪڏهن توکي اِها ڳالهه سويڪار هجي ته مان توکي پنهنجي پٺيءَ تي کڻي سمنڊ پار ڪري هڪ کن جي اندر وڃي رام جي هٿن ۾ ڏيان. هڪ گهڙيءَ لاءِ به منهنجي شڪتيءَ ۾ شڪ نه آڻج. جيئن اگني ديوتا يوتر آهوتين کي اِندر ڏانهن کڻي ويندو آهي، تيئن مان توکي

ٿڪجي پياسين ۽ ڌرتيءَ تي آرام ڪرڻ لڳاسين. هن پنهنجو مٿو ڪري منهنجي هنج ۾ رکيو. کيس ننڊ ڪٺي ويئي. اِنهيءَ سمي هڪڙو ڪانءُ هيٺ لهي آيو. ان منهنجي ڇاتيءَ ۾ اچي جلدي جلدي ٺونگا هنيا. مان هنکي ڀڄايو پر هو وري وري موٽي پئي آيو ۽ مونکي ستائڻ لڳو. پوءِ مان هن ڏانهن هڪڙو پٿر اُڇلايو، پر اِنهيءَ جو ٻه ڪو اَثر نه ٿيو. رام جي ننڊ کلي پيئي ۽ هن ڏٺو ته ڪئن مان ستائجي رهي هيس ۽ سور ڪري ڪڪ ٿي رهي هيس. هن ڄاڇيو ته کهڙي ويڌن آهي. جڏهن کيس پتو پيو ته هڪ ڪانءُ جي ڪري ائين ٿي رهيو آهي، تڏهن هنجو ويچار هو ته کلي ڪري ڳالهه کي ٽاري ڇڏي. پر جڏهن هن اُهو ڦٽ ڏٺو جيڪو ڪانءُ ڪيو هو، تڏهن هن ڄاتو ته هي ڪانءُ جو ڪم نه آهي پر ڪنهن اسر جي ڪارروائي آهي. پکي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ اُڏامي ويو. پر رام هنجي پنيان هڪ تير ڇڏيو. جيڏانهن ٻه پکي ڀڳو تيڏانهن اِهو تير اُن جي پنيان ڪاهيندو ويو. نيٺ اهو ڪانءُ روئي اسر رام جي چرنن ۾ شرڻ وٺڻ لاءِ آيو ۽ رام سندس اُپراڌ ڪميا ڪيو."

"او هنومان! رام کي وڃي اِها ڳالهه ٻڌاءِ ۽ کيس چئُه ته 'جلدي اچي مونکي بچاءِ؛ مان هتي گهڻو وقت ترسي ڪو نه سگهنديس.'

هن وري هنجون هاريندي چيو: "هڪ ڀيري وقت اسين ٻئي اڪيلا بن ۾ پي گهمياسين. مان ٿڪجي پيس. پگهر جي اچڻ ڪري منهنجي نراڙ تان تلڪ ڌوپي ويو. پتي ديو ٽڪريءَ تان هڪ ڳاڙهي مٽيءَ جي چپٽي پري ڪري منهنجي ڀرون جي وچ ۾ پنهنجي ڪومل مٺن هٿڙن سان لڳائي. پڇجانس ته انهيءَ گهٽنا جي کيس سمرتي آهي يا نه؟"

انهيءَ ريت هوءَ اڳوڻيون مٺيون مٺيون ڳالهيون ياد ڪندي رهي. نيٺ سنديس دل ڀرجي آئي ۽ هوءَ رئڻ ۾ اچي ڇٽڪي. رئندي هن چيو:

گهر جي. هنومان! اِنهيءَ ڪانسواءِ جيڪڏهن تون مونکي
هن ريت راڪشسن وٽان چوريءَ ڪٽي هلندين ته پو
منهنجي پراڻ پتيءَ جي شڪتيءَ جي گهٽتائي ٿي پوندي
ڪتري ونش جو مان اِنهيءَ ۾ آهي ته هو هت اچي راو
سان وڙهي ڪيس جيتي مونکي سوڀ جي سوکڙيءَ طور سا
وٺي هلي. رام ائين چاهيندو ڇا ته جئن راوڻ مونکي چورائي
ڪٽي ويو هو تيئن هو به مونکي چوريءَ پاڻ وٽ آڻائي؟ نه
اي پتر، نه! انهيءَ ڪري پوئتي موٽي وڃ ۽ سيگهه مان را
کي لڪشمڻ ۽ وانر سينا سوڌو وٺي اچ. پوءِ ته منهنجي پرا
پتيءَ جا ٻاڻ لنڪا ۽ راوڻ کي يم پوريءَ ڏانهن روانو ڪن
هو پڪ ئي پڪ سوپارو ٿيندو. جيئن پرليه جي سمي جو اگ
سورج جلائيندو آهي، تيئن رام جا ٻاڻ راڪشس جاتيءَ کي
جلائي ڀسم ڪندا."

هنومان چيو: "تون برابر آهين. مان اڪيلو موٽي ويندس
پلا رام کي ڇا وڃي چوان؟ توسان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي ڪهڙي
نشاني مان رام وٽ ڪٽي وڃان؟"

سيتا جڏهن اِهي شبد ٻڌا تڏهن سنديس من ۾ رام سان
سک جا گذريل ڏينهن ائين تري آيا جيئن سمنڊ ۾ وير
چڙهندي آهي ۽ سنديس اکيون نير هارڻ لڳيون. هن سمجهيو
ته جيڪڏهن مان هنومان کي ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌائيندس
جنهنجي رڳو رام ۽ مونکي ڄاڻ آهي ۽ اها ڳالهه هنومان وڃي
رام کي چوندو ته پوءِ هنکي پڪ ٿيندي ته هنومان مون سان
مليو آهي. اِنهيءَ مان رام کي منهنجي اچ جي درشا جو
به پتو پوندو.

لڙڪ لاڙيندي هن بنواس جون ڪي گهٽنائون هنومان
کي ورنن ڪري ٻڌايون.

"هڪ وار چترڪوٽ ۾ منهنجو پراڻ پتي ۽ آءٌ نديءَ جي
ڪنڌي تي هڪ بن ڪنج ۾ ڦري رهيا هئاسين. گهمي گهمي

آهو ايشوري رتن ڪيڏي هنومان جي هٿ ۾ ڏنو. هن وري اهو ڏاڍي آدر ستڪار ۽ نمرتا سان ونئي هٿ ڪيو.

جڏهن اهو رتن هنومان جي هٿ ۾ آيو تڏهن سندس من اَيمان ۽ آنند سان ٽمٽار ٿي ويو.

اُنهيءَ سمي سندس من ته دور ديس ۾ وينل رام سان لڳو پيو هو. من ئي من ۾ هو رام وٽ وڃي پهتو ۽ کيس هيءُ آنند جو سنديش ڏناءِ. من هن جو رام وٽ هو، لنڪا ۾ رڳو بت هيس.

سيتا چيس، "پيارا متر! جيڪي تو هٿ ڏنو ۽ ٻڌو تنهنجي سموري وارتا وڃي رام سان ڪج. تنهنجو اهو سپاڄ ٿيندو جو سوپ پراپت ڪرڻ ۾ تون رام جي واهر ڪندين."

هنومان اُتان نڪرڻ تي هو ته سيتا وري هن ريت ٻوليو: "پيارا هنومنت! راجڪمار، راجا سگريو ۽ وانرن جي ٻين نيتائن کي وڃي منهنجا پيار ڏج. وڃي چئجان ته مان ڪين وينتي ٿي ڪريان ته مونکي هن چنتا جي ساگر مان ڪيڏڻ لاءِ هو رام کي هر پرڪار جي سهايتا ڪن. مان پايان ٿي ته ٻين سڀني کان وڌيڪ تون ئي راجڪمار کي همٿائيندين ۽ راهه ٻڌائيندين."

هنومان ورائيو: "پياري راجڪماري! دک جي پهر ڇڏي ڏي. ذرو به سنديهه نه ڪر، ته رام، لڪشمڻ ۽ وانر سئنا جلد اچي لنڪا ۾ لهندا، ۽ راڪشسن کي ناس ڪري تنهنجا بند آجا ڪندا."

اجا هنومان هلڻ لڳو مس ته سيتا وري چيس، "اِئين چڱو ڪين ٿيندو ته تون هتي ئي ڪنهن هنڌ ٿورو وقت ترسي آرام ڪرين؟ چا تون يڪدم موٽي ايندين؟ تنهنجي هٿ اچڻ ڪري مونکي ڏاڍو ڏڍ مليو آهي؛ مون ڪجهه وقت لاءِ پنهنجو ڏک ڀلائي ڇڏيو آهي. تون هتان ويندين ته مان وري دک جي ساگر ۾ ٻڏي پونديس. تون ته هتي سمنڊ کي پار ڪري

”تون رام کي ڇا ٻڌائيندين؟ ڪهڙي اهڙي ڳالهه آهي جنهن
جي رام کي ڪل ڪانه آهي؟ سندس غيرت کي جوش
آڻڻ لاءِ منهنجي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ڇا؟ منهنجي
پتي ديو کي رڳو ايترو وڃي چئُو ته مان سندس چرنن کي ڇهڻ
چاهيان ٿي. ايتروئي بس آهي. رام وٽ سندس پيارو پهلوان
۽ هنرمند ڀراتا لڪشمڻ موجود آهي. هو ته جايوئي سندس
شيوا ڪرڻ لاءِ آهي. لڪشمڻ جي پياري منهن کي ڏسي
رام پنهنجي پتا جي موت جو ڏک به وساري ڇڏيو. شڌ هردي
وارو وير پرش لڪشمڻ پنهنجي سڳيءَ ماتا کان به جدا ٿي
اسان سان آيو ۽ منهنجي ماتا جيان شيوا ڪيائين. هنکي
چئج ته هيڏانهن اچي ڪري جلد منهنجي ڏک جو انت آڻي.“

سيتا جڏهن لڪشمڻ جي ويرتا ۽ پورڻ ڀڳتيءَ جو ويچار
ڪيو، تڏهن سنديس اکين ۾ جل تري آيو. هنکي اها يادگيري
اچي پيئي ته جڏهن رام سونهري هرڻ جي ڪيڏ ويو هو، تڏهن هن
نسوارٿ پياري متر جو نرآدر ڪيو هو ۽ کيس ڪئور ٻول
ٻوليا هئا. هن اُنياءَ جي يادگيريءَ سندس پڇتاءُ ڀريل هردي
۾ سهڻ کان ٻاهر ڏک پيدا ڪيو.

سيتا هنومان کان جدا ٿيڻ نٿي چاهيو. جڏهن هوءَ آپ گهات
ڪرڻ جا ويچار ڪري رهي هئي، تڏهن هنومان وٽس اچي
ڪري کيس آٿت ڏنو هو. وري هن ائين به ٿي چاهيو ته
هنومان جلد موٽي ڪري وڃي رام کي سنديس سمورو حال
ڏئي.

اُنت ۾ هن گهڻيءَ ڳڻ ڳوت کان پوءِ چيو، ”پتر! هي
آهي اهو رتن جيڪو منهنجي ماتا مونکي وواهه جي وقت
ڏنو هو ۽ جيڪو سرڳواسي سمراٽ منهنجي پيشانيءَ تي لڳايو
هو. اهو ڪڍي وج ۽ وڃي منهنجي پتيءَ کي منهنجي نشاني
طور ڏي.“

اِئين چئي هن پنهنجي ساڙهيءَ جي ڪنڊ جي ڳنڍ کولي

جيئري آهيان. ڏسجِ تہ وقت اجايو نہ وڃي. شل ايشور جي توتي آشيرواد ٿئي.”

هنومان هاڻي روانو ٿيو. اسانکي جڳائي تہ هُن انجنا جي وير پُٽر، هُن سياڻي دوت، جنهن سيتا کي آٿت ڏيئي سندس دُک کي مٽايو، تنهن جو ڀڳتيءَ ۽ شردا سان ڌيان ڪريون.

اَڌياءُ ۵۴

يُڌ لاءِ نينڊ

سيتا کان موڪلائي، هنومان ٿوري دير لاءِ باغ واري ڀِت تي ويهي ويچارڻ لڳو:

“سيتا کي همت ڏيارڻ ۽ راوڻ ۽ سندس مترن ۾ ڀپ پيدا ڪرڻ لاءِ مان ڇا ڪريان، جئن سندس گهمنڊي وشواس ٽٽي پوي؟ چڱو ٿيندو جي پنهنجي هت اچڻ جي يادگيريءَ ڏيارڻ لاءِ ڪا نشاني هت ڇڏيان جا ڪين آئينده مٿن جيڪا آفت اچڻي آهي تنهنجو اُهڃاڻ ٿئي.

“اهو ضروري آهي تہ راوڻ جي مَن ۾ ڪجهہ ڀپ پيدا ڪريان جئن اُن وچ ۾ سيتا کي نہ ستائي؛ هراس دوارا ئي هو ڪجهہ سمجهي سگهندا. راوڻ وٽ اڪُت خزانو آهي ۽ ڪو بہ هُنجا متر ڪانئس ڦيرائي نٿو سگهي. اُن حالت ۾ سام (پرچاءُ ڪرڻ)، دان (خريد ڪرڻ)، ۽ ڀيد (ونجوڳ، وجهڻ)— اهي ٽيئي وائون بيڪار آهن. انڪري مونکي اهڙوئي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي جئن هُنجي مَن ۾ ڏهڪاءُ پيدا ٿئي، ۽ ڪين ڇتاءُ ملي، جئن سيتا سان بدسلوڪي نہ ڪن. نيڪ آهي، هتان رواني ٿيڻ کان اڳ مونکي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.”

هڪدم هُن پنهنجو شرير ۽ آڪار وڌائي ڇڏيو ۽ جهمٽي

آئين. رام ۽ وڏي سئنا سمنڊ کي ڪئن اڪاريندا؟ تو ڪڏهن انهيءَ ڳالهه جو خيال ڪيو آهي؟" اهڙيءَ ريت وري سيتا جي من کي سنديهه اچي ورايو.

هنومان جواب ۾ چيو، "اي منهنجي راڻي! هن ڳالهه بابت سنسو سنديهه نه ڪر. تنهنجي خيال موجب رڳو مان ئي سمنڊ کي پار ڪرڻ وارو هڪڙو وانر آهيان ڇا؟ ڪوبه وانر اهڙو ڪونه آهي جنهن کي مون کان وڌيڪ شڪتي ۽ ڪلا نه هجي! نه رڳو سگريو، پر سندس سئنا جا هزارين ٻيا وانر به پرٿويءَ جي چوڌاري اُڏامي سگهندا آهن. اُنهن جي لاءِ هيءَ سوڙهي ڪاهي ڪهڙي چيز ٿيندي آهي؟ اسان جي سئنا ۾ اهڙا هزارين وانر آهن جيڪي آڪاش ۾ اُڏامي سگهندا آهن. ڪوبه شڪ شبو نه ڪر. ڇا تو ائين سمجهيو آهي ته هنن پنهنجي سٺي ۾ سٺي سئنڪ کي هڪ دوت ڪري هيڏانهن موڪليو آهي؟ پياري ديوي! گهڻيءَ کي ڇڏي ڏي. تون جلد ئي ڏسندينءَ ته ٻن ٻلوان راجڪمارن کي مان پنهنجن ڪلهن تي هٿ کڻي تو اچان. هو پنهنجي ڪمانن مان ڪان ڪڍي نگر کي تباهه ڪري ڇڏيندا. هو راوڻ ۽ سندس ساري جاتيءَ کي ناس ڪري ڇڏيندا. تون دک جو سمنڊ پار ڪري اچي سک جي ڪناري تي پهتي آهين.

"شل توتي ايشور جي آشيرواد ٿئي. ٿورن ڏينهن ۾ تون ڏسندينءَ ته ٻئي راجڪمار هٿن ۾ ڌنش کڻي لنڪا جي دوار وٽ راڪشسن جي سئنا کي ناس ڪري رهيا آهن. تون ڏسندينءَ ته برباد ٿيل شهر جي مٿان وانر سپاهي خوشيءَ سان نچي ٽپي رهيا آهن.

"جئن ئي ڪين مون وٽان سماچار ملندو، هو روانا ٿيندا. هڪ گهڙي به وڌيڪ ڪونه ترسندا. همت نه هار" ائين چئي، سيتا کي نمرتا سان نمسڪار ڪري هنومان اُسهڻ لاءِ تيار ٿيو.

سيتا زور سان چيو، "رام ۽ لڪشمڻ کي وڃي ٻڌاءِ ته مان

سمسپ ورکش ئي سلامت آهي جنهن هيٺان سيتا ويٺل آهي. اُنجي ٽڙيل ٽارين جو ڪو به زيان نه ٿيو آهي. جنهن وانر تلاءَ ۾ منهن ڌاهي پٽ ڪيا آهن، تنهن سيتا وارو آستان سلامت رکيو آهي. هن لاءِ اوس ڪو ڪارڻ هوندو. اسانکي شڪ آهي ته هي ڪو رواجي جهنگلي جانور ڪونهي. لاشڪ اوهانجي ڪنهن شترو، اِندر يا ڪبير ئي ان کي موڪليو آهي. سيتا سان ڳالهائڻ جي همت هن وانر کي ڪٿان ٿي؟ ضرور هو رام جو ڪو دوت آهي. پنهنجا جوڌا موڪلي هن خوفناڪ پسوءَ کي هٿ ڪريو.”

اشوڪ وانڪا جنهنکي راوڻ گهڻو چاهيندو هئو ۽ جا پنهنجن راڻين لاءِ تيار ڪرائي هئائين، ان کي هن ريت چٽوپٽ ٿيندو ڏسي، راوڻ کي سخت ڪروڌ آيو. هنجون ٻئي اکيون ڏياٽي جيان ٻرڻ لڳيون ۽ اُنهن مان گرم ڳوڙها اِئين ڳڙڻ لڳا جئن ٻهڪندڙ تيل هجي.

هن پنهنجن انگ رکيڪن ڏانهن نهاريو. هو سڏيو سنڌس آگيا پالن جي اوسيڙي ۾ رهندا هئا. کين آگيا ڪيائين ته هڪدم وانڪا ۾ وڃي اِن خوفناڪ وانر کي ناس ڪريو. راجا جي آگيا ملندي ئي هڪ زبردست فوج گڏائون، ڀالا ۽ ٻيا هٿيار کڻي رواني ٿي.

اڌياءُ ٥٥

ڀيانڪ دوت

راڪشس يوڌن اُچرج ۾ اچي ڏٺو ته هڪڙو ٻلوان وانر باغ جي ڦاٽڪ تي ويٺو آهي. جئن راڪشس هنجي ويجهو آيا، تئن هو اچا به قد ۾ وڌي ويو، تانجو هن ڏاڍو ڏڪائيندڙ روپ ڌارڻ ڪيو.

ڪي ناس ڪرڻ شروع ڪيائين. وڻ ٽڙڪا کائي پٽ تي پوڻ لڳا، منهن ڀڃڻ لڳا، تلاءُ ۽ نقلي ٽڪريون بگاڙي ۽ ڊاهي ڇڏيائين. ڏسندي ڏسندي سندر اشوڪ واٽڪا ۾ پٿرن وٽن ۽ ڪرين پٿرن جا ڍير لڳي ويا، جتان هرڻ ۽ پکي ڊپ وچان ڀڄڻ لڳا. ننڊ ۾ الوٽ پيل راڪشس جاڳيا ۽ هي درشيه ڏسي عجب کائڻ لڳا. هو سمجهي ڪين سگهيا ته اهو ٿيو ڪئن؟

هيبتناڪ ديهه ڌاري هنومان هڪ ديوار مٿان وينو هئو. پنهنجي ڪيل للڪار جي جواب لاءِ اوسيئڙو پئي ڪيائين. هنجي ڀينڪر ديهه ڏسي راڪشڻيون ڏڪي ويون ۽ ڪي ته راوڻ کي هي سماچار ٻڌائڻ لاءِ اُٿي ڀڳيون. ڪي وري سيتا وٽ آيون ۽ پڇڻ لڳيس: ”هي پربت جيڏو وانر هت ڪئن آيو؟ توکي ستڌ هوندي ته هي ڪير آهي. هن توکي ڪجهه ٻڌايو؟ اسان کي سموري سچي ڳالهه ٻڌاءِ. تون ڪو ڊپ نه ڪر.“

”مان ڪئن ڄاڻي سگهنديس ته راڪشسن جي هن سندر نگريءَ ۾ ڇا پيو ٿئي؟“ راڪسياڻين جي سوال کي ٽارئيندي سيتا وراڻيو. ”هي وانر شايد ڪو راڪشس ٿو ڏسجي ۽ موتکان وڌيڪ اوهانکي هنجي ڄاڻ هوندي.“

راڪسياڻيون ڊپ وچان اُٿي ڀڳيون ۽ وڃي راوڻ کي سڌ ڏنائون.

”راجن! هڪ ڀيانڪ وانر باغ ۾ آيو آهي ۽ سڄو باغ ٻرڙيانگ ڪري ڇڏيو اٿس. هو سيتا سان ڳجهون ڳالهيون پيو ڪري.“

البت هنن اهو ڪونه ٻڌايس ته اسين سڀئي پيون هيوسين، انڪري سيتا کي وجهه مليو ۽ وانر سان ڳالهائي سگهي.

”سيتا کان ڪجهه سماءُ ملڻ لاءِ اسان ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي. کانئس پڇوسين ته هي ڪير آهي، هت ڪئن آيو ۽ توکي ڇا چيائين. پر هن جواب ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو. اوهين کيس پڪڙي ماري ڇڏيو. وڏي فوج موڪلي هنکي هٿ ڪريو. ساري سندر واٽڪا ڀينگ ڪري ڇڏي اٿائين. رڳو

سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت مڙيوئي لڳي ويو. انهيءَ وچ ۾ هنومان چپ ڪيو ڪونه ويٺو هو. هو انهيءَ قلواڙيءَ جي اندر هڪ مندر جي چوٽيءَ تي چڙهي اٿي بيٺو. انهيءَ وقت هو اِئين ٿي چمڪيو جڻ اوچتوئي اوچتو اُڀ ۾ پيو هڪ سج اچي پرگهٽ ٿيو آهي. هن پنهنجي شرير کي اچا ٻه وڌايو تان جو آڪاش ۾ هڪ سوني پهاڙ جيان ڏسڻ ۾ آيو.

هن جي رڙ لنڪا جي ساريءَ نگريءَ ۾ ڦهلجي ويئي. انهيءَ ڪري چئني پاسن کان ڀڙاڏا اچڻ لڳا. ڀؤ وچان راڪشس ڪنبڻ لڳا.

اُتي هنومان چيو، ”شل رام وڏي آيُو ماڻي! شل لڪشمڻ جيئندو رهي! شل وڏي آورجا ٿئي راجا سگريو جي! مان هت ڪوشل جي راجا جي پاران انهيءَ لاءِ دوت ٿي آيو آهيان ته لنڪا کي ناس ڪريان. منهنجو نالو هنومان آهي. مان وايُو ديوتا جو پتر آهيان. مان هت آيو آهيان ته رام جي دشمن کي ٻنهه ناس ڪريان. مان سيتا جي سامهون پرن ڪيو آهي ۽ سنديس آسيس ورتي آهي. اوهانکي ڄاڻ هجي ته مونکي ايتري شڪتي آهي جو هڪ هزار راوڻن کي ٻه جيتي سگهندس. مان وڻ پٽي ڪري ۽ پهاڙ جا وڏا ٽڪر کڻي راڪشسن تي اُڇلائي کين ماري ڇڏيندس. انهيءَ لاءِ ئي مان هت آيو آهيان!“

مندر ۾ جيڪي سنتري بيٺا هئا، تن ڀن ڀن پرڪارن جا هٿيار کڻي هنومان تي حملو ڪيو. هنومان وري هيٺ ٽپو ڏيئي، هٿ ۾ هڪ وڏو ٿنڀو کڻي، مندر جي رکيا لاءِ يم جو روپ ڌارڻ ڪري اٿي رهيو. هنومان اُهو ڳورو هٿيار اِئين ڦيرايو ڄڻڪ ڪو بيد جو لڪڻ هجي. هنومان اهو هٿيار سنترين کي هڻي کين ماري وڌو. جنهن مندر مان ٿنڀو ڪڍيو ويو هو، سو مندر ڀڃي اچي پٽ پيو. ڄڻن هنومان اهو ٿنڀو

هنومان هيٺ ٽپو ڏيئي، پنهنجو پڇ هيڏانهن هوڏانه
لوڏي ونئي زور سان ڌرتيءَ تي هنيو. ساڳي وقت اهڙي زو
سان گجگوڙ ڪيائين جو هن پرٿويءَ جي چئني دشائن ۾ ڏهڪا
وجهي ڇڏيو. ”او! اوهين اچي ويا؟“ اهي شبد چئي هر
وڏي ڦاٽڪ مان هڪ ڳري ٻگهي لوهي پٽي پٽي ورتي
انهيءَ سان راڪشسن تي حملو ڪياءِ.

هو سيني پاسن ڏانهن ٽپڻ ۽ اُچانگ مارڻ لڳو. لوهي لٺ
کي ڦيرائي ڦيرائي هڪ هڪ ڪري راڪشسن کي ڪيرائيند
ويو. انهيءَ ريت سيني کي پورو ڪري، وري اچي ٽنهين تي
بيٺل لنگهہ جي چوٽيءَ تي ويٺو. وهندي وري گرجنا ڪياءِ

هن زور سان چيو، ”شل رام جيئندو رهي! شل لڪشمڻ
جيئندو رهي! شل سگريو جي وڏي آيُو ٿئي! اي لنڪا ج
راڪشس، اوهان جي انت جو ويلو اچي پهتو آهي. مها يوڌ
رام ۽ لڪشمڻ ۽ راجا سگريو مونکي اوهانکي پوري ڪرڻ لا
موڪليو آهي. اچو! اچو! پل هزارن ۾ اچو. مان هت انهيءَ
لاءِ بيٺو آهيان تہ اوهانکي نابود ڪري ڇڏيان. مان سيتا کي
نمسڪار ڪيو آهي ۽ هن مونکي آسيس ڏني آهي. هاڻي مان
اوهان جي نگر کي ناس ڪندس!“

سندس شبدن جي گجڪار ساريءَ لنڪا ۾ ڦهلجي ويئي
۽ سڀ لوڪ ڪنبڻ لڳا. جڏهن راوڻ کي سڌ پيئي تہ جيڪي
ٻہ يوڌا هن ڏانهن موڪليا ويا هئا سي سڀ مري ويا آهن
تڏهن هن اچرج ۽ ڪروڌ ۾ اچي پنهنجون شوخ اکيون زو
سان کوليون.

راوڻ چيٽ پٽي چيو، ”اوهان ڇا ڇئي رهيا آهيو؟“ پو
هن پرهست جي پٽر، اتل يوڌي جمبماليءَ کي کونائي چيو
”يڪدم وڃ. وڃي هن باندر کي سيکت ڏيئي اچي مون کي
سڌ ڏي.“

جمبمالي راڪشس کي زره پهرڻ ۽ هٿيار ٻڌي دشمن

جي ٻي ٻ ولائتي لوٽ ٻڌجي پيو. اُنهيءَ لوٽ ۾ نڪي مٿو، نڪي ٽنگون ٻانهون ڏسڻ ۾ ٿي آيون.

هن يڌ جي نتيجي جو به راوڻ کي پورو سماچار ڏنو ويو. هو ڳالهه ٻڌي وسمئي ۾ پئجي ويو. هن دل ۾ چيو: ”هيءَ ڏاڍي عجب جي ڳالهه آهي. هيءُ خوني پسون کو رواجي جانور ڪونه آهي. ڪنهن به صورت ۾ هو ڏيو ڀڳو باندر ڪونه آهي. منهنجي پراڻن شترن ديوتائن مونکي ستائڻ لاءِ ڪو نئون پراڻي پئدا ڪيو آهي.

پوءِ هن پنهنجي بلوان سئناپتين کي آگيا ڪئي ته وڏي سئنا ساڻ ڪري، هو وڃي هن ساهه واري کي پڪڙي ونئي اچي ونس حاضر ڪن.

راڪشس سردار رٿن تي وڏيءَ قطار ۾ روانا ٿيا. هنن سموريءَ شڪتيءَ سان هنومان تي وار ڪيو. هنومان اڳي جيان لنگهه جي چوٽيءَ تي ويٺو هو. هو حملي ڪندڙن تي ڌڪار وچان لاپرواهيءَ سان ڪلندو رهيو. هنن هنومان ڏانهن ڀالا ۽ برڇيون اُڇلايون. پر اهي سندس بجر جهڙي شرير تان ٻنا ڪنهن هاڃي رسائڻ جي کسڪنديون ويون. جئن جئن هنڪي تير تي لڳا تئن تئن هنجو شرير وڌندو ويو، ۽ سندس شوڪي به وڌي ويئي. چوڏاري چڪر ڏيندي هن مٿن پٿرن ۽ وڻن جي وڏن ٿڙن جو وسڪارو ڪيو، تان جو سندن سڀ اڳواڻ چٿجي ڪري مري ويا. جيڪي بچيا سي پوءِ ۽ نراشا جي ڪري لنڪا ڏانهن ڀڄي ويا.

هنومان راڪشسن جي ساريءَ سئنا کي جيتي ڇڏيو. گهڻا مري ويا، باقي ڀڄي ويا. سوڀ جي خوشيءَ ڪري هن خوب گرجنا ڪئي. گرجنا ٻڌي ساري لنڪا ڏهلجي ويئي. پوءِ باغ جي دروازي جي مٿان نهيل پٿرن جي ڪنگريءَ تي هنومان وري چڙهي ويٺو.

هاڻي جڏهن راوڻ ٻڌو ته جيڪو لشڪر مون هنومان کي

ڌرتيءَ تي هنيون تہ ڌرتيءَ مان باهہ جون چڻگون نڪري
چوڌاري ڦهلجڻ لڳيون.

هنومان پوءِ رڙ ڪري چيو، ”سگريو جي سينا ۾ مونکان
ٻہ وڌيڪ ٻلوان باندر آهن. اُهي سڀ جلد هت ايندا. اُهي
هت اچي، اوهانکي، اوهان جي راجا کي ۽ اوهانجي ساري ننگر
کي بلڪل ناس ڪري ڇڏيندا. اوهانجي راجا اڪشواڪو ونش
جي ڪل پتنيءَ جو وير خريد ڪيو آهي. اِئين نہ آهي ڇا؟
لنڪا جي بربادي جو سمون اچي ٿيو آهي. ڪال ڀڳوان جلد
راوڻ وٽ اچڻ وارو آهي.“

نيٺ جمبمالي اچي پهتو. سندس اکيون هيون شوخ ۽
وڏيون. سندس ڏند هئا ٻي ٻولا ۽ ٻچڙا. سندس ڪپڙا
هئا رتول رنگ جا. ڪنن ۾ پيون هيس وڏيون سونهري واليون
۽ هٿ ۾ هوس ڌنش. ڳچيءَ ۾ پيل هئس هڪ ڦول مالا ۽
پاسي کان ٽي لٽڪيس تلوار. هو هڪ رٿ ۾ چڙهي آيو. انهيءَ
رٿ مان بجليءَ جي ڪڙڪات جو آواز ٿي نڪتو.

هنومان رٿ ڏانهن گهور ڪري نهاريو. رٿ کي زبردست
خچر ڇڪي رهيا هئا. هاڻي هنومان ويڙهہ لاءِ تيار ٿيو.

رٿ ۾ ويٺي جمبماليءَ پنهنجو ڌنش موڙيو ۽ پٽ تي ويٺل
ماروتيءَ تي ڪجهہ تير ڇوڙيا. تيرن ماروتيءَ جو منهن ڦٽي
وڌو. ڦٽن مان جيڪا رت نڪتي تنهن هنومان جي سوڀيا
کي هٽائين وڌايو. اِئين ڏسڻ ۾ آيو ڄڻڪ آڪاش ۾ اوچتوئي
اوچتو ڪو ڳاڙهو ڪمل گل ڪڙي پيو آهي. ڦٽن جي ڪري
هنومان ڪاوڙ ۾ اچي ويو. هن ڪٽنندي ئي پهاڙ جو هڪ وڏو
پٿر ڪري رٿ ڏانهن اُڇلايو.

هن هڪ سال وڻ پٽي وني ڦيرايو. انکي ڦيرائي ڦيرائي
جمبماليءَ ڏانهي وني اُڇلاياءِ. پوءِ هن مندر مان هڪ وڏي
لوهي جي لٺ پٽي ٻاهر ڪڍي. اُها جو رٿ تي هنياءِ تہ
رٿ پرزا پرزا ٿي پيو. جمبمالي جو ڀاري شرير ڇتيجي مانس

کيو آهي، تنهن جو اُلٿو ٻيءَ ڀاشا ۾ ڪيئن ٿي سگهندو؟ سندس شبد رچنا جي پرواهه ۽ پراڪرم مان اُئي جنهن ڳالهه جو هن ورنن ڪيو آهي، تنهنجي ڀينگرتا ۽ وشالتا جو پتو پوي ٿو. اها شڪتي والميڪيءَ کي پريوءَ وٽان مليل وشيش ڏات آهي. راوڻ جي پياري پٽر اَڪش ۽ هنومان جي يڌ جو ورنن هن ڪوتا جي ٻهڪندڙن شبدن ۾ ڪيو آهي، سواسان هت گهٽائي رواجي ڏيري ڏيري چرندڙن گديه (نثر) ۾ اُئي ڏيئي سگهنداسين.

تپسيا دواران پراپت ٿيل سوني رٿ ۾ سوار ٿي راوڻ جو هيءَ ننڍڙو راجڪمار هنومان سان لڙڻ لاءِ روانو ٿيو. جڏهن هن ڏٺو ته هنومان دروازي جي مٿان پٿر جي ڪنگرن تي ويٺو آهي ۽ سندس شڪتيشالي ٻانهون ۽ ٽنگون سندر ۽ ٻولائتي نموني ۾ ٺهيل آهن ۽ سندس چهري ۾ راجائي همت ڀريل آهي تڏهن هن سمجهيو ته ڪيس اهڙو شترو مليو آهي جنهن سان لڙڻ هنکي هر ريت جڳائي ٿو. اُنهيءَ ڪري هن هنومان کي آدر ڏيڻ لاءِ هن پنهنجي سموري شڪتي ۽ سنڪلپ ايڪاگر ڪيو.

هن جوان جوڌي هنومان ڏانهن ٽي تير ڪشي اُڇليا. تيرن لڳڻ سان هنومان جي جسم مان رت وهڻ لڳو. پر ماروتيءَ جي شڪتي وڌي ويئي ۽ سندس چهرو تيج وچان چمڪڻ لڳو. هن يووڪ يوڌي جي ويرتا تي هنومان ب خوش ٿيو.

ٻنهي جي يڌ ويئي ڀينگر ٿيندي. آسمان ۾ سوين تير ڪڪرن جيان ڇانئجي ويا ۽ ماروتيءَ مٿان وسڻ لڳا. جيئن جبل تي برسات وسندي آهي، تيئن اُهي تير هنومان مٿان ڪرڻ لڳا. تيرن گسائڻ لاءِ هنومان مٿي هوا ۾ ٽپا ڏيڻ لڳو— تيرن جي وچان موتمار جار مان ڀڄڻ لڳو— ۽ اَڪش جي ويجهو وڃڻ لاءِ وات ڳولهڻ لڳو.

اَڪش جي جوانيءَ جو جوش ۽ ويرتا ڏسي هنومان هن کي ساراهڻ لڳو. ههڙي هوڻهار وير بالڪ کي مارڻ تي هنومان

پڪڙڻ لاءِ موڪليو هو، تنهن هار ڪاڌي آهي ۽ سندس پنج
وڏي ۾ وڏا سينا پتي قتل ٿي ويا آهن، تڏهن هنجي من ۾
ڏر ويهي ويو.

چنتا ۾ پئجي هو من ۾ چوڻ لڳو، ”هيءَ ڳالهه ته ڏاڍي
عجب جي آهي جو هڪ اڪيلي باندر ڪي ناس ڪرڻ جي
ايڏي شڪتي هجي ۽ هو جاڻي ٻجهي ايترو دويش رکي. پرسن
آهي ته منهنجي پراڻن شترن ديون ڪا سٽ سٽي آهي.“

هن پنهنجي چنتا جي ڳالهه ٻئي ڪنهن سان ڪانه ڪئي،
اٽلو هو ٺٺوليون ڪندو ڪلندو رهيو.

هن چوڌاري پنهنجي وڏي سپا ۽ سپا سدن ڏانهن نهاريو،
راوڻ جو وير پٽر اڪش ڪان سيني اڳ جنگ جوڻ لاءِ تيا
ٿيو. پتا ڪي انهيءَ تي فخر ٿيو. هن پنهنجي پٽر ڪي آگيا ڪئي
ته وڃي هن وڏي دشمن جي سامهون ٿئي.

اڪش جو منهن جواني ۽ پوري تندرستيءَ جي ڪري
چمڪيو ٿي. هن سمجهيو ته ڪيس پاڻکي پرسن ڪرڻ جو سنو
وجهه مليو آهي، انهيءَ ڪري سندس همت به ڏاڍي وڌي
ويئي. هو هڪ چمڪندڙ رٿ تي سوار ٿي سوپ جي پڪ
سمجهي لڙڻ لاءِ وڌيو.

اڌياءُ ٥٦

هنومان کي ٻڌو ويو

والميڪيءَ پنهنجي سندر ڪوتا ۾ ٻڌايو آهي ته ديوتائن
جي برابري ڪندڙ يوڌو اَڪش، ڪيئن اَٺن گهوڙن واري
رٿ ۾ چڙهي لڙائيءَ لاءِ روانو ٿيو.

والميڪيءَ جنهن ڪاوتا جي ڀاشا ۾ ٻنن جي سندرتا جو
ورنن ڪيو آهي، ۽ جنهن نموني جوڌن جي ڀيانڪ چڪريءَ جو بيان

استر پراپت ڪيا آهن سي هينئر تنهنجي ڪتب ايندا. پنهنجو من ايڪاگر ڪري لڙائي ڪج ۽ سوپ جو سهرو ٻڌي واپس ورج."

اِندرجت جو ديوتائن جيان تيجوان هئو، تنهن پتا جي هيءَ آگيا سويڪار ڪئي ۽ ڪيس نمي پيرين پئي آشيرواد وٺي همت ۽ اتڪنٺا سان اشوڪ واٽڪا ڏانهن روانو ٿيو.

چئن شوخ شيرن واري رٿ ۾ ويٺل اِندرجت پنهنجوڌنش ڏنواريندو هنومان ڏانهن وڌيو. هنجو رٿ چؤماسي جي هوا جيان آواز ڪندو اڳتي هليو. هنجي ڪمل روپ نيٽرن مان سوپ ٻکي رهي هئي.

هنومان جيئن اُن رٿ ڀاڻ وٽ ايندو ڏٺو تيئن ٻوڊ ۾ ڀرجي ويو. اِندرجت جو ڀڌ وديا ۾ نپنو هئو، تنهن ٻه پنهنجي ڪمان موڙي ۽ تيز تير تيار ڪري هنومان تي اُڇلڻ جو سانباهو ڪيو. مهاياري لڙائيءَ جي سمپاونا ڏسي ناگ، ڀڪش ۽ سڌ آڪاس ۾ اچي ڪنا ٿيا.

اِندرجت کي ڏسنديئي هنومان پنهنجو آڪار وڌيڪ وڌايو. راڪشس ڪمار شانتيءَ سان پنهنجا تير وسائڻ شروع ڪيا. تير ائين وسڻ لڳا جيئن ديوتائن ۽ سندن سؤتن اسرن وچ ۾ لڙائيءَ وقت وسيا هئا. هنومان آسمان ۾ چڙهي ويو ۽ ڪنوڻ جي رفتار سان، تيز تيرن مٿان اچي ڪڙڪيو. هنجي گرجنا پڙاڏو پئدا ڪيو جنهن ۾ راڪشسن جي ٻاجن جو آواز ۽ ڪمانن جا ڪرڪات سمائجي ويا.

جوش سان جنگ جاري رهي ۽ ڏسندڙ حيرت وچان نهارڻ لڳا. ٻڌ ڪلا ۽ شڪتيءَ ۾ ٻئي جوڙا هڪ سمان هئا. هنومان کي ڪيترائي زخم رسيا ته ٻه هنجي شڪتي ڪيرڻ نه ٿي. اِندرجت انڪري نسچيه ڪيو، "پتاجيءَ سچ ٿي چيو ته منهنجا تير هن کي ناس نه ڪري سگهندا. هن کي صرف برهم استر سان ئي قاسائي سگهبو."

راڪشس ڪمار پوءِ برهم استر ڇڏيو. هنومان کي جيئن ئي

جي دل نه ٿي، پر اُن بنا ٻيو ڪو چارو به ته نه هو، ڇاڪاڻ ته جيئن جيئن جنگ زور وٺندي ٿي ويئي تيئن تيئن راجڪمار جو حوصلو ويو ٿي وڌندو ۽ هنکي ڇيڪ ڇڏڻ ۾ سياٽپ نه هئي. آخر هنومان دل ڏاڍي ڪئي ۽ هن جوان کي مارڻ جو نشچو ڪيو.

هُو اَڪش جي رٿ مٿان جهپٽيو ۽ اهو ناس ڪري ڇڏيائين. گهوڙا مارجي ويا. راڪشس ڪمار رٿ ڇڏي زمين تي ڪڙو ٿي بيٺو ۽ بنا هٻڪڻ جي هُو هوا ۾ ڀي ڪمان ۽ تلوار سان هنومان تي وار ڪرڻ لڳو. هوا ۾ اُن ريت وڏي جنگ لڳي. اَنت ۾ اَڪش جون هڏيون چور چور ٿي ويئون ۽ هنجو لاش زمين تي اچي ڪريو.

راوڻ کي جڏهين اُها سڌ ملي ته هنومان هٿان سندس راجڪمار مارجي ويو آهي، تڏهين راوڻ ڪروڌ وچان ڪنبڻ لڳو، پر پاڻ تي ضابطو رکي پنهنجي پٽ اِندرجيت، اِندر کي جيتيندڙ کي سڏايائين.

هن چيو، "تو سڀيئي شستر پراپت ڪيا آهن. يڌ ۾ تو ديوتائن ۽ اَسرن کي جيتيو آهي. پنهنجي تپوبل سان تو برهما کي پرٿويءَ تي آندو ۽ هن کان برهم استر پراپت ڪيو. پرٿويءَ تي اهڙو ڪو ڪونهي جو توسان برميچي سگهي. تون ٿڪجڻ وارو به نه آهين. يڌ ڪلا ۾ تون پورڻ آهين. تپسيا سان تو بل پراپت ڪيو آهي. تولاءِ ڪجهه به اسمڀو ناهي. دور درشٽي ۾ تنهنجي برابر ڪو ڪونهي. مون جيڪي ڪنڪر ۽ جمبالي ۽ پنج پهلوان سئنا نايڪ موڪليا هئا سي سڀ ۽ تنهنجو پيارو ڀاءُ اَڪش هن وانر روپ شتروءَ هٿان مارجي چڪا آهن. هاڻ توکي اُنهن جو بدلو وٺڻو آهي. هنجي شڪتيءَ کي گهٽ نه سمجهجانءِ. اهو پڌرو آهي ته هٿيارن سان هو ناس نه ٿي سگهندو. ملهه يا ڪشتيءَ ۾ ڪيس ليٽائي نه ٿو سگهجي. اُن ڪري چڱيءَ ريت سوچ ته توکي ڇا ڪرڻو آهي. جيڪي وڻيئي سو ڪر پر سوڀارو ٿي واپس اچج. تپسيا وسيلي تو جيڪي

هنن ٻگاڙي ڇڏيو، هنن مورکن کي هن استر جي مهان شڪتيءَ
جي ڪا ڄاڻ ئي ڪانهي. هنکي ٻڌڻ لاءِ هي نوڙ ۽ رسيون
ڪم آنديون اٿن، جنهنڪري استر جي شڪتي نہ رهندي.
استر سان گڏ جڏهين جسماني ٻل لڳايو ٿو وڃي تڏهين منتر
جو ٻل نٿو رهي. هنومان هاڻ رسين ۾ جڪڙيل آهي جي ڪن
۾ پسر ڪري سگهيٿو ۽ برهم استر ٻيو پيرو ڪتب نٿو آڻي
سگهجي.'

هنومان کي ٻہ اهاسد هئي. هن کي اها ٻہ ڄاڻ هئي تہ جيڪڏهين
هو چاهي تہ ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿي سگهندو. پر راوڻ سان گڏجي
هن سان ڪجهہ ڳالهائڻ جو وجهہ هنومان وڃائڻ نٿي چاهيو. ۽ راجا
ڏانهن گهلي وڃڻ لاءِ پاڻکي ٻيوس ڇڏي ڏنائين. راڪشس
کيس ٺڪ هڻندا، گاريون ڏيندا، گهٽين ۾ رسين تان کيس
گهليندا هليا، ۽ ٻالون ۽ ٻار هنکي ڏسي وڃارا ڏيڻ لڳا.

اڌياءُ ٥٧

لنڪا جو جلڻ

جن هنومان کي جهليو هو سي کيس راوڻ جي درٻار ۾ وٺي
ويا ۽ وڃي کيس راجا جي سامهون بيهاريائون. هنومان پنهنجي
سورن ۽ نرادر کي وساري هن راجا جي ڀاري شرير ڏانهن
ڪروڌ ۽ اچرج سان نهارڻ لڳو. هنومان هن چمڪندڙ سنگهاسن
تي ويٺل راوڻ ڏانهن گهور ڪري نهاريو. انهيءَ وقت
سندس من ۾ مٿلن راڪشسن جي لاءِ ڪهل ۽ آدر جو ڀاءُ
پيدا ٿيو.

راوڻ کي سونهري رنگ جا ريشمي وستر پيل هئا. راجائي
مڪٽ سندس سر تي رکيل هو. انهيءَ مڪٽ تي چمڪندڙ ۽
ٻهڪندڙ مڻيا جڙيل هئا. سنگهاسن تي هو اهڙي ٺيڪ ۽

اهو استر لڳو تيئن هو بيوس ٿي ان ۾ ڦاسي پيو.

هنومان سهي ڪيو ته ڇا ٿيو آهي. پاڻکي چيائين 'مونکي برهم استر ۾ ڦاسايو ويو آهي.'

هنومان کي برهما وٽان وردان مليل هو جو هاڻ کيس ياد پيو.

'مان فقط هڪ مهورت (انيتا ليهه منت) لاءِ هن ۾ ڦاٿل رهندس.' هن دل ۾ چيو: 'مونکي ڪو جوکو ڪونهي. ڏسان ته سهي ته مونکي هن ريت بيوس ۽ ڦاٿل ڏسي راڪشس مونکي ڇا ٿا ڪن. ممڪن آهي ته دوست طور ڪو وڏيڪ ڪر ڪرڻ جو مونکي وجهه ملي وڃي.'

برهما وٽان امر جيون دان ملڻ ويل جيئن کيس آديش ڪيو ويو هو، تيئن هن برهم استر ۾ پاڻکي ڦاٿل رکيو ۽ زمين تي ليٽي پيو، پر پنهنجو هوش سالم رکيائين.

هنومان کي هن ريت زمين تي ليٽيل ڏسي، راڪشس جي هيٺرو وقت ٻپ وڇان پريان بيٺا هئا، سي هنکي وڪوڙي ويا ۽ خوشيءَ وچان نچڻ لڳا ۽ هنکي گهڻت وڏ ڳالهائي پنهنجي راجڪمار جي واڪاڻ ڪرڻ لڳا.

"اسين توکي ڳترا ڳترا ڪنداسين!" هنن واڪو ڪري چيو: "اڇو ته کيس ڳرڪائي ڇڏيون." "اسين کيس گهلي راوڻ وٽ وٺي ٿا هلون." ان ريت ۽ ٻئي هر نموني هو واڪا ڪرڻ لڳا. منجهائن ڪي ٻڌندي چوڻ لڳا، "هو صرف ڍونگ ڪري رهيو آهي. هو اوچتو اٿي اسان تي حملو ڪندو." انڪري هو سٽيءَ ۽ ڪاٻاري جون ٿلهيون رسيون کڻي آيا ۽ هنکي سوگهو ٻڌي واڪا ڪرڻ لڳا: "هاڻ کيس ٻڌي سوگهو ڪيو اٿئون ۽ کيس گهلي راڪشس راج وٽ وٺي ٿا هلون."

اِندرجت بلڪل ڏير سان راڪشسن جي هن ڀاري ڀل ڏٺي ۽ کيس ڏاڍو ڏک ٿيو.

'هاءِ، هاءِ!' هن دکي ٿيندي سوچيو: 'منهنجو سڄو ڪر

ڀڄي ئي ڪونہ سگھان ھا. چاڪاڻ جو ھنن مون تي حملو ڪيو، مونکي مارڻ جو يتن ڪيو، تنھن ڪري مان پنھنجي بچاءَ ۾ کين ماري وڌو. مان ھت وانر راج سگريو جو دوت ٿي آيو آھيان. اي راڪشس راج! منھنجو راجا اوھانکي پنھنجو ياءُ ڪري ڄاڻندو آھي ۽ ھو اوھانجي آجيان ٿو ڪري. ايوڌيا جي پرسڌ راجا دشرٿ جو پٽر رامچندر، سگريو جو متر ٿي ويو آھي. ٻاليءَ کي ماري ھن سگريو کي وانر راج جو راجا بڻايو آھي. جڏھن رامچندر ايوڌيا جو يوراج پنھنجي پتا جي وچن پالڻ لاءِ ٻنبڪ بن ۾ رھندو ھو، تڏھن سندس ڌرمپتنيءَ کي ڪجھہ وقت لاءِ اڪيلو ڇڏيو ويو ھو، سا گم ٿي ويئي. رام ۽ لڪشمڻ جي آگيا سان راجا سگريو پنھنجي نوڪرن کي ساري پرٿويءَ تي روانو ڪيو آھي تہ وڃي سيتا جو پتو لڳائي اچن. مان لنڪا ۾ انھيءَ راجڪماريءَ جي ڳولھا لاءِ آيس ۽ مان ھتي اچي ھن سريشٽ راجڪماريءَ سان مليو آھيان. اي راڪشسن جا ڇترپتي، مان اوھان سان اھڙي ڍنگ سان ڳالھائڻ ٿو چاھيان جيئن ھڪ راجا جي دوت کي ٻئي متر راجا سان ڳالھائڻ گھرجي. مان ايوڌيا جي راجڪمار جو پورو ڀڳت ۽ سيوڪ آھيان. اوھانکي ڄاڻ آھي تہ انھيءَ ريت راجڪماري سيتا کي کڻي وڃڻ ڌرم جي ورڌ آھي ۽ پڻ ڪائرتا جو ڪم آھي. جيڪڏھن اوھين ھن پاپ ۽ مورکتا جي ڪرم تي ٻڌيا رھيا تہ برو نتيجو ٿيندو ۽ اوھانجي ونش جو پڪ ئي ناس ٿيندو. سيتا جي ٻانھن راجڪمار کي موٽائي ڏيو ۽ ڪائنس ڪميا جي گھر ڪريو. ياد رکو تہ سيتا جي روپ ۾ موت توھان وٽ آيو آھي. ڀل ڪري زھر کي کاڌو ڪري نہ سمجھو. ڌرم جي ورڌ وڃي موتمار خطري ۾ وڃڻ ڪوسياڻپ جو ڪم ڪونہ آھي. اوھانکي پوري ڄاڻ آھي تہ ٻئي جي اِستريءَ جي چاھنا رکڻ جو پاپ تپسيا دواران ڪمايل اوھانجي ساريءَ سڌي کي ناس ڪري

اوج سان ويٺو هو جو ڏانهس نهاريندي اکيون ٿي جهونجهاريون. ساري دربار چمڪندڙ سوني، موتين ماڻڪن ۽ ريشم جي ڪپڙن سان ٻهڪي رهي هئي. سندس ڪاري رنگ جو شرير، راجائي تيج سان ائين ٿي چمڪيو، جڻ ته پرڪاش ڪندڙ هڪ پهاڙ هو.

هنومان جي من ۾ ڪروڌ به هو ته ڪهل به هئي، اچرج به ڏاڍو ٿي لڳس. هن پنهنجي دل ۾ چيو: "هاءِ! ارمان! هيءَ مهان پرش جي ڌرم جي مارگ کان منهن نه موڙي ها ته اڄ اِندر به ساڻس برميچي ڪو نه سگهي ها. ڪهڙي نه سندر آهي سندس صورت، ڪهڙي نه آهي سندس چهري جي چمڪ! وري ٻل به ڪيترو نه اٿس! هنکي جيڪو وردان مليو آهي، انهيءَ ۾ ويساه رکي هن پاپ جي واٽ ورتي آهي، انهيءَ ڪري پنهنجو سک به ڦٽايو اٿس ته پنهنجو ناءُ ناموس به وڃايو اٿس."

جنهن وقت هنومان هنن ويچارن ۾ مگهن هو، تنهن وقت راوڻ پنهنجي منترين کي چيو: "هن پاپيءَ ماڻهو کان پڇيو ته هو ڪير آهي، ڪٿان آيو آهي. ڪيس ڪنهن موڪليو آهي ۽ هت لنڪا ۾ ڇو آيو آهي. ڪيس چئو ته سچ سچ ڳالهائي."

راجا جي آگيا پائي پرهشت هنومان کان پڇيو: "هي باندر! ڏڪ نه. جيڪڏهن تون سچ ڳالهائيندين ته توکي ڪا به سزا نه ملندي. ڇا توکي اِندر هت موڪليو آهي؟ ڇا تون ڪبير جو چاڪر ته ڪو نه آهين؟ تون ڪنهن جي آگيا پالي رهيو آهين؟ سچ ڳالهاءِ ۽ پاڻکي بچاءِ. هت تون ائين روپ بدلائي ڇو آيو آهين؟ سنڀال ڪر. ڪجهه به نه لڪائج."

هنومان راوڻ ڏانهن سڌو نهاري چيو: "مونکي نڪي اِندر موڪليو آهي، نڪي ڪبير موڪليو آهي. مان وانر آهيان. مان هت راڪشس راجا جو منهن ڏسڻ آيو آهيان. انهيءَ ڪري ئي مان باغ کي برباد ڪيو آهي. نه ته مان راجا تائين

هيڏانهن موڪليو آهي. اسانکي گهرجي ته انهن کي هيڏانهن وٺي اچون ۽ نيڪ ڏنڊ ڏيون. جيڪڏهن هن کي اسان هڻي ماري ڇڏينداسين ته پوءِ سچن شترن کي هٿ اچڻ جا وجهه گهٽجي ويندا. پر جيڪڏهن اسين هنکي جيئرو پوئتي وڃڻ ڏينداسين ته پوءِ هو هٿ اچي اسان تي وار ڪندا. پوءِ اوهان کين نيڪ ڏنڊ ڏيئي سگهندا."

راوڻ وڀيشڻ سان شاملراءِ ٿي چيو: "ڏاڍو چڱو. هڪ بندر جو سڀ کان پيارو انگ آهي سندس پڇ. هنجي پڇ کي باهه لڳايو، ڪيس خوب ڏنڊ هڻي، هتان ڪڍي ڇڏيو."

راڪشس راج جا هيءُ شبد ٻڌي، سندس نوڪر هنومان کي ٻاهر گهلي ويا. هنن سندس پڇ ۾ هر پرڪار جون اگهڙيون ٽڳڙيون ڪري ٻڌيون. سندس پڇ هاڻي وڏو ٿيندو ويو جئن جئن پڇ وڌندو ويو تئن هو وڌيڪ ۽ وڌيڪ پراڻيون اگهڙيون ڪٺي آيا ۽ پڇ جي چوڌاري ٻڌندا ويا. ساري پڇ کي تيل ۾ ٻوڙي ڇڏيائون ۽ انکي آگ لڳايائون جڻڪ هڪ ٻرندڙ مشعال هئي.

هنومان نوڙين سان ٻڌو پيو هو. سندس پڇ ۾ جلندڙ آگ هئي. اُنهيءَ اوستا ۾ هنکي لنڪا جي گهٽين ۾ گهمائيندا رهيا.

ٻارن ۽ اِسترين رڙيون ڪري چيو: "اجهو هي آهي اُهو چور جيڪو اسان جي نگر ۾ آيو آهي. خوشيءَ ۾ ڀريل راڪشس هنومان کي دهلن شرناين سوڌو لنڪا جي سڀني مکيه رستن ۽ گهٽين ۾ گهمايو. انهيءَ وقت هنن ڪيس ويچارا ڏنا ۽ چيرايو.

اشوڪ بن ۾ راڪسياڻين سيتا کان پڇيو: "توکي خبر آهي جنهن ٻاندر سان تو گپت ريت ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي، تنهنجو ڪهڙو حال ٿيو آهي؟ هنن سندس پڇ کي ڪپڙا ويڙهي، تيل سان ٻوڙي، وٽي باهه ڏني آهي. سندس پڇ جلي رهيو آهي. ڪيس شهر ۾ سرگس ۾ گهمائي رهيا آهن."

سيتا کي اها ڳالهه ٻڌائي ٺٺوليون ڪرڻ لڳيون ۽ کلڻ لڳيون. سيتا اگني جلائي ۽ اگني ديويءَ کي هن ريت آرادنا ڪرڻ

ڇڏيندو ۽ انت ۾ اوهانجو به اوس ناس ڪندو. توهان لاءِ هڪئي راهه رهيل آهي. اوهان رام جي چرنن ۾ وڃي سندس شام پئو. رام کي پنهنجو شترو ٻڌائي پنهنجو سروناس نه ڪريو. رگهو ونش جي راجڪمار جي اڳيان اوهان جا پراپت ڪيل وردان وئرٿ ويندا. انهن مان اوهانکي ڪو لاڀ ڪونه ملي سگهندو. چڱيءَ پرڪار ويچار ڪريو. جنهن آپدا ۾ اوهان پيا هٿا انهيءَ جي پوري ڄاڻ رکو. وانر راج جي هن وانر دوت جي شبدن کي ڌيان ۾ رکو. سڌي مارگ ڏانهن منهن ڦيرائي سلامتيءَ جي راهه وٺو. هڪ ڀاءُ جهڙي راجا وٽان آيل هن سنديش کي سچو ڪري سمجهو. انهن شبدن ۾ اوهان جي ڀلائي سمايل آهي.

هنومان هيءَ ڪوڙي چتاوني بلند آواز سان ڏني. جڏهن راڪشس هيءَ چتاوني ٻڌي، تڏهن ڪروڌ جي ڪري سندس اکيون ڳاڙهيون لال ٿي پيون. هن آگيا ڪئي ته هنومان کي يڪدم ڪٺو وڃي.

پر وڀيشڻ وچ ۾ ٻڌايو ته هڪ راجا جي دوت کي هن ريت مارائڻ مريادا جي ورڌ آهي.

وڀيشڻ چيو: ”راجنيتي نيم انوسار راجا جي دوتن ۽ سنديشهرن کي مارائڻ راجائي نيمن جي ورڌ آهي. اوهان ڪيس ڇهبڪ هڻائي سگهو ٿا، اوهان ڪيس انگ هيڻ ٻڻائي سگهو ٿا، ڪيس ڏنڀ ڏياري سگهو ٿا، پر اوهان ڪيس مارائي نٿا سگهو.

راوڻ پڇيو: ”جنهن هن ريت وڏو اپراڌ ڪيو آهي تنهن کي مارڻ ۾ ڪهڙو دوش آهي؟“

وڀيشڻ سيبتا وارن شبدن ۾ چيو: ”هن ڪهڙو به وڏو اپراڌ ڪيو هجي، پر هن اهو ٻين جي آگيا انوسار ڪيو آهي. راجائي ڌٽين کي ڇڏي، سندن نياپي ڏيڻ ڙپرتنديءَ کي مارڻ ۾ ڪهڙي سياڻپ سمايل آهي؟ انهيءَ مان لاڀ به ڪهڙو ٿيندو؟ اسانکي هر ريت انهن کي سيڪت ڏيڻ جو يتن ڪرڻ گهرجي، جن هنکي

۾ زبردست واءُ اچي لڳو ۽ ساري شهر ۾ آگ ڦهلجي ويئي. راڪشس، سندن زالون ۽ ٻار ٻوپ وچان ڪيڪون ڪندا، هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا.

هڪ راڪشس چيو، "هيءُ ٻاندر ته ڪونه آهي، پر خود ڪال ديوتا آهي." ٻين چيو، "نه، نه! هوُ خود آگني ديو هوندو" ائين چئي هو جلندڙ گهرن مان ڀڄي ٻاهر ٿيا.

هنومان جيڪو نراڌر سڙو هو انهيءَ کي ياد ڪندي آگ جي شعلن کي مٿي چڙهندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. هو ترڪوت پهاڙ جي چوٽيءَ تي وڃي ويٺو. جلندڙ نگريءَ مان جيڪي ڳاڙهيون آگ جون جڀيون ٿي نڪتيون تن جو ويچار ڪري ڏاڍو پرسن ٿي ٿيو.

پوءِ هوُ سمنڊ ڏانهن ڀڄي ويو. اتي ٽُٻ ڏيئي پڇ جي باهه وسائي واپس ڪناري تي آيو.

ڏاڍي ڏک ۾ ڀرجي هن چيو: "هاءِ! هاءِ! هيءُ مون ڇا ڪيو؟ ڪروڌ ۾ اچي مون پنهنجي سڌ ٻڌ وڃائي ڇڏي آهي. هيڏيءَ شڪتيءَ ۽ ٻين ايشوري ڏنل ڏاتن مان ڪهڙو لاڀ ٿيندو جيڪڏهن اسين پنهنجي ڪاوڙ نه روڪي سگهنداسين؟ هيءَ وڏي آگ جيڪا مون جلائي آهي، تنهن ۾ سيتا به ڀسم ٿي ويئي هوندي. منهنجي هن ڪروڌي ڪم جي ڪري منهنجو سارو ڪارج ئي ٻنهه چٽ ٿي ويو. هن پرٿويءَ تي مون جهڙو نڪو ڪو مورک آهي، نڪو ڪو پاپي آهي. مان راڪشسن تي ڪاوڙيس، انهيءَ ڪري سيتا مري ويئي. هاڻي هتي جو هتي شرم جي ڪري مونکي پنهنجو اَنت آڻڻ گهرجي."

پوءِ هن کي آڪاشي آلاپ ٻڌا. چارڻ ۽ يڪش خوشيون ڪري رهيا هئا. هنن هئن ٻي چيو، "ڪهڙو نه چمتڪار آهي، ڏسن آهي هنومان جي شڪتي. جت سيتا ويٺي آهي، انهيءَ آستان ڪانسواءِ سموري لنڪا جلي رهي آهي."

جڏهن هنومان هيءُ آڪاشي وارتالاپ ٻڌو، تڏهن سندس

لڳي: "اي اگني ديوي! جيڪڏهن مون ۾ ڪا چڱائي آهي، جيڪڏهن مان پوتر آهيان، ته پوءِ هنومان لاءِ تون وچ ۾ هنکي ڪا به هاڃي نه رساءِ."

هنومان ڏڪا ٻڌا ۽ جت ڦت سنتوش ۽ ماٺ سان سٺي. هو گهٽين ۾ گهمندو رهيو ۽ هرهڪ ڳالهه جي جاچ ڪندو ويو. پنهنجي استرين ۽ ٻارن جي وندر لاءِ راڪشس ڪيس شهر جي سڀني ننڍن وڏن رستن تان گهمائيندا رهيا. هنومان وري انهيءَ ڳڙهه جا سڀ ڳجهه آئينده جي ڪم لاءِ چپ چاپ جاچيندو رهيو.

هنومان دل ۾ چيو: "هي ڪهڙو نه اسرار آهي، جو تيل ۾ ٻڏل ڱڙيون تکيون ٻري رهيون آهن، پر مونکي ڪا به تڪليف نه ٿي ٿئي. منهنجي پڇ کي ته اهي اڱڙيون ٿڌيون ٿيون لڳن. جيڪو رام جي ڪم ۾ رڌل آهي تنهنتي خود پنج تت به دياوان ٿيندا آهن. پهاڙ ڪين سمنڊ مان نڪري آيو ۽ مونکي ڪارائڻ پيشڪارڻ جي آڇ ڪيائين؟ ساڳيءَ ريت اگني ديوتا به هاڻ مونتي ديا ڪري رهيو آهي ۽ مونکي ڪا به هاڃي نٿو رسائي. اهائي وسهڻ جهڙي ڳالهه آهي ته چاڪاڻ جو اگني ديوتا منهنجي پتا وايوءَ جو متر آهي، تنهنڪري هو مونسان نرميءَ سان هلي ٿو. هاڻي ري گهريو جيڪو مونکي وجهه مليو آهي سو مونکي وڃائڻ نه گهرجي. مونکي هيئنر هنن راڪشسن ۾ ڏهڪاءُ وجهڻ گهرجي."

اوچتو ئي اوچتو هن پنهنجو قد ننڍو ڪري ڇڏيو. جن نوڙين سان ٻڌل هو تنکي ٻه روڪري لاهي ڇڏيائين. پوءِ هنومان وري پنهنجي شاهي آڪار ۾ اچي پرندڙ پڇ سان ٽپو ڏيئي وڃي هڪ اوچي پون جي چوٽيءَ تي ويٺو. پوءِ هن اُتان هڪ ٽنب ڪري پٽيو ۽ انکي چوڌاري ڦيرائي هن سڀني ڏسندڙن جي منن ۾ ڊپ پيدا ڪري ڇڏيو. پوءِ هو هڪ محل کان ٻئي محل تان ٽپندو انهن کي باهه لڳائيندو ويو. توريءَ دير

هو. هنومان پريم منجهان پهاڙ کي ٿڦڙ هنيو پر اتي ترسيو ڪونه. هو اِئين اُڏاڻو جيئن ڌنش مان ڇٽل باڻ اڏامندو آهي. جڏهن هو مهيندر ٽڪريءَ جي ويجهو پهتو تڏهن هنکي پتو پيو ته هو سمنڊ پار ڪري اچي ٻئي ڪناري تي پهتو آهي.

وانرن ڏٺو ته هنومان سندن پاسي هڪ وڏي پرمار پکيءَ جيان اچي رهيو آهي، تڏهن هنن وڏي واڪي چيو: "هو آيو آهي، هو موٽي آيو آهي."

هن وقت سوڌو سندن من ۾ چنتا ۽ سندن اکين ۾ جل هو. پر هاڻي هو آنند وچان ٽپڻ ڪڏڻ لڳا.

جامبوان چيو ته، "پڪ اٿي پڪ هو سوڀ پائي موٽيو آهي، نه ته جيڪر هن ريت گجگوڙ نه ڪري ها."

هو پهاڙ جي چوٽين ۽ وڻن تي ويهي ويا ته ڏسون ته ڪئن هنومان لنڪا مان موٽي اچي ٿو.

جڏهن هنومان ڏٺو ته سارن پهاڙن ۽ وڻن تي سندس مِتر ويٺا آهن، تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو. جيئن هو مهيندر پهاڙ تي لٿو تيئن باندرن خوشيءَ ۾ پرجي وڏو آواز ڪيو.

اَڌياءُ ٥٨

مها اُتسؤ

هنومان کي ايندو ڏسي وانر ڏاڍو خوش ٿيا. هو مهيندر پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويا. سڀني وانرن پاران ٻڍي وير جامبوان پون پتر جي آجيان ڪندي هن ريت هنن جا ويچار ورنن ڪيا:

"اسين چاهيون ٿا ته تنهنجي ياترا ۽ اُنجي سڦل اُنت جو سمورو سماچار وستار سان ٻڌون. اسان کي وڌيڪ انتظاري اها آهي ته اسانکي سڌ پوي ته تو سيتا کي ڪئن ڳولهي ڪڍيو.

چنتا دور ٿي. ”سيتا پاڻ بچايو آهي. هن منهنجي به رکيا ڪئي آهي. سندس پوترتائيءَ ۽ شڪتيءَ ڪري ئي اگنيءَ مونکي ڪجهه به هاڃو نه رسايو. اگني ديوتا کي به پوترتائيءَ جي ديويءَ اڳيان جهڪڻو پوي ٿو.“ ڀلا اگنيءَ کي ڪئن جلائي سگهندي؟ هيءَ آگ جيڪا مون دکائي هئي، سا سيتا تاءِ وڃي ڪانه سگهي ها. ڇا سمندر سمرات ۽ منڪا پهاڙ مونکي مدد ڪانه ڪئي هئي؟“

هن پرڪار جا پهه پڇائيندي هنومان سڌو اشوڪ باٽڪا ڏانهن هليو ويو. اُتي هن ڏٺو ته سيتا سمپ ورکش جي هيٺان ويٺي آهي. سيتا جڏهن ڏٺو ته هنومان جيئرو ۽ ڇڱو ڀلو آهي، تڏهن سندس اُداسي گم ٿي ويئي.

آنند ۾ اچي هنومان سيتا کي نمسڪار ڪئي ۽ چيائين، ”اي ماتا! مان توکي بلڪل سلامت ڏسي رهيو آهيان. اها ڳالهه منهنجي سڀاڳ جي آهي. پر انهيءَ جو ڪارڻ آهي تنهن جي شڪتي. هاڻي آگيا ڏي ته مان وڃان.“

سيتا وراڻيو: ”تون سچ پچ ته هڪ سورمو آهين. اهڙو ڪو به ڪم ڪونه آهي جيڪو تون ڪري ڪونه سگهندين. اِها ڪوشش ڪج جئن منهنجو سوامي سيگهه مان هت اچي ۽ راڪشسن کي ماري مونکي ڇڏائي. منهنجو توتي ڀروسو آهي. تون ئي رڳو هيءُ ڪم پورو ڪري سگهندين.“

هنومان اُتر ڏنو: ”پڪ ڄاڻ ته سگريو جلدئي رام، لڪشمڻ ۽ لکن وانرن سوڌو هت ايندو. راوڻ ۽ سندس پاپي سئنا ناس ٿيندي. ڀاڳوان راجڪمار توسان گڏجي ايوڌيا ڏانهن ورندو. وڌيڪ دک نه ڪر. شل ايشور جي توتي آشيرواد ٿئي.“

اهڙيءَ ريت سيتا کي دلاسو ڏيئي، هنومان سيتا کان موڪلايو. هو سمنڊ جي ڪناري تي ويو ۽ ارشٽ نالي سهڻي پهاڙ تي چڙهي آسمان ۾ اُڏامڻ لڳو.

رستي تي ڏنائين ته منڪا سندس موٽڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ ويٺو

وسارڻ ڪان سواءِ هنومان رستي ۾ تيل ۽ لنڪا ۾ تيل هرهڪ ڳالهہ جو هننکي ورنن ڪري ٻڌايو. هن کين ٻڌايو تہ ڪئن هن سيتا کي اَجايو راوڻ جي محلاتن ۾ ڳولهيو ۽ ڪئن نيٺ وڃي هنکي اَشوڪ باٽڪا ۾ لڌو. اُتي راوڻ ڪئن آيو ۽ ڪئن اَچي سيتا کي ميڙ منت ڪيائين ۽ ڪئن سيتا سندس آچين کي ٺوڪاري اُڇليو. پوءِ هن کيس کهڙا پيانڪ ڏڙڪا ڏنا ۽ ڪئن راڪسياڻين سيتا کي چيڙايو ۽ اينرو ستايو جو هن پنهنجو اَنت آڻڻ جو پڪو پڇايو. ڪئن انهيءَ گهڙيءَ هنومان سيتا وٽ پهتو ۽ کيس رام جو سماچار ڏيئي منجهس نئين آشا ۽ اُتساهہ ڦوڪيائين.

اَکين ۾ جل آڻي هنومان پنهنجي ساٿين کي ٻڌايو تہ سيتا کهڙي نہ پوتر ۽ اُملهہ آتما هئي ۽ کهڙي نہ شاندار نموني هن اُتي وهنوار ڪيو هو. پوءِ هن کين ٻڌايو تہ ڪئن هن اَشوڪ ڦلواڙيءَ کي ناس ڪيو ۽ راڪشس يوڌن کي موت جي بستري تي ليٽايو. نيٺ ڪئن اِندرجيت کيس ٻڌي ڪري راوڻ وٽ وٺي ويو، راوڻ سان ملڻ وقت ڇا وهيو واپريو، سو بہ سارو اَحوال هنومان کين ٻڌايو. هن اُتي ٻي ٻپائيءَ سان ڳالهايو هو، انهيءَ ڪري کيس سزا ڏيڻ لاءِ سندس پڇ کي ڪپڙي باهہ لڳايائون. اَهڙيءَ ريت کيس هڪ وڏي مشعال ناهي ڏنائون جنهن سان هن لنڪا کي ساڙي ڀسم ڪيو.

جڏهن ڪنهن ناٽڪ يا ڪاويہ جو ڪو اَداڪار گذريل ڳالهين جو نئين سر ورنن ڪندو آهي، تڏهن ليکڪ کي ڏاڍيءَ ڪاريگريءَ سان لکڻو پوندو آهي. والميڪيءَ بہ ڏاڍين سندر شبدن ۾ پنهنجي ڪلا جو پرڪاش ڪيو آهي. اُهي جيڪي رامايڻ کي ڌرمي گرنٿ سمجهي اُنجو پاٺ ڪندا آهن، تن کي هن مان ڏاڍو آنند ايندو آهي. اَهڙي پرڪار ڳالهين کي دهرائڻ کين اَڻوڻندڙ ڪونہ لڳندو آهي. سچ ڪري پڇو تہ هڪ ٻگهي مهاڪاويہ ۾ اِئين ڪرڻ سان اُنجي سندرتا ۽

هاڻي سنديس ڪهڙو حال آهي؟ سنديس تن ۽ من جي ڪهڙي اَوسٿا آهي؟ اي انجنا جا پيارا پٽ، اسانکي راوڻ جي شان ۽ هلت جو بہ سمورو سماچار ڏي. جڏهن اسانکي سمورين ڳالهين جي سڌ پوندي تڏهن ئي اسين انهن تي ويچار ڪري نرنئہ ڪري سگهنداسين تہ هاڻي ڪهڙو قدم کڻون.“

هنومان پنهنجي من ۾ سيتا کي نمسڪار ڪري پنهنجي ڪٿا شروع ڪئي:

”اوهانکي سڌ آهي تہ هن پهاڙ جي چوٽيءَ تان مان آسمان ڏانهن ٽپو ڏنو. جنهن مان سمنڊ جي مٿان اُڏاميس تي تنهن اوچتو ئي اوچتو هڪ سونو پهاڙ سمنڊ جي مٿاڇري جي مٿان ٿي بيٺو. مون سمجهيو تہ ڪا شيءِ مونکي روڪڻ لاءِ مٿي اُڀي رهي آهي. انهيءَ ڪري مون اُنکي پنهنجي پيچ سان هڪ لوڏو ڪيايو. پهاڙ نمرتا سان اهو ڏک ڪائي مٺن وچنن ۾ مونکي چيو، ’منهنجا پٽ! مان تنهنجو ڪو شترو ڪونہ آهيان. مونکي تنهنجي پتا، اِندر جي قهري ڪروڌ کان بچايو هو. مان سدائين هنجو ٿورائتو رهيو آهيان. هاڻي مان سمنڊ جي پناهہ هيٺ سلامت ويٺو آهيان. اڳين يڳ ۾ اسان پهاڙن کي پر هوندا هئا ۽ آڪاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامندا هئاسين ۽ سنسار اسان کان ڏڪندو هو. پوءِ اِندر، سنسار کي هن ڀؤ کان ڇڏائڻ لاءِ، بي ترس ٿي، اسان جي پٺيان پيو ۽ هن اسانجا پر ڪتري ڇڏيا. هيءُ درياهہ سيني پهاڙن تي ڪڙڪيو، پر تنهنجي پتا مونکي انهيءَ کان بچايو. تون هن وقت سمنڊ کي پار ڪرڻ لاءِ هڪ ڏاڍي ٿڪائيندڙ ڪم ۾ رڌل آهين. مان هتي مٿي انهيءَ لاءِ آيو آهيان تہ توکي آجي ڪريان تہ ڪجهہ آرام ڪر. هت ٿورو وقت ترس ۽ پوءِ وڃي رام جو ڪارج پورو ڪر.‘ وقت ٿورو هو انهيءَ ڪري مان هنجي اِها آڇ سويڪار نہ ڪئي. ڪانئس موڪلائي مان اَڳتي وڌيس.“

اَهڙيءَ ريت برابر سلسليوار ڪنهن بہ گهٽتا کي ڇڏڻ يا

نابود ڪري سگھندو. ساڳيءَ ريت راجڪمار اَنگد به ڪري سگھندو. ننس يا نيل به اِئين ڪري سگھندو. ساڳيءَ ريت اَشوني جا پٽر مئيند ۽ دوودا به ڪري سگھندا. ها ئو، اسان وٽ گھڻيئي آهن جيڪي راوڻ ۽ سندس سئنا کي ناس ڪري سگھندا. مان ته لنڪا ۾ زور سان هن ريت جي گھوشڻا ڪئي هئي: 'مان رام جو سنديشهر ۽ سگريو جو منتري اوهانکي ناس ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.' هن وقت اسان هت هئن ڳالهيون ڪري رهيا آهيون. هوڏانهن پوترتائيءَ جي ديوي وديهي، اُتي سمسپ وڻ جي هيٺان سخت پهري هيٺ پيئي ٿي ڳري. سنديس دل ڏاڍي دکي آهي. هوءَ آزاد ٿيڻ چاهي ٿي. جڏهن هوءَ بلڪل نراش هئي تڏهن مان هنجي اَڳيان وڃي پڌرو ٿيس ۽ کيس اِئين چئي آئت ڏنم ته تنهنجو پتي ديو جلد تو وٽ اَچي پهچندو. سيني ڳالهين جو چڱيءَ پر ويچار ڪريو ۽ نرنئہ ڪريو ته هاڻي ڇا ڪرڻو آهي."

اَنگد هيءَ سڀ ڳالهيون چپ ڪري ويٺي ٻڌيون. ڪروڌ ۾ ڀرجي ٽپ ڏيئي چيائين: "مان اَڪيلي سر سارو ڪم ڪري سگھندس. هتي اسان وٽ گھڻيئي اَهڙا يوڌا آهن، جيڪي يڌ ڪرڻ لاءِ سگھي رهيا آهن. هيترن ڏينهن کان پوءِ هٿين خالي، سيتا بنا رام ڏانهن وڃڻ واجب ڪونہ ٿيندو. هلو ته سڀئون سڌو لنڪا ڏانهن هلون. راوڻ ۽ راڪشس سئنا کي ختم ڪري، سيتا کي ساڻ وٺي ڪشڪنڌ ڏانهن موٽون."

ٻڌي سياڻي جامبوان نرم شبدن ۾ هن ڳالھ جو ورود ڪيو: "نہ، اِئين ڪرڻ ٺيڪ ڪونہ ٿيندو. اسانکي سموري وارتا رام ۽ لڪشمڻ کي ٻڌائڻ گھرجي. تنهن کان پوءِ جيڪا سندن اِڇا هجي تنهنجي پوئواري ڪرڻ گھرجي. رام جو ڪارج انهيءَ رستي سڌ ڪرڻ گھرجي، جو هو پسند ڪري. يوگيہ وات اِهائي آهي."

هنومان ۽ انگد سهت سيني وانرن سويڪار ڪيو ته اهوئي

رس سرس ٿيندي آهي، پر مان انهيءَ ورنن کي ساڌارڻ پاٺڪن جو ويچار ڪري گهٽايو آهي. ڳالهه ڪهڙي به لاڀدايڪ ۽ سکيادايڪ هجي ته به اُنکي هر هر پڙهڻ لاءِ ساڌارڻ پاٺڪن کي نڪو سمو آهي، نڪو چاهه آهي.

جن کي ڪا وشيش آپدا ٿارٽي هوندي آهي، يا جي ڪنهن وڏي ڪاريه ۾ سڦلتا چاهيندا آهن، اُهي گهڻوڪري سموري سندر ڪانڊ جو پاراڻ (آکنڊ پاٺ) ڪندا آهن. انهيءَ سندر ڪانڊ ۾ هنومان جو لنڪا ڏانهن وڃڻ جو ورنن آهي. ڪن جو وشواس آهي ته جيڪڏهن رڳو هن اُڌياءَ جو جنهن ۾ هنومان وانر يوڌن کي، سمنڊ پار ڪرڻ کان وٺي ويندي پوئتي موٽي اچڻ تائين سمورين ڳالهين جو وستار ڪري پڙهيو آهي، تن جو پاٺ ڪبو ته به آشا پوري ٿيندي.

اُهڙيءَ ريت سيني گهٽنائن جي ورنن ڪرڻ کان پوءِ هنومان چيو: "هن سمي تائين اسان کي جيڪا سڦلتا ملي آهي، تنهجو ڪارڻ آهي سيتا جي پوترتائي ۽ شڌتائي. سيتا ته پتي ورت ڌرم جي ساکيات مورتي آهي. جڏهن مان ڪيس ڏسندو آهيان، تڏهن مونکي اَچرج لڳندو آهي ته هتڙيءَ پوتر ديويءَ کي راڪشس ڪئن ڪٽي ويو ۽ چو نه سڙي ڀسم ٿيو! پر راوڻ به وڏو تپ ڪري شڪتي پراپت ڪئي آهي. انهيءَ هوندي به سيتا چاهي ها ته هنکي ڀسم ڪري ڇڏي ها. پر هن هي سڀ اَلياچار سنتوش سان انهيءَ لاءِ سٺو آهي ته پل راوڻ کي سيکت سنديس پتي ديو ڏئي. هاڻي پڙهيو ته اوهان جي ڪهڙي صلاح آهي؟ ڇا اسين سڀئون سڌو لنڪا ڏانهن هليا هلون ۽ وڃي راوڻ ۽ راڪشسن کي ماري سيتا کي هٿ ڪري اَچي رام جي حوالي ڪريون؟ اِئين نه آهي ته اسانکي هن ڪارج سڌ ڪرڻ جي شڪتي ڪانه آهي. مان اَڪيلي سر ڪين ناس ڪري سگهان ها ۽ پٽيان سندن نشان به ڪونه بچايان ها. جامبوان به اَڪيلي سر راڪشسن کي بلڪل

وانرن وٽ وڃي ڪين راڄا جو نياپو پھچايو.

اڌياءُ ٥٩

منگل سماچار پھچايو ويو

سگريو جو انومان رام جي ڪنن لاءِ جهڙو امرت هو. هو اِنتظاريءَ سان وانرن جي اچڻ جي واٽ نهاري رهيو هو. ٿوريءَ دير ۾ هوا جي اندر هل هنگامو مچي ويو. وانرن جي سئنا سوين جا نعرا هڻندي هيٺ لٿي.

هنومان ۽ انگد جي اڳوانيءَ هيٺ وانرن جي سئنا راڄا جي سامهون آئي. راڄا، رام ۽ لڪشمڻ اُتي اِنتظاريءَ ۾ ويٺا هئا.

هنومان نمسڪار ڪري چيو: ”مون اوهانجي راڻيءَ، پوترتا جي ديويءَ جو درشن ڪيو آهي. هوءَ لنڪا ۾ سهي سلامت ۽ نيڪ آهي. مان هتان ئي کيس پرڻام ڪريان ٿو.“ ائين چئي هن پنهنجو منهن دکشڻ دشا ڏانهن ڦيرائي ڏنڊوت ڪئي.

اهڙيءَ ريت هنومان ٿورن شبدن ۾ رام کي اِها خوشخبري ڏني ته سيتا لنڪا ۾ موجود آهي؛ سنديس من ۽ تن بلڪل نيڪ آهن. اها خبر ٻڌي سگريو ۽ لڪشمڻ گد گد ٿيڻ لڳا ۽ رام کي ڀراٽڙيون پاتائون.

اَيوڌيا جي راڄڪمار زور سان چيو: ”اي پيارا وانر مترو! مونکي ٻڌايو ته سيتا نيڪ ڪٿي آهي؟ هوءَ هن وقت ڪيئن آهي؟ توهان هنکي ڪيئن ڏسي سگهيا؟ ڪرپا ڪري سموري ڳالهه وستار سان ٻڌايو.“ هي انتظار سان ڀريل پڇائون رام هڪ ٻئي جي پٺيان تڪڙيون ڪيون.

ٻين ٻانڊرن هنومان ڏانهن منهن ڦيرايو. هنومان پوئتي بيٺو هو. هنکي چيائون ته جيڪي ڪجهه تو ڏٺو ۽ ڪيو آهي سو سمورو سماچار ٻڌاءِ. هنومان پنهنجي ڪٿا ٻڌائڻ آرنڀ ڪئي.

نيڪ رستو آهي. پوءِ هو آڪاش ۾ چڙهي ڪشڪند ڏانهن اُڏامڻ لڳا.

وانر راج جي جيڪا پهري هيٺ قلواڙي هئي انهيءَ جي ويجهو اچي وانر لٿا. هو انهيءَ ۾ اندر گهڙي ويا. اتي وڃي ماکي پيئائون ۽ ميوا کاڌائون. راکن جي چتاءَ ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنائون. هو بنا روڪ ٽوڪ جي مؤج مزا ڪندا رهيا ۽ هٽي ٻانڪا کي ناس ڪري ڇڏيائون.

هنن ڪلنڌڙن ڪڌندڙن جي وڳوڙي هلت سگريو جو چاچو ۽ هن راجائي قلواڙيءَ جو رکوالو وڌيڪ سهي ڪونه سگهيو. انهيءَ ڪري هن ڊوڙي وڃي راجا کي دانهن ڏني.

چي "اوهانجو رکيا ڪيل باغ برباد ٿي چڪو آهي. اهي وانر جيڪي دکشڻ دشا ڏانهن ويا هئا، سي موٽي آيا آهن. هو باغ ۾ لهي اتياچار جهڙي هلت ڪري رهيا آهن. هو منهنجن شبدن ڏانهن ڪو به ڌيان نٿا ڏين. هٿوئين هنن مون تي وار ڪيو ۽ پڻ منهنجو نرادر ڪيو. ماکيءَ جي سمورن ماناڙن کي چني ساري ماکي پي ويا آهن. پنهنجي اِڇا انوسار ميوا پٽيندا کائيندا رهيا آهن. هن پرڪار جي جشن ڪرڻ جي ڪري هاڻي هو مورڇت ٿيا ڌرتيءَ تي ليٽيا پيا آهن. سمورا وڻ بوٽا ناس ٿي چڪا آهن. راجا کي جڳائي ته هاڻي جو هاڻي هنن حرمست وانرن کي جوڳي سيکت ڏئي."

سگريو کي ڳالهه يڪدم سمجهه ۾ اچي ويئي. هن لڪشمڻ کي چيو: "لڪشمڻ! اِها ڳالهه صاف آهي ته هنومان، جامبوان ۽ انگد سيتا کي ڳولهڻ ۾ سڦل ٿيا آهن. هو پنهنجي سڦلتا جي خوشيءَ ۾ هن پرڪار جي هلت ڪري رهيا آهن."

پوءِ هن دڌيمک ڏانهن منهن ڪري چيو: "هنن سڀني کي يڪدم هيڏانهن روانو ڪر."

هاڻي دڌيمک به سموري ڳالهه سمجهي ورتي ۽ سٽ پائي

چانيل هئا. جڏهن مان اُتي پهتس تڏهن راڪشس راجا جي
يڙ منٿ، دڙڪن ۽ دٻاءَ کان ڇٽڻ لاءِ هن آپگهات ڪرڻ جو
رٽو ڪيو هو. مان جهڪي آواز ۾ توهانجي مهانتا جي پرشنسا
ڪرڻ شروع ڪئي. مان رڳو هڪڙو باندر هئس. ان ڪري
اهو ضرور هو ته مان پهرين سنديس وشواس هٿ ڪريان. پوءِ
تدري ڌيري مان هن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون کيس
ٻڌايو ته ڪئن اوهان راجا سگريو سان ناهه ڪيو آهي. مون
ٻڌڻ کيس اوهانجي گهِري ڏک ۽ اَڻ ٻڌائجندڙ پريم جو سماءُ
ڏنو. اُنهيءَ ڳالهه ٻڌڻ جي ڪري هن جي هردي ۾ مٺو مٺو
درد اُٿڻ لڳو. وري سنديس من ۾ آشا جو واسو ٿيو ۽ هن
جيئري رهڻ جي اِڇا ڪئي. مان هن پوترتا جي ديويءَ کان
اوهان لاءِ ڪا نشاني گهري. هن مونکي هيءُ مٽيو اُنهيءَ لاءِ
ڏنو ته مان اچي اوهان کي ڏيان.

”هن پڻ مونکي ٻڌايو ته ڪئن هڪوار هڪڙي ڪانءُ کيس
اُنهيءَ ويل اچي ستايو هو جڏهن اوهان ننڊ ۾ هئا ۽ ڪئن
جڏهن اوهان جاڳيا تڏهن اوهانکي هن ڳالهه جي ڪري ڏک
ٿيو. هن مونکي چيو ته مان اوهان کي اُنهيءَ گهٽنا جي يادگيري
ڏياريان. هن اها به گهر ڪئي ته مان اوهان کي هڪڙي ٻئي
اوسر جي به يادگيري ڏياريان. اوهان ٻئي هڪ لڳا اُڪرين جي وچ ۾
پئي گهميا. پگهر جي ڪري سيتا جو تلڪ سنديس نراڙ تان
هيٺ وهي ويو ۽ اوهان هڪڙي پهاڙ مان ڳاڙهي گيرُو کڻي
تلڪ جي بدران سيتا جي پيشانيءَ تي لڳايو.

”هن مونکي اها به آگيا ڪئي ته مان توهانکي ٻڌايان ته هوءَ ڪئن
ٻه ڦٽڪي ڪري هڪ مهني ناءِ جيئندي رهندي ۽ پوءِ، يا راوڻ جي
هٿان يا پنهنجي هٿان مؤت جي مک ۾ ويندي. هن مونکي
اِئين به چيو ته وانر راج کي سندس پرڻام پهچايان. هاڻي اسان
کي سموريءَ ڳالهه جو ويچار ڪري لنڪا ڏانهن وڃي راجڪماريءَ
کي ڇڏائڻ جي يڪدم تياري ڪرڻ گهرجي. اِئين چئي هن

هن اڪيلي سر اٽل همت ۽ شڪتيءَ سان هڪڙو وڏو ڪارج پورو ڪيو هو، انهيءَ هوندي به هو راجڪمار رام يا راجا سگريو جي پرسان ڪونه اچي بيٺو؛ پر هن انگد ۽ برڌ جامبوان ۽ ٻين وانرن کي پنهنجي اڳيان ڀيڻ ڏنو. هو تيسين چپ رهيو، جيسين ڪيس ڳالهائڻ لاءِ چيو نه ويو.

سچ ته اهو آهي ته مهان آتما اوڪ، جيڪي همت ڪري مهان ڪارج سڌ ڪندا آهن، سي پنهنجي هٿان ڪيلن ڪارجن جو ورنن ڪرڻ پسند ڪونه ڪندا آهن. ڪويءَ هن درشيہ جو چٽر چٽي هيءُ سپاويڪ وهنوار جو نيم پرسڌ ڪيو آهي.

اسان کي اها ڳالهہ به ڌيان ۾ رکڻ کپي ته هنومان جي من ۾ سيتا لاءِ ڏاڍي گهِري ڀڳتي آهي. جنهن وقت ڀهرياءِ ڀهرياءِ هنومان سيتا کي ڏٺو تنهن وقت ائين ڀئي ڏسڻ ۾ آيو ته هنومان کي جيتري رام لاءِ ڀڳتي آهي تنهن کان به سيتا لاءِ پوڄ ڀاؤ به رتيون سرس اٿس. سيئي ڌرماتما ڀڳت جيڪي پرم پريوءَ جي، ماتا جي روپ ۾، پوڄا ڪندا آهن، سي ائين ئي هلندا آهن. جڏهن سڄڻ ڀڳتن جي سامهون سروَ وياپي ڀڳوان جو هيءُ روپ پرسڌ ٿيندو آهي، تڏهن هو ائين آنند ۾ مگن ٿي ويندا آهن، جئين هڪڙو ٻار ماءُ جي هنج ۾ وهندي ٿيندو آهي.

هنومان هن ريت پنهنجي ڪٿا ڪٿي ٻڌائي: ”سمنڊ جا سؤ يوجن لنگهي مان پاپي راوڻ جي نگريءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي وڃي پهتس. اتي محلات سان هڪ ڦلواڙي لڳل آهي. مون ڏٺو ته سيتا هن ڦلواڙيءَ ۾ سخت ڀهري هيٺ بند آهي. مان سندس سڙيل سڪل شرير ڏسي اچرج ۾ پئجي ويس! هوءَ رڳو پنهنجي پتيءَ جي ڌيان ۽ نام جي آڌار تي جئندي رهي آهي. سنديس چوڌاري اتياچاري ٻي ڊؤليون راڪسياڻيون وينيون هيون. هوءَ ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي هئي. سندس وار سنواريل ڪونه هئا ۽ سندس مکن تي دک ۽ چنتا جا بادل

دوارن مان سندن دک جو ورنن ڪري سگهان. هاڻي مان وڃي ڪين ٻڌائيندس ته تون هتي آهين. پوءِ گهڻي وقت وڃڻ ڪانسواءِ هو هت اچي راوڻ کي ماريندا ۽ سونپ پائي توکي ساڻ وٺي ايوڌيا ڏانهن ورندا.‘ اُنهيءَ ڪانپوءِ هن پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ ۾ ٻڌل ڳنڍ کولي ۽ اُن مان هيءُ رتن ڪڍي مونکي ڏنو. مان ڏاڍي آدر سان اهو رتن ڪري پنهنجي پيشانيءَ تي رکيو. اُنهيءَ کي سوگهو ڪري مان هيڏانهن اچڻ جي تياري ڪئي. هن مونکي روڪي وري آشيرواد ڏني ۽ چيائين ’متر هنومان! وڃي منهنجي سلامتيءَ جو سماچار نرڪيسرين، منهنجي پتي ديو، رام، ۽ سندس ڀراتا لڪشمڻ کي ڏي. پڻ راجا سگريو ۽ سندس منترين سان ٻه هيءَ ڳالهه ڪر. پنهنجون رٿون رٿي رام کي سهايتا ڪر ته هو هت اچي مونکي بند مان ڪڍي. هنومان! منهنجو تو ۾ پورن وشواس آهي. شل ايشور جي توتي آسيس ٿئي.“

هنومان وڌيڪ هيئن چيو: ”هي ڀريو! پنهنجو دک وساري ڇڏيو ۽ ويچار ڪريو ته هاڻ ڇا ڪجي. سيتا جي دل ۾ سنديهه هو ته اوهين ۽ وانر سئنا سمنڊ کي ڪيئن پار ڪندا. مون کيس پڪ ڏني ته اُنهيءَ سنبنڌ ۾ هوءَ ڪنهن ٻه پرڪار جو ڀؤ ڀولو، يا سنسو سنديهه نه ڪري، ڇاڪاڻ ته جيئن هن ڏنو، مان سمنڊ کي اُڪاري پار پهتس ۽ مان هرويرو سڀني وانرن کان وڌيڪ ٻلوان ٻه نه آهيان. مون کيس پڻ چيو ته مان ٻنهي رام ۽ لڪشمڻ کي پنهنجن ڪلهن تي چاڙهي سمنڊ لنگهي اچي وٽس پهچائيندس.“

أڌيائه ٦٠

سِئَنا اڳتي وڌي ٿي

رام پوري ڌيان سان اکين مان نير هاريندي هنومان جي

سيتا جي شڪامڻي، ارٿات چوٽيءَ ڦل، راجڪمار جي هٿ ۾ سونپيو. رام اُهو مڻيو هنومان جي هٿ مان ورتو. اُن کي ڏسندي ئي هو بي سُرت ٿي ويو. اُتي دک ۽ اُتي خوشيءَ جي ٻن ڇڙن جي وچ ۾ رام اهڙيءَ ريت پيسجي رهيو هو جو سهڻ کان ٻاهر هو.

هن اُهو مڻيو پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي پڪاريو: ”او لڪشمڻ!“ هن وري هنومان کي پنهنجي گلي لڳايو ۽ چيو: ”هي وير وايوءَ پتر! تنهنجو وڏو ڀاڳ آهي جو تو سيتا جو درشن ڪيو آهي. هاڻي مان ته ڄڻڪ سندس درشن ڪري رهيو آهيان. سچ پچ تون سيتا کي مون وٽ وٺي آيو آهين.“

هن وري آواز ڪري چيو: ”پيارا پهلوان، منهنجا من گهريا متر! مونکي هڪوار ٻيهر سموري ڳالهه ڪٿي ٻڌاءِ. مونکي وري ٻڌاءِ ته سيتا توکي ڇا چيو. مونکي سيتا جا شبد وري سڻڻ ڏي. اهي مونکي اهڙا مٺا ٿا لڳن جهڙو اُسات ڪري سڪل ڇپن لاءِ پاڻي.“

هنومان اُتڪنٺا ڀريل ٻڌندڙن کي وري ساري ڪٿا ڪري ٻڌائي، ۽ جڏهن هنومان هيٺيان شبد چيا تڏهن رام رئڻ لڳو:

”منهنجي رام تمام گهڻن راڪشسن کي ماريو آهي، پر هو هن وقت تائين راوڻ کي ماري مونکي پيڙا مان ڪڍڻ لاءِ هٿ ڇو نه آيو آهي؟ هن منڊ ڀاڳ جي مارڻ لاءِ اڃا ويرلڪشمڻ کي ڇو نه موڪليو آهي؟ اِها ته ٺيڪ جهڙي ڳالهه نه آهي ته منهنجو پتي ديو مونڏانهن لاپرواهه ٿيو هوندو. مونکي ڄاڻ آهي ته ڪڏهن به مان من، وچن يا ڪرم سان اهڙو ڪم نه ڪيو آهي جنهن ڪري هن جو پريم وڃائي وهان.“

هنومان وراڻيو: ”مان هن کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. چيومانس ’رام سدائين توکي سمرڻ ڪري دکي ٿي رهيو آهي. هن کي آرام بلڪل ڪونه آهي. اِئين نه سمجهه ته رام ۽ لڪشمڻ توکي وساري ويٺا آهن. مونکي اهڙا شبد ئي نٿا لڀن جنجي

آهي؟ نراس ٿيڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ منهن جا وير يوڌا
تنهنجي جيون ۾ تنهنجي لاءِ نڇاور ڪرڻ لاءِ تيار آهن. توهانکي
۽ لڪشمڻ کي ڪلهي ڪري لنڪا پهچائڻ ۾ اسانکي ڏاڍو آنند
ٿيندو. اسين اِئين ڪري سگهنداسين. ڪو به سنديه نه ڪريو.
سنسو وير پرش کي به نربل ڪري ڇڏيندو آهي ۽ منجهس
ت پ اُتپن ڪندو آهي. انهيءَ ڪري سنسي کي پري اڇلائڻ
ڪجي. اسان کي پڪ ٿي پڪ سوڀ ملندي. هن سمي منهنجي
هردي ۾ جيڪو وشواس آهي سو اسان جي سوڀ لاءِ هڪڙو
سندر سڳن آهي."

انهيءَ ريت سگريو رام کي وشواس ڏياريو ۽ منجهس ڪم
ڪرڻ لاءِ اُتساهه اُتپن ڪيو. پوءِ رام ۽ هنومان لنڪا، راوڻ
جي نگري، ان جي ڪوٽ ڪاهيءَ ۽ ٻين ٻچاءَ جي وسيلن
جي سنبنڌ ۾ وارتالاپ ڪيو. هنومان ڳالهين کي ٻنا سمجهڻ
جي لنڪا جي سمپتيءَ، راڪشسن جي سکي جيون، راوڻ لاءِ
سندن پريم ۽ وشواس جو ويهي ورنن ڪيو. هن رام کي ٻڌايو
ته راوڻ جي سٿنا ڪيڏي نه وڏي ۽ ٻلوان آهي. هن پڻ
ڪوٽ جي ٻناوت ۽ شڪتيءَ جو ورنن ڪيو. ڪاهيون، ديواريون،
دروازا، ڪانياٽين جهڙيون ڪلون، هيٺ مٿي ٿيندڙ پليون ۽
ٻچاءَ جي ٻين سڀني پربنڌن لاءِ چياءِ ته انهن جي پوريءَ ريت
سنڀال ڪئي وڃي ٿي. اُتي جيڪي منتري آهن سي به سدا
سجاڳ رهن ٿا. هن اها ڳالهه پڻ ٻڌائي ته سمندر جي ڪناري
تي خبردار پهرو موجود آهي جيئن ڪنهن دشمن جو جهاز
اتي پهچي نه سگهي.

هن وڌيڪ چيو: "انهن ڳالهين هوندي به پڪ سمجهو ته
اسانجي وانر سٿنا کي لنڪاجيتڻ جي پوري پوري شڪتي آهي.
اسان وٽ انگد، دوود، مئند ۽ جامبوان، پنس، نل ۽ نيل
جهڙا لاثاني يوڌا موجود آهن. اسان وٽ اٿاهه سٿنا آهي.
اسين آڪاش ۾ اُڏامي ويندا سين ۽ ڌرتيءَ کي ڇهڻ ڪانسواءِ

وارتا ٻڌي. جڏهن هنومان ڳالهائي بند ڪيو تڏهن رام چيو:
”جيڪو ڪم هنومان ڪيو آهي سو هن سنسار ۾ ٻيو ڪو
ته ڌيان ۾ ئي نه آڻي سگهندو — سمنڊ لتاڙڻ، راوڻ ۽ سندس
پربل سينا دوارا رکشا ٿيل لنڪا ۾ گهڙڻ ۽ پنهنجي راجا
دوارا سونپيل ڪم نه رڳو پوريءَ ريت پورو ڪرڻ پر سيني
جي آشائن اُميدن کان وڌيڪ سڌ ڪرڻ.“

رام جڏهن اهو خيال ڪيو ته جا اُتم آنند جي وارتا هنومان
ڪيس ڏني آهي تنهن جو پورو اجورو ڏيڻ هن جي شڪتيءَ
کان ٻاهر هو تڏهن هو ٿورو نراس ٿيو. هنومان کي ڳلي لڳائي
چيائين: ”اي هنومان! هن ڀاڪر جي اندر سمايل آهي انهيءَ
سموري ٿوري جي سوڪرتي جو تنهنجي مهان سيوا جي
ڪري منهنجي من ۾ وسي رهيو آهي.“ جنهن وقت سندس
سارو شرير پريم ۽ ڪرتگيتا جي ڀاوَ ڪري ٿڙڪي رهيو هو
تنهن وقت مٺيان شبد چئي رام هنومان کي پنهنجي ٻانهن ۾
جهلي ڪري ڇاتيءَ سان لڳايو.

هن چيو: ”سگريو! سچ پچ ته هنومان چمتڪار ڪري
ڏيکاريو آهي. راڪشس لنڪا جا ڏاڍي سنڀال ڪري رهيا
هئا؛ انهيءَ هوندي به هو اندر هليو ويو ۽ وڃي سيتا کي
ڏسي ڪيس آٿت ڏيئي سندس جان بچائي آيو. سيتا وٽان
شڀ سماچار آڻي هن منهنجي حياتي پڻ بچائي آهي.

”پر هاڻي اسان سمنڊ پار ڪيئن ڪنداسين؟ ۽ اسانجي
هيءَ اٿاهه سينا پريءَ پر ڪيئن پهچندي؟ اسين راوڻ جي
نگر تي وار ڪريون ۽ سندس سينا سان مٺ ڀيڙ ڪريون تنهن
کان اڳ اسانکي سمنڊ لتاڙڻو پوندو. انهيءَ ڪرڻ لاءِ مونکي
ڪا به واٽ نٿي سجهي. هنومان جي سڦلتا ۽ هنجي آندل شڀ
سماچار جي ڪري اسان جي من ۾ آنند اوس آهي پر آئينده
جي رٿ جي چنتا انهيءَ آنند جي مٿان ڇانئجي پيئي آهي.“

وانر راج وراڻيو: ”منهنجا ڏي رام! هن ۾ ڪهڙي ڪٺنائي

چڙهي وڃي چوڌاري سمنڊ تي نظر وڌي.

هن چيو ته ”هاڻي اسان کي ويچار ڪري نرڻو ڪرڻ کپي ته سيتا سمنڊ پار ڪيئن ڪندي. جيسين اهو نرڻو ڪريون تيسين سيتا کي ٻيلي ۾ ڇانوڻي هڻي آرام ڪرڻ کپي.“ سگريو پڻ پڻ سيتاپتين کي اهڙي آڳيا ڪئي. وانرن سمنڊ جي ڪناري تي ٻيٺل ٻيلي ۾ ڇانوڻي هڻي.

جڏهن سگريو، رام ۽ لڪشمڻ جاچي ڏٺو ته سموري سينا سک سان ويهجي ويئي آهي تڏهن ٻئي پاڻ گڏجي ايڪانت پاسي هليا ويا.

رام چيو: ”لوڪ چوندا آهن ته جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پياري شيءِ وڃائيندو آهي تڏهن سمون پائي هو اها وساري ڇڏيندو آهي ۽ ان لاءِ دک ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي. پر لڪشمڻ، منهنجي اوستا ۾ ته ائين نٿو ٿئي.“

سيتا جي اوستا جو ويچار رام جي هيانءَ کي اڳ کان به وڌيڪ کائي رهيو هئو. انهيءَ ڪري رام وري نراشا ۾ پئجي ويو.

هن نئين ڳڻتيءَ ڪري رام جا ڇهه ڇڄي پيا ۽ هن دک ڀري آواز ۾ چيو ته: ”جڏهن راوڻ سيتا کي جهلي کڻي ويو هوندو تڏهن هن زور سان روئي چيو هوندو ’هاءِ منهنجا پتي ديو! هاءِ رام! هاءِ لڪشمڻ!‘ پر هن ڏٺو ته انجو اثر ڪو به ڪونه ٿيو. اسين سندس سهايتا لاءِ پهچي ڪونه سگهياسين. جڏهن جڏهن مان انهيءَ پيڙا جو ويچار ڪريان ٿو، جا هن انهيءَ وقت سٺي هوندي تڏهن تڏهن منهنجو دک نئين سر وڌي وڃي ٿو. مان ڇا ڪريان؟ منهنجو سارو شرير ائين جلي رهيو آهي جڻ ڪنهن زهر پيتل ماڻهوءَ جا لڱ، جلندا آهن. هوءَ راڪشس جي چنبي ۾ ڦاٿل آهي ۽ سندس من ۾ گهرا گهاءَ ٿا پون. هاءِ! اڄ جنڪ جي پتري، جيڪا سمراٽ دشرٿ جي گهر ۾

لنڪا ناس ڪري ڇڏينداسين. ان جا پهاڙ ۽ ٻيلائي ٻچاءَ اسانجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪين آهن. اسين ساري نگر کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏينداسين. شڀ مهورت ڪيو ۽ اسان کي اڳتي وڌڻ جي آگيا ڏيو.“

جنهن وقت سوڀ جو نکٽر اُتر ڦالگني، چوٿيءَ تي رسيل هو تنهن وقت سئنا ڏکڻ ڏانهن ڪوچ ڪيو. هرهنڌ سندر سڳڻن سندن سواڳت ڪئي. جڏهن سئنا اڳتي اڳتي وڌي تہ ٽيئي رام، سگريو ۽ لڪشمڻ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا ٿي هليا. رام چيو: ”جيڪڏهن سيتا کي اها سڌ پوي تہ اسين روانا ٿي چڪا آهيون تہ هوند هن کي پنهنجي جيون کي قائم رکڻ جي وڏي آشا ٿئي.“

جن جوانن کي رستي جي ڄاڻ هئي سي اڳيان اڳيان ڄاچيندا هليا تہ متان ڪو شترو لڪو نہ ويٺو هجي. هو پنهنجي سئنا اهڙي پرديش مان وٺي ٿي هليا جنهن ۾ هن اٿاهہ سئنا لاءِ کاڌي پيتي جو سامان موجود هو. سئنا پهاڙن ۽ ٻنن کي جلد پار ڪيو. ڪنهن ڪنهن وقت وانر رام ۽ لڪشمڻ کي انهيءَ لاءِ ڪلهن تي کڻي هلندا هئا تہ سفر جلد پورو ٿئي. هر ڪڻ ۾ وانرن جو اتساهہ وڌندو رهيو. هو رڙيون ڪاڙيندا، ٽپا ڏيندا، نچندا ٽپندا هليا. رام ٻڌو تہ انهن مان هرهڪ ائين پئي چيو: ”مان راوڻ کي ماريندس، مان راوڻ جي سامهون ٿي ڪيس پورو ڪندس.“

نيل ۽ ڪمد چوڌاري ڏسندا ۽ ڄاچ ڪندا سئنا جي اڳيان ٿي هليا. ٻلوان يوڌا سئنا جي پوئين پاسي کان رکيا ڪري رهيا هئا. راجا سگريو، رام ۽ لڪشمڻ وچ ۾ هئا. رام سئنڪن کي چتاءُ ڪيو تہ هو رستي ۾ نگرن ۽ ڳاڻون کي ڪنهن بہ پرڪار جي هاڃي ۽ تڪليف نہ رسائين. چڙهائي ڪندڙ سئنا جو آواز سمنڊ جي گجگوڙ جهڙو هو ۽ ان سان ڏهہ ئي ڏسائون پرجي ويون. مٽي جيڪا اڏاڻي ٿي تنهن آڪاش کي ڍڪي ڇڏيو. جڏهن هو مهيندر ٽڪريءَ تي پهتا تڏهن رام چوٽيءَ تي

ٻہ گهٽ آهن ۽ جن کي سٺو گڻي گڏن اڃا چٽو ٻہ ڪونہ آهي، تن جي ته پاڻ اهڙن پاترن سان وڌيڪ سهانڀوتي ٿيندي آهي. اُنهن جي ويچار ۾ ڪوتا جي سورمي ۽ ٻين سٺوگڻي پاترن جا چٽر رڳو انڌ شرڌا اُتپن ڪرڻ لاءِ مَن جون وهمي ڪوڙيون بناوٽون آهن. هو پاڻکي رجوگڻي ۽ تموگڻي پاترن سان ملائي ڇڏيندا آهن ۽ ڪين پنهن جا سڳا سنبنڌي ڪري سمجهندا آهن. ڪين اُنهن پاترن لاءِ ڏاڍي ڪشش ٿيندي آهي ۽ هو اُنهن پاترن جي ڪمن ڪارين ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺندا آهن.

"پئرڊايس لاسٽ (وڃايل سورڳ) هڪ جڳ-پرسڌ انگريزي مها ڪاويہ آهي. اهو بائيبل جي ڪٿا جي آڌار تي ٺاهيو ويو آهي. انهيءَ جي ليڪڪ، ملٽن، سرو شڪتيوان ڀڳوان ۽ سندس آتمڪ پتر ۽ مانکي اوتار حضرت عيسيٰ ۽ ٻين جا چٽر ويهي چٽيا آهن. پر هن مها ڪاويہ جو سڀني کان وڌيڪ پرڀاو وارو چٽر شيطان جو آهي. شيطان ئي ايشور جي ورڌ بلوي جو جهنڊو کڙو ڪيو هو ۽ سنسار ۾ پاپ ۽ موت کي آندو هو. انگريزي ڪوتا جا سمالوچڪ، شيطان جي چٽر چٽڻ ۾ ملٽن جا ڪماليت ڪئي آهي تنهنجي ساراهہ ڪندا آهن. ساڳيءَ ريت انگلنڊ جي مهان ناٽڪ ڪار شيڪسپيئر شئلاڪ جي روپ ۾ هڪ سودخوريءَ ۽ ڪنجوسيءَ جي وچٽر مورتي اسان جي اڳيان کڙي ڪئي آهي. اهڙين ڏڪار جهڙن سياون وارن مورتين ۾ بہ ڪوي همت، درڍ سنڪلپ، ٻل ۽ ٻين ڪشش ڪندڙن اُتم گڻن کي ڀري ٿا ڇڏين. سندن اُهي گڻ، اسان جي مَن کي آڪرشڻ ڪن ٿا ۽ سندن اونداهن ڪمن جي چٽڻ لاءِ هڪ روشن پردو ميسر ڪري ڏين ٿا. والميڪيءَ راوڻ ۽ ڪنڀ ڪرڻ جون جيڪي مورتون اسان اڳيان رکيون آهن، تن جي تيار ڪرڻ ۾ هن ساڳي پرڪار جي ڪلا ۽ ڪاريگري ڏيکاري آهي. اهو رسويو جيڪو هر پرڪار جو چشڪو وٺائي سگهي ٿو، سو اهڙو هنرمند ٿيندو آهي جو ڪوڙين پاڄين مان بہ

وهو ٻڌي آئي هئي سا راڪساڻين جي وچ ۾ بند ٿي اُگهاڙيءَ
ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي آهي!"

لڪشمڻ چيو: "پراڻا رام! ڏک جي ڀر ڇڏي ڏي. اسين جلد راوڻ کي ناس ڪري سيتا جا بند خلاص ڪري ڪيس ايوڌيا ڏانهن وٺي هلنداسين. هوءَ ننگر ۾ پوترتائيءَ جي ديويءَ وانگر گهرندي. ڏک ڇڏي ڏي. اتساه جو شستر ڌارڻ ڪر."

اڌياءُ ٦١

لنڪا ۾ چنتا ڦهليل

اڄ ته هاڻي رام ۽ سندس سئنا کي ڇڏي راوڻ جو ڪجھ ويچار ڪريون. سڀني پاپائن جي وڏن ڪوين جو دستور آهي ته هو پنهنجي ڪوتا جي ٻڇڙن پاترن جو به چٽر چٽيندي سهانيوتي کان ڪم وٺندا آهن. انهن جي چرٽرن مان به سمي سمي تي چڱائيءَ جا جهلڪا نڪري پرگهٽ ٿيندا آهن. قدرت ڪنهن به منش کي سڄوئي اهڙو بد ۽ ٻڇڙو ڪونه بڻايو آهي، جو هن ۾ ڪائي چڱائي نه هجي، يا سندس برائيءَ ۾ اصل ڦيرو نه اچي سگهي.

ڪويءَ جي منشا اِها ٿيندي آهي ته پڙهندڙن جو من چڱائيءَ جي مارگ، ساتوڪ راهه ڏانهن مائل ٿئي؛ انهيءَ منشا کي سڌ ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي سموري شڪتي ۽ ڪلا ڪم ۾ آڻيندو آهي. پنهنجي تموگڻي ۽ رجوگڻي پاترن جي چٽرن چٽڻ وقت به هو اِها منشا پنهنجي سامهون رکندو آهي ۽ انهيءَ انوسار ئي چٽر چٽي پورا ڪندو آهي.

اهو پاٺڪ جنهن تي رجوگڻي ۽ تموگڻي ورتين جو اثر ٿيندو آهي سو هڙن پاترن سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ مائل ٿيندو آهي. پر اُهي پاٺڪ جيڪي وچولي درجي وارن کان

پنهنجي سئنا جي شڪتي ڪٽي وڌايون، ۽ پنهنجي بچاء لاء اسين ڇا ڇا ڪريون."

راجا جا شبد ٻڌڻ سان پڌرط کان پوء سڀا جي سڀني سڀاسدن هڪ آواز سان چيو:

"اي مهاراجا! اوهانکي سڌ آهي ته اسانجي سئنا ۽ اسانجا هٿيار سنسار ۾ شڪتيء ۾ سڀني کان سرس آهن، پوء ايتري چنتا ڇو ٿا ڪريو؟ اهو ڪهڙو شترو آهي جنهن کي اها همت ٿئي جو اوهانجي ڪوٽ تي حملو ڪري يا اوهانجي لشڪر جو مقابلو ڪندي سوڀ جي ڪا به اميد رکي سگهي؟ سنسار کي اوهانجي ٻل پراڪرم جي پوري ڄاڻ آهي. ڇا اوهان پوگوتي ننگر تي وار ڪري ناگ راج کي نه جيتيو هو؟ ڇا ٻلوان ڪبير تي وار ڪري ڪيس سندس يکشن سوڌو جيتي هي پشپڪ ومان ۽ لنڪا ٻيٽ هٿ ڪونه ڪيو هو؟ ڇا ميه اوهانکان ڪؤ کائيندي اوهانجي مهر ۽ مترتا هٿ ڪرڻ لاء اوهانکي ليلا يو ڪونه هو؟ ڇا انهيء اَرٿ کي سڌ ڪرڻ لاء هن اوهانکي اها آڇ نه ڪئي هئي ته اوهان سندس ڪنيا سان وواهه ڪريو؟ پاتال ديش ۾ ڪيترن ننگرن تي اوهان حملو ڪري اُهي هٿ ڪيا آهن؟ اوهان ڪالڪيه سان وڙهي کين نه جيتيو؟ ورڻ جا پٽر ٻلڪ پاڻ ٻيرِ به اوهانجي ڪرپا هٿ ڪرڻ لاء منٿون نه ڪري رهيو هو؟ هي رام شيءِ ڪهڙي ٿيندو آهي؟ اوهانجو پٽر اِندرجيت اڪيلي سر رام ۽ سندس وانرن جي سئنا کي جيتي سگهندو. ڇا هن خود اندر کي جهلي کاٽ ۾ وجهي، پوء کيس آزاد ڪونه ڪيو هو؟ رام ۽ سندس وانر هيڙي وير جي ست ڪٽي سهي سگهندا؟ اوهان جي رڳو اِندرجيت کي آگيا ڪندا ته هو هن وانرن جي اَنبوهه کي ناس ڪري ڇڏيندو ۽ سارو پڙ پولو سماپت ٿي ويندو. اي مهاراجا اوَهان جهڙي سمراٽ کي چنتا ڇو ڪرڻ گهرجي."

اهڙي ريت هنن پنهنجي راجا جو جس ۽ ڪيرتي ڳائي.

سوادي دلڪش ڀوڄن تيار ڪري سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت ڪويءَ ٻرائيءَ جي مورت ڪيئن نه پنهنجي ڪلاڪاري ڏيکاري ٿو.

هنومان جيڪي ڪجهه لنڪا ۾ ڪيو هو، تنهنجو خيال ڪري راڪشس راڄ کي ڪجهه لڄ ٿي ۽ ڪجهه ڀؤ به ٿيو. هن پنهنجي منترين کي گهرائي ساڻن صلاح ڪئي.

هن پنهنجو پاڻ ڪجهه هٻڪندي شروع ڪيو. چيءَ "جيڪي ڪجهه ٿيو آهي سو عجب ۾ وجهندڙ آهي. اهڙين ڳالهين جي ٻنهي اميد ڪانه هئي. هن کان اڳ، ڪوبه ننگر جي اندر ڪونه آيو آهي. پر رام جي هن دوت نه رڳو لنڪا اندر پير پاتو، پر هو باند ٿيل سيتا سان پڻ مليو آهي. هن ساڻس ڳالهايو به آهي. هن مندر ۽ محل ناس ڪيا آهن. هن اسانجي ڪن وڏن ويرن کي ماريو آهي. هن اسان جي جنتا ۾ ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو آهي. ائين به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هيءَ ڳالهه اتي ختم ڪونه ٿيندي. انهيءَ ڪري اسانکي ويچار ڪرڻو آهي ته اسان هاڻ ڇا ڪريون. اوهان کي جاڻ آهي ته راجا جو ڪم آهي ته ڪوبه قدم کڻي تنهن کان اڳ، سچيار، چٽيءَ سمجهه وارن ۽ ڪشل راڄ گياني منترين کان صلاح وٺي. انهيءَ ڪري مون هيءَ سڀا گهرائي آهي. رام اسانجو اُتر جگري دشمن بڻجي چڪو آهي. ويچار ڪريو ته انهيءَ لاءِ ڇا ڪريون.

"راجا جي لاءِ اُهي منتري بيڪار آهن جيڪي سچائيءَ سان نه هلندا آهن، يا جن کي پنهنجي من جي اوستا جي پوري پروڙ ڪانه هوندي آهي ۽ انهيءَ ڪري صلاح مصلحت ڏيندي پيا لڏندا لمندا آهن. اسانجي سامهون جيڪا وشيه آهي سا هڪ مکيه ۾ مکيه ڳالهه آهي. رام ٻلوان آهي. سندس سئنا جي شڪتي به وڏي آهي. اها پڪ آهي ته ڪنهن نه ڪنهن ريت هو سمنڊ لتاڙيندا. رڳو سمنڊ واري ٻچاءَ تي ڀروسو رکڻ اياڻپ جو ڪم ٿيندو. چڱيءَ پر سوچي ويچاري مونکي ٻڌايو ته اسين ننگر کهڙيءَ ريت مضبوط ڪريون ۽ سلامت بڻايون،

سندس پوئلڳن کي ناس ڪري. منهنجي اِها صلاح آهي."

پوءِ اُٿيو ڪنڀڪرڻ جو پٽ نڪمڀ، هن چيو: "اوهان سڀ هت راڄا وٽ ويٺا رهو. مان اڪيلي سر ويندس. دشمن جي سامهون ٿي، ڪيس ناس ڪري اچي اوهانکي سماچار ڏيندس."

ٻئي هڪ راڪشس پنهنجا چپ چٻيندي، خوب مزي سان چيو: "مان اڪيلو ويندس ۽ هنن ٻن منشن، رام ۽ لڪشمڻ کي کهي موڄ سان سندس ماس کائيندس. ڪرپا ڪري مونکي وڃڻ ڏيو."

انهيءَ ريت راڪشسن مان هڪ هڪ ڪري اُٿيو ۽ راوڻ کي پرسن ڪرڻ لاءِ ديوتا جا ٻول ٻوليائين. پوءِ سڀني اُٿي ڪري، پنهنجا هٿيار مٿي ڪري، زور سان گجگوڙ ڪئي.

اِتي راوڻ جي ننڍي ڀاءُ وڀيشڻ سڀني کي وهاري ڪري هٿ ٻڌي پنهنجي ڀاءُ کي هئن چيو: "پراتا! جيڪي ڳالهيون هيءُ ڪن ٿا، سي ٻڌڻ ۾ مٺيون آهن. پر سچيون ڪونه آهن، نڪي اُنهن تي عمل ڪرڻ سان ڪا چڱائي ٿيندي. نيتي شاستر جي ورڌ جيڪي به ڪجهه ڪبو تنهنجو نتيجو اوس دک ۽ ناس ٿيندو. هرهڪ کي گهرجي ته پنهنجي شتروءَ کي پهرين شام (پرچاءِ يا ميل) دواران هٿ ڪري، پوءِ دان دواران ڪيس ٻنهي. اُنهيءَ ڪانپوءِ شترن ۾ ڀيد وجهڻ جو يتن ڪري. اُنهيءَ کان پوءِ ڏنڊ ڪم ۾ آڻي. جيڪڏهن اوهان هنن آدمين جي صلاح مڃيندا ۽ هاڻي يڌ شروع ڪندا ته لنڪا برباد ٿي ويندي ۽ اُنسان گڏ اسين به ناس ٿينداسين. اسانکي اُهو به ويچار ڪرڻ گهرجي ته ڌرم ڇا ۾ آهي. رام جي پتنيءَ کي پڪڙي هٿي وٺي اچڻ نيڪ ڪونه هو. اِهو وڏو پاپ ڪرم هو. اسانکي پهرين اُنهيءَ پاپ جو پراشچت ڪرڻ گهرجي. رام اسانکي ڪهڙي هاڃي رسائي هئي؟ جيڪي رام ڊنڊڪ

مکيه سينا پتيءَ پرهست هڪ ڪاري ڪڪر جيان ڪڙڪي چيو: ”اي راجائن جا راجا! اوهان يڪ ۾ ديوتائن، دانونن ۽ گانڌروَن کي جيتيو آهي، پوءِ هنن جيتامڙن جي ڪري چنتا ۾ ڇو پيا آهيو؟ اها ڳالهه سچي آهي ته هت هڪ وانر آيو، هن اسانکي سٽل ڏسي ڪجهه لچائي ڪئي. پر اهڙي ڳالهه وري ڪڏهن به ڪونه ٿيندي. جيڪڏهن هو ٻيهر هت آيو ته مان پاڻهي هن سان پڇي ڪائيندس. جيڪڏهن اوهين مونکي آگيا ڪندا ته مان اڪيلي سر ساريءَ وانر جاتيءَ کي ناس ڪري ڇڏيندس. اوهان سيتا کي پچائي جيڪا توري ڪچائي ڪئي آهي، تنهن مان پڌرا ٿيندڙ جوکم جو بلڪل پئو ئي نه ڪريو.“

پوءِ درمک اٿي گجندي چيو: ”وانر جيڪا گستاخي ڪئي آهي، قربات هنئين آهي، ۽ بنا ڪارڻ جي پاڳ، جيڪا هن سان پلائي ڪئي آهي، تنهنجو بدلو هن کان چڪائي وٺبو. مان هاڻي ئي ويندس ۽ هن وانر سينا کي جڙ سوڌو ناس ڪري پنتي موٽندس.“

وجردمشٽر هڪ ڀيانڪ لوهه جي گدا هٿ ۾ کڻي اٿي زور سان چيو: ”هيڏانهن نهاريو، منهنجي گدا اڃا دشمن جي رت سان رڱي پيئي آهي. مون ان کي اڃا ڌوتو به ڪونه آهي، پوءِ هن باندر بابت وارتالاپ ۾ اجايو وقت ڇو ٿا وڃايو. رام ۽ لڪشمڻ اسان جا شترو ڪونه آهن ڇا؟ مان پهرين انهن کي ماريندس ۽ پوءِ وانر سينا کي ناس ڪري يڪدم موٽي ايندس. رڳو مونکي وڃڻ ڏيو. جيڪڏهن اوهان منهنجي ڳالهه تي ڌيان ڏيو ته مان اوهانکي هڪ صلاح ڏيان. اسانکي گهرجي ته رام وٽ وڃي کيس چئون ته ڀرت اسانکي اڳوات موڪليو آهي. اوهانجي مدد لاءِ وڏو لشڪر پوئتان اچي رهيو آهي. اهڙي ريت رام کي ڀنيلائي ڇڏيون. انهيءَ اوسنا ۾ اسانجي راڪشس جي سينا آسمان لنگهي وڃي ٻني ڪناري تي پهچي ۽ رام

پوءِ هن سيتا کي اُن ڏينهن لاءِ بند ڪيو ۽ پنهنجي ڪمري
۾ هليو ويو.

اُڌياءُ ٦٢

راوڻ وري سيتا کي گهرائي ٿو

ٻئي ڏينهن ٿي سڄ اُڀريو ته تڏهن ئي وڀيشڻ راجا وٽ ويو. هن ساري ڳالهه بابت ڳوڙهو ويچار ڪري ڪجهه فيصلو ڪيو هو. سندس راڄ جي ڀلائي اُنهيءَ ۾ هئي ته ڪنهن نه ڪنهن ريت هنجي ڀاءُ ويچارن ۾ ڦيرو آڻي ڪيس بچائجي.

وڀيشڻ راجائي محل ۾ گهڙي راجا جي اڳيان همٿ ٻڌي بيهي رهيو. راوڻ پنهنجي مکيه منترين کان سواءِ ٻين سڀني کي اُتان روانو ڪري ڇڏيو. پوءِ هن وڀيشڻ کي ڳالهائڻ جي آگيا ڏني.

وڀيشڻ چيو، ”اي منهنجا ڀراتا! اي منهنجا راجا! ڪرپا ڪري ڪميا ڪجو جيڪڏهن منهنجو ڳالهائڻ اوهانجي ڪنن کي سٺو نه لڳي. منهنجي اِڇا آهي ته مان اوهانجو ڪلياڻ ڪريان ۽ نه لنبي خوشامد. خطرو اچي ٿي اچي تنهن کان اڳ اسانکي انهيءَ کي روڪڻ گهرجي. مان اوهانکي وينتي ڪريان ٿو ته منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌي، انهيءَ تي چڱيءَ ريت سوچ ويچار ڪري، پوءِ آئينده قدم کڻڻ جو فيصلو ڪريو.

”جنهن وقت کان اوهان سيتا کي لنڪا ۾ وٺي آيا آهيو، تنهن وقت کان وٺي اپسوڻ ئي اپسوڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيتوڻيڪ منتر پڙهي ڪري اسين آهوتي ڏيون ٿا ته به اگني مٿي چڙهي اُنکي گرهڻ نه ٿي ڪري. پوڄا جي آستانن ۾ سپ ٿا ڏسڻ ۾ اچن. پيتا جي ڪاڌي ۾ ماڪوڙيون ميڙاڪو ڪيو وينديون آهن. ڳاين جا ٿڻ سڪي ويا آهن ۽ منجهائن کير نڪري ٿي ڪونه ٿو. هاٿي، گهوڙا، اُٺ ۽ گڏهه بيمار ٿي پون ٿا. چارو

بن ۾ ڪيو هو سو هن نلو پلو پنهنجي بچاءَ ۽ اُنهن جي بچاءَ لاءِ ڪيو هو، جيڪي هن جي شام پيا هئا. هو رڳو اُنهن سان وڙهيو هو، جيڪي ڪيس مارڻ لاءِ سنڀري آيا هئا. هن رڳو اهڙن لوڪن کي ئي ماريو هو. رام اهڙو ڪو بہ ڪم ڪونہ ڪيو هو جنهن کي خيال ۾ رکي اِئين چئجي تہ اوهان کي سندس زال کڻڻ جو اڌڪار هو. جڏهن ڏوهہ ئي اسانجو آهي اڏهن آچار شاستر جي ويچار کان اِئين ٺيڪ ڪونہ آهي تہ اسان پڏ ڪرڻ جو خيال دل ۾ آڻيون. پڏ وديا جي اِها گهر آهي تہ پڏ ڪرڻ کان اڳ رام ۽ سندس سئنا جي شڪتيءَ جي ڪٿ ڪريون. اسانکي هنومان جي شڪتيءَ ۽ هنر جي اڳيئي ڪجهہ سمڪ پئجي چڪي آهي. هنومان جي بابت اُچاريون ڳالهيون ڪرڻ بي مطلب آهن. ڇا هن عجيب ڪم ڪري ڪونہ ڏيکاريو آهي؟ اَسانجي سئنا جي شڪتي پل جهجهي هجي، پر سوال آهي تہ اَسانجي شڪتي ورودي‌ءَ جي شڪتي جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي يا وڌ آهي. اُنهيءَ تڪ تور ڪرڻ کان پوءِ ئي اَسانکي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ جنگ ۾ گهڙون يا اُنهيءَ کان پاسو ڪريون. پر اُهو ضروري آهي تہ پهرين اَسين سيتا رام کي موٽائي ڏيون. منهنجي اِهائي صلاح آهي تہ رام ۽ وانر لنڪا تي وار ڪن تنهن کان اڳ اسان کي سيتا کي موٽائڻ گهرجي. پيارا پِرِاتا! مان جيڪي بہ ڪجهہ چوان ٿو سو اَوهانجي ڀلائيءَ لاءِ آهي. پهرين اَسانکي پنهنجي پل سڌارڻ گهرجي ۽ پوءِ ٻين ڳالهين جو خيال ڪرڻ گهرجي."

اَهڙيءَ ريت هٿ جوڙي وڀيشڻ راوڻ کي وينتي ڪئي.

جيتوڻيڪ راوڻ پنهنجي منترين ۽ سئناپتين جي اَجاين ٻٽاڪن تي ڏاڍو خوش ٿيو تہ بہ سندس من ۾ ڪجهہ سنديہ ڦريوئي ٿي جُڪيو. اُنهيءَ ڪري وڀيشڻ جي ڳالهہ ٻڌڻ کانپوءِ هن چيو: "اَسانکي وري سڀاڻي گڏ ٿي، هن ڳالهہ جو وڌيڪ ويچار ڪرڻ گهرجي."

سنتوش ٿي ٿيو.

هو محلات ڏانهن سڀا ڀون ڏانهن سوني رٿ ۾ چڙهي گهٽين مان لنگهيو. سندس رٿ ۾ جوٽيل هئا شاندار گهوڙا. سندس اڳيان، پويان ۽ ٻنهي پاسن کان زره پهري، ترارين ۽ ڀالن کڻي وير يوڌا اُٿي هليا. رٿ کان ڪجهه پوئتي هاٿين ۽ گهوڙن تي سوار ٿيل سٺنڪ، جن جي هٿن ۾ کهاڙيون، ڀالا ۽ ٻيا خونخوار هٿيار هئا.

لنڪا پتي پنهنجي عملي سوڌو راج مارگ تان شان شوڪت سان ٿي لنگهيو. لوڪن ڪنڌ نوائي، همٿ ٻڌي سندس سوڀ لاءِ پرارٿنا ٿي ڪئي. جڏهن هو سڀا ڀون ۾ پهتو تڏهن دهل ۽ توتاريون زور سان وڄڻ لڳيون ۽ چارئي دشائون پڙلاءُ سان گونجي اُٿيون.

ميه جي ٺاهيل انهيءَ سوني چانديءَ ۽ قيمتي غاليچن سان سينگاريل ڪشادي سڀا ڀون ۾ عقيق جي تخت تي اچي راوڻ ويٺو.

ٻاهر دروازي تي سوين راڪشس سنتري ٿي بيٺا هئا. راجا جي آگيا پائي هزارين راڪشس وير اچي سڀا ڀون ۾ گڏ ٿيا هئا. گهٽين ۾ گاڏين جون قطارون بيٺيون هيون. سڀا ڀون ۾ هرهڪ درٻاريءَ کي سندس لياقت موجب جاءِ ملي هئي.

پروهت ۽ ويد پاٺي سون جي سنکيا ۾ اچي ڪٺا ٿيا. راجا سندن آدرستڪار ڪيو ۽ هو پنهنجي پنهنجي جاين تي ٿي ويٺا.

وڀيشڻ، شڪ، پرهست ۽ ٻين راجا کي نمسڪار ڪري پنهنجون پنهنجون جايون والاريون. سڀا ڀون سڄار، بهادر ۽ ڀڙ ڪرمچارين سان ڀريو پيو هو. اهي سڀ راجا جي آگيا پائيندي ئي، انکي پوري ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا هئا.

ساريءَ هوا مان هٻڪار اچي رهي هئي. سڀا اهڙي شوڀيڪ هئي، جهڙي اِندر جي ٿيندي آهي. سڀني ائين ٿي سمجهيو ته ڪي وڏا فيصلا ٿيڻا آهن. انهيءَ وڏيءَ سڀا ۾

نِتا ونن ۽ عجيب قسم جي هلت هلن ٿا. ڊوائون آٿو ئي ڪونه ٿيون ڪن. ماڙين جي چوٽين تي ڪانو گهڻي تعداد ۾ اچي ويهن ٿا ۽ پوائتا آواز ڪن ٿا. ڳجهون اسان جي مٿن جي مٿان لامارا ڏيئي رهيون آهن. انهيءَ ڪري اڳڪتي ڪندڙن جي دل ۾ انتظاري پيدا ٿئي ٿي. لومڙ بي پرواهيءَ سان شهر ۾ گهڙي اچي بي وقتائتو ڪوڪون ڪن ٿا. جهنگلي مرون گهٽين ۾ عام جام ٿا گهمن. اُنهن اپسوڻن کي لاپرواهيءَ سان ڏسڻ نه گهرجي. مان اوهانکي وينتي ٿو ڪريان ته مهرباني ڪري سيتا کي سندس ڀتار وٽ پهچائي ڇڏيو. سيتا جي اچڻ ڪانپوءِ ئي اپسوڻ ڏسڻ ۾ آيا آهن. اوهان پل پين کان پڇي ڪري اُنهيءَ ڳالهه جي پڪ ڪريو. اسان اجايو دشمن جو ڪروڌ ڇو خريد ڪريون، جڏهن اِئين ڪرڻ ڪري اسان کي وڏي هاڃي رسڻ واري آهي؟ اڃو ته سيتا کي سندس مائٽن وٽ پهچائي، سکي ٿي ويهون."

اهڙيءَ ريت ويڀشڻ پنهنجي ڀاءُ کي گنڀيرتا سان سمجهايو.

راوڻ رڙ ڪري چيو، "نه نه! اِئين ڪڏهن به ڪونه ٿيندو. سيتا کي موٽائڻ جي ته ڳالهه ئي نه ڪريو. منهنجي نظر ۾ هن شترو جي ڪا به اهميت ڪانه آهي. ڪا به اهڙي ڳالهه ڪانه آهي جنهنجو اسانکي ڊپ ڪرڻ گهرجي. هاڻي اوهين ڀلي وڃو."

راوڻ هو هٺ تي تنهن ڪري هن ائين چيو. ڇاڪاڻ جو سيتا سندس چنبي ۾ نه آئي هئي ۽ راوڻ جي مائٽن کي سندس ڳالهه نه ٿي وڻي، انهيءَ ڪري راوڻ جي من کي شانتي هئي ئي ڪانه. جيتوڻيڪ سندس من ۾ ڏاڍي آنند مانڊ هئي، ته به هن ڏيکاري اهڙي ڏني، ڄڻڪ کيس هن ڳالهه جي پرواهه ئي ڪانه هئي ۽ کيس پنهنجي شڪتيءَ ۾ پورو وشواس هو. هن وري سڀا ڪوٺائي. ڪام هو مٿس سوار، سندس سؤمان کي لڳو هو ڌڪو، انهيءَ ڪري هو سڀين وات وٺي ڪونه سگهيو. پر انهيءَ هوندي به پين سان صلاح ڪرڻ ڪري کيس ٿورو

جي گهِري ننڊ ڪرڻ جو سمو هو. مان انهيءَ لاءِ ترسيس ته پل هوءِ ننڊ مان اُٿي."

ڪام جي جوش ڪري راوڻ جي اکين تي پنبي ٻڌل هئي. هنجي من ۾ جيڪا انتظاري هئي، انهيءَ ڪري هن لڪايو ۽ سچ سان ڪجهه ڪچ ملائي هن مٿينءَ ريت ڳالهايو. سيتا ته هڪ ورهيه جي مهلت گهري ئي ڪانه هئي. هن راوڻ جي آڇ کي بلڪل ٺوڪاري ڇڏيو هو. پر راوڻ پاڻ کيس ورهيه جي مهلت انهيءَ لاءِ ڏني ته هوءَ پنهنجي فيصلي تي وري ويچار ڪري.

آڌياءُ ٦٣

ويڀيشڻ

راوڻ جي ننڊ ڀڃڻ کان پوءِ ڪنڀڪرڻ سڀا ۾ هي ڀاشڻ ڏنو:

"هي سمراٽ! اوهان راجنيتي جو سڌانت وساري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اوهان کي رام ۽ لڪشمڻ ڏانهن ڪا شڪايت هئي ته اوهانکي هنن سان دوبدو ملڻ گهربو هو. سيتا کي کڻي اچڻ کان اڳ کين شڪست ڏيئي ماري ڇڏڻ گهربو هو. جيڪڏهن اوهان ائين ڪريو ها ته پوءِ جيڪر سيتا جي من ۾ اوهان لاءِ آدر پيدا ٿئي ها، پوءِ شايد سيتا کي هٿ ڪرڻ جي ڪجهه اميد اوهانکي ٿي سگهي ها. جنهن پهاڙ تان پاڻي هيٺ لهندو آهي، تنهن هوءَ هڪ سوپاري ٻوڏي جي پنيان اچي ها.

"اوهان ڏوهه ڪرڻ کان اڳ اسان سان صلاح ڪانه ڪئي ۽ رام جي شترتا پنهنجي مٿان آندي. هاڻي جڏهن معاملو حد کان گذري چڪو آهي، تڏهن ٿا اسان سان صلاح ڪريو. راجائن کي جيڪو نيڪ رستو وٺڻ گهرجي سو اِهو ڪونه آهي."

هيءُ سخت لفظ ڳالهائي ڪنڀڪرڻ راجا ڏانهن اک ڦيرائي.

لڪل اِنتظاري ڪري بلڪل چپ لڳي پيئي هئي تانجو راوڻ گهڙي ٻجليءَ جهڙي گجندڙ آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

هن چيو: "اوهين ٻلوان آهيو، اوهين وير پرش آهيو، اوهان جنگ ۽ صلح، يڌ ۽ ميلاپ جي سڀني هنرن جا ڄاڻون آهيو. اوهان هرهڪ ڪنائيءَ مان رستو ڪڍي ڄاڻو. هن وقت تائين اوهان جي ڪا ٻه صلاح اَسڦل ڪانه ٿي آهي. انهيءَ ڪري مان وري هن وار اوهان کان صلاح ٿو پڇان. اوهان کي ڄاڻ آهي ته مان ڇا ڪيو آهي. مان سيتا کي ڊنڊڪ ٻن مان کڻي آيو آهيان. منهنجي من ۾ هن لاءِ ايترو پيار آهي، جو هنکي موٽائڻ جو ويچار ڪرڻ اَسمڀوُ آهي. هن وقت تائين سيتا منهنجي اِڇا سويڪار ڪانه ڪئي آهي. هنجي من ۾ اجايو وهم آهي ته رام هت اچي کيس ڇڏائيندو. مون کيس ٻڌايو آهي ته اِها آشا رکڻ اجائي آهي ۽ اهڙيءَ آس جو پورو ٿيڻ اَسمڀوُ آهي. اَنت ۾ هن مونکان هڪ ورهيه جي موڪل گهري ۽ مان کيس اِها موڪل ڏني. هاڻي مان اوهان جي صلاح گهران ٿو. منهنجي اِڇا پوري ڪانه ٿي آهي. سيتا کي واپس ڪرڻ ۽ رام کان ڪميا وٺڻ جي ڳالهه مان ڪڏهن به سويڪار ڪونه ڪندس. اي منهنجا وير يوڌوا! اڄ تائين نڪي اوهان يڌ ۾ هار کاڌي آهي، نڪي مون هار کاڌي آهي. اها ڳالهه سچي آهي ته هڪ وڏي باندر ڪنهن نه ڪنهن نموني سمنڊ پار ڪري ڪجهه شرارت ڪئي آهي. پر رام ۽ سندس وانر سئنا لاءِ سمنڊ لتاڙي هت پهچڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. پر جيڪڏهن هو لنڪا ۾ ڪري پهچي به ته به اسانکي ڇو ٻڄڻ گهرجي؟ اسان سان پڄڻ جي کيس ڪيتري اميد آهي؟

"رام، لڪشمڻ، سگريو ۽ وانر پرين ڪناري تي ڇانوڻي وجهي ويٺا آهن، ويچار ڪريو ته اسين ڪئن رام ۽ لڪشمڻ کي ماري ختم ڪريون.

"مونکي گهربو هو ته هيءَ سڀ اڳ گهرايان ها. پر ڪنڀڪرڻ

لاءِ تيار ٿيو. هو هڪ سومان وارو وير يوڌو هئو. کيس پنهنجي پراڻا ۽ پنهنجي لوڪن لاءِ پيار هئو، اُنهيءَ ڪري هن هنن سان گڏ سنمان پريو مؤت سويڪار ڪيو.

پرهست راوڻ جو مکيه صلاحڪار هئو. هن راجا جي اجيت شڪتيءَ جو ورنن ڪيو ۽ کيس همت ڏياري.

هاڻي راوڻ ۾ اُتساهه پئدا ٿيو. اُنهيءَ ڪري هن چيو: "ڇا مون ڪبير کي شڪست ڪانه ڏني هئي؟ ڇا مان هنکي هتان تڙڪالي ڪيڏي لنڪا جو مالڪ ڪونه بڻيو هوس؟ ڪنهن کي جريت آهي جو هت اچي منهنجي سامهون پوي؟ ڏسون ته ڪير ٿو اچي!"

سڀاسدن هنن شبدن تي واهه واهه ڪئي.

وڀيشڻ اُنهيءَ واهه واهه جي آواز ۾ شامل ڪونه ٿيو. هن پنهنجي راجا ڀاءُ جي ڪاوڙ جي پرواهه ڪانه ڪئي. هن سمجهيو ته اهو منهنجو ڌرم آهي ته مان ايندڙ خطري کان هنکي خبردار ڪريان ۽ سندس ڀلي جي سڌارڻ لاءِ کيس صلاح ڏيان. اُنهيءَ ڪري هن اُٿي هن ريت ڳالهايو:

"اوهان سيتا کي کڻي آيا ۽ اُنهيءَ سان گڏ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي جاتيءَ لاءِ مؤت کي به سڏي آيا آهيو. پنهنجي خاطر ۽ پنهنجي پرجا جي خاطر اوهانجو پهريون ڌرم اُهو آهي ته سيتا رام ڏانهن موٽائي موڪليو. اُنهيءَ پالڻ ۾ جيڪڏهن اوهين گسندا ته پوءِ پڪ ئي اسين سڀ ناس ٿينداسين. اُنهيءَ ۾ ڪجهه به سنديه ڪونه آهي."

هن اڳتي هلي رام جي شڪتيءَ ۽ ڪلا جو ورنن ڪيو. هن پڻ ڏيکاريو ته رام شسترن هلائڻ ۾ ڪهڙو نه نپڻ آهي. هن بنا ڊپ ڀاءُ جي ڪليو ڪليو ڳالهايو:

"جيڪڏهن اسين رام سان وڙهنداسين ته اسانجي پڪ ئي پڪ هار ٿيندي. اڄ اسان جو ستارو ٻڏي رهيو آهي. اسانکي گهرجي ته سيتا کي موٽائي، رام کان ڪميا گهرون ۽ اُنهيءَ ريت

هن ڏنو ته اُنهن شبدن جي ڪري راوڻ کي ڏک ٿيو آهي. ڪنڀڪرڻ وير پرش هو. پر ڪيس پنهنجي ڀراتا سان پيار به هو. اُنهيءَ ڪري هو راوڻ جي منهن ۾ اُداسي ڏسي سهي نه سگهيو.

ڪنڀڪرڻ پنهنجي من ۾ چيو: ”جيڪي ٿيو سو ٿيو. اُنهيءَ کي وسارڻ گهرجي، پر پنهنجي ڀاءُ کي ڇڏي ڏيڻ نه گهرجي.“ ڪنڀڪرڻ جي من ۾ هن چڪتاڻ جي نتيجي بابت ڪوبه وهم يا سنديه ڪونه هو. پر هو پنهنجي ڀراتا کي ديوتا ڪري پوڄيندو هو. اُنهيءَ ڪري هو اُنهن نتيجن کي ڀوڳڻ لاءِ تيار هو. ڪيس ڄاڻ هئي ته رام جي تُل ٻيو ڪو يوڌو سنسار ۾ هوئي ڪونه. ڪنڀڪرڻ کي رام جي ڌنش جي شڪتيءَ جي پوري پروڙ هئي. ڪيس اهو به پتو هو ته راوڻ جيڪي ور ديوتائن وٽان هٿ ڪيا هئا، تن ۾ به ڪي گهٽتايون ۽ ڪميون آهن. اُهي به ٻنڌن کان ٻاهر هلي ڪونه سگهندا. پر ٻين جي دل کي ڪمزور بڻائڻ مان ڪو لاڀ ڪونه هو، خاص ڪري جڏهن آفت اچڻ جي پڪ هئي. اُنهيءَ ڪري هو ٻين جيان لانون هڻڻ لڳو:

”جيڪي ڪجهه اوهان ڪيو آهي، سو شايد نيڪ نه هجي. اوهان جنهن نموني اهو ڪم ڪيو آهي، سو به شايد نيڪ نه هجي، پر اُنهيءَ ڳالهه کي خيال ۾ ڪونه آڻبو. مان رام کي ماريندس. ڀؤ نه ڪريو. هن جو هڪ اڌ تير شايد مونکي لڳي، اُنهيءَ هوندي به مان هن کي ماري سندس رت پيئندس. سوڀ اوس اوهانجي ٿيندي. منهنجا ڀراتا پنهنجي چنتا کي چت تان هٽايو. ۽ ٻين ڳالهين جو سوچ ڪريو.“

ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڪنڀڪرڻ ڪندفهم هو، اُنهيءَ ڪري هن پنهنجي ڳالهه کي ئي رد ڪيو؛ پر هن منڍ ٻڌيءَ جي ڪري اِئين ڪونه ڪيو هئو. هن جي من ۾ پنهنجي ڀراتا لاءِ پيار ۽ اُدارتا هئي. اُنهيءَ ڪري هو ٻپ ڇڏي اڳتر آپدا

ڪري سنو آهي، جو تون منهنجو پاڻ آهين، نہ تہ هوند هن
وقت تائين مري چڪين ها. مان ڏسان ٿو تہ جيوَ جو وڏي
۾ وڏو شترو سندس پاڻ ئي ٿيندو آهي. سنسار کي سماءُ آهي
تہ جڏهن پاڻ ۾ ايڪا پيدا ٿيندي آهي، تڏهن وير پرشن جي
بہ هار ٿيندي آهي ۽ سندن مان مٽيءَ ۾ ملي ويندو آهي.
پاڻ پنهنجي سچي اِڇا لڪائي رکندا آهن ۽ نيڪ وجهہ جي
واٽ پيا نهاريندا آهن ۽ جڏهن بہ ڪين اهڙو وجهہ ملندو آهي
تڏهن ٻہ وہ ڪرڻ کان بہ نہ گسندا آهن. آڪاٽيءَ ۾ ڏنل جهنگلي
هاٿين جي دانهن ڪهڙي نہ سچي آهي! 'اسانکي ٻرندڙ آگ
جي پرواهہ ڪانهي ڪا. نڪي اسين شڪارين ۽ سندن ٻگهن
پالن پيءُ ڏکون ٿا. سرڪڻ ڦاهيءَ واريون نوڙيون ۽ زنجير بہ
اسانکي هاڃو نہ پهچائي سگهندا. پر اهي هاٿي جيڪي
شڪارين سان وڃي ملن ٿا ۽ اسانکي ستائين ٿا، اهي اسانجا
پنهنجا پاڻ ۽ سؤت، جيڪي اسانجا وروڌي ٿين ٿا، سي ئي
اسانجي لاءِ ڀوَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.' هائو، جيسين ڪو صحيح
۽ سلامت بيٺل آهي، تيسين سندس پاڻ هن سان پريم سان
ڳالهائيندي مشڪندو رهي ٿو. پر جڏهن خطرو اچي سر تي
ٻهي ٿو تڏهن هنکي ڇڏي ڀڄي وڃڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. ماکيءَ
جي مک جڏهن گل مان ماکي چوسي رهندي آهي تڏهن
اُتي وڌيڪ ڪونہ ترسندي آهي. اُها انهيءَ گل کي ڇڏي
ٻئي گل جي ڳولها ۾ ويندي آهي. اسانجا پاڻ ۽ سؤت بہ
انهن مکين جهڙا ئي آهن. ڪشٽ جي سمي مٿن ڪو بہ وشواس
نہ رکي سگهبو آهي. وڀيشڻ، جنهن نموني تو ڳالهايو آهي تنهن
نموني جيڪڏهن ٻيو ڪو ڳالهائي ها تہ مان ڪيس هتي جو
هتي پورو ڪري ڇڏيان ها. اي نيچ نڪما ساٿي! تون اسانجي
ڪل لاءِ هڪڙو ڪلنڪ آهين!"

وڀيشڻ هيءُ اپمان سهي نہ سگهيو ۽ اُٿندي ئي چيائين:
"ڀراتا! جئن اوهان کي وڻي تئن ڳالهايو: جيتوڻيڪ اوهين ڌرم

پنهنجي راڄ ۽ پنهنجي سمپتيءَ ۽ پنهنجي حياتيءَ کي بچايون."

وڀيشڻ جي هن پرڪار جي منٿ ميڙ ٻڌي راوڻ جو پٽر اِندرجيت پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ واڪو ڪري چيائين:

"چاچي جا ٻول ٻڌي مونکي اچرج ٿي اچي. ڪهڙي نہ آهي اسانجي جاتيءَ! ڪيتري نہ آهي اسان جي شڪتي! مونکي اچرج ٿو لڳي جو پلستيہ جو سنتان ٿي ڪري چاچو هن نموني ڳالهائي رهيو آهي ۽ ساري سڀا نماڻي ٿي سندس ڳالهيون ويٺي ٻڌي. منهن جي چاچي پنهنجي ڊر-ويچارن جو پرڪاش ڪيو آهي. اسين ڪڏهن بہ سندس رٿ سان شامل نہ ٿينداسين. ڇا اسين هڪڙن ٻن مانک جاتين جي جيتامڙن کان ڊڄي ويندا سين؟ ڇا مان اِندر ۽ سندس ديوتائن جي سئنا کي يڌ ۾ ڪونہ جيتيو هو؟ اڄ بہ سڄو سنسار اسان کان ڪنبدو نٿو رهي؟ وڀيشڻ جي رٿ اسان جي جاتيءَ لاءِ هڪڙي اَپمان جي ڳالهہ آهي!"

وڀيشڻ نرمائيءَ سان جواب ڏيندي چيو: "ڇوڪرا، توکي اڃا ڪونہ آهي اُنهيءَ ڪري ئي تون اِئين ڳالهائي رهيو آهين. تون راجا جو پٽر آهين. توکي هنجو وڏي ۾ وڏو مترُ ٿيڻ کپي. مونکي پؤ ٿو ٿئي تہ تون پاڻ کي راوڻ جو وڏي ۾ وڏو شترو سڌ ڪندين. اي منتريو! اوهانجو ڌرم آهي تہ راجا کي نيڪ صلاح ڏيو. پر اوهان راجا کي دردشا جي راهہ ڏانهن نئين رهيا آهيو. اي لنڪا پتي! جيڪي مان چوان ٿو تنهن کي سويڪار ڪرڻ کان اِنڪار نہ ڪريو. اسان جو سؤمان اُنهيءَ ۾ آهي تہ اسين سيتا کي رام ڏانهن آدرستڪار سان موٽائي موڪليون ۽ ڪانئس پنهنجي ڀل بخشايون. اهائي سڌي وات آهي. ٻي ڪا بہ راهہ ڪليل نہ آهي. جيڪڏهن اُهو رستو اسان نہ وٺنداسين تہ پوءِ اسان سيني جي برٻادي ٿيندي."

راوڻ جو ڪروڌ وڃي آڪاس تي پهتو. هن رڙ ڪري چيو: "هن وقت تائين جيڪي ڪجهہ تو ڳالهايو آهي سو مان اُنهيءَ

...و ڪيس ڪوئي رستو ڏسڻ ۾ نہ آيو. جڏهن ٻيا راجائون مونجهاري
...ي سمي وهنوار ڪندا آهن تڏهن هن بہ صلاح ڪرڻ لاءِ
...پنهنجي سڀا ڪوٺائي. گهڻن سنڌس خوشامد ڪئي. رگهو ٻن ٽي
...ڪيچ ڪنور واڪ وات مان ڪڍيا.

هڪڙي چيو، ”تو ڀل ڪئي آهي، پر مان تنهنجي مٿان
...پنهنجي جان بہ وار يندس.“ اهو هو ڪنپڪرڻ.

ٻئي وڀيشڻ چيو، ”تو مها پاپ ڪيو آهي، پر اڃا بہ پڇتاءَ
...ءِ پاپ جي ڦل کان بچڻ جو سمو ويو نہ آهي. جيڪڏهن
...توهان اهو سڌو ۽ سپاٽ جو رستو وٺندا تہ اسان سڀ بربادي
...کان بچي سک سان جيئندا رهنداسين. سيتا کي موٽايو ۽ رام
...کان ڀل بخشايو.“

راوڻ وراڻيو، ”بلڪل نہ.“

وڀيشڻ چيو، ”اوهانجي وات ۽ منهنجي وات الڳ الڳ آهي.
...انهيءَ ڪري مان اوهانکي ڇڏي وڃان ٿو.“

جڏهن ڪرتوين جو وروڌ ٿيندو آهي، تڏهن هر هڪ
...ماڻهو پنهنجي سڀاءَ انوسار هلندو آهي. سڀئي هڪڙي ٽي ۽
...ساڳئي مارگ تي هلي ڪونہ سگهندا آهن.

راوڻ وشيءَ ڀوڳ، جي واسنا ۾ قاتل هو ۽ ايماني بہ هڪ ٽي
...هو. تنهن ڪري نڪي هو پنهنجي ڀل سويڪار ڪرڻ لاءِ
تيار هو، نڪي ٽي غلط رستي تان قدم هٽائڻ لاءِ تيار هو.
جيڪو پاپ ڪندو آهي سو ورلي ٽي پنهنجي ڀل سويڪار
ڪندو آهي. پاپ ڪرڻ ۾ بہ هڪڙي پرڪار جي راڪسي
همت جي گهرج ٿئي ٿي؛ پر ڀل سويڪار ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ۽
آتم همت جي ضرورت ٿئي ٿي.

انهيءَ آتم همت جي ٽي راوڻ ۾ ڪمي هئي. جڏهن ڪو
پاپ ڪندو آهي تہ پاپيءَ جي مترن لاءِ ڪٺن اوستا پيدا
ٿيندي آهي. انهيءَ سمي کي پنهنجي نيڪ سمجهہ کي
تلانجلي ڏيئي پاپ جو پڪ وٺڻ لاءِ لاچار ٿيندا آهن. ڪن

جي وات تان ٿڙڪي ويا آهيو تہ ٻہ اوهين منهنجا ڀاءُ تہ آهيو ئي
۽ مان اوهان کي چتاءُ ٿو ڏيان تہ اوهان يمراج جي ڦاسيءَ ۾
ڦاسجي ناستيءَ جي رستي ڏانهن گهلبا وڃو ٿا. منهنجي صلاح
ڪؤڙي آهي پر آهي سٺي. اها اوهان قبول نہ ٿا ڪريو. منا
شبد ٻڌائڻ ڏاڍو سولو آهي ۽ اوهانجا منتري ائين ڪري رهيا
آهن. مان اوهانجي ڀلائيءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي پر اوهان کي
سچ مرچ ٿي ٿو لڳي ۽ اوهان انهيءَ کي ٺڪاريو ٿا.

”منهنجي من جي اڳيان اهو ڀيانڪ چٽر اڀري رهيو آهي،
جنهن ۾ ڏسان ٿو تہ رام جا ٻاڻ اوهان کي ناس ڪري رهيا
آهن. انهيءَ ڪري ئي مان هن ريت ڳالهائي رهيو آهيان. اوهان
مونکي پنهنجو شترو ڪري ڪوٺيو ٿا. جئن اوهان کي وڻي
تئن پنهنجي نگريءَ ۽ پنهنجي حياتيءَ جو بچاءُ ڪجو. شل ايشور
جي اوهان تي آشيرواد ٿئي. هاڻ مان وڃان ٿو. شل اوهان سکي
رهو! مون سمجهيو هو تہ هن گهرج جي سمي مان اوهانجي
شيوا ڪري سگهندس. پر اوهان مونکي اهڙي شيوا ڪرڻ نٿا
ڏيو. اوهان سمجهو ٿا تہ مونکي اوهان ۽ اوهانجي سمپتيءَ لاءِ
ايرکا آهي. چوڻي آهي تہ جڏهن ناش جو سمو اچي پهچندو
آهي تڏهن ٻڌ اُلٽي ٿي ويندي آهي.“

اهڙيءَ ريت ڳالهائڻ کانپوءِ ۽ ائين سمجهي تہ لنڪا ۾ وڌيڪ
رهڻ جي هن لاءِ جاءِ ئي ڪانهي، ويڀشڻ پنهنجي سموري سمپتي
تياڳي، ڪري آسمان ۾ اُڏامي سڌو اچي اُتي لٿو، جتي رام ۽ لڪشمڻ
جي ڇانوڻي هئي. ساڻس گڏ چار ڌرماتما راڪشس منتر بہ ويا

اڌياءُ ٦۴

وانرن جو سنديه

راوڻ پاپ ڪري اچي جوکم ۾ پيو ۽ انهيءَ مان ٻاهر نڪرڻ

ڳاٿ قبول ڪندا آهن، تنهن ڪري سنڌن نرٻلتائن کي اسين ڪميا ڪندا آهيون.

پر چاڪاڻ جو اسين ڪنيڪرڻ کي ڌڪارڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيون، انهيءَ جو اهو ارٿ ڪونہ آهي تہ اسين ويڀشڻ کي ڌڪاريون. مان هن ساديءَ سوديءَ توريءَ ڳالهہ جو وستار انهيءَ ڪري ڪيو آهي، چاڪاڻ جو اڄ ڪالهہ ڪي آدمي ڌرم ۽ ويڀشڻ جي ورڌ واد وواد ڪندا آهن.

لوڪن کي اهو هنڪاري ڀؤ ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن هو پاپ ڪندا تہ پنهنجن مٽن مائٽن ۽ اشٽ مترن جي سهانڀوتي ۽ پريم وڃائيندا. تنهن ڪري هو پاپ جي مارگ تي هلڻ کان بچيا رهندا. اهو ڀؤ منش کي سنئين وات تي وٺي هلائڻ لاءِ هڪ زور وارو ڪشش ڪندڙ ڪارڻ آهي. جيڪڏهن ڀؤ کي ڪڍي ڇڏبو تہ سماج کي ڌاڍو ڇيهو پهچندو. اهي جيڪي چون ٿا تہ ويڀشڻ راج دروهي ۽ ونش دروهي هو، سي اها ڳالهہ وساري ٿا ڇڏين. راوڻ ڀريون پرش هو جنهن ويڀشڻ کي ديش دروهي ڪري ڪونيو. درياڳہ وس راوڻ کان پوءِ بہ ڪئي لوڪن ويڀشڻ کي انهيءَ نالي سان ياد ڪيو آهي. اهي جيڪي پاپ جي مارگ تي هلندي بہ پنهنجن مٽن مائٽن جو پريم ۽ سهايتا وڃائڻ نٿا چاهين، سي ويڀشڻ جي هلت کي پسند ڪونہ ڪندا آهن. پر ويڀشڻ کي اُنهيءَ ڳالهہ جي پرواهہ ڪانہ هئي تہ لوڪ کيس ديش دروهي سڏين ٿا. هن اَڌرم سان بنڌ لاڳاپو رکڻ نٿي چاهيو. پر اڳتي هلي ڏسنداسين تہ سندس مارگ بہ سولو ۽ سکالو ڪونہ هو.

جڏهن وانرن جا سرڪردا سمنڊ جي اُترين ڪناري تي بيٺا هئا، تڏهن هنن ڏٺو تہ اوچتوئي اوچتو آڪاش ۾ هڪ سنهڙي چمڪ ڏسڻ ۾ آئي. آڪاش اِئين چمڪڻ لڳو جڏهن ميرو پهاڙ جي چوٽي چمڪندي آهي. اها جوتي جٽادار هئي، انهيءَ مان سڌ ٿيو تہ اُها ٻجليءَ جي ڌمڪ ڪانہ هئي.

تي پاپيءَ دواران اڳ ٿيلين مهربانين جو بوجهه هوندو آهي.
کي وري وفاداريءَ جي ويچار کان مرندا آهن. ٻيا مٿي مائٽيءَ
جي لاڳاپي جي لحاظ ۾ اڙندا آهن. کي پاپيءَ جي ڪروڌ
۽ پنهنجي خوف خطري جي پرواهه نه ڪري هنکي سدارڻ
جو يتن ڪندا آهن. جي هو انهيءَ ۾ اسڦل ٿيندا آهن ته پوءِ
پاپيءَ سان رستو ڇني ڇڏيندا آهن، ڌرم جي مارگ جو تياڳ
ڪري پاپيءَ کي سهايتا ڏيڻ ڪين ڪونه وٽندو آهي. هنن جو
اهو ويچار رهندو آهي ته ڪنهن به اوستا ۾ پاپ جي سهايتا
ڪرڻ يا اُن سان سهڪار ڪرڻ سندن ڪرتويه ٿي ڪونه
سگهندو. پاپيءَ کي سدارڻ لاءِ يتن ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ ۽
سندس پاپ ڪرم ۾ سهڪار ڏيڻ سچ پچ اڌرم جو ڪم آهي.

رامايڻ ۾، انهن ٻن پرڪارن جي منشن مان ڪنڀڪرڻ هڪ
پرڪار جو پرتينڌي آهي، ۽ ويڀيشڻ ٻئي پرڪار جو. جيڪڏهن
راوڻ ويڀيشڻ کي چوي ها ته "هل ته ٻنڌڪ ٻن مان سيتا کي
ڪڍي اچون،" ته ويڀيشڻ اِها ڳالهه ڪڏهن به سويڪار نه ڪري
ها. هو اهڙي آگيا ٻڌڻ نه پالي ها. انهيءَ ڪري ئي اسين
ويڀيشڻ کي مان ڏيون ٿا.

ويڀيشڻ راوڻ کي چيو، "هاڻي ئي ڪرپا ڪري سيتا کي
موٽائي، سکي ٿيو. رام پڪ ئي پڪ اوهانکي ڪشما ڪندو.
انهيءَ ڪري ڌرم جي وات وٺو." پر راوڻ ٻڌي ڇو ٿو؟ ويڀيشڻ
هو پاپ جو وروڌي، انهيءَ ڪري هن لاءِ رڳو هڪڙو ئي
رستو کليل هو؛ سو هو پاپيءَ هنيلي راوڻ کان الڳ ٿيڻ جو.
انهيءَ ڪري ويڀيشڻ کي ڏوهه ڏيڻ ٺيڪ ڪونه آهي. ويڀيشڻ
۾ ڪا ڪمي ڏسڻ معنيٰ آهي ڌرم لاءِ گهٽ لڳن هڻڻ.

ڀلا ڪنڀڪرڻ ۾ اسان ڪا ڪاڻ ڏسي سگهون ٿا ڇا؟ اِئين
به اسان نٿا ڪري سگهون. ڪنڀڪرڻ اُنهن مهان يوڌن مان
هڪ آهي، جيڪي هارائيندڙ پکش جي پاران لڙندا آهن.
ڇاڪاڻ جو هو نسوارٿي ۽ وفادار ٿيندا آهن ۽ موت کي اوچي

آسمان ۾ بيٺا آهن. اوهانکي هيٺن ڳالهين جي پوري ڄاڻ آهي. انهيءَ ڪري هن ڳالهه جو چڱيءَ طرح ويچار ڪري ٻڌايو ته ڇا ڪجي؟ هي راڪشس گمراهه ڪرڻ ۾ ڏاڍو چالاڪ ٿيندا آهن. هو انترڌيان ٿي سگهندا آهن ۽ ٻيون گهڻيون حرڪتون به ڪري سگهندا آهن. ڪين پاپي جيون جون سموريون تجويزون ياد آهن. منجهن همت به پاپين جهڙي موجود آهي. مٿن ويساهه ڪرڻ ڏکيو آهي. مان سمجهان ٿو ته راوڻ پاڻ انهن راڪشسن کي هن پاسي موڪليو آهي.

”هو هت انهيءَ لاءِ آيا آهن ته اسان سان رلي ملي اسانجي ڪارج کي اندران ئي اندران شڪست پهچائين. شايد انهيءَ لاءِ آيا آهن ته وجهه وٺي اسانجي سٺنا جي نيتائن کي کهي ڇڏين. وڀيشڻ ڪري ڪجهه به چئي، اسين اها ڳالهه ڪئن وساري سگهنداسين، ته هو نيٺ به ته اسانجي شتروءَ جو ڀاءُ آهي؟ هن جو جنم راڪشسن جي پاپي جاتيءَ ۾ ٿيو آهي. اسان مٿس ويساهه ڪئن ڪري سگهنداسين؟ مونکي انهيءَ ۾ سنديه ڪونهي ته هيءَ راوڻ جي ڪا حرفت آهي. سڀني ۾ سڀني ڳالهه اها آهي ته اسان اتي جو اتي وڀيشڻ ۽ سندس ساٿين کي ماري ڇڏيون. جيڪڏهن اسين ڪيس پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ اچڻ ڏينداسين ته هو پهرئين وجهه ملندي ئي اسان سان بي وفائي ڪري وڃي پنهنجي لوڪن ۾ ملندو. انهيءَ ڪري اسانکي آگيا ڏيو ته يڪدم راوڻ جي ڀاءُ ۽ سندس پوئلڳن کي ماري ڇڏيون.“

اهڙيءَ ريت راڪشسن کي ڏسي ڪري سندن سنبنڌ ۾ پنهنجا صاف صاف رايا ٻڌائي سگريو رام جي جواب ٻڌڻ لاءِ چپ ڪري بيهي رهيو.

رام سموري ڳالهه ڌيان سان ٻڌي ڪري، هنومان ۽ ٻين نيتائن ڏانهن نهاري چيو:

”اوهان وانر راڄ جا وچن ٻڌا آهن. هو راڄنيتيءَ جو چڱو

انهيءَ جوتيءَ مان پنجن وڏن راڪشسن جا شرير ڏسڻ ۾ آيا. وانرن جي راجا ۽ سيناپتيءَ سگريو، انهن کي ڏسي ڪري چيو: "انهيءَ ۾ سنديھ ڪونہ آهي تہ هي وروڌي ويچار سان آيل لنڪا جا راڪشس آهن."

اهي شبد ٻڌي وانر يوڌن وڻ پٽي ۽ جبل جون وڏيون چٽون کڻي انهن کي هٿيار بڻايو، پوءِ چيائون: "اسانکي اڳتي وڌڻ ڏيو. اسين ڪين هڻ پاسي اچڻ کان روڪينداسين ۽ ڪين ماري پورو ڪنداسين."

جڏهن ويڀيشڻ وانرن جي واتان هي شبد ٻڌا تڏهن هنکي ڪوبہ ڀپ ڀاءُ ڪونہ ٿيو. پر هن ڌيرج ۽ همت سان هٿون ئي هن ريت صاف صاف ڳالهايو:

هت راڪشسن جي پاپي راجا راوڻ جو ڀاءُ، ويڀيشڻ، اوهان جي سامهون بيٺو آهي. مان ويڀيشڻ آهيان. مان ٻيو ڪوبہ نہ آهيان. مان ئي انهيءَ راوڻ جو ڀاءُ آهيان جنهن جٽايوءَ کي ماريو هو ۽ سيتا کي زوريءَ کڻي ويو هو ۽ جيڪو اڃا بہ سيتا کي بند ۾ رکيو ويٺو آهي.

"مان هنکي سمجهائڻ جو يتن ڪيو تہ هو پاپ جي ستن سترڻ کان دور رهي ۽ سيتا کي رام جي هٿن ۾ موٽائي ڏيئي، رام کان ڪميا وٺي. پر منهنجي يتن جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيس. هن مونکي سڀني جي سامهون نرآدر ڪيو ۽ ڌڪار سان ڏنو. مان هاڻي هت اوهان جي روبرو اچي بيٺو آهيان. پنهنجو راج، پنهنجي استري ۽ پنهنجا ٻار ڇڏي مان اوهانجي شيوا ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ رام جي شرن پوڻ چاهيان ٿو. ڪرپا ڪري رام کي اهو سماچار ڏيو."

سگريو کي راوڻ جي ڀراتا، ويڀيشڻ، جي سچائيءَ ۾ شڪ جاڳيو ۽ هن ريت هن رام کي هيءُ سماچار ڏنو: "راوڻ جو ڀاءُ، ويڀيشڻ، هت چئن راڪشسن مترن سوڌو آيو آهي. اوهانجي چرنن ۾ پنهنجي بچاءَ جو آستان ڳولهڻ چاهين ٿا. هو هت

”اسان سمندُ ڪونہ پار ڪيو آهي. جڏهن اسين اجا هن اورين ڀر ۾ ئي ويٺا آهيون، تڏهن هت اچي اسان جي شرڻ پوڻ ۾ هنجو ڪهڙو ارث آهي؟ اها سڄي ڳالهہ شڪي ٿي ڏسڻ ۾ اچي هننجي جاتي ئي نڳن جي جاتي آهي. مان ياڻيان ٿو تہ هنڪي اندر اچڻ نہ ڏيڻ گهرجي.“

مئنڊ چيو: ”رگو سنديہ جي ڪري اسين ڪنهن آدميءَ کي انڪار ڪئن ٿا ڪري سگهون؟ پوري جاچ ڪرڻ کان پوءِ ئي اسين فيصلو ڪري سگهنداسين تہ هن معاملي ۾ ڇا ڪريون. هو چوي ٿو تہ هو راوڻ کي ڇڏي اسان وٽ آيو آهي. اسان هن ڳالهہ جي سچائيءَ جي کوج ڪري سگهنداسين. اسان مان ڪن کي گهرجي تہ هن سان ڳالهائي ڏسن ۽ پوءِ فيصلو ڪن. سچ پڇ تہ ائين ڪرڻ جي اسان ۾ ڪافي سمجهہ آهي.“

پوءِ رام سياڻي هنومان ڏانهن نهاريو.

اڌياءُ ٦٥

شرڻ اچڻ جو سدائنت ۽ جس

رام جي ڪوت ڪرڻ تي، هنومان بلڪل ڇٽن، مڌر ۽ سڀيا ڏائڪ شبدن ۾ چيو:

”اسانجي صلاح ڇو ٿا پڇو؟ اوهانکي سڀ ڄاڻ آهي. اهڙي ڳالهہ ئي ڪانهي جا خود ورهسپتي بہ توهانکي جيڪر ٻڌائي سگهي. جيڪڏهن وڀيشڻ جي اچڻ مان ڪو خطرو آهي، تہ وقت وڃائڻ ۽ پريشڪا وٺڻ سان خطري کي ڪيئن منهن ڏيئي سگهبو؟ آزمايش وٺڻ جو وقت يا وجهہ آهيئي ڪهڙو؟ تنهن ڪانسواءِ، وڀيشڻ اسان وٽ اڪيلوريءَ تہ ڪونہ آيو آهي. هو اسان وٽ کليو کلايو ۽ صاف اُديش سان آيل آهي. جاسوس هن بابت وڏيڪ ڪهڙي ڄاڻ

جاڻو آهي. راوڻ جو پراڻا آيو آهي ۽ اسانجي آڳيا لاءِ ترسيو بيٺو آهي. مان چاهيان ٿو ته اوهان مونکي هن ڳالهه بابت رايو ٻڌايو. نارڪ سمي ٿي اسانکي گهرجي ته پنهنجن مترن جي صلاح وٺون. اوهانجي دل ۾ جيڪي اچي سو کولي ٻڌايو."

وانر راجڪمار انگد چيو: "هو اسانجي شترو جي ڇانوڻيءَ مان آيو آهي. اسانکي ڄاڻ نه آهي ته هو پنهنجو پاڻ آيو آهي يا کيس اسانجي ورودي‌ءَ موڪليو آهي. ائين واجب ڪونه ٿيندو جو کيس يڪدم موٽائي ڪڍون. پر ٻنا پريکيا وٺڻ جي کيس سويڪار ڪرڻ ۾ ٻه ڏاڍو جوکم آهي. اسانکي گهرجي ته کيس شرارت ڪرڻ جي ڪنهن ٻه وجهه ڏيڻ ٻنا سندس هلت چلت کي چڱيءَ طرح جاچيون. جيڪڏهن اسانکي سندس وهنوار ڏسي سنديهه جاڳي ته پوءِ پل هن کي ڪيدي ڦٽو ڪجي. پر جيڪڏهن هن جو وهنوار مترن جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ۽ جيڪڏهن هو وشواس پاتر جيان هلي ته پوءِ هنکي اسين پنهنجو ڪري سويڪار ڪنداسين." اهڙيءَ ريت ٻاليءَ جي پتر انگد ڳالهايو.

سرپ چيو: "مان ڀانيان ٿو ته هاڻي هنکي اندر اچڻ جي موڪل ڏيڻي پوءِ فيصلو ڪرڻ ته هن سان ڇا ڪجي، سو سلامتيءَ جو رستو ڪونه آهي. اسان کي هن وقت ئي ڪانئس تجويز سان سوال ڪرڻ گهرجن ۽ پوءِ يڪدم فيصلو ڪرڻ گهرجي ته هن سان ڪهڙو وهنوار ڪجي."

جامبوان چيو: "هنڙن آدمين جي پريکيا وٺڻ مان ڪجهه ٻه سڌ ڪري ڪونه سگهبو. جيڪڏهن هو پنهنجي ٻڌوهه جا ويچار لڪائي هت آيو آهي ته پوءِ ڪنهن ٻه آزمائش سان سچ جو سماءُ پئجي ڪونه سگهندو. راوڻ اسان جو جهونو ۽ هنيلو شترو آهي. هن جو ڀاءُ چوي ٿو ته هو اوچتو ئي اوچتو هن سان ڦٽائي اسان وٽ آيو آهي. پنهنجي ڀاءُ سان ائين ڦٽائڻ جي ڳالهه مڃڻ ڏکي آهي.

جيڪو مارڳ اختيار ڪيو هئو سو اڻانگو هو ۽ ڪيس ڏوهي سمجهيو ويو ها. هنکي ڄاڻ هئي ته راوڻ جي ڪڌن ڪرتوتن ڪري سندس من ۾ ڪيتري نه پيڙا ٿي رهي هئي. (ڀيو ڪو اها ڳالهه ڪئن سمجهي سگهي ها؟) ساڌارڻ منشن جي اهڙي اسٿتيءَ ۾ سهانيوتي ٿي نٿي سگهي. انڪري وانر به سندس من جي جهيڙي کي نٿي ڄاڻي سگهيا. اڄ به وستار سان سمجهائڻ بنا، لوڪن لاءِ ويڀيشڻ کي ٺيڪ سمجهڻ ڏکيو آهي.

وانر سردارن جا رايا رام ڌيرج سان ٻڌندو رهيو. آخر جڏهن هنومان جو رايو ٻڌائين تڏهن ڏاڍي خوشي ٿيس.

رام جو پنهنجي ڌرم تي دريڍ هئو، تنهن کي هنومان جي وچنن سنتوش ڏنو. ڌرم جي پالنا بنسبت جڏهن ڪو متر سهمت ٿئي ٿو تڏهن سڄڻ پرش کي ڏاڍو آنند ٿئي ٿو.

رام چيو: ”جيڪڏهن ڪو منش متر ٿي اچي ٿو ته مان کيس اسويڪار ڪئن ٿو ڪري سگهان؟ اهو منهنجي جيون جي نيم جي ورت آهي. اوهين سڀ منهنجا متر ۽ ساٿي آهيو. اوهان کي اها ڄاڻ هئڻ گهرجي. هڪوار جيڪو منشيه آتم سمرپڻ ڪري ٿو ته تنهنجي سمورن دوشن کي نظرانداز ڪرڻ گهرجي.“

پر سگريو کي سنتوش نه آيو. هن چيو:

”هي راڪشس آپت ويل ڀاءُ کي ڇڏي آيو آهي. اهو سندس ڳالهائڻ مان ظاهر آهي. جيڪو ڀاءُ جي ناستي ڏسي ڀاءُ ڀيرو نه ٿيو تنهن ۾ اسين ڪئن ويهي وشواس رکون؟“

والميڪيءَ جو لکڻ آهي ته سگريو جا اهي وچن ٻڌي، رام لڪشمڻ ڏانهن نهاريو ۽ مشڪيو. انهيءَ مشڪ جو ڪارڻ شايد اهو هئو ته سگريو کي پنهنجو ڀاڻري ورتاءُ وسري ويو هو ۽ هاڻ ويڀيشڻ جي آلوچنا ٿي ڪيائين.

رام سگريو کي چيو: ”تنهنجي ڀاونا کي مان سمجهان ٿو. پر ٻڌ. راڄائن لاءِ اهو سڀاويڪ آهي ته ڀائرن ۽ پاڙيسري راڄائن ۾ شڪ آڻين. اهڙا ڪي ورلي راڄا هوندا جن کي

حاصل ڪندا؟ ڪنهن ڇيو ته هنجو اوچتو پرگهٽ ٿيڻ سنديڪا
پريل آهي. پر ڇو؟ اُن ۾ آشچريه ڪهڙو آهي ته وڀيشڻ
راوڻ مان بيزار ٿيو هجي ۽ هنجي اَپ جس ۽ هار جي پڪ
سمجهي هجيس؟ اوهانجي ويرتا جا گڻ سويڪار ڪندي ۽
ڪل جو خيال رکندي اوهانجي جيت جي ڪيس پڪ ٿي
هجي، اُن ۾ عجب ڪهڙو؟

”هنجي هٿ اچڻ جي سمي ۽ ڍنگ مان مونکي ته ڪو به
شڪ نٿو ڄاڃي. ڪن جو رايو آهي ته هنکي پاڻ سان ملائڻ
کان اڳ، اسانجا نيتا هن کان سوال پڇن ۽ سندس جوابن جو
اڀياس ڪن. پر جنهن کي اِها ڄاڻ هوندي ته مونتي سنديڪا
ڪيو ٿووڃي، سو سچاويڪ نموني نکي ڳالهائيندو ۽ نه ورتاءُ ڪندو.
هن کي اهوئي پؤ رهندو ته اسين سندس دوش ئي ڄاچي
رهيا آهيون. اُنڪري سندس اصلي سڀاو ته ظاهرئي نه ٿيندو.

”هن جي راڪشس دوت جي شڪل يا ڳالهائڻ مان مونکي
ته شڪ جو ڪو به سبب نظر نٿو اچي. هن جي نسچنت درشٽيءَ
مان سندس نردوش هرديه جو پتو پويٿو. سياڻن چيو آهي
ته صورت ئي دل جو سچو آئينو آهي. مونکي لڳي ٿو ته وڀيشڻ
سچيءَ دل سان اوهانجي شرڻ آيو آهي. هن ۾ ڪا به انوکي ڳالهه
ته آهي ئي ڪانه. راوڻ جي اصلي ڪمزوريءَ جي ڪيس ڄاڻ آهي.
ڪيس اها به سڌ آهي ته لنڪاپتيءَ جو انت ويجهو آهي. هن
کي اها به ڄاڻ آهي ته اوهان باليءَ جو وڌ ڪري سندس
راڄ سگريو کي ڏيا ريو آهي. قبول ڪجي ته سندس اصلي مراد
آهي ته لنڪا جو راڄ ڪيس ملي، ته اُن ۾ ڪا پل ڪانهي
۽ اها ته پاڻ پڪي خاطري آهي ته هو اسان سان وفادار رهندو.
اِنڪري مان سمجهان ٿو ته اسين ڪيس هٿ اچڻ ڏيون.“

ان ريت وانرن جي سردارن جا رايا هڪ ٻئي جي ور ڌ هئا
ڪنيڪرڻ رواجي ڳڻن انوسار ورتاءُ ڪندڙ هئو. اُها معمولي
ڳالهه هرڪو سمجهي سگهي ٿو، پر وڀيشڻ چريتروان هئو. هن

اچي ٿو انکي مان موٽائي نٿو سگهان. اهو منهنجو ڌرم آهي. انهيءَ کي پاليندي جيڪڏهن منهنجي ڪا هاڃي به ٿئي ته ڪو پولو نه آهي. پنهنجا پراڻ ڏيئي به مونکي پنهنجو هي ڪرتويه پالڻو آهي. انهيءَ کان مان منهن موڙي نٿو سگهان. سچ ٿو چوان، ته جيڪڏهن خود راوڻ به منهنجي شرڻ اچي ته ڪنهن سنڪوچ بنا مان هوند شام ۾ وٺان. پوءِ ٽڏهن هنجي ڀاءُ کي ڪيئن ٿو انڪار ڪري سگهان، جنهن منهنجو ڪو اپراڌ نه ڪيو آهي؟ وڃو ۽ وڃي وڀيشڻ کي وٺي اچو."

سگريو چيو: "منهنجا سوامي رام! اها اچرج جي ڳالهه آهي جو جڏهن اوهان ڳالهائيندا آهيو تڏهن ڌرم جو پورو روپ ڏسڻ ۾ ايندو آهي." هن چيو: "مان هينئر ڳالهيون چڱيءَ ريت ڏسي سگهان ٿو. مان وڃي ڪري وڀيشڻ کي وٺي ٿو اچان. شل هو به، اسان وانگر پريه متر ٿي رهي!" ۽ سگريو وڀيشڻ کي وٺڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

وئشنو سنسڪرتيءَ ۾، هيءَ وارتا، جنهن ۾ راجڪمار پنهنجي سٺنا ۾ وڀيشڻ کي داخل ڪيو آهي ۽ هنکي وشواس پاتر بنايو آهي، سا اهڙو مکيه استان والاري ٿي جهڙي مهاڀارت ۾ ڀڳوت گيتا واري وارتا.

انهيءَ مان اهو سڌانت سڌ ٿئي ٿو ته جيڪي پورڻ ريت پاڻ ايشور کي ارپڻ ڪن ٿا، تنکي هو سندن گڻن يا دوشن جي ويچار بنا سويڪار ٿو ڪري. شرڻ ۾ اچڻ سان سندس سمورا دوش ناس ٿيو وڃن. پليل انسان لاءِ هي هڪ آشا جو سنيهو آهي. وئشنو ڌرم وارن جو اهو وشواس آهي ته ايشور جي شرڻ وٺڻ سان ڪهڙو به اپراڌي ڀوساگر پار پهچي سگهي ٿو.

پر هي سڌانت رڳو وئشنو ڌرم وارن سان ئي ڇو لاڳو ڪجي؟ اسانجي ديش جي سڀني ڌرمن جو اهوئي تت ڪونهي ڇا؟ سنسار جا سمورا ڌرم ائين نٿا چون ڇا؟ وشو جو هر ڪو اپديشڪ هن سهاري ۽ مڪتيءَ تي زور ٿو ڏئي. صرف ارجن

اهڙي شنڪا يا سنديہ نہ ٿيندو. ڪيترن راجائن جو اهو وهم
آهي تہ سندن ڀائر ساڻن ايرڪا ٿا رکن. تنهنڪري ان ۾ آشچريہ ئي
ڪهڙو آهي تہ راوڻ بہ ويڀيشڻ ۾ سنديہ آڻي هن جو اپمان
ڪيو هجي؟ تنهنڪري لنڪا ۾ رهڻ شايد ويڀيشڻ پنهنجي
لاءِ جوکم وارو سمجهيو هجي. اُنهيءَ مان، مان اُن نتيجي تي
پهتو آهيان تہ ڪنهن بہ ڪبڌيا ڪانسواءِ ويڀيشڻ اسانجي شرڻ
آيو آهي. اِئين بہ ڪٿي چئجي تہ هنکي راج حاصل ڪرڻ جي
لالچ آهي ۽ اسانجي هٿان راوڻ جي ناش جي آشا رکي ٿو.
اُنهيءَ ۾ بہ ڪا برائي ڪانهي. ڪئن لڪشمڻ، سڀيئي منشيہ
اسانجي ڀرت جهڙا ٿوروئي ٿي سگهن ٿا؟"

ايترو چئي رام ٿوري ڪن لاءِ شانت رهيو ۽ ڀرت جي نهسوارٿ
پريم جي ڪلپنا ۾ لين ٿي ويو.

پوءِ هن وري چيو: "سنسار ۾ مون جهڙو ڀاڳوان ٻيو ڪير آهي؟
ڀرت جهڙو ٻيو ڀراتا ڪير آهي؟ منهنجو پتا ڪهڙو نہ هو!
هنجو مون سان ايترو تہ سنيہ هو جو منهنجي ٻنواس وقت هن
جا پراڻ هليا ويا. ۽ منهنجا متر، مون جهڙو ٻيو ڪير ڀاڳيوان
آهي جنهن کي اوهان جهڙا متر ملندا؟"

ايترو چوندي رام پنهنجا لڙڪ اُگهيا ۽ وشيہ جو سلسلو
جاري رکيائين.

"مونکي اهو دليل دل سان لڳيئي نٿو تہ ويڀيشڻ جيئن
پنهنجي ڀاءُ کي ڇڏي آيو آهي، تيئن اسانکي بہ ڇڏي ويندو.
ڀاءُ کان جدا ٿيڻ جو ڪيس سبب ٿي سگهي ٿو، پر اسان سان
اهڙو ورتاءُ ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ ئي نظر نٿو اچي. اسانکي
لنڪا تہ گهرجي ئي ڪانہ. جيڪڏهن، جيئن سڀاويڪ آهي، هنکي
لنڪا جو راج کپي، اهو تہ صرف اسانجي سوپ سان ئي پراپت
ڪري سگهندو. نيتيءَ جي دشتيءَ کان بہ ويڀيشڻ کي انڪا
ڪرڻ هڪ ڀل ٿيندي.

"پر هڪ ٻيو وڌيڪ وزنائتو سبب آهي. جيڪي منهنجي شرڻ

جاسوس موڪليو ته وڃي ڪيس سمجهائي ۽ رام کان ٻي مک بنائي. اهو راڪشس جنهنجو نالو شڪ هو، سو ويس بدلائي سمندر پار ڪري آڌامي سگريو وٽ آيو ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ هن کي ڳڌيو، ۽ هن جي ڀلائيءَ لاءِ پريم پرئي ڏيکاءَ سان هنريت ڪيس چيائين:

”لنڪا پتي، راوڻ، مونکي اوهان وٽ موڪليو آهي ڇاڪاڻ ته هنکي اوهان لاءِ سنيهه ۽ آدر آهي. اوهين راجا آهيو ۽ هو ٻه راجا آهي. هڪ مهاٻلي راجا جي برخلاف، هڪ لاوارث ٽيل راجڪمار سان شامل ٿي، اوهين پنهنجي وڏن کان مليل سمپتيءَ کي جوکي ۾ وجهو، سو سمجهه ۾ اچي نٿو سگهي.

”جيڪڏهن راوڻ رام جي اِستريءَ لاءِ اِڇا ڪئي ۽ هن کي ڀڄائي کڻي آيو، ته اُن ۾ اوهانجو ڇا؟ اُن ۾ اوهان جي هاڃي ئي کهڙي آهي؟ چڱيءَ طرح سوچيو ۽ پنهنجي ويچار پٽاندڙ ڪو رستو ڳولهيو. اهو نهايت ضروري آهي ته اوهين ۽ اوهانجي سئنا هڪدم ڪشڪند ڌانهن واپس موٽي وڃي.“

پر سگريو جو جواب ڏري ۽ ڌڪار ڀريل هو:

”هي نيچ آدمي! وڃ، وڃي پنهنجي راجا کي ٻڌاءِ ته هوُ منهنجو ڀاءُ نه آهي. هو پاپي آهي. ۽ منهنجي مٽر رام جو شترو آهي. انڪري منهنجو به شترو آهي. اسين سنسار کي هنجي اتياچار ۽ سندس پاپي ساٿين کان مڪت ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيون. هو مورک آهي جيڪڏهن اِئين سمجهي ٿو ته رام کي رنجائي جيئرو رهي سگهندو. ڪيس وڃي ٻڌاءِ ته پڇي چتڻ لاءِ ڪا واهه نه اٿس. منهنجي پاران هي سڀ ڪيس وڃي چئه.“

سگريو جڏهين راڪشس جاسوس کي هي سنيهو ڏنو، تڏهين وانرن هنکي جهلي ساٽس ڌاڍي جٽ ڪئي، پر رام کين سخت ڇينڀيو ۽ ڪيس آزاد ڪيو ته جتان آيو آهي اوڏانهن موٽي وڃي. اهو جاسوس تيزيءَ سان لنڪا ڌانهن واپس موٽيو

کي ئي ڪرشن ائين ڪونہ چيو: ”ٻُو نہ ڪر. سمورو سنديہ ڪڍي ڇڏ، مان تنهنجا سمورا دوش ناس ڪري ڇڏيندس.“ پرٿويءَ تي جڏهن جڏهن ايشور منشيہ جي روپ ۾ منشيہ سان ڳالهايو آهي تڏهن تڏهن اهوئي وشواس پڻ ڏنو اٿس.

راوڻ جي ڀاءُ کي سويڪار ڪرڻ واري وارتا جو جنهن نموني والميڪيءَ ورنن ڪيو آهي تنهن کي اسين بنا ويچارن کان ڏسي سگهون ٿا. شتروءَ وٽان آيل منش کي پنهنجي سڀا ۾ داخل ڪرڻ کان اڳ ڪهڙين ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ ڪجي، ڪهڙي نيتي وٺجي، تنهن جو ڪويءَ ورنن ڪيو آهي. ڪي ڳالهيون وانر راج جي واتان چوائيون اٿس. وري سڀني ۾ گڻوان هنومان ۽ سنتيہ ۽ ڌرم جي رکپال رام جي مک مان ٻيون چوايون اٿس. پر اُچت نيتيءَ جي ورنن ڪانپوءِ اسين هت رام جي چريتر، سڀاءَ ۽ سکيا سبب سندس مهانتا جو درشن پايون ٿا. هنجو واڪيہ آهي ”جيڪو منهنجي شرڻ ۾ اچي ٿو انهيءَ کي مان شام ۾ وٺڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهان. اهو منهنجو ڌرم آهي. جيڪڏهن خود راوڻ بہ مون وٽ اچي تہ هنکي بہ نراش ڪونہ ڪندس.“

جيڪي لوڪ رام کي ايشوري اوتار ڪري مڃن ٿا تنکي سندس هي واڪيہ ويدواڪيءَ سمان ڀاسندا. گيتا ۾ ڪرشن جيڪو وشواس ڏنو آهي سو ساڳيو ايوڌيا جي راجڪمار، رامايڻ واري وڀيشڻ ڪانڊ ۾، سگريو ۽ ٻين جي اڳيان پرڪٽ ڪيو آهي.

هي ايشوري وشواس ئي پاپ ۽ انڌڪار ڀريل سنسار لاءِ جيون ۽ روشني آهي، جنهن جي سنسار کي گهرج آهي.

اَڌياءُ ٦٦

پل ٻڌڻ

اُنهيءَ وچ ۾ راوڻ هڪ مورکائي ڪئي. هن سگريو ڏانهن هڪ

ڪان وياڪل ٿيل جل ٿهڪڻ لڳو. اِئين پئي لڳو جٽڪ رام پنهنجي ڪروڌ اَگنيءَ سان هي اٿاهه ساگر سڪائي انکي رڻ پٽ بڻائي ڇڏيندو؛ اتي ٻرندڙ ريتي پيئي اُڏامندي ۽ ڪو به ساهوارو ڪونه هوندو. ورڻ ديو هي سٽ سهي نه سگهيو. ميرو پهاڙ پٺيان جيئن سورج ٻاڪون ڪڍندو آهي، تيئن ورڻ ديو پرگهٽ ٿيو ۽ اچي رام جي اڳيان بيٺو.

هٿ جوڙي سمنڊ نمسڪار ڪري چوڻ لڳو:

”هي منهن جا سوامي رامچندر! مان به ڌرتي، وايو، آڪاش اَگني ۽ سنسار جي ٻين پدارٿن جيان پرڪرتيءَ جي نيمن آڌين آهيان. مان پنهنجو سڀاءُ ڪيئن ٿو بدلائي سگهان؟ مونکي ته وشال، اونهون، اپار ۽ لهرن سان ڀريل ئي ٺهڻو پوي ٿو.“ پر مان هڪ ڳالهه ڪري سگهان ٿو. وانرن کي چئو ته وڏا شاهي پٿر ۽ ٻرڪش ڪٽي اچي پل ٻڌن. مان اُن جي آڳيا ڏيندس. پٿر ۽ وڻ پوري جاءِ تي رکڻ ۾ مان اوهان جي سهايتا ڪندس. مان ايترو ڪجهه ئي ڪري سگهان ٿو ۽ پل ٻڌڻ لاءِ جوڳو آستان به ڏيکاريندس.

”اوهان وٽ وشوڪرما جو پٽ نل آهي، جو يوگيتا سان هي پٽ تيار ڪري سگهندو. شل اوهين پنهنجي ڪاريه ۾ سڦل ٿيو.“

رام پنهنجي سڀاءَ انوسار ساگر جو اپراڌ ڪميا ڪيو ۽ سندس سهايتا سويڪار ڪئي. ان ڪانپوءِ رام جي آڳيا پائي ڪري، سڀ ڪم ۾ جنبي ويا. هزارين وانر خوشيءَ سان وڻ ۽ پٿر ڪٽي سمنڊ ۾ اُڇلڻ لڳا ۽ ترت ئي پل ٻڌجي ويئي.

والميڪيءَ وستار سان هي ورنن ڪيو آهي. هن اَٿاهه ڪاريه ۾ جيڪو گوڙ گهمسان ٿيو تنهنجو هن ڏاڍيءَ رس ڀريءَ ڪوتا ۾ پرڪاش ڪيو آهي. وانر پهاڙن تي چڙهي ويا ۽ پٿر ۽ وڻ ڪاٽي گهليندا سمنڊ جي ڪناري تي ڪٽي آيا. وڏا وانر وڏا وڻ ڪٽي سمنڊ ۾ اڇلڻ لڳا. جيئن اهي وڻ سمنڊ ۾

۽ سمورو سماچار اچي راوڻ کي ٻڌايائين.

رام جيئن ئي وڀيشڻ کي مترَ بڻايو، تيئن لڪشمڻ ۽ سگريو وڀيشڻ کي لنڪا جي راڄا مڃي چٽ ڀرايو ۽ سمنڊ جي جل سان هنجو راڄ تلڪ ڪيو. وڀيشڻ رام جو پڪو متر ٿي رهڻ جي پرتگيا ڪئي ۽ موٽ ۾ رام به ڪيس وچن ڏنو ته راوڻ کي مارڻ بنا ايوڌيا ڏانهن واپس نه ورندس.

اُن کانپوءِ وڀيشڻ، لڪشمڻ ۽ سگريو پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا ته سمنڊ ڪيئن پار ڪيو وڃي. هنن اهو بهتر سمجهو ته ورڻ ديو جي پوڄا ڪجي ۽ رام اڳيان پنهنجو وچار پرگهٽ ڪيائون.

رام اها صلاح سويڪار ڪئي، ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ڀين جو آسن لڳائي اُن تي ويهي ورت آرنڀ ڪيائين ۽ ورڻ ديو کي وينتي ڪرڻ لڳو ته پار پهچائڻ لاءِ رستو ڏي.

ٽي ڏينهن ساندهه هن ورڻ ديو کي پرارٿنا ڪئي پر موٽ ۾ ڪو به اُتر نه مليس. تڏهين ورڻ ديو جي هٺڙي هٺ سبب ڪروڌ وچان رام جون اکيون ٻرڻ لڳيون ۽ لڪشمڻ کي چيائين:

”تيجُ ٻڌيءَ وارا پل وچان مروت ۽ نرمائيءَ کي ڪمزوري ڪري ٿا سمجهن. انهن سان نمرتا هاڻ بنهه بي سود آهي. هاڻ ڏسو ته ڪيئن نه هن ڪوڙي اَيماني ساگر جو هوش پنهنجي تيرن سان ٺڪاڻي ٿو آڻيان. منهنجا تير نه رڳو ساگر ۾ وڏن مڇن کي ماري ڀير ڪندا پر اُنهيءَ ڀونئن سبب ساگر جو ساهه گهٽجڻ لڳندو. نه رڳو ايترو پر سارو ساگر سڪي ويندو. اي سمترا جا پٽ! منهنجو ڌنش ۽ ٻاڻ مونکي آڻي ڏي.“

اُن کانپوءِ رام پنهنجو ڌنش کڻي ڪمان مان تير ڪشي ڪناري تان ئي، سمنڊ جي سيني تي تيرن جي ورکا ڪرڻ لڳو. ڪروڌ وچان رام جو سرير آگ جا شعلا ڪڍي رهيو هو. موتمار ٻاڻن جي هن ورکا سبب سمنڊ ۾ ولولو پئجي ويو. ساگر اندر جيڪي ڪجهه سمايل هو سو پسم ٿيڻ لڳو ۽ پيڙا

جو نيم ۽ آهي. پنج ئي تت، سڀ پراڻي ۽ نرجيو وستو — سپني کي پرم نيم جو پالن ڪرڻو آهي.

هندو شاسترن انوسار، خود پرڪرتي، ڪرم ۽ انهيءَ ڦل جو سلسلو ۽ سنبنڌ پنهنجن تتن جا گڻ ۽ ڪرم جا نيم، سڀ سدائين ايشور اڌين آهن.

پرڪرتي خود ايشور جي ساکي آهي؛ پراڪرتڪ نيمن کي بند رکڻ سان ايشور جي هستيءَ جي سڌي ڪانه ٿي سگهندي.

ڀڳوت گيتا جي نائين آڌياءَ ۾ انهيءَ ڇٽيءَ طرح نرنئه ٿيل آهي:

"منهنجي ئي سنڀال هيٺ پرڪرتي هيءَ ساري سرشٽي پيدا ڪري ٿي — چل ۽ اچل پدارٿ — ۽ سارو سنسار انهيءَ ڪارڻ مان اٿپن ٿئي ٿو."

والميڪيءَ انهيءَ تت ساگر راج جي مکان چوايو آهي.

ورڌ راڪشس ماليوان راوڻ کي سنڌس پل ياد ڏياريندي هن ريت چيو:

"تنهنجي سؤڀاڳيه جو سمون پورو ٿي چڪو. تنهنجن پاپن پنهنجو نتيجو ڏيکارڻ شروع ڪيو آهي ۽ تنهنجو تيج گهٽبو. ديوتائن وٽان پراپت ڪيل وردانن تي تون هاڻ ڀروسو نه رکج. پنهنجن شترن سان ناه ڪر. ڏس ته هيڏي ساري سئنا اچي سهڙي آهي. ٻينڪر وانرن ۽ رڇن جا لشڪر اچي لٿا آهن. هيءَ عجيب پل ڏس جيڪا ڪن پل ۾ ناهي ويئي آهي. مونکي لڳي ٿو ته هي رام، منش جو روپ ۾ ساکيات وشنؤ آهي."

راوڻ کي انهن وچنن ٻڌڻ لاءِ ڌيرج ڪونه هو. "تنهنجا وچن منهنجي ڪن ۾ وهه سمان ٿا لڳن،" هن واڪو ڪندي چيو. "اِئين پيو لڳي ڄڻڪ تون ٻه منهنجن شترن سان وڃي مليو آهين. منشيه پنهنجي ڪائرتا ڪري پرسڌ نه آهن ڇا؟ تون هن ندوري منش، جنهن کي سندس پتا بنواس ڏانهن هڪالي ڪڍيو آهي، تنهن کان تون ڇو ٿو ڊڄين؟ هو وانرن ۽ رڇن

ڪريا تي تيئن جل اڇلون کائي آڪاس ڏانهن تي اٿيو. نل اتي بيٺو هو ۽ سارو ڪاروبار نظر مان ڪڍيائين ٿي. وانر سئنا جا نائڪ ٽولن کي اتساهت ڪري رهيا هئا. پٿرن ۽ وڻن سان جيئن ئي پيڙهه پختي ٿي، تيئن گاهه ۽ ڪاٺ جي ننڍڙن ٽڪرن سان مٿاڇرو هڪ سريکو بڻايو ويو. پل ٻڌندڙن جي گوڙ گهمسان ۾ سمندر جي گرجنا لين ٿي ويئي.

پل تهي تيار ٿيو. هي نئون مارگ سمندر مٿان ائين چمڪڻ لڳو جيئن آڪاش گنگا چمڪي. جيئن پرٿويءَ تي هزارين وانر خوشي منائي رهيا هئا، تيئن ديوتائون سرڳ ۾ آنند ماڻي رهيا هئا. ديوتائن ۽ رشين آشيرواد جا وچن اُچاريا.

پوءِ هو پل پار ڪرڻ لڳا. هنومان رام کي پنهنجن ڪلهن تي چاڙهيو ۽ انگد لڪشمڻ کي. ان ريت وانر سئنا ساگر پار ڪيو.

هت هڪ سدانت جي وياکيا ٿيل آهي. رام جڏهن ڌنش هٿ ۾ کڻي بيٺو هو، تڏهن ساگر هنجي اڳيان اچي بيٺو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو:

”پريه رامچندر! پرٿوي، آڪاش، وايو، جل ۽ اَگني — انهن پنجن تتن کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ پرڪرتيءَ جو اٽل نيم پالڻو آهي. آنند يا ڦل جي لوڀ وچان يا ڏنڊ جي ڀؤ وچان، مان پنهنجو سڀاءُ ڪيئن تياڳي سگهان ٿو؟ جل ڪڏهن پٿر جيان سخت ٿيو آهي؟ يا مان پنهنجي اونهائي گهٽائي اوهانجي لنگهه لاءِ تراڪڙي تلاءَ جيان ڪيئن ٿي ٿو سگهان؟“

ان ريت ساگرراج نمرتا سان رام کي دڙتا سان چيو.

والميڪيءَ ساگر جي مک مان اسانجي ڌرم درشن جو مول سدانت پرسٽ ڪرايو آهي. پرماتما ۽ پرڪرتيءَ جي وچ جي انادي سنبنڌ کي هن سمجهايو آهي. پرڪرتيءَ ۾ ۽ انجي دوارا ايشوري نيم جو پالن ٿي رهيو آهي. قدرت جو نيم ان ڪري ٿيو جڏهن جڳت پنهنجي روءِ سوءِ هلندو رهي. ان ريت ڪري

سندس سڱنا اهڙي ٻلوان نہ هئي،“ وڀيشڻ چيو. ”ان هوندي بہ رام جي سوپ ۾ مونکي ڪو سنديہ ڪونهي.“

راوڻ جي رتيل پربند جي مقابلي ڪرڻ لاءِ رام پنهنجي ساري سڱنا جي ورهاست ڪئي ۽ هرهڪ سڱناپتيءَ کي جيڪو ڪم ڪرڻو هو سو ڪيس سمجهايائين. نيل کي آڳيا ڪيائين تہ اوڀر واري دوار وٽ وڃي پرهست سان وڙهي. دکشڻ دوار تي ٻيئل مهاپارشو ۽ مهودر سان انگد کي مقابلو ڪرڻو هئو. پڇم دوار تي وري هنومان کي نپڻ جادوگر اندرجيت سان لڙڻو هئو.

”لڪشمڻ ۽ مان راوڻ سان لڙنداسين، جنهن سنسار کي ڏهڪايو آهي ۽ اسين لنڪا تي چڙهائي ڪرائينداسون. سگريو، جامبوان ۽ وڀيشڻ اسانجي مکيہ سڱنا سان پٺيان رهندا.“

هن سڱنا سويل پهاڙ تي راس ڪاٽي. ورندي صبح جو جبل جي چوٽيءَ تان ٻهي، هنن لنڪا جو نظارو ڏٺو.

ترڪوٽ جي چوٽيءَ تي ٻيٺل هي سندر نگر اِئين پي لڳو جڻڪ آڪاش مان لٽڪي رهيو آهي. قلعي جي ٿلهي ديوار جي پٺيان راڪشس سڱنا اِئين ٻيٺي هئي جڻ ڪا ٻي ديوار کڙي ڪيل هئي.

لنڪا جي شاندار ۽ سندر مڪانن ڏانهن نهاريندي رام کي ديا اچي ويئي. ۽ هن چيو:

”هاءِ! هاءِ! هڪ منش ڪاتر جنهن سمہ جي چڪر ۾ اچي اَپراڌ ڪيو آهي، هيءَ ساري سمپتي ۽ راڪشس ونش ناستيءَ کي پراپت ٿيندو. هاءِ، راجائي ڪل جو هي پرش پنهنجي سڀي مهانتا وساري وينو آهي، ۽ پنهنجي هٿن سان پنهنجيءَ پرجا مٿان آپدا آڻي رهيو آهي!“

رام وڌيڪ چيو: ”ڪٿي بہ، هاڻ اسانکي پنهنجو سڀو من پنهنجي ڪاريہ ۾ لڳائڻ گهرجي — راوڻ کي ناس ڪري هن لڙائيءَ ۾ سوپ حاصل ڪريون. پڌ هلندي وڏو گهمسان مچندو.

جي ٻل تي ياري رهيو آهي! اهڙي جيءَ کان تو تون ٻ ڄڻن ۽ ڪنبين؟ تو تان تہ مونکي لڄ ٿي اچي. يا اِئين آهي ڇا، تہ منهنجو آنند توکان سهاريو نٿو ٿئي؟ تون هن ريت مون سان ڇو ڳالهائي رهيو آهين؟ مان رام جي اڳيان ڪين نمندس. جيڪڏهن اها غلط نيتي يا اڌرم آهي تہ مان ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان. تون اِئين سمجهہ تہ اهو منهنجو سڀاءُ آهي ۽ مان اهو بدلي نٿو سگهان. رام اڳيان ناهہ لاءِ بيک منگڻ کان، مان مرڻ بهتر ٿو ڀانيان!"

ماليوان وراڻيو: "چڱيءَ طرح سوچ ۽ جيڪي اُچت سمجهين سو ڪر." ۽ هو گهر واپس موٽيو. ويندي وقت چوندو ويو: "راجا جي جئہ! راوڻ جي جئہ!"

هي ورڌ شرير راوڻ جو نانو هو.

راوڻ ساوڌانيءَ سان پنهنجا يوڌا ڀري تي رکيا. پرهست کي پورب دوار تي رکيائين، مهاپارشو ۽ مهودرا کي دکشڻ دوار تي، ۽ پنهنجي سوروير سپتر اندرجيت جو جادوگريءَ ۾ پروين هئو، تنهن کي پشڇم دوار تي رکيائين. ۽ پاڻ اُتر دوار سنڀالڻ جو نشچيہ ڪيائين. ورو پاڪش کي وري نگر اندر سئنا پتي مقرر ڪيائين.

ان ريت پنهنجن پرسڌ يوڌن ۽ سئنا کي ڪم ورهائي ڏيڻ سان هن سمجهو تہ سڀ سندس آهي. سندس وناش ويجهو اچي رهيو هئو اِنڪري کنهن جي ٻڌائين ڪين تي، ۽ اياٽپ کان پاڻکي اجيت سمجهڻ لڳو. منترين راجا کي خوش ڪرڻ لاءِ سندس جئہ منائي ۽ پوءِ روانا ٿي ويا.

رام، سگريو، ويڀيشڻ ۽ ٻين جي يڌ صلاحڪار سڀا ڪئي ٿي. ويڀيشڻ کين وستار سان سمورو سماچار ٻڌايو، جيڪو اڳرو ڀل جاسوسن گڏ ڪيو هئو تہ راوڻ ڪهڙي تياري ڪئي آهي.

"شمارين، شڪتيءَ ۾ ۽ همت ۾، راوڻ جي هاٿوڪي سئنا وڏيڪ پربل آهي. ڪبير سان جا هن يڌ ڪئي هئائين انوقت

ڍنگ سان ڀن ڀن پرڪارن جا دستا ٺاهي بيهاريو هو.

هن لنڪا ڏانهن نهاري چيو: "لڪشمڻ! هن نگر جي سندرتا ته ڏس."

هن جو من سيتا جي پاسي ڊوڙي ويو. دل ۾ چيائين ته هن وقت تائين سيتا کي سڌ پيئي هوندي ته مان هت سٺنا سوڊو اچي سهڙيو آهيان، اُنهيءَ ڪري سندس لٿل دل ۾ وري آشا جاڳي هوندي. پر هن ڳالهه بابت هن واتان ڪجهه به نه ٻوليو، ۽ سٺنا جي بندوبست ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

اوچتوئي اوچتو، ۽ بنا ڪنهن گوڙ شور ڪرڻ جي ۽ ڪنهن کي سڌ ڏيڻ کانسواءِ سگريو آسمان ۾ ٽپو ڏنو ۽ وڃي لنڪا جي هڪڙي برج جي چوٽيءَ تي ويٺو. اُتي هن ڏٺو ته راوڻ کي راجائي رتول رنگ جا وستر پيل آهن. هو ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو جڻ ڪو گهاٽو ڪارو بادل شام جي سرخ آسمان ۾ ڏسبو آهي. راوڻ جي ڇاتيءَ تي اِندر جي هاٿيءَ جي ڏند دواران ٿيل قت جو ڪٽرنب موجود هو. اُهو ٻيج جي چنڊ جيان چمڪي رهيو هو.

سگريو رڙ ڪري چيو: "راوڻ! تون ڦاتو آهين. مان رام جو مترُ ۽ سيوڪ آهيان. اڄ تنهنجو انتم ڏينهن آهي!"

ائين چئي هن راوڻ جي مٿان جهپٽ هڻي، هن جو چٽ لاهي اُڇليو ۽ کيس ڌاڍو تڪ هنيو. ٻئي ڄڻا گهڻي وقت تائين پاڻ ۾ دوبدو لڙندا رهيا. ٻئي ڪشتي وڙهڻ ۾ ماهر هئا. ٻنهي اُنهيءَ وديا جا سمورا داءُ پيچ ڪم ۾ آندا. راوڻ پنهنجو سمورو هنر هلائي بيٺو. اُنهيءَ ڪري هو ڪشتي يڌ کان پاڻ ڇڏائي جادو ڪم ۾ آڻڻ لڳو. جڏهن سگريو جي ڌيان تي اِها ڳالهه آئي، تڏهن هن پاڻ ڇڏائي وري ٻوٽتي ٽپ ڏيئي اچي اُتي پهتو جت رام بيٺو هو.

جڏهن وانرن جي نيتائن سورهيه پتر سگريو کي موٽندو ڏٺو، تڏهن هنن زور سان هن جي ساراهه ڪرڻ شروع ڪئي. هن

راڪشس پڻ پڻ ويس ڌاري اسانکي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. انکري ڀل تہ وانر ۽ رڇ لڙائيءَ وقت پنهنجي انهيءَ روپ ۾ ئي هجن. فقط ويڀيشڻ ۽ سندس مترمنش روپ ڌارين، جڏهن مان ۽ لڪشمڻ آهيون. راوڻ جا مترمنش يا وانر جو روپ ڌارڻ پنهنجي شان خلاف سمجهندا. اسين جيڪڏهن سنگهٽت رهي، نيم پوروڪ هلياسين تہ پوءِ اسانکي پتو پئجي سگهندو تہ متر ڪهڙا آهن ۽ شترو ڪهڙا، پوءِ اسين شترن جو سنگهار ۽ مترن جي سهايتا ڪري سگهنداسين.

اڌياءِ ٦٧

يڌ شروع ٿئي ٿي

وانر سئنا سُويل پهاڙ تان لهي لنڪا نگريءَ جي ڀرسان بن ۾ اچي سهڙي. جڏهن سئنا هڪ بوڏ جيان بن ۾ داخل ٿي، تڏهن بن جا دهشت کاڌل پسون ۽ پکي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ ڊڪڻ لڳا.

والميڪيءَ پنهنجي نجي سندر ڍنگ سان هن درشيہ ۽ هن گهٽنا جو ورنن ڪيو آهي. رام ميدان ۾ بيٺي مٿي پهاڙ تي بيٺل ڪوٽ ڏانهن نهاريو. هن وشوڪرما دواران ناهيل ايشوري سوڀيا وارو نگر ڏٺو. رام اچرج کائيندي زور سان چيو: "ڪهڙي نہ آهي هيءَ شوڀيا! ڪهڙي نہ آهي هيءَ سمپتي!"

وانرن وري راڪشس يوڌن جي شڪتيءَ ۽ يڌ لاءِ اُتسڪتا ڏيان ۾ آندي. پڻ هدن جاچي ڏنيون ٿلهيون ديواريون ۽ بچاءَ جون وڏيون ڪلون.

لنڪا ۾ يڌ لاءِ پوري تياري هئي. اُنهيءَ ڪري اُنهيءَ نگر مان دهلن ۽ توتارين جا آواز پئي آيا. اُهي ٻڌي لڙائي ڪرڻ لاءِ وانرن ۾ وڏيڪ چاهہ پئدا ٿيو. رام سئنا کي

پنهنجي جند آجي ڪرڻي آهي. جيڪڏهن تون ٻاهر ميدان ۾ نڪري ايندين ۽ وڙهي ڪري لڙائيءَ ۾ موت جو ٻڪ ڀڃبين ته پوءِ تنهنجا پاپ ڌوپي ويندا ۽ توکي سرڳ، لوڪ ۾ اهوئي آستان ملندو جو يوڌن کي ملندو آهي. پر جيڪڏهن توکي هيءَ جيون مٺي ٿي لڳي ته پوءِ نمرتا ڀاوَ سان سيتا رام جي هٿن ۾ موٽائي ڏي ۽ رام کان ڪميا گهر. انهيءَ ريت تنهنجي حياتي بچي سگهندي. ڪهڙو به ڪري نتيجو ٿئي، هر حالت ۾ تون وڌ يڪ وقت راجا ٿي رهڻ جي لائق ڪونه آهين. لنڪا جو راڄ هاڻي وڀيشڻ جو ٿي چڪو آهي. هو راڄ ڪرڻ ۽ پرجا جي رکيا ڪرڻ جي هر ريت يوگيه آهي. جيڪڏهن تون شرڻ ۾ اچي سلامت رهڻ نٿو چاهين، ته پوءِ پنهنجي موت جو ڪريا ڪرم اڳي ئي ڪرائي ڇڏ. تون پنهنجي سموري راڄ ۽ ملڪيت کان موڪلائي ڇڏ. موت لاءِ تيار ٿيءُ. ٻاهر نڪري اچي رام سان ڀڙ ۾ مقابلو ڪر.' او انگد، هي سنديش وڃي راوڻ کي ڏي."

جڏهن رام هنڪي آديش ڪيو هو، تڏهن ئي وير انگد رام جو سنديش راوڻ کي ڏنو. هن چيو: "هي لنڪاپتي، جيڪي چوان ٿو سو ڌيان سان ٻڌ. مان ٻاليءَ جو پٽ آهيان. توکي سندس يادگيري هوندي. مان رام جو دوت ٿي آيو آهيان. اهو وقت آيو آهي جڏهن توکي پاپ مان آجو ٿيڻو آهي. جيڪڏهن تنهنجي اها اڇا ٿئي ته پوءِ جنگ جو ميدان ۾ مري پنهنجي پاپن کان آجو ٿي ۽ وير پرشن جو سرڳ پراپت ڪر. پر جيڪڏهن توکي هيءَ جيون پياري ٿي لڳي، ته پوءِ نمرتا پوروڪ رام جي پيش پئي ڪائنس جيئدان منگ. رام ڪنهن به شرڻ ۾ آيل کي ڪميا ڪرڻ کان انڪار ڪونه ڪندو آهي. جيڪي ڪجهه مون تو لاءِ ٻڌو آهي، سو جيڪڏهن سچ آهي، ته پوءِ تون جنگ ڪرڻ پسند ڪندين. انهيءَ جي اها معنيٰ آهي ته تون مرڻ وڌ يڪ پسند ڪرين ٿو. مان توکي

جي هن پرڪار جي جوکم کڻي ويرتا ڏيکارڻ تي هنن کيس رڙيون ڪري واڌايون ڏنيون. نسنديه هنجو اهو قدم اُبهرو، بيپرواهيءَ ۽ جوکم جو هو. پر اِئين ڪرڻ سان ئي هو راڪشسن کي انهن شترن جي همت ۽ شڪتيءَ جي جهانڪي ڪرائي سگهيو، جن شترن سان هو لڙائي ڪرڻ لاءِ سنڀريا هئا.

رام ته جڏهن ڏٺو ته سگريو صحيح سلامت واپس وريو آهي، تڏهن کيس ڏاڍي خوشي ٿي. رام ڏٺو ته سگريو جي ڦٽن مان رت وهي رهيو هو. اهو حال ڏسي هن چيو:

”سگريو! تو جيڪو هيءُ همت جو ۽ جوکم ڀريو ڪم ڪيو آهي تنهن کي ڏسي مونکي خوشي به ٿي ٿئي ۽ عجب به ٿو لڳي. پر تو جيڪي ڪيو سو نيڪ ڪونه هو. راجا جو ڪم نه آهي ته هن پرڪار جو جوکم سر تي کڻي. تو بنا ڪنهن جي صلاح جي اوچتوئي اوچتو اهڙو ڀوائتو قدم ڪئن کنيو؟“

سگريو پنهنجي ڀل سويڪار ڪئي.

”ائين برابر آهي ته اوهان جي صلاح بنا مونکي اُبهرو ٿي لڙائي شروع ڪرڻ نه گهربي هئي. پر جڏهن مون انهيءَ شيطان کي ڏٺو جنهن سيتا جو اَپمان ڪيو هو، تڏهن ڪروڌ منهنجي مٿان اچي سوار ٿيو ۽ مان پنهنجو ڪرتويه ڪرم وساري ويٺس.“

وانرن جي سينا لنڪا کي چوڌاري اهڙي ڍنگ ورائي ويئي جئن رام کين آگيا ڪئي هئي.

هاڻي رام انگد کي گهرائي کيس چيو:

”راجڪمار! اسانجو سنديش راوڻ ڏانهن کڻي وڃ. کيس وڃي چئُو: 'اي مها پاپي، تنهنجو اَنت ويجهو اچي رهيو آهي. رام تنهنجي ڪوٽ جي دوار وٽ جنگ ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. توکي انهن وردانن تي ٻانور آهي جيڪي تو ديوتائن وٽان هٿ ڪيا هئا. انهيءَ ڪري تون اَيماني ۽ پاپي ٿي پيو آهين. تو سنسار کي گهڻو وقت ستايو آهي ۽ تو تمام گهڻا اگرا اَپراڌ ڪيا آهن. هاڻي سمو آيو آهي، جڏهن سنسار کي تو مان

موٽڻ جي موڪل ڏنائون. رام جنهن جي لاءِ وراڻ ڪيند، ڪر
۽ ٻين کي مارڻ ڪبي هٿ جو ڪيل هو، سو سگريو جي سينا
وٽي اچي هٿ پهتو آهي. ڪنهن نموني انهن کي خبر پئجي
ويئي آهي ته سيتا ڪٿي بند آهي. رڇن ۽ باندرن سمنڊ پار
ڪيو آهي ۽ لنڪا جي اڳيان جنگ ڪرڻ لاءِ سنبريا بيٺا
آهن. جيسين نظر پهچي ٿي، تيسين سموري ڌرتي هن سينا
سان ڀرڪي پيئي آهي. واد وواد ۽ وارتا لاپ ڪرڻ مان ڪوبه
لاڀ ڪونه ٿيندو. هنن جي ڌڪار اسانجي رت پيئڻ کان
پوءِ ئي شانت ٿيندي. اي راجن! چڱيءَ پر ويچار ڪريو ته
ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ اهو يڪدم عمل ۾ آڻيو."

پوءِ هن ڊڄندي ڏٻيل آواز ۾ چيو، "جيڪڏهن هاڻي به
سيتا کي موٽايو وڃي ته پوءِ اسين شايد بچي پئون."

راوڻ ڪروڌ ۾ ٻرجي ويو. هن رڙ ڪري پڇيو: "تو ڇا
چيو؟ ڪنهن کي به مونکي سيتا کي واپس ڪرڻ جي ڳالهه
چوڻ نه گهرجي. جيڪي اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا، تنکي منهنجي
شڪتيءَ ۽ پراڪرم جي ڄاڻ ئي ڪانه آهي. مان ديوتائن کي
ماري سگهان ٿو. منهنجا تير خود اِندر ۽ يم کي به جلائي ماري
سگهن ٿا. ٻرسو ۽ ڏسو ته ڪئن مان هن نيچ رام ۽ سندس
سينا جو ناس ٿو ڪري ڇڏيان."

جيڪي ڪجهه راوڻ چيو تنهن تي سندس پورو وشواس
هو. هو گهڻوئي وقت پنهنجين اڳين سوڀن جي باري ۾ ويچار
ڪندو رهيو. انهيءَ ڪري نه رڳو ايمان ۾ ٻرجي ويو هو، پر
مورک ۽ هٺيلو به ٿي پيو هو.

پوءِ هن پنهنجي ٻن منترين کي گهرائي چيو، "جاسوس
موٽي آيا آهن ۽ اچي ٻڌايو اٿن ته هڪ وڏيءَ سينا لنڪا
ڏانهن اچڻ لاءِ هڪ پل ٺاهي آهي ۽ پل لتاڙي هٿ آئي
آهي. اها هڪ اچرج جهڙي وارتا آهي. پر اڃا تائين ڪا به گنڀير
ڳالهه ڪانه ٿي آهي. وڃي سينا کي ڄاچيو ۽ مونکي پورو ۽

صلاح ڏيان ٿو تہ پنهنجي اشٽ مترن سان آخرين موڪلاڻي ڪر ۽ پنهنجي مرتيوءَ جو ڪريا ڪرم بہ پاڻ ڪري پورو ڪر، ڇاڪاڻ جو تنهنجي جاتيءَ مان ڪوبہ آدمي ڪونہ بچندو جو ڪري تنهنجو ڪريا ڪرم ڪري. هن سندر لنڪا کي آخرين وار ڏسي ڇڏ!"

راوڻ جو ڪرودھ باھ جي ڇپن جيان ڀڙڪو کائي اٿيو. هن رڙ ڪري چيو، "هن نيچ کي پڪڙي ماري ڇڏيو."

هڪدم ٻن راڪشسن اچي انگد کي جهليو. انگد ٻنهي راڪشسن کي پنهنجي ٻنهي پاسن کان ڪڇي مٿي اڏامڻ لڳو. پوءِ ڪڇي انهن کي ڌرتيءَ تي اڇلايائين.

هو پوءِ اڃا بہ مٿي اڏامي ويو. نيٺ هيٺ لهي لت هڻي راجا جي محلات جي گنبذ کي ڪيرائي ڇڏيائين. پوءِ هڪ ٽپو ڏيئي اتي اچي بيٺو جت رام ويٺو هو.

انگد جا هيءُ ويرتا جا ڪم ڏسي راڪشسن کي ڀؤ وٺي ويو. پر انهن هن ڀؤ جو ٻاهر ڏيکاءُ ڪونہ ڏنو. راوڻ پنهنجي ڀڳل گنبذ کي ڏسي ٿڌو ساهہ کنيو. هن انهيءَ ڳالهہ کي اپسوڻ ڪري سمجهيو.

جڏهن ٿي انگد موٽي آيو، تڏهن رام سينا کي آگيا ڪئي تہ لنڪا تي چڙهائي ڪن.

اڌياءُ ٦٨

سيتا جو آنند

شڪ نالي راڪشس جاسوس هن ريت وڃي راوڻ کي سڌ پهچائي: "جيڪو ڪم اوهان مونکي سونپيو هو، سو مان اوهان جي اڇا انوسار پورو ڪيو. پر منهنجو سارو ڀيد ورتو ويو. هو مون سان شوخ پيش آيا. ورِي بہ شڪر جو مونکي واپس

هو پنهنجي سر اهڙو وير آهي جو اسانجي نگر ۽ سموري سنسار کي جيتي ناس ڪري سگهندو. اسان وانرن جي همت ٻه ڏني آهي. اسانکي اهو ٻه پتو پيو آهي ته هو يڌ ڪرڻ لاءِ ڪيترو نه آتا آهن. اها صلاح پري ڳالهه ڪانه آهي ته هنن سان يڌ ڪري اسين پنهنجو ڀاڳ آزمايون. ستي ۾ ستي ڳالهه اِها آهي ته سيتا کي رام ڏانهن موٽائي موڪليو. ويچار ڪريو ته ڇا ڪرڻ گهرجي."

البت هيءَ صلاح سچي هئي ۽ ستيءَ ڀاونا سان ڏني ويئي هئي، پر راوڻ پنهنجي جوش کي روڪي نه سگهيو. هن چيو: "جيڪڏهن سڄو سنسار منهنجو وروڌ ڪندو، ته ٻه مان ڪونه جهڪندس. بلڪ جيڪڏهن سڀ ديو، گندرو گڏجي ڪري منهنجي سامهون ٿيندا ته ٻه مان سيتا کي ڪونه موٽائيندس. ڇاڪاڻ جو اوهان کي شترو وٽان مار پيئي آهي تنهن ڪري اوهين مونکي هيءَ ڪانئرتا جي مت ڏيئي رهيا آهيو. اي نربل آتمائون! اهڙو شترو ڪٿي آهي جو مونکي جيتي سگهي؟" اِئين چئي هو، پنهنجي اُتاهين ٽي برج چڙهي ويو ۽ پنهنجي سر شتروءَ جي شڪتي جاچڻ لڳو. سندس منتري ۽ ڪرمچاري ساڻس گڏ هئا.

جيڪي اڳوات جنگ جي ميدان جي جاچ ڪرڻ ويا هئا تن موٽي اچي وانرن جي نيتائن ۽ سنا جو وستار پوروڪ ورنن ڪيو. هنن اُنهيءَ باندرن ۽ رڇن جي اٿاه سنا جي شڪتيءَ جو ورتانت چڱيءَ پر ٻڌايو. اهي سنسار جي ڏورانهن بنن، پهاڙن ۽ ماٿرين مان اچي پيڙا ٿيا هئا. هنن سندن شرير جي شڪتيءَ ۽ من جي همت جو ٻه بيان ڪري ٻڌايو. پڻ ٻڌايائون ته هنن کي رام جي لاءِ ڪيترو نه پريم آهي. ڪهڙي نه سندن ٻڌي آهي ۽ ڪئن هو راڪشسن کي مارڻ لاءِ آتا آهن! جيڪي ٻه جاچ ڪرڻ ويا هئا تن سيني جو هڪڙوئي رايو هو. اُنهن مان هڪڙي چيو: "هوڏانهن نهاريو. هو شاندار، سبول جوان، جنهن جي مٿي تي جٽائون آهن ۽ همت ۾ ڏنش آهي،

وڇور وار سماچار اچي ٻڌايو.“
انهيءَ ڪري جاسوسن وانرن جو روپ ڌارڻ ڪيو. هو رام جي ڇانوڻيءَ ڏانهن ويا. اُتي ٻين وانرن سان گڏجي سڀ جي چوڌاري نهارڻ لڳا. پر وڀيشڻ سندن ڀهروپي روپ کي سهي ڪري ورتو. کين پڪڙي ڪري رام وٽ وٺي آيا. هنن چيو ته ”اسين ته رڳو پنهنجي راجا جا نياپو پهچائيندڙ آهيون. انهيءَ ڪري اسانکي ڪرپا ڪري ڇڏيو.“

رام چيو، ”هنن کي پنهنجي سينا ڏيکاريو. هو پوئتي موٽن تنهن کان اڳ کين سڀ ڪا شيءِ چڱيءَ پر ڏيکاريو. کين پورو پورو وجهه ڏيو ته اسان جي سموري شڪتي جاچي ڏسن. اي راڪشس دوت! جڏهن اوهين راوڻ وٽ موٽي وڃو ته کيس وڃي چئجو ته، ’جنهن شڪتيءَ جي آسري تون سيتا کي کڻي آيو هئين، تنهنجي اڄ پريکشا ٿيڻ واري آهي. تنهنجو ڪوٽ، تنهنجو نگر ۽ تنهنجي سموري سئنا ناس ٿيندي. رام جا ٻاڻ تنهنجي شرير ۾ پيهي ويندا.‘ هائو، هيءُ سنديش وڃي راوڻ کي ڏجو.“

جاسوسن رام جو سنديش ڏيڻ سان ٻڌو ۽ سويڪار ڪيائون ته هو اُهو نياپو وڃي راوڻ کي ڏيندا. پوءِ پراڻيءَ عادت جي آڌر هيٺ چئي ويا: ”شل اوهان جي سوڀ ٿئي!“ وانر سئنا انهيءَ ڳالهه کي ٻه هڪ سٺو سوڻ ڪري سمجهيو.

جاسوسن راوڻ وٽ موٽي اچي ڪري چيو: ”اي راڄن! اسانکي وڀيشڻ سڃاڻي ورتو. اسانکي پڪڙي ٿيو ته هو اسانکي ماري وجهندا. پر رام کين مارڻ کان روڪيو. هن آڳيا ڏني ته اسانکي آزاد ڪن. اي راڄن! اسانجي شترن پڪو نشچيه ڪيو آهي. رام، لڪشمڻ، وانرراج سگريو ۽ وڀيشڻ سڀئي هڪ راءِ جا آهن. اُهڙن پوڌن جي همت هيٺ هلندڙ سئنا جو مقابلو ڪرڻ اسان لاءِ مشڪل ٿيندو. اسان دشرٿ جي پٽر، رام جو درشن ڪيو آهي. اسان تي اُهو پرڀاءُ وينو ته

(بجلي زبان) اهڙو سر تيار ڪر، جيڪو بنهه رام جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ۽ جنهن کي ڏسي ڪري رام جا پيارا ۽ ويجهي ۾ ويجها مائٽ به ڀلجي وڃن. جڏهن مان اوهان کي گهرايان، تڏهن اوهان اُنهيءَ قلواڙي ڏانهن اچجو جتي سيتا بانڌ آهي ۽ اهو سر اچي هن جي اڳيان رکجو."

جادوگر ائين ڪرڻ سويڪار ڪيو.

پوءِ راوڻ وري اشوڪ واٽڪا ڏانهن ويو ۽ سيتا کي گمراهه ڪرڻ لاءِ جتن ڪياءِ. چيائين: "تنهن جي پتيءَ ۽ سندس سئنا جو ناس ٿي چڪو آهي. منهن جي يوڌن سمنڊ پار ڪيو هو ۽ جڏهن رام ۽ سندس باندر ٿڪ جي ڪري ننڊ ۾ پيا هئا تڏهن منهنجن يوڌن کين ماري وڌو. هڪڙو جنگي جوڌو تنهنجي پتيءَ جو سر مونکي ڏيکارڻ لاءِ کڻي آيو آهي. اڃا به تون پنهنجو هٺ ڇونه ٿي هارين؟ منهنجي استرين ۾ وڃي شامل ٿيءُ ۽ سندن راڻي ٿي راڄ ڪر. منهنجي صلاح مڃ ۽ لنڪا جي راجيشوري ٿيءُ."

پوءِ هن هڪڙي راڪشس کي آگيا ڪئي ته وڃي ڪري وديت جهوا نالي راڪشس کي سڏي اچي. جادوگر آيو ۽ اچي اهو بناوٽي سر، جيڪو سڌ بڌ رام جي سر جهڙو پئي ڏسڻ ۾ آيو، سو سيتا جي اڳيان رکياءِ.

اهو سر ڏسي سيتا ڇرڪ ماري چيو: "ڇا اها ڳالهه منهنجي نصيب ۾ لکيل هئي؟" ائين چئي نراشا ۾ پئجي هوءِ رڙ پٽڪي لڳي ويئي.

انهيءَ وچ ۾ رام جي سئنا اچي لنڪا جي ويجهو پهتي. راوڻ جي منترين ۽ سئنا پتين کيس نياپو موڪليو ته هو کين يڪدم ملاقات ڏئي. راوڻ اُنهيءَ ڪري سيتا کي ڇڏي يڪدم سڀاپون ڏانهن هليو ويو.

جادوگر جيڪو طلسم ڪيو تنهن کي قائم رکڻ لاءِ راوڻ جو حاضر رهڻ ضروري هو. تنهن ڪري جئن ئي راوڻ اُتان هليو ويو، تئن ئي اهو سر دونهون ٿي اُڏامي ويو. شرم نالي مائي،

سو ٻاڻ رام آهي. ڏسو ته سهين ته ڪئن هو پريم ڀريل ۽ ڪشش ڪندڙ اکين سان چوڌاري نهاري رهيو آهي! جيڏانهن جيڏانهن هو نظر ڦيرائي ٿو، انهيءَ هنڌ جوتي چمڪڻ لڳي ٿي ۽ سڀني ۾ ڀڳتي ۽ وشواس اُتپن ٿئي ٿو. سندس ڀرسان هٿيار ٻڌل جيڪو يوڌو بيٺو آهي، سو سندس ڀاءُ لڪشمڻ آهي. هو جڻڪ رام جو ٻيو روپ آهي. ڏنش ٻاڻ هلائڻ ۾ سندس ڪو به مٽ ڪونه آهي. وري ڏسو ته هنجي ڀرسان سگريو بيٺو آهي. سندس گلي ۾ ٻاليءَ وارو هار پيل آهي، هو شڪتيءَ ۾ ٻاليءَ جو مٽ آهي. وري نهار ڀندا ته هن جي ڀرسان اوهان جو ڀاءُ وڀيشڻ اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو. ههڙن يوڌن کي جيتڻ سولو ڪم نه آهي. چڱيءَ ريت ڳڻ ڳوت ڪري هن اوستا ۾ سوڀ پراپت ڪرڻ لاءِ نيڪ قدم کڻو."

جنهن وقت منتري شتروءَ جي شڪتيءَ جي ساراه ڪري رهيا هئا تنهن وقت راوڻ جي ڪروڌ اگني وڌيڪ ۽ وڌيڪ ٿيندي ويئي. اتياچاري اهوئي رستو وٺندا آهن. سياڻو راجا اُنهن سان ڪڏهن به ناراض نه ٿيندو آهي جيڪي کيس سچي خبر آڻي ڏيندا آهن. نڪي ئي هو انهن منترين سان اُپرسن ٿيندو آهي جيڪي کيس سندس ڀلائيءَ لاءِ سٺي صلاح ڏيندا آهن. پر هن وقت راوڻ جي ٻڌي ڀرشٽ ٿي ويئي هئي. سندس من ۾ ڏاڍ و مونجهارو هو. هن وٽ نڪي سچين حقيقتن جو، نڪي سٺيءَ صلاح جو ڪو قدر هو.

سندس ويچار هڪڙي وچتر نموني هلي رهيا هئا. هو رام کي به پنهن جي آچار جي ماپ سان ماپڻ لڳو. هن سمجهو ته جيڪڏهن ڪنهن نموني به سيتا سندس اڳيان جهڪندي، ته پوءِ رام دل شڪستو ۽ بدنام ٿي گهر ڏانهن موٽي ويندو. انهيءَ ڪري هن نرڻئه ڪيو ته هڪڙي ٻئي نموني سان اُنجم يتن ڪريان. هن هڪ جادوگر راڪشس جي مدد همت ڪرڻ جو يتن ڪيو. هن کي سڏ ڪري چيائين: "اي وديت جهوا!

جي وانر سينا لنڪا کي ويڙهي ويٺي آهي. ڪروڌ ۾ پرجي هو پنهنجي محل جي برج تي چڙهي ويو ۽ اتان اوسيتائون جاچڻ لڳو. هن ڏٺو ته سيني پاسي وانر يوڌا بيٺا آهن ۽ سندن هٿن ۾ وڻ ۽ پهاڙن جون چوٽيون آهن. هو مونجهاري ۾ اچي سوچڻ لڳو ته هن وڏي حملي ڪندڙ سينا کي هو ڪيئن ڦاس ڪندو.

ساڳئي وقت رام ڏٺو ته لنڪا نگريءَ کي سيني پاسن کان راڪشس پهرو ڏيئي رهيا آهن. انهيءَ ويل نگر جي ديوارين اندر بند ٿيل دکيءَ سيتا جي روپ جو چٽر هن پنهنجي من ۾ چٽيو. هن بنا دير جي حملي ڪرڻ جي آگيا ڏني.

وانر سينا جئہ جئڪار جا نعرا هڻندي هن اڀاڳي نگر تي ٽٽي پيئي. 'وانر راج سگريو جي جيءِ'، 'رام ۽ لڪشمڻ جي جيءِ'، 'راڪشسن جي ڪيءِ'، اهڙا نعرا پئي ٻڌڻ ۾ آيا. ڪن وانرن پهاڙن جون چوٽيون ڪٽي نگر جي ڪوٽ ۽ دوارن تي اڇلايون. ٻين وڏا وڻ پاڙان پٽي انهن سان راڪشسن تي وار ڪيو.

پوءِ راوڻ هڪڙي وڏي سينا ٻاهر موڪلي، کين آگيا ڪئي ته يڪدم وڃي سيني وانرن کي ماري ڇڏيو. راڪشسن دهل ۽ توتاريون وڄائي ايترو شور مچايو جو اڀ ۾ پرلاءُ پوڻ لڳو. هو وانرن جي مٿان ٽٽي پيا ۽ کين قتل ڪرڻ لڳا. وانر وري پهاڙن جي چوٽين، وڻن ۽ پنهنجي ننهن ۽ ڏندن سان راڪشسن جي مقابلي ۾ لڳي ويا. ٻنهي پاسن جا هزارين يوڌا موت جي سيج تي ليٽي پيا. ساري زمين رت ۽ ڀڳلن ٽنگن لاشن سان پرجي پيئي.

هن پوائنٽيءَ يڌ ڪانسواءِ، ڪيترن يوڌن جي وچ ۾ دوبدو لڙايون پئي ٿيون. انگد اندرجيت جو اهڙيءَ طرح مقابلو ڪيو، جهڙو رڌر جو يم سان. راڪشس پرجهنگهه ۽ سمپاتي، جو وڀيشڻ جي مترن مان هڪڙو هو، تن جي پاڻ ۾ دوبدو لڙائي ٿي. هنومان وري جمبماليءَ سان هٿ اٽڪايو. نيل نڪمپ

جا راجائي گهر ۾ ڪم ڪندي هئي، تنهن کي سيتا جي ساٿڻ
ڪري رکيو ويو هو. هن سيتا کي آٿت ڏنو ۽ کيس هن
سر جو سمورو رهسيہ سمجهايو. چيائينس: ”رام کي ڪنهن ڪونہ
ماريو آهي. هو وڏي سئنا جي اڳواڻي ڪندي لنڪا ۾ پهچي
چڪو آهي. هنن سمنڊ جي مٿان هڪ عجيب پل ٻڌي آهي
۽ هو لنڪا ۾ ائين اچي پرگهٽ ٿيا آهن، جڻ ڪا سمنڊ جي
ٻوڏ آئي هجي. راڪشسن کي ڊپ وٺي ويو آهي. راوڻ توکي
جادوءَ جي رستي گمراهہ ڪرڻ چاهي ٿو.“

شرم وڌيڪ سيتا کي ٻڌايو: ”ڪيترن منترين راوڻ کي
صلاح ڏني هئي تہ توکي رام ڏانهن موٽائي موڪلي ۽ بنا
شرط شروط جي رام جي پيش پئي، پنهنجي جان بچائي. پر هن
هنن جي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌي. چيائين: ’ڀل تہ مان يڌ جي ميدان
۾ مري وڃان، پر مان نماڻو ٿي ڪڏهن بہ رام جي اڳيان ڪونہ
جهڪندس. مان سيتا کي ڪڏهن ڪونہ موٽائيندس. نڪي
مان صلح لاءِ ڪڏهن بہ گهر ڪندس.‘ اي پوتر ديوي! تنهنجو
وار بہ ونگو نہ ٿيندو. رام اوس سوڀارو ٿيندو ۽ هيءُ پاپي
پرش ناس ٿيندو.“

جنهن وقت شرم هن ريت ويٺي ڳالهايو تنهن وقت وانر
سئنا جي دهل ۽ توتارين جو آواز سيتا جي ڪنن تائين پهتو
۽ سندس من ۾ آنند جي لهر آئي. هن سمجهيو تہ راوڻ جو
انت اچي ويو آهي. لنڪا جي راڪشسن بہ اهو آواز ٻڌو ۽
هو ڀؤ وچان ڪنبڻ لڳا.

اڌياءُ ٦٩
ناڳ - ڦاس تير

راوڻ کي سڌ ڏني ويئي تہ هڪ گجندڙ سمنڊ جيان رام

…يٽر ۾ ٻيوس ٿيا ليٽيا رهيا. اڇرج ۾ ٻئي ڀائر هڪ ٻئي ڏانهن …هارڻ لڳا. ڪين پتو ئي نٿي لڳو ته ڇا ڪجي! رام جي دردشا …سي لڪشمڻ کي ڏاڍو ڳهرو ڏک ٿيو. وانر واڻڙا ٿي ارمان ڪندا ڇوڏاري ٻيهجي ويا.

اِندرجيت راڪشس سئنا کي ڏنيواد ڏني ۽ نگر ڏانهن …وٽي آيو. سوڀ جي ڪري خوشيءَ ۾ پيرجي، هو پنهنجي پتا …ت ويو. کيس ٻڌائين ته رام ۽ لڪشمڻ جي کهاڻي هاڻي …وري ٿي ويئي آهي. راوڻ خوشيءَ وچان گد گد ٿيڻ لڳو. پنهنجي پٽ کي ڳلي لڳائي سندس شڪتيءَ جي ساراهه ڪيائين.

ڦٽيل ۽ نراس ٿيل وانر يوڌن جڏهن رام ۽ لڪشمڻ کي …رتيءَ تي ليٽيل ڏٺو، تڏهن هنن سمجهيو ته سمورو قصو ختم آهي. …سگريو ٻيوس ۽ اڪيلو ٿي چپ ڪري ويٺو رهيو. ويڀشڻ وانر …راج ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو ته ”نراس …ٿيڻ مورکن جو ڪم آهي. رام ۽ لڪشمڻ ڏانهن نهار. سندن …چهرا چمڪي رهيا آهن. هو مئا ڪين آهن؛ ڀؤ نه ڪر؛ هو جلدئي …هن مورڇا جي اوستا مان جاڳي اٿندا ۽ وري لڙڻ شروع ڪندا.“

سئناپتين دل ٻڌي ۽ سئنا کي ڦرڦوت ۾ اچڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. جدا جدا سئناپتين پنهنجي پنهنجي ٽولن کي وري قطارن ۾ بيهاريو.

انهيءَ وچ ۾ راوڻ لنڪا ۾ منادي ڪرائي ڇڏي ته اِندرجيت رام ۽ لڪشمڻ کي ماري ڇڏيو آهي. هن پنهنجين داسين کي ڳهرائي کين هن ريت آگيا ڪئي: ”هڪدم وڃو ۽ وڃي سيتا کي ٻڌايو ته رام پورو ٿي ويو آهي. ٻئي راجڪمار يڌ کيتر ۾ مئا پيا آهن ۽ سندن وانرن جي سئنا ناس ٿي چڪي آهي. هن کي پورو وشواس ڏيڻ لاءِ پشپڪ وِمان ۾ چاڙهي سارو يڌ کيتر آڪاس مان ڏيکاريوس. ڀل ته هيءَ هنيلي به ڏسي ته ڇا ٿيو آهي. جڏهن کيس پڪ ٿيندي ته

سان لڙيو ۽ لڪشمڻ ورُوپاڪش سان. ائين ٻيا ٻه پاڻ ۾ پئي لڙيا. اِندرجيت جا رٿ ۽ گهوڙا ناس ٿي ويا ۽ انگد کي اِندرجيت جي گدا جو هڪ ڌڪ لڳو. جمبماليءَ پنهنجي هٿيار سان هنومان کي ڌڪ هنيو ۽ هنومان وري سندس رٿ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. راڪشس گڏجي ڪري رام تي زوردار حملو ڪيو پر رام جي ٻاڻن جي لڳڻ ڪري هو هزارن جي تعداد ۾ ڪرندا ويا.

ودن ماليءَ پنهنجا تير سشيڻ تي ڇڏيا ۽ سشيڻ وري پهاڙ جو ٽڪر ڪڻي راڪشس جي رٿ کي چُور چُور ڪري ڇڏيو. ودن مالي رٿ مان ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي گدا کڻي سشيڻ تي وار ڪيائين. سشيڻ پٿر سان ڪيس ڇڪي ماري ڇڏيو. انهيءَ ريت گهڻائي يوڌا لڙندا ۽ مرندا رهيا.

سارو ڏينهن يڌ ٿي هليو. رات جي ويلي به راڪشس يڌ بند ڪرڻ جي نه ڪئي. يڌ تيز ٿي ويئي. رت ريلا ڪرڻ وهڻ لڳو. ٻنهي طرفن ۾ ڀيانڪ قتلام ٿيو. انگد اِندرجيت تي حملو ڪيو ۽ سندس گهوڙن ۽ سئيس کي ماري ڇڏيو. پڻ سندس رٿ کي ٽڪريون ٽڪريون ڪري ڇڏيو. وانر پنهنجي راجڪمار جي شڪتيءَ ۽ هوشياريءَ کي ڏسي سندس ڪيرتي ڪندي خوشيءَ جا نعرا هڻڻ لڳا. سئنا ۾ جيترا به وير پرش هئا سي سڀ وانر راجڪمار جي شڪتيءَ جو داد ڏيڻ لڳا. اِندرجيت آپي کان ٻاهر نڪري ويو. پنهنجو رٿ نه اڳيئي وڃائي چڪو هو. تنهن ڪري هن جادوگري ڪم ۾ آڻڻ شروع ڪئي. هو ڏسندي ڏسندي اَلوپ ٿي ويو ۽ رام ۽ لڪشمڻ تي ڪان ڪشڻ لڳو. رام ۽ لڪشمڻ هن وار جي ڪري تنگ ٿيا ڇاڪاڻ جو ڪنهن به منش کي پتو نٿي پيو ته شترو ڪٿي آهي. شترو وري سپني پاسن کان خونخوار تير وسائڻ لڳو.

اِندرجيت نانگ-ڦاس تير رام ۽ لڪشمڻ ڏانهن اُڇلايا. اُنهن ۾ هو ٻڌجي ويا ۽ چرڻ پرڻ کان رهجي ويا ۽ هو يڌ

ڪجهه سمي کان پوءِ نانگ - ڦاسن جو جادوءَ جو اثر گهٽجي ويو. رام اکيون کوليون ۽ اُٿي ويٺو. جيتوڻيڪ ڪيس سخت زخم رسيا هئا، ته به هن پنهنجي اچا شڪتيءَ جي دوارا پنهنجو ٻل وري پراپت ڪيو. هن ڏٺو ته سندس ڀاءُ ڌرتيءَ تي ليٽيو پيو آهي. انهيءَ ڪري هو زور سان روئڻ لڳو. چيي، ”هاءِ! هاڻي جيڪڏهن مونکي سوپ ملي، ته به ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ پيارا ڀراتا، مان توکي پاڻ سان ٻن ڏانهن ڇو وٺي آيس ۽ توکي ڇو هنريت مارايم؟ توکان سواءِ مان ايوڌ يا ڏانهن ڪيئن موٽي ويندس؟ تون هروقت مونکي دک ۾ آٿت ڏيندو هئين. هن وقت جڏهن مان وڏي ۾ وڏي دک ۾ ڦاٿل آهيان، تڏهن تون هئن چپ ڪيو ڇو پيو آهين؟ تو ڀڄاڻا مان ڪئن جي سگهندس؟ هن سنسار ۾ تو جهڙو ڀوڌو ڪٿي آهي؟ ٻي ڪا به وستو گم ٿي وڃي ته انجي پورت ڪري سگهجي؛ پر تنهنجي جاءِ ڀرڻ وارو پرش مان ڪٿان هٿ ڪري سگهندس؟

”ڪارتويرياريجن ته سون هٿن سان تير هلايا هئا، پر تو پنهنجن ٻن هٿن سان اوترائي تير ڇوڙيا ۽ راڪشسن کي ماريو. تو وٽ موت ڪئن آيو؟ تون مون سان گڏجي ٻن ڏانهن آئين. هاڻي مان توسان گڏجي ٻيا لوڪ ڏانهن هلي پنهنجو ٻار لاهيندس. مان سويڪار ڪريان ٿو ته منهنجي هار ٿي آهي. وڀيشڻ کي مان جيڪو وچن ڏنو آهي، سو مان پورو ڪري ڪونه سگهندس. اي وانر راج! پنهنجن سمورن ڀوڌن سوڌو ڪشڪنڌ ڏانهن موٽي وڃ. تو مترتا جا سمورا ناتا نباهيا آهن. مان تنهنجو ٿورائتو آهيان. پر هت وڏيڪ ڀوڌا مرن، تنهن مان ڪوبه لاڀ ڪونه ٿيندو. پنهنجي نگر ڏانهن موٽي وڃو. مونکي هت مرڻ ڏيو.“ دک ۾ ٻي وس ٿي رام اهڙيءَ ريت رڙندو رهيو.

اتي وڀيشڻ پنهنجي گدا هٿ ۾ کڻي اچي پهتو. سندس ڪاري وڏي شرير کي ڏسي وانرن سمجهيو ته اِندرجيت وري

مونکان سواءِ سندس ٻيو ڪوبہ رکوالو ڪونہ بچيو آهي، تڏهن
هوءَ مونڏانهن مائل ٿيندي."

جيئن راڪسياڻين کي چيو ويو، تيئن هنن ڪيو. سيتا وِمان ۾ چڙهي يڌ کيتر ڏٺو. هن ڏٺو تہ رام ۽ لڪشمڻ بنا چرڻ پرڻ جي ڌرتيءَ تي ليٽيا پيا آهن. سندن هٿيار هنن جي پرسان ٽٽا پکڙيا پيا آهن. هن جو هردو دک سان پرجي ويو. هن سمجهو تہ سڀ کيل سماپت ٿي چڪو آهي؛ روئندي چيائين تہ "هي وڌاتا، تو مونکي هن حال ۾ اچي پهچايو آهي! رشين ۽ جوتشين اڳڪٿيون ڪيون هيون تہ مان هڪ سکي پتني ۽ ماتا ۽ ٽيجوان راڻي ٿينديس. اهي اڳڪٿيون ڪوڙيون ٿي پيون. اي بيوس ڪوشليا! اڄ ڪانپوءِ توکي ڪير آٿت ڏيندو؟ جيئن ڪو ماڻهو سمنڊ لتاڙڻ ڪانپوءِ اچي هڪ ننڍڙي تلاءَ ۾ ٻڏي، تهڙوئي هنن يوڌن جو حال ٿيو آهي. هيترن ڪشٽن ڪشالن جي سهڻ ڪانپوءِ هو هيئن مئا پيا آهن. اي راجڪمارو! اوهان جا ايشوري شستر ڇو نڪما ٿيا؟ هاءِ، وڌاتا سڀني کان وڌيڪ ٻل واري آهي!"

جڏهن سيتا هن ريت اُتي دک ڪري نراس ٿي رهي هئي، تڏهن سندس ساٿڻ ترجٽا راڪسياڻي، جا رام ۽ لڪشمڻ جي اڻ چرندڙ شڪلين ڏانهن نهاري رهي هئي، تنهن اوچتو آواز ڪري چيس: "پياري سيتا! دک ڪرڻ جو ڪوبہ ڪارڻ نہ آهي؛ نڪي تنهنجو پتي، نڪي لڪشمڻ مئو آهي. سندن منهن ڏانهن تہ نهار. مئل اهڙيءَ ريت تہ ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن. هو ڪنهن جادوءَ جي هٿيار سان ٻڌا پيا آهن ۽ ٿوريءَ دير لاءِ بي سرت رهندا. هوڏانهن نهار تہ سئنا ڪيئن پوري ڍنگ سان بيٺي آهي. همت ڌار، ڏک نہ." اهي شبد سيتا جي ڪنن ۾ اَمرت جيان گهڙيا. وِمان لنڪا ڏانهن موٽي آيو ۽ سيتا کي وري اَشوڪ بن ڏانهن وٺي ويا.

شروع ٿيو ۽ سمنڊ ۾ وايو منڊل ۾ ولوڙو پوڻ لڳو. وڏو پکي گرڙ اوچتوئي اوچتو ڪٿان اچي پرگهٽ ٿيو.

جڏهن گرڙ اتي پهتو تڏهن نانگ روپي تير جن سان رام ۽ لڪشمڻ جو سارو شرير ٻڌو ويو هو، سي يڪدم گم ٿي ويا. حقيقت ۾ اهي سپ زهريلا نانگ هئا، پر اندرجيت جي جادوگري سان تير بڻجي پيا هئا ۽ راجڪمارن جي شرير کي ٻڌي ڇڏيو هئائون. جڏهن سندن جهونو وڏو ۽ پوائتو شترو گرڙ اچي اتي پرگهٽ ٿيو، تڏهن هو سپ ڀڄي ويا. پوءِ گرڙ رام ۽ لڪشمڻ جي شريرن کي ڏيري ڏيري ڇهيو ۽ کين سندن سموري شڪتي موٽي هٿ ڪري ڏني. سندن سپ ڦٽ ڇٽي ويا ۽ هو اڳي کان به اڳرا ۽ وڌيڪ چمڪ دمڪ سان اٿي کڙا ٿيا.

رام پڇيو: "اي منهنجا شڀ چنتڪ، تون ڪير آهين؟" رام کي اها ڄاڻ ڪانه هئي ته هو پاڻ وشنو ڀڳوان آهي ۽ گرڙ پکي سندس ئي واهڻ آهي جنهن تي هو سدائين سواري ڪندو آهي.

گرڙ وراڻيو، "مان اوهانجو سچو متر، پراڻو سهيوگي آهيان. شل اوهان جي مان پرتشٽا وڌندي رهي! هاڻي موڪل ڏيو ته مان وڃان. جڏهن جنگ پوري ٿيندي تڏهن اسين ٻئي هڪ ٻئي کي سڃاڻنداسين." ائين چئي هريءَ جو پکي اڏامي ويو.

جڏهن وانرن ڏٺو ته رام ۽ لڪشمڻ پوريءَ ريت چاق ٿي وري يڌ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهن، تڏهن منجهن نئون اتساهه پيدا ٿيو ۽ هنن وري راوڻ جي ڪوٽ تي چڙهائي ڪئي.

آڌياءُ ۷۰

راوڻ جي هار

راوڻ پنهنجي محلات ۾ ويٺو هو. هن سمجهيو هو ته پنهنجن

آيو آهي. اُنهيءَ ڪري هو هيڏانهن هوڏانهن اُڏامڻ لڳا.

پڻ ڪيترن جي ڪنهن ٻئي هنڌ انگد ۽ سگريو ٻئي پاڻ ۾ ڳالهايو ٻولهايو. سگريو پڇيو، ”ڇا ٿيو آهي جو وانر هنريت ٿيو ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا آهن؟“

انگد وراڻيو، ”اوهان کي سڌ ڪانه آهي ڇا ته رام ۽ لڪشمڻ ڦٽجي وڃي پٽ پيا آهن؟“

سگريو چيو، ”انهيءَ ڪري اِئين نه هوندو. ڏسو ته ڪئين هو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا آهن. سندن انهيءَ ڀڄ ڀڄان جو ڪو ٻيو ڪارڻ هوندو.“

پوءِ هنکي خبر پيئي ته جن وانرن کي اِندرجيت جي هٿان شڪست ملي هئي تن پل وچان ويڀشڻ کي اِندرجيت ڪري سمجهو ۽ انهيءَ ڪري ڏڪي ويا. هن جامبوان کي موڪليو ته وڃي غلط فهميءَ کي دور ڪري ۽ وانرن جي سئنا کي وري ڪٺو ڪري.

ويڀشڻ رام ۽ لڪشمڻ ڏانهن ڇتائي ڏٺو. هن جڏهن ڏٺو ته ٻئي ڦٽيا پيا آهن ۽ سندن ساري شرير ۾ تير ڇڀي ويا آهن ۽ انهيءَ ڪري هو وڙهڻ جي لائق ڪونه رهيا آهن، تڏهن هن جي دل ڇڄي پيئي. هن روئندي چيو: ”سڀڪو کيل سماپت ٿي ويو. هن ڪانپوءِ اسان کي وڏيڪ ڇا ڪرڻو آهي؟“

سگريو پنهنجي چاچي سشيڻ ڏانهن منهن ورايو ۽ چيو: ”رام ۽ لڪشمڻ کي ڪشڪند ڏانهن وٺي وڃ. مان راوڻ کي ماري سيتا جا بند آجا ڪري کيس اوڏانهن وٺي ايندس.“

سشيڻ چيو: ”اهڙيون ٻوٽيون ٿينديون آهن جن جي دوارن راجڪمارن جا ڦٽ مڙئي سگهندا ۽ هو وري نئون بنا ٿي پوندا. اسان مان ڪن کي ڄاڻ آهي ته اهي ٻوٽيون ڪٿي لڀنديون آهن. اِجهو، هنومان هتي بيٺو آهي. جيڪڏهن اوهان هنکي موڪليندا ته هو اهي ٻوٽيون ڪٺي ايندو.“

جيئن هنن ڳالهيون ٿي ڪيون، تيئن ٻرٻل پوڻ لڳڻ

اندر هڪڙي پرڪار جو نئون اُتساهه ڏنو ۽ نيون سٽون سٽڻ لڳو. هن چڪر هٽي نگر جي بچاءَ جا بند جاچيا ۽ پنهنجي مکيه سينا پتيءَ پرهست سان صلاح ڪئي.

”اسان کي وانرن جو هيءُ گهيرو ختم ڪرڻ گهرجي. اسان کي سموري لشڪر سان ٻاهر نڪري وانرن جي نيتائن کي مارڻ کپي. سينا کي ڪوٽ کان ٻاهر وٺي وڃڻ جي جوابداري اسان پنجن - مان، ڪنڀڪرڻ، تون، اندرجيت يا نڪمڀ-مان هڪ کي کڻڻ گهرجي. اسان کي ٻاندرن کان ڏڪڻ گهرجي ڇا؟ اڳ ته رڳو هڪڙي راڪشس جي گجگوڙ ٻڌي ڪري به وانر ڀؤ ۾ ڀرجي ڀڄي ويندا هئا. کين يڌ وديا جي ڪجهه به ڄاڻ ڪانه آهي. هو بي هنر پسون آهن. خبر نه آهي ته هو ڪهڙيءَ ريت اسان جي حملن جو مقابلو ڪري سگهيا آهن.“

پرهست نمرتا سان چيو: ”جئن اسان سمجهو هوسين تئن ئي ٿيو آهي. گهڻو اڳ اسان ڏاڍي نمرتا سان وني ڪئي هئيسين ته سڀني ۾ سٺو رستو اِهو آهي ته سيتا کي موٽائجي ۽ صلح ڪجي. پر مان اوهان جي آگيا پالڻ لاءِ ٻڌل آهيان. مان پنهنجي جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان پنهنجو پريوار، ڌن جو هر پدارٿ، اوهان جي مٿان وارڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪڏهن اوهان جي اِڇا آهي، ته مان پنهنجي اڳوانيءَ هيٺ سينا کي وٺي، ڪوٽ مان ٻاهر نڪري شتروءَ تي وار ڪندس.“

وڏي ساري سينا گڏ ڪئي ويئي ۽ وڏي ۾ وڏي يتن ڪرڻ لاءِ هر هڪ وسٽو ميسر ڪئي ويئي. وشيش پوڄا پاٺ ۽ يڳيه به ڪيا ويا.

ڍول وڄڻ لڳا ۽ پرهست ڪوچ ڪيو. وري اپسوڻ ٿيڻ لڳا، پر هن اُنهن ڏانهن ڌيان ڪونه ڏنو.

جڏهن وانرن ڏٺو ته پرهست وڏي سينا ساڻ ڪري اوڀر واري دوار کان ٻاهر نڪري رهيو آهي، تڏهن هنن اُتساهه ۾ ڀرجي گرجنا ڪئي ۽ يڌ لاءِ تيار ٿيا.

ٺهڙو ئي هوُ ڪنڀڻ وارو نہ هو. هو يڌ جي ميدان ۾ لوهہ جيان پڪو ٿيو بيٺو هو ۽ ذرو بہ نہ هٽيو. هن پنهنجا يوڌا ۽ هٿيار ڏاڍي ويچار سان چونڊيا هئا. جئن هو اڳتي وڌيو تئن هن آپسوڻ ڏنا. پر نڪي هن، نڪي سندس يوڌاڳن انهن ڏي ڪو ڌيان ڏنو. سندس للڪار جو آواز سمنڊ جي گجڪار کان بہ تکو هو.

هڪ گهور لڙائي لڳي. رت جون نهرون ٿي پييون. ڌڌر آسمان ڏانهن اُڏامڻ لڳي ۽ سڀ ڪي ڍڪجي ڇڏيائين، ايتري قدر جو پرٿويءَ تي ڀيانڪ اَنڌڪار ڇانئجي ويو. ٻنهي طرفن ۾ ڏاڍو ڪوس ٿيو. ڪمد، نل، مئيند ۽ دوود، اَڪمپن تي وار ڪيو، پر هو پاڻڪي همت سان بچائيندو رهيو.

يڌ جو رخ وانر سئنا جي ورڌ هو. هو ڀاڄ کاڻڻ وارا ئي هئا، تہ هنومان اتي اچي پهتو. هنومان جي اچڻ تي هنن ۾ اُتساهہ ۽ آس جاڳي. اَڪمپن هنومان تي تيرن جو وسڪارو ڪيو. پر هنومان اوڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنو، ۽ هن هڪ وڏي ڇپ ڪٽي اُن کي پنهنجي مٿي جي چوڌاري ڦيرائي اَڪمپن ڏانهن اُڇلايو. راڪشس جي تيرن ڇپ کي روڪي انکي چوُر چوُر ڪري ڇڏيو. پوءِ هنومان پنهنجو قد وڌايو ۽ هو سورج جيان اکيون جهوُنجهائيندڙ جلوي سان چمڪڻ لڳو. هڪ وڏي وڻ کي پاڙان پٽي ان سان راڪشس تي حملو ڪيائين ۽ راڪشس ڪسجي ويو. جئن ڀوڪمپ جي ڪري ڪو ٻيلو ڀيري ٿيو پيو هوندو آهي، تئن راڪشسن جو بہ حال ٿيو. سارو رڻ ڪيترن لاشن سان ڍڪجي پيو. جيڪي راڪشس بچي سگهيا هئا، سي ڀؤ ۾ اچي يڌ ڪيترن تان ڀڄي ويا ۽ وڃي لنڪا ۾ هيءُ ڏک ڀريو سماچار ڦهلائڻ لڳا. وانر هنومان جي چوڌاري ڀڄجي ويا ۽ رڙيون ڪري سندس ساراهہ ڪرڻ لڳا.

جڏهن راوڻ اَڪمپن جي مرتيوءَ جو ٻڌو، تڏهن سندس همت هارجي ويئي. اُنهيءَ هوندي بہ هن ڪروڌ ۽ نراشا جي

سر سئنا پتيءَ، جنهن اِندر ۽ سموريءَ ديوتائن جي سئنا کي جيتيو هو، تنهن کي وانرن ماري وڌو آهي. اسين هن ڳالهه جو اُچاريءَ ريت ويچار نہ ڪنداسين. اسان کي گهرجي تہ رام کي، سندس رٿ کي ۽ سندس بانډرن جي سئنا کي ختم ڪري ڇڏيون.“ ائين چئي راوڻ پنهنجي رٿ تي سوار ٿيو ۽ پرلئ ڪندڙ، رڊر جيان ٻاهر نڪتو. جئين راوڻ پنهنجي چمڪندڙ رٿ ۾ چڙهي ٻاهر نڪتو تئين هن وانرن جي سئنا ڏٺي ۽ سمنڊ جيان گجگوڙ ڪندڙ سندن رڙيون ٻڌيون.

جڏهن وانرن ڏٺو تہ راڪشسن جي هڪ نئين سئنا ڪوٽ مان ٻاهر نڪري رهي آهي، تڏهن هو وڻ ۽ پٿر کڻي اُنجي مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺا. ويڀشڻ رام کي اشارو ڪري هرهڪ راڪشس يوڌي جو پريچيہ ڏنو. چيائين، ”هن رٿ ۾ وينل سورج جيان چمڪندڙ يوڌو اِندرجيت آهي.“ اهڙيءَ ريت هڪ هڪ جي ڄاڻ ڪرائي اچي راوڻ تي پهتو. چي، ”هن وڏي رٿ ۾ چڙهيل سج جيان ڀڪندڙ ڏهيسر راوڻ آهي.“

رام راوڻ جي شاندار ۽ ڀڪندڙ شڪل کي دلچسپيءَ ۽ کهل ڀريءَ نظر سان ڏٺو. چياءِ، ”نرسنديہ، هو هڪ مهان يوڌو آهي. پر هو اهڙو پاپي آهي جو کيس مارڻ ئي گهرجي.“

راوڻ انيڪ وانرن تي وار ڪري کين ڌرتيءَ تي ليٽائي ڇڏيو. نيل راوڻ جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو. پر هو اگني ٻاڻ دواران ڪري پيو. هنومان راوڻ تي ڏاڍيءَ سختيءَ سان حملو ڪيو. ڪجھ وقت ٻئي وڙهڻ ۾ هڪ ٻئي جو مٽ پئي ڏسڻ ۾ آيا، پر راوڻ کي جيتڻ ڪنن هو ۽ هن وانر سئنا ۾ هاهاڪار مچائي ڏني.

پوءِ لڳي لڪشمڻ ۽ راوڻ جي وچ ۾ يڌ. لڪشمڻ بي سرت ٿي ڪري پيو. پر هنومان وچ ۾ پئي لڪشمڻ کي رام وٽ کڻي ويو.

رام پوءِ هنومان جي ڪلهن تي چڙهي راوڻ سان يڌ ڪئي.

جئن پتنگ باھہ ڏانھن ڊوڙندا آھن، تئن راکشس سئنا وانرن جي مٿان اچي ڪڙڪي.

رام چيو: ”ھوڏانھن نھاريو. ڏسو ت اُتاه سئنا کي پنھنجي ھٿ ھيٺ ڪري ھڪڙو راکشس ٻاھر اچي رھيو آھي. ٻڌايو ت ھو ڪير آھي؟“

ويڀيشڻ وراڻيو: ”ھن جو نالو پرھست آھي. ھو راوڻ جو سر سئناپتي آھي. ھو سامراجي سئنا جي ٽئين پتيءَ جو سرڪرد و آھي.“

ڀيانڪ جنگ شروع ٿي ويئي. وانرن جي ھٿن ۾ ھڻا، وڻ ۽ چٻون; راکشسن وٽ ھيون ترارين ۽ ڀالا، ڏنش ۽ ڪھاڙيون. وانرن ٻاڻن جي بدران پٿرن جي ورشا ڪئي. ٻئي ڌريون ھڪ ٻئي جي ويجھو اچي ھڪ ٻئي کي ٻک وجھڻ ۽ پڪڙڻ لڳيون. ٻئي ڌريون ڏاڍيءَ جوش سان لڙيون. سمورو لڙائيءَ جو ميدان رت ۾ ٻڏي ويو.

پرھست جا پوئلڳ ھئا نرانتڪ، مھاناد، ڪمڀانُو ۽ ٻيا. سندن سامھون ھئا دوود، درمک ۽ جامبوان. اُنھيءَ لڙائيءَ ۾ پرھست جا پوئلڳ ڪسجي ويا. پوءِ پرھست ۽ نيل جي وچ ۾ ھڪڙي لنبي لڙائي لڳي. اُنت ۾ پرھست لوھ جي ھڪ ڳؤري گدا کڻي نيل ڏانھن ڪاھيندو آيو. نيل وري ھڪڙي وڏي چپ پھاڙ مان اُکڙي، اُن سان پرھست جو مٿو ڏاري وڌو. ھو اُتي جو اُتي مري ويو.

راکشس يوڌا ھيڏانھن ھوڏانھن ڀڄڻ لڳا. ھن وڏيءَ سوڀ کانپوءِ نيل رام ۽ لڪشمڻ وٽ ويو ۽ کين پرنام ڪري ساري وارتا ٻڌائي. رام ۽ لڪشمڻ سندس شڪتيءَ جي پرشنسا ڪئي ۽ کيس واڌايون ڏنيون.

يڌ جي ميدان مان جيڪي بچي ويا تن مان ڪن راکشسن وڃي راوڻ کي سڌ ڏني ت اگني پتر نيل، پرھست کي ماري وڌو آھي. راوڻ دک ۽ ڪروڌ ۾ ٻڏي ويو. چيائين ”منھنجو

اهڙن اُٻڪن هوندي به راوڻ اهو پڪو نشچيه ڪيو هو ته
هو انت تائين لڙندو. انهيءَ ڪري هن وشيش آگيائون ڪڍيون
جٽڪ انت ۾ سندس ئي جيت ٿيڻ واري هئي.

”يوڌن کي گهرجي ته ڪوٽ جي سيني پاسن کان رکيا
ڪن. منهنجو ڀاءُ گهريءَ ننڊ ۾ پيو آهي. هو مؤج ۾ سمهيو
پيو آهي ۽ هنکي منهنجي چنتا جي ڪا به ڄاڻ ڪانه آهي.
جيڪڏهن هنکي ڇڏي ڏبو ته هو مهنن جا مهنا جاڳندو ئي
ڪونه. هن سمهڻ شروع ڪيو تنهنکي رڳو نوَ ڏينهن ٿيا
آهن. ڪيس يڪدم وڃي جاڳايو. جيڪڏهن هو جاڳي ڪري
جنگ تي چڙهندو ته پوءِ شتروءَ جي سئنا ڪٿو ڪٿو ٿي
ويندي. ڪنهنکي شڪتي آهي جو منهنجي ڪنڀڪرڻ جي
سامهون بيهي سگهي؟ جيڪڏهن هو جاڳي منهنجي شترن سان،
جنگ جوٽي ته پوءِ مونکي ڪو به ڀؤ ڀولو نه آهي.“

راوڻ جا ڪرمچاري ۽ سندن نوڪر چاڪر سندس آگيا
موجب ڪنڀڪرڻ جي محل ڏانهن ويا. انهن کي ڄاڻ هئي
ته جنهن ئي ڪنڀڪرڻ اکيون کوليندو، تنهن ئي ڪيس ڏاڍي
سخت بک لڳندي. انهيءَ ڪري هنن هن جي لاءِ کاڌي پيتي
جا ڍير تيار ڪري رکيا. پوءِ انهن ڏاڍو گوڙ شروع ڪيو. دهل
وڄايائون، ۽ شنکن ۽ نادن کي خوب ڦوڪيائون. هنن وڏي
راڪشس جي ڀاري شرير کي خوب لوڏا ڪڍايا. ائين ڪندي
ڪيترا راڪشس ته ٿڪجي پيا. دهلن، توتارين ۽ رڙين سان انهن
ايترو آواز ڪيو جو سارو آسمان اُن سان گونججي ويو ۽ لنڪا جا
سڀ پکي، پسون ڏڪي ويا. پر ڪنڀڪرڻ کي اهڙي گهري
ننڊ هئي جو هن ڪجهه ٻڌو ئي ڪونه. راڪشسن هنکي جاڳائڻ
لاءِ ڏاڍا يتن ڪيا. هاٿين کي سندس شرير مٿان گهمايائون
۽ وڏيون لنبيون ڪٺي هنکي خوب ڪٽيائون.

نيٺ سندس ڇپر ٿورو کليا. جنهن کو ننڊ ۾ پيل آدمي

راڪشس راڄ کي سخت گهاءِ رسيا. سندس سونو ڇٽ ڀڃي پيو. سندس رٿ به ڇيهون ڇيهون ٿي پيو. جڏهن هن جو هرهڪ هٿيار ڇڪنا چور ٿي ويو، تڏهن هو رام جي سامهون سڌو ٿي بيٺو.

رام چيس، "هاڻ تون هليو وڃ. تون اڄ ڇڱيءَ ريت وڙهيو آهين. وڃ، وڃي آسايش پٽ. سپاهي تازو توانو ٿي، هٿيار کڻي وري وڙهڻ لاءِ اچج." راوڻ شرمندو ٿيندو نگر جي اندر ويو.

اڌياءُ ٧١

راڪشس جو چڙڻ

جڏهن راوڻ مايوس ٿي، هٿ هاري، ڪوٽ جي اندر موٽي آيو، تڏهن ديوتائن ڏاڍيون خوشيون مڃايون. هنن سمجهيو ته سندن ڪشٽن جو جلد انت ٿيڻ وارو آهي. راوڻ جڏهن ڪوٽ ۾ گهڙيو تڏهن هو ڏاڍو شرمندو ٿي لڳو. سندس من ۾ چنتا هئي. توري دير ويچار ڪرڻ ڪانپوءِ وري سندس من ۾ همت جاڳي ۽ پنهنجي سهيل ڀاءُ ڪنڀڪرڻ کي جاڳائڻ جي آڳيا ڪيائين.

ڪنڀڪرڻ کي هڪ سراپ مليل هو: انهيءَ جي ڪري هو مهنن جا مهنا سانده سمهندو هو. جن گهڙين جو اڳين اڌياءِ ۾ ورنن ٿيل آهي، تن کان اڳ رڳو تورا ڏينهن اڳ، هو سمهيو هو. راوڻ پنهنجي منترين کي چيو ته هر پرڪار جو يتن ڪري ڪنڀڪرڻ کي يڪدم جاڳائي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪريو.

راوڻ دل ۾ چيو، "منهنجون سڀ تپسيائون ونرٿ ويئون آهن. ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته رشيءَ جي اڳڪٿي سچ ٿيندي."

شاندار پر اُداسي ڇهري سان لنڪا جي راج محل ڏانهن وڏيون ڍرانگهون پائي ويو.

جنهن وقت راج مارگ تان لنگهي محل ڏانهن تي ويو، تنهن وقت جيڪي راڪشس انهيءَ رستي تي بيٺا هئا، تن ۾ نئين همت ۽ خوشي آئي. هنن سر جهڪائي مٿس گلن جي ور ڪا ڪئي. هو محلات جي اندر ويو، راوڻ جي پرسان بيٺو. راوڻ جڏهن پنهنجي هن اتل پراتا کي ايندو ڏٺو، تڏهن هن سنگهاسن تان هيٺ لهي کيس گلي لڳايو.

ڪنڀڪرڻ چيو: ”منهنجا پراتا، مان اوهان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ اوهان منهنجي ننڊ ڇو ڦٽائي آهي؟ اوهان ڇا ڪان ڏکي رهيا آهيو؟ مونکي ٻڌايو ته اهو ڪير آهي جيڪو پنهنجي جان مان بيزار ٿيو آهي ۽ لاش ٻڻجڻ ٿو چاهي!“

راوڻ وراڻيو: ”پراتا! توکي سڌ ڪونه آهي ته اَسان جي نگر ۾ ڇا ٿيو آهي. اَوهان ننڊ ۾ اَلوٽ ٿيا پيا هئا. هو ماڻهو، رام، منهنجي لاءِ سچ پچ هڪ وڏي خوف جو ڪارڻ ٻڻجي پيو آهي. اسان سمجهو هو ته ڪوبه اسانجو سمنڊ لتاڙي ڪونه سگهندو، پر هن سمنڊ تي هڪ بند ٻڌو آهي. هاڻي جهڙيءَ ريت سمندر اسانجي لنڪا جي چوڌاري ڦهليل آهي، ساڳيءَ ريت وانر سينا لنڪا کي ويڙهي ويئي آهي. اسان جا يوڌا جيڪي ڪوٽ مان اوچتو نڪري هنن سان وڙهڻ ويا تنجي هار ٿي آهي ۽ لڳ، ڀڳ، سمورا ناس ٿي ويا آهن. هاڻي تنهنجو ڪم آهي ته اَچي اَسانکي بچاءِ، جئن اَسين سمورا ناس ٿي نه وڃون. مونکي سڌ آهي ته توکي اِئين ڪرڻ جي شڪتي آهي. مونکي اِها به سڌ آهي ته يڌ ۾ تون ڪيڏو نه چاهه وندو آهين ۽ ڪيتري نه همت سان لڙندو آهين. هاڻي وڃ، وڃي هنن شترن کي سماپت ڪر ۽ هن مشڪلات جي سمي اسانجي مدد ڪري لنڪا کي بچاءِ.“

ڪنڀڪرڻ جڏهن راوڻ جا چنتا ڀريل لفظ ٻڌا، تڏهن

مڇر کي پنهنجي شرير تان اُڏائي ڇڏيندو آهي، تئين ڪنڀڪرڻ انهن سڀني راڪشسن کي هڪ طرف اُڇلائي ڇڏيو. پوءِ هن هڪ اوباسي ڏني.

اهڙي ريت ڪنڀڪرڻ جي ننڊ اُکلي. ٻيءَ حالت ۾ سندس ننڊ مهنن جا مهنا هلي ها. هنکي ڇو جاڳايو ويو، اُنجي ڪيس خبر پوي تنهن کان اڳ، هو خوب کائڻ پيئڻ ۾ لڳي ويو. سندس کائڻ لاءِ مانس جا ڍڳ، رت جا مٽڪا ۽ شراب جا دنگ موجود هئا. هن اهي سڀ کائي کپائي ڇڏيا. ائين کائڻ ڪري جڏهن هن جي بک ڪي قدر شانت ٿي تڏهن راڪشسن ڪيس جاڳائڻ جي ڪارڻ جي ڄاڻ ڪرائي.

راوڻ جي وزير يوپاڪش چيو: ”اي مهنجا ڌڻي، اسان جنگ ۾ هارايو آهي ۽ ڏاڍي خطري ۾ آهيون. اوهانکي سيتا جي جهڳڙي جي يادگيري هوندي. رام ۽ لڪشمڻ وانرن سان گڏ آيا آهن ۽ ڪوٽ کي ڀڃي رهيا آهن. وانرن جي سٽنا لنڪا جي چوڌاري ائين ڦهلي پيئي آهي جئن سمنڊ انجي چوڌاري ويٺو آهي. راوڻ پاڻ ٻه يڌ ڪرڻ ويو هو. پر هنکي ميدان مان شڪست ملڻ جي ڪري پوئتي اچڻو پيو. اهو اسانجو ڀاڳ، آهي جو هو جيئندو جاڳندو موٽيو آهي.“

اها ڳالهه ٻڌي ڪنڀڪرڻ کي ايترو ته ڪروڌ آيو جو هو آپي کان ٻاهر نڪري ويو. هن چيو: ”هاڻي جو هاڻي مان ويندس ۽ دشمن کي ناس ڪندس. مان وانرن کي ماريندس ۽ رام ۽ لڪشمڻ جو رت پيئندس. اهو ڪم پهرين پورو ڪري پوءِ وڃي راجا سان ملاقات ڪندس.“

هن پرڪار جو ڪروڌ سان ڀريل ڀاشڻ ٻڌي، منتري ڏاڍو پرسن ٿيا. پر هنن ڪنڀڪرڻ کي ويئتي ڪئي ته هو پهرين راجا سان ملي ۽ جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي انهن بابت هن سان صلاح ڪري.

ڪنڀڪرڻ اِها ڳالهه سويڪار ڪئي. پوءِ هٿ منهن ڌوئي،

سياٽپ هٿي يا اياٽپ، سو هاڻ اڃايو آهي. سوال ته اهو آهي ته هن وقت جي مشڪلات ۾ اسين ڇا ڪريون. تنهنجو ڌرم آهي ته پنهنجي شڪتي ۽ هنر ڪم ۾ آڻي، اڳين ڀلن جي ڪري جيڪا هن وقت برباديءَ تي رهي آهي، تنهن کي دور ڪر. سچو مترُ ۽ سچو مائٽ اهو آهي جيڪو ٻئي کي ڪنائيءَ ويل، انهيءَ اوڙاهه مان جنهن ۾ هو پنهنجي مورکتائيءَ جي ڪري وڃي پيو آهي، تنهن مان ڪڍي ٻاهر ڪري. جيڪڏهن سچ پچ توکي اسان لاءِ ڪجهه سنيهه آهي ته هيءُ ئي وقت آهي ته اسانکي مدد ڪري اهو ڏيکار. اسان جي ڪرمن جي اجائي پچار نه ڪر. مونکي تنهنجي شڪتيءَ ۽ ٻل تي ڀروسو آهي. پنهنجي اَٿاهه همت سان مونکي هاڻ بچاءِ."

راوڻ جي هن پرڪار جي منٿ هٺي هند ڪيو. ڪنڀڪرڻ جي من ۾ پريم پئدا ٿيو. هن آکيو، "وڏ يڪ ڪا چنتا نه ڪريو. مان اوهانجو پاءُ آهيان ۽ ڪڏهن به اوهانکي ڪونه وساريندس. پڪ ڄاڻو ته رام ۽ لڪشمڻ مٺائي پيا آهن. مان سندن وانرن جي سئنا کي چڙو چڙ ڪري ختم ڪري ڇڏيندس. رام جو سر لاهي اچي اوهان جي چرنن ۾ اُڇليندس. اوهين ڏسندا ته وانر راج جو رت پڌ کيتر ۾ وهي رهيو آهي. جيڪڏهن رام اوهان تاءِ پهچي سگهيو ته هنکي ايستائين پهچڻ لاءِ منهنجي لاش کي لتاڙڻو پوندو. پر اها ڳالهه سنڀؤ ڪونه آهي، ڇاڪاڻ جو مونکي ڪو به جيتي يا ماري ڪونه سگهندو."

هاڻي ڪنڀڪرڻ جو گهمنڊ اُڀرڻ لڳو. هن رڙ ڪري چيو، "ڪير به ڪري منهنجو شترو هجي، مان پڪ ئي پڪ هنکي پورو ڪندس. يم سامهون اچي، سوريه اچي، يا اگني اچي، مان سڀني کي ڪائي ختم ڪندس." اهڙا پهه پڇائيندي هو پڌ کيتر ڏانهن ڊوڙڻ لڳو.

ڪيس جو اوچتو ننڊ مان جاڳايو ويو، انهيءَ ڪري سندس

هڪوار ته سندس دل اندر ڪروڌ پيجي آيو. هن کي شترو جي ورڌ ڏاڍو جوش آيو. پر جلد ئي ڪيس سموري ڪهاڻيءَ جي يادگيري پيئي ته ڪيئن راوڻ کي ڪوڙي ايمان وچان اهو وشواس هو ته هو بلڪل اجيت آهي. انهيءَ ڪري هن کي قدر ڪؤڙو منهن ڪري مشڪيو. چيائين: "منهنجا پياتا! مونکي ڪميا ڪريو. جنهن وقت اوهان اسان سان صلاح ڪئي هئي، تنهن وقت اسان اوهان کي نتيجي بابت چتاءُ ڏنو هو، پر اسان جي چتاءَ جي اوهان رتي به پرواهه ڪانه ڪئي. جن ڳالهين جو اسان کي ڊر تي تيئو سي هاڻ سچيون نڪتيون آهن. اسان توهانکي چڱي مت ڏني. پر اوهان اها ٺوڪاري ڇڏي. هاڻي اوهان پنهنجي پل ۽ پاپ جو ڦل ڀوڳي رهيا آهيو. اوهان سيتا کي ڪڍي آيا. جڏهن ڪو ڪام جي وس ٿي، پوري سوچ ويچار بنا ڪرم ڪندو ته پوءِ بيو ڪهڙو نتيجو ٿيندو؟ جيڪڏهن توهانجي اها چاهنا هئي، ۽ توهان کي پاڻ ۾ وشواس ۽ بل هو، ته اول رام ۽ لڪشمڻ کي ماري، پوءِ سيتا کي ڪڍو ها. پر توهان پوري سوچ ويچار کان سواءِ اُجوڳي نموني ڪم ڪيو. جيڪڏهن ڪو سچن مترن ۽ مائٽن جي صلاح نه وٺندو يا صلاح وٺڻ کان پوءِ انهيءَ انوسار نه هلندو ته اوس جوکم ۾ ايندو، بلڪ هنجو سروناس ٿيندو. ڇا، اوهان کي ڄاڻ ڪانه هئي ته هي ڳالهيون ٿينديون؟ ڇا، راجا جو اهو ڌرم نه آهي ته سهي ڪري ته ڪير ڪيس سچي مت ۽ ڪير ڪيس بري مت ڏيئي رهيو آهي؟"

راوڻ کي هيءُ وڏو اپديش ڪونه آئڙيو. هن سڀ نيتي مريادا، ۽ راڄ وهنوار تي سڌانتن جون سکيائون بنه وسري ويون. سندس منهن ڪاوڙ ڪري ڳاڙهو لال ٿي ويو. پر پاڻ کي روڪي، هن چيو، "پياتا! هاڻي هنن ڳالهين ڪرڻ جي ويل گذري چڪي آهي. هن سمي مونکي تنهنجي آلوچنا جي گهرج ڪونه آهي. مونکي گهرجي تنهنجي بل جي سهايتا. جيڪي ٿيو سو ٿيو. اهو ويچار ڪرڻ ته هو نيڪ هو يا نه، ان ۾

نيتائن ڏاڍي ڪٺنائيءَ سان ڪين موٽائي ڳڏ ڪري يڌ جي ڍنگ ۾ ٻهاريو.

آڌياءُ ٧٢

نارائڻ شايد پاڻ اچي پرگهٽ ٿيو هجي

انگد وانرن کي موٽائي ڳڏ ڪيو. منجهن هاڻي وري همت جاڳي ۽ هو يڌ جي نيمن انوسار ڪنڀڪرڻ سان لڙڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. پهاڙن جون چوٽيون کڻي هنجي مٿان وساياٿون ۽ وڻن کي پاڙون پٽي هنکي سخت ڌڪ هڻڻ شروع ڪياٿون. پر هن انهن ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏنو ۽ مشڪندي وانرن کي هڪ هڪ ڪري ڪنهن اڳ سوچيل آئياچاري رٿا انوسار يم لوڪ ڏانهن روانو ڪندو ويو. اهو ڍنگ ڏاڍو ڏهڪائيندڙ هو. ڪيترا وانر نئين ٺاهيل پل جي پاسي ڀڄندا ويا. ڪي وري پاڻکي بچائڻ لاءِ سمنڊ جي ڪناري تي ۽ ٻيلن ۾ وڃي لڪي ويٺا.

انگد کي وري به وانر سينا، سينا پتين ۽ يوڌن ۾ اُتساهه ڦوڪڻ جي ضرورت ٿي. ڪين نيڪ ڍنگ سان ڀاري ڪنڀڪرڻ تي وار ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو پيو.

دوود، هنومان، نيل، ورشڀ، سرڀ ۽ ٻين نيتائن ڪنڀڪرڻ تي شوخيءَ سان وار ڪيو. پر هن انهن جي پرواهه به ڪانه ڪئي ۽ پنهنجو قتل جو ڪم ڪندو رهيو. خود انگد کي به ڌڪ لڳو. انهيءَ ڪري انگد ٻي سرت ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيو. سگريو کي به اهڙو ڌڪ لڳو جو ڪري پيو. ڪنڀڪرڻ ٻي سرت وانر راج کي خوش ٿيندو لنڪا ڏانهن کڻي ويو. راڪشس سينا ڏاڍيون خوشيون ڪيون ۽ سڀ جا نعرا هنيا. ڪنڀڪرڻ جي اِڇا هئي ته ٻانڌ ٿيل وانر راج کي هو راوڻ

سياءُ ۾ اول گڙٻڙ اچي ويئي هئي. پر جڏهن هن ڪائي پي ٻڌو ڪيو، تڏهن وري هن جا پت شانت ٿيا ۽ هو راوڻ سان سياڻپ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. راوڻ جي دردشا ڏسي سندس پراتري سنيھ ۽ ديا جو ڀاو جاڳي پيو ۽ هن ٻيون ساريون ڳالهيون وساري ڇڏيون.

راوڻ پرسن ٿي اُڪير مان چيو، ”اي منهنجا سچا ڀوڏا! اي منهنجا ڀراتا! گهرج جي ويلي کھڙو نہ تون سچو متر آهين!“ راوڻ کي پڪ هئي تہ ڪنڀڪرڻ سوڀارو ٿي موٽندو. انهيءَ ڪري سندس من جي اوستا اِئين سڌري جيئن ڪو گهاتي روڳ ۾ قاتل روڳي سکر ٿيندو ويندو آهي.

ڪنڀڪرڻ پنهنجو وڏو ڀالو کڻي اڪيلوئي يڌ ڪيتر ڏانهن هلڻ لڳو، پر راوڻ کيس روڪي سندس سهايتا لاءِ وڏي سئنا رواني ڪئي. هن پنهنجي ڀراتا جو سارو شرير سندر وسترن ۽ رتن جواهرن سان سينگاري کيس آشيرواد ڏيندي چيو: ”منهنجا وير، وڃ! شتروءَ کي ناس ڪري سوڀارو ٿي ورنئي موٽ!“

ڪنڀڪرڻ هڪ هو قد جو وڏو، ٻيو سندس ٻانهون ڊگهون هيون لنبيون، وري ساري شرير تي هئس چمڪندڙ رتن ۽ وستر، سو اهڙو ٿي ڀڪيو جڻڪ پاڻ ترووڪرم هجي. هن پنهنجي پاءُ کي پرڪرما ڏيئي، سندس اڳيان سر جهڪايو. وڏيءَ سئنا جو اڳوان ٿي، ڀالو هٿ ۾ کڻي هن ڪوچ ڪيو. راڪشسن مٿس گلن ۽ ساراهہ جي ورشا ڪندي ڏاڍي کيس آشيرواد ڏني. ڪنڀڪرڻ جو شرير هو ڀاري. هو راڪشسن جي وچ ۾ هڪ مهان راڪشس ٿي لڳو. هو ڪوٽ جي دوار مان ٻاهر نڪرندي پرليءَ جي سمي جي يم جيان ٿي ڏسڻ ۾ آيو، جڻڪ ڪا قدرتي وڏي آپدا اچي پرگهٽ ٿي آهي. وانر کيس ڏسي ڏڪي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. سندن

لڪشمڻ پنهنجي ٻاڻن جي وسيلي هنجي واڙ کي روڪڻ جو يتن ڪيو. پر راڪشس لڪشمڻ کي پاسو ڏيئي، رام جي سامهون ٿيڻ لاءِ ڊوڙندو آيو.

ڪيترو وقت سانده رام پنهنجا تڪا تير ڪنڀڪرڻ تي ڇٽيا. جنهن تير سٽن سال-وڻن کي ڇيريو هو ۽ جيڪو ٻاليءَ جي ٻجر جهڙي شرير ۾ گهڙي ويو هو، سو به ڪنڀڪرڻ تي ڪو اثر ڪري نه سگهيو.

وڏيڪ تڪا ۽ شڪتي شالي ٻاڻ ڇوڙي رام راڪشس جي ٻانهن ۽ پيرن کي ڪٽي ڇڏيو. اُنهيءَ هوندي به هو رڪيو ڪونه. رڳو مؤت ئي هن کي روڪي سگهي ها. هنجون ٽنگون ڪٽيون ويون. پر هو بنا ٽنگن جي، ڪاٺ جي ٽنگن تي هلندو رهيو ۽ پنهنجي ڀاءُ جي پاران راڪسي شوخيءَ سان لڙندو رهيو.

نيٺ رام پنهنجي ٻاڻ سان هن جو سر ڪٽي ڇڏيو.

ڪنڀڪرڻ جو وڏيل سر رام جي ٻاڻ جي زور سان آسمان ۾ چڙهي ويو ۽ پوءِ رت سان رڱيل لنڪا ۾ ائين ڪري پيو جئين ڪا ٽڪري جنهن تي ٻيٺل ٻيلن ۾ آگ لڳل هجي. راوڻ کي سڏ موڪلي ويئي:

"اوهان جو پراتا ڪنڀڪرڻ، جيڪو پرليءِ ڪال جي يم جهڙو ڪروڙ ۽ ڀيانڪ هو، سو ڪٽل پوڏن جي سرڳ ۾ پهچي چڪو آهي. هن هزارن وانرن کي ماريو هو ۽ ڳچ وقت تاءِ رام ۽ لڪشمڻ جي سٽنا کي ناستيءَ جي پوَ ڊواران ڪنبائيندو رهيو. نيٺ رام پاڻ ڪيس پورو ڪيو. هاڻي سندس ڳؤرو ڇڇريل شرير جنهن جون ٽنگون ۽ ٻانهون ڪپيل آهن، ائين ڪريو پيو آهي جئن ڪو جهنگل جي آگ ڊواران بدزيبو ٿيل ٻاري وڻ. سندس شرير جو ڪجهه ڀاڱو سمنڊ ۾ وڃي پيو آهي. ان جو پيو وڏو ٽڪر ڪوٽ جي لنگهه وٽ روڪ ڪري پيو آهي. سندس وڏيل مٿو آسمان مان اُڏامي اچي نگر ۾ ڪريو

ڏانهن ڪڍي ويندو ۽ وڃي ڪيس سوکڙيءَ طور ڏيندو.
سوپارو ڪنڀڪرڻ جنهن بي سرت وانر راج کي ڪڍي راج مارگ تان لنگهيو ٿي تنهن ڪڏن تي بيٺل راڪشسن ۽ راڪشساڻين مٿس گلن ۽ چندن چوري جي ورکا ڪئي. انهيءَ ڪري سگريو پاڻ سجاڳ ٿي پيو. هن اکيون کوليون ۽ جيڪي ڪجهه ٿيو هو ۽ جتي هو اچي پهتو هو، انهيءَ تي ڪيس اچرج لڳو. هن سيگهه مان سموري ڳالهه پروڙي ورتي. پوءِ هن راڪشس کي چڪ پائڻ شروع ڪيا ۽ پڻ پنهنجي ننهن سان هنجا ڪن ۽ نڪ چيرڻ لڳو. انهيءَ ڪري ڪنڀڪرڻ بيزار ٿي پيو. سو انهيءَ ارادي سان ته وانر راج کي پيرن جي هيٺان لتاڙي پورو ڪريان، ڪيس ڪري ڌرتيءَ تي اڇلايائين. سگريو ڌرتيءَ تي ڪرندي ئي هوشيار ٿيو ۽ ٽپ ڏيئي آڪاش مان اُڏامي اچي اُتي پهتو جتي رام هو.
هنومان کي پڪ هئي ته ڪنهن نه ڪنهن ڍنگ سان سگريو پاڻ ڇڏائي واپس ايندو. سگريو جي موٽي اُچڻ جي اُميد دل ۾ رکي هنومان وانر سينڪن کي گڏ ڪري وري يڌ لاءِ تيار ٿيو.
چاڪاڻ جو ڪنڀڪرڻ جو نڪ ۽ ڪن چيريا پيا هئا، انهيءَ ڪري سندس روپ ڀيانڪ ۽ هيبتناڪ ٿي پيو هو ۽ ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو، جهڙڪ شام جي وقت جو هڪڙو رتول رنگ جو بادل آهي؛ يا ته پرليءَ جي سمي جو ڪال ڀڳوان آهي. انهيءَ روپ ۾ هڪ ڀاري لوهه جي گدا هٿ ۾ ڪڍي هؤ اچي وري يڌ جي کيتر ۾ پهتو.
هاڻي ڪنڀڪرڻ کي ڪو به نٿي روڪي سگهيو. هو وانرن کي ماريندو ڳڪائيندو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ساري سينا ڪٽجندي ٿي ويئي. وانرن ڪنڀڪرڻ جي هن قتلام کي روڪڻ لاءِ هنجي شرير تي ٽپ ڏنا ۽ ان کي پنهنجن ننهن ۽ ڏندن سان چيرڻ لڳا. پر انهيءَ جو مٿس ڪو اثر ڪونه ٿيو. هن ڪين مکين جيان پنهنجي بدن تان اُڏائي ڇڏيو. ڪو به وانر نيتا هنکي جهلي نه سگهيو.

وڍڻ لڳو. انگد سندس سامهون ٿيو ۽ ڪيس ۽ سندس گهوڙي کي ماري ڇڏيائين.

ساڳيءَ ريت ديوانتڪ ۽ ترشرس کي هنومان ڪهي ڇڏيو ۽ مهودر کي نيل ماريو. اَتيڪايه لڪشمڻ جي ٻاڻ جو شڪار ٿيو. انهن ڇهن يوڌن مرڻ کان اڳ، يم جيان لڙائي ڪئي هئي ۽ وانرن جي سينا ۾ ٻاڪر ڪنو وجهي ڇڏيو هئو.

جڏهن راوڻ ٻڌو ته اتيڪايه مري ويو آهي تڏهن هو وائڙو ٿي ويو.

”هيءَ ڳالهه ته ويساهه ۾ اچڻ جوڳي نه آهي! هي منهنجا يوڌا جيڪي پهاڙن جهڙا دريءَ ۽ ٻلوان ۽ مها ساگر جهڙا اَجهل سي هنن شترن دوارا هڪ هڪ ڪري ماريا ويا آهن. جن اڄ ڏينهن سوڌو هار جو منهن ڪونه ڏٺو هو تن جي هار ٿي آهي ۽ هو يڌ کيتر ۾ مئا پيا آهن. منهنجا ويري سامهون بيٺا آهن. هو انهيءَ ناگ-ڦاس مان به نڪري ويا آهن جنهن سان منهنجي لاکيڻي پٽر اندرجت کين ٻڌو هو. هن منش رام جيڪو چمتڪار ڪري ڏيکاريو آهي سو منهنجي سمجهه ۾ ئي نٿو اچي! نارايڻ شايد پاڻ اچي پرگهٽ ٿيو هجي.“

اهڙيءَ ريت مونجهاري ۾ اچي راوڻ جي دل لهي ويئي. هن جي اِڇا هئي ته شترن جي سينا ڪوٽ جي اندر نه اچي، ۽ خاص ڪري اشوڪ واٽڪا ۾ ته پير نه پائي. هن وري به بچاءُ بندن جي پڙتال ڪئي ۽ لٿل دل ۽ ملول منهن سان نڍڪو ٿي پنهنجي محل ۾ موٽي آيو.

اَڌياءُ ٧٣

اِندرجيت جو موت

اِندرجيت پنهنجي پتا کي آٿت ڏيندي چيو، ”جڏهن

آهي ۽ اتي ئي پيو آهي. توهانجو پيارو ڀاءُ پرلوڪ راهي ٿيو آهي.“

جڏهن راڪشسن راوڻ کي هيءَ وارتا ٻڌائي تڏهن هن ائين ڀانيو ته سندس سرير مان ساهه ئي نڪري ويو آهي. هو بي سرت ٿي ويو.

جڏهن راوڻ سجاڳ ٿيو تڏهن هو دک ۽ ڪروڌ ۾ دانهون ڪرڻ لڳو: ”اي شڪتي شالي يوڌا! مونکي ڇنڻي ڇڏي تون يم لوڪ ڏانهن ڪيئن هليو وئين؟ منهنجي سڄي ٻانهن ويجي ويئي! تون اهڙو هئين جنهن سان ساري سنسار ۾ ڪوبه مقابلو نٿو ڪري سگهي. پوءِ توکي رام ڪيئن ماريو؟ مان ڏسان ٿو ته تنهنجي موت ڪري ديوتائون ديو لوڪ ۾ خوشيون منائي رهيا آهن. وانر به موج ۾ اچي نچي رهيا آهن. هاڻي هيءَ راڄ منهنجي ڪهڙي ڪم جو آهي؟ جڏهن منهنجو پيارو ڀاءُ مونکي ڇڏي ويو آهي، تڏهن مان هن جيون کي ڇو ڇهٽي پوان؟ هائو، مونکي انهيءَ ماڻهوءَ کي پيڙي مارڻو آهي جنهن منهنجي ڀاءُ کي ڪُٺو آهي!“

پوءِ هن اوچتو بي سود پڇتاءُ ڪندي چيو: ”هاءِ! مان وڀيشڻ جي ڳالهه تي ڌيان ڇو نه ڏنو؟“

ترشرس ۽ سندس ڀيڻ ڀٽن راوڻ کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

هنن چيو: ”هن پرڪار جي روڄ راڙي مان ڪهڙو لاڀ؟ توهان برهما کان ٻل ۽ زرهه هٿ ڪئي آهي. پوءِ اوهان ڇو ٿا ڏکو ۽ ڇو ٿا ڏک ۾ ٻڏيون ڏيو؟“ ترشرس پوءِ پاڻ يڌ ڪيتر ڏانهن ويو. ڪيترا ٻيا سندس پنيان آتساهه سان هاٿين ۽ رٿن تي چڙهي ويا.

هاڻي هڪ گهور يڌ لڳي. نرانتڪ گهوڙي تي سوار ٿي ڀالو هٿ ۾ کڻي وانرن ۾ هاهاڪار مچائي ڏني! هو سگريو ڏانهن

۽ وانر سڱنڪن جا ٻاڻ سنڌن سرير مان ڪسڪي ٻاهر نڪرڻ لڳا. سنڌن ڦٽ ڇٽي ويا ۽ هو سگها ٿي اٿي ويٺا.

وري يڌ لڳي. رام سان صلاح ڪري، سگريو هاڻي ٿورا وانر چونڊيا ۽ کين آگيا ڪئي ته هو لنڪا جي اندر وڃي انکي آگ لڳائين.

اڌ رات جي ويلي هو مشعالون هٿ ۾ کڻي نگر ۾ داخل ٿيا. هنن پهريدار تي وار ڪري کيس ڪيرايو. پوءِ لنڪا جي محلن ۽ برجن کي آگ لڳائي. هزارين گهر جلي رک ٿيا. هيءَ شاندار نگر مٽيءَ جو ڍير ٿي پيو.

والميڪيءَ هن گهٽنا جو وستار سان ورنن ڪيو آهي. پڙهندي ائين ٿيو ڀاسجي ڄڻڪ ڄڻ هاڻوڪين جنگين ۾ شهر نشٽ ٿيندا آهن، تئن لنڪا نشٽ ٿي هئي.

جڏهن راوڻ ڏٺو ته وانر لنڪا کي جلائي رهيا آهن، تڏهن تپي لوهه ٿي ويو. هن ڪنڀڪرڻ جي پٽن، ڪنڀ ۽ نڪنڀ کي يُوپاڪش ۽ ٻين راڪشسن سان گڏ يڌ جي ميدان ڏانهن روانو ڪيو.

هڪ ٻي گهور لڙائي شروع ٿي. سگريو ڪنڀ کي قتل ڪيو ۽ هنومان نڪنڀ کي پورو ڪيو. کر جو پٽ مڪراڪش رام سان لڙندي، سندس جلائيندڙن ٻاڻن جو شڪار ٿي ويو. ٻيا به گهڻيئي ٻلوان راڪشس ناس ٿي ويا. پوءِ راوڻ جي آگيا سان اِندرجيت وري يڌ کيتر ۾ آيو. هو آڪاش ۾ اُڏامي اَلوپ ٿي ويو. اهڙيءَ ريت انترڌيان ٿي، هو وڙهڻ لڳو. وانر کيس ڏسي ڪونه ٿي سگهيا. هن پنهنجي جادوگريءَ جي رستي هڪ مايا-سيتا تيار ڪئي. اُن کي رٿ ۾ وهاري وانرن جي اڳيان هلندي انهيءَ مايا-سيتا کي سنڌن روبرو ماري وڌائين.

وانر گمراهه ٿي ويا ۽ ڏکي به ويا. هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا، "هاڻي وڌيڪ ويڙهه ڪرڻ جو ڪهڙو لاڀ؟ هو جنگ

مان جيئرو آهيان، تڏهن اوهان چنتا ڇو ٿا ڪريو؟“ ائين چئي سئنا ڪٺي ڪري وري هو اوچتو حملي ڪرڻ لاءِ ڪوٽ کان ٻاهر نڪتو.

هو وانرن جي سئنا تي ٽٽي پيو ۽ هزارن کي ماري ۽ ڦٽي وڌائين. سندس شوخيءَ اڳيان هو بلڪل بي وس هئا. اندرجيت جو برهماستر رام ۽ لڪشمڻ تي به اثر وجهي ٿي سگهيو. رام ۽ لڪشمڻ انهيءَ سان ٻڌا ويا. هو بي سرت ٿي ڌرتيءَ تي ليٽيا رهيا. راڪشس راجڪمار چنتا ۾ پيل پنهن جي پتا ڏانهن پنهنجي سڦلتا جو شڀ سماچار کڻي ويو.

وڀيشڻ ٽڙيلن پکڙيلن وانر نيتائن کي وري گڏ ڪيو ۽ منجهن اتساهه ۽ همت ڦوڪي.

جامبوان جيڪو به اڌ مئو ٿي پڪو هو، سو وانرن ۾ آهستہ آهستہ هلندي پڇڻ لڳو تہ ”هنومان جيئرو آهي يا نہ؟“

هنومان جامبوان کي نمسڪار ڪري چيو، ”هائو، مان جيئرو آهيان.“

ٻڍي وانر چيو، ”پٽ، اُتر پاسي وڃ ۽ سمنڊ پار ڪري هماليہ پهاڙ وٽ پهچ. رشڀ ۽ ڪئلاش پربتن جي چوٽين جي وچ ۾ هڪڙي جڙي ٻوٽين جي ٽڪري آهي. انهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اوشڌين جون چار ٻوٽيون آهن. جيڪڏهن تون اهي جلد کڻي ايندين تہ پوءِ رام ۽ لڪشمڻ ۽ وانر سئنا وري سجيت ٿيندي. سندن ڦٽ مٽندا ۽ هو وري يڌ ڪري سگهندا. هي ڪم ٻنا ڪنهن دير جي ڪر. تون ئي رڳو هيءُ ڪم ڪري سگهندين.“

هنومان ٽپ ڏيئي آڪاش ۾ اُڏاميو ۽ تڪڙو تڪڙو ويو. جنهن ٽڪريءَ جو پوج وانر جامبوان ڏس ڏنو هيس، تنهن تي وڃي پهتو. هو ٻوٽين کي سڃاڻي ڪونہ سگهيو، انهيءَ ڪري هو ساري ٽڪريءَ جي ٽڪري لنڪا ڏانهن کڻي آيو.

جڏهن سنجيوني ٽڪري اُتي آندي ويئي، تڏهن رام، لڪشمڻ

ڪري ڌرتيءَ تي ڪري پيو. ڪرندي ئي اهو باهه جيان چمڪڻ لڳو. ديون ۽ گنڌروڻ آڪاش مان گلن جي ورکا ڪئي.

لڪشمڻ پوءِ رام وٽ ويو. هنجو سڄو سرير ڦٽيو پيو هو ۽ ڦٽن مان رت وهي رهيو هو. هو جامبوان ۽ هنومان جي آڌار تي ڏيري ڏيري هلي رهيو هو. رام کي اِندرجيت جي موت جي سڌ اڳي ئي پئجي چڪي هئي.

هن رڙ ڪري چيو: ”لڪشمڻ! هاڻي راڪشسن جو انت ٿي چڪو. تو اهو ڪارج سڌ ڪيو آهي.“

لڪشمڻ پوءِ مرجاتا وچان هٽي بيٺو. پر رام کيس ڪڇي پنهنجي هنج ۾ وهاريو. سندس پيشانيءَ کي چمي خوشي ۽ آنند ڏيکاريو.

”تو بيشڪ هڪ مهان ڪارج سڌ ڪيو آهي. ٻئي ڪنهن کي ائين ڪرڻ جي مجال نه هئي. تو راوڻ جو سڄو هٿ کپي ورتو آهي. هن سنسار ۾ ڪير آهي جيڪو توسان، وڀيشڻ سان، يا هنومان سان برميچي سگهندو؟ مونکي ڪابه وڌيڪ چنتا ڪانه آهي. تو اِندر جي جيتيندڙ کي ماري مات ڪيو. مان ائين پيو ڀايان، ڄڻڪ مان سيتا کي اڳي ئي هٿ ڪري چڪو آهيان.“

راوڻ کي سڌ پيئي ته لڪشمڻ اِندرجيت کي ماري ڇڏيو آهي. جڏهن راوڻ کي اِها خبر پيئي ته اِندرجيت کي مارڻ ۾، لڪشمڻ کي وڀيشڻ سهايتا ڪئي هئي تڏهن سندس دک ۽ ڪروڌ اُڀري آيو. انهيءَ وقت جيڪي آنسون هن هاريا انهيءَ جاءِ کي ساڙيندا ويا جت اهي ڪريا ٿي. سن مک مان آگ جا اُلا نڪرڻ لڳا.

هن چيو: ”هاءِ، منهنجا پٽ! اي امت يوڌا! اي هي مها اِندر جا جيتيندڙ! ڇا نيٺ موت تو مٿان - ڇا تون سورمن جي سرڳ ڏانهن هليو وئين؟ پر ڪرڻ نه کپي.“

جو ميدان ڇڏي رام کي هيءَ ڏکدائي سماچار ڏيڻ ويا.

هن پرڪار جي چالاڪي ڪرڻ سان اِندرجيت کي ايترو سمون ملي ويو، جنهن ۾ هو اَسري يڳ ڪري سگهيو. رام ۽ لڪشمڻ به وانر يوڌن جيان سمجهيو ته سيتا سچ پچ مري چڪي آهي. انهيءَ ڪري هو دک جي ساگر ۾ ٻُڀيون ڏيڻ لڳا. هو بلڪل منجهي بي وس ٿي پيا. اُتي وڀيشڻ اچي کانئن پڇيو ته ڇا ٿيو آهي؟

هن سندن ڳالهه ڌيان سان ٻڌي چيو:

"اوهان ٺڳجي ويا آهيو. راوڻ ڪڏهن به سيتا کي ڪُسجڻ ڪونه ڏيندو. هيءَ رڳو جادوءَ جي چالاڪي آهي. اِندرجيت اوهانکي جادوءَ جي رستي جيتڻ ٿو چاهي. هو سمجهي ٿو ته رواجي نموني ڪيس جنگ کٽڻ جي ڪابه آس ڪانه آهي. انهيءَ ڪري هو پربل اَسري يڳه ڪرڻ ويو آهي. جيڪڏهن هو اهو پورڻ ڪري سگهيو ته پوءِ اسين ڪيس بنهه جيتي ڪونه سگهنداسين. انهيءَ ڪري اسانکي هلي سندس يڳه ۾ ڪنڊن وجهڻ گهرجي. لڪشمڻ کي يڪدم وڃي اِندرجيت جي ڪارج کي ڊاهڻ گهرجي."

رام اِها صلاح مڃي لڪشمڻ کي يڪدم اوڏانهن روانو ڪيو. وڀيشڻ کانسواءِ هنومان ۽ ٻيا وانر به ساڻس ويا. هو انهيءَ استان تي ويا جت اِندرجيت يوڌن ۽ پشاچن کي آهوتي ڏيڻ وارو هو. يڳ ۾ ڪنڊن پئجي ويو. سخت ۽ لنبي لڙائي لڳي. پنهنجي رٿ تي چڙهي راوڻ جي پٽ پنهنجا ٻاڻ هلايا. لڪشمڻ وري هنومان جي ڪلهن تي ويهي پنهنجا ڪان ڪشيا. ٻئي شڪتيءَ ۾ يڌ جي ڪلا ۾ هڪ ٻئي جو مٽ هئا. انهيءَ ڪري يڌ گهڻو وقت هلي. لڙائيءَ هلندي اِندرجيت جو رٿ ڀڄي پيو. ٻئي يوڌا ڌرتيءَ تي بيهي جنگ هلائيندا رهيا.

نيٺ لڪشمڻ اِندر-استر جو منتر ڪم ۾ آندو. رام جو نالو ڳنهندي هن اهو موتمار تير هلايو. اِندرجيت جو سر ڪٽجي

اوهان هٿ ڪئي آهي، سا هاڻي اوڀيو. رٿ تي سوار ٿيو ۽ جنگ ڏانهن ويو.“

راوڻ ڄاتو ته سپاهس برابر آهي ۽ سندس شبد اُتم آهن. ٿورو وقت راوڻ گَهري سوچ ويچار ۾ پئجي ويو ۽ چپ چاپ ويٺو رهيو. پوءِ هن پنهنجي سمورن سينا پتين کي هٿ ٻڌي چيو:

”هاڻي پنهنجيءَ سموريءَ شڪتيءَ سان وڃي رام کي ماريو. جيڪڏهن اوهان اَسڦل ٿيا، ته مان پاڻ وڃي ڪيس پورو ڪندس.“

هن کان اڳ هن پنهنجي ڪرمچارين سان ورتاءُ ڪندي ڪڏهن به اهڙي نمرتا ۽ مروت ڪونه ڏيکاري هئي. جنهن آپدا ۾ اچي اڙيو هو، تنهن مان هن هيءَ سکيا ورتي. راوڻ جي سموري سينا وڏي يُڌ ڪرڻ لاءِ رواني ٿي. انهن جا رٿ اِئين ٿي چمڪيا جئن شام جي وقت ٽڪريون چمڪنديون آهن. ڪي وڏن هاٿين ۽ ڪي سهڻن گهوڙن تي سوار هئا.

وانرن وڻ ۽ پهاڙن جون چوٽيون پٽي اُنهن سان راڪشسن تي سخت ڪاهه ڪئي. راڪشسن به جوابي حملو اوترئي زور سان ڪيو.

وانر هيڏانهن هوڏانهن ٽپندا راڪشسن، سندن رٿن ۽ جانورن جي ستياناس ڪندا رهيا. هرهڪ راڪشس کي ڪيترا سارا وانر ورائي ماريندا ويا.

راڪشسن به وانرن کي ڇڏي ڪونه ڏنو. هزارن کي ماري ڇڏيائون.

رام پنهنجو ڌنش موڙيو ۽ راڪشسن تي ٻاڻن جي ورشا ڪئي. راڪشسن جي سينا اِئين ڇٽ ٿي ويئي، جئن ڪنهن چوڏر ڦهلندڙ آگ ۾ ڦاٿي هجي. يوڌن ڏٺو ته سندن ساٿي ڪرندا ٿا وڃن. هو ٻاڻن جي ورشا جي ڪري رام کي ڏسي ڪونه ٿي سگهيا. پؤ جي ڪري هو سمجهڻ لڳا ته گهڻيئي رام اچي ويا آهن ۽ هرڏس ۾ موت جو وسڪارو ڪري رهيا آهن.

پر نيٺ به نه پتا جو هردو هو، سو ڪئن مات ڪري؟
انهيءَ ڪري هن وري روئي ڪري چيو: ”ڇا اِندرجيت
هليو ويو؟ منهنجي لاءِ هي سنسار سچ تي پيو. اي پيارا پٽ!
تون پنهنجي ماتا مندودري ۽ پنهنجي پياريءَ اِستريءَ ۽
مونکي، دل شڪستو ۽ اُداس ڪري ڇڏي وئين. هاڻي اسان
وٽ رهيو ويرَ ۽ نراشا ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچيو آهي.

”سڀني ۾ سٺي ڳالهه اِها آهي ته سيتا کي پورو ڪري
ڇڏجي. سيتا هن سموري ڏک جي جڙ آهي. منهنجي پٽ
مايا-سيتا کي ڪٺو هو. هاڻي مان پاڻ سچي پچي سيتا کي
سماپت ڪندس.“ ائين چئي هو پنهنجي اِرادي کي پوري
ڪرڻ لاءِ ترار هٿ ۾ کڻي ڊوڙندو ٻاهر نڪتو.

ڪن ڪرڙن راڪشسن جڏهن راوڻ کي ائين ڪروڌ ۾
تلوار کڻي ٻاهر ايندو ڏٺو تڏهن خوشيءَ ۾ اچي هن کي
ڌنيواد ڏيڻ لڳا، پر منتري سپارس ڌاهجي ويو ۽ راوڻ جي
سريشٽ ٻڌيءَ کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪيس
سمجهايائين ته راجا ۽ منش جيان هنڪي کهڙو ڪرنيو پالڻ گهرجي.

هن رڙ ڪري چيو: ”راجن توهانجي من اندر هيءُ ويچار ڪئن
آيو آهي؟ اوهان اِئين ڪئن ڪندا؟ اي، ڏهن سسين جا ڌڻي!
اي ڪبير جا ڀراتا! اوهان هڪ اِستريءَ کي مارڻ جو ويچار
ڪري رهيا آهيو؟ اوهين هن پرڪار جو پاپ ڪري پنهنجي
مٿان قتلڪار آڻڻ چاهيو ٿا ڇا؟ ڇا ڪروڌ اوهانکي ايترو انڌو
ڪري ڇڏيو آهي؟ اوهين چئني ويدن ۽ سڀني وديائن ۾
پربين آهيو. اوهان جپ تپ به گهڻيئي ڪيا آهن. اوهان پنهنجي
جيون هن ريت ڪئن سماپت ڪندا؟ اوهانجو مٿ ڪير ٿي
سگهندو؟ اسانکي گهرجي ته پنهنجو ڪروڌ رام جي ورڌ ڪم
۾ آڻيون. سڀاڻي چنبر رات آهي. پنهنجي سموري سئنا گڏ
ڪري لنڪا مان ٻاهر نڪرو، رام ۽ لڪشمڻ کي ماري سوڀ
پراپت ڪريو. پوءِ سيتا کي هٿ ڪريو. جيڪا زره برهما کان

پرياڳ ۾ پورو پورو ڀروسو هو. هو وڏي ويساھ سان پنهنجي اَٺن گهوڙن واري ديوي رٿ تي سوار ٿي، هرپرڪار جا هٿيار ساڻ کڻي، راڪشسن مهارٿين جي هڪ ٽوليءَ کي پيڙو ڪري ٻاهر نڪتو.

جنهن وقت راوڻ لنڪا کان ٻاهر نڪتو، تنهن وقت سورج جهڪو ٿي ويو. جيتوڻيڪ جوتشين اڳڪٿي ڪا نہ ڪئي هئي تہ بہ اوچتو گرهڻ ٿي ويو. ندورن پکين ۽ رات جي پسن انيڪ پرڪارن جي اپسوڻن ۽ اَياڳہ جون دانهون ڪوڪون ڪيون ۽ چوڌاري ڦرڻ لڳا. راوڻ انهن ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو. هو يڌ کيتر ڏانهن وروپاڪش، مهودر ۽ مهاپارشو، سان گڏ روانو ٿيو.

هيءُ پهلوان راڪشس جيڪي راوڻ جي پنيان ٿي هليا تن ۾ ٻاڻن جي ورشا ۽ پٿرن جي ڇپڻ دواران ڇڻڪ ڏاتو پئجي ويو. جلدئي راوڻ ڏٺو تہ لڪشمڻ سندس سامهون رستي کي روڪي بيٺو آهي. لڪشمڻ جي پاسي کان زور سان ٽوڪي نڪري راوڻ جهٽ پٽ اچي رام جي سامهون ٿيو. هن ٽڪار ۽ وير جي دٻيل جوش کي کولي رام کي تيرن جي وسڪاري سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

رام پنهنجن ٻاڻن دواران راوڻ جي تيرن کي جڏو ڪري ڇڏيو. هن راوڻ تي بار بار وار ڪيو، پر هنجي زرھ کي چيري ڪونہ سگهيو. اهڙيءَ ريت هيءُ ٻئي مهان ڌنشڌاري هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ ۾ وڙندا رهيا. هنن هڪ ٻئي پنيان پنهنجي گپت شڪتيءَ وارو استر ڪم ۾ آندو. سرڳ، جا ديوتائون عجب ۾ پئجي هيءُ درشيہ ڏسڻ لڳا. ٻنهي مان ڪنهن بہ اڳ، اهڙي شستروءَ جو مقابلو ڪونہ ڪيو هو. ٻنهي ويڙهن جي من ۾ وروڌيءَ لاءِ واکاڻ بہ هئي تہ ڪروڌ بہ هو.

رام پنهنجي ٻاڻن سان راوڻ جي هرهڪ اَنگ کي چيري

انيڪ هاٿي ۽ گهوڙا ناس ٿي ويا. هزارين رٿ ٽڪر ٽڪر ٿي ويا. راڪشسن جو لڳ ڀڳ سمورو لشڪر ناس ٿي ويو. مٺي ڀر آدمي مس لنڪا ڏانهن ڀڄي نڪتا.

سرڳ لوڪ مان ديون، گنڌرون ۽ سڌن رام جي ڪيرتيءَ جا گيت ڳاتا. لنڪا ۾ راڪسياڻيون هڪ ٻئي کي چنبڙي زور سان رئڻ پٽڻ لڳيون. انهن کي ڏايو دک ورائي ويو جو راوڻ جي مورکتا جي ڪري سندن هيءَ دردشا ٿي هئي.

اڌياءُ ٧٤

راوڻ جو انت

لنڪا جي هر گهر ۾ روج ۽ راڙو ڦهليل هو. راوڻ جي هرديه ۾ دک، شرم ۽ ڪروڌ ائين ٽهڪي رهيا هئا جئن طوفان وقت سمنڊ ۾ ولوڙو پوندو آهي. هن وقت تائين هن پنهنجي سئناپتين ۽ سئنڪن کي ٽولا ٽولا ڪري يڌ لاءِ موڪليو هو. جيتوڻيڪ هو ويرپرش هئا، ته به هڪ ٻئي پٺيان هو ختم ٿي ويا. اهو نتيجو ٿيو ڇاڪاڻ جو راوڻ کي ڏايو ٻانور هو ته ڪيس ڪوبه جيتي ڪونه سگهندو. وري هن پنهنجي شترن کي، جن مان گهڻا رڳو پٿرن ۽ لٺين سان ٿي وڙهيا، تن کي تڇ ڪري ٿي سمجهيو. جيتوڻيڪ سندس بار بار شڪست ٿي ته به هن ان مان ڪا سکيا گرهڻ ڪانه ڪئي. هن کي گهربو هو ته شتروءَ کي سمنڊ لتاڙڻ کان روڪڻ جو يتن ڪري ها. پر هن شتروءَ کي ڇوٽ ڇڏيو ته پل لنڪا اندر گهڙي اچي. جيتوڻيڪ سئناپتيءَ طور هو بي پرواهه ۽ بي خبردار هو، ته به هو هڪ ويرُ يوڌو هو. هن پڪو نشچو ڪيو ته هو پنهنجي سر وڙهي، پنهنجي ٻل سان دشمن کي ناس ڪندو. هو هاڻ جنگ لئي چڙهيو. هنڪي پنهنجي شڪتيءَ ۽ پنهنجي مليل ورداڻن جي

چپ چاپ جنگ جي ميدان مان ڪڍي ويو.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن راوڻ سرت ۾ آيو تڏهن پنهنجي ڪوچوان تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ هڻنتي زور ڀرياءِ ته ڪيس وري جنگ جي ميدان ڏانهن وٺي هلي، جيئن هو رام جو مقابلو ڪري سگهي. وري زوردار لڙائي لڳي ويئي. هر هڪ استر جي مقابلي سامهون وروڌيءَ جو استر تي آيو. هڪ نئين عجيب نموني ۾ ٻنهي رٿ هلڻ لڳا ۽ ٻئي يوڌا ڪجهه وقت وڙهندا رهيا. ٻنهي ڌرين جون سئنائون ڏاڍيءَ گهريءَ چنتا ۽ آدر سان پئي ڏسنديون رهيون.

رام جي سارٿيءَ ماتليءَ رام کي ڪن ۾ چيو: "راوڻ جي پڄاڻي ويجهي آهي. دير نه ڪريو. مان اوهانکي برهم-استر جي ياد ٿو ڏياريان؟

رام منتر اُچاريو ۽ برهم-استر ڇوڙيو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ، راوڻ جا ڏهه سر گهڻيئي وار وڍيا هئا، ته به اهي وري وري جڙي پئي پيا. انهيءَ ڪري رام ڏاڍي مونجهاري ۾ اچي پئي ويو. اگ جا اُلا اُڏائيندي برهم-استر راوڻ جي پاسي هليو ۽ سندس سيني ۾ سل ڪري، ان جي اندر جيڪو راوڻ جي اجيت هئڻ جو ڳجهه سمايل هو تنهنکي اُلٽ پلٽ ڪري اڏائي ڇڏيائين.

پوءِ راڪشس جي هٿ مان ڌنش ڇڏائجي ويو ۽ هو رٿ تان ڪري ڌرتيءَ تي ليٽي رهيو.

ديوتائن پنهنجا سنک وڄايا. سرڳ مان گلن جي ورکا ٿيڻ لڳي. رام ۽ سندس رٿ گلن جي ڍيرن سان ڍڪجي پيا. لڪشمڻ، ويڀشڻ ۽ جامبوان ۽ ٻيا يوڌا رام کي چوڌاري ورائي ويا. هنن جي آنند ۽ آدر جو انت ڪونه هو.

جڏهن سڀ جي خوشيءَ جو ڀريون جوش پورو ٿيو ۽ ويڀشڻ پنهنجي ڀاءُ جو لاش ڏٺو تڏهن رت جي نالي جي

وڏو، ته به راوڻ ڪريو ڪونه.

پوءِ لڪشمڻ ۽ ويڀيشڻ گڏجي ڪري راوڻ تي حملو ڪيو. راوڻ پنهنجي پاڻ سان ڏاڍو ڏمريل هو ۽ ڪيس مارڻ جو پڪو ارادو ڪيو هئائين. سو هن ڏانهن هڪڙو ڏاڍو زبردست هٿيار اُڇلايائين. پر لڪشمڻ جي تير ان کي روڪي ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيو. هٿيار ٻرندڙ ٻنبيءَ وانگر وڃي پٽ تي ڪريو. راوڻ هاڻ هڪ زبردست شڪتي ٻاڻ ويڀيشڻ تي هلايو. لڪشمڻ اُنهيءَ کي به روڪي ڇڏيو. راوڻ انهيءَ تي لڪشمڻ تي شڪتي ٻاڻ هلايو ۽ دانهن ڪري چيو، "هاڻي تون مئو ڪيو آهين!" هن ٻاڻ جي لڳڻ ڪري لڪشمڻ مورڇت ٿي ڪري پيو.

رام جو ايڏانهن ڌيان ئي ڪين ويو. هو راوڻ تي پنهنجو دٻاءُ وجهندو رهيو. جڏهن هنن ٻن سورمن جي وچ ۾ لڙائي هلندي ٿي رهي تڏهن وانر نيتائن پاڻ ۾ صلاح ڪري لڪشمڻ جي حياتي بچائڻ لاءِ هنومان کي وري ٻوٽين واري ٽڪريءَ ڏانهن روانو ڪيو.

اهڙيءَ طرح سان هنومان ٻيو ڀيرو اُتر دشا ڏانهن اُڏامي ويو ۽ ٻوٽين جي ڳولها ۾ وقت وڃائڻ جي بدران سڄو پهاڙ ئي کڻي آيو. لڪشمڻ وري نئون ٿيو ۽ جنگ کي جاري ڪيائين.

انهيءَ وچ ۾ ماتلي پنهنجي ڌڻيءَ اِندر جو رٿ رام جي واسطي لڙائيءَ ۾ وٺي آيو.

ماتليءَ چيو: "ديوتائن جي راجا، اِندر، هيءُ رٿ اوهان جي ڪم لاءِ موڪليو آهي. ڪرپا ڪري هن رٿ تي چڙهي ديوتائن جي شتروءَ راوڻ کي ناس ڪريو."

رام ديوتائن کي نمسڪار ڪري ۽ انهيءَ ايشوري رٿ جي پرڪرما ڪري، ان مٿان چڙهي ويٺو. پوءِ هڪ اَچرج جهڙي يڌ لڳي.

راوڻ کي سخت زخم ٿيا. هو بي سرت ٿي زمين تي ڪري پيو. سندس سارٿيءَ جڏهين اهو ڏٺو، تڏهين هو هن کي



THE GITA PRESS. GORAKHPUR.

راوڻ کي سندس اِستري منڊودريءَ جو ٻاڌائڻ

ڪري هنجي اَندر ڌر اُپري اُٿيو. هنکي ننڍپڻ جون يادگيريون اچي پيون جڏهن هو گڏ راند روند ڪندا هئا. انهيءَ ڪري پنهنجي وڇڙيل ڀاءُ جو ويچار ڪندي رئڻ ۾ اچي ڇٽڪيو.

هن رڙ ڪري چيو: ”اي ڀوڌا! اي سورهيائي جا ڪارج ڪندڙ منهنجا ڀراتا! اي سڀني شاسترن جا ڄاڻو ودوان! اي ويرءِ پرست راجائن جا راجا! تنهنجون ٻلوان ٻانهون هاڻي ٻي وس ٿي زمين تي ٻگهيون ٿي پيون آهن. پنهنجي همٿ ۽ وڏائيءَ ۾ اچي، ۽ بد صلاح ڏيندڙن جي چئي تي لڳي، اوهان منهنجي صلاح ڏانهن ڌيان ڪونه ڏنو. جنهن خراب ۾ خراب نتيجي جو مونکي انديشو هو، سوئي اچي نڪتو آهي! اوهان جيڪي پوکيو سوئي لڻيو ۽ اڄ اُگهاڙي ڌرتيءَ تي ليٽيا پيا آهيو، اي راڪشسن جا هڪوار ٻلوان راجا!“

اهڙيءَ ريت وڀيشڻ ورلاپ ٿي ڪيا. رام کيس سمجهائڻ لاءِ هيئن چيو:

”راوڻ هڪ سچي ڀوڌي جيئن لڙيو ۽ ڀوڌي جيان لڙندي ڪريو! موت جي ڪري سندس پاپ ڌوپي ويا. انهيءَ ڪري دک ڪرڻ جو ڪوبه سبب ڪونه آهي. راوڻ نه سڌو سرڳ، ڏانهن ويو آهي.“

وڀيشڻ جي من ۾ جيڪو به مونجهارو هو، سو رام ڪيئي ڇڏيو. کيس آگيا ڪيائين نه پنهنجي ڀاءُ جو ڪريا ڪرم ڪريو.

رام چيو: ”تون راوڻ جو ڀاءُ آهين. تنهنجو ڌرم آهي نه سندس ڪريا ڪرم پورو ڪرين؛ موت ڪانپوءِ وير ورود ڪونه رهندو آهي. مان سندس اڳوڻو شترو آهيان. مان به نيتيءَ اَنوسار سندس ڪريا ڪرم ڪري سگهان ٿو. تنهنجو ڀاءُ منهنجو به ڀاءُ ٿيو. ائين نه آهي ڇا؟“

راوڻ جي محلات جون استريون ماتم ڪرڻ لاءِ ميدان تي اچي پهتيون. هو راڻي مندودري کي ساڻ وٺي آيون. مندودري دک جي ديويءَ جو اوتار ٿي لڳي. راوڻ جي چٽ ڀريل

پياري راڻي بلڪل ڏتڙيل ٿي ڏسڻ ۾ آئي.

هن دک ۾ ٻڏي چيو: ”ديوتائن جو راجا اِندر به اوهانجو ڪروڌ سهي نه سگهندو هو. اوهانجو منهن ڏسندي ئي رشي ۽ گندرو ٻئو ۾ سيني پاسي ڀڄي ڀڄندا هئا. اڄ ته هڪ ٻن ۾ ڦٽڪندڙ تيج منش اوهانجو هيءُ حال ڪيو آهي! مونکي ته سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته هيءَ ويڌن ڪئن ٿي. سچ پچ ڀاوي وڏي پربل چيز آهي! پر اي سوامي! اي منهنجا پتي ديو! مان ته گهڻو اڳ اوهانکي چتاءُ ڏنو هو. ڇا، مان اوهان کي ڪونه ٻڌايو هو ته هيءُ رام ساڌارڻ منش ڪونه آهي، پر هو اِندر، اگنيءَ ۽ يم کان به سرس آهي ۽ اوهان هن کي جيتي ڪونه سگهندا؟ سچ ته رام منش جي روپ ۾ پاڻ وشنو ڀڳوان آهي. هو پاڻ برهم آهي، جنهن جو نه آهي آد، نه اَنت، نه وچ. جڏهن اسانکي اها سڌ پيئي ته هن جنستان ۾ ٻنا رت جي ڌرتيءَ تي ٻهي اوهانجي ڀاءُ کر کي ماريو هو، تڏهن ئي مون اوهانکي هن ريت ڪونه سمجهايو هو ڇا؟

جنهن وقت هنومان هن اَڻ لانگهو لنڪا جي ڪوٽ ۾ لنگهي آيو تنهن وقت ئي مون سمورو سچ پروڙيو هو. مان انوقت اوهانکي چيو هو ته هنن کي ويري نه بڻايو. پر اوهان منهنجيءَ ڳالهه تي ڌيان ڪونه ڏنو.

”اوهان ڇو پوتر ديويءَ سيتا ڏانهن ڪامي اکين سان نهاريو؟ انهيءَ چريائيءَ جي ڪري اوهان موت جو شڪار ٿيا آهيو! اهو اگرو پاپ ڪين هو، جو جڏهن هوءَ اڪيلي هئي تڏهن توهين ڪيس زوريءَ کڻي آيا؟ ڪال ڀڳوان، سيتا جو روپ ڌاري، اوهانکي اوهانجي اَنت ڏانهن گهليندو ويو. اڄ رام ۽ سيتا پنهنجي ٿوري وڇوڙي ڪانپوءِ وري اچي پاڻ ۾ ملي سڪي ٿيا آهن. پر اوهان مونکي ۽ پنهنجيءَ سموريءَ جاتيءَ کي اَننت دک جي اوڙاهه ۾ کڻي اڇلايو آهي. هاءِ منهنجا پتي ديو، منهنجا پرين! اڄ اوهان مئا پيا آهيو. اوهان جي

آنسون لهي پيا.

هنومان هاڻي اُنهن راڪساڻين ڏانهن نهاريو جنجي پهري هيٺ سيتا هئي. سيتا ڏانهن نهاري هن چيو: ”منهنجي مرضي آهي ته مان هنن نردئي اِسترين جن توکي پي ستايو آهي، تنکي ماري ڇڏيان. ڪرپا ڪري مونکي آگيا ڏيو!“

سيتا وراڻيو: ”نه، منهنجا پتر! هن سنسار ۾ نراپراڌ ڪير آهي؟ مها پرش جو ڌرم آهي ته سيني تي، پاپين توڙي پنن پرش تي، ديا جو هٿ رکن.“

ڌرماتما پرش پيڙهين کان سيتا جي هنن شبدن کي امرت جيان سانڍي رکندا آيا آهن. اَڌرمي، اَتي پاپي به هانا جي سونهري چرن ۾ پئي پو ساگر تري ويندا آهن.

سيتا وڌيڪ چيو: ”هنن راڪساڻين ته رڳو پنهنجي سواميءَ جي آگيا پالي آهي. هنن جو ڪهڙو دوش آهي؟ سندن راجا مري ويو آهي. هن پنهنجي پاپ جو بدلو چڪائي ڏنو آهي. هنن راڪساڻين کي هاڻ ڏنڊ ڏيڻ اَنياءَ جو ڪم ٿيندو.“

سيتا جي هنن شبدن کي ٻڌي هنومان جي من ۾ سيتا لاءِ وڌيڪ ستڪار ۽ پوڄا جو ڀاو پئدا ٿيو. هن جواب ۾ رڳو ائين چيو ته هن جيڪي ڪجهه ڪيو هو، سو رام جي اِستريءَ جي يوگيه آهي.

پوءِ هن پڇيو: ”ڀلا، رام ڏانهن ڪهڙو سنديش کڻي وڃان؟“

سيتا وراڻيو: ”مان ته رام وٽ وڃڻ لاءِ آتي آهيان. ٻيو مونکي ڪجهه به نه گهرجي.“

هنومان رام وٽ موٽي اچي سيتا سان گڏجاڻيءَ جو سماچار ٻڌايو. ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ ڪري هاڻ رام جي منهن تي ڪي قدر ڇايا پئجي ويئي؛ سندس اکين مان جوتي گم ٿي ويئي. هو چنتا ۾ پئجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ هن وڀيشڻ ڏانهن نهاري چيو:

”سيتا کي چئو ته سنان ڪري، ڳهڻا پائي ۽ هيڏانهن وٺي اَچوس.“

شرير ۾ رام جا ٻاڻ چهٽيا پيا آهن ۽ اهو پٽ جي ڌڌڙ ۽ رت سان رڱيو پيو آهي. انهيءَ هوندي به کهڙو نه سهڻو ٿو لڳي!

”هاڻي مان ڇا ڪريان؟ منهنجو اهو پتي هو، جو لنڪا سوامي هو! منهنجو پٽ وري اهڙو هو، جنهن اِندر کي به جيتيو هو. هُو ٻئي مونکي ڇڏي ويا آهن ۽ مان هڪ بي وس ودوا ٿي پيئي آهيان. مونکي نه آهي ڪو اشت مٽر، نه گهرگهاٽ!“

اِئين رڙندي، منبودري راوڻ جي لاش جي مٿان بيهوش ٿي ڪري پيئي.

اَڌياءُ ٧٥

انت

ويڀيشڻ کي سڀ ڏج سان ڇٽر پهرايائون. لنڪا جي نئين راجا وانرن جي ڇاوڻي ۾ اچي رام کي نمرتا سان نمسڪار ڪئي.

پوءِ رام هنومان کي چيو: ”راجا کان آگيا وٺي لنڪا ۾ وڃ ۽ وڃي سيتا کي بِداءِ ته ڇا ڇا ٿيو آهي.“ رام جي اِڇا انوسار ويڀيشڻ کان آگيا وٺي، هنومان اشوڪ بن ڏانهن سيتا کي سماچار ڏيڻ لاءِ روانو ٿيو.

سيتا کي اهڙي خوشي ٿي جنهن جو ورنن ڪري نٿو سگهجي. هوءَ اهڙي آنند ڪري بلڪل سن ۾ اچي ويئي.

هنومان چيس: ”ماتا! اوهان ڳالهايو ڇو نه ٿا؟ چپ ڇو ڪيو ويٺا آهيو؟“

سيتا وراڻيو: ”منهنجا پٽ، مونکي ڇا چوڻو آهي؟ تنهنجو جيڪو مونتي بار آهي سو مان ڪئن لاهي سگهنديس؟ جهڙو تون آهين ٻڌوان، تهڙوئي آهين ٻلوان. تو جهڙو پراڪرم، ڌيرج ۽ نمرتا ٻئي ڪنهن ۾ به ڪونه آهي.“ جڏهن هن هيءُ شبد چيا تڏهن هنومان جي تورن ۽ پريم کي ياد ڪري سنديس اکين ۾



Courtesy : National Museum

آگنی - پریکشا

جڏهن سيتا کي اشوڪ بن ۾ اهو نياپو مليو، تڏهن هن چيو: ”مان جنهن حالت ۾ آهيان تنهن حالت ۾ ئي هلنديس.“

ويڀيشڻ چيو: ”نه! ماتا، ائين نه ٿيندو! راجڪمار جي آگيا پالڻ گهرجي.“

سيتا پوءِ سنان ڪري، موتي جواهر پائي پالڪيءَ ۾ سوار ٿي ڇانوڻيءَ ۾ آئي.

جڏهن رام ٻڌو ته سيتا اچي رهي آهي، تڏهن سندس ويچارن جا ڪڪر هٽي ويا. اڳيون ڳالهيون وري سمنڊ جي لهرن جيان سندس اندر ۾ اڀرڻ لڳيون. سندس من ۾ ڏاڍو ولولو پيدا ٿيو. ڪيس هڪ طرف شرم ٿي ٿيو، ٻئي طرف ڏک پئي ٿيس. هوڏانهن سيتا جي موٽڻ تي خوشي به پئي ٿيس.

جئن سيتا جي پالڪيءَ کي وانرن جي ڀيڙ وچان ڪڍي ٿي آيا، تئن هو راجڪماريءَ کي ڇوڏاري ويڙهي ويا ۽ ڏاڍو گهمسان مچايائون. سندن نيتائن وانرن کي پالڪيءَ کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. انهيءَ ڪري پاڻ وڏيڪ گوڙ ٿي ٿيو.

رام چيو: ”ڪنهنکي به پري نه هٽايو. هنن وانرن مونسان سچائي ڏيکاري آهي ۽ گهڻوئي ڪجهه سٺو آهي. سيتا جڏهن ڏسندي ته مان هنن مترن جي وچ ۾ ويٺو آهيان، تڏهن ڏاڍو پرسن ٿيندي. ڪنهن کي به پري نه ڪريو.“

رام جي من ۾ ڪو وڏو ڦيرو آيو هو. سندس منهن مان اها ڳالهه بکي پئي. رام جي ڇوڏاري جيڪي ماڻهو ويٺا هئا سي اِها ڳالهه سمجهي نه سگهيا. بلڪ لڪشمڻ جي سمجهه ۾ به اِها ڳالهه ڪانه آئي.

پالڪيءَ مان لهي سيتا اڪيون هيٺ ڪري رام جي طرف وڌي. ”آريه پتر!“ چئي سڏڪا ڀرڻ لڳي. هوءَ وڌيڪ ڳالهائي به ڪونه سگهي.

سنسڪرت ۾ ’آريه پتر‘ جو ارٿ آهي پيارو پرين ۽

آتم پرش. اِستريون پنهنجي پتين کي گِهري پريم ڏيکارڻ لاءِ آئين ڪري سڏينديون هيون.

رام چيو: ”مان شتروءَ کي ماري پورو ڪيو آهي. مان توکي موٽي هٿ ڪيو آهي. مان ڪشتريءَ جي ڌرم جي پوري پالنا ڪئي آهي. هاڻي منهنجو پرڻ پورو ٿيو آهي.“

ڪنهن کي به اها لک نه هئي ته رام ڪو هي شبد چوندو. اهي ڪنهن جي به سمجهه ۾ ڪونه آيا. ڪنهن ڪارڻ ڪري سنڌس منهن تي ڇايا پئجي ويئي. پوءِ ته هن اڃا به ڪٺور بول بوليا.

”مون هيءَ ڀيانڪ لڙائي رڳو تو لاءِ پريم وچان ڪانه لڙي؛ پر ڪشتري ڌرم پالڻ لاءِ ئي لڙيس. توکي وري پائڻ ۾ مونکي هاڻ ڪا خاص خوشي ڪانه ٿي آهي، ڇاڪاڻ جو شڪ جو خيال توکي دونهي جي ڪاري بادل جيان ويڙهي ويو آهي.“

هن چيو: ”هاڻي تون ڇا ٿي ڪرڻ چاهين؟ اسين اڳتي گڏ رهي نه سگهنداسين. توکي جدا رهڻ گهرجي. تون اسانجي ڪنهن مٽر يا مائٽ جي سهاري هيٺ رهي سگهين ٿي. جيڪا استري ايترو وقت ڌاريءَ جي گهر ۾ رهي آهي، تنهن کي هڪڙو ڪشتري پاڻ وٽ ڪئن رکي سگهندو؟“

سيتا رام ڏانهن گهور ڪري نهاريو. سنديس اکين مان آگ جا اُلا نڪرڻ لڳا.

هن چيو، ”اوهان اجوڳ بول بوليا آهن. منهنجي ڪنن اهي ٻڌا آهن ۽ منهنجو هنياءُ چيرجي رهيو آهي. اسڀيه ماڻهوئي اهڙا واڪيه ڪڍي سگهي ٿو. پر اوهان جهڙي اوچ پرش اُتم ڪل ۾ اُتپن ٿيل ۽ اوهان جيان سريشٽ نموني ۾ پاليل نپنيل جي منهن مان اهڙا بول نٿا سونهن. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته ڪروڌ ڪري اوهانجي ٻڌيءَ ۾ وڪار اچي ويو آهي. منهنجي پتيءَ ديو کان اِها ڳالهه وسري ويئي آهي ته مان ڪهڙي ڪل مان آئي آهيان. راج رشي جنڪ منهنجو پتا هو. هن ئي

ڄاڻ آهي ته مان رام آهيان، مان دشرٿ جو پٽر آهيان.
توهان کي وڏيڪ ڄاڻ آهي ته مان ڪير آهيان، ۽ مان ڪٿان
آيو آهيان. اوهان ئي مونکي اِها ڄاڻ ڪرائي سگهو ٿا."
ائين چئي رام اگني پريکيا مان پار پهتل سيتا کي سويڪار ڪيو.
"تون اِئين پائٽين ٿي ڇا، ته مونکي تنهنجي نشڪلنڪ
پوترتائيءَ جي ڄاڻ ڪانه هئي؟ هيءَ پريکيا ته رڳو لوڪن کي
سنتوش ڪرائڻ لاءِ هئي. اُنهيءَ بنا هو هيئن ڇون ها ته رام
موهه ۾ انڌو ٿي هڪڙي وچتر نربلتا ڏيکاري آهي ۽ هن اُتم
ڍنگ سان پاپلن لوڪن جو نيم ڀڳو آهي. اِئين هو نه ڇون
ها ڇا؟"
اِئين چئي هن سيتا کي ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو.
اتي دشرٿ سرڳ لوڪ مان لهي آيو. راڄڪمار کي هنج
۾ وهاري هنکي آشيرواد ڏنائين.
هن سيتا کي چيو: "پٽري! منهنجي پٽر کي ڪميا ڪج.
سنسار جي ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ هن جيڪو توسان اُنياءُ
ڪيو آهي، تنهن لاءِ ڪيس ڪميا ڪج. شل ايشور جي توتي
آشيرواد ٿئي."
اِندر پنهنجو وردان ڏنو ۽ جيڪي وانر لڙي مئا هئا،
سي سڀ جاڳي اُٿيا.
رام ۽ سيتا جو هاڻي ميلاپ ٿي چڪو. هو پشپڪ ومان
۾ چڙهي پنهنجي متر وانر يوڌن ۽ وڀيشڻ سان گڏ جي وايو مارگ
دواران جلد جلد ايوڌيا ڏانهن اُڏامڻ لڳا.
جڏهن هو آڪاش مان لنگهيا ٿي تڏهن رام چيو: "هي ڏسو.
هيءَ پل آهي جيڪا نيل ٻڌي هئي." وري چيائين: "هي
ڪشڪند نگر آهي جتي مان هنومان ۽ سگريو سان مليو ساڻن
مترتا جو ڳانڍاپو ٻڌيو. رام پڻ سيتا کي اُهي جايون ڏيکاريون،
جت هو لڪشمڻ سان گڏ سيتا جي ڳولها لاءِ ويڳاڻو ٿي ٿي
گهميو. هن ڪيس پنهنجا سمورا اڻ وسرڻ جهڙا انڀوا ورنن

مونکي پاليو ۽ تاتيو هو. پاپي راڪشس مونکي زوريءَ کڻي وڃي بند ۾ وڌو، تنهن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ جيڪڏهن اوهان هن ريت ڳالهين کي ڏسو ٿا ته مون لاءِ رڳو هڪ ئي رستو کليل آهي."

پوءِ هن لڪشمڻ ڏانهن نهاري چيو: "وڃي ڪاٺيون گڏ ڪري آگ جلاءِ."

لڪشمڻ رام جي هن پڪار جي هلت ڪروڌ ۽ نراسائيءَ سان ويڻي ڏني. هن رام ڏانهن نهاري، سندس آگيا وٺڻ چاهي. پر رام نڪي سيتا جي وينتيءَ کي ڪو رد ڏنو، نڪي هن ڪجهه نرمائش ڏيکاري.

سيتا جي آگيا پالي، لڪشمڻ هڪ وڏي آگ جلائي. راجڪماريءَ اکيون ڌرتيءَ ۾ کوڙي پنهنجي پتيءَ کي پرڪرما ڏني. پوءِ پڪار ڪري چياءِ:

"اي ديوتائو، مان اوهانکي نمسڪار ڪريان ٿي. اي رشيگڻو، مان اوهانکي به پرڻام ڪريان ٿي. اي اگني، گهٽ ۾ گهٽ توکي ته منهنجي پوترتائيءَ جي ڄاڻ آهي. مان ڀانيان ٿي ته تون مونکي پنهنجو ڪري سمجهنديءَ."

اهي شبد چئي سيتا ڪري آگ ۾ ٽپو ڏنو. ڏاڍي آشچريه جي ڳالهه ٿي گذري. اگنيءَ جي ڄڀين جي چوڌاري سڀ سرڳ جا ديوتائون اچي ڪٺا ٿيا، ۽ برهما اٿي هن ريت چيو: "اي نارايڻ! اي شڪتيوان پڀو! تو راوڻ کي مارڻ لاءِ هيءَ منش ديهي ڌارڻ ڪئي آهي. هيءَ سيتا پاڻ تنهنجي لڪشمي ڪونه آهي ڇا؟"

اگني ديوتا هن باهه مان پنهنجي نج سروپ ۾ پرگهٽ ٿيو. سيتا کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهلي، سندس سهڻن وسترن ۽ ڳهڻن سوڌو، جنکي آگ جي آنچ به نه لڳي هئي، رام جي سامهون ڪري رکياءِ.

رام برهما کي چيو: "مان ڪير آهيان؟ مونکي رڳو اها



THE GITA PRESS. GORAKHPUR.

سري رامچندر راج سنگهاسن تي

ڪري ٻڌايا.

ڀردواج جي آشرم وٽ لهي، هنن ڳالهه ۽ ڀرت کي سماءُ ڪرڻ لاءِ اڳواٽ سنديش موڪليو.

ايوڌيا جي نگري آنند جي ساگر ۾ ٻڏيون ڏيڻ لڳي. رام ۽ ڀرت پاڻ ۾ اچي مليا. ڀرت کي لاڀ پهچائڻ لاءِ وڏيون آشائون رکندڙ ڪيڪئي، ۽ سندس ڪبڙي داسيءَ منٿرا ڏاڍيون سازشون سٽيون هيون. هاڻي جڏهن ڀرت رام جي چرنن ۾ سر جهڪايو، تڏهن هنن کي انهيءَ ڪان وڌيڪ خوشي ٿي، جيڪا ڪيس رٿيل سازش جي سڦلتا مان ملي ها. رام جي چرنن ۾ جيڪو آنند آهي، تنهن جهڙو آنند ڪهڙي راڄائي ڇٽ پهرڻ سان ڪيس پراپت ٿي سگهي ها؟ هاڻي جيڪو شان ڀرت جو ٿيو، سو ڪيس ڪهڙي راڄ هٿ ڪرڻ سان جيڪر ملي سگهي ها؟

وڏن جي گيتن ۾ رام کان وڌيڪ پرشنسا، ڀرت جي ٿيل آهي. سندس من ۾ پاپ جي رتي به ڪانه هئي. سندس تياڳ، ۽ تِر جيترو سوارٿ به ڪونه هو. جيسين رام چوڏهن ورهيه بنواس جا پورا ڪري موٽيو، تيسين سمورو وقت ڀرت رام جون چاکڙيون سنگهاسن تي رکي، رام جي ناليءَ ۾ راڄ جو ڪاروبار سنڀاليندو رهيو.

هاڻي جڏهن سندن پتا جي اِڇا انوسار رام جو راڄ تلڪ ٿيو، تڏهن ڀرت جي تپسيا سماپت ٿي. سندس هردو آنند سان ڀرپور ٿيو.

ڇا، هنومان جي بابت ڪجهه چوڻ جي ضرورت آهي؟ رام سيتا کي هڪ موتين جي مالها ڏني. هن اها ڪري هنومان جي ڳلي ۾ وڌي. جڏهن سيتا هنومان کي مالها پاتي، تڏهن سندس منهن ۾ هڪ ايشوري چمڪ ۽ سندس چپن تي سندر مرڪ ڏسڻ ۾ آئي. هنومان کي انهيءَ کان وڌيڪ ڇا گهربو هو؟

والميڪيءَ ايوڌيا جي راجڪمار جي ڪهاڻي، سندر ڪوتا

۾ ڳاتي آهي. مان اها هت تورن شبدن ۾ دهرائي آهي.
جن - شرتي آهي ته جيڪي هيءَ ڪتا ٻڌندا يا پڙهندا، سي
پاپ ۽ شوڪ کان ڇٽي ويندا.

گيان جي ڏٺيءَ، شري شنڪراچاريه چيو آهي ته، جيڪڏهن
ڪو منش دشرٿ جي پتر کي من ۾ رکي هنجو ڀڳتيءَ سان
نديان ڪندو ته سندس سمورا پاپ ساڳي ريت سڙي ڀسم ٿي
ويندا، جئن ڪک ڪانا باه ۾ پوڻ سان رک ٿي پوندا آهن.

رام اوتار کان پوءِ، ايشور ٻيو روپ ڌارڻ ڪري منشن ۾
آيو هو. انهيءَ روپ ۾ ساڻس ملڻ وڌيڪ سولو هو. گووند جي
روپ ۾ ڀڳوان، گوپين ۽ گوالن جي وچ ۾ انهن جهڙو ٿي رهيو،
۽ رٿوان ٿي هن ارجن جي شيوا ڪئي.

گيتا جي انت ۾ ڀڳوان ارجن کي چيو آهي:

”رڳو مونکي ئي پنهنجو آسرو ڪري ڄاڻ. سمورا سنسا
سنديه وساري مون وٽ اچ. مان توکي سارن پاپن کان بچائيندس.
متر، اهوئي سچ آهي. پنهنجو ڀؤ ڀولو لاهي ڇڏ.“

ڀڳوان ڪرشڻ جي هيءُ پرتگيا اسان سڀني لاءِ آهي. جيون
جي ڪروڪيتر ۾، اسان جي من ۾ ارجن جيان سنديه ۽ ڀؤ پئدا
ٿئي ٿو. ڀڳوان جي ديا جو ڀڪو پرڻ اسان سڀني لاءِ آهي،
چو جو اسين سڀ ڪيس پيارا آهيون.

سان ٻه اُنجو جيون سان لاڳاپو ڏيکاريندا آهن. سيتا آهي ڀڳوان جي اِستري. ڀڳوان نر آهي ۽ سيتا ناري آهي. ناري ديا ۽ ميا جو ڀنڊار ٿيندي آهي. ديا آهي پرم ماتا ۽ اُها نارائڻ جي هرديءَ ۾ سدائين وسي ٿي. جڏهن ماتا پنهنجي ديا درشٽي اسان تي ڪندي آهي، تڏهن اسين پرڀوءَ جي چرنن ۾ وڃي پهچندا آهيون. شو جي سنبنڌ ۾ جيڪي پاروتي ڪندي آهي، سوئي هريءَ جي سنبنڌ ۾ لڪشمي ڪندي آهي. سڌانت هڪڙوئي آهي، اَرٿانت پرڀوءَ جي ديا درشٽيءَ ۾ آڌار رکڻ، پر اُن جا پرڪار ڀن ڀن آهن. ڀڳوان ماتا ٻه آهي، ته پتا ٻه آهي. پر آهي هڪ ئي. ڀڳوان ماتا، ۽ ڀڳوان پتا الڳ الڳ وستو ڪونه آهن. جيڪڏهن پرڀوءَ کي ديا درشٽي کان الڳ ڪيو وڃي، ته پوءِ اسانجو جيڪر اهڙوئي حال ٿئي، جهڙو راوڻ جو ٿيو، چاڪاڻ جو هن رام ۽ سيتا کي وڇوڙي ڇڏيو.

منش جي سچي پريم جي انيڪ مان پرڀوءَ جي ڪرپا ۽ ڪروڻا جو گڻ پروڙي سگهجي ٿو.

رامائڻ جا انيڪ اَرٿ ڪري سگهجن ٿا، ۽ اُن جي سندرتا ڀن ڀن نمونن سان پرکي ۽ ڪٿي سگهجي ٿي. رامائڻ هڪ سچي هيري جو روپ آهي. جئن سچي هيري مان ڪيترا رنگ چمڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، تئن رامائڻ ۾ ڀن ڀن پرڪارن جي سندر ڪلائن جو درشن ڪرائي ٿو. سترهن مهنا ٿيا ته مون هي اَڌياءَ هرهفتي لکڻ شروع ڪيا. جڏهن مون هي ڪم آرنڀ ڪيو، تڏهن مڙيوئي ڏکيم ۽ ڪنبيم پئي. هن هفتي، مان ڪارج کي سماپت ڪريان ٿو. انهيءَ لاءِ مان پرڀوءَ جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي تن کي نروڳائي ۽ منهنجي من کي شانتي بخشي، جنهن جي ڪري ئي مان هيءَ نماڻي شيوا ڪري سگهيو آهيان. انهيءَ ۾ شڪ ڪونه آهي ته ودوانن کي منهنجي لکڻ ۾ گهڻيون ئي اوڻايون لڀنديون. پر ڪين خوشي ٻه ٿي هوندي، جو هن مان ڪجهه نه ڪجهه چڱائي

پڇاڙيءَ جا ٻه شبد

هڪ لڳا گانڌيجيءَ ۽ مان هڪڙيءَ ڇوڪريءَ بابت ويٺي ڳالهايوسين. ڇوڪر جهڙي مونکي پياري هئي تهڙي ئي گانڌيجيءَ کي. مون پڇيو، ”هن ڇوڪرِ اڄ ڪالهه جي پريم جي ڪا ٻه آکاڻي ڪانه پڙهي آهي، پوءِ هوءَ اهي سڀ پريم جا ويچار ۽ ٻول ڪٿان سکي؟“

گانڌيجيءَ وراڻيو، ”پر هن رامائڻ ڪونه پڙهيو آهي ڇا؟ ڇا، رامائڻ پريم جي ڪٿا ڪونه آهي؟“ اهي شبد مونکي ڏاڍا گنڀير ۽ ڳوڙها ڏسڻ ۾ آيا. اسين پوءِ ٻين ڳالهين ۾ لڳي وياسين.

دشرٿ جون ڪنيايون پريم جي ڪري ئي جاڳيون. وري رام ۽ سيتا جي پريم ڪٿا ايوڌيا-ڪانڊ جي وشيه ۽ تت آهي.

اهو پريم جيڪو ڌرم جي ورت ڪونه آهي، تنهن ۾ ايشور جو سروپ سمايل آهي. سري ڪرشڻ جڏهن پنهنجي وراٽ سروپ جي ارجن کي سمجهاڻي ڏني، تڏهن هن اهو ئي سٽيه ٻڌايو. رامائڻ ۾ ٻن وشين جو ورنن ٿيل آهي، جن مان هڪ آهي اهو پريم، جو ڌرم جي ورت آهي. سچ پڇ ته رامائڻ پريم جي هڪ مهان گاٿا آهي.

اهي جيڪي رامائڻ کي النڪار ڪري سمجهندا آهن، تن جي ويچار موجب سيتا جيو آتما آهي ۽ رام پرماتما آهي. ڀڳوان جيو آتما کي ڳولهيندو رهندو آهي ۽ برابر اُنجي پنيان پوندو رهندو آهي، تان جو نيٺ اُنکي هٿ ڪندو آهي. اسانکي بچائڻ جي هنکي ڏاڍي اُڪير ٿيندي آهي؛ اهو بس آهي ته اسين ڪا ٻه روڪ نه وجهون ۽ نه ورود ڪريون.

رامائڻ جا ٻين پرڪارن جا ٻه ارٿ ڪندا آهن ۽ ٻين ريتين



THE GITA PRESS, GORAKHPUR. سري رامچندر پنهنجن ڀائرن سان

اوس ئي هوندي.

جيڪي ٻار هيءَ راماڻ جي ڪٿا پڙهن، تن کي مان جيڪر هي به اکر چوان: توهان جي لاءِ ئي مون ايوڌيا جي راجڪمار جي ڪٿا لکي آهي. وڏيءَ عمر وارا ته والميڪي ۽ ڪنهن جا گرنٿ پڙهي سگهندا. جنکي ڳائڻ ايندو آهي سي رام بابت تياڳراج جا گيت ڳائي سگهندا. پر مون جيڪا هيءَ ڪٿا لکي آهي، سا اوهين ٻار ٻنا ڪنهن جي مدد جي پاڻ سنئون سڌو پڙهي ويندا.

اوهان رام، لڪشمڻ ۽ هنومان کي پنهنجي پتا يا وڏي ڀراتا جيان ڪري سمجهو، جي سدائين اوهانکي سهايتا ڪرڻ لاءِ تيار رهن ٿا. پاڻکي ڀرت، لڪشمڻ ۽ هنومان جيان سداچاري ۽ وير، ۽ پريم ۽ شڪتيءَ سان ڀرپور بڻايو.

مونکي ڄاڻ آهي ته ماتائون به هيءَ ڪٿا آنند سان پڙهنديون رهيون آهن. انهيءَ ڪري مون ۾ ڌاڍو اُتساهه اُڀرو ٿيو آهي. هو سمجهي سگهنديون ته ٻارن جي لاءِ مون هيءَ ڪٿا سولن شبدن ۽ ننڍڙن واڪين ۾ بڌائي آهي. اسين جيڪي به ڪجهه ڪندا آهيون، سو پنهنجن ٻارن جي لاءِ ئي ڪندا آهيون؛ ائين نه آهي ڇا؟ استريون ئي نيڪ رستي سيتا جي لڇڻن ۽ ڀاونائن کي پروڙي سگهنديون. والميڪيءَ ۽ ڪنهن جيڪا سيتا جي ڪٿا لکي آهي، سا رڳو استريون پورن ريت گرهڻ ڪري سگهنديون. اُهي ئي جٽايوءَ جي همت ۽ هنومان جي شڪتيءَ جي پوري ڪٿ ڪري سگهنديون. راماڻ جي ڪٿا سان سيتا جا ڏک سماپت ڪونه ٿي ويا آهن. اڄ به اسانجي ديوين جي جيون ۾ اهي ڏک هلندا ٿا اچن.

رام اوتار جي جيون ۾، رام کي اِها ڄاڻ ڪانه هئي ته هو ڪو اوتار آهي. پر ڪرشن کي اِها ڄاڻ هئي ته مان اوتار آهيان ۽ هن اهڙي ئي پرڪار سان وهنوار ڪيو. انهن ٻنهي ڪٿائن کي پڙهندي اسانکي اِهو ويچار رکڻ گهرجي ته جيڪا

نراشا ۽ دک رام کي ڀوڳڻو پيو هو، سو ڪرشن بنهه ڪونه ڏٺو. جڏهن ڪيس راڪسياڻيءَ جا ٿڻ ڌائڻا پيا، يا جڏهن ڪيس ڏنگائي ڪري نوڙيءَ سان ٻڌي مار ڪيڏي ويئي، تڏهن هن انهن ڳالهين جو نڪو ڏک ڪيو، نڪي پرواهه ڪئي. يڌ ڪيترن ۾ بيني بنا هٿيارن جي هن يوڌي کي اُتساهه ڏيئي پاپين جو ناش ڪرايو. ڪرشن جي جيون جي هرهڪ ڪٿا ۾ ٻنهين اوتارن جي ڀيد جو انڀوُ ٿئي ٿو.

اَيوڌيا جي راجڪمار جي ڪٿا ڪندي، مون والميڪيءَ جي پٺ ورتي آهي. مان ڄاڻيان ٿو ته والميڪيءَ کان ٻه اڳ لوڪن ۾ اِها شرڌا ڦهليل هئي ته سيتا کي هٿ ڪرڻ کانپوءِ، رام پرپچار جي ڀوَ کان سيتا کي ٻن ۾ رهڻ لاءِ روانو ڪري ڇڏيو.

اِها درد ڀري ڪٿا اسانجي ديوين جي ڏک ڀريءَ ڪلپنا مان پيدا ٿي هوندي. اِنهيءَ ڪٿا مان ئي راماڻ جو اُتر ڪانڊ ٺهيو آهي. جيتوڻيڪ اُتر ڪانڊ ۾ پنهنجي سندرتا سمايل آهي، ته ٻه مان چوان ٿو ته اِنهيءَ ڳالهه ڪري منهنجي من اندر ولوڙو پوي ٿو ۽ جوش ڀڙڪي اُٿي ٿو. والميڪيءَ انهيءَ پراڻيءَ شرڌيءَ کي يڌ ڪيترن جي اگني پريکيا جي اَندر سماپت ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ويچار اَنوسار اِها پريکيا ٻه رام جي اوچ آچار سان نه ٿي ٺهڪي؛ اِنهيءَ جي پڙهندي اَٿي دک ٿو ٿئي.

جڏهن راجڪمار مٿلاپوريءَ مان موٽيو ٿي، تڏهن ڪيس پرشرام مليو هو. مون ٻڌو آهي ته اِنهيءَ ملڻ کانپوءِ پرشرام جو اوتارپڻو سماپت ٿي ويو. مان ڄاڻيان ٿو ته اسانکي ائين ئي مڃڻ گهرجي ته راوڻ جي موت کانپوءِ رام جو اوتارپڻو سماپت ٿي چڪو. انهيءَ يڌ کانپوءِ رام ڪيول ماتر اڪشواڪو ونش جو هڪڙو راجا هو.

انهيءَ ڪلپنا انوسار اسين چئي سگهون ٿا ته اُتر ڪانڊ ۾ ورنن ڪيل سيتا جي سنبنڌ ۾، رام جو وهنوار، انهيءَ يگ جي رسمن انوسار هڪڙي راجا جو وهنوار هو.

پرشن آهن جنجو اُتر هرهڪ منش کي پنهنجي پنهنجي ويچارن اَنوسار ڏيڻو آهي. اول ٻج مان وڻ ڦٽندو آهي، يا وڻ مان ٻج؟ اول پکي هو، يا آنو؟ اول بادل سمنڊ مان اُٿي ٿيا، يا آڪاش جي جل وچ سمنڊ کي ڀريو؟ اِنهيءَ پرڪار جا سڀ پرشن اسانکي پريوءَ جي چرنن ۾ وٺي وڃن ٿا. اُتي نه واڻي، نه ڪلپنا، پهچي ٿي سگهي.

هڪ ٻي ڳالهه. راوڻ سيتا کي ڪڏهن ڪڍي ويو تنهنجو ورنن والميڪيءَ هڪ ريت ڪيو آهي ۽ ڪنهن ٻيءَ ريت. والميڪيءَ چيو آهي ته راوڻ سيتا کي ڪنهي ڪڍي ويو هو. پر ڪنهن چوي ٿو ته راوڻ سيتا کي ڇهوئي ڪونه هو. هو سيتا سان گڏ اُنهيءَ ڌرتيءَ جي ٽڪري کي به ڪڍي ويو جتي سيتا ويٺي هئي. ڪيترن لوڪ پريه ارٿ ڪندڙن ڪنهن جو ورنن ئي سويڪار ڪيو آهي ڇاڪاڻ جو اِهو ورنن اسانجي ڀاوناڻن لاءِ گهٽ ڏکوئيندڙ آهي.

جيڪڏهن ڪو ٻرو پرش ڪنهن نراپراڌ ناريءَ سان پسن جهڙو وهنوار ڪريٿو ته پوءِ اُنهيءَ ديويءَ کي نڪي پاپ لڳندو، ۽ نڪي ڪيس لڄي ٿيڻ جو ڪو ڪارڻ ئي ٿيندو. اُنهيءَ هوندي به اسان هن ديش ۾، ڀل وڇان ائين سمجهي ويٺا آهيون ته ڀسونءَ جي ڪنوريتا ڪري استريءَ جي پوترتائيءَ تي ڪلنڪ لڳي ٿو. انهيءَ ڀليل ويچار جي ڪري ئي، ڪنهن والميڪيءَ جي ورنن ڪان ڦريل نموني ورنن ڪيو آهي.

ساڳي ئي ڪارڻ ڪري تلسيءَ لکيو آهي ته جنهن سيتا کي راوڻ ڪڍي ويو سان سيتا ڪونه هئي، پر سيتا جو اِهو بناوٽي چترهو جيڪو سچي سيتا پنهنجي استان تي ڇڏي ويٺي هئي. ساري اُتر ڀارت ۾ لوڪ انهيءَ ڍنگ سان ڪٿا ڪندا آهن. اڳتي پريکيا ۾ بناوٽي سيتا الوپ ٿي وڃي ٿي ۽ سچي سيتا اگنيءَ جي جوالا مان نڪري پرگهٽ ٿئي ٿي.

هي ڪارج آرنڀ ڪرڻ منهنجي لاءِ شايد هڪ ٻي آدمي جي

پر اُهو گرنٿ جيڪو هزار ورهيه اڳ، تهيو هو ۽ جيڪو يوج پٽرن تي لکجي اسان وٽ پهتو آهي، ۽ جنهن ۾ ڳڙٻڙ ٿيڻ جو گهڻو اِمڪان آهي، تنهنجي اسان هن وقت آلوچنا ڪئن ڪري سگهنداسين؟ جيڪڏهن يڌ ڪانڊ جي اگني پريکيا ڪانپوءِ ۾، اُتر ڪانڊ جي انوسار سيتا کي بن ڏانهن موڪليو ويو هو، ته اسانکي ائين ٿي سمجهڻ گهرجي ته هن ڪٿا جي اندر، ڀارت جي ڳڳدام نارين جي اَننت دک جو آئينو آهي. دک ۽ سک ٻئي ايشور جي ليلا آهن. پرماتما جڏهن اوتار ڌارڻ ڪيو، تڏهن پنهنجيءَ ايشوري پتنيءَ کي، جا سندس ئي اَننت ديا جو سروپ آهي، تنهنکي نر ۽ نارين جي لوڪ ۾ وٺي آيو. ٻنهي گڏجي آنند ۽ شوڪ جي مها ليلا ڪري ڏيکاري، جنهنجو رامايڻ ۾ ورنن ٿيل آهي.

آڪاش مان جيڪا ورشا ٿيندي آهي، تنهنجو پاڻي ندين دواران وڃي سمندر جي جل سان ملندو آهي. وري سمندر مان پاڻيءَ کي سورج چوسي، آسمان ڏانهن کڻي ويندو آهي. اُتان وري هي جل ورشا ٿي وسندو آهي، ۽ ندين جي روپ ۾ ئي وهندو آهي. ساڳيءَ ريت، هردي جون ڀاونائون ۽ منَ جون ڪلپنائون، جنتا مان اُٿيون ٿي وڃي ڪويءَ جي هردي کي ڇهنديون آهن. ڪوي اُنهن کي ڪوتا جو روپ ڏيندو آهي، ۽ اُها ڪوتا وري ساڌارڻ لوڪن کي جوتي ۽ پريرڻا جو پرساد ڏيندي آهي. اهڙيءَ ريت، هر ڪنهن ديش ۾ ڪوي ۽ ساڌارڻ لوڪ سدائين هڪ ٻئي کي بلوان بڻائيندا رهندا آهن. استري جاتيءَ جي ڪوملتا، انهنجي پوترتا، ۽ انهنجي اڪيچار دکن ”اُتر رامايڻ“ جو روپ ڌارڻ ڪيو آهي. جنّن ڪا اَڻ لڌندڙ لمدڙ جوت جلندي رهي، تنّن ئي ”اُتر رامايڻ“ اسانجي ديوين جي هردي جي گڻن کي پرڪاش ڪري ٿو. جاتيءَ جا ڪاويه ۽ گيت ساڌارڻ منشن جي ويچارن ۽ وشواسن مان اُٿين ٿين ٿا، يا جاتي جا وشواس ۽ ويچار اُنجي ساهتيه مان جاڳرت ٿين ٿا، اهي اهڙا

ڳالهہ هئي، پر رامايڻ جي ڪٿا ٻڌڻ سان ورنن ڪرڻ منهنجي لاءِ
آنند جي ڳالهہ هئي. هاڻي جڏهن سموري ڪٿا سماپت ٿي
چڪي آهي، تڏهن مان اُٿين ٿو پاڻيان تہ مان هڪ آنند ميہ
سپني مان جاڳيو آهيان. جڏهن راجڪمار نگر مان نڪتو هو،
تڏهن ڪيس ڪو بہ دک ڪونہ ٿيو هو. هنکي دک تڏهن ئي
ٿيو، جڏهن هن سيتا کي وڃايو. ساڳيءَ ريت، جڏهن مونکي
اوچو اڌڪار ۽ وڏي جوابداري جو پد ڇڏڻو پيو، تڏهن مونکي
نڪي گهاٽو رسيو، نڪي مونجهارو ٿيو تہ آئينده مان ڇا
ڪندس. پر هاڻي جڏهن مان هن ايوڌيا جي راجڪمار جي
ڪٿا جي انت تي اچي پهتو آهيان، تڏهن مان پاڻيان ٿو تہ
منهنجي هردي ۾ ايڏو خال پيدا ٿيو آهي، جهڙو مورتيءَ بنا
مندر ۾ هوندو آهي.

ڪنهن بہ منشيہ کي ڪم کي بوجهہ ڪري سمجهڻ نہ گهرجي.
چڱي ڪم ۾ اهو ڳجهہ سمايل آهي جو اُنجي پرشارٿ ڪري
جيون ياترا هلندي ٿي رهي. منشيہ کي ڦل جي اڇا ڌارڻ نہ
گهرجي، پر ڪم بنا، جيون جو بوجهہ سهڻ ڪان ٻاهر آهي.